# خوشحال سنڌ
# بدحال ماڻهو



صبيح الدين غوثي

همسفر گاڏهي

# خوشحال سنڌ، بدحال ماڻهو

صبيح الدين غوثي
همسفر گاڏهي

سچائي اشاعت گهر دڙو
2013ع

ارپنا

# حسن درس جي نالي

جيڪو پرينءَ جي پاڇي وانگر

اڄ به سنڌ سان جُڙيل آهي.

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1. | پنهنجي پاران | 7 |
| 2. | مهاڳ | 8 |
| 3. | مٽيءَ جو ماڻهو (ٻه اکر) | 12 |
| 4. | نشتر پارڪ ۾ ڌماڪي جا گم ٿيل پيرا | 15 |
| 5. | انگن اکرن جي هير ڦير | 23 |
| 6. | دغابازين جو شڪار ٿيل بلوچ قومپرست | 29 |
| 7. | جمهوريت جو پنڌ اڃا اڳتي | 35 |
| 8. | حدود بل ۽ سياسي صف بندي | 40 |
| 9. | سياست نشاني جي زد ۾ | 44 |
| 10. | سنڌ بدحاليءَ ڏانهن ڇو گامزن آهي؟ | 49 |
| 11. | جمهوري ۽ اصولي سياست کان وانجهيل اسيمبليون | 52 |
| 12. | غريب ۽ غربت جو گهاٽو گڏ گڏ هلن ٿا | 57 |
| 13. | متحده ۽ اسٽيبلشمينٽ: هٿا اڳي ٿي گڏ | 63 |
| 14. | ورهاڱي جا وڍ | 70 |
| 15. | نئين سياسي چال! | 76 |
| 16. | اقتداري ڪيڏاڙ: ڪُٽپ شروع! | 82 |
| 17. | سنڌ لاءِ آمراڻي دؤر جي واپسي! | 87 |
| 18. | بينظير ڀٽو جي شهادت ۽ اسٽيٽسڪو چاهيندڙ ڌريون! | 92 |
| 19. | عوام غربت جي گهاٽي ۾! | 96 |
| 20. | اختيارن کان محروم صوبا ۽ قدرتي وسيلا | 100 |
| 21. | مهاجر بمقابله پنجابي | 104 |
| 22. | عدليه ۽ نظريه ضرورت | 109 |
| 23. | سياسي تاريخ جو بدترين بحران | 116 |

| | | |
|---|---|---|
| 24. | اقتدار کي ديگھہ ڏيڻ جي مشق | 120 |
| 25. | آپگھاتي بمر حملن کان مارشل لا جي کڙڪي تائين | 126 |
| 26. | اتي جو بحران آخر ڇو؟ | 131 |
| 27. | عام چونڊون ۽ قبرستان جھڙي خاموشي | 135 |
| 28. | بدلجندڙ سياسي منظر نامو | 139 |
| 29. | 20/9 سانحي جو ذميوار ڪير؟ | 144 |
| 30. | معاشي بحران: عوام کي اُتساھہ کپي | 149 |
| 31. | اول ڪِستو آخر ڪِستو | 154 |
| 32. | سڀ ڪجھہ داوَ تي | 160 |
| 33. | سياسي قيادتن جا قتل۔قاتل ڪير؟ | 167 |
| 34. | ڪراچيءَ تي قبضي جي جنگ | 172 |
| 35. | جڏهن بندوق آمر کي بچائي نہ سگھي | 178 |
| 36. | مشرف کي بچائڻ جي آخري ڪوشش | 183 |
| 37. | جمهوريت تي راتاهي جي ريهرسل | 189 |
| 38. | پير پلو يا ويساهہ پلو | 194 |
| 39. | حڪومتي اتحاد ۾ ڦيٽاڙو ڪٿي ڇيهہ ڪندو؟ | 198 |
| 40. | پيڇڻ ڪمر ورِيامن جو | 203 |
| 41. | سياست جا جُواري | 208 |
| 42. | طالبانائيزيشن يا جمهوريت خلاف سازش؟ | 214 |
| 43. | اُٺ تڏهن تي رڙيا... | 219 |
| 44. | جيڪي چُلهہ تي سي دل تي | 225 |
| 45. | سياسي تاريخ جو اهم ڏينهن | 230 |
| 46. | اين ايف سي ايوارڊ: سنڌ سان ڏاڍ جي وارتا | 235 |
| 47. | سنڌ جي غربت جو ڪيس عالمي بئنڪ حوالي | 241 |
| 48. | سنڌ غريب ۽ پنجاب امير ڇو آهي؟ | 246 |
| 49. | آئو ۽ لٽو بہ پهچ کان ٻاهر | 251 |

| | | |
|---|---|---|
| 50. | فوج ڪاروبار ۾ | 256 |
| 51. | صوبن جا ترقياتي فنڊ ڪاٽا | 261 |
| 52. | سنڌ ۽ بلوچستان،دوستي کان دشمنيءَ واري پنڌ تي | 266 |
| 53. | ايم ڪيو ايم چوءَ چا لاءِ؟ | 271 |
| 54. | ميڊيا: بنگال جي علحدگي کان ڪالاباغ ڊيم تائين | 277 |
| 55. | صحافين بہ ڪوڙا کاڌا | 282 |
| 56. | غير جماعتي مڪاني چونڊون: رڳو آٿر متبا | 289 |
| 57. | سياسي ڇڪتاڻ: اُٺ ڪهڙي پاسي ويهندو؟ | 294 |
| 58. | سياسي جواري ۽ ميڊيا | 299 |
| 59. | ارباب حڪومت متحده وٽ يرغمال | 305 |
| 60. | سياسي سرڪس | 309 |
| 61. | تخت باقي گهٽا ڏينهن؟ | 313 |
| 62. | شير شاهہ جا شڪرا ۽ گهر جا ڪُڪڙ | 317 |
| 63. | جمهوريت: پنڌ اڃا پري | 321 |
| 64. | مستقبل جي منظرنامي ۾ مشرف ڪٿي هوندو؟ | 326 |
| 65. | پاڪستان: بحران در بحران | 331 |
| 66. | ٻوڏ جا راڳا ۽ اختيار ڏٽي | 336 |
| 67. | غريب جوا وهي نہ واهي | 340 |
| 68. | سنڌين جي شهر ڪراچيءَ ۾ پٺاڻ، مهاجر مفاد جي جنگ | 345 |
| 69. | سنڌ لاءِ گهاٽي جو سودو | 351 |
| 70. | بينظير مشرف ڊيل | 359 |

# پنهنجي پاران

مرحوم صبيح الدين غوثي سنڌ دوست شخص هو ۽ هن پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ سدائين سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي ڳالهه ڪئي ۽ سندس لکڻيون اُن جون شاهد آهن.

غوثي صاحب جا هي مضمون جيڪي پندرهن وار 'افيئر' ۾ ڇپيا هئا، سي هڪ دور جي تاريخ آهن. ماضي ۾ جيڪي ڪجهه ٿيو ان جو رڪارڊ آهي ۽ هنن مضمونن کي گڏي ڇپائڻ جو مقصد اهو آهي ته اهو سڀ ڪجهه محفوظ ۽ رڪارڊ تي رهي.

هن ڪتاب کي آڻڻ ۾ منهنجي دوستن نصير ميمڻ ۽ همسفر گاڏهيءَ سان گڏ منهنجي خواهش به شامل آهي، جو غوثي صاحب انهن ٿورن اردو ڳالهائيندڙ فردن مان هو جيڪي دليان جانيان سنڌ ۽ سنڌ جي مفادن جي خلاف ترِ جيترو به پُٺ تي هٽڻ جي لاءِ تيار نه هوندا هئا.

هي ڪتاب ڇاپي اسين مرحوم صبيح الدين غوثي جي ياد کي سدائين پنهنجي دلين ۾ جيئرو رکڻ ٿا چاهيون.

**يوسف سنڌي**
6 – اپريل 2013ع

# مهاڳ

اها 2007ع جي ڳالهہ آهي. تڏهوڪي سنڌ حڪومت ڪراچيءَ جي ساحل ويجهو سنڌ جا ٻہ ٻيٽ ڏنگي ۽ بنڊاڙ دبئي جي اميرن کي وڪرو ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ سنڌ ۾ سخت ردعمل هلندڙ هو. ڪراچي پريس ڪلب ۾ صبيح الدين غوثي سان ان معاملي تي ڪچهري ٿي رهي هئي. غوثي صاحب سنڌ جي بين ڪيترن معاملن جيان هن مسئلي تي بہ هميشہ جيان سنڌ واسين سان بيٺل هو. ڪنهن ڳالهہ تي مون کي روڪيندي چيائين تہ توهان جي فلاڻي دوست مون بابت هڪ اعتراض جوڳو جملو چيو آهي. پڇيو مانس تہ "ڇا چيو اٿائين؟" وراڻيائين تہ چوي ٿو "غوثي سنڌين جو وڪيل آهي." مون حيران ٿي پڇيومانس تہ "ان ۾ اعتراض واري ڳالهہ ڪهڙي آهي." چيائين، "مون کي سخت اعتراض آهي. ڇو تہ مان سنڌين جو وڪيل نہ پر پاڻ سنڌي آهيان." سچ تہ غوثي جهڙا سچا سنڌي اسان سڀني جو اثاثو آهي. مان هميشہ "سنڌي" جي وصف بابت سائين جي ايم سيّد جي ان راءِ سان متفق هوندو آهيان تہ هر صالح ماڻهو جيڪو سنڌ لاءِ مخلص ٿي سوچي ۽ عمل ڪري، اهو سنڌي آهي. سنڌيت جي اها صوفياڻي وصف اسان جي روح سان ٺهڪندڙ آهي.

ڊان اخبار ۾ سنڌ جي معاشي مسئلن تي هڪ سنڌي ٻنجي سوچڻ ۽ لکڻ وارو هي عظيم شخص سنڌ جو اڻ ڳاتل هيرو آهي. تمام ٿورن سنڌين کي خبر هوندي تہ صبح الدين غوثي ڪيترن سالن تائين ڊان اخبار ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي معاشي مسئلن تي هڪ جرئتمنداڻو آواز بنجي لکندو رهيو. فقيراڻي طبيعت وارو غوثي فقيري حالت ۾ زندگي گذاري ويو. زماني جي روايتي ننڍ ٺانگرن کان پاسيرو پنهنجي ذات ۾ سراپا سنڌي صوفي وجود

رکندڙ غوثي سنڌ سان ائين محبت ڪندو هو جيئن ماءُ پنهنجي ٻار سان ڪندي هجي. 'افيئر ميگزين' ۾ سندس ڪيترائي ڪالم لڳاتار ڇپيا. اهي ڪالم هو انگريزي ۾ خاص طور تي افيئر جي سنڌي پڙهندڙن لاءِ لکندو رهيو جيڪي انگريزي ۾ هوندا هئا ۽ همسفر گاڏهي انهن کي سنڌي ۾ ترجمو ڪندو هو ۽ انهن کي ڪَنو ڪري ڇپرائڻ جو هي واڪاڻ جوڳو ڪم پيارن ساٿين يوسف سنڌي ۽ همسفر گاڏهي ڪيو آهي. غوثيءَ کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو اُن کان بهتر طريقو ممڪن نہ هو.

غوثي جا مضمون سنڌ جي مسئلن تي سندس گهري ڄاڻ ۽ بي انتها ڪمٽمينٽ جي گواهي ڏين ٿا. وقت جي حڪمرانن جي غلط فيصلن توڙي ڪراچي شهر ۾ دهشت جو راڄ برپا ڪندڙ ڏرين بابت سندس مؤقف بنهہ چٽو ۽ ايمانداراڻو آهي. ڪراچي ڪيترن سالن کان ڌهڪاءُ جو شڪار آهي. ۽ ڪراچيءَ جي ميڊيا هڪ مخصوص لساني سوچ جي تابع آهي. اهوئي سبب آهي جو نام نهاد قومي ميڊيا جو سنڌين سان لاڳاپيل معاملن تي رويو انتهائي غير پروفيشنل رهيو آهي. هڪ طرف ڪراچيءَ مان نڪرندڙ اخبارون ۽ ٽي وي چينل سنڌين جي مسئلن ۽ سندن سياسي جدوجهد کي ڪوريج نہ ٿا ڏين تہ ٻئي طرف بندوق جي زبان ڳالهائيندڙ ڌرين جي قلمي ۽ زباني ڪمداريءَ ۾ صحافتي اخلاقيات جون سموريون حدون اورانگهي وڃن ٿا. ڪيني ۽ ڌهڪاءُ سان ڀرپور ان ماحول ۾ صبيح الدين غوثي جنهن جرئت ۽ سچائيءَ سان سنڌ ۽ سنڌين جي مسئلن تي کليل لفظن ۾ لکندو رهيو. اها غير معمولي جرئت جي ڳالهہ آهي. منهنجي خواهش آهي تہ ڪو ادارو غوثي صاحب جون ڊان ۾ ڇپيل اهي رپورٽون ۽ مضمون بہ ڪٺا ڪري ڇپرائي، جيڪي هو گذريل ڪيترين سالن کان لکندو رهيو. سنڌ هن وقت جن حالتن مان گذري رهي آهي. ان جو ملڪ جي باقي علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ان ڪري گهٽ پتو آهي جو نام نهاد قومي ميڊيا سنڌين جي مسئلن جو بليڪ آئوٽ ڪري رکيو آهي. ڪجهہ نوجوان سنڌي صحافي گذريل ڪجهہ سالن کان مکيہ ڌارا واري ميڊيا ۾ داخل ٿيا آهن. جيڪي پنهنجي نوڪرين ۽ زندگين جو جوکم کڻي سنڌ واسين جي

مسئلن کي اُپارڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا، پر مسئلن جي سنگينيءَ کي ڏسندي صبيح الدين غوثي جهڙن سڄاڻ ۽ باهمت ساٿين جي کوٽ وڌيڪ شدت سان محسوس ٿئي ٿي. هن وقت شديد ضرورت آهي ته سنڌ جا سيڙپڪار سنڌين جي اهنجن کي دنيا جي اڳيان آڻڻ لاءِ اردو ۽ انگريزي ۾ اخبارون، ميگزين ۽ ٽي وي چينل کولڻ لاءِ ڪا اڳڀرائي ڪن. مارڪيٽ جي چٽا ڀيٽي، ادارن جي تعصبي روين ۽ حڪومت جي سرپرستي نه هجڻ سبب اهو ڪم ايترو آسان ناهي، پر وقت جي ان اهم تقاضا کي پورو ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻا پوندا. جيئن سرد جنگ جي دور ۾ (۽ ڪنهن حد تائين اڃا به) جڳ مشهور ميڊيا ادارا جهڙوڪ سي اين اين، ٽائيمز نيوز ويڪ ۽ دي اڪنامسٽ رڳو آمريڪي پاليسن جي پرچار ڪندا رهندا هئا ۽ ڪاٻي ڌر خلاف هڪ ڪل وقتي پروپيگنڊه مهم جو حصو بنيل رهيا آهن. ائين ئي پاڪستان اندر مکيه ڌارا جا ميڊيا ادارا سنڌين ۽ ٻين مظلوم قومن جي مسئلن کي اُپارڻ بجاءِ اسٽيبلشمينٽ ۽ لساني تعصب آڌار هڪ طرفي مؤقف کي جڳهه ڏيندا رهيا آهن. سڄي دنيا ۾ ميڊيا جي آزاديءَ سان گڏ ان جي اڻ ڌرئي هجڻ جو سوال بحث هيٺ رهي ٿو. پاڪستاني مکيه ڌارا واري ميڊيا ڀورين ڏينهن کان تعصب تي ٻڌل پاليسيون اختيار ڪندي رهي آهي ۽ صبيح الدين غوثي جهڙن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن کي ڇڏي ڪري، ميڊيا ادارن سان لاڳاپيل فردن جي اڪثريت تعصب ۽ مفاد جي اثر کان آجي نه رهي آهي. انهن ۾ بظاهر ترقي پسند ۽ کليل ذهن جا مالڪ فرد به شامل رهيا آهن. ميڊيا جي ان رويي هن ملڪ اندر اسٽبلشمينٽ کي هميشه سگهارو ڪيو آهي ۽ مظلوم قومن ۽ طبقن جي جدوجهد کي ڌڪ رسايو آهي. 1990ع واري ڏهاڪي ۾ اسريل سنڌي ميڊيا ان مهم جو واڪاڻ جوڳو مقابلو ڪيو آهي. پر ان جي پهچ سنڌي پڙهندڙن تائين هجڻ سبب ملڪي آباديءَ جو وڏو حصو اڃا به اردو ميڊيا جي اثر هيٺ آهي. بدقسمتيءَ سان اردو ميڊيا بنهه تنگ نظر، تعصبي ۽ اڻ سهپ وارن روين جي علمبردار رهي آهي. انگريزي ميڊيا ان جي ڀيٽ ۾ ڪنهن قدر بهتر آهي، پر ٻوءِ به تعصب کان بنهه آجي ناهي، ڇو ته انهن ادارن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي اڪثريت

متئين طبقي سان تعلق رکي ٿي ۽ انهن جو پاڪستان جي ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن سان واسطو نہ هجڻ جي برابر آهي. اهو ئي سبب آهي جو انگريزي ميڊيا ۾ ڇپجندڙ اڪثر مواد شهري علائقن ۽ خاص طور تي متئين طبقي جي دلچسپي ۽ مفادن جي ترجماني ڪندڙ آهي. ان قسم جي ماحول ۾ صبيح الدين غوثي جهڙا فرد بنهہ انوکا ۽ نهايت ملهائتا ٿين ٿا. مضمونن جي هيءَ سهيڙ سنڌي پڙهندڙن کي غوثيءَ جي قلمي پورهئي ۽ سنڌ سان محبت جي ڪٿ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

**نصير ميمڻ**
اسلام آباد
12 نومبر 2012ع

## ٻه اکر

# متيءَ جو ماڻهو

گجرات ۾ اڪ ڪوليندڙ منهنجي بزرگ صحافي دوست ۽ دانشور صبيح الدين غوثي جي رڳ رڳ ۾ سنڌ جي متيءَ جي سُڳنڌ سمايل هئي، هو پاڻ کي فخريه طور سنڌي چوندو هو سنڌ سان سندس ڪمٽمينٽ جو اهو عالم هو جو پاڻي ناهه توڙي اين ايف سي ايوارڊ بابت ڪو شخص ڪنهن فورم تي غلط بياني ڪندو هو ته ان سامهون دليل آڏار اچي بيهندو هو. ايئن هو ان ڳالهه جي پرواهه به نه ڪندو هو ته سندس ذات کي نقصان به پهچي سگهي ٿو سندس اهڙي ڪمٽمينٽ جو واضح مظهر ممتاز علي ڀٽي جي نگران دور ۾ ٿيل اين ايف سي ايوارڊ ۾ سنڌ سان ناانصافي خلاف هر فورم تي سندس طرفان آواز اٿارڻ پڻ هو ناانصافي واري ان دستاويز تي تڏهوڪي ممتاز ڀٽي جي ڪابينا جو وزير نبي بخش پرڳڙي صحيح ڪري آيو هو اها حقيقت به ميڊيا ۾ صبيح الدين غوثي پڌري ڪئي هئي.

حقيقت اها آهي ته صبيح الدين غوثي صحافت جي دنيا ۾ نهايت فقير منش ۽ کري قسم جو ماڻهو هو. هن "ڊان" ۾ صحافت دوران سنڌ جي پاڻي ۽ اين ايف سي ايوارڊ جي حوالي سان سدائين بهترين نموني ڪيس وڙهيو هن جڏهن کان پندرهنوار "افيئر" ۾ لکڻ شروع ڪيو ته ان ۾ به سندس موضوع گهڻي ڀاڱي مالي معاملا رهيا ۽ لاڏاڻي کان هڪ مهينو اڳ تائين ايمانداريءَ سان لکندو رهيو. هن جي ملڪي ۽ عالمي سياست تي پڻ گهري اک هئي، هو حالتن جو تجزيو حقيقي بنيادن تي ڪرڻ جو قائل هو. لفظي هيرا ڦيري ڪيس بنهه نه ايندي هئي، هو واضح لفظن ۾ ڪراچي جي شهري سياست تي حاوي ڏر کي شهري وڏيرا ۽ پاڻ وارن سياسي وڏيرن کي ڀهراڙيءَ جا وڏيرا چوندو هو. سندس خيال ۾ ٻئي عوام جي رت ست تي

پلجن ٿا. ﭘﻨﻬﻲ جو ڪردار عوام دشمن آهي، اها پرک گهٽو ڪجهه سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي.

غوثي صاحب "افيئر" لاءِ خصوصي طور انگريزيءَ ۾ لکندو هو جنهن کي آءُ سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ ايڊٽ ڪري شايع ڪندو هئس. سندس لاڏاڻي کانپوءِ گهڻن ساڃاهه وند دوستن جي خواهش هئي تہ غوثي صاحب جا مضمون "سنڌ ڪيس" آهن، اهي شايع ٿيڻ گهرجن. جنهن لاءِ ڪافي دوستن سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. پر جس هجي نصير ميمڻ ۽ يوسف سنڌيءَ کي جن اهو ٻيڙو کڻڻ جي حامي ڀري، ايئن اهو ڪتاب جيڪو سنڌ جي سياسي، مالي ۽ پاڻي وارن مامرن تي ريفرنس بوڪ آهي، اهو اوهان جي هٿن ۾ آهي. هي ڪتاب گهٽ ۾ گهٽ هر سياسي ڪارڪن، قومپرست توڙي پارلياماني سياست ڪندڙ ايم اين ايز ايم پي ايز کي ضرور پڙهڻ گهرجي. جنهن سان سنڌ جي مامرن بابت چٽائي ٿيندي، اهو ريفرنس بوڪ اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي، اميد تہ قلمي پورهيو صاب پوندو.

**همسفر گاڏهي**

ڪراچي

*

# نشتر پارڪ بم ڌماڪي جا گم ٿيل پيرا

11 اپريل 2006ع تي نشترپارڪ ۾ جشن عيد ميلاد النبيؐ جي ميڙاڪي ۾ ٿيل بم ڌماڪي سبب 46 ماڻهو موت جو ڪاج بڻجي ويا، جنهن ۾ سني تحريڪ جي قيادت بہ شامل آهي. ان واقعي ڪانپوءِ ملڪ جي مختلف حصن ۾ ٽي ڏينهن ڪار وهنوار بند رهيو جنهن ڪري ملڪ کي 20 بلين رپين کان وڌيڪ نقصان پهتو.

پر حقيقت ۾ ان هڙتال سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر غريب طبقو ٿيو جن ۾ پلمبر، رازا، اليڪٽريشن، رڪشا، ٽيڪسي ڊرائيور، خانگي بسن جو عملو ڳوٺن کان شهرن ڏانهن سايون ڀاڄيون ۽ فروٽ سپلاءِ ڪندڙ ننڍا هاري شامل آهن. ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت پنهنجي مزدوري کان محروم ٿي ويا. هارين جو بہ تمام گهڻو نقصان ٿيو. ڪنهن کي بہ ان ڳالهہ جو اندازو ناهي تہ مذهبي، سياسي ڌرين توڙي ٽريڊ يونين طرفان اهڙين هڙتالن ڪرڻ جي صورت ۾ غريب عوام جو ڪيترو نقصان ٿئي ٿو.

ساڳي وقت ملڪ جي ساک بہ خراب ٿئي ٿي. ڪراچي ۾ ڪامياب ايڪسپو 2006ع ۽ مارچ 2006ع ۾ هڪ هفتي تائين ورلڊ سوشل فورم جي منعقد ٿيل تقريبن ڪراچي شهر جي عالمي تقريبن جي هنڌ طور ساک بهتر ڪئي. هوٽلن جي سئو سيڪڙو بڪنگ رهي ۽ فائيو اسٽار هوٽلن هڪ ڏينهن جو ڪرايو 12 هزار رپين تائين ڪري ڇڏيو هو. ليڪن بم ڌماڪن ۽ ٽن ڏينهن جي هڙتال ڪراچي کي دنيا جي صنعتڪارن ۽ سياحن لاءِ اوپرو بڻائي ڇڏيو آهي. آمريڪي حڪومت تہ ان ڏس ۾ پنهنجي شهرين کي پاڪستان ۾ سفر ڪرڻ کان پاسيرو رهڻ جو مشورو پڻ ڏنو آهي. اهڙي طرح يورپي پڻ پاڪستان اچڻ کان گهبرايل آهن.

طرح اقتصادي ميدان ۾ ملڪ کي 20 بلين رپين جو نقصان پهتو. جڏهن تہ اهو نقصان جاري رهندو ۽ ان کي پنهنجي اڳوڻي پوزيشن تي اچڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو لڳي سگهي ٿو.

12 ربيع الاول جهڙي مقدس ڏينهن ۽ 11 اپريل تي ٿيل بم ڌماڪي، جنهن ۾ 47 ماڻهو موت جو بَک بڻيا. ان ۾ سني تحريڪ جي سموري قيادت مارجي وئي. بم ڌماڪي ۾ مارجي ويل ان وقت نشترپارڪ (جيڪو 1950ع کان پهرين پٽيل پارڪ طور مشهور هو) ۾ اسٽيج تي مغرب جي نماز پڙهي رهيا هئا. سني تحريڪ جشن عيد ميلادالنبي ملهائڻ جي سلسلي ۾ اهو ميڙاڪو ڪوٺايو هو.

ڌماڪي ۾ مارجي ويل سني قيادت جي مک اڳواڻن ۾ عباس قادري، افتخار ڀٽي، اڪرم قادري، مولانا عبدالقادري، حافظ محمد تقي، پير يعقوب شاهہ، مولانا وحيد ٻنڌاڻي، حافظ يامين، حافظ نور محمد، مولانا ڪاشف، ذاڪر حسين، حافظ محمد ياسين، مشهور سماجي اڳواڻ ۽ فارماسيوٽيڪل ٽريڊر حاجي حنيف بلو ۽ شاهہ فريد الحسن شامل آهن، جن مان پنجن اڳواڻن جو تعلق سني تحريڪ سان هو. جڏهن تہ ٻين جو تعلق جمعيت علماءِ پاڪستان، جماعت اهلسنت، دعوت اسلامي سان هو. اهي سڀ گروپ ڪراچي مان قومي اسيمبلي ميمبر ۽ سينيٽر رهندڙ مرحوم مولانا شاهہ احمد نوراني جي جمعيت علماءِ پاڪستان کان ٽُٽل ڌڙا آهن.

هي سٽون لکڻ تائين سولجر بازار ٿاڻي تي الطاف قادري نالي شخص اڻ ڄاتل جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي هئي. جڏهن تہ سني تحريڪ اهڙي ايف آءِ آر کي رد ڪندي چيو آهي تہ بم ڌماڪي ۾ جيئن تہ سندن اڳواڻ شهيد ٿيا آهن. ان ڪري سني تحريڪ جي مدعيت ۾ داخل ٿيل ايف آءِ آر ئي قبول ڪئي ويندي. سني تحريڪ جي اڳواڻن سنڌ حڪومت تي نشترپارڪ تي ٿيل جشن عيد ميلادالنبي جي پروگرام ۾ سيڪيورٽي جا انتظام نہ ڪرڻ جو الزام مڙهيو آهي. ساڳي وقت انهن اهو بہ خدشو ظاهر ڪيو آهي تہ سنڌ حڪومت تحقيقات درست سمت ۾ نہ ڪري سگهندي.

گذريل 48 ڪلاڪن کان پوليس محمد حسين بلتستاني نالي هڪ شخص کي گرفتار ڪري رکيو آهي، جنهن لاءِ چيو اهو پيو وڃي تہ ان کي بم

جا اڏامندڙ ٽڪرا لڳا ۽ ڪيس زخمي حالت ۾ علاج لاءِ جناح اسپتال آندو ويو. هو نشترپارڪ عيد ميلادالنبي پروگرام ۾ پنهنجي موجودگي بابت متضاد بيان ڏئي رهيو آهي. پوليس دعوي ڪئي آهي تہ ان جا وڏيڪ ٽي ساٿاري بہ گرفتار ڪيا ويا آهن. گرفتار ڪيل انهن چئني همراهن کي تحقيقات لاءِ اڻ ڄاتل هنڌ رکيو ويو آهي. ليڪن پوليس انهن جو ڪنهن بہ عدالت کان ريمانڊ ناهي ورتو. ان کانسواءِ پوليس ڏڙ کان الڳ ٽيل هڪ سسي بہ محفوظ ڪري ورتي آهي. جنهن جا منهن مهاندا ڪراچي ۾ رهندڙ ماڻهن کان مختلف آهن. جنهن لاءِ پوليس جو چوڻ آهي تہ سر وڍيل شخص جو تعلق بلتستان سان ٿي سگهي ٿو.

گذريل اربع ڏينهن هڪ خانگي ٽي وي چئنل تي هڪ مذهبي رهنما مولانا رفيع عثماني ان وقت وفاقي اطلاعات واري وزير شيخ رشيد تي ڪاوڙجي پيو جڏهن هن ڳالهہ ٻولهہ دوران اهو حوالو ڏنو تہ "بلتستان، گلگت يا هنزا، سان لاڳاپيل پنجن ماڻهن کي بم ڌماڪي جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي." "توهان ڪراچي ۾ فرقيواريت کي هٿي پيا ڏيو" مولانا ڪاوڙ وچان چيو. ايئن پوءِ شيخ رشيد بلڪل ماٺ ٿي ويو.

نشترپارڪ بم ڌماڪي ڪراچي جي شهرين ۾ عدم تحفظ واري احساس کي جنم ڏنو آهي، جڏهن تہ ڪافي ڏينهن گذري وڃڻ کانپوءِ بہ وفاقي توڙي صوبائي حڪومت ان حوالي سان ڪي بہ حقيقتون سامهون ناهي آڻي سگهي. گرفتار ڪيل چئن ماڻهن ۽ وڍيل سر جون تصويرون ميڊيا کي جاري ڪري رڳو عوام کي اطمينان ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. متحده مجلس عمل اڳوات ئي سنڌ حڪومت جي معطلي جو مطالبو ڪري چڪي آهي، جڏهن تہ سني تحريڪ ملٽري انٽيليجنس ۽ آءِ ايس آءِ کان تحقيقات جو مطالبو ڪيو آهي.

واضح رهي تہ نشترپارڪ بم ڌماڪي بابت اڃا تائين ڪا صورتحال واضح ناهي، مختلف قسم جا رايا سامهون اچي رهيا آهن. حڪومت ان راءِ جي آهي. تہ اهو "آپگهاتي ڌماڪو" هو حڪومت چواڻي بہ ماڻهو اهڙا هئا جن کي بم ٻڌل هئا جن نماز وقت اسٽيج تي ٽپو ڏنو ان حوالي سان سني

اڳواٽن جو مختلف موقف آهي. هڪ جو چوڻ هو تہ ”خدا ان شخص کي غرق ڪري، جنهن نماز جي ٻي صف مان ٽپو ڏنو ۽ ٻہ ڦاٽي پيو“ هڪ ٻئي سني اڳواڻ موجب ٻہ دراصل اسٽيج هيٺان رکيل هو جيڪو عين وقت تي ڦاڙيو ويو.

مذڪوره ٻہ ڌماڪي کان ٻہ ڏينهن پهرين پراڻي سبزي منڊي وٽ فيضان مديني ۾ دعوت اسلامي جي عورتن واري اجتماع ۾ افراتفري مچڻ سبب 30 عورتون ۽ ٻار پنهنجيون زندگيون وڃائي ويٺا.دعوت اسلامي اڳواٽن ماڻهن کي موقعي تي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪو بہ ٻم ناهي، پر پوءِ بہ افراتفري جو سلسلو جاري رهيو. چون ٿا تہ اهو واقعو ڏاڪڻ تان هڪ عورت جي ڌڪڻ سبب پيش آيو هو. پر اڳاري تي نشترپارڪ ۾ ٿيل ٻم ڌماڪي کانپوءِ ان واقعي کي بہ ماڻهو ٻئي رخ کان ڏسي رهيا آهن.

ياد رهي تہ هن مهيني جي شروع ۾ ٿي گلشن اقبال ۾ مشهور شيعا عالم علامہ حسن ترابي کي ٻم حملي جو نشانو بڻايو ويو جنهن ۾ هو پاڻ تہ بچي ويو پر ڪجهہ ٻيا ماڻهو زخمي ٿيا. نشترپارڪ سانحي جي تحقيقات جي حوالي سان تمام گهٽ اميد آهي تہ ان ۾ ملوث گٺنگ جو پتو لڳايو ويندو. پر اها حقيقت بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ پاڪستان، آمر جنرل ضياءَ الحق جي 1979ع ۾ آمريڪي سهڪار سان افغانستان ۾ سوويت يونين خلاف شروع ڪرايل جهاد جي نهايت ڳري قيمت ادا ڪري رهيو آهي. اها قيمت تڏهن اڃا بہ وڌيڪ پرڻي پئي پوي جڏهن جنرل پرويز 11/9 کانپوءِ ”يوٽرن“ وٺندي طالبان مخالف تي بيهي ٿو.

سياسي قيادت کي ”يوٽرن“ يلي وٺڻ گهرجي، پر ڪنهن 11/9 جو انتظار ڪرڻ کانسواءِ. باوجود ان جي سياسي قيادت کي نئين راهہ اختيار ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪيترائي قدم کڻڻ گهرجن. انتها پسندي جي خاتمي لاءِ انتظامي قدم کڻڻ تہ نيڪ آهي، پر ان کان وڌيڪ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ روزگار لاءِ وسيلا پئدا ڪيا وڃن. جو تہ ڏهاڪو کن سالن کان روزگار نہ هجڻ سبب نوجوان بندوق کڻڻ ڏانهن راغب آهن.

پارٽي پنجاب ۾ بہ سک نوجوانن طرفان ٢ ہیاربند ويڙهہ جاري آهي. پر اها حقيقت آهي تہ پارٽي حڪومت ان سـ ي ۾ سخت قدم کڻي ٿي ۽ اهي ان حوالي سان پنهنجي وزيراعظم اندرا گانڌي جي سرجهڙي ڳري قيمت بہ ادا ڪري چڪا آهن. هاڻي انتها پسند Isolation جو شڪار آهن. ساڳئي وقت نوجوانن کي روزگار ۾ اوليت ڏني پئي وڃي. ان ڪري ئي هاڻي پارٽي پنجاب ۾ معاملا بهتر ٿيا آهن. ماضي ۾ جهاتي پائينداسين تہ اسان کي 47 ـ 1946ع ۾ ملايا ۾ هٿياربند ويڙهاند نظر ايندي. ملايا ڇڏڻ کان پهرين انگريزن سڏارا ڪئمپون ناهيون. سخت گيرن کي ختم ڪيو ويو. اهي هڪ سئو جي لڳ ڀڳ هئا. وڏي گهڻائي جيڪا هزارن ۾ هئي، تن کي ڪئمپن ۾ رکيو ويو ۽ کين مختلف هنر سيکاريا ويا. حڪومت کين نوڪريون ۽ ڌنڌي ڌاڙي لاءِ رقمون مهيا ڪيون. ملايا هاڻي ملائيشيا آهي، اهو مسلمان ملڪ هاڻي ترقي جي راهہ تي گامزن آهي ۽ ان جي، جي ڊي پي پاڪستان کان وڌيڪ آهي.

هاڻي اچو تہ سني تحريڪ جي ٽن مک رهنمائن جي زندگيءَ تي نظر وجهون. عباس قادري، اڪرم قادري ۽ افتخار ڀٽي جو تعلق پنجاب سان هو. انهن مان هڪ جو تعلق لاهور، هڪ جو گجرات ۽ ٽئين جو تعلق چڪوال سان هو. اها بہ حقيقت آهي تہ مذهبي ليڊرن ۽ ڪراچي جي مسجدن جي اڪثر پيش امامن جو تعلق بہ پنجاب ۽ سرحد سان آهي. سني تحريڪ، مرحوم شاهہ احمد نوراني جي جوڙيل جمعيت علماءِ پاڪستان جي ڇڻ ڏڙن مان هڪ آهي. سني تحريڪ 1990ع ڌاري منظر عام تي آئي. 1992ع ۾ مهاجر قومي موومينٽ (هاڻي متحده قومي موومينٽ) خلاف فوجي آپريشن ڪيو ويو. تڏهن سني تحريڪ ايم ڪيو ايم جي سوين ڪارڪنن لاءِ مذڪوره آپريشن کان بچڻ لاءِ محفوظ پناهہ گاهہ هئي. اهي سوين ايم ڪيو ايم جا ڪارڪن جن سني تحريڪ ۾ پناهہ ورتي هئي، صورتحال جي بهتري کانپوءِ بہ پنهنجي مڌر پارٽي ايم ڪيو ايم ڏانهن واپس نہ موٽيا. ايم ڪيو ايم جي مذڪوره ڪيڊر مذهبي ڌر 'سني تحريڪ' کي هٿياربند طور وڌيڪ سگهارو بڻايو.

ايم ڪيو ايم ۽ سني تحريڪ بنيادي طرح محلي (پارٽي) جو پارٽيون رهيون آهن. انهن پنهنجي سگهه مقامي گهٽ آمدني وارن گروپن کان حاصل ڪئي، مذڪوره ٻنهي تنظيمن مقامي واپارين کي تحفظ مهيا ڪيو ۽ ان عيوض پئسا ڪمايا. ويجهڙ ۾ جڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ تعميرات جي بزنس ۾ واڌ آئي تہ ايم ڪيو ايم ۽ سني تحريڪ پنهنجو پنهنجو حصو وٺڻ لڳا. ان ڪارڻ بہ ٻنهي ڌرين ۾ خوني ڇڪتاڻ شروع ٿي ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جو سلسلو شروع ٿي ويو. سني تحريڪ پنهنجا 75 کان 80 ڪارڪن قتل ڪرڻ جو الزام ايم ڪيو ايم تي مڙهي ٿي. اهو انگ وڌيڪ ٿو ڀائنجي. باقي تجزئي نگارن جو چوڻ آهي تہ ٻنهي ڌرين هڪٻئي جا ٻہ ٻہ درجن ڪارڪن ماريا هوندا. سني تحريڪ جو اصل جهيڙو ديوبندين ۽ وهابين سان رهيو. انهن سندن گهٽ آمدني واري هيٺئين طبقي ۾ اڪثريت کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. بريلوي سني پاڪستان ۾ بہ گهٽائي ۾ آهن. تہ ٻارت ۾ بہ انهن جو وڏو انگ موجود آهي. پاڪستان ۾ وري ديوبندين، وهابين ۽ اهلحديث جي نمائندگي جماعت اسلامي، جي يو آءِ، سپاهہ صحابہ، جيش محمد ۽ ٻيون تنظيمون ڪن ٿيون، جن جو پاڪستان جي اڪثر مسجدن تي ڪنٽرول آهي. جيتوڻيڪ بريلوي هتي گهٽائي ۾ آهن، پر اهي گهٽ آمدني وارا ۽ ڇڙوڇڙ آهن. جماعت اسلامي ۾ متئين طبقي سان تعلق رکندڙ ماڻهو شامل آهن. جي يو آءِ ۾ بہ هيٺئين طبقي جا ماڻهو شامل آهن. باوجود ان جي ان جا عالم سڳورا سعودي عرب، لبيا، ۽ ڪويت کان 80 کان 91 واري ڏهاڪي ۾ پئسي ڏوڪڙ جي مدد حاصل ڪندا رهيا آهن. اسامہ بن لادن جيڪو ڪرب پٽي آهي، اهو بہ پاڪستان ۾ مذڪوره مذهبي ڌرين جي پٺيان آهي.

1990ع کان وٺي سني تحريڪ گهٽ آمدني واري طبقي کي پاڻ ڏي متوجہ ڪرڻ شروع ڪيو. انهن دعوت اسلامي تبليغي ونگ، منهاج القران نالي تنظيمون اڳيان آنديون ان ڪري انهن پنهنجو هڪ وڏو حلقو پيدا ڪري ورتو. جنهن ڪري وهابي ۽ ديوبندي گروپن کي ڪائنن خطرو محسوس ٿيڻ لڳو سني تحريڪ جي مرحوم اڳواڻ سليم قادري کي بہ اهڙن ئي انتها پسندن رستي تان هٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

مذهبي تنظيمن جي جوڙجڪ ۾ ڪم جو ذڪر ڪندي ڪو بہ هوش مند ماڻهو اسٽيبلشمينٽ جي ڪردار کان اکيون نٽو پوري سگهي. سني تحريڪ جي مڏر پارٽي جمعيت علماءِ پاڪستان آهي. جي يو آءِ 1970ع جي چونڊن دوران قيام ۾ آئي ۽ ان جو قيام 1968ع ۾ جهنگ ۾ ٿيل خونريز فرقيوار جهيڙن کانپوءِ عمل ۾ آيو. چيو وڃي ٿو تہ 1968ع 1969ع ۾ رٽائرڊ جنرل غلام محمد اولهہ پاڪستان ۾ پ پ ۽ اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ جي وڌندڙ اثر کي گهٽائڻ لاءِ مذهبي ڌرين کي تمام وڏي رقم فراهم ڪئي هئي.

جي يو پي بہ اهڙن مليل پئسن مان جڙيل هڪ تنظيم آهي. 1970ع جي عام چونڊن ۾ جي يو پي سنڌ مان سگهاري پارٽي طور سامهون آئي، پوءِ جي يو پي مان مختلف ڌڙا ٺاهڻ مان ڳجهن ادارن جو ڇا مقصد هو؟ ان جي جاچ ٿيڻ گهرجي. اهو بہ رڪارڊ تي آهي تہ رٽائرڊ جنرل حميد گل 1993ع جي چونڊن ۾ مذهبي ڌرين جي اتحاد آءِ جي آءِ کي 140 ملين رپيا (14 ڪروڙ رپيا) ڏنا هئا.

("افيئر" 30 اپريل 2006ع)

***

# انگن اکرن جي هير ڦير

13 جون تي ڪراچي ۾ هڪ سيمينار کي خطاب دوران ڊاڪٽر سلمان شاهہ اهو چئي خطري جو سگنل ڏيکاري ڇڏيو تہ "ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون 80 ڊالر في بيرل کان 100 ڊالر في بيرل تائين وڃي پهچنديون. ان ڪري ملڪ جي معيشت کي سهارو ڏيڻ لاءِ ان حوالي سان مجبوراً حڪومت ڪجهہ قدم کڻڻ تي مجبور هوندي." "پوسٽ بجيٽ سيمينار" کي خطاب ڪندي وزيراعظم جي ناڻي واري صلاحڪار اهو بہ فرمايو تہ حڪومت مڪمل طرح تيل تي ياڙڻ واري رجحان کي گهٽائي توانائيءَ جا متبادل وسيلا فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. هلندڙ مالي سال دوران تيل جي امپورٽ خساري جي مد ۾ 46 سيڪڙو اضافو ڪيو. جيتوڻيڪ 7 _ 2006ع دوران پيٽروليم جي گهرج گهٽ رهندي، پر عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب صورتحال ڳنڀير رهندي.

ناڻي واري صلاحڪار امپورٽ جي مد ۾ ٿيندڙ خساري بابت تہ کلي پئي ڳالهايو جڏهن تہ هاڻوڪي حڪومت جي گذريل چئن سالن دوران "ڪنزيومرازم" واري حماقت جي ڪري جيڪو اقتصاديات تي بوجهہ پيو آهي يا عام ماڻهو پريشان آهي، ان بابت بلڪل خاموش رهيو. بئنڪون ۽ ليزنگ ڪمپنيون مسلسل ماڻهن کي اليڪٽرانڪ آئٽم، ڪارون خريد ڪرڻ ۽ گهر ٺهرائڻ لاءِ قرض مهيا ڪري رهيون آهن. اها صورتحال گذريل چئن سالن ۾ تمام گهڻي وڌي آهي. پر اها ترقي پائيدار ناهي، چو تہ هاڻي اهي قرض ماڻهن لاءِ بوجهہ بڻجي چڪا آهن.

مختلف اليڪٽرانڪ سامان جهڙوڪ، ايئر ڪينڊيشنر، ريفريجريٽر، ٽيليويزن وغيره گهرن ۾ اچڻ ۽ 5 لک ڪارن جو قرض وارن پئسن مان روڊن

تي اچڻ سان ظاهر آهي تہ بجلي ۽ تيل جو استعمال وڌندو. جڏهن تہ بجلي جي محدود پئداوار ۽ پاڪستان ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن سبب هي ملڪ اهڙي ڪُن ۾ ڦاسي پيو آهي جتان اُن جو نڪرڻ محال ٿو لڳي. ڊاڪٽر سلمان شاهہ جي ڪٿ موجب ملڪ جو انفرا اسٽرڪچر سڌارڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 800 بلين کان 1000 بلين روپين جي سيڙپڪاري جي ضرورت پوندي. ياد رهي تہ گذريل ستن ورهين دوران بئنڪن 3 ٽرلين روپيا (2 هزار بلين روپيا) قرض جي مد ۾ ڏنا آهن. پرڏيهہ ۾ رهندڙ پاڪستانين کان Remittance جي مد ۾ هڪ ٽرلين روپيا وصول ڪيا ويا. اهڙي طرح حڪومت پرائيوٽائيزيشن ذريعي 400 بلين روپيا حاصل ڪيا. وڌيڪ اهو تہ سرڪار سڳوري 3 ٽرلين روپين کان وڌيڪ عوام کان ٽيڪسن ۽ روينيو جي مد ۾ ورتا.

سوال اهو آهي تہ اهو سمورو خزانو ڪيڏانهن ويو؟ اها ڪا معمولي رقم ناهي. ليکو ڪجي ٿو تہ اها رقم گڏيل طور 7 يا 8 ٽرلين روپيا بيهي ٿي.اها رقم ڇو يلا انفرااسٽرڪچر جي سهولتن کي بهتر ڪرڻ ۾ نہ سيڙائي وئي. توانائي جا نوان ذريعا ڇو نہ هٿ ڪيا ويا ۽ پاڪستان جي غريب عوام کي درپيش اقتصادي مسئلا ڇو نہ حل ڪياويا؟ گذريل هڪ سال کان پاڪستان کنڊ، ڪڻڪ، داليون، سيمينٽ ۽ سايون ڀاڄيون امپورٽ پيو ڪري، لڳ ڀڳ سيني امپورٽ ٿيندڙ شين تي سبسڊي بہ ڏني پيو. ان کان بهتر ناهي تہ هتي واٽر سپلاءِ ۽ مک فصلن جي آبادي وڌائڻ لاءِ زرعي شعبي ۾ ڪجهہ ڏوڪڙ سيڙايا وڃن. اسان هتي پنهنجي ديسي ساين ڀاڄين جهڙوڪ ٽماٽن، پٽاٽن، دالين ۽ ٻين ڪيترين ئي ڀاڄين ۽ فروٽ جي پراڊڪشن وڌائڻ لاءِ سيڙپڪاري ڪريون تہ ان سان نہ رڳو اسان جي هارين جي معاشي صورتحال بهتر ٿيندي، بلڪ امپورٽ تي خرچ ٿيندڙ ناڻو بہ بچائي سگهجي ٿو.

هاڻوڪي حڪومت گذريل ڇهن سالن کان اقتدار ۾ آهي، ان کي اهڙن ڪن بہ مسئلن کي منهن ڏيڻو نٿو پوي، جهڙا ڪنهن چونڊيل حڪومت کي درپيش هوندا آهن. خاص طور تي ڳجهن ادارن جي مداخلت وغيره.

هاڻوڪي حڪومت جيڪڏهن چاهي تہ انفرااسٽرڪچر کي بهتر ڪرڻ لاءِ سيڙپڪاري ڪري سگهي ٿي، باقي اليڪٽرانڪ آئٽم خريد ڪرڻ يا وڏيون موٽر ڪارون خريد ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

هاڻوڪي سال 7_2006 ع جي وفاقي بجيٽ مشرف حڪومت جي ستين بجيٽ آهي، جيڪا ٿوري گهڻي فرق سان پوين ڇهن بجيٽن جو ورجاءُ ئي آهي. هن پيري گذريل بجيٽن جي پيٽ ۾ ٽيڪس اوڳاڙي تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي. ان سان 6_2005ع ۾ وصول ٿي سگهجندڙ 700 بلين روپين جي پيٽ ۾ 7_2006ع ۾ روينيو اوڳاڙي 835 بلين رپيا وڃي بيهندي. وڌيڪ 135 بلين روپيا معيشت جي ست سيڪٽرو ڦهلاءُ مان بہ اچي سگهندا، اهو ٽيڪس لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو اڻ سڌي طرح آهي. تقريباً 345 بلين روپيا سيلز ٽيڪس مان ايندا، سيلز ٽيڪس جا Inflationary اثر ضرور پوندا. انڪم ٽيڪس هڪ سڌو ٽيڪس آهي، جنهن مان 250 بلين روپيا وصولي متوقع آهي. جڏهن تہ انڪم ٽيڪس، ود هولڊنگ ۽ پريزيمٽوٽيڪس جي صورت ۾ اڻسڌي ريٽ اوڳاڙيو ويندو آهي، جيڪو امپورٽ تي لاڳو ٿئي ٿو. سڌي ريٽ ٽيڪس وڏ مان وڏ 1.2 ملين ماڻهن کان اوڳاڙيو ويندو آهي. ملڪ جا چارئي صوبا مشڪل سان 1.4 بلين روپيا شاهوڪار جاگيردارن کان اوڳاڙي سگهندا آهن. جڏهن تہ اسٽاڪ بروڪر، اسٽيٽ ايجنسي وارا، پڌو ۽ ريزڪي واپار ڪندڙ واپاري ۽ ٽرانسپورٽر ٽيڪس کان آجا رهيا آهن.

هاڻي 7_2006 ع جي بجيٽ ۾ تبديلي، اها آئي آهي تہ اسٽاڪ بروڪرز ۽ اسٽيٽ ڊيلرز کي ٽيڪس جي جڪڙ ۾ آندو ويو آهي. ان ڪانپوءِ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ لاڳيتو ٻاڙائي آهي. گذريل ڪجھ هفتن کان مارڪيٽ 3000 پوائنٽس کان بہ هيٺ هلي وئي آهي. جنهن ڪري ننڍين سيڙپڪارن جا ڪروڙين رپيا ٻڏي ويا آهن. جڏهن تہ اسٽيٽ ڊيلرز جو ڪاروبار بہ ٽيڪس مڙهجڻ ڪانپوءِ ٻڏتر جو شڪار آهي.

وفاقي بجيٽ ۾ بجلي، دالين ۽ کنڊ تي 109 بلين روپين جي سبسڊي ڏني وئي آهي. سبسڊي مليل کنڊ ۽ داليون يوٽيليٽي اسٽورن تي وڪرو

ڪيون وينديون، جيڪي مشڪل سان سڄي ملڪ ۾ 500 يا ان کان ڪجهه وڌيڪ هوندا. هاڻي ته وري حڪومت يوٽيليٽي اسٽور به خانگي شعبي کي ڏيڻ تي غور ڪري رهي آهي. ان سان ڪرپشن اچا به وڌندي ۽ عوام لاءِ به مشڪلاتون وڌنديون، شين تي سبسڊي ۽ کاڌ خوراڪ جي شين جي ورهاست ۾ حڪومتي مداخلت اٽتر آهي. خاص طور تي پاڪستان جهڙن اُسرندڙ ملڪن ۾، جتي قانوني جڪڙ ڪمزور آهي اتي وڏيون مڇيون مارڪيٽن ۾ سپلاءِ، ورهاست ۽ کاڌ خوراڪ جي شين جي اگهن تي زوردار نموني اثرانداز ٿين ٿيون. پاڪستان ۾ عام ماڻهن لاءِ اٽي، کنڊ، ساين ڀاڄين ۽ ٻين روزمره جي شين جا اگهه وڌڻ چڙهڻ ته هڪ معمول بڻيل آهي.

هلندڙ مالي سال دوران حڪومت 93 بلين روپيا پگهاردار طبقي لاءِ پينشن ۽ پگهارن جي مد ۾ پڻ سبسڊي ۽ رليف طور رکيا آهن. انهن مان 78 بلين روپيا سبسڊي جي مد ۾ جنهن مان 55 بلين رپيا سبسڊي واپڊا، ڪي اي ايس سي ۽ 4 بلين رپيا سبسڊي پاڻ لاءِ ۽ 5 بلين روپيا سبسڊي بيت المال لاءِ آهن.

عام طورتي بجيٽون عوام جي معلومات لاءِ هونديون آهن، پر هتي گهڻو ڪجهه لڪايو وڃي ٿو جنهن ڪري ڪرپٽ ڪامورن کي ڪرپشن ڪرڻ جو موقعو ٿو ملي وڃي.

هن وقت وفاقي بجيٽ جي 1.3 ٽرلين روپين (1,314 بلين روپيا) مان 879.77 بلين روپيا روينيو جي خرچن جي مد ۾، 435 بلين روپيا ڊيولپمينٽ لاءِ، 295 بلين روپيا کان وڌيڪ سروسنگ جي مد ۾، 250 بلين روپيا دفاع، 200 ملين روپيا اسٽيبلشمينٽ لاءِ جڏهن ته عوامي ڀلي وارين اسڪيمن جي مد ۾ اٽي ۾ لوڻ برابر رقمون رکيون ويون آهن. جنهن ۾ خاص طور صحت، تعليم ۽ سوشل ويلفيئر کي به نظرانداز ڪيو ويو آهي. سرڪاري ملازمن کي ڪنهن حد تائين رليف ڏنو ويو آهي. جڏهن ته صوبا ملڪي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، پر انهن کي سندن حصي موجب حصو نه پيو ڏنو وڃي.

بجيٽ پيش ٿي وئي. سڀ ڪجهه نيڪ جا ترانا پيا ڳائجن، پر پوءِ به حڪومت کي ٿي چئلينج سامهون آهن. انهن مان پهريون چئلينج آهي، ناڻي واڌ جو جنهن سان وري ڪيترائي عنصر جڙيل آهن، جن ۾ وري پهريون عنصر آهي عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ. ٻيو عنصر آهي روزمره جي شين خاص طور کنڊ، دالين، ڪڻڪ جي کوٽ، جنهن جا ملڪ جي معيشت تي يقيناً منفي اثر پوندا. عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي وڌندڙ قيمتن وارو فيڪٽر ته اهڙو آهي، جنهن تي ڪنٽرول ڪري سگهڻ هاڻي حڪومت جي هٿ وَس ناهي، بلڪ پاڪستان ۾ ته حڪومت تيل تي به ڪيترائي ٽيڪس وصول ڪري ٿي. آئل ڊسٽريبوشن ڪمپنين کان تمام وڏي ڪميشن ورتي وڃي ٿي. جڏهن ته پارٽ ۾ ائين نٿو ٿئي، بلڪ انهن تي سبسڊي به ڏني ويندي آهي.

ٻيو عنصر آهي روزمره استعمال جي شين جي سپلاءِ. 13 بلين ڊالرز جي پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن سان حڪومت ڊيوٽي فري امپورٽ ۽ سبسڊي وسيلي مسئلو ته حل ڪري سگهي ٿي. پر ان سان اسان کي ته رخو نقصان ٿي رهيو آهي. هڪ ته اسان ايئن ڪري پنهنجو امپورٽ بل وڌائي رهيا آهيون ۽ پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن کي کاڌ خوراڪ جي شين جي خريداري ۾ اُڏائي رهيا آهيون، ايئن ڪري ساڳي وقت اسان پنهنجي هارين جي به حوصله شڪني پيا ڪريون، نه ته انهن کي اتساهي داليون، ڪڻڪ ۽ سبزين جي پئداوار هتي به وڌائي سگهجي ٿي. ان ڪانسواءِ اسان ايئن ڪري پنهنجو خسارو به وڌايون پيا ۽ روپئي جي مُلهه کي به دٻاءُ جو شڪار پيا بڻايون.

اهو به نه وسارڻ گهرجي ته هن وقت پاڪستان جو ڪرنٽ اڪائونٽ به دٻاءُ هيٺ آهي، پر اهو شايد سنڀلجي وڃي، ڇو ته اسان پرائيوٽائيزيشن تي زندهه آهيون، جنهن مان هيلتائين اسان کي 3 بلين ڊالرز ملي چڪا آهن، اسان پنهنجا اهم اثاثا، جن ۾ ڪي اي ايس سي، پي ٽي سي ايل، پاڪستان اسٽيل اچي وڃن ٿا، اهي ڪائي ڪپائي چڪا آهيون. اسان کي 4 بلين ڊالرز Remittance ۽ 1.5 کان 2 بلين ڊالرز پرڏيهي امداد ۽ آمريڪا طرفان دهشتگردي خلاف جنگ جي مد ۾ مليل امداد الڳ آهي.

گذريل سال پاڻ وٽ ناٽي واڌ 11 سيڪٽرو تائين هئي، جيڪا هاڻي گهٽجي 8 سيڪٽرو تي آهي. عالمي بئنڪ، بئنڪن کي ان ڏس ۾ چتاءُ به ڏيندي رهي. ان ڪانپوءِ ئي بئنڪن قرضن ۽ بين معاملن ۾ اڪائونٽ هولڊرز کي معلومات ڏيڻ شروع ڪئي، جيڪڏهن اسٽيٽ بئنڪ سخت پاليسي اختيار ڪئي تہ پوءِ ان سان Growth جي شرح وڌڻ بجاءِ گهٽبي، منافعي جي شرح ۾ اضافو پڻ ڪيترائي مسئلا سامهون آڻي پيو خاص طور ان سان حڪومت تي Debt Servicing جو بوجهہ بہ پوندو. جنهن سان پاڪستاني رپيو وڏيڪ ڊي ويليو ٿيندو ۽ اهو امپورٽ بل کي بہ اڳتي وڌائيندو ۽ ڪاروباري ناهمواري پڻ پئدا ٿيندي، ان ڪري پاڪستان هڪ اهڙي ڳُن ۾ ڦاسي پوندو جتان ان جو نڪرڻ محال هوندو. ٽيون عنصر آهي بئنڪن ۾ Default ٿيڻ جو ڊپ، جيڪو معيشت سان لاڳاپيل سيڪٽر لاءِ موت برابر هوندو. حقيقت ۾ پاڪستان هن وقت معاشي لحاظ کان انتهائي نازڪ دور مان لنگهي رهيو آهي. پر ان جو حل ڪوبہ نظر نٿو اچي!.

(30 جون 2006ع)

***

# دغابازين جو شڪار ٿيل بلوچ قومپرست

23 سيپٽمبر 2004ع تي تڏهوڪي وزيراعظم چوڌري شجاعت حسين بلوچستان مسئلي کي ڳالهين وسيلي نبيرڻ لاءِ سينيٽ ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙڻ جو اعلان ڪيو. اهڙي طرح سينيٽ طرفان بلوچستان صورتحال کي بهتر ڪرڻ ۽ ڪاميٽين ٺاهڻ بابت ٺهراءُ به پاس ڪيو ويو. ڪاميٽي کي 90 ڏينهن اندر پنهنجي رپورٽ پيش ڪرڻ لاءِ چيو ويو. ايئن پوءِ 29 سيپٽمبر 2004ع تي 29 ميمبرن تي ٻڌل ڪاميٽي ٺاهي وئي. اڳتي هلي ان ۾ 9 ٻيا ميمبر به شامل ڪيا ويا. اهڙي طرح اها ڪاميٽي 38 ڄڻن تي وڃي بيٺي، جنهن ۾ 16 سينيٽر ۽ 12 قومي اسيمبلي ميمبر شامل هئا. اڳتي هلي ان کي ٻن سب ڪاميٽين ۾ ورهايو ويو. جنهن ۾ هڪ جي سربراهي سينيٽر مشاهد حسين، هاڻي مسلم ليگ (ق) جو اڳواڻ، ۽ ٻي جي سينيٽر وسيم سجاد تي ڪئي. ٻنهي ڪاميٽين کي مختلف سياسي پارٽين طرفان مذڪوره ڪاميٽين ۾ بلوچستان جي نمائندن کي وڌ مان وڌ شامل ڪرڻ جو پڻ چيو ويو.

مشاهد حسين جي سب ڪاميٽي 19 ڄڻن تي مشتمل هئي. جنهن ۾ 14 سينيٽر ۽ 15 ايم اين اي شامل هئا. ان پنهنجو ڪم آڪٽوبر 2004ع ۾ ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ صوبائي ۽ وفاقي اختيارين مختلف اڳواڻن سان ست گڏجاڻيون ڪري نومبر 2005ع تائين پنهنجون سفارشون تيار ڪيون. مشاهد حسين جنوري 2005ع ۾ پنهنجي ڪاميٽي ميمبرن کي ٻڌايو ته هن ڪاميٽي جي دائره اختيار جي حوالي سان نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ بلوچستان مسئلي کي بحث هيٺ آندو آهي. نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل سان بحث هيٺ آيل مامرن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

ان ۾ پهريون هو اعتماد جي بحالي، جنهن بابت فيصلو بہ ڪيو ويو ۽ اعلان بہ ٿي چڪو هو. پر ان تي عمل اڄ ڏينهن تائين نہ ٿيو. پيو اهو تہ ان سلسلي ۾ ممڪنہ عملي قدم کنيا وڃن ۽ ٽيون مامرو اسٽريٽجڪ اشوز وارو هو. مذڪوره ڪاميٽي جون مرتب ڪيل سفارشون جيڪي ڇهن صفحن تي پڌل آهن تن کي وري ڇهن حصن ۾ ورهايو ويو هو. ڪاميٽي جي مک سفارشن مان هڪ اها بہ هئي تہ جيستائين بلوچستان بحران تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪوڪڙ تيل ڏين، تيستائين گوادر ڪوهلو ۽ ڊيرا بگٽي ۾ فوجي ڇانوڻين جي اڏاوت وارو ڪم بند ڪيو وڃي.

جيتوڻيڪ ڪاميٽي وفاقي اداري جي سيڪيورٽي واري ڳڻتي کي قبول ڪيو، پر ساڳي وقت اها راءِ بہ ڏني تہ بلوچستان ۾ وڏي پئماني تي هائوسنگ ۽ ڪمرشل مقصدن لاءِ زمين جي حاصلات جو ڪو جواز ناهي ۽ اهڙي نموني زمين جي حاصلات خود لاءِ بدنامي جو ڪارڻ بڻجي رهي آهي.

ان کانپوءِ بہ مشاهد واري ڪاميٽي ترقياتي منصوبن، فنڊن جي جوڳي ورهاست، تيل ۽ گئس سان لاڳاپيل فنڊ، هاءِ ويز ڪوهلو ۾ اسپيشل ليويز جي مقرري، فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جون چوڪيون قائم ڪرڻ ۽ ڪوسٽ گارڊ ويهارڻ بابت بہ سفارشون ڪيون هيون، جن ۾ انهن فورسز طرفان مقامي ماڻهن کي ڊيچارڻ ۽ ڌمڪائڻ وارو نڪتو بہ شامل هو.

مشاهد حسين واري ڪاميٽي جي رپورٽ نومبر 2005ع ۾ شايع ڪئي وئي، جنهن ۾ صدر مشرف جو پيغام بہ شامل آهي. تنهن کانپوءِ چوڌري شجاعت حسين اهو اعلان ڪيو تہ "اسان ڪاميٽي جي سفارشن تي عمل کي يقيني بڻائينداسين."

مشاهد حسين واري رپورٽ کان نيڪ نوَ مهينا پوءِ مشرف، سفارشن تي عمل ڪندي 26 آگسٽ 2006ع تي 80 سالن جي پوڙهي نواب اڪبر بگٽي کي ڀنبور پهاڙين ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جو نشانو بڻايو. نہ رڳو هڪ بلوچ نواب کي ماريو ويو، بلڪ سندس مڙهہ بہ لڪايو ويو. سگهاري اداري کي 100 ملين پاڪستاني ڪرنسي، 96 هزار آمريڪي ڊالر، هٿيار، چشمو ۽ واچ تہ صحيح سلامت مليا، باقي ان جو مڙهہ ڳري پهاڙ هيٺان دٻجي ويو. 1 سيپٽمبر 2006ع تي اڪبر بگٽي جو مڙهہ ڊيرا بگٽي جي قبرستان ۾ دفنايو ويو جتي جنهن تابوت ۾ مڙهہ پيل هو ان کي تالا لڳل هئا. هن جي

پٽن، پوٽن، نانئين ۽ ويجهن عزيزن مان ڪير بہ اُتي موجود نہ هو. جڏهن تہ ڪوئيٽا ۽ سڄي بلوچستان جو عوام، سنڌ، پنجاب جي ڪيترن حصن، سرحد ۽ آزاد ڪشمير ۾ نواب اڪبر بگٽي جي غير انساني طريقي سان قتل خلاف گهٽين ۽ روڊن تي سراپا احتجاج هو. ٻئي طرف ڊيرا بگٽي جو ڊي سي او صمد لاسي اهو تاثر ڏني رهيو هو تہ ڪلپر ۽ مسوري، نواب بگٽي جي جنازي نماز جي اجازت نہ پيا ڏين.

ڪلپرن ۽ بگٽين وانگر ٻيا بہ ڪيترائي بلوچ ۽ پاڪستان جي ٻين علائقن جا ماڻهو جن ڪڏهن بہ بگٽي جي حمايت نہ ڪئي، پر انهن مان ڪير بہ نواب اڪبر بگٽيءَ جي اعزاز سان دفن ٿيڻ جو مخالف نہ هو.

بگٽي کي بہ ان انداز سان دفن ڪيو ويو، جنهن انداز سان 5 اپريل 1979ع تي ذوالفقار علي ڀٽي کي دفن ڪيو ويو هو. جڏهن تہ بگٽي کي ان طريقي سان ماريو ويو. جيئن سردار نوروز خان زهري، سندس پٽن ۽ پنجن ڪامريڊن کي جون 1960ع ۾ ساڳي ئي ڪوهلو واري علائقي مان گرفتار ڪرڻ کانپوءِ ماريو ويو هو. 1958ع ۾ جڏهن ون يونٽ خلاف تحريڪ هلائڻ جي ڪري بلوچ سردارن کي نشانو بڻايو پئي ويو. تڏهن ايوب خان مارشل لاءِ ايڊمنسٽريٽر هو. ان وقت بلوچستان ۾ بيٺل فصل تباهہ ڪيا ويا، مال متاع ماريو ويو. گهر تباهہ تي ويا. اهو 1958ع جو ئي دور هو جڏهن بگٽي مارشل لا سامهون ٿيو نہ تہ هو ان کان اڳ اسٽيبلشمينٽ جو ماڻهو هو.

1947ع ۾ نوجوان اڪبر بگٽي شاهي جرڳي ۾ پاڪستان جي حق ۾ ووٽ ڏنو هو ۽ ان فيصلي تي کيس پوري زندگي پڇتاءُ رهيو. 42 ميمبرن تي ٻڌل قلات اسيمبلي بلوچستان جي پاڪستان ۾ شموليت خلاف ووٽ ڏنو هو. تڏهن علي ڳڙهہ مان پڙهيل نوجوان غوث بخش بزنجي آزاد بلوچستان جي ڳالهہ دهرائي هئي. اڻ ورهايل برِصغير ۾ انگريزن جا ٻن رياستن قلات ۽ نيپال سان خاص معاهدا ٿيل هئا. 500 رياستن ڀارت يا پاڪستان مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪئي، باقي نيپال ۽ قلات رياست کي آزاد ۽ خود مختيار حيثيت حاصل هئي. نيپال آزاد آهي ۽ ويجهڙ ۾ ئي ان کي دنيا جي واحد هندو بادشاهت قرار ڏنو ويو آهي. اها هميشہ ليننسٽ مارڪسسٽ پارٽي جي زير اثر رهي آهي. ڪجهہ مهينا اڳ تائين بہ اها سيڪيولر رياست هئي.

اڪبر بگٽي برٽش بلوچستان ۾ شاهي جرڳي جي ريفرينڊم ۾ پاڪستان جي حق ۾ ووٽ ڏنو. هو بہ ٻين سردارن وانگر ايچي سين ڪاليج لاهور ۾ پڙهيو. 1958ع کان اڳ هو دفاع ۽ گهرو وزارت جو وفاقي وزير رهيو. هن پاڻ کي خير بخش مري کان پريرو رکيو. 1958ع ۾ آڪٽوبر واري مارشل لا کان هڪ ڏينهن اڳ جڏهن قلات ۾ آپريشن ڪيو ويو بگٽي پاڻ کي بلوچ جدوجهد کان پري رکي نہ سگهيو. ٻين سان گڏ هن پاڻ بہ "قلي ڪئمپ" مڇ جيل جون صعوبتون برداشت ڪيون، جتي قيدين کي هٿڪڙيون هٽي ويهاريو ويندو هو.

جون 1960ع ۾ جڏهن سردار نوروز خان ۽ سندس ساٿي، بلوچن خلاف ٿيندڙ جبر جي مزاحمت لاءِ پهاڙن جو رخ ڪيو تڏهن سگهارن ادارن کين قرآن پاڪ جو واسطو ڏئي واپس اچڻ لاءِ چيو تہ جيئن ڳالهين ذريعي ڪو عزت ڀريو حل ڪڍي سگهجي. پوءِ جڏهن سردار نوروز ۽ سندس ساٿي جبلن تان هيٺ لهي آيا تڏهن کين گرفتار ڪيو ويو. نہ رڳو اهو پر مٿن ڪينگرو ڪورٽن ۾ ڪيس هلائي کين ڦاهيون ڏنيون ويون، ان وقت سردار نوروز خان 90 ورهين جو پوڙهو هو. هن کي الڳ جيل ۾ رکيو ويو جتي هو گذاري ويو. هن جي پٽن ۽ پنجن ساٿين کي ڦاهي چاڙهيو ويو.

بلوچ اڳواڻن لاءِ فوج جي عملدارن سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ دغابازي وارو عمل هڪ ڏکي ڪٿا آهي. بلوچستان 1970ع ۾ ان وقت تاريخ ۾ پهريون ڀيرو صوبي جي حيثيت ماڻي جڏهن ون يونٽ ٽٽو. ڊسمبر 1970ع جي چونڊن ۾ نعپ وڏي پارٽي طور سوڀاري ٿي. بگٽي جيڪو پنهنجي انفرادي سڃاڻپ ۽ اَنا رکندڙ شخص هو اهو چونڊون کٽيندڙ نعپ جي قيادت جو حصو نہ هو.

ڊسمبر 1971ع ۾ ڀارت خلاف جنگ ۾ شڪست ۾ اوڀر پاڪستان وڃائڻ کانپوءِ يحيٰ جي غرور ۾ گهٽتائي آئي. ايئن 1970ع جي چونڊن ۾ چونڊيل اسيمبلي کي آئيني ڪور ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. پوءِ 1973ع جو آئين پاس ڪيو ويو. سنڌ مان مير علي احمد ٽالپر ۽ بلوچستان جي ٽن اسيمبلي ميمبرن کي ان تي تحفظات هئا. ان ڪري انهن آئيني مسودي تي صحيحون ئي نہ ڪيون. بلوچن، پختونن، ۽ علي احمد ٽالپر کي آئين ۾ صوبائي خود مختياري نہ ڏيڻ بابت سخت تحفظات هئا.

1973ع جي آئين ۾ وفاقي ڪاتن ڪانپوءِ هڪ ڪنڪرنٽ لسٽ بہ هئي. جنهن ۾ صوبائي معاملن جو ذڪر شامل ٿي نہ هو. ان وقت اها ڳالهہ چئي وئي هئي تہ ڪنڪرنٽ لسٽ جو هر ڏهن سالن، يعني 1983ع ۾ ان جو نئين سر جائزو ورتو ويندو ۽ ان ۾ صوبائي معاملا چڱي ريت شامل رکيا ويندا.

بدقسمتي سان پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو 1983ع وارو سال ڪڏهن نہ آيو. ان جي ابتڙ 1977ع ۾ جڏهن ضياءُ الحق پٽي کان اقتدار کسي پاڻ اچي براجمان ٿيو تہ هن کيس ڪورٽ جي هڪ فيصلي تحت ڦاهي چاڙهي ڇڏيو.

1973ع ۾ بلوچستان جي پهرين چونڊيل حڪومت سياسي منظر نامي تي آئي، پر ان جي عمر مختصر نڪتي، مينگل جي چونڊيل حڪومت ختم ڪئي وئي ۽ شخصي اَنا رکندڙ بگٽي کي ڀٽي بلوچستان جو گورنر مقرر ڪري ڇڏيو. نعپ حڪومت جي خاتمي سان بلوچن خلاف ٿيون آپريشن شروع ٿيو. 80 هزار کان وڌيڪ فوجي بلوچستان ۾ مقرر ڪيا ويا. تڏهن شاهہ ايران پاڪستان کي 300 ملين ڊالر ۽ ڪوبرا هيليڪاپٽر مدد طور ڏنا. مذڪوره آپريشن ۾ 6 هزار بلوچ عورتون، مرد ۽ ٻارڙا موت جو کاڄ بڻيا. اهڙي ريت بگٽي سياسي قيادت جي دؤر ۾ هڪ پيرو پيهر آپريشن ٿيندي ڏٺو تہ 10 مهينن کانپوءِ گورنري ڇڏي ڏني.

ضيا جولاءِ 1977ع ۾ اقتدار سنڀاليو هن اچي بلوچستان آپريشن ختم ڪيو نعپ جا سمورا سياسي قيدي آزاد ڪيا ويا، پر ڀٽو پوءِ بہ ٽارگيٽ تي رهيو ۽ هن کي 4 اپريل 1979ع ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو. بلوچستان ڀٽي جي ڦاهي تي ردعمل ظاهر نہ ڪيو ڇو تہ بلوچ اڳواڻ 1974 کان 1977ع تائين رڳو زخم ٿي سهندا رهيا هئا.

اڪبر بگٽي 1988ع ۾ بلوچستان جو وزيراعليٰ منتخب ٿيو هن جا بينظير ڀٽو سان معاملا نہ هلي سگهيا، ڇو تہ هو نواز شريف کي وڌيڪ ويجهو هو. 1988ع کان 1997ع تائين پ پ ۽ آءِ جي آءِ حڪومتن جي معطلي مان هن ڪافي سبق حاصل ڪيا. ڪتابن جو پاڙهو بگٽي قومي مامرن ۾ فوج جي مداخلت ۽ حڪمت عملي کان باخبر هو. ليڪن هن ذاتي انا کي وڌيڪ اهميت ڏني، ان ڪري کيس ڊپلوميٽڪ سياستدان بجاءِ شهيد جو رتبو مليو. اڪبر بگٽي طرفان جنوري 2005ع ۾ سئي ۾ ڊاڪٽر شازيہ خالد مامري ۾ ادا ڪيل ڪردار کي هميشہ عزت ۽ احترام سان ياد

ڪيو ويندو. هن گذريل ٽن سالن ۾ آمريت خلاف جيڪو گس ورتو ان آخرڪار ڪيس شهادت تائين پهچايو. بگٽي کي ان وقت ماريو ويو آهي جڏهن بلوچ الزامن جي زد ۾ آهن. سنڌ ۾ بہ بگٽي جي مارجڻ تي بي چيني ڦهليل آهي. چاڪاڻ جو سنڌ ۾ بہ بلوچن جو هڪ وڏو انگ رهي ٿو. هاڻي 2006ع آهي ۽ هن دور ۾ بلوچن وٽ پسماندگي ڪانسواءِ مڊل ڪلاس بہ موجود آهي. مسقط ۽ گڏيل عرب امارات ۾ سندن وٽ تربيت يافتہ سپاهي بہ آهن تہ سفارتڪار بہ. ساڳي صورتحال سنڌ لاءِ بہ آهي. نوجوان ۽ نئين سياسي قيادت سنڌ ۾ بہ اُڀري رهي آهي. بلوچن ۽ سنڌين وچ ۾ لڳ لاڳاپا آهن، ان جي ابتڙ جڏهن 1979ع ۾ ڀٽي کي ڦاهي چاڙهيو ويو هو تہ بلوچ پري بيٺا هئا. هونئن تہ مهاجر "پاور گيم" جو حصو رهيا آهن. ليڪن مشرف جي صورت ۾ انهن لياقت علي خان ڪانپوءِ حقيقي پاور جو لطف ورتو آهي. باوجود ان جي، اهي غيريقيني جو شڪار آهن، اهي هيلتائين سنڌي ۽ بلوچ مڊل ڪلاس سان لاڳاپا نہ جوڙي سگهيا آهن. سنڌ ان ڪري ڏوجهرن ۾ آهي، جو سنڌين ۽ مهاجرن جي مڊل ڪلاس وچ ۾ ڪميونيڪشن جي وڇوٽي آهي. ساڳي وقت اها راءِ بہ موجود آهي تہ اسلام آباد سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مستحڪم سياسي نظام نٿو چاهي. هميشہ سنڌ ۽ بلوچستان مٿان غير فطري اتحاد مڙهيا ويندا رهيا آهن، جنهن سان ٻنهي صوبن کي نقصان ئي پهچندو رهيو آهي.

دراصل اسلام آباد انگريزن واري راهہ اختيار ڪئي آهي ۽ اهو سنڌ ۽ بلوچستان کي پنهنجي بينڪيت بڻائڻ گهري ٿو. بلوچستان گهٽ آبادي ۽ قدرتي وسيلن ۾ شاهوڪار آهي. جنهن جي آبادي مشڪل سان 8 ملين ڪن هوندي، اهو ايران ۽ افغانستان جو پاڙيسري آهي. ان ڪري وچ ايشيا تائين پهچڻ ۾ مددگار آهي. "هرمز" جيڪو دنيا کي سامونڊي رستي سان تيل رسائڻ جو وڏو چئنل آهي. ان بلوچستان کي اجا بہ وڌيڪ حساس علائقو بڻائي ڇڏيو آهي.

پوءِ بہ سنڌ ۽ بلوچستان جا ماڻهو وسيلن ۽ پنهنجن صوبن جي اسٽريٽجڪ اهميت کان وڌيڪ اهم آهن، پر انهن کي خوشين، عام خوشحال زندگي ۽ سندن ٻچن جي بهترين مستقبل کان محروم رکيو ويو آهي.

(15 سيپٽمبر 2006ع)

***

# جمهوريت جو پنڌ اڃا اڳتي

23 آگسٽ 2006ع تي ملڪ جي ٻن مُک سياسي پارٽين پ پ ۽ مسلم ليگ طرفان ميثاق جمهوريت تي صحيحون ڪرڻ، وزيراعظم شوڪت عزيز خلاف عدم اعتماد جي رٽ آڻڻ کان پوءِ ملڪي سياست ڪهڙو رخ اختيار ڪندي؟ اهو اڃا تائين تہ واضح ناهي. باقي اهو بلڪل واضح آهي تہ چونڊن کان اڳ وارو معرڪو هلي رهيو آهي.

جيتوڻيڪ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جا اڳواڻ بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف قومي اسيمبلي ۾ رٿيل عدم اعتماد جي رٽ جي ناڪامي بابت ٻڌتر جو شڪار آهن، باوجود اُن جي اهي ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ ايئن ٿيڻ سان هلچل ضرور پيدا ٿيندي.

اهو عين ممڪن آهي تہ جنهن ڏينهن اي آر ڊي قومي اسيمبلي ۾ عدم اعتماد جي رٽ پيش ڪري، ان ڏينهن حڪمران ڌر ان کان پري رهي. ان صورت ۾ ايوان ۾ اڪثريت  ثابت ڪرڻ مخالف ڌر جي ذميواري هوندي. ايوان ۾ جيڪڏهن هٿ مٿي ڪري يا ڳجهي ووٽنگ ذريعي اڪثريت ثابت ڪرڻ جو معاملو آيو تڏهن بہ حڪومت پنهنجي اسيمبليءَ ميمبرن کي ايوان کان پري رکڻ وارو رستو اختيار ڪندي. اي آر ڊي جا اڳواڻ ان راءِ جا آهن تہ جيڪڏهن کين شڪست بہ ٿئي تي ۽ حڪمران ڌر جا ميمبر ايوان ۾ نٿا اچن، تڏهن بہ اها سندن اخلاقي فتح هوندي، چو تہ ايئن ٿيڻ سان گهٽ ۾ گهٽ عوام ان مسئلي تي تحرڪ ۾ اچي سگهندو.

ليڪن پاڪستان ۾ ڪنهن بہ حڪومت خلاف عوامي مزاحمت، پوءِ ڀلي اها فيلڊ مارشل ايوب خان يا مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو جي چونڊيل حڪومت خلاف هجي، ڳجهن ادارن جي ٽيڪ کان سواءِ ڪامياب نٿي ٿي سگهي. 1965ع جي بيڪار جنگ، جيڪا پاڪستان لاءِ ڪشمير جو

مسئلو تہ حل نہ ڪري سگهي، پر ان ڪيترائي غازي ۽ شهيد ڏنا. جن کي انعام ۾ سنڌ ۽ بهاولپور ۾ زرعي زمينون ڏنيون ويون. ايوب خان ٽڪل ۽ دل شڪستو ماڻهو هو. جنرلن پنهنجو منهن ڦيرڻ شروع ڪيو ۽ يحيٰ خان ان موقعي مان فائدو ورتو.

گڏيل مخالف ڌر جي پارٽين نوابزادي نصرالله خان جي اڳواڻي ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي. پٺتو ۽ مولانا ڀاشاني اوپر پاڪستان جي اهڙي سياسي اتحاد کان پري رهيا. رٿابندي تحت ۽ جيئن سمجهيو پئي ويو پهرين ايوب خان چونڊن ۾ نہ بيهڻ جو اعلان ڪيو. گڏيل مخالف ڌر جي پارٽين جا ڪجهہ مطالبا مڃي ورتائين. آخر اقتدار قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جبار خان حوالي ڪرڻ بدران يحيٰ خان کي منتقل ڪري ڇڏيائين. جڏهن تہ آئين موجب (جيڪو خود ايوب خان جي ڏنل لائين تي ترتيب ڏنل هو) صدر جي ملڪ کان ٻاهر هئڻ، بيماري يا رٽائرمينٽ جي صورت ۾ نگران صدر طور اهو عهدو قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر کي ئي سنڀالڻو هو. ان کان پوءِ جيڪي ڪجهہ ٿيو اهو تاريخ جو حصو آهي.

پٺتي تي 1977ع جي عام چونڊن ۾ ڌانڌلين جو الزام مڙهيو ويو. وڏن شهرن ۾ احتجاجي تحريڪ هلي، ليڊر اهي ئي ساڳيا هئا. نوابزاده نصرالله خان، مفتي محمود ۽ ڪجهہ ٻيا. اها تحريڪ تڏهن پڄاڻي تي پهتي جڏهن ضياءَ الحق مارشل لا ايڊمنسٽريٽر طور ملڪ جون واڳون سنڀالي ورتيون. شريف الدين پيرزادي جي تجويز تي 1973ع جي آئين کي ڪالعدم تہ نہ ڪيو ويو باقي انکي ويڙهي سيڙهي ڪنڊائتو ڪري ڇڏيائون. وري جڏهن 1985ع جي چونڊن کان پوءِ 1973ع جو آئين بحال ڪيو ويو تہ ان ۾ اهي سڀ ترميمون تسليم ڪيو ويون، جيڪي هڪ شخص فوج جي تڏهوڪي چيف ضياءَ الحق طرفان ڪيون ويون هيون.

ايراني انقلاب، افغانستان مان سوويت فوجن جي نڪري وڃڻ ۽ ان جو 1992ع ۾ زوال، جنيوا معاهدي، وچ ايشيائي رياستن جي آزاد رياستن طور وجود ۾ اچڻ، هڪ اهڙي صورتحال کي جنم ڏنو جنهن ۾ مارشلائي آمر جي گنجائش ئي نہ رهي هئي. ايئن پوءِ ضيا بہ پنهنجي ڪجهہ ٻين ساٿين سان گڏ بهاولپور لڳ C_130 حادثي ۾ موت جو کاڄ ٿي ويو.

چئن چونڊيل حڪومتن طرفان اقتدار سنڀالڻ ۽ سندن معطليءَ کان پوءِ جنرل مشرف 12 آڪٽوبر 1999ع تي اقتدار سنڀاليو. هن جي اقتدار سنڀالڻ کان ترت پوءِ بينظير سندس حمايت ڪئي هئي. اهو اهڙو اعلان هو جنهن تي هوءَ سموري حياتي شرمسار رهندي، اقتدار ۾ ست ورهيه گذارڻ کان پوءِ هاڻ مشرف مخالفت ڪي منهن ڏئي رهيو آهي.

هاڻوڪي اقتداري ڇڪتاڻ گهٽن حوالن سان ماضيءَ کان مختلف آهي. هاڻي ته نوابزاده نصرالله خان به ناهي رهيو جيڪو هميشه مخالف ڌر جي اڳواڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ جو پسنديده شخص هوندو هو. هاڻوڪي صورتحال ۾ مشرف وٽ ته پنهنجو تڪ به ناهي، پر هن کي ڪنهن تڪ جي ضرورت آهي به ڪانه. مشرف کي رڳو سياسي بازو گهرجن. هن ان مقصد لاءِ ايم ڪيو ايم کي پاليو آهي ۽ گجرات جي چوڌرين کي پنهنجو اتحادي بڻايو آهي. ايم ڪيو ايم سندس چوڌرين ۽ مسلم ليگ (ق) جي پنجابي قيادت سان لاڳاپن ۾ توازن جي سلسلي ۾ مددگار آهي. ساڳي وقت اها سندس جنرلن سان لاڳاپن ۾ به مدد ڪري پئي.

آگسٽ 1990ع ۾ بينظير ڀٽو جي پهرين حڪومت جي معطليءَ کانپوءِ اسٽيبلشمينٽ سنڌ اندر ڄام صادق علي کي ڪاوڙيل سنڌي ماڻهن کي منهن ڏيڻ لاءِ مضبوط هٿڪنڊي طور استعمال ڪيو. مشرف پهرين علي محمد مهر تي اعتماد ڪيو. هو اثرائتو ثابت نه ٿيو ان ڪري ڪيس هٽايو ويو. ايئن پوءِ ارباب رحيم ڄام صادق جو حقيقي نعم البدل ثابت ٿيو. ڄام وانگر ارباب به ڪنهن پر "دوستن جو دوست،" جيڪو پنهنجن حمايتين لاءِ سڀ ڪجهه ڪري ٿو. پنجابي قيادت جيڪا پنهنجن مفادن جي ڪري مشرف جي حامي آهي. اها متحده کي شڪ جي نگاهه سان ڏسي ٿي. مسلم ليگ (ق) جي قيادت ۽ ڳجها ادارا سنڌ ۾ ارباب رحيم کي ايم ڪيو ايم کي پنهنجي حدن ۾ رکڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن.

ساڳي وقت مشرف جي يو آءِ جي ملن تي پڻ ڀاڙي ٿو. فضل الرحمان هڪ عملي سياستدان آهي. بينظير ڀٽو جي وزارت عظميٰ جي دور ۾ هو قومي اسيمبلي جي پرڏيهي پاليسي ڪاميٽي جو سربراهه هيو. ڪراچي ۾ آءِ آءِ چند ريگر روڊ تي موجود صائمه ٽاور. بينظير ڀٽو طرفان فضل الرحمان کي ڏنل فائدن جو هڪ يادگار آهي. ساڳيوئي مولانا صاحب هاڻي وري قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ

آهي. جڏهن تہ ايوان ۾ پ پ جون سيٽون جي يو آءِ کان وڌيڪ آهن. مولانا هن وقت اهڙي پوزيشن ۾ آهي جو نہ چاهيندي بہ بينظير پٺتو ڪيس قبول ڪرڻ لاءِ مجبور آهي. ساڳي طرح مشرف بہ مسلم ليگ (ق) پنجاب واري حصي کي توازن ۾ رکڻ لاءِ هن تي ڀاڙي ٿو.

بينظير ۽ نواز شريف لنڊن ۾ مليا. خيالن جي ڏي وٺ ڪيائون ۽ ميثاق جمهوريت تي گڏيل طور صحيحون ڪيون اٿن. پر پ پ جا ڪارڪن پوءِ بہ ڪاوڙيل نظر اچن ٿا. ڇو تہ بينظير خلاف سمورا ڪيس نواز شريف دور ۾ داخل ڪيا ويا هئا. جيتوڻيڪ آصف علي زرداري کي 1996ع ۾ نگران حڪومت قيد ۾ رکيو پر ان خلاف سمورا ڪيس نواز شريف حڪومت داخل ڪيا هئا. ٻيو اهو تہ بينظير جي نسبت ۾ مولانا فضل الرحمان نواز شريف کي وڌيڪ ويجهو آهي.

اسٽيبلشمينٽ جو اهو حصو جنهن جي نمائندگي مشرف ڪري ٿو اهو هن وقت ايئن ئي ورهايل آهي، جيئن ايوب خان ۽ ضيا جي دور ۾ هو. اسٽيبلشمينٽ ۽ ڳجهن ادارن ۾ اختلاف تہ ان کان بہ گهڻا آهن، جيڪي اسٽيل مل جي خانگائڻ جي معاملي تي ظاهر ٿيا. هن وقت گهڻا سگهارا ماڻهو شوڪت عزيز کي سندس اقتصادي ۽ پرائيوٽائيزيشن پاليسين سبب بينظير جي مقابلي ۾ وڌيڪ سيڪيورٽي رسڪ قرار ڏين ٿا.

گذريل 28 ورهين دوران خانگائڻ واري عمل پاڪستان ۾ ڪيترائي نوان اداڪار متعارف ڪرايا آهن. ايوب خان جي دور ۾ حڪومتي ڪنٽرول هيٺ 22 ڪٽنبن جو اسڪينڊل سامهون آيو هو. ان ڪانپوءِ ڀٽي، اٿو لٽو ۽ اجهو جو نعرو هنيو ان ڪيس ووٽ ڏياريا. ذوالفقار علي ڀٽي سرڪاري ملازم معطل ڪيا. ڪامورا شاهي ۽ نون تجربن جي شروعات ڪئي. پر سندس بئنڪن، انشورنس ڪمپنين ۽ صنعتن جي پرائيوٽائيزيشن واري پاليسي ڪامورا شاهي کي اڃا بہ مضبوط ڪيو. ضيا بہ اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ پرائيوٽائيزيشن وارا معاملا جاري رکيا. 1988ع ۾ بينظير جڏهن اقتدار ۾ آئي تہ هن بہ ان سلسلي کي اڳتي وڌايو ۽ نواز شريف 1991ع ۾ انکي هڪ نئين شڪل ڏني. 1999ع ۾ مشرف / شوڪت عزيز پرائيوٽائيزيشن جي عمل کي مذهبي رخ ۾ وٺي آيا. پرڏيهي سيڙپڪارن کي پاڪستان جي وڏي بئنڪ حبيب بئنڪ. ٽيليفون ۽ ڪي اي ايس سي جو انتظام ڏئي ڇڏيو. اڃا بہ حڪومت پرڏيهي سيڙپڪاري کي وڌيڪ سهولتون ڏئي سيڙپڪاري ڪرائڻ جو ارادو رکي ٿي.

پرائيوٽائيزيشن تہ اهڙو معاملو آهي، جنهن تي هر دور ۾ پوءِ اهو مشرف هجي يا مخالف ڌر اي آر ڊي، اقتداري ڪيڏاڙ ۾ ڇُهڙن واپارين جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪردار تبديل ٿيندا رهندا آهن. 1970ع ۾ پتي غريب ماڻهن کي اتي، لتي ۽ اجهي وارو خواب ڏيکاريو. مشرف وري پاڻي، بجلي ۽ گئس جي ڳالهہ ڪري ٿو. تصور ڪريو اهڙو واعدو تڏهن ڪيو پئي ويو جڏهن حيدرآباد، ڪراچي ۽ فيصل آباد جي مختلف حصن ۾ ماڻهن گندو پاڻي پيئڻ سبب مري رهيا هئا. هن وقت بہ سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ پاڻي جو بحران آهي. بلوچستان، ڪراچي سميت سنڌ جي ڪيترن حصن ۾ بجلي جي کوٽ آهي، جنهن جو عذاب ماڻهن هيلوڪي آرڙهہ ۾ بہ پوڳيو.

حڪومت سڀ ڪجهہ نڪ نرجائي سان ڪري رهي آهي. ڇو تہ ان کي عوامي مزاحمت کي منهن ناهي ڏيڻو پيو. ٽريڊ يونينون بہ غير موثر ٿي ويون آهن. ڪرپشن اڳ کان اڳيري آهي. ان ڪري اميد جو ڪو بہ ڪرڻو نظر نٿو اچي. ڇو تہ ہن بدعنوان ڌرين ۾ اقتداري ڇڪتاڻ ۾ ڏوهاري مزاج رکندڙ ۽ حقيقت پسند ماڻهو پنهنجو پنهنجو گس ڳولين پيا. هتي ڪيترائي مايوس ننڍا گروپ ۽ پارٽيون آهن، جيڪي اقتداري ڪيڏاڙ ۾ هڪٻئي ويجهو اچي رهيا آهن.

(31 آگسٽ 2006ع)

***

# حدود بل ۽ سياسي صف بندي

ڏهن ڏهاڙن جي مختصر عرصي ۾ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان عورتن جي حقن واري بل پاس ٿيڻ ملڪ جي سمورن سياسي پارٽين کي لوڏي ڇڏيو آهي. بل واري مامري جتي سياسي گرمي پد ۾ واڌارو آندو آهي، اُتي ملان پڻ تيش ۾ اچي ويا آهن. مذڪوره بل ساڳي وقت پ پ ۽ هاٺوڪي حڪومت کي پڻ هڪبئي جي ويجهو آندو آهي. مسلم ليگ (ن) ان تي وچٿري پوزيشن اختيار ڪري گهٽ ۾ گهٽ اسٽيبلشمينٽ جي هميشہ ساٿاري رهندڙ مذهبي ڌرين کي بہ ان ڪان پري ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي.

شروع ۾ قومي اسيمبلي جي ايوان ۾ چوڌري شجاعت حسين ان سلسلي ۾ پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر شپ تان استعيفيٰ جي درخواست جمع ڪرائي هئي. ان ڪانپوءِ هن ملن جي سهڪار سان عورتن جي حقن بابت هڪ ٻيو بل ڊرافٽ ڪرايو. پر سندس اها ڪاوڙ گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهي. 22 نومبر تي چوڌري شجاعت حسين ايم ايم اي جي مولوين کي مشورو ڏنو تہ اهي پنهنجي قيادت وٽ استعيفائون جمع ڪرائڻ بدران قومي اسيمبلي جي اسپيڪر وٽ استعيفائون جمع ڪرائين، پر هن جو اهو بہ چوڻ هو تہ اهي استعيفائون نہ ڏيندا ۽ اسيمبلي ۾ رهندا.

قومي اسيمبلي مان عورتن جي حقن جي تحفظ وارو بل پاس ٿيڻ واري ڏينهن جنرل پرويز مشرف ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي قوم کي خطاب ڪيو جنهن ۾ هن پهريون ڀيرو حڪومتي رٿ جي حمايت ڪرڻ تي پ پ جي ساراهہ ڪئي. اها اهڙي ڳالهہ هئي، جنهن ملن کي پ پ تي حڪومت سان ڊيل ڪرڻ جو الزام مڙهڻ جو جواز مهيا ڪيو جڏهن تہ بينظير ڀٽو ان ڳالهہ جي ترديد ڪئي تہ حڪومت سان ڊيل جو ڪو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. باقي

سندس پارٽي جي عورتن جي بل تي حڪومت جي حمايت اصولي هئي، سندس پارٽي آمراڻي حڪومت ۾ فوج جي سياست ۾ ڪنهن ڪردار جي مخالفت جاري رکندي.

پر عورتن واري بل ملڪ ۾ سياسي اتحاد نهڻ کانپوءِ سمورين سياسي قوتن کي ورهائي ڇڏيو آهي. مذهبي ڌريون ته اڳواٽ ئي حڪومت جي آشيرواد سان قومي اسيمبلي جي ايوان ۾ مخالف ڌر ۾ هيون. انهن ئي مشرف کي ووٽ ڏئي ڪيس تحفظ مهيا ڪيو. جيتوڻيڪ آئيني ڳڻپ جي لحاظ کان قومي اسيمبلي اندر مولانا فضل الرحمان ٻئي نمبر تي هو باوجود ان جي کيس مخالف ڌر جو سربراهه بنايو ويو. مولوين کي سرحد ۾ پنهنجي حڪومت ناهڻ ۽ بلوچستان ۾ مسلم ليگ (ق) جو پارٽنر بڻجڻ جو موقعو مهيا ڪيو ويو. هنن 2002ع جي چونڊن کانپوءِ پنهنجي سوچ کان وڌيڪ حاصل ڪيو ۽ اهڙي صورتحال پاڪستان ۾ گذريل 60 سالن کان پوءِ ڏسڻ ۾ آئي.

ملن جي استعيفيٰ ڏيڻ جي صورت ۾ حڪومت وٽ ٻه آپشن بچن ٿا، هڪ اهو ته سندن استعيفائن کانپوءِ حڪومت خالي ٿيندڙ 50 سيٽن تي ضمني چونڊون ڪرائي، جڏهن ته مولوين اهو ٻه اعلان ڪيو آهي ته اهي حڪومت کي ضمني چونڊون ڪرائڻ نه ڏيندا ۽ اسيمبلي جي 2007ع يا 2008ع جي شروع ۾ مدي پوري ٿيڻ تائين اسيمبلين ۾ رهندا. جيڪڏهن ائين ٿئي ٿو ته ان جو ڪريڊٽ به مشرف کڻندو ۽ ايندڙ چونڊن ۾ وڌيڪ بهتر پوزيشن ۾ هوندو. ٻيو آپشن اهو ٿي سگهي ٿو ته حڪومت ايندڙ چونڊون مارچ، اپريل 2007ع تائين منعقد ڪرائي.

اسلام آباد مان ملندڙ احوالن موجب حڪومت لاءِ 2007ع ۾ چونڊون ڪرائڻ ڏکيو آهي. ان ڪري حڪومت عورتن واري بل پاس ٿيڻ کي غنيمت سمجهندي سنڌ ۽ پنجاب ۾ لبرل ۽ ترقي پسند ڌرين جي حمايت وٺڻ لاءِ ملن جو اميج خراب ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندي.

”چوڻ سولو پر ڪرڻ ڏکيو آهي.“ اهڙو جواب پ پ جي ان جيالي منهنجي طرفان اهو سوال پڇڻ تي ڏنو ته جيڪڏهن مشرف ايندڙ مارچ يا اپريل ۾ چونڊون ٿو ڪرائي ته پوءِ پ پ ڪٿي بيهندي ۽ ان جو مينيفيسٽو ڇا هوندو؟ ان تي هن جو چوڻ هو ته، ”اهو منطق رکندڙ سوال آهي، جيڪو پ پ جي قيادت کان ضرور پڇڻ گهرجي.“ ڏنو وڃي ته پ پ هاڻوڪي صورتحال کي 1970ع جي تڏهوڪي صورتحال سان ڀيٽي رهي آهي، جڏهن يحيٰ خان اوير ۽ اولهه پاڪستان ۾ چونڊون ڪرايون هيون. 1970ع

جون چونڊون بہ هڪ سال جي ڊگهي اليڪشني مهم ڪانپوءِ ٿيون هيون. تڏهن پاڪستان مسلم ليگ، ساڄي ڌر جي ٻين پارٽين ۽ يحيٰ خان دور جي وزير اطلاعات جنرل شير علي خان سان گڏ جوڙ ٽيڙ ڪانپوءِ جماعت اسلامي ووٽرن کي دٻاءَ ۾ رکڻ لاءِ هر حربو آزمايو. اها بہ ان وقت جي ڳالهہ آهي تہ تڏهن اوير ۽ اولهہ پاڪستان جي وڏن شهرن جهڙوڪر ڪراچي، لاهور، حيدرآباد، سکر، راولپنڊي، ملتان، پشاور، ڪوئيٽا، لائلپور (هاڻوڪو فيصل آباد)، ڍاڪا، چٽاگانگ ۽ ٻين شهرن ۾ شوڪت اسلام جي نالي سان ڏينهن ملهايو ويو هو ۽ انهن شهرن جي گهٽين تي ”ٽنڊر اسڪواڊ“ جو قبضو هو.

1970ع ۾ ئي انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي هزارين ڪارڪنن کي فوج طرفان قتل ڪيو ويو ۽ هتي پاڪستان ۾ ساڄي ڌر جي مذڪوره پارٽي ئي لبرل ماڻهن ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پيدا ڪيو. ان وقت بہ جماعت اسلامي جا ماڻهو اسلام مخالف ۽ سيڪيولر فورسز کي ختم ڪرڻ جي ڳالهہ کليو کلايو ڪندا هئا، پر ڍاڪا ۾ جماعت اسلامي ڍاڪا جي پلٽڻ ميدان ۾ هڪ ريلي منعقد ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي، جنهن کي مولانا مودودي کي خطاب ڪرڻو هو پر عوامي ليگ ان ڪان وڌيڪ سگهاري نڪتي، جنهن ڪري نہ تہ جماعت ڍاڪا ۾ ريلي منعقد ڪري سگهي، نہ وري ڪڏهن اتي مودودي ڪنهن عوامي ميڙ کي خطاب ڪري سگهيو. 1971ع جي فوجي آپريشن دوران جماعت پنهنجو پورو پورو بدلو چڪايو. ان عوامي ليگ جي هزارين ڪارڪنن، بنگالي دانشورن کي 16 ڊسمبر 1971ع تي ڍاڪا جي علحدگيءَ کان اڳ مارائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ايئن پاڪستان جي سياسي ماحول جي ورهائجي وڃڻ جو ماحول 1970ع ۾ جڙيو. اچوڪي صورتحال بہ لڳ ڀڳ اهڙو ئي ڏيک پيئي ڏئي. تڏهن 1970ع ۾ جنرل شير علي خان ٻرنديءَ کي تيلي ڏيکارڻ جو ڪم ڪيو ۽ يحيٰ خان جي سيڪيورٽي ايڊوائزر جنرل غلام عمر ساڄي ڌر جي پارٽين کي ڏوڪڙ پئي ڏنا.

اڄ بہ کيل ساڳيو آهي، رڳو ڪردار بدليل آهن. اڄ مشرف لبرل ڌرين جو چيمپيئن بڻجي رهيو آهي. ساڳي وقت ملڪ ۾ سياسي ماحول کي گرمائي بہ رهيو آهي تہ هو انتها پسند مذهبي ڌرين خلاف تمام سخت لهجو بہ استعمال ڪري رهيو آهي، جنهن ڪري ماحول ۾ گرمي وڌي رهي آهي. هونئن بہ ڪو بہ وردي وارو حاڪم تڏو لهجو استعمال ناهي ڪندو. اها گرم صورتحال ئي کين مُلن، لبرل ماڻهن، جمهوريت پسندن، شاعرن، صحافين ۽ دانشورن خلاف ڪاروائي لاءِ جواز مهيا ڪندي آهي.

پ پ جو هڪڙو حلقو اهو سمجهي ٿو تہ مشرف ملڪ ۾ چونڊون ڪرائڻ جي اهل ناهي. فاٽا ۾ 80 هزار فوجي جٿا بيهارڻ، افغانستان جي خراب صورتحال، توڙي بلوچستان ۾ ٿيندڙ مزاحمت صورتحال جو ڳنڀير رخ سامهون آڻين ٿا. سنڌ ۽ پنجاب جي ٻهراڙين ۾ بيروزگاري ۽ لاقانونيت پڻ عروج تي آهي، جيڪا صورتحال گهٽ ۾ گهٽ هاڻوڪن حڪمرانن لاءِ فائديمند ٿي سگهي ٿي. هاڻوڪا حاڪم هاڻي بہ اهو ٿا سمجهن تہ ڪاوڙيل ملا ٻيهر بہ سوڀارا ٿي سگهن ٿا. جيتوڻيڪ جمهوريت پسند، لبرل سياسي ڪارڪن آمريت کي تہ لوڏي سگهن ٿا، پر انهن مان اڪثر وڪامجڻ جهڙا آهن. باقي جيتري قدر آمريڪا جي حمايت جو معاملو آهي تہ ان لاءِ اڄ افغانستان ۽ سياڻي ايران معاملو بہ سگهي ٿو جنهن ڪري اهو بعيد ناهي تہ اهو هڪ ڀيرو وري هتي ڪنهن آمر جي حمايت ڪري.

سوال اهو آهي تہ هاڻوڪي حڪمران قيادت اقتدار تي پنهنجي گرفت رکڻ ۽ چونڊيل حڪومت کي ڇو ٿي روڪڻ چاهي؟ ان جو جواب اهو آهي تہ پاڪستان جي 60 سالن جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ فوج ملڪ جي مالياتي، اقتصادي ۽ سياسي مامرن ۾ ايڏن حاوي نہ رهي آهي، جيئن اڄ آهي. لڳ ڀڳ 1500 حاضر سروس ۽ رٽائرڊ جنرل سڌي ريت وفاقي، صوبائي ۽ مقامي حڪومتن جو حصو بڻايا ويا آهن. هن وقت بہ فوج ملڪ ۾ زمينن جي خريد و فروخت ۾ سڀني کان اڳتي بيٺل آهي. هن وقت ملڪ ۾ ڪروڙپتي ماڻهن جي لسٽ ۾ اهي ماڻهو ئي ٽاپ تي آهن.

تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي تہ انڊونيشيا، نائجيريا، چلي، بوليويا، برازيل، ارجنٽينا ۽ ٻين ملڪن ۾ فوجي حڪومتن عوام تي قبضو ڄمايو پر پوءِ اها عوام جي سگهہ ئي هئي، جنهن آمريتن کي پري ٿڏي ڇڏيو سو پاڪستان ۾ بہ عوام جي سگهہ سان سامهون اچڻو آهي، جنهن ڏينهن عوام پوري سگهہ سان اٿي کڙو ٿيو سموريون آمريتي قوتون لڙهي وينديون.

(15 ڊسمبر 2006ع)

***

# سياست نشاني جي زد ۾

ڇا صدر پرويز مشرف نشاني جي زد ۾ (In The Line of Fire) ڪتاب لکي پئنڊورا باڪس کولي ڇڏيو آهي؟ سچ تہ اهو آهي تہ ملڪ جو سربراهہ هوندي هو هڪ سياسي عهدي تي فائز آهي. هو چيف آف آرمي اسٽاف جي حيثيت ۾ 22 گريڊ جو سرڪاري ملازم آهي ۽ پنهنجي مدي ۾ واڌ آڻڻ جو فائدو بہ وٺي پيو عهدي ۾ واڌ واري اها رعايت دنيا ۾ تمام گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿي آهي.

سوال اهو آهي تہ هن تي هڪ عام شهري، 22 گريڊ جي سرڪاري ملازم ۽ فوج جي سپاهي طور 1973ع جي آئين جا لاڳاپيل آرٽيڪل ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ڪٿي تائين لاڳو ٿين؟ هو صدر بہ اپريل 2002ع جي تڪراري ريفرينڊم ذريعي بڻيو جڏهن تہ عام چونڊون بہ آزاد ۽ غيرجانبدار نہ هيون. اهو ان ڪري ٿيو جو آئين ۽ قانون جنهن عوام لاءِ آهي، اهي اقتدار جو حصو ناهن. هڪ فوجي سربراهہ جنهن وٽ سڀ سياسي عهدا آهن، انڪان ڪو سوال ئي نٿو ڪري سگهي ۽ جيڪو سوال ڪندو ان کي خطا ڪاٽڻي پوندي.

مشرف پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙن سمورن سوالن جا پنهنجي ڪتاب ۾ جواب ڏيڻ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي، پر ڇا هو 8-2007ع جي چونڊن بابت اٿندڙ سوالن کي نظرانداز ڪري سگهندو؟ اهڙن سوالن کان ڊنل هجڻ ڪري ايوب خان 1964ع جي صدارتي چونڊن ۾ بہ ڊمي صدارتي اميدوار بہ دريافت ڪيا هئا. ڇو تہ هُن ۾ بزرگ خاتون فاطمہ جناح سان عوامي جلسن ۾ منهان منهن ٿيڻ جي اخلاقي جرئت نہ هئي.

ٻئي پاسي حڪومت تہ غربت کي ختم ڪرڻ جي دعويدار بہ آهي، پر اصل حقيقت اها آهي تہ هينئر بہ ملڪ جا 80 ملين کان وڌيڪ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي پيا گذارين. جڏهن تہ اڪثريت جن جون عمريون 16 کان 40 سالن جي وچ ۾ آهن، اهي بيروزگار آهن. ان ڪري ئي هوا ۾ هڪ فائر ڪيو ويو.

اهو سچ آهي تہ نواز شريف ۽ بينظير ڀٽو فوجي حڪومت سان سڌي ٽڪراءُ کان ڊنل آهن. پر اهي آئين جي دائري ۾ رهندي 60 واري ڏهاڪي ۾ ايوب خان خلاف ٿيل عوامي احتجاج کي دهرائڻ نٿا گهرن يا وري جيئن 70 واري ڏهاڪي جي پڇاڙي ۾ فوج طرفان جيئن ڀٽي خلاف منظم مهم هلائي وئي هئي. پر خلق جڏهن روڊن رستن تي نڪري ٿي تہ ان کي ان سان ڪو سروڪار ناهي تہ نواز شريف جو پرويز مشرف جي معطلي وارو فيصلو درست هو يا وري مشرف جي اقتدار سنڀالڻ تي خوشي يا ڪٿتي. ان کي ڳڻتي ان ڳالهہ جي آهي تہ هاڻ اٽو 9 روپين مان 14 روپيا ڪلو تي پهچي ويو آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد مينهن جي ڪري تباهہ ٿي چڪا آهن. برساتن سبب ماڻهو هفتن جا هفتا بلڪ مهينن تائين پوڳيندا رهيا. ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهو اڃا وڌيڪ متاثر ٿيا. اهي ماڻهو ايندڙ چونڊن ۾ ضرور ڪو نشانو وٺي اشتهاري مهم سرڪاري خرچ تي نهايت هوشياري سان هلائي. ڪنهن تجربيڪار "سيلزمين" وانگر هن پنهنجو عقاب "نشاني جي زد ۾" جي بزنس مهم هلائي پنهنجي آمريڪن پبلشر کي اهو ويساهہ ڏيارڻ ۾ ڪامياب ويو تہ هو پنهنجي ڪتاب جي رائلٽي جي سلسلي ۾ 10 لک ڊالرز کان بہ وڌيڪ رقم حاصل ڪرڻ جو حقدار آهي. ايشيائي، آفريڪي ۽ ڏکڻ آمريڪي آمرن وانگر، مشرف بہ ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو تہ ڪتاب جي مهورت سيپٽمبر مهيني ۾ نيويارڪ ۾ سڏايل گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي موقعي تي ٿئي، چو تہ هر سال سيپٽمبر مهيني ۾ سيني ملڪن جا سربراهہ ۽ آمريڪي رياستن جا سربراهہ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي خطاب ڪرڻ لاءِ نيويارڪ پهچندا آهن. اهو اهڙو موقعو هوندو آهي جنهن ۾ اهي عالمي مسئلن تي آمريڪي پاليسي کي ڪنهن رخ ۾ موڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هلندڙ سال دهشتگردي مخالف جنگ اهم موضوع هيو جنهن ۾ اهي آمريڪا جا اتحادي آهن. ان ڪانسواءِ بہ دنيا جي مختلف ملڪن جي جيو پوليٽيڪل صورتحال جي پسمنظر ۾ ڪيترائي اهم مسئلا هئا. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي سيشن آمريڪي اختيارين کي پنهنجي اتحادين سان معلومات جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ پنهنجي حڪمت عملي کي اپ ڊيٽ ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. 11/9 کانپوءِ لاڳيتو پرويز مشرف سندن انتهائي اعتماد وارو اتحادي آهي. گذريل پنجن سالن ۾ پاڪستان جي دفاعي اداري افغانستان اندر آمريڪي مفادن لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. ان ڪري هاڻي مشرف اولهہ لاءِ بنهہ ضروري ٿي پيو آهي، جيئن تہ اڄڪلهہ بش جي پنهنجي ووٽرن ۾ ساک گهٽجي رهي آهي ۽ جڏهن ريپبلڪن وچ ۾ بہ اختلاف هجن. تڏهن مشرف جي اتي موجودگي ڪيس سگهہ فراهم ڪرڻ جو ذريعو بڻيل رهي.

مشرف هوانا ۾ غيرجانبدار تحريڪ جي ڪانفرنس ۾ بہ شريڪ ٿيو. هن جي مذڪوره ڪانفرنس ۾ شرڪت تہ محض رسمي هئي، پر سندس ان موقعي تي پارٽي وزيراعظم من موهن سنگھہ سان ملاقات اهم هئي. اها ملاقات ان وقت ٿي آهي، جڏهن پاڪ پارت لاڳاپن ۾ وڇوٽي اچي وئي آهي، بنهي اڳواڻن ان موقعي تي هٿ تہ ملايو پر ڪا گرمجوشي نظر نہ آئي.

مشرف ڀيريون نشانو ان وقت ورتو جڏهن هن هڪ آمريڪي ٽي وي چئنل جي 60 منٽن واري انٽرويو ۾ آمريڪي عملدار رچرڊ آرميٽيج جو حوالو ڏيندي اهو چيو تہ آرميٽيج ڌمڪي موڪلي هئي تہ جيڪڏهن 11/9 کانپوءِ پاڪستان افغانستان تي حملي ڪرڻ ۾ ساٿ نہ ڏنو تہ ان تي بم اڇلائي ان کي پٿر واري دور ۾ اماڻيو ويندو. اهڙي بيان جي آمريڪي صدر بش ۽ آرميٽيج بہ ترديد ڪري چُڪا آهن. پر اهڙي بيان جي مشرف جي ڪتاب کي ضرورت ضرور هئي، جنهن جي ڪجهہ ئي ڏينهن پوءِ مهورت ٿي. مشرف سان گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ صدر بش ترديد ڪندي چيو تہ کنهن بہ آمريڪي پاڪستان تي بم اڇلائڻ ۽ ان کي پٿر واري دؤر ۾ موڪلڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي. ”مون اهوسڀ ڪجهہ صبح جو اخبارن ۾ پڙهيو آهي“. هن صحافين کي ٻڌايو. مشرف پنهنجي ڪتاب جي پبلسٽي کي هٿي ونرائڻ لاءِ اهو موقف اختيار ڪيو تہ ”منهنجو پبلشر سان معاهدو آهي تہ ڪتاب بابت وڌيڪ تفصيل ظاهر نہ ڪريان.“ هن پريس ڪانفرنس ڪندي چيو.

ڪتاب جي 25 سيپٽمبر تي ميڊيا جي هُل هنگامي ۾ مهورت ٿي. ڪتاب جي پبلسٽي مهم ان جي مهورت تي ختم نہ ٿي بلڪ ان لاءِ مشرف خصوصي طور تي هڪ ٽي وي جي ڪاميڊي پروگرام ۾ بہ شريڪ ٿيو. جنهن لاءِ اهو چيو ويو تہ هي پهريون موقعو آهي جو ڪنهن ملڪ جو سربراهہ اهڙي قسم جي ڪاميڊي پروگرام ۾ شريڪ پيو ٿئي. هاڻي مشرف آمريڪا ياترا مڪمل ڪرڻ کانپوءِ 27 سيپٽمبر تي لنڊن پهتو هو. سندس ملڪ واپسيءَ کان اڳ ئي ميڊيا ۾ هن جي ڪتاب جي وچورن تي گهڻو ڪجهہ لکجي چڪو آهي. مخالف ڌر خاص طور تي مسلم ليگ (ن) مشرف تي اهو الزام هنيو آهي تہ هن ڪتاب ۾ قومي راز فاش ڪري آفيشل سيڪريٽ جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. ان ۾ خاص طور تي اهو انڪشاف تہ 1999ع ۾ جڏهن ڪارگل ۾ ويڙهہ هلي پئي تڏهن پاڪستان وٽ ايٽمي سگهہ آپريشنل نہ هئي. مشرف پنهنجي ڪتاب ۾ اهو بہ لکيو آهي تہ نواز

شريف ڪارگل ايڊونچر جي منصوبا بندي ۾ شامل هو. هن ۾ اهليت نہ هئي ان ڪري دٻاءُ ۾ اچي فوجي جٿن کي اتان واپس گهرايائين. هن اهو بہ انڪشاف ڪيو آهي تہ پاڪستاني جتا ڪارگل ۾ وڙهي رهيا هئا. ۽ اهو ڪم مجاهدين جو نہ هو جڏهن تہ هيلتائين حڪومت دنيا کي مجاهدين واري ڳالهہ تي قائل ڪرڻ جي ڪوششون ڪندي پئي آئي آهي. هن ڊاڪٽر قدير خان تي سينٽري فيوج ايران ۽ اتر ڪوريا کي وڪرو ڪرڻ جا بہ الزام مڙهيا آهن.

اهي تمام وڏا الزام آهن. جيڪي هاڻي لکت ۾ محفوظ ٿي چڪا آهن. مسلم ليگ (ن) چاهي ٿي تہ ڪنيل قسم ۽ آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي پيچڪڙي ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ مشرف خلاف ڪيس هلايو وڃي. لنڊن مان ملندڙ اطلاعن موجب نواز شريف دستاويزي ثبوتن سان ان ڪتاب جو جواب ڏيڻ جي تياري پيو ڪري.

مشرف ڪان نواز شريف طرفان ڪيس هتائڻ بابت بہ سوال ڪيا ويا. جنهن جي جواب ۾ هن الزام مڙهيو تہ نواز شريف ان جهاز کي هائيجيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ هو سوار هو. اها هڪ عام ڪمرشل پي آءِ اي فلائيٽ هئي، جيڪا ڪولمبو ڪان ڪراچي پئي آئي. ان جهاز کي ڪراچي لهڻ کان منع ڪيو ويو. مشرف موجب، پاڪستان جو وزيراعظم چاهي پيو تہ اهو پارٽ ۾ ڪنهن هنڌ لهي. هاڻي اهو نواز شريف کي ثابت ڪرڻو آهي تہ مٿس مڙهيل اهو الزام غلط آهي. هر ڪو نواز شريف جي طرفان وزيراعظم طور مشرف کي معطل ڪرڻ ۽ آرمي چيف طور جنرل ضياءُ الدين بٽ جي مقرري واري اختيار کي تسليم ڪري ٿو پر ڪنهن کي بہ اها خبر ناهي تہ پي آءِ اي جي اهو جهاز هائيجيڪ ڪيو ويو هو جنهن ۾ مشرف بہ سوار هو ايئن ٽيڻ سان رڳو مشرف جي زندگي کي خطرو نہ هو بلڪ ساڻس گڏ جهاز ۾ سوار 200 مسافرن جون زندگيون بہ خطري ۾ هيون. جيڪڏهن نواز شريف اهو ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي تہ هن 12 آڪٽوبر جي شام جو پي آءِ اي جو فلائيٽ کي ڪراچي ۾ لهڻ کان نہ روڪيو هو تہ پوءِ مشرف مشڪلاتن ۾ ڦاسي پوندو. پر حقيقت اها بہ آهي تہ مشرف جي ڪتاب هر پاڪستاني سياستدان کي نشاني جي زد ۾ آڻي ڇڏيو آهي. هن مسلم ليگ (ق) جي سياستدانن کي بہ ناهي بخشيو.هن موجب اهي سمورا مسلم ليگي سندس پرسنل سيڪريٽري طارق عزيز جي هٿ جو ڪمال آهن. انهي ڪتاب مان گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهہ پڌري ٿئي ٿي تہ چوڌري شجاعت ۽ سندس سمورا حمايتي ڪيترا نہ چسا آهن. جو اجا بہ مشرف جي چؤگرد وينا آهن. مشرف

جو ڪتاب ان وقت سامهون آيو آهي جڏهن عام چونڊون ٿيڻ ۾ باقي وجي سال ڏيڍ بچيو آهي. مشرف کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته هن کي نيون چونڊون ڪرائڻيون آهن. هاڻوڪين اسيمبلين کان وردي ۾ پاڻ کي صدر چونڊرائڻو آهي يا مستقبل جو انتظار ڪرڻو آهي. هن جي ڪتاب مسلم ليگ (ق) جي ميمبرن جي وڏي اڪثريت کي ڪانئس پرڀرو ڪيو آهي. اهي پلي ته نه ڳالهائين پر اندر ۾ بريا پيا آهن. مشرف جي ڪتاب ۾ ڪيل انڪشافن سبب کين تڪليف پهتي آهي ۽ نيب طرفان احتساب جي صورت ۾ به. پر هاڻي راند مسلم ليگ (ن) ۽ پ پ پ جي هٿ ۾ آهي. اهي جيڪڏهن اها راند پنهنجي هوشياري سان کيڏن ۽ پنهنجا پتا حڪومت کان لڪل رکن ته اهي ٻوڙ ۾ وڏو سرپرائز ڏئي سگهن ٿيون. هاڻي ڏسڻو اهو به آهي ته اهي ٻئي پارٽيون ڪيترو عرصو اتحاد برقرار رکن ٿيون. بينظير ۽ نواز شريف پنهنجي انائن جا غلام آهن. جيڪڏهن مشرف دشمني کين گڏ ڪري سگهي ٿي ته ڪا اهڙي ڳالهه جيڪا ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي ناگوار گذري اها کين الڳ به ڪري سگهي ٿي.

ملان پنهنجي ڪيڏاڙ ۾ مشغول آهن. اهي ان راند ۾ فاتح آهن. انهن وٽ سرحد ۾ حڪومت آهي. بلوچستان ۾ به حڪومت جو حصو آهن ته قومي اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي سربراهي به انهن وٽ آهي. مولانا فضل الرحمان هر دور ۾ مال ڪمايو آهي. هو بينظير جي دور ۾ پرڏيهي ڪميٽي جو چيئرمين هيو تڏهن هن ڪراچي ۾ 'صائمه ٽاورس' جي تعمير جي سلسلي ۾ 2 ڪروڙ روپيا ڪمايا هئا. هن مشرف جي دور ۾ به اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان جي قبائلي ويڙهاڪن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي نالي ۾ جام ڪمايو آهي. ان صورتحال کان متاثر جماعت اسلامي جو قاضي حسين احمد ٿيو آهي جنهن جي جماعت پاڪستان جي هڪ منظم مذهبي جماعت آهي. قاضي بينظير ڀٽو سان به نٿو هلي سگهي. جنهن مٿس ڪشمير جهاد جي مد ۾ 20 ملين روپيا وٺڻ جو الزام مڙهيو هو. مشرف مخالف ڌر جي پارٽين جي انهن نا اتفاقين کي اڇالي رهيو آهي. هن پنهنجا پتا هوشياري سان کيڏيا آهن. جيتوڻيڪ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) اي آر ڊي ۾ اتحادي آهن. پوءِ به هڪٻئي کي شڪ جي نگاهه سان ڏسن ٿيون. حقيقت اها آهي ته عوام ۾ هڪ قسم جي بي چيني آهي، هاڻي ڪو اهڙو ليڊر هجي جيڪو انهن جي اڳواڻي ڪري

ايوب خان کي به خبر نه هئي ته سندس ٻالڪو ذوالفقار علي ڀٽو کيس ئي اقتدار مان ڪيئي ٻاهر ڦٽو ڪندو.

(15 آڪٽوبر 2006ع)

❊❊❊

# سنڌ بدحاليءَ ڏانهن ڇو گامزن آهي؟

تازو سامهون آيل هڪ ساليانې سروي موجب 60 گهڻ قومي آمريڪي ڪمپنين مان 94 سيڪڙو سنڌ حڪومت بابت منفي تاثر رکن ٿيون، ساڳي فارمولا کي ذهن ۾ رکندي ڪجهه برطانوي ۽ جرمن گهڻ قومي ڪمپنين به اها ڳالهه ورجائي آهي ته سنڌ صوبي جي ترقي ۾ رڪاوٽ رڳو ناقص حڪمراني ئي آهي. عالمي بئنڪ طرفان سنڌ بابت 2004ع ۾ ڪيل سروي ۾ پڻ اهو موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته سنڌ جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ Bad Governance آهي.

بدعنواني، امن امان جي خراب صورتحال، ڪمزور حڪومتي نظام جو ڏس ڏين ٿيون، اهي مامرا صوبي جي ترقي ۾ ٻئي ۽ ٽئين نمبر تي وڏا چئلينج آهن. عالمي بئنڪ جي رپورٽ ۾ ڏنل اهڙي راءِ جتي سياستدانن ۾ بي چيني پکيڙي ڇڏي آهي، اتي ڪراچي جا ڪامورا به پريشان آهن.

عالمي بئنڪ جي اها رپورٽ 100 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن کي ستن بابن ۾ روهايو ويو آهي. ان ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ صوبو اقتصاديات، مينو فيڪچرنگ، زراعت، سروسز تعليم ۽ سماجي شعبن ۾ لڳاتار زوال پذير آهي.

رپورٽ موجب سنڌ ۾ بي زمين هارين جو وڏو انگ موجود آهي. جڏهن ته گهڻي زمين رکندڙ زميندارن طرفان هارين کي اُپت مان بنهه گهٽ حصو ڏيڻ جو سلسلو به برقرار آهي.

جڏهن ته گذريل ڇئن سالن کان خشڪ سالي سبب فصل تباهه ۽ چوپايو مال ختم ٿي ويو آهي. ان ڪري سنڌ جي ٻهراڙين جي 50 سيڪڙو کان وڌيڪ آبادي انتهائي غربت ۾ زندگي گذاري رهي آهي. باوجود ان جي رپورٽ ۾ ان ڳالهه جو به اعتراف ڪيل آهي ته سنڌ ملڪ جو اهو صوبو آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ ملڪ کي 40 سيڪڙو مينو فيڪچرنگ مهيا ڪندو هو.

قدرتي وسيلن ۾ مالا مال هن صوبي وٽ ملڪ جي ڪل قدرتي وسيلن جا 3/1 ذخيرا موجود آهن. هڪڙي دور ۾ اهو زرعي جنسون وڏي پئماني تي مهيا ڪرڻ ۾ بہ خود ڪفيل هو. پاڪستان جي قيام وقت ڪراچي ۾ قومي سطح تي مقرر في شرح تناسب جي ڀيٽ ۾ اها شرح 55 سيڪڙو وڌيڪ هئي. اڻويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ ڪراچي ايشيا جو واحد شهر هيو جنهن کي پنهنجو ايئرپورٽ بہ هو تہ ان جي ساموندي بندرگاهہ تان يورپ کي ڪپهہ ۽ اناج موڪليو ويندو هو. شهر جو ايئرپورٽ روڊ ۽ ريل رستي ملڪ جي سيني شهرن سان ڳنڍيل هو ۽ اهو يارت ۽ وچ ايشيا تائين رابطن جي وسعت رکندو هو. صوبي ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جي وڏي انگ هجڻ سان گڏ واپاري طبقو پڙهيل لکيل مزدور طبقو ۽ سکيا جا سٺا ادارا موجود هئا.

رپورٽ اهو بہ پڌرو تي ڪري تہ سنڌ صوبو ترقي وارو گس ونڻ بدران ڏينهون ڏينهن پٺتي وڃي رهيو آهي. خاص طور ان ۾ بيروزگاري وڏي پئماني تي وڌي رهي آهي. ڏنل انگن اکرن موجب ”2003_4ع ۾ صوبي اندر بيروزگارن جو انگ 610,000 هيو جڏهن تہ ايندڙ ڏهن سالن تائين هر سال ان ۾ پنج لک بيروزگارن جي واڌ جو امڪان آهي. پائيدار ترقي جنهن جو ريشو بہ سالياني 8_7 سيڪڙو هجي، ڪانسواءِ سنڌ اندر 2013ع تائين بيروزگارن جو انگ 16 لک تي ويندو.“ رپورٽ ۾ خبردار ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف صوبي جو ملڪي جي ڊي پي ۾ بہ حصو مسلسل گهٽجي رهيو آهي. خاص طور مينوفيڪچرنگ، ماليات، انشورنس، ٽرانسپورٽ ۽ ڪميونيڪيشن ۾ ان جي ڪارڪردگي ڪافي متاثر ٿي آهي.

عالمي بئنڪ جي مشاهدي موجب سنڌ ۾ باقي ملڪ جي ڀيٽ ۾ ترقي جي رفتار بہ انتهائي سست آهي. مثال طور 1998_99ع ۽ 2004_5ع ۾ صوبي جي خواندگي شرح ۾ معمولي واڌ آئي ۽ اهو 51 مان 56 سيڪڙو کي پهتو. جڏهن تہ باقي ملڪ ۾ خواندگي شرح ۾ 8 سيڪڙو واڌ آئي، اهو تمام وڏو فرق آهي.

سنڌ ۾ 1995_96ع کان 2001_2 ع تائين غربت 23.4 سيڪڙو مان وڌي 40.4 کي پهتي هئي. جڏهن تہ 1995ع ۾ قومي سطح تي غربت جو ريشو 30.1 ۽ سال 2001_2ع ۾ 36.4 سيڪڙو هو.

عالمي بئنڪ پنهنجي رپورٽ ۾ اهو سوال اٿاريو آهي ته آخر سنڌ ترقيءَ جي ميدان ۾ ٻين صوبن کان ڇو پٺتي آهي، ۽ اتي غربت ۾ گهٽتائي ۽ سماجي اوسر ڇو نه ٿي ٿئي؟

رپورٽ ۾ ان سوال جو جواب ڳوليندي اهو به چيو ويو آهي ته سنڌ ۾ سياسي محرومي به آهي ته هتي سياسي پارٽيون به لساني بنيادن تي ٺهيل آهن ۽ هي واحد صوبو آهي جتي سياستدان پنهنجي مفادن خاطر لساني بنيادن تي گڏجي وڃن ٿا. جڏهن واپار سان لاڳاپيل معاملن ڏانهن ٻي ڌياني ۽ ڪامورن جي اڏنگي هلت سبب بزنس ڪميونٽي ۽ حڪومت وچ ۾ بي اعتمادي وڌي آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته صوبي جي ترقي لاءِ وڏج واپار ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻو پوندو ڇاڪاڻ جو ان طرف ڌيان نه ڏيڻ سبب ماڻهن جو وڏو انگ غربت جي سطح کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي.

”حڪومت مستقبل جي اقتصادي ترقي بابت ڪو Vision نٿي رکي“ هڪ گهڻ قومي ڪمپني جي سربراهه ٻڌايو.

واضح رهي ته ظاهري طرح اهو ٻڌايو ويجي ٿو ته چيف منسٽر هائوس ۾ انويسٽمينٽ سيل قائم ٿيل آهي، جڏهن ته اڪثر سيڙپڪار ۽ صنعتڪار اهڙي ڪنهن سيل کان اڻ اوقف آهن. ڇو ته اهو اهڙو نالي ۾ نهال سيل آهي، جيڪو نه ته ڪڏهن سيڙپڪارن سان ملڻ جي زحمت ڪري ٿو نه وري ان جا پرڏيهي سيڙپڪارن سان ڪي رابطا آهن. ان صورت ۾ پيلا سنڌ ڪيئن ترقي جي راهه تي گامزن ٿيندي؟

(15 آڪٽوبر 2006ع)

***

## جمهوري ۽ اصولي سياست کان وانجهيل اسيمبليون

ڇا اسان جمهوريت جا حقدار آهيون؟ اهو اهڙو سوال آهي جيڪو سنڌ، بلوچستان ۽ ٻين صوبائي اسيمبلين جا اجلاس ڏسڻ کانپوءِ اڀري ٿو. مختلف ضلعي اسيمبلين ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو اهو ڏسي شرم وچان اسان جا ڪنڌ جهڪي وڃن ٿا. اهو صحيح آهي ته ڪيترن ئي ملڪن جي اسيمبلين ۾ دنگل، هڪٻئي کي ٺونشا هڻڻ، جهيڙي ڪرڻ، نعري بازي ۽ انهي حد تائين جو هڪٻئي مٿان جوتا اڇلائڻ جا واقعا به ٿيندا رهيا آهن. اهڙا مثال به موجود آهن جڏهن پارليامينٽ ۾ هڪٻئي تي بندوقون اُپيون ڪيون ويون، خاص طور تي جاپان، تائيوان ۽ اٽلي اهڙا ملڪ آهن، جتي اهڙا مثال ملن ٿا. پر انهن ملڪن لاءِ اهو سڀ ڪجهه عارضي هوندو آهي، مجموعي طرح جمهوري ڪلچر جي پاسداري ڪئي ويندي آهي. اهڙا ماڻهو جيڪي اهڙن عملن ۾ ملوث هوندا آهن تن کي تاريخ جي ڪٻاڙخاني ۾ ڦٽو ڪيو ويندو آهي.

ليڪن پاڪستان ۾ ان جي ڳالهه ئي اور آهي. پاڪستان ان ڪري قيام ۾ اچي سگهيو جو 1946ع ۾ بنگالين جي وڏي اڪثريت پاڪستان جي قيام لاءِ مسلم ليگ کي ووٽ ڏنو. سنڌي ماڻهن به ايئن ڪيو. جڏهن ته پنجابي ان ڪاروان ۾ گهڻو پوءِ شامل ٿيا، جڏهن انهن پنهنجي لاءِ پاڪستان ۾ گهڻا موقعا ڏٺا. سرحد صوبي ۾ چونڊيل ڪانگريس، خدائي خدمتگار حڪومت هئي، پر ان کي ريفرينڊم وسيلي ۽ بلوچستان جي نمائندن کي نظر انداز ڪندي بلوچستان کي پاڪستان ۾ شامل ڪرڻ وارو فيصلو ڪيو ويو.

پاڪستان جي قيام يعني 1947ع ڪانپوءِ گورنر جنرل محمد علي جناح ڪابينا جي گڏجاڻي جي صدارت ڪندو هو. هن ڊاڪٽر خان صاحب جي چونڊيل سرحد حڪومت کي معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. بلوچستان کي سدائين ڳرن بوٽن هيٺان رکيو ويو اتي هر فوجي ايڪشن ڪانپوءِ ٻيو ڪيو ويو. ڪراچي شهر جيڪو سنڌ جي آمدني جو مک ذريعو آهي ان کي سنڌ کان الڳ ڪيو ويو ۽ ايوب کهڙي کي وڏ وزارت تان جبري طرح هٽايو ويو. ان ڪانپوءِ سگهاري مرڪزي سرڪار ساڳي ئي ايوب کهڙي کي پاڻ وٽ گهرائي ون يونٽ جي حق ۾ اڪثريتي ووٽ حاصل ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏنو ۽ هن ايئن ڪري ڏيکاريو. اسيمبلي جي 96 ميمبرن ون يونٽ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو غلام علي ٽالپر. انهن چئن اسيمبلي ميمبرن مان هڪ هو جن ون يونٽ خلاف ووٽ ڏنو. ٽالپر کي ان پاداش ۾ گرفتار ڪري سخت آرهڙ جي ڏينهن ۾ اُٺ تي ويهاري مٿي نيو ويو. جي ايم سيد کي نظر بند ڪيو ويو. نوابزادي زاهد علي خان کي مورڳو سياست مان ئي نيڪالي ڏني وئي.

ڪميونسٽن پنهنجي ايبڊونچرازم جي ڪري پوڳيو. سمورا جمهوريت پسند، ڪميونسٽ، قومپرست، مذهبي توڙي ٻيا سياستدان هڪ عذاب مان گذريا، پر انهن پنهنجو اعتماد نہ وڃايو. حيدربخش جتوئي، غوث بخش بزنجو جي ايم سيد، مفتي محمود، مولوي فضل حق، مولوي تميزالدين، حسين شهيد سهروردي ۽ ٻيا عتاب هيٺ آيا. انهن مان هر هڪ مختلف وقتن تي ڏکين مرحلن مان گذريو. پر انهن مان ڪنهن بہ ڪڏهن بدزباني نہ ڪئي، نہ وري ڪا سازش سٽي. انهن پنهنجي شفاف ڪردار، مقصد سان سچائي، ۽ عوام لاءِ ڪرو ڳالهائڻ سبب هميشہ عزت ڪمائي، انهن جا مخالف بہ سندن عزت، احترام ڪندا هئا. باوجود ان جي مٿن غدار، ملڪ دشمن ۽ اسلام مخالف جا الزام مڙهيا ويا، بلڪ اهو جڻ تہ هڪ فيشن بڻجي چڪو هو. "اسلام آباد رڳو محب وطنن کي چاهي ٿو" جي ڳالهہ پٺي هلندي هئي. ليڪن حيدربخش جتوئي، بزنجو مفتي محمود يا انهي سطح جي ٻين اڳواڻن ڪڏهن بہ ايوب خان، يحيٰ خان يا ٻين کي برو ڀلو نہ چيو. ايئن بہ ناهي تہ اهي اڳواڻ ڪو حڪومت سان ٺهي هليا، بلڪ اهي آمرن طرفان

ڪرايل چونڊن ۾ نہ رڳو بيٺا، پر ڀرپور مقابلو بہ ڪيائون. انهن مختلف فورمن تي ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ ۾ شرڪت ڪئي ۽ حڪومت کي واڪو ڪندا رهيا. بزنجو آخر تائين نہ ٿڪو ۽ آخري پل تائين جدوجهد ڪيائين. هن ڪڏهن بہ آمرن سان ناهہ نہ ڪيو. ليڪن هو 1972ع کانپوءِ آمرن يا پنهنجو طرفان جوڙيل فريم ورڪ ۾ بہ ڪو ڳٽپ جوڳو ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر رهيو. بزنجو ٿڌو مزاج رکندڙ هو. جڏهن ڳالهہ اصولن جي ايندي هئي تہ سوديبازي بنهہ نہ ڪندو هو. ايئن سمجهو تہ هو پاڪستان جي نهايت سچن سياستدانن مان هڪ هو.

مشرف 12 آڪٽوبر 1999ع جي رات جو اقتدار سنڀاليو هن پنهنجي حڪومت کي جمهوري ڪور ڏيڻ لاءِ پنهنجو هڪ الڳ ٿلڳ منصوبو جوڙيو. سياسي ڌرين سندس پلان تي هلندي چونڊن ۾ حصو ورتو. چونڊن بابت جوڙيل فريم ورڪ اهڙو ئي هو جهڙو ڪنهن آمر جو ٿي سگهي ٿو. تڪ اهڙي طرح جوڙيا ويا جيئن ”ڪنگز جا ماڻهو“ کٽي سگهن. پولنگ اسٽيشنون بہ حڪمران ڌر جي اميدوارن جي خواهش موجب رکيون ويون. باوجود ان جي پ پ، مسلم ليگ (ن) ۽ ٻين پارٽين قومي، صوبائي اسيمبلين ۽ سينيٽ جون چونڊون کٽيون.

حڪمران ڌر مخالف ڌر جي اميدوارن کي مال مليدا ڏئي يا ڊيڄاري پنهنجي پاسي ڪيو جيڪا ڳالهہ هاڻي پاڪستان ۾ نئين ناهي رهي. ائين ماضي ۾ بہ ٿيندو رهيو آهي ۽ مستقبل ۾ بہ ٿيندو رهندو. ليڪن ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اصول پرست سياستدانن کي پنهنجو ڪردار پوءِ بہ نڀائڻ گهرجي. انهن کي گهرجي تہ اهي حڪومت جي غلط ڪارين کي واڪو ڪن. بجيٽ سيشن بہ اهڙن موقعن مان هڪ اهم موقعو هوندو آهي. ليڪن هلندڙ سال ڇا ٿيو؟

5 جون تي ناٽي واري وفاقي وزير عمر ايوب خان هڪ سياسي تقرير ڪئي، مخالف ڌر جا ميمبر رڳو ٻيسڪون وڄائي گوڙ ڪندا رهيا. رڳو اڪيلي شيري رحمان، نادرا جي معاملي تي سنجيدگي سان بحث ڪيو. ڊفينس بابت رکيل فنڊن بابت بحث ڪرڻ جي اجازت ئي نہ ڏني وئي.

جڏهن تہ باقي ٻين ڳجهن ادارن لاءِ رکيل فنڊن جو معاملو اٿاري پيو سگهجي. انهن ڳجهن توڙي سول ادارن جي مامرن کي جيڪڏهن چونڊيل ايوان ۾ آندو وڃي ها تہ ڪافي تحفظ مهيا ٿي سگهيو ٿي.

هاڻي اچون ٿا سنڌ اسيمبلي ڏانهن. اسيمبلي ميمبر احتجاج ۾ پلي ڪارڊ کڻي اٿي بيهي رهيا. بجيٽ تقرير ٿي وئي. پر ڪنهن بہ ميمبر ڪائونٽنگ جي نقطئہ نظر سان ڪو بہ نقطو نہ اٿاريو. حالانڪہ گذريل ٽن سالن کان سنڌ حڪومت ان حوالي سان ڪافي غلط ڪاريون بہ ڪيون آهن. حقيقت اها آهي تہ سنڌ حڪومت جيترو ڪجهہ بجيٽ ۾ ٻڌائي پئي ان کان گهڻو وڌيڪ لڪائي بہ ٿي. مخالف ڌر جي ميمبرن کي گهرجي تہ اهي هميشہ بجيٽ معاملي تي ڪا حڪمت عملي جوڙي حڪومت کي وائکو ڪري سگهن ٿا. صحيح حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ۽ پرپور تياري جي صورت ۾ ڪين سرڪاري ميمبرن جي بہ حمايت حاصل ٿي سگهي ٿي.

ان ڪانسواءِ سنڌ اسيمبلي ۾ اهو بہ تمام برو ٿيو. جنهن ۾ پ پ جي چئن اسيمبلي ميمبرن، حڪمران ڌر جي هڪ هندو ميمبر کي ايوان ۾ مار ڪُٽ ڪئي، جيڪڏهن ايشور لال پ پ جي خاتون ميمبر کي ڪو غلط پيغام موڪليو بہ هو تڏهن بہ ان جو بهتر طريقئہ ڪار اهو هو تہ ان جي اسپيڪر وٽ شڪايت ڪئي وڃي ها. ڪيس عدالت ۾ ڪنيو وڃي ها يا وري عوام جي سامهون آندو وڃي ها. حڪومتي اقليتي ميمبر کي ايوان ۾ مار ڪندي پ پ جا چار ميمبر پنهنجي خاتون اسيمبلي ميمبرن جي همدردي تہ حاصل ڪري سگهيا آهن، پر مجموعي طرح سندن ڪيس ڪمزور ٿيو آهي.

ارباب رحيم وزيراعليٰ طور جيڪو ڪجهہ ڪري پيو ڪيس اهو ننڍو سونهين. لڳي ائين ٿو تہ سڀ ڪٺ پتلي پنهنجي ”باس“ جي ٻولي ڳالهائي رهيا آهن. ارباب رحيم جيڪو بہ ڪجهہ ڪري پيو ان جي سندس ماڻهن طرفان ساراهہ جا ڍڪ ڀريا پيا وڃن. حالانڪہ جيڪي جمهوريت، اصولن ۽ صاف ستري سياست جا دعويدار آهن. انهن کي تنقيد بہ برداشت ڪرڻ گهرجي، اختلاف راءِ جو احترام ڪرڻ گهرجي.

20 جون تي جڏهن بلوچستان اسيمبلي ۾ صوبائي بجيٽ پيش ڪئي وئي. تڏهن اتي جيڪي ٿيو اهو بہ نهايت بدتر هيو. جنهن وقت اتان جو صوبائي ناڻي وارو وزير احسان شاهہ بجيٽ تقرير ڪري رهيو هو. ان وقت مخالف ڌر نہ رڳو نعرا هڻندي گوڙ ڪيو بلڪ بجيٽ جا ڪاغذ بہ ڦاڙي ڇڏيا. ان بجيٽ جون ڪاپيون ڦاڙي ايوان ۾ اڇلايون ۽ ڊيسڪون وڄائيندا رهيا. بجيٽ جي حوالي سان نہ تہ مخالف ڌر ڪا ڪم جي ڳالهہ ڪئي، نہ وري حڪومت ڪو بجيٽ بابت ڪارائتو بحث مباحثو ڪيو. حقيقت اها آهي تہ بلوچستان جي گئس جي آمدني وفاق ڏانهن ويندي رهي ٿي. اهو اهڙو اشو آهي جنهن تي حڪومتي ۽ مخالف ڌر جا ميمبر هڪ ٿي سگهن ٿا. پر افسوس جو بلوچستان اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي ميمبرن ان آپشن تي سوچيو ئي نہ.

ڪراچي جي ڊسٽرڪٽ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر وڏو اُڌم مچايو انهن بجيٽ جا ڪاغذ ڦاڙي ڇڏيا. ايم ڪيو ايم ڪي اي ايس جي پرفارمنس مان مطئمن ناهي. مخالف ڌر اُن اهم اشو تي ايم ڪيو ايم سان گڏجي وفاقي ۽ سنڌ حڪومت تي دٻاءُ وجهي مسئلو حل ڪرائي ٿي سگهي. ايئن ڪرڻ سان توهان کي پنهنجن ماڻهن جي حمايت بہ ملي پوي ها.

هينئر تائين ٿيندو اهو آيو آهي تہ مخالف ڌر بہ آمرن طرفان ناهيل فريم ورڪ ۾ چونڊون وڙهندي آئي آهي. اهي پنهنجي لاءِ جدوجهد جو کهڙو گس ٿا چونڊين، ان لاءِ اهي آزاد آهن، پر انهن کي سوشيو اڪنامڪ صورتحال تي بہ نظر رکڻ گهرجي. ايڊونچرازم، قيمتي زندگيون وڃي سگهي ٿو آمريت جي زندگي وڌائي سگهي ٿو باقي ان مان حقيقي جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪرڻ وقت سماجي ۽ معاشي حالتن کي نظر انداز نہ ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ ان مان نہ رڳو توهان کي پر توهان جي ايندڙ نسل کي بہ فائدو پوندو.

(15 جولاءِ 2006ع)

***

# غريب ۽ غربت جو گھاٽو ڳنڍ ڳنڍ هلن ٿا

پاڪستان ۾ اها روايت رهي آهي ته مخالف ڌر جون پارٽيون ۽ اڳواڻ حڪومت طرفان ڪيل دعوائن بابت حقيقتون ڄاڻڻ ڪانسواءِ ئي انهن کي رد ڪري ڇڏيندا آهن، باقي جيڪڏهن ڪو حڪومت واري پاسي آهي ته هتي ڪير ۽ ماڪي جون نديون وهڻ سميت هر دعويٰ قبول ڪئي ويندي آهي. پر جيڪڏهن توهان مخالف پاسي آهيو ته پوءِ حڪومت هميشه غلط ئي آهي.

ليڪن جن ماڻهن کي اقتصاديات ۽ علم سياست جي ٿوري گهڻي به خبر آهي ته اهي حڪومت جي اهڙين دعوائن جو ڀرپور تجزيو ڪندا آهن، اهڙين دعوائن جي ميرٽ ۽ حقيقتن آڌار تڪ تور ڪئي ويندي آهي. اچو ته حڪومت طرفان غربت جي خاتمي بابت ڪيل دعوائن جو مشاهدو ڪريون ۽ ڏسون ته حڪومت غربت جي خاتمي ۽ بيروزگاري گهٽائڻ لاءِ ڇا ڇا ڪيو آهي؟ اهو فيبروري مهيني جو آخري ڏينهن هو جڏهن نيشنل اڪانامڪس ڪائونسل ۾ حڪومت طرفان پڌرو ڪيو ويو ته حڪومت ملڪ ۾ 5.5 ملين نيون ملازمتون ڏئي سگهڻ جي پوزيشن ۾ آهي. جنهن سان بيروزگاري 7.7 سيڪڙو کان 6.8 سيڪڙو تائين گهٽجي ويندي. ساڳي وقت ملڪ ۾ غربت جي شرح به 32.1 سيڪڙو کان گهٽجي 25.4 سيڪڙو تي اچي بيهندي. جنهن جي معنيٰ اها آهي ته حڪومت 6.7 سيڪڙو غربت گهٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي ۽ بيروزگاري جي شرح ۾ به 1.2 سيڪڙو گهٽتائي آندي.

حڪومت جي مذڪوره دعوائن جو بنياد 5_2004ع ۾ ڪيل پاڪستان سوشل اينڊ لِونگ ميئرمينٽ سروي (PSLM) آهي. حڪومت پلاننگ ڪميشن ۽ اين جي اوز جي ان سلسلي ۾ ڪيل مشق ڪانپوءِ ان

سروي جا نتيجا مڪمل طور پڌرا ڪري ڇڏيا. انهن سڌارن ۾ به اها ڳالهه چئي وئي هئي ته انهن جو مدار حڪومت طرفان اقتصادي ترقي آڻڻ سان مشروط آهي. نيشنل اڪانامڪ ڪائونسل کي اهو پڻ ٻڌايو ويو ته هلندڙ مالي سال دوران پاڪستان جي اقتصادي ترقي جي شرح 6.5 سيڪڙو کان 7 سيڪڙو رهندي.

ان کانپوءِ لنڊن عالمي سيڙپڪاري ڪانفرنس ۾ وزيراعظم جي ناڻي واري صلاحڪار ڊاڪٽر سلمان شاهه به ان جي تصديق ڪئي ته هلندڙ مالي سال دوران پاڪستان ۾ اقتصادي ترقي جي شرح 6.5 سيڪڙو کان 7 سيڪڙو رهندي. هن پاڪستان ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري بابت نهايت وڏيون دعوائون ڪيون ۽ اهو به چيو ته پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا پاڪستان ۾ به بلين ڊالرز کان به وڌي ويندا. ايئن به هفتا به نه گذريا هوندا جو 13 مارچ تي ”ڊان“ اخبار ۾ پلاننگ ڪميشن جي حوالي سان رپورٽ شايع ٿي ته ڪميشن 6_ 2005 بابت اقتصادي ترقي جي حوالي سان شين جو ٻيهر جائزو وٺي رهي آهي ۽ هاڻي اقتصادي ترقي جي شرح 6.2 سيڪڙو متوقع آهي . حقيقت ۾ ترقياتي شرح ۾ گهٽتائي ڪرڻ اقتصاديات جي سيني شعبن جي حوالي سان سمجهي وڃي، ٻيهر جائزي کانپوءِ اها گهٽتائي تڏهن سامهون آئي جڏهن آءِ ايم ايف جي ٽيم پاڪستان جو دورو ڪري، سينيئر عملدارن سان گڏجاڻيون ڪري وئي. ان جي آخر معنيٰ ڇا ٿي؟ انهي جي معنيٰ اها به ٿئي ٿي ته آءِ ايم ايف پاڪستان جي اقتصادي ترقي بابت ڪيل دعوائن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. واضح رهي ته پوءِ حڪومت طرفان غربت ۽ بيروزگاري جي شرح ۾ گهٽتائي واريون دعوائون به مشڪوڪ ٿي وڃي ٿيون. مسئلو اهو آهي ته حڪومت غربت کي مٿاڇري نظر سان ڏسي ٿي، ان ڪري ان کي ملڪ ۾ خوشحالي نظر اچي ٿي. جون 2005ع ۾ بجيٽ پيش ڪرڻ وقت وزيراعظم شوڪت عزيز پنهنجي تقرير ۾ ساڳي ئي پاڪستان سوشل اينڊ لونگ ميئرمينٽ سروي جو حوالو ڏيندي چيو هو ته پاڪستان ۾ اهڙن ڪٽنبن جو انگ وڌي رهيو آهي جيڪي هڪ ڪمري ۾ هڪ ئي وقت گهڻا ماڻهو رهن ٿا.

وزيراعظم ۽ سندس ٽيم جا ميمبر ڪيترائي ڀيرا اها ڳالهه دهرائي چڪا آهن ته پاڪستان ۾ خوشحالي وڌي رهي آهي. ايئن ان ڪري چيو

وجي ٿو جو ماڻهو وڏيڪ ڪارون خريد پيا ڪن. موٽر سائيڪلون، ايئرڪنڊيشنر، ٽي وي، واشنگ مشينون ۽ موبائيل فونون خريد ڪن پيا. اها حقيقت آهي تہ اسان وٽ ويجهڙ ۾ ڪارن، موٽر سائيڪلن، ٽيليويزن، ايئرڪنڊيشنر ۽ موبائل فونن جي خريداري وڌي آهي، پر ان جو ڪارڻ بئنڪن طرفان قرض ڏيڻ پڻ آهي. پر 15 ڪروڙ آبادي مان ڪيترا ماڻهو هوندا جيڪي بئنڪن کان قرض حاصل ڪري سگهڻ جي پوزيشن ۾ هوندا؟ جيڪڏهن اسان جي ملڪ ۾ 2 ڪروڙ موبائيل فون آهن تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ ماڻهن جو وڏو انگ خوشحال آهي.

ڏنو وڃي تہ پرويز مشرف ۽ شوڪت عزيز جي دور ۾ غربت گهٽجڻ بدران ان ۾ واڌ آئي آهي. مشرف 1999ع ۾ اقتداري واڳون سنڀاليون، هن هڪ هفتي اندر آءِ ايم ايف سان اسٽرڪچرل ايڊجسٽمينٽ جي هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون. آءِ ايم ايف پاڪستان کي واضح طور چيو تہ بجيٽ خسارو گهٽايو، روينيو وڌايو ۽ نجڪاري تيز ڪريو. هنن بجيٽ خسارو ترقياتي اسڪيمن مان ڪٽوتي ڪري گهٽايو. جڏهن تہ دفاع ۽ اسٽيبلشمينٽ مان ڪا ڪٽوتي نہ ڪئي وئي. حڪومت ترقياتي بجيٽ گهٽائڻ کانپوءِ کاڌي پيتي جي شين کان ويندي دوائن تي بہ ٽيڪس مڙهي ڇڏيو.

آءِ ايم ايف جي منصوبن پاڪستان ۾ غربت جي صورتحال اڃا بہ بدتر ڪئي آهي. غربت جي ڪٽ گهريلو آمدني تي ڪئي ويجي ٿي ۽ خرچن جو ڪاٿو هر ڏهن سالن کانپوءِ ناٽي واڌ جي حساب سان ڪيو ويجي ٿو. گهريلو آمدني ۽ خرچن بابت سال 01-2000ع بابت ڪيل سروي تيار آهي. اڪنامڪ سروي 99، اها سروي پڌري ڪرڻ جو واعدو تہ ڪيو آهي پر اڃا پڌري ناهي ڪئي. ان وقت بہ ميڊيا ۾ ملڪ ۾ وڌندڙ غربت جي حوالي سان رڙ هئي. چيو ويجي ٿو تہ 90 واري ڏهاڪي ۾ غربت جي شرح 36 سيڪڙو کان وڌي 40 سيڪڙو کي پهتي آهي.

گهريلو آمدني ۽ خرچن بابت اها رپورٽ پڌري ڪرڻ بدران حڪومت ان کي اهو عذر ڏئي پوئتي ڌڪي ڇڏيو تہ ان بابت حقيقتون تفصيلي طور پڌريون ڪيون وينديون، باوجود ان جي حڪومت اهي دعوائون پئي ڪري

تہ پاڪستان ۾ ڪا غربت ناهي. پر تڏهوڪي دور ۾ ئي عالمي بئنڪ جي ٽيم جي سربراھ خاتون ڊاڪٽر تارا وشونات سال 2001ع جي پاڪستان حڪومت طرفان ڪيل سروي جي بنياد تي ماڻهن کي ٻڌايو تہ پاڪستان ۾ غربت خطرناڪ حدتائين وڌي چڪي آهي. ويجهڙ ۾ ئي ميڊيا ۾ گهريلو آمدني ۽ خرچن بابت رپورٽ کي سرد خاني حوالي ڪرڻ ۽ غربت بابت عالمي بئنڪ جي ڏنل رپورٽ جي حڪومتي سطح تي ترديد ڪئي وئي آهي. حڪومتي اختيارين جو چوڻ هو تہ سروي رپورٽ سرد خاني حوالي ناهي ڪئي وئي، بلڪ فني بنيادن تي روڪي وئي آهي. جڏهن تہ حڪومت عالمي بئنڪ جي غربت بابت ڏنل رپورٽ تي ڪجھ بہ چوڻ کان پاسو ڪيو. پر ان کانپوءِ ڪراچي ۾ اعليٰ سرڪاري اختيارين نڪ نرجائي ڪندي اهو چيو تہ جيئن تہ عالمي بئنڪ جي سربراھ هڪ هندو عورت هئي، ان ڪري هن پاڪستان ۾ غربت واري معاملي کي وڌائي پيش ڪيو.

ان کانپوءِ 11/9 وارو واقعو ٿي پيو جنهن پاڪستان لاءِ بهترين موقعا پئدا ڪيا. اهڙي ريت ڪافي مامرن "يوٽرن" ورتو ۽ پاڪستان ۾ ڊالرن جو وهڪرو ائين شروع ٿي ويو جيئن 1978ع ۾ سوويت يونين جي افغانستان ۾ داخل ٿيڻ وقت ٿيو هو. پاڪستان پنهنجي قيمت وصول ڪئي ۽ 11 بلين ڊالرز قرض جي سلسلي ۾ رليف ورتو. اهڙي ريت پاڪستان آمريڪا ۽ يورپ جي مارڪيٽن تائين رسائي حاصل ڪئي ۽ ايئن هر سال 700 ملين آمريڪن ڊالرز جي مدد بہ ورتي. پاڪستان ۾ پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن ۾ پهرين 11 بلين ڊالر گڏ ٿي ويا. پوءِ اهي وڌي وڃي 13 بلين ڊالرز ٿيا.

پر انهن وسيلن جي موجودگي جو پاڪستان جي غريب ماڻهو کي ڪو فائدو نہ ٿيو. انهي حد تائين جو بجيٽ ۾ بہ غريب ماڻهو کي رليف نہ ڏنو ويو. سال 2002ع کان جڏهن پاڪستان حڪومت "يوٽرن" ورتو تڏهن کان بجيٽ اهڙي ناهي وئي جو امير، امير ترين ٿئي ۽ غريب کي خدا جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو. فطرت بہ بي رحم ٿئي ٿي، پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو ڇٽن سالن جو ڏڪار آيو. ٻهراڙي جا علائقا سخت متاثر ٿيا. سال ۾ زرعي ترقي سختي متاثر ٿي. جڏهن تہ سال 2001ع ۾ بہ ان ۾ معمولي بهتري آئي.

سنڌو درياهہ جي پچاڙڪن علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب ماڻهو ڏڪار کان وڌيڪ متاثر ٿيا. انڊس ڊيلٽا ۾ درياهہ جي پاڻي جو وهڪرو گهٽجڻ سبب سمنڊ جو پاڻي مٿي چڙهڻ لڳو جنهن ڪري رڳو بدين ۽ ٺٽي ضلعن ۾ 14 لک ايڪڙ زمين لوڻياٺ جو شڪار ٿي وئي آهي. مذڪوره علائقن ۾ چوپائي مال کي بہ وڏو نقصان رسيو آهي. هاري ڪٽنب بي گهر ٿي ويا آهن. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي شرح 50 سيڪڙو وڃي بيٺي آهي. انهي جو آخر ڇا مطلب آهي؟ انهي جو مطلب ايئن ٿو سمجهہ ۾ اچي تہ 15 ڪروڙ عوام مان لڳ ڀڳ ساڍا ست ڪروڙ ماڻهو ٻهراڙين ۾ رهن ٿا، جن کي سر ڍڪڻ لاءِ اجهو بہ ميسر ناهي، نہ وري ڪاڌ خوراڪ ۽ پائڻ لاءِ موچارا ڪپڙا.

اسان جي ملڪ ۾ ڏتڙيل هارين لاءِ ڪو بہ منصوبو ناهي، حالانڪ ٻين ملڪن ۾ حڪومتون ۽ بئنڪون ڏتڙيل هارين لاءِ پئڪيج آڇينديون آهن ۽ کين ان هنڌ ئي بحالي جو موقعو مهيا ڪيو ويندو آهي، جتي اهي اڳ ۾ ئي رهندا هئا. انهن کي ڍور ڍڳا ۽ زرعي سامان وٺڻ لاءِ رقم ڏني ويندي آهي. غريب هارين کي زڪوات جي ضرورت ناهي، کين اهڙي قسم جي مالي مدد جي ضرورت آهي، جنهن سان اهي عزت جي دال روٽي ڪمائي سماج ۾ پنهنجو بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن.

پاڪستان جي خوشحالي هتان جي هارين جي خوشحالي ۾ آهي، هاري ئي ملڪ جي مارڪيٽ وڌائي ٿو صنعت هارين جي خوشحالي سان وڌيڪ ناڻو ڪمائي سگهندي.

انهيءَ ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ گذريل ڪجهہ سالن ۾ بئنڪن طرفان قرض ڏيڻ واري اختيار ڪيل پاليسيءَ سبب جتي ملڪ ۾ ڪارن، موٽر سائيڪلن ۽ اليڪٽرانڪ شين ۾ اضافو ٿيو آهي. اتي ڪراچي، لاهور، راولپنڊي، مري ۽ ڪجهہ ٻين جاين تي تعميرات جي شعبي بہ چڱي ترقي ڪئي آهي. سرڪاري پاليسين سبب اقتصادي سيڪٽر وسعت اختيار ڪئي آهي. بئنڪون بهتر منافعي جا اعلان ڪري رهيون آهن. نيشنلائيزڊ بئنڪن وٽ هينئر 15 هزار جي لڳ ڀڳ ملازم آهن. حڪومت حبيب بئنڪ ۽ يونائيٽيڊ بئنڪ کي 40 بلين روپيا ٽيڪس وصولي مان مدد طور

ڏنا آهن. اهڙي طرح جيڪا آمدني بئنڪن طرفان ڏيکاري پئي وڃي اها تہ قومي آمدني جو حصو آهي. ويجهڙ ۾ آيل هڪ رپورٽ موجب بئنڪن طرفان ماڻهن کي ايڊوانس طور آڇيل رقمن مان 78 سيڪڙو رقمون کاتيدارن جون آهن. جنهن جي سولي سمجهاڻي ايئن ڏئي سگهجي ٿي تہ بئنڪ ۾ هر کاتيدار جي اڪائونٽ ۾ جمع ٿيندڙ 100 رپين مان 78 رپيا مختلف اسڪيمن ذريعي بين ماڻهن کي قرض طور ايڊوانس ڏنا وڃن ٿا. بئنڪن جي اهڙي روش سان نہ رڳو بئنڪن کي پر کاتيدارن کي بہ نقصان پوندو.

بئنڪن طرفان اعلان ڪيل منافعن جو سڄو مدار ڏنل قرض جي واپسي تي مدار رکي ٿو. بئنڪن جا 20 لک کان وڌيڪ قرضدار آهن. جيڪي بئنڪن کي ناهي بہ سگهن ٿا تہ ڊاهي بہ سگهن ٿا.

ڪارن ۽ موٽر سائيڪلن جي واڌ سبب پلي ماڻهن کي روزگار جا ڪجھ موقعا ميسر ٿيا هجن. پر ان کان وڌيڪ ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ زراعت ۽ صنعت واري پاسي سيڙپڪاري ڪئي وڃي. حقيقت ۾ جيڪڏهن قرض جي پئسن تي ڪسٽمرز وڌن ٿا تہ ان سان زوال ڏانهن ٿي وڃبو. جيڪڏهن ڪسٽمرز وڌڻ جو بنياد Self Income جي واڌ تي آهي تہ پوءِ ان سان يقيناً روزگار جا موقعا بہ پئدا ٿيندا ۽ اقتصادي ترقي بہ ٿيندي، جيڪا ڏور رس هوندي.

(31 مارچ 2006ع)

***

# متحده ۽ اسٽيبلشمينٽ: هٿا اڳي ٿي ڳڌ

متحده قومي موومينٽ جي سربراهہ الطاف حسين پنهنجي پارٽي جي رابطا ڪميٽي کي هدايتون ڏئي ڇڏيون آهن تہ وفاقي وزير ۽ قومي اسيمبلي ميمبر عامر لياقت حسين ۽ قومي اسيمبلي جي هڪ خاتون ميمبر شميم اختر کي پارٽي مان تڪڙن بنيادن تي خارج ڪيو وڃي.

پارٽي جي اندروني ذريعن چواڻي جولاءِ جي آخري هفتي ۾ الطاف حسين طرفان متحده جي وزيرن، صلاحڪارن، ايم پي ايز ايم اين ايز سان حڪومت کان الڳ ٿيڻ بابت ڪيل ٽيليفونڪ ڳڌجاڻي ۾ هن پنهنجي پارٽي جي ڪجهہ وزيرن جي غير ذميوار روش تي پڻ تنقيد ڪئي هئي. ”جهڙي ايم ڪيو ايم سندن مان اميد رکي، اهي عوام جي اهڙي ريت خدمت نہ پيا ڪن.“ الطاف ڪنهن جو نالو ڪٽڻ ڪانسواءِ چيو. ليڪن متحده جي اندروني ذريعن جو چوڻ آهي تہ الطاف حسين جو ٽارگيٽ عامر لياقت ئي هو. چاڪاڻ جو متحده جو مذڪوره وزير اجا بہ چوڪراڻي اسٽائل ۾ زندگي گذاري ٿو. ڊاڪٽر عامر ايم ڪيو ايم قيادت کي اطلاع ڏيڻ ڪانسواءِ آمريڪا هليو ويو. حالانڪ متحده جي ڊسپلين تحت سمورن وزيرن، صلاحڪارن، صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ سينيٽرن کي شهر ڇڏڻ مهل يا ڪنهن ٻئي ملڪ وڃڻ لاءِ اڳواٽ الطاف حسين کان اجازت وٺڻي پوندي آهي. انهن چونڊيل نمائندن کي مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 ڏينهن پنهنجي تڪ جا دورا ڪري عوامي ڪم ڪرڻا هوندا آهن. جڏهن تہ ڊاڪٽر عامر حسين لاءِ اهو پيو چيو وڃي تہ هو آمريڪا جي ڊگهي دوري تي هليو ويو پر هن ان سلسلي ۾ الطاف حسين، رابطا ڪميٽي يا سنڌ جي گورنر مان ڪنهن کي بہ اطلاع نہ ڏنو. ان ڪانسواءِ قومي اسيمبلي جي خاتون ميمبر شميم اختر تي پڻ اهو الزام آهي تہ هوءَ پنهنجي تڪ کي مسلسل

نظر انداز ڪري رهي آهي. ڪنهن به پارٽي طرفان اهڙي ريت عوامي نمائندن تي نظر رکڻ چڱي ڳالهه آهي پر ايم ڪيو ايم ۾ مسئلو اهو آهي ته اتي سيڪٽر انچارج ئي سڀ ڪجهه آهن. ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۾ لڳ ڀڳ ٽي درجن سيڪٽر انچارج هوندا. اهي جيتوڻيڪ غير معروف ماڻهو هوندا آهن، پر ايم ڪيو ايم اندر اهي ئي اصل طاقت آهن. انهي حد تائين جو هڪ وزير کي به پنهنجي تڪ جي رپورٽ ڏيڻ لاءِ ڪنهن ڪچي آبادي ۾ رهندڙ سيڪٽر انچارج جي گهر هلي وڃڻو پوندو آهي.

اهي سڀ حقيقتون دراصل ويجهڙ ۾ الطاف حسين طرفان پنهنجي صوبائي توڙي وفاقي وزيرن کان استعيفائون ڏيارڻ جي پسمنظر ۾ لکيو ويون آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه تمام جلدي ۾ ٿي ويو. استعيفائون ۽ سرڪاري گاڏيون گڏ گڏ جمع ڪرايون ويون. ان صورتحال جي ڀيٽ جيڪڏهن پاڻ 2002ع ۾ ٿيل چونڊن سان ڪريون، جنهن ۾ پ پ سنڌ ۾ اڪيلي وڏي پارٽي طور ڪٽي آئي ۽ پاڪستان ۾ وڏيڪ ووٽ کڻندڙ پارٽي طور سامهون آئي، پر پوءِ ٿيو ڇا؟ پ پ جا باغي شيرپائو شيرافگن، سنڌ ۽ پنجاب جي ٻين ڪيترن ئي سياستدانن اتحادي حڪومت ۾ شموليت وڃي اختيار ڪئي. هاڻي جڏهن وري تبديلي جو واءُ گهليو آهي تڏهن اهي ساڳيائي ماڻهو هڪ ڀيرو وري ايم اين اي، ايم پي اي، سينيٽر ۽ وزير ٿيڻ لاءِ پارٽي ۾ شموليت لاءِ سانباهن ۾ آهن. ليڪن اهو ڪجهه ايم ڪيو ايم ۾ نٿو ٿئي. رابطا ڪميٽي جڏهن سمجهيو ته معاملا ٺيڪ نه پيا هلن ته عمران فاروق کي عهدي تان هٽايو ويو. ايئن هو ست سال لڳاتار پاڪستان ۾ انڊر گرائونڊ رهيو پوءِ 1999ع ۾ جنرل مشرف جي اقتدار سنڀالڻ کان ٿورو اڳ لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ وڃي نڪتو.

سوال اهو آهي ته ڊاڪٽر عمران فارق ست سال آخر ڪيئن انڊر گرائونڊ رهيو؟ جڏهن ته ڪميونسٽ پارٽي جو حسن ناصر 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ايترو ڇاتل سڃاتل به نه هو. باوجود ان جي نه رڳو گرفتار ڪيو ويو بلڪ مٿس لاهور قلعي ۾ سخت ٽارچر پڻ ڪيو ويو. جنهن سبب سندس موت واقع ٿيو. ڊاڪٽر صفدر سرڪي، جيڪو آمريڪي شهري پڻ آهي. ان کي ڪجهه اڻڇاتل ماڻهو کنيي کڻي ويا آهن ۽ هن بابت اڃا ڪنهن کي ڪائي خبر ناهي ته آخر هو ڪٿي آهي؟ ڪيترن ئي سنڌي ۽

بلوچ قومپرستن کان گهڻا پاڪستاني واقف ناهن. پلا اسان مان گهڻن ماڻهن ڊاڪٽر سرڪي ۽ بين گم ٿيل سنڌي ۽ بلوچ قومپرستن جون تصويرون ڏٺيون هونديون، جيڪي مهينن کان لاپتا آهن؟ انهن کي ڪير کڻي ويو آهي ۽ هاڻي ڪٿي آهن؟ اهي اهڙا سوال آهن، جيڪي ان وقت ڪر کڻي سامهون بيهن ٿا. جڏهن اسان ڊاڪٽر عمران فاروق جي سٽن سالن کان وڏيڪ عرصو انڊرگرائونڊ رهڻ واري ڳالهه تي ويچاريون ٿا.

ساڳي وقت اهو سوال بہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ آخر ڊاڪٽر عمران فاروق ڪهڙن ڪاغذن تي ڪراچي، لاهور يا لنڊن سفر ڪيو. ڪنهن کيس اهي ڪاغذ پٽ ڏنا؟ برطانوي اميگريشن وارا هن مامري بابت چو خاموش آهن؟

پلي تہ ڪنهن کي انهن سوالن جا جواب نہ ملي سگهن. پر هاڻوڪي ايم ڪيو ايم، حڪومت ڇڪتاڻ ۾ ڊاڪٽر عمران فاروق هڪ ڀيرو ٻيهر مک ڪردار طور سامهون آيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ويجهڙ ۾ ئي صدر مشرف جو انتهائي ويجهو ماڻهو طارق عزيز، الطاف حسين سان لنڊن ملڻ ويو هو. گذريل سال ايم ڪيو ايم جا جڏهن حڪومت سان لاڳاپا خراب ٿيا هئا، تڏهن پڻ ايم ڪيو ايم استعيفيٰ جي ڌمڪي ڏني هئي، پر پوءِ وزيراعظم شوڪت عزيز مداخلت ڪئي ۽ معاملو ٺهي ويو. ان کانپوءِ وري هڪ ڀيرو ٻيهر صورتحال خراب ٿي ۽ پرويز مشرف ايم ڪيو ايم جي وزيرن ۽ ارباب رحيم کي پاڻ وٽ گهرايو. معاملا وقتي طور ٺهي ويا. جڏهن سنڌ بجيٽ جو معاملو آيو، تڏهن ايم ڪيو ايم بجيٽ اجلاس جي بائيڪاٽ جو فيصلو ڪيو. مٿين اختيارين وچ ۾ پئي وري بہ معاملا ٺاهي ورتا. ايم ڪيو ايم بلوچستان آپريشن، ڪالاباغ ڊيم ۽ اين ايف سي ايوارڊ بابت بہ حڪومت کان الڳ ٿيڻ جون ڌمڪيون ڏيندي رهي آهي. پر بگٽين تي بمباري اڃا بہ جاري آهي. حڪومت ڪالابا ڊيم ٺاهڻ واري فيصلي تي برقرار آهي. جڏهن تہ اين ايف سي ايوارڊ بہ مشرف سنڌ، بلوچستان سرحد جي عوام جي خواهشن ابتڙ ڏنو آهي، باوجود ان جي ايم ڪيو ايم حڪومت سان گڏ ويٺي رهي.

تازو پئدا ٿيل بحران جو پسمنظر اهو بہ چيو وڃي ٿو جو الطاف حسين لنڊن ۾ ساڻس ملاقات لاءِ ويل طارق عزيز سان نہ مليو هو هن بدران ڊاڪٽر عمران فاروق ساڻس ملاقات ڪئي. لنڊن مان مليل اطلاعن موجب ان

ملاقات دوران طارق عزيز ۽ عمران فاروق وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ پڻ ٿي هئي. متحده جي ذريعن چواٽي چوڌري شجاعت ۽ سندس ٽيم ڪڏهن به ايم ڪيو ايم کي حڪومت جو اتحادي تسليم ئي نہ ڪيو آهي. جڏهن تہ ايم ڪيو ايم اهو بہ الزام هڻي ٿي تہ پنجاب جي اثر ۾ هلندڙ ڳجها ادارا پڻ متحده خلاف سازشون ڪندا رهن ٿا ۽ راهہ ۾ رڪاوٽون وجهن ٿا. واضح رهي تہ ايم ڪيو ايم کي وفاقي ڪابينا ۾ چار وزارتون ڏنيون ويون. مواصلات واري وزارت کي پورٽ ۽ شپنگ کان الڳ ڪيو ويو جنهن ۾ پورٽ ۽ شپنگ اچي ٿي ويا. شميم صديقي مواصلات جو وزير ۽ بابر غوري پورٽس ۽ شپنگ جو وفاقي وزير آهي.

انهن ٻن وزارتن جي ماتحت ادارن ۾ گهڻي ڀاڱي فوج جا رٽائرڊ آفيسر ڪم ڪن ٿا. ان ڪري ڪم هلائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ايم ڪيو ايم جي هڪ ذريعي جو چوڻ هو. ڏنو وڃي تہ اهو الزام ڪنهن قدر درست آهي، ڇو تہ مواصلات جا سيڪريٽري پورٽس اينڊ شپنگ وزارت، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ، پورٽ قاسم اٿارٽي، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي، ٻين لاڳاپيل ادارن ۾ گهڻو ڪري فوج جا رٽائرڊ ماڻهو پريا پيا آهن. ايم ڪيو ايم ذريعن چواٽي انهن حڪومت کي وزارت جي سيڪريٽريٽ کي انهن ماڻهن کان آجو ڪرائڻ لاءِ چيو هو.

ليڪن سوال اهو بہ آهي تہ اها ساڳي ايم ڪيو ايم سنڌ حڪومت ۾ شامل هوندي، رينجرز کي ڇو قبوليو ويني آهي؟ ان جو ڪهڙو منطق آهي؟ اسان مان گهڻن کي خبر هوندي تہ اها متحده 1992ع کان 1999ع تائين ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ رينجرز هٿان پنهنجا 10 هزار يا 20 هزار ڪارڪن مارجڻ جي ڳالهہ دهرائيندي رهي آهي. ياد رهي تہ 1997ع ۾ جڏهن ايم ڪيو ايم نواز شريف دور جي مختصر عرصي لاءِ اتحادي هئي تڏهن پوليس ۽ رينجرز هٿان مارجي ويل ڪارڪنن جي ڪٽنبن کي معاوضو پڻ ڏياريو هو. نواز شريف حڪومت کان الڳ ٿيڻ کانپوءِ ايم ڪيو ايم ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران رينجرز هٿان مارجي ويل پنهنجي ڪارڪنن جي قتل خلاف احتجاجي ڪئمپ پڻ هنئي هئي. ساڳي ئي ڏينهن متحده جي ڪئمپ سامهون پوليس پڻ هڪ احتجاجي ڪئمپ هڻائي هئي، جيڪي ماڻهو وري ايم ڪيو ايم جي هٿان ماريل پوليس ۽ رينجرز جي جوانن لاءِ احتجاج ڪري رهيا هئا. پر ايم ڪيو ايم 2003ع

۾ جيئن ئي سنڌ حڪومت جو حصو بڻي تہ ان جولاءِ 2003ع ۾ رينجرز جو سنڌ ۾ مدو وڌايو. ان وقت آفتاب شيخ گهرو وزارت جو صلاحڪار هو. ان ڪانپوءِ ڪيس نائٽي وارو صلاحڪار بہ مقرر ڪيو ويو هو. تنهن ڪانپوءِ هو لاڳيتو منظر تان غائب آهي.

ان ڪري نهايت عجيب ٿو لڳي تہ ايم ڪيو ايم فوج جي رٽائرڊ ماڻهن سان مواصلات، پورٽس ۽ شپنگ ۾ گڏ ڪم ڪرڻ تي ناخوش آهي، پر اها رينجرز سان گڏ ڪم ڪري پئي. اهو بہ واضح رهي تہ جڏهن سنڌ جي گهرو معاملن واري وزير رئوف صديقي، رينجرز جي سنڌ ۾ هڪ سال وڌيڪ مدو وڌائڻ لاءِ سنڌ جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم ڏانهن سمري موڪلي سائين وفاقي گهرو وزارت سان لکپڙهہ لاءِ رابطو ڪيو تڏهن متحده ان تي بڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍي. ممڪن آهي وزيراعليٰ ارباب غلام رحيم ايم ڪيو ايم جا ٻيا فائيل هفتن، مهينن يا ورهين تائين پاڻ وٽ رکي ڇڏيا هجن. پر گهٽ ۾ گهٽ اهو فائيل تہ تڪڙو نيڪال ٿيو. ائين رينجرز جو مدو وڌيڪ هڪ سال لاءِ وڌي ويو.

جيئن اسان مٿي، ذڪر ڪري آياسين تہ طارق عزيز ۽ ڊاڪٽر عمران فاروق وچ ۾ تلخ ڪلامي تي ڇڪي هئي. سو ان حوالي سان الطاف حسين متحده جي وفاقي، صوبائي وزيرن، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن ۽ سينيٽرن کي 27 جولاءِ تي 9 وڳي صبح جو عزيز آباد ۾ نائين زيرو گهرائي ورتو. جڏهن تہ ان وقت لنڊن ۾ صبح جا پنج ٿيا پئي. هن سندن موقف ٻڌو ۽ پوءِ کين استعيفائون ڏيڻ لاءِ چيو. "جيڪي استعيفائون نہ ڏين، تن جي ايم ڪيو ايم جي رڪنيت معطل ڪئي ويڃي." سندس آخري لفظ هئا.

ان ڪانپوءِ سڀني وزيرن استعيفائون ڏئي ڇڏيون. سنڌ جو گورنر ڊاڪٽر عشرت العباد بہ اتي موجود هو. عشرت العباد بہ ايم ڪيو ايم جي انهن ماڻهن مان هڪ آهي، جيڪو پرويز مشرف کي انتهائي ويجهو آهي. دراصل مشرف ۽ عشرت العباد وچ ۾ خانداني طور بہ ويجها لاڳاپا آهن. هن وقت عشرت العباد جي نوجوان ڀاءُ جو ڪراچي جي اسٽيٽ پراپرٽي بزنس ۾ تمام وڏو نالو آهي، هن جو ڪيترن ئي وڏن زمين جي وڪري ۽ ڏيتي ليتي وارن منصوبن ۾ پڻ نالو ورتو وڃي ٿو.

27 جولاءِ تي جنهن وقت صدر پرويز مشرف ڪراچي ۾ هو. تڏهن ڪيس هڪ گڏجاڻي دوران ايم ڪيو ايم جي وزيرن جي استعيفائن بابت

ٻڌايو ويو ايم ڪيو ايم جي مواصلات واري وزير شميم صديقي، جمعي ڏينهن پنهنجن وفاقي وزيرن جون استعيفائون صدر مشرف جي ڊپٽي ملٽري سيڪريٽري وٽ جمع ڪرايون. مشرف، گورنر کي چيو ته ايم ڪيو ايم ميمبر في الحال استعيفائون واپس وٺن.

جمعي ڏينهن، شوڪت عزيز ۽ مسلم ليگ (ق) جا ڪجهه اڳواڻ ڪراچي آيا. "سيڪيورٽي جي سببن جي ڪري شوڪت عزيز نائين زيرو نه اچي سگهيو" ايم ڪيو ايم جي هڪ ذريعي ٻڌايو. ان ڪري اها گڏجاڻي گورنر هائوس ۾ ٿي جيتوڻيڪ وزيراعليٰ سنڌ ميڊيا کي خوشي وچان اهو ٻڌايو آهي ته صدر ڪيس برقرار رکڻ لاءِ چيو آهي. اها ڳالهه جڏهن متحده جي هڪ اهم ماڻهو سان ڪئي وئي تڏهن ان جو چوڻ هو ته "توهان ان کي هاڻي وڏيڪ ڏينهن لاءِ نه ٻڌندا."

ايم ڪيو ايم جون استعيفائون ان وقت سامهون آيون آهن جڏهن اي آر ڊي ۽ ايم ايم اي قومي اسيمبلي ۾ شوڪت عزيز خلاف عدم اعتماد رٿ آڻڻ تي متفق ٿيون آهن. ايم ايم اي 28 جولاءِ تي حيدرآباد ۾ حڪومت مخالف ريلي به ڪئي، "ايم ڪيو ايم هن وقت استعيفائون دراصل اي آر ڊي ۽ ايم ايم اي جي تحريڪ جي شدت کي گهٽائڻ لاءِ ڏنيون آهن" مخالف ڌر سان واڳيل حلقا چون ٿا.

پر ان جو سمجهه جوڳو منطق اهو آهي ته فوجي حڪومت ڏور رس نگاهه نٿي رکي، هاڻوڪي حڪومت به 1998ع ۾ ايٽمي ڌماڪو ٿيڻ ڪانپوءِ آمريڪا جي ان خوف کي دور ڪرڻ لاءِ آئي ته "بم محفوظ هٿن ۾ آهي ۽ اسان وٽ سيڪيورٽي جو هڪ ڪمانڊ سسٽم آهي." چو ته آمريڪا نيوڪليئر پلانٽ جي ٽيڪنالاجي ۽ يورينيم جي افزودگي بابت مواد استعمال ٿيڻ جي رپورٽن سبب خوف ۾ ورتل هو. ان ڪري ئي ڊاڪٽر قدير خان کي سوڙهو ڪري، نظربند ڪرايو ويو هو.

هڪ راءِ اها آهي ته نان سويلين حڪمرانن وٽ خلق ۽ ملڪ جي ڀلي ۽ ترقي لاءِ ڪو به پروگرام ناهي هوندو. انهن جي اوليت اها هوندي آهي ته پاپولر ليڊرشپ کي گهٽ اهميت ڏين. مذهبي اڳواڻن کي حڪومتي مرڪز کان پرڀرو رکن. اسٽيبلشمينٽ پنهنجي مفاد ۾ مذهبي انتها پسندن کي مارائيندي به آهي ته انهن کي هٿي ڏئي آمريڪا ۽ اولهه کان فائدا به وٺندي آهي.

انهي ڪيڏانهن ۾ حڪومت کي مسلم ليگ (ق) ايم ڪيو ايم ۽ پ پ جا باغي مليا. جڏهن تہ اها ان سلسلي ۾ جي يو آءِ جي ملن سان لٺ ۽ چٺ واري ڪار پئي ڪري. حقيقت اها آهي تہ ايم ڪيو ايم جو ڪو بہ سياسي محور ناهي، نہ وري ان وٽ ڪي نظرياتي ڪارڪن آهن. ان جو نعرو ئي اهو آهي تہ "همين منزل نهين، رهنما چاهيي." جيڪو بلڪل بيڪار ۽ بي معنيٰ نعرو آهي ۽ اهو نعرو عوام کي بيوقوف بڻائڻ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي. اَنا ۽ شارٽ ڪٽ ذريعي فائدا حاصل ڪرڻ متحده جو محبوب مشغلو آهي.

اهو نهايت ڏکيو آهي تہ ايم ڪيو ايم اسٽيبلشمينٽ جو پاسو ڇڏي، ممڪن آهي اَنا سبب اها ارباب ۽ چوڌري شجاعت سان گهڻو وقت گڏ نہ هلي، باقي اها سرڪاري بئنچن تي ويهندي، مشرف جي حمايت جاري رکندي. باوجود سيني ڳالهين جي هن وقت پاڪستان تبديلين واري مرحلي مان گذري پيو جنهن جا داخلي توڙي خارجي سبب آهن. حماس جي فلسطين ۾ سوپ ۽ لبنان ۾ حزب الله جي مزاحمت پاڪستان توڙي ٻين اسلامي ملڪن تي اثرانداز ٿي رهي آهي. پاڪستان ۾ هڪ نئون مڊل ڪلاس اُڀري رهيو آهي. جنهن جو واسطو ٻهراڙين سان آهي، ممڪن آهي اهو طبقو پارٽي قيادت کي ناپسند ڪندو هجي، پر اهو ساڳي وقت پارٽ سان دوستاڻو لاڳاپن جو بہ خواهشمند آهي. خود وزيرستان ۽ فاٽا ۾ پڙهيل لکيل عورتون علائقي ۾ معياري تبديلي جون خواهان آهن. ليڪن هاڻوڪن حاڪمن وٽ سوسائٽي ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ ڪي بہ ڊگهي مدي وارا منصوبا نہ وري vision آهي. هاڻوڪي صورتحال ۾ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جيڪي هن وقت سگهاريون سياسي پارٽيون آهن، تن کي مصلحت ڇڏي بولڊ فيصلا ڪرڻا پوندا تڏهن ئي ڪا تبديلي ممڪن ٿي سگهندي

(15 آگسٽ 2006ع)

***

# ورهاڱي جا وڍ

پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم مرحوم محمد خان جوڻيجي 1986ع ۾ نشتر پارڪ ۾ هڪ عام جلسي کي خطاب ڪندي ڀارت ۾ پاڪستان وچ ۾ ڪوڪرو پار موٽا بائو رستو کولڻ جو اعلان ڪيو هو پر هُو ايئن ڪرڻ ۾ ڪامياب تي نـ سگهيو جو هتان جي سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسي ڪيس ايئن ڪرڻ نـ ڏنو. جون 1987ع ۾ محمد خان جوڻيجي مرحوم، جنرلن کان وڏيون لگزري گاڏيون کسي کين ننڍڙين سوزوڪي ڪارن تائين محدود ڪيو. بجيٽ پيش ٿيڻ کانپوءِ هن پنهنجي تقرير ۾ سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسي کان لگزري گاڏيون واپس وٺڻ جو اعلان ڪيو هو. ياد رهي تـ 1987ع ۾ بوهري بازار صدر ڪراچي ۾ ٽيل بم ڌماڪي کانپوءِ هن بي ڌڙڪ اهو چئي ڏنو هو تـ اين ايل سي جا ٽرالر هٿيارن ۽ منشيات جي سپلاءِ ۾ ملوث آهن. هن اپريل 1988ع ۾ ٽيل اوجهڙي ڪيمپ ڌماڪي جي جاچ جو حڪم ڏنو هو. اُن کان پوءِ ٿيو ايئن جو وزيراعظم جي ڊيسڪ تان سياچن بابت نهايت حساس فائيل اوچتو گُم ٿي ويا. آخرڪار جنرل ضياءَ طرفان ڪيس 1988ع ۾ وزارت اعظميٰ جي عهدي تان هٽايو ويو.

1992ع ۾ ڪراچي ۾ ڀارتي سفارتخانو بند ڪيو ويو. پاڪستاني اختيارين تڏهن ڀارتي سفارتڪار تي سنڌ ۾ لاقانونيت ۾ ملوث هُجڻ جو الزام مڙهيو هو. باوجود اُن جي انڊين هاءِ ڪميشن اسلام آباد ۾ پنهنجو ڪم جاري رکيو. ايئن ڪري اهو پيغام ڏنو ويو تـ سنڌ جي ماڻهن جي "محب وطني" مشڪوڪ آهي. باقي پنجاب ۾ رهندڙ ماڻهو اعتبار جوڳا ۽ "محب وطن" آهن.

پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ 41 ورهيہ اڳ سيپٽمبر 1965ع ۾ موٽا باٺو کوکروپار وچ ۾ هلندڙ ريل سروس. جيڪا سنڌ ۽ راجستان سيڪٽر ۾ هلندي هُئي، ڀيهر بحال ڪئي وئي آهي. کوکرو پار ايڪسپريس 17 فيبروري جي شام جو ڪراچي کان رواني ٿي. جنهن جي نهايت پرپور نموني آجيان ڪئي وئي. مذڪوره ريل ۾ 300 مسافر سوار هُئا. انهيءَ ريل سروس جي معطلي ۽ بحاليءَ کي سنڌ جي هندن توڙي مسلمانن جي ٻن نسلن ڏٺو آهي. هاٽوڪي ڀارت ويندڙ ريل ۾ لياقت آباد ڪراچي جو رهواسي علاءَ الدين بہ شامل هُيو هو ڊسمبر 1947ع ۾ جڏهن اٺن سالن جو ٻار هُيو تڏهن پنهنجي والدين سان گڏ ڀارت مان لڏپلاڻ ڪري سنڌ جي ٻئي نمبر وڏي شهر حيدرآباد آيو هو بعد ۾ ڪراچي لڏي آيو. هاٽي هُو 67 سالن جي عُمر ۾ احمد آباد. گجرات ۾ پنهنجن. سوٽن ماساتن ۽ چاچن. مامن سان ملڻ لاءِ وڃي رهيو هو.

ريل جي اُنهيءَ سفر ۾ مٺيءَ جو ڪِيول رام بہ شامل هُيو جنهن جي ماءُ، پيءُ جا عزيز سرحد کان فقط سو ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي رهن ٿا. جڏهن ڀارت ۽ پاڪستان ۾ لاڳاپا معمول تي هُئا. تڏهن هُو ڪجهہ ڪلاڪن ۾ ئي پنهنجي عزيزن وٽ پُهچي ويندو هو. ليڪن هاٽي هو 38 ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ پهريون ڀيرو ساڻن ملڻ لاءِ ويو ٿي. اُن ڪري اها سندس لاءِ خوشي جي ڳالهہ هُئي. ڪيول رام اسلام آباد مان ويزا وٺڻ کان پوءِ موٽا باٺو کوکروپار ريل سروس جي بحاليءَ جو انتظار ڪيو. هن ريلوي سروس جي بحاليءَ کان اڳ ڪِيول رام پهرين لاهور وڃي پوءِ اُتان دهلي لاءِ ڪا بَس يا ريل پڪڙي پوءِ پنهنجي مائٽن وٽ وڃي سگهندو هو. پوءِ اُتان وري پنهنجن مائٽن جي ڳوٺڙي تائين ڪا سواري ڪري پُهچندو هو. اهو بہ تڏهن ممڪن ٿيو جڏهن چار سال اڳ پاڪستان لاهور ۽ دهليءَ وچ ۾ بس سروس هلائڻ جو فيصلو ڪيو پر هاٽي هي سفر سندس لاءِ وڌيڪ سولو آهي، ڇو تہ سندس مائٽ سرحد جي هُن پار ٿوري پنڌ تي موجود آهن.

لاهور دهلي بس سروس جي بحالي جذبن کان خالي آهي، ڇاڪاڻ جو سنڌ وانگر. لاهور ۾ سرحد جي هُن پار يا هِن پار ڪي بہ ورهايل ڪُٽنب

موجود ناهن. ڇو ته 1947ع ۾ اولهه پنجاب ۾ مسلمانن سمورن هندن ۽ سکن جو اُتان تڏو پٽڻ کي يقيني بڻايو اهو ساڳيو عمل اوڀر پنجاب ۾ سکن ۽ هندن طرفان ڌهرايو ويو. اُنهن هريانا ۽ مڌيا پرديش ۾ مسلمانن کي ڳولي ڳولي ماريو ۽ کين اُتان ڀڄڻ تي مجبور ڪيو. هاڻي وري جڏهن ٻه ڀارت توڙي پاڪستان ۾ پنجابي پاڻ ۾ ملندا آهن تڏهن کين اُن ڪيل گُناهه جو احساس ٿيندو آهي. نه رڳو اُنهن هڪٻئي کي ماريو هڪٻئي جا گهر ساڙيا، بلڪ وڏي انگ ۾ هڪٻئي جون عورتون اغوا ڪيون ۽ ساڻن اجتمائي زيادتي ڪئي وئي. رپورٽن موجب 1947ع ۾ ورهاڱي وقت 95 هزار عورتون (55 هزار مسلمان ۽ 45 هزار جي لڳ ڀڳ هندو ۽ سک) اغوا ڪيون ويون ۽ ساڻن اجتماعي زيادتين جا واقعا پيش آيا. جڏهن ته لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ مسلمان هندو ۽ سک بي گهر ٿي ويا.

اهو به نه وسارڻ گهرجي ته 1947ع ۾ سنڌ اندر ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڪافي ٻين هندن تي فرقيوارانا فساد ٿيا. پر اُنهن جهيڙن کي پوءِ جلد قانون جي گرفت سبب ڪنٽرول ڪيو ويو. ڪراچيءَ جا پُراڻا رهواسي آڪٽوبر 1947ع ۾ ٿيل فساد کي ياد ڪندي چون ٿا ته جهيڙا اهڙو خطرناڪ رُخ اختيار ڪري ويا هئا، جو جناح گورنر جنرل هائوس مان نڪري پاڻ امن امان جو ڪنٽرول سنڀاليو هو. اهي جهيڙا برنس روڊ ۽ اُن جي ڀرپاسي وڌيڪ زورن تي هُئا. ياد رهي ته پاڪستان جي 1947ع ۾ جُڙيل پهرين آئين ساز اسيمبلي ۾ سنڌ ۽ اوڀر پنجاب جا "هندو" ميمبر به شامل هئا. 1947ع ۾ اسيمبليءَ مان هڪ نهراءُ پاس ٿيڻ، مسلم ليگ، جماعت اسلامي ۽ خاڪسار طرفان اقليتن ڏانهن اڻ سهپ واري رويي سبب هندو عدم تحفظ محسوس ڪرڻ لڳا، ايئن پوءِ اُهي هِتان هُتان ڀارت وڃي دهلي، ممبئي، احمد آباد ۽ راجستان ۾ آباد ٿيا. واضح رهي ته اربين روپين واري انڊين فلم انڊسٽري، جيڪا ايڪسپورٽ وسيلي ساليانو 12 بلين ڊالرز کان وڌيڪ ناڻو ڪمائي ٿي، اُن جا سيڙپڪار گهڻي ڀاڱي سنڌي هندو ئي آهن. ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ سنڌ مان کوکروپار موٺا بائو ريل سروس ته شروع ٿي چُڪي آهي. جڏهن ته ٻنهي مُلڪن کي ڪراچي ۽ ممبئي ۾ سفارتخانا اجا کولڻا آهن. پر اهو معاملو ڪامورا شاهي جي رڪاوٽن سبب رُليل آهي.

ڪوڪروپار موناباءُو ريل سروس شروع ٿيڻ بابت سنڌ جي ماڻهن کي اهي بہ خدشا آهن تہ ايئن ٿيڻ سان ڀارت مان آباديءَ جو دٻاءُ سنڌ تي وڌندو اُن ڪري ممڪن آهي تہ سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿي وڃن. اُن حوالي سان سنڌ نيشنل فرنٽ جي سربراهہ ممتاز علي ڀُٽو ريلين ۽ مظاهرن جو بہ اعلان ڪيو آهي. هن ڪوڪرو پار موٽاباءُو ٽرين سروس کُلڻ تي پنهنجي خدشن ۽ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

سنڌ پنج هزار سال قديم تهذيب رکندڙ ڌرتي آهي. سمورن دورن ۾ هتي ٻاهريان ماڻهو ايندا ۽ ويندا رهيا آهن. هتي ڏکڻ ايشيا جي ڪافي ٻين حصن جا ماڻهو آيا ۽ هتي جا ٿي ويا. سنڌي ٻولي جو ناميارو ليکڪ مرزا قليچ بيگ بہ نسلي طور تي جارجين هُيو پر هن بہ سنڌ کي پنهنجو مسڪن بڻايو. ايئن سيد، بلوچ، آرائين ۽ ڪافي ٻيون برادريون بہ ٻاهران آيون، پر اُهي سنڌ ۾ رلي ملي ويا. سنڌ سان تعلق رکندڙ ڪيترائي سنڌي ۽ بلوچ ڀارت ۾ بہ رهن ٿا. پاڪستان جو مشهور ڪرڪيٽر جاويد مياننداد بہ ڀارتي گُجرات جو هڪ بلوچ آهي. بلوچستان مان رندن طرفان لوڏڻ کان پوءِ لاشاري بہ ڀارتي گُجراتي بڻجي ويا.

ڏنو وڃي تہ لڏپلاڻ جو عمل شادين، نوڪرين، واپار تحفظ تعليم ۽ صحت جي سهولتن جي ڪري ٿيندو آهي، ڪو بہ ماڻهو شادين جي عمل کي روڪي نہ ٿو سگهي. سرحد جي ٻنهي پار رهندڙ هندن وچ ۾ شاديون مراديون ٿينديون رهن ٿيون ۽ اُن تي پابندي هڻڻ جو ڪوبہ جواز ڪونهي. 1947ع کان پوءِ سرحد پار گهوٽن توڙي ڪنوارن جي اچڻ وڃڻ جو اهو سلسلو جاري رهيو.

هاڻي اچو تہ اهو ڏسون تہ نوڪرين ۽ واپار جي سنڌ ۽ ڀارتي رياست راجستان، گُجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ ڇا صورتحال آهي؟ سنڌ ۽ ڀارتي رياستن ۾ صحت ۽ تعليم جون سهولتون ڪيتريون آهن؟ ڀارت گُذريل ڏهاڪي ۾ بهتر اقتصادي ترقي ڪئي ۽ اُن جي ناڻي واڌ جي شرح بہ گهٽ رهي آهي. جڏهن تہ پاڪستان جي گُذريل ٽن چئن ورهين يعني سال 05_2004ع ۾ اقتصادي ترقي جي شرح 8.4 سيڪڙو آهي، جنهن ڪري اسان جي

اقتصاديات سخت متاثر ٿي آهي. ان ڪارڻ ئي گُذريل هڪ سال کان اسان جي مُلڪ ۾ ڪاڌ خوراڪ جي مد ۾ بہ ناٽي واڌ جي شرح ۾ تمام گهٽي واڌ آئي آهي. پاڪستان جي مقابلي ۾ ڀارت وٽ بهتر انفرا اسٽرڪچر موجود آهي. ڀارت ۾ رهندڙ مسلمانن کي اُتي جي رياستن ۾ ملازمتن توڙي واپار جي حوالي سان ڪي بہ مشڪلاتون ناهن. ڀارت ۾ 25 رياستون آهن، اُن ڪري کين سنڌ ۾ اچي رهڻ کان وڌيڪ اُتي آپشن موجود آهن.

پر جيڪڏهن فرض ڪريون تہ ڀارت ۾ رهندڙ مسلمان سنڌ ۾ اچي مستقل رهڻ چاهين ٿا تہ پوءِ کين پنجاب جي رستي سنڌ جي وڏن شهرن حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ اچڻ کان ڪير روڪي سگهندو؟ جڏهن کان پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ سفري سهولتون بحال ٿيون آهن، تڏهن کان گهٽ ۾ گهٽ ٽي لک ڀارتي مسلمان هيلتائين پاڪستان اچي چُڪا آهن، پر اُنهن مان گهڻا هتي رهي پيا. هن وقت اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سهولتون آهن، اُن ڪري حڪومت ٻاهران ايندڙ ماڻهن جي مانيٽرنگ وڌيڪ سولائي سان ڪري سگهي ٿي ۽ اهو سسٽم اڳيا بہ بهتر ٿي سگهي ٿو.

ڪوڪرو پار موٽا ٻائو ريل رستو کُلڻ بابت ممتاز علي ڀُٽي ۽ سندس پارٽي طرفان ظاهر ڪيل خدشن جا ڪي بہ مضبوط بنياد ناهن. ممتاز ڀُٽو پاڻ بہ 1996ع ۾ آزمائجي چُڪو آهي، جڏهن هو سنڌ جو نگران وزير اعليٰ بڻيو هو. هُو 1997ع واري اين ايف سي ايوارڊ ۾ سنڌ جي حقن جو دفاع نہ ڪري سگهيو ۽ سنڌ کي اُن ئي دور ۾ تمام گهڻو اُن مد ۾ اقتصادي نقصان پُهتو. اُن حوالي سان جيڪڏهن ممتاز علي ڀُٽي جي ڪردار جي 1988ع ۾ نگران وزيراعليٰ رهندڙ قاضي اختر سان ڀيٽ ڪبي تہ سندس سنڌ دوستي واضح ٿي ويندي. ممتاز علي ڀٽي 1997ع ۾ اين ايف سي ايوارڊ جو اُن ڏينهن اعلان ڪيو جنهن ڏينهن عام چونڊون ٿي رهيون هُيون. جنرل ضياءَ ۽ ڊاڪٽر محبوب الحق، قاضي اختر جو اين ايف سي ايوارڊ تي راضپو پيا چاهين، پر قاضي ۽ سندس ناٽي واري وزير جاويد سلطان جاپان والا سندن ڳالهہ مڃڻ کان انڪار ڪيو. چاڪاڻ جو کين سنڌ جي ماڻهن لاءِ عزت ۽ محبت هُئي. جڏهن تہ ممتاز ڀُٽي جي پارٽيءَ جي تڏهوڪي صوبائي وزير

نبي بخش پرڳڙي نا انصافي تي ٻڌل ان ايوارڊ تي صحيح ڪئي. ممتاز علي ڀُٽو استعيفا ڏئي سنڌ جي ماڻهن وٽ عزت ۽ مان حاصل ڪري سگهيو پئي، پر هن ايئن نہ ڪيو. اجا بہ پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي پٽ لاءِ بهتر موقعن جي تلاش ۾ سرگردان رهيو.

ٿرپارڪر جا ماڻهو تہ هاڻي ننگر پارڪر، ڇهونا ڳڙهہ سرحد کولڻ جو بہ مطالبو پيا ڪن. اُهي سرحدون کُلڻ سان نہ رڳو پاڪستان ۽ ڀارت ۾ رهندڙ ماڻهن کي اچ وڃ جون سهولتون ميسر ٿي سگهنديون، پر واپاري سرگرمين کي بہ هٿي ملندي، هن وقت گهٽ ۾ گهٽ دُنيا جي 200 مُلڪن جا ماڻهو سرحدون کُليل هُجڻ ڪري واپار سبب خوشحال زندگي گُذارين ٿا. گوادر کي بہ سايون ڀاڄيون ۽ کاڌ خوراڪ جون شيون ايران مان اچن پيون. گوادر مان وري مڇي ايران وڃي ٿي، چاڪاڻ جو ڪراچي ۽ ڪوئيٽا ايران کان گهڻو پري آهن. اهڙي واپار ۾ آخر ڪهڙي بُرائي آهي؟ کوکروپار موناباءُ کُلڻ سان جتي سفري سهولتون وڌنديون، اُتي واپار جا موقعا بہ نڪرندا. باقي ڀارت ۽ پاڪستان سرڪار کي ماڻهن جي ۽ شين جي چُرپُر جي حوالي سان اثرائتو مانيٽرنگ سسٽم جوڙڻ گهرجي. پاڪستان ۽ ڀارت جي 1.2 بلين ماڻهن کي پنهنجي زندگين جي معيار بهتر ڪرڻ جو حق حاصل هُجڻ گهرجي. اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن ٻئي ملڪ هڪٻئي سان واپاري ۽ اقتصادي لاڳاپا بهتر ڪندا.

(16 فيبروري 2006ع)

***

# نئين سياسي چال!

بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف جي پوئيواري ڪندي مشرف ۽ شوڪت عزيز بہ پاڪستان مان وڌندڙ بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ سولو حل ڳولي لڌو آهي. وفاقي مملڪتي وزير عمر ايوب خان 6 جون تي وفاقي بجيٽ پيش ڪرڻ دوران ئي 'خود روزگار اسڪيم' جو اعلان ڪيو هو. انهي اسڪيم تحت حڪومت اها رٿا جوڙي آهي تہ 4 لک اڻ پڙهيل لکيل نوجوانن کي روزگار مهيا ڪندي جن جون عمريون 18 کان چاليهن سالن جي وچ ۾ هونديون. جيتوڻيڪ اها اسڪيم جولاءِ مهيني کان شروع ٿيڻي هئي، پر ڪجهہ وزيرن ۽ نيشنل بئنڪ جي اعليٰ اختيارين جي تحفظات سبب ان ۾ دير ڪئي وئي.

واضح رهي تہ اسٽيٽ بئنڪ پڻ مذڪوره خود روزگار اسڪيم بابت سخت تحفظات جو اظهار ڪيو آهي، ان جو ڪارڻ ڪجهہ سياسي ڌرين طرفان اهو دٻاءُ ڀڌايو پيو وڃي، جنهن ۾ انهن چيو آهي تہ اها اسڪيم اهڙي وقت تي آندي وئي آهي جڏهن عام چونڊن ۾ بنهہ ٿورو وقت اچي بچيو آهي. ان سلسلي ۾ اول آخر الزام اسٽيٽ بئنڪ تي ئي ايندو تہ ان خود روزگارن اسڪيم جي نالي تي عوام کان حمايت وٺڻ لاءِ عوام جي پئسي جي غلط استعمال تي اکيون بند رکيون. ياد رهي تہ اصل اسڪيم، جنهن جو اعلان مملڪتي وزير عمر ايوب بجيٽ تقرير ۾ ڪيو هو. ان ۾ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان کي بيروزگارن لاءِ 12 بلين روپين جو حدف ڏنو ويو هو. ليڪن مشرف ۽ شوڪت عزيز جي ماڻهن جي نئين حڪمت عملي موجب هاڻي اهو قرض 4 لک نوجوان کي ڏنو ويندو ۽ نيشنل بئنڪ ايندڙ جون تائين ان ــ ۾ 20 بلين روپيا جاري ڪندي، ڪنهن بہ بيروزگار تعليم يافتہ نوجوان

کي مذڪوره اسڪيم تحت يوٽيلٽي اسٽور، سي اين جي رڪشا، سوياٽيل فون، پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ پي سي او لڳائڻ لاءِ ٻه لک رپيا قرض ڏنو ويندو. ان سان گڏوگڏ بئنڪ وقت گذرڻ سان وڏيڪ شعبن ۾ به سيڙپڪاري لاءِ قرض ڏيندي.

جيڪڏهن مامرا حڪومت جي رٿابندي تحت هليا ته پوءِ نيشنل بئنڪ جي ان قرض واري اسڪيم مان سموري ملڪ جا 4 لک بيروزگار مستفيض ٿي سگهندا. جيڪڏهن ڪٽنب جو هڪ گهر ڀاتي قرض وٺي ٿو ۽ ان جي فيملي هڪ زال ۽ ٻن ٻارن تي ٻڌل آهي ته ان صورت ۾ گهٽ آمدني واري طبقي جا 1.6 ملين ماڻهن کي معاشي ٽيڪ ملي سگهندي. حڪومت جي رٿابندي آهي ته اها ايندڙ پنجن سالن ۾ 100 بلين روپيا ماڻهن کي قرض طور ڏيندي.

ليڪن بئنڪاري جي شعبي سان واڳيل ماڻهن کي شڪ آهي ته حڪومت اها اسڪيم چونڊن کانپوءِ به جاري رکندي يا نه؟

"هي سڀ ڪجهه اليڪشني ڪيڏاڙ آهي، جيئن ئي چونڊون ٿينديون، نئين حڪومت وجود ۾ ايندي، تيئن ئي اهو سلسلو بند ٿي ويندو." هڪ بئنڪ جي سينيئر ايگزيڪيوٽو ٻڌايو.

نيشنل بئنڪ کي اڳ ۾ ئي خوشحال پاڪستان پروگرام تحت 10 بلين روپيا فراهم ڪرڻ جو پابند بڻايو ويو آهي. انهي اسڪيم هيٺ ملڪ جي 106 ضلعن مان هر ضلعي کي انفرا اسٽرڪچر سهولتن جي ترقي لاءِ 100 ملين روپيا مهيا ڪيا ويندا. خوشحال فنڊ مان روڊ جڙندا، جنهن سان ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي روزگار مهيا ٿيندو. نئون ٺيڪيدار طبقو پيدا ٿيندو ۽ حڪومت جي حامين جي انگ ۾ واڌ ايندي.

"هي اسان لاءِ ڪا نئين ڳالهه ناهي" هڪ پرائيوٽائيز ڪيل بئنڪ جي سينيئر عملدار گهٽيون درخواستون ملڻ جي صورت ۾ ڇا ڪندا؟ واري پڇيل سوال جي جواب ۾ چيو ته بينظير ڀٽو جي خود روزگار اسڪيم هجي يا نواز شريف جي پيلي ٽيڪسي اسڪيم، هميشه پريشر ته بئنڪن تي ئي ايندو آهي، ته پوءِ هي اسڪيم ان کان ڪيترو مختلف هوندي؟

ياد رهي تہ 93 1991ع ۾ نواز شريف جي ٽرانسپورٽ اسڪيم تحت لڳ ڀڳ هڪ بلين ڊالرز ماليت جون گاڏيون بنا ڪنهن ڊيوٽي ڀرڻ جي گهرايون ويون هيون. تڏهن قرض ڏيڻ لاءِ چار بئنڪون حبيب بئنڪ. يو بي ايل. نيشنل بئنڪ ۽ الائيڊ بئنڪ کي خود مختيار بڻايو ويو هو. درخواست گذارن کي چيو ويو هو تہ اهي فقط ڪار جي قيمت 10 سيڪڙو رقم ڊائون پئيمينٽ طور ادا ڪن. باقي 90 سيڪڙو رقم بئنڪ لون ذريعي ادا ڪئي ويندي 1991ع کان وٺي 1993ع تائين جڏهن نواز شريف جي حڪومت معطل ڪئي وئي هئي. تيستائين بئنڪن کي 92 هزار درخواستون وصول ٿي چڪيون هيون. جنهن ۾ بئنڪن جي سيڙپڪاري 24 بلين روپين جي ٿي پئي. بئنڪن 78 هزار ڪارن لاءِ 20 بلين روپيا جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني. جڏهن تہ حقيقي طور 30 هزار ٽيڪسين لاءِ صرف 6 بلين روپيا بئنڪن جا استعمال ٿيا هئا. جڏهن تہ 43 هزار ٽيڪسين جي مد ۾ 12 بلين روپيا جاري ڪرڻ لاءِ ليٽر جاري ڪيا ويا.

اهو سچ آهي تہ ٽرانسپورٽ اسڪيم مان بيروزگارن جي هڪ وڏي انگ کي فائدو پيو ان کانسواءِ ڪراچي، لاهور جهڙن شهرن ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سهولت پئدا ٿي ۽ وچولي طبقي جو ماڻهو سولائيءَ سان پيلي ٽيڪسي ۾ سفر ڪري پئي سگهيو. پر اها بہ حقيقت آهي تہ با اثر ماڻهن ان اسڪيم جو ناجائز فائدو ورتو. ان دور جي هڪ مشهور صنعتڪار 10 لک جي ڊائون پئمينٽ تي 10 مرسڊيز ڪارون بڪ ڪرايون، جيڪي ڪڏهن بہ پبلڪ ٽرانسپورٽ طور استعمال نہ ٿيون. بلڪ مهانگي ملهہ وڪرو ڪيون ويون. اپريل 1993ع ۾ جڏهن صدر غلام اسحاق خان ۽ نواز شريف وچ ۾ وڏي پئماني تي اختلاف شروع ٿيا تڏهن روٽين کان هٽي ڪري ٽرانسپورٽ اسڪيم تحت قرض ڏڻا ڏڻ ورتا ويا.

انهي ۾ ڪابہ تعجب جي ڳالهہ ناهي تہ ٽرانسپورٽ اسڪيم تحت بئنڪن مان جاري ٿيل رقم جو اڌ تہ پنهنجا نوازي ۾ هليو ويو. انگن اکرن مطابق 7 هزار پيليون ٽيڪسيون افغانستان جي ڪابل ۽ قنڌار وارن علائقن مان مليون هيون. جڏهن تہ ڊيوٽي فري ۾ گهرايل گاڏيون نواز شريف حڪومت جي خاتمي کانپوءِ اعليٰ سرڪاري ۽ فوجي آفيسرن کي پورٽ

تان ڏنيون ويون. ليڪن بئنڪن کي تمام وڏو نقصان پهتو. بينظير پٽو جي خود روزگار اسڪيم به بئنڪن جي قرضن تي بيٺل هئي. پارٽي قيادت طرفان سخت هدايتون جاري ٿيل هيون. ضلعي سطح تي پيپلزپارٽي يوٿ فورم ۽ پ پ جي ليڊيز ونگ کي ڪميٽين ۾ نمائندگي ڏيڻ جو پابند بڻايو ويو هو. اها اسڪيم سياسي مداخلت سبب ڪو بوتو نه ٻاري سگهي.

بئنڪن جا فنڊ ته شهرن جي خوبصورتي ۽ ٽري پلانٽيشن لاءِ به استعمال ٿيندا رهيا آهن. اهي منصوبا ڪيترو ڪامياب رهيا؟ اهو هڪ ٻيو سوال آهي. پر اصل ڳالهه اها آهي ته حڪومت جي هميشه نظر بئنڪن جي جمع پونجي تي رهندي آهي ۽ ان کي اهي پنهنجي تڪن ۾ مختلف منصوبن جي نالي تي خرچ ڪرڻ چاهينديون آهن.

هاٽوڪي حڪومت به ائين ئي ڪيو آهي "جڏهن ان پنهنجو تڪ ناهڻ چاهيو ته ان جي نظر بئنڪ جي ڊپازٽس تي پئي. هاٽوڪي بجيٽ ۾ اعلانيل روزگار اسڪيم مڪمل طور بئنڪن جي فنڊن تي Depend تي ڪري "ته پوءِ ان ۾ غلط ڇا آهي؟" هڪ پرائيوٽ بئنڪ جو عملدار چوي ٿو. هن جو چوڻ هو ته بئنڪ ڊپازٽ جو تعلق عوام سان ئي آهي. ۽ اهي فنڊ جيڪڏهن عوام جي اجتماعي ڀلي لاءِ خرچ ڪيا وڃن ٿا ته نهايت چڱي ڳالهه آهي. ان جي معنيٰ اها ناهي ته بئنڪ فنڊ خيرات طور ورهايا پيا وڃن. پر اهي ته ماڻهن کي وڏيڪ ڪمائڻ لاءِ ڏنا پيا وڃن.

ڪجهه بئنڪارن جو اهو خيال آهي ته اهي نوي جي ڏهاڪي وانگر هاڻي ڪنهن جي به دٻاءَ ۾ نه ايندا. 90 ۾ اڪثر بئنڪون نيشنلائيزڊ هيون. بئنڪن جا سربراهه ۽ بورڊ آف ڊائريڪٽرس بي اختيار هئا. ان وقت پاڪستان بئنڪنگ ڪائونسل به هئي جنهن کي سياسي ماڻهن طرفان هدايتون جاري ڪيون ويندييون هيون.

ليڪن هاڻي لڳ ڀڳ 90 سيڪڙو بئنڪون پرائيوٽائزڊ آهن. بئنڪن جا سربراهه، بورڊ آف ڊائريڪٽرس آڏو جوابده آهن. جيڪي شيئر هولڊر جا چونڊيل آهن. اسٽيٽ بئنڪ به پارليامينٽ وٽ جوابده آهي. ان ڪري بئنڪار پُر اميد آهن. بئنڪن طرفان بهتر انداز سان پڙهيل لکيل بيروزگارن کي قرض ڏنو ويندو.

نيشنل بئنڪ جي عملدارن موجب قرض لاءِ ايندڙ درخواستن جي جاچ پڙتال لاءِ هڪ ساک واري خانگي ڪمپني جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن. جيڪا پڪ سان ڪنهن به سياسي دٻاءُ ۾ نہ ايندي.

خود روزگار اسڪيم جي سلسلي ۾ ڪجهہ سوال اڀرا آهن. جيڪي جواب طلب آهن مثال طور 1۔ بيروزگار تعليم يافتہ جي زمري ۾ ڪهڙي ريت ايندو؟ 2۔ قرض جي واپسيءَ جي گارنٽي ڪهڙي هوندي؟ 3۔ قرضن جي واپسي جو شيڊول ڇا هوندو؟ 4۔ قرض جي قسط ڏيڻ ۾ دير ٿيڻ جي صورت ۾ ان تي ڪيترو ڏنڊ وصول ڪيو ويندو؟ اهي اهڙا سوال آهن جن جي جوابن جو بيروزگار نوجوانن کي شدت سان انتظار آهي. اسان وٽ گهڻائي ماڻهو خود روزگار اسڪيم جا حامي آهن ۽ ڪين ان جي مخالفت تي عجب بہ لڳي ٿو "سال 5۔2004ع ۾ ملڪ جي پنجن وڏين بئنڪن ڪان 22 بلين روپين جو قرض ۽ وياج معاف ڪرايو ويو" هڪ جونيئر بئنڪر ٻڌايو پئي. هن جي خيال ۾ شاهوڪار ماڻهو تہ قرض وٺي معاف بہ ڪرائي ٿا وڃن، پر غريب ان کي پنهنجي خوشحالي لاءِ استعمال ڪندا. خاص طور تي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ وڏو Potential موجود آهي. پڙهيل لکيل هارين کي پنهنجن ننڍين فارمن تي پٽاٽا، ٽماٽا ۽ ساوڻ ڀاڄيون پوکڻ جي سلسلي ۾ همٿائي سگهجي ٿو جن جي ملڪ ۾ تمام گهڻي ضرورت بہ آهي. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي وفاقي ايگريڪلچر جي مارڪيٽنگ کاتي کي نئين سر منظم ڪري تہ زراعت جي شعبي ۾ حيرت انگيز سڌارا اچي سگهن ٿا. هارين کي پنهنجون زرعي پراڊڪٽس مارڪيٽ پهچائڻ جو ڪڙو بندوبست ڪپي ۽ پنهنجي سيڙايل موڙي جي ڪڙي واپسي پڻ. ان سلسلي ۾ حڪومتي کاتا ۽ بئنڪون ان جي مارڪيٽنگ ۾ مدد ڪري سگهن ٿيون.

ننڍين ۽ پڙهيل لکيل هارين کي چوپايو مال پالڻ ۽ ڊيري پراڊڪٽس کي هٿي وٺائڻ ۾ بہ مدد ڪري سگهجي ٿي. پاڪستان جي پاڙيسري ملڪ ڀارت جي رياست گجرات ۾ پڻ اهڙو تجربو ڪامياب ٿيو آهي. جنهن ۾

ڊيري جي صنعت ڪو آپريٽو ذريعي وڏو انقلاب آڻي چڪيو آهي. اهڙي ئي ڪوشش پاڪستان ۾ لائيو اسٽاڪ ڊيري فارمنگ ۽ پولٽري ۾ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي. حڪومت ۽ بئنڪون ان لاءِ مارڪيٽنگ لاءِ Logistic سپورٽ ۽ شيون مارڪيٽ تائين رسائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ مهيا ڪن.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته پاڪستان جي ٻهراڙين ۾ خوشحالي اچڻ ۽ بيروزگارن کي روزگار ملڻ سان شهرن ۾ به ڪاروبار وڌندو. هيٺين ڪلاس جنهن ۾ واڍا، رازا، درزي، اليڪٽريشن ۽ پينٽرز اچي وڃن ٿا. انهن جا ٻار پڙهيل لکيل آهن، انهن کي جيڪڏهن قرض ڏنا ويا ته اهي بهتر روزگار ڪري سگهن ٿا.

بئنڪون جيئن ته عوام جي ڏوڪڙن تي زنده آهن ۽ هلن به عوام جي بچتن تي ٿيون. اُن ڪري انهن بئنڪن کي ماڻهن جي خوشحالي ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ضرور ادا ڪرڻ گهرجي.

(16 سيپٽمبر 2006ع)

***

# اقتداري ڪيڏاڙ: ڳٽڀ شروع!

پ پ جي چيئرپرسن بينظير ڀٽو هوريان هوريان پاڪستان جي سياسي صورتحال ۾ واقعن تي ڪنٽرول حاصل ڪري رهي آهي. هوءَ ملڪ ۾ ڪا بہ ڇڪتاڻ ڏسڻ بدران امن، امان جي خواهشمند آهي. هن جي حڪمت عملي اها آهي تہ جنرل مشرف تي ايندڙ سال شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ سندس حلقي يعني فوج ۽ عالمي برادري ذريعي پريشر وڌايو وڃي.

هاڻي ان ڳالهہ ۾ بہ شڪ نہ هئڻ گهرجي تہ جيڪڏهن حڪومتي ادارن جي مداخلت ڪانسواءِ صاف ۽ شفاف عام چونڊون ڪرايون ويون تہ اوس ان ۾ بينظير ڀٽو جي پ پ جي کٽڻ جا امڪان آهن. ملڪ ۾ امن امان جي بهتر صورتحال ۽ عام رواجي حالتون ئي پ پ جي مفاد ۾ آهن، ڇاڪاڻ جو ڪراچي ۾ امن امان جي خراب صورتحال بهتر رهي، خاص طور تي سرحد، بلوچستان ۽ ملڪ جي ڪجهہ ٻين حصن ۾ بہ اها صورتحال بهتر ڪئي وڃي.

هن عورتن جي حقن جي تحفظ واري بل ۾ انتهائي دانائي جو مظاهرو ڪيو جنهن ڪري پرويز مشرف کي هڪ عام جلسي ۾ ڪيس مڃتا ڏيڻي پئي. پ پ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ عورتن واري بل تي حڪومت جي مڪمل طور حمايت ڪئي، جنهن ڪري اهو بل بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پاس ٿي ويو. 1977ع کانپوءِ پهريون ڀيرو مولوين جو منهن ڀت سان وڃي لڳو ۽ وٽن هاڻي ڪو بہ رستو ناهي بچيو. انهن کي اهڙي دڳ تي آڻي بيهاريو ويو جتي اهي ناڪاري ووٽ بہ نہ ڏئي سگهيا. انهي حد تائين جو اهي اهڙي بل خلاف پنهنجو احتجاج بہ رڪارڊ نہ ڪرائي سگهيا. جيڪو سندن خيال ۾ قومي اسيمبلي جي فلور تي پيش ئي نہ ٿيڻ کپندو هو.

مولوي حضرات قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان استعيفائون بہ نہ ڏنيون، حالانڪہ انهن اعلان ڪيو هو تہ جيڪڏهن عورتن جي حقن جي تحفظ وارو بل ايوان ۾ پيش ڪيو ويو تہ اهي استعيفائون ڏئي ڇڏيندا. ليڪن بل پيش بہ ٿيو ان تي بحث بہ ڪيو ويو ۽ هاڻي تہ اهو قانون جو روپ بہ ڌاري ويو پر مولوي رڳو واڪ آئوٽ ڪري سگهيا. استعيفائون بہ نہ ڏنائون. ان جو اصل سبب اهو آهي تہ کين خوف هو تہ جيڪڏهن انهن قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ جون 68 سيٽون خالي ڪيون تہ انهن تي پ پ، مسلم ليگ (ق)، ايم ڪيو ايم ۽ ٻيا ضمني چونڊن ۾ حصو وٺندا. اخلاقي طور تي شڪست کانپوءِ انهن هڪٻئي تي الزام هڻڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. حافظ حسين احمد، جنهن پنهنجي سيٽ تان استعيفيٰ ڏني هئي، ان کي پارٽي جي نظم و ضبط جي پيڪڙي تحت شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ايم ايم اي جون بہ مک پارٽيون جماعتِ اسلامي ۽ جميعت علماءِ اسلام هڪٻئي سان سڌي ريت ٽڪراءَ ۾ آهن. قاضي حسين احمد جيڪو ايم ايم اي جو هن وقت سربراهہ بہ آهي، اهو چاهي ٿو تہ ساڻن لاڳاپيل قومي اسيمبلي جا سمورا ميمبر استعيفائون ڏين، ليڪن جي يو آءِ جو قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ مولانا فضل الرحمان ايئن ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

مسلم ليگ (ق) جي سربراهہ چوڌري شجاعت کي پڻ هن صورتحال ۾ شرمسار ٿيڻو پيو آهي، هن منڊ ۾ پنجاب جي مشهور 'راجا پورس' جي هاٿي وارو ڏيک ڏنو جنهن راجا پورس جي سپاهين کي پيرن هيٺان چيپاڻي ڇڏيو هو. جڏهن عورتن جي حقن وارو بل پاس ٿي ويو ۽ قانون جو حصو بڻيو تڏهن چوڌري شجاعت قومي اسيمبلي جي ميمبرشپ تان پنهنجي استعيفا وارو ڪاڳر اسپيڪر حوالي ڪيو جيڪا ڳالهہ وزراعظم شوڪت عزيز لاءِ بہ حيرت جوڳي هئي. جڏهن تہ مشرف ان ۾ پنهنجي ڪا گهٽتائي محسوس نہ ڪندي عوامي ميڙاڪي ۾ پ پ طرفان بل جي حمايت ڪرڻ تي ٿورا مڃيا.

مشرف جي انهي بيان کيل کي اڃا وڌيڪ گرمايو. هن چاهيو پئي تہ مولوي حضرات عورتن جي تحفظ واري بل تي پلي سخت موقف اختيار ڪن. اهي استعيفائون ڏين ۽ اي آر ڊي کي پريشر ۾ آڻي تحريڪ هلائن تہ

جيئن ڪيس مداخلت ڪري ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو جواز ملي پوي. بل پاس ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مشرف مُلن کي وڏيڪ چيڙائڻ خاطر پنهنجي سياسي بازو متحده قومي موومينٽ کان پهرين ان بل جي حق ۾ شڪريه ادائي جو ڏينهن ملهرايو. ان ڪانپوءِ وري جنهن ڏينهن مولوي شجاعت سان مليا، ان ڏينهن ڪانئن ان عمل خلاف احتجاج ڪرايو ويو.

انهي سڄي ڪيڏاڙ ۾ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) بينظير ڀٽو جي مشوري تي پاسيرا رهيا. ايم ڪيو ايم مُلن کي چيڙائڻ خاطر ريليون ۽ مظاهرا ڪرايا. مولوين اڳ ۾ بل جي حمايت ڪرڻ تي پ پ کي تارگيٽ بڻايو پر ڪٿان به ڪا موٽ نه ملڻ سبب هاڻي هو ان حوالي سان خاموش آهن. ٻئي طرف پ پ حڪومتي ڌر جي ماڻهن سان راهه رسم ۾ به رڌل آهي، جنهن جو مظهر بيگم عابده حسين ۽ سندس مڙس جي پ پ ۾ شموليت پڻ آهي. جڏهن ته ڪجهه سرڪاري صحافين اها خبر به هلائي ته عابده حسين جي پ پ ۾ شموليت تي نواز شريف ناخوش آهي، پر اطلاع ته اهي به آهن ته هن وقت مسلم ليگ (ق) جا ڪوڙ سارا اڳواڻ پ پ ۾ شموليت لاءِ بي چين آهن ۽ پ پ قيادت سان رابطن ۾ پڻ آهن. واضح رهي ته حڪومتي ڌر جا ڪجهه با اثر ماڻهو اهو به چاهين ٿا ته بينظير ڀٽو خلاف سوئز عدالت وارو ڪيس ٻيهر کوليو وڃي ۽ آصف زرداري خلاف نئون قتل جو ڪيس رجسٽر ڪرڻ جون پڻ تياريون ڪيون ويون آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو بينظير حڪمت عملي تحت گهٽو نٿي ڳالهائي. ايئن ئي آصف علي زرداري توڙي ٻين اڳواڻن کي به هدايتن تحت چُپ ڪرايو ويو آهي. بينظير ڀٽو خاموش آهي ۽ هن جي هڪ نقطي واري ايجنڊا اها آهي ته ملڪ ۾ امن امان بحال رهي.

بينظير ڀٽو نواز شريف سان به تمام ويجهن رابطن ۾ آهي. هن لاءِ اهو به چيو ٿو وڃي ته هوءَ مُلن سان به رابطي ۾ آهي ۽ کين اها صلاح پئي ڏئي ته اهي استعيفائن بدران اي آر ڊي سان گڏجي جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪن. بينظير جي اثرائتي حڪمت عمليءَ ڊسمبر جي ٻئي هفتي ۾ ظاهر ٿي، جڏهن انهي عرصي دوران جنرل مشرف ڪوئيٽا جو دورو ڪيو. هن بلوچ قومپرستن خلاف چيڙائيندڙ لهجو اختيار ڪيو. هن بلوچ نوجوانن کي ملازمتون ڏيڻ ۽ آبادگارن کي ٽن لکن تائين قرض ڏيڻ جي آڇ ڪئي. ليڪن سندس بلوچ قومپرستن لاءِ پيغام نهايت سخت هو.

12 ڊسمبر تي اسلام آباد ۾ ٿيل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ سيني جماعتن پڻ بلوچن جي حقن جي حمايت ڪئي. مذڪوره ڪانفرنس ڪي مسلم ليگ (ق) جي سيڪريٽري جنرل مشاهد حسين پڻ خطاب ڪيو. هن بلوچن سان ڳالهين ڪرڻ جي حمايت سان گڏ بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف جي ترت وطن واپسيءَ تي بہ زور ڀريو. ٻئي طرف 13 ڊسمبر جي اخبارن ۾ اهو انڪشاف سامهون آيو آهي تہ آمريڪا پاڪستان طرفان وزيرستان جي قبائلين سان ڪيل معاهدي مان ناخوش آهي، آمريڪي اختياريون اهو پڻ چئي چڪيون آهن تہ طالبان دهشتگرد پاڪستان مان افغانستان وڃي ڪارروايون ڪن ٿا ۽ اتان جي حڪومت لاءِ مسئلا پيدا ڪن ٿا. واضح رهي تہ ڪرزئي بہ پاڪستان تي ساڳيا الزام مڙهي ٿو.

پارٽي حڪومت بہ ان حوالي سان بي چين آهي تہ پاڪستان ساڻن گڏجي سرحدي دهشتگردي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪو مڪينزم جوڙي. مشرف طرفان ويجهڙ ۾ هڪ پارٽي ٽي وي چينل کي ڏنل انٽرويو ۾ ڪشمير بابت هڪ نئون موقف سامهون آيو آهي، جنهن ۾ هن پاڪستان جي ورهين پراڻي موقف يعني گڏيل قومن جي قرارداد موجب ڪشمير مسئلي کي حل ڪرڻ بابت نرمي ڏيکاري آهي. واضح رهي تہ هاڻ جنگ فوجن لاءِ ڪا گهٽي لاڀائتي نہ رهي آهي.

فوجي عملدار خود پئسا ڪمائڻ تي لهي پيا آهن. سياچن ڪيترن ئي نوجوانن جون زندگيون ڳڙڪائي چڪو آهي. ان ڪانسواءِ ڀارت هڪ وڏي واپاري منڊي آهي، جنهن سان پاڪستان بهتر لاڳاپا ڪري گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهي ٿو.

جيتوڻيڪ في الحال تائين تہ بينظير صحيح رخ ۾ ڪم پئي ڪري، پر اهو رستو آهي ڏاڍو خطرناڪ. پاڪستان ۾ مولوين سميت اجا ڪيترائي عنصر آهن، جيڪي عورت جي حيثيت قبولڻ لاءِ تيار ناهن. سرحد جي قبائلي علائقن ۾ تہ هر اليڪشن ۾ علائقي جا چڱا مڙس گڏجي فيصلو ڪندا آهن، جنهن تحت اتان جون عورتون ووٽ ڪاسٽ نہ ڪري سگهنديون آهن. اتي ڇوڪرين جي اسڪولن تي بم وسائڻ جا مثال بہ

موجود آهن. جيڪڏهن بينظير ڀٽو اهو ذڪيو رستو اختيار ڪري وڃي ٿي، پرامن چونڊون ٿين ٿيون ۽ هوءَ چونڊون کٽي ٿي وڃي تہ پوءِ هوءَ اقتداري ڪاريڊور تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي ۽ اها جيت رڳو سنڌس نہ، پر لکين بي آواز عورتن جي بہ جيت هوندي، پر بينظير ڀٽو ۽ سندس پارٽي بنا ڪنهن منشور جي آهن. ڇا هوءَ پنهنجن ووٽرن لاءِ اهو ڪجهہ ڪندي، جيڪو سندس والد 1970ع جي چونڊن ۾ ڪيو هو؟ اهو سوال جواب جو گهرجائو آهي.

2007ع ۾ پاڪستان ۾ اهڙي صورتحال نہ هوندي، جهڙي 1970ع کان اڳ هئي، پر پوءِ بہ اقتصادي ۽ سماجي حالتون ساڳيون آهن. حڪومت جي 6ـ2005ع جي اقتصادي سروي مان سماجي ۽ اقتصادي بدحالي پڌري پٽ پئي آهي.

اهائي سماجي ۽ اقتصادي بدحالي عوامي حمايت سان کٽڻ کانپوءِ بينظير آڏو هوندي ۽ ان کي ئي ڳجها ادارا جواز بڻائي سندس پير ڪڍڻ ۾ وسان نہ گهٽائيندا.

(16 ڊسمبر 2006ع)

***

# سنڌ لاءِ آمراڻي دؤر جي واپسي!

جيئن جيئن عام چونڊن جي تاريخ 18 فيبروري ويجهي اچي رهي آهي، تيئن تيئن پ پ جي ڪارڪنن ۾ ڪاوڙ وڌي رهي آهي. اهي ان ڪري بہ ڪاوڙيل آهن جو بينظير ڀٽو جي قتل ڪانپوءِ ٽن ڏينهن ۾ ٿيل تشدد ۽ ڀيج ڊاهہ جي واقعن ڪانپوءِ مختلف ٿاڻن تي سندن خلاف 50 هزار ايف آءِ آرون داخل ڪيون ويون آهن. پ پ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي سندن نام نهاد همدردن کان اهي فون ۽ پيغام اچي رهيا آهن تہ خاموش رهن ۽ چونڊن تائين متحرڪ ٿيڻ ۽ سياست ۾ حصو وٺڻ کان پاسو ڪن.

هڪڙو ڊپ اهو آهي تہ سڄي سنڌ ۾ 50 هزار ايف آءِ آرن ذريعي پ پ جي لڳ ڀڳ 5 لک ڪارڪنن کي جيلن جا چڪر ڪاٽرايا ويندا. "اهي صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جي اميدوارن کي گرفتار ڪندا. سندن ويجها عزيز دوست يار، حامي، پاڙيسري ۽ ڳوٺ بہ ان عذاب ۾ مبتلا ڪيا ويندا." هڪ مقامي پ پ اڳواڻ چيو. ياد رهي تہ ضياءَ الحق جي دور ۾ 1977ع کان وٺي 1985ع تائين پ پ ڪارڪنن اهڙي قسم جو ئي عذاب ڀوڳيو هو.

1983ع ۾ سنڌ جي ڀهراڙين کان اُٿيل احتجاجي تحريڪ پڻ رياستي ڏاڍ خلاف سڌو ردعمل هو پر تڏهن 1983ع ۽ 1986ع ۾ بينظير ساڻن گڏ عذاب سٺا. نہ رڳو اهو پر جڏهن هوءَ پاڪستان مان پرڏيهہ هلي وئي. تڏهن بہ هن عالمي برادري اڳيان پنهنجي ڪارڪنن سان ٿيندڙ ظلم ۽ تشدد خلاف ڀرپور آواز اُٿاريو ليڪن هاڻي پ پ ڪارڪنن لاءِ انهي سطح جي ڪابہ قيادت موجود ناهي. ان ڪري اهي پاڻ کي بي يارومددگار سمجهن ٿا.

آصف علي زرداريءَ جي لاءِ هن وقت هڪ اڳواڻ طور سخت امتحان آهي، هن کي رياستي ڏاڍ خلاف بيهڻو آهي. پارٽي ڪارڪنن کي يڪجا ڪرڻو آهي ۽ گڏوگڏ سازشن کي بہ منهن ڏيڻو پوندو. آصف علي زرداريءَ جي گهرواري يعني محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت ڪانپوءِ سندس طرفان قيادت سنڀالڻ بابت مختلف افواهہ پڻ پکيڙيا ويا آهن. جڏهن تہ ممتاز ڀٽو زرداريءَ کي لاڙڪاڻي ۾ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اهي بہ اطلاع آهن تہ بينظير ڀٽو جي شهادت سبب خالي ٿيل قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تان ممتاز علي ڀٽو چونڊ وڙهڻ جي تياري پيو ڪري، هن ڪليل طور زرداريءَ جي لاڙڪاڻي ۾ موجودگيءَ کي چئلينج ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هن بينظير ڀٽو جي وصيعت جي حقيقي هجڻ بابت بہ سوال اٿاريا آهن، جنهن ۾ بلاول ۽ آصف کي پنهنجو سياسي وارث نامزد ڪيو ويو آهي.

بينظير جي شهادت کي ٻن هفتن کان بہ وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ باوجود اُن جي تہ ڪين ڇيڙائيندڙ پيغام اماڻيا پيا وڃن، پر انهن ٻڌيءَ ۽ اتحاد جو مظاهرو ڪيو آهي. اهي اُتساهہ جي هڪ نئين لهر مان گذري رهيا آهن. آصف علي زرداريءَ جو پارٽيءَ کي لاهور مان ويهي هلائڻ وارو فيصلو درست آهي، جيڪو مسلم ليگ (ق) جو پڻ مرڪز آهي. باوجود ان جي آصف کي پريس ڪانفرنسن دوران جذبات بدران سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. سندس پٽ بلاول ان جو بهترين مثال آهي، جيڪو پريس ڪانفرنس دوران نهايت مانيٺو نظر اچي ٿو.

بلاول لنڊن ۾ پهرين پريس ڪانفرنس دوران ئي وڏي اڪثريت جون دليون کٽي ورتيون آهن. گهٽ عمر نوجوان بلاول پنهنجا جواب مختصر پر ٺُز ڏنا. هن ڪافي ڇيڙائيندڙ سوالن جا بہ نهايت ٺڌائپ سان پئي جواب ڏنا. 19 سالن جي عمر جيڪا عام طور گرم خون هجڻ ڪري جذباتي عمر هوندي آهي، جذبات ڀڙڪيل هوندا آهن. بلاول جا جذبا بہ ماءُ جي شهادت تي ڀڙڪيل ئي هوندا، پر هُن نهايت سنجيدگيءَ ۽ بردباريءَ جو مظاهرو ڪيو.

پياري پاڪستان ۾ هاڻي سياست ۾ عاشورن ڪانپوءِ تيزي ايندي سياستدانن جي زندگين کي اڻ ڄاتل ماڻهن طرفان خطرا آهن. ڪين سياسي

سرگرمين کان پري رهڻ جو چيو ويو آهي. سياستدانن وٽ اهائي چوائس بچي ٿي ته حڪومت جيڪو ڪجهه ڪين چوي ٿي، ان تي عمل ڪن. پر ڪين اهو به محسوس ڪرڻ کپي ته بينظير به مشرف سان ڊيل ڪري پاڪستان آئي هئي. هن مختصر نوٽيس تي اليڪشن ۾ حصو پئي ورتو ۽ انهن شرطن تي جيڪي هڪ آمر طرفان طئي ڪيا ويا هئا. ليڪن هن جي ڪليل سرگرمين، وڏن عوامي ميڙاڪن ۽ سياست جنرلن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون.

بينظير جي جاءِ سنياليندڙن کي اهو سوچڻ گهرجي ته اهي هاڻي هڪ خطرناڪ گيم ۾ اِن آهن. انهن کي قربانين لاءِ تيار رهڻ گهرجي. اهو ئي قيادت جو اُتساهه هوندو جيڪو پ پ ڪارڪنن کي متحد رکندو. هن وقت تائين به ڪيترائي پ پ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا آهن. رات جو انداوهيءَ ۾ گرفتارين لاءِ ڇاپن جو سلسلو هلندڙ آهي، ڇو ته اڳواڻن جي ويجهن عزيزن کي پڻ نشانو بڻايو ويندو. اهي مثال به اسان جي اڳيان آهن ته نصرت ڀٽو تي به ماضيءَ ۾ عوامي پيڙ ۾ لاٺي چارج ڪيو ويو هو ۽ سندس مٿو ڦاٽي پيو هو. بينظير به ڪيترائي پيرا جيل وئي، سندس مڙس آصف عَلي زرداري به شاديءَ کانپوءِ گهڻو عرصو جيل ۾ ئي گذاريو. ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهي ڏني وئي ۽ ڦاهيءَ کان اڳ ڪيس لاهور ۾ راولپنڊيءَ ۾ عام قيدين وانگر رکيو ويو. پ پ جي حامين وٽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه آپشن ناهي ته اهي هرحال ۾ چونڊن ۾ حصو وٺن، پوءِ پلي مشرف هڪ ڀيرو چونڊون ملتوي ڇو نه ڪري ۽ اهي پيدا ڪيل هٿرادو دهشتگرديءَ جو مقابلو ڪن. ڇو ته پ پ اهڙي سياسي پارٽي آهي، جيڪا چونڊون وڙهي سگهي ٿي. اها ڪا انقلابي پارٽي ناهي، جو هٿياربند جدوجهد ڪري ان کي مشڪلاتون درپيش اچي سگهن ٿيون. ڇو ته ماضيءَ ۾ به ان جي قيادت سختيون برداشت ڪيون. ان کي آئيني اختيار، قانون جي حڪمراني، پارلياماني جمهوريت، صوبائي خودمختياري ۽ سوشو اڪانامڪ آرڊر لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. ماڻهو پلي چون ته 45 سيڪڙو ووٽر پ پ سان گڏ آهن، ان کي عالمي برادري جي حمايت حاصل آهي، جيڪا ٻي ڪنهن به

پارٽيءَ کي ناهي. اهو ممڪن آهي تہ پ پ کي مڪمل سوپاري ٿيڻ ۾ وقت لڳي، پر اڳي پوءِ سوپ ان جي ٿيڻي آهي. جيئن پ پ قيادت ڏک جي گهڙيءَ ۾ سنجيدگيءَ ۽ بردباريءَ جو مظاهرو ڪيو ايئن اهي جڏهن حڪومت ۾ اچن، تڏهن بہ عوام ڏانهن اهڙي ئي ذميوار روش ڏيکارين. انهن کي پنهنجي مخالفن لاءِ وسيع القلب پڻ ٿيڻو پوندو.

نواز شريف پنجاب ۾ پنهنجي چونڊ مهم شروع ڪري ڇڏي آهي، هن جي پٺيان پنجاب جو عوام تہ آهي، پر وٽن اميدوارن جي کوٽ آهي، ان ڪري گهڻا امڪان اهي آهن تہ مسلم ليگ (ق) جا ڪافي سارا اميدوار مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ٿي ويندا. چونڊن کانپوءِ اهي ڪوششون لامحالہ ڪيون وينديون تہ حڪومت ۾ پنجاب جي نمائندگي هجڻ گهرجي. ان لحاظ کان مسلم ليگ پنجاب جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ پ پ نٿي ڪري، ڪيترائي پنجابي شائونسٽ تہ پ پ کي سنڌ جي پارٽي سمجهن ٿا. پ پ قيادت کي انهي سڄي صورتحال کي هوشياريءَ سان منهن ڏيڻو پوندو.
ليڪن چونڊن جي ويجهو ايندي ئي سرحد صوبي ۾ صورتحال خراب ٿيڻ ڏانهن وڌي رهي آهي. اربعا ۽ خميس ڏينهن (16 ۽ 17 جنوري) تي قبائلي ويڙهاڪن قانون لاڳو ڪندڙن کان ٻن قلعن جو قبضو حاصل ڪري ورتو ڪيترائي قانون لاڳو ڪندڙ قبائلين هٿان گرفتار ڪيا ويا. انهن مان ڪيترن کي پوءِ آزاد ڪيو ويو. باوجود ان جي اڪثريت اڃا بہ طالبان جي قبضي ۾ آهي. انهيءَ جي معنيٰ اها آهي تہ طالبان پنهنجي ساٿين جي حڪومتي تحويل مان آزاديءَ جا خواهان آهن.

طالبان جنهن قسم جي جدوجهد ۾ رڌل آهن، ان مان اهي سبق حاصل ڪري رهيا آهن. هاڻي ايئن ٿو لڳي تہ انهن پنهنجي اندر سياسي مرڪز جوڙي ورتو آهي، جيڪو کين هٿيارٻند جدوجهد ۾ رهنمائي ڪري ٿو. طالبان سرحد ۾ نئين سگهہ حاصل ڪري رهيا آهن. اهو ان ڪري جو افغانستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ڪو بہ مجيل عالمي بارڊر ناهي. ذوالفقار علي ڀٽي مرحوم سردار دائود کي 1976ع ۽ 1977ع ۾ ڊيورنڊ لائين تسليم ڪرڻ لاءِ ميڙايو پر تسليم ٿيڻ کان اڳ ضياءَ الحق گهات هڻي اقتدار تي

قبضو ڪري ورتو مارشل لا مڙهي ڇڏيائين. پتو گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس 1979ع ۾ ڦاهي چاڙهيو ويو. اها نهايت خطرناڪ صورتحال آهي، ڇو تہ طالبان پناڻ آهن، جيڪي پاڪستان ۽ افغانستان ۾ وڙهي رهيا آهن. پاڪستان، هتان جي پناڻن ڪي طالبان خلاف وڙهڻ لاءِ آماده نہ ڪري سگهيو آهي.

طالبان جي سوات، ڏکڻ وزيرستان، باجوڙ ۽ پاراچنار ۾ فرقيوار ڇڪتاڻ 18 فيبروري جي چونڊن کي پوئتي ڌڪي سگهي ٿي. ڪو بہ ننڍو يا وڏو واقعو چونڊن جي ملتوي ٿيڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو. چونڊن ڪانپوءِ ڇا ٿيندو، هينئر ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. اهو فقط وقت ئي ٻڌائيندو ليڪن اهڙن واقعن اڳيان هڪ وڏو سواليہ نشان آهي، جيڪي 18 فيبروري جي چونڊن جي ملتوي ٿيڻ جو سبب ٿي سگهن ٿا.

(16 جنوري 2008ع)

***

# بينظير ڀٽو جي شهادت ۽ اسٽيڪسڪو چاهيندڙ ڌريون!

پاڪستان جي عوامي اڳواڻ بينظير ڀٽو جي 27 ڊسمبر جي شام المناڪ شهادت پاڪستان کي انتهائي سنگين بحران ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي ۾ ٻه 27 ۽ 28 ڊسمبر واري رات وڏي پئماني تي گهٽين ۽ روڊ رستن تي وڳوڙ ڏسڻ ۾ آيا. سوين ڪارون ماڻهن کي انهن مان ٻاهر ڪيڻ ڪانپوءِ ساڙيون ويون. هزارين گاڏيون ڦريون به ويون. بسون به ساڙيون ويون، انهي حد تائين جو ايمبولينسن کي به نه ڇڏيو ويو ۽ 24 ايمبولينسون ساڙيون ويون. اهڙي ريت ڪراچيءَ سميت سنڌ جي ٻين علائقن ۽ پنجاب جي مختلف حصن ۾ 200 بئنڪون ڀيج ڊاهه ڪري ساڙيون ويون، ريلن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي حملا ڪيا ويا، ريلون ساڙيون پڻ ويون. سنڌ ۽ پنجاب کي ملائيندڙ هاءِ ويز تي پبلڪ ٽرانسپورٽ کي نشانو بڻايو ويو ۽ لڳ ڀڳ ٽي ڏينهن اهي مک شاهراهون بند رهيون.

حڪومتي ايجنسيون، بئنڪر، دڪاندار ۽ واپاري پنهنجي نقصانن جو ڪاٿو ڪرڻ ۾ جنبيل آهن، پر سڀ کان وڏو نقصان نفسياتي ٿيو آهي. اها حڪومت جيڪا هميشه دعويٰ ڪندي رهي آهي ته ان کي پوري ملڪ ۾ عوامي حمايت حاصل آهي، ان ماڻهن کي اهڙين حالتن ۾ غربت ۽ بيروزگاري هوندي تن تنها ڇڏي ڏنو.

27 ڊسمبر جي شام بينظير ڀٽو جي شهادت وارو سانحو ٿيڻ جي هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ ڪراچي جي روڊ رستن تان پوليس ۽ رينجرز غائب ٿي وئي. ان وقت نهايت سنگين صورتحال پئدا ٿي وئي، جڏهن ماڻهو پنهنجي آفيسن ۽ ڪم ڪار وارين جاين تان گهرن ڏانهن واپس پئي موٽيا. اها خبر

انهن ماڻهن لاءِ بہ ڏک جي خبر هئي، جن جا ساٿس مختلف معاملن تي اختلاف بہ هئا. ڇو تہ هوءَ سموري ملڪ جي نهايت عزت لائق اڳواڻ هئي. جڏهن انهي سطح جي عوامي اڳواڻ بہ غيرمحفوظ هجي تہ پوءِ عام ماڻهو ڪيئن محفوظ ٿي سگهي ٿو. اهائي اهڙي محسوسات هئي، جنهن ماڻهن کي مجبور ڪيو تہ هو جيترو جلدي ٿي سگهي، پنهنجي گهرن ڏانهن موٽن ۽ اها اهڙي رات هئي، جنهن ۾ ماڻهن عذاب ڀوڳيو.

ان سانحي ڪانپوءِ ٽي ڏينهن جمعو ڇنڇر ۽ آچر (ڊسمبر 28 ، 29 ۽ 30) سموري پاڪستان ۾ زندگي مڪمل طور مفلوج هئي. سرڪاري آفيسن تي حملا ڪيا ويا، بئنڪن مان ڦرلٽ ڪئي وئي، دڪان ۽ اناج جا گودام ڦريا لٽيا ويا، 12 کان وڌيڪ معصوم ماڻهو موت جو کاڄ ٿيا، ڇا پاڪستان جي سيڪيورٽي جا معاملا سنڀاليندڙن لاءِ سنڌ ۽ ملڪ ۾ گذريل اهي ٽي ڏينهن پوائنٽا نہ هئا؟

انهيءَ صورتحال جو فوري بندوبست تہ اهو ڪيو ويو جو سنڌ جي ڪيترن ئي حصن ۾ فوج اماڻي وئي. ايئن هاڻي پاڪستان جي ٽن صوبن ۾ فوج موجود آهي. بلوچستان ۽ سرحد ۾ تہ فوج اڳ ۾ ئي موجود هئي. هاڻي اها سنڌ ۾ بہ داخل ٿي چڪي آهي. انتهائي باخبر تجزئي نگارن موجب اها صورتحال لڳ ڀڳ مارشل لا جهڙي آهي.

پ پ آچر ڏينهن پنهنجي قيادت جي چونڊ ڪئي ۽ 8 جنوري جي عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو بہ فيصلو ڪيو. پ پ جي اهڙي فيصلي حڪومت کي سخت حيرانگي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. اهو بہ هڪ سچ آهي تہ محترمہ بينظير ڀٽو جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ واري فيصلي کي حڪومت، مسلم ليگ (ق) ايڏو سنجيدگيءَ سان نہ ورتو هو. گهڻا امڪان اهي هئا تہ پ پ عين وقت تي پاڻ کي اليڪشني ڊوڙ مان ٻاهر ڪري ويچي ها ۽ ڪن معاملن تي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري ها. مسلم ليگ (ق) جي قيادت ان حوالي سان ڪيترائي ڀيرا شڪ شبهن جو اظهار ڪيو هو پر جنهن انداز سان هن ٻہ ڌماڪن جو خطرو هوندي بہ چئني صوبن ۾ اليڪشني مهم هلائي ۽ ان ۾ وڏي پئماني تي عوامي شرڪت حڪومت کي

سخت مايوس ڪيو. بينظير جي 18 آڪٽوبر تي واپسي، چونڊ مهم ۾ حصو وٺڻ ۽ شريف برادارن لاءِ دروازا کليل رکي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ ۾ سندس ادا ڪيل ڪردار يقيني طور تي فوجي قيادت سان هم آهنگي جو نتيجو هئي. ڪيترن سياستدانن جي اها سوچ رهي ته بينظير ڀٽو ڪٿي بري طرح ڦاٿي هئي ۽ هوءَ عام چونڊن ذريعي جنرلن لاءِ ڪوڪردار ادا ڪري رهي هئي، پر انهن مان ڪڏهن به ڪنهن نه سوچيو ته محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي چونڊ مهم دوران پنهنجي پارٽي لاءِ جاءِ پئدا ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيترين ئي سياسي پارٽين خاص طور تي مسلم ليگ (ن) لاءِ ڪافي خطرو هئي. انهن ڪيس پردي تان هٽائڻ پئي چاهيو ۽ نيٺ رستي تان هٽائي ڇڏيائونس.

محترمه بينظير ڀٽو جي المناڪ شهادت ڪانپوءِ، اسڪرپٽ لکندڙن جو ٻيو ٽارگيٽ اهو هو ته امن امان جي خراب صورتحال پئدا ڪري ان جي ذميواري پ پ ڪارڪنن تي وڌي وڃي. ان تحت اهو ڪيو به ويو. پ پ جا جهنڊا کنيل ماڻهو گاڏيون ساڙي رهيا هئا ۽ ملڪيتن کي نقصان پهچائي رهيا هئا، اهي منظر ڏيکاريا به ويا، پر سڄي ملڪ ۾ هڙتال، ڪراچي ۾ ڪاروبار بند هجڻ "اسٽيٽس ڪو" جي حامين کي به وائڙو ڪري ڇڏيو. انهن جو وڏ ۾ وڏ زور ان تي هو ته اهو ثابت ڪن ته بينظير ڀٽو لاڙڪاڻي يا رڳو سنڌ جي اڳواڻ هئي. ليڪن هر ڪنهن ڏٺو ته سڄو ملڪ انهي سانحي جي غم ۾ ٻڏل هو. جيئوٽيڪ ماڻهو بي يارو مددگار هئا، پوءِ به انهن مزاحمت ڏيکاري، جنهن ڳالهه حڪمرانن کي وائڙو ڪري ڇڏيو. هاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر انهي صورتحال مشرف جي ملڪ جي صدر طور رهڻ بابت قانوني، آئيني ۽ اخلاقي سوال پئدا ڪري ڇڏيا آهن. بينظير ان صورتحال ۾ چونڊون وڙهي رهي هئي، جڏهن مشرف صدر هو. هن جي چونڊ مهم سندس لاءِ وڏو خطرو هئي، پر محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ۽ حڪومت طرفان جاچ جو رخ موڙڻ ڪانپوءِ ماڻهو هڪ دفعو وري ان معاملي تي بحث ۾ جنبي ويا آهن!

چوندين 8 جنوري تي ٽين يا ڪجهه وقت پوئتي ڪيون وڃن. پر مشرف جي صدر طور رهڻ هڪ وڏو مسئلو آهي. حڪومت جيئن جيئن چونڊن لاءِ وڌيڪ وقت وٺندي، مشرف جي آئيني ۽ قانوني صدر هجڻ وارو سوال ايترو تيزيءَ سان بحث هيٺ ايندو. ڪڙو سچ ته اهو به آهي ته هاڻي جيڪڏهن مشرف صدارتي ڪرسي ڇڏي به ڏئي تڏهن به بحران جو انت ناهي اچڻو اجا ڪيترائي اهم مطالبا آهن، جيڪي ايندڙ ڏينهن ۾ سامهون ايندا. سال 2008ع پاڪستان کي انتهائي فيصلا ڪن مرحلي ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. ملڪ ۾ تبديليءَ خاطر پ پ جي نئين سربراهه آصف علي زرداري اها نهايت معقول ڳالهه ڪئي آهي ته ملڪ کي پاڪستاني گوربا چيف مان جند ڇڏائڻي پوندي. پاڪستان جو عوام چاهي ٿو ته اهي انصاف پرئي ۽ غيرجانبدار سياسي، سماجي ۽ اقتصادي ماحول ۾ گڏجي رهن. ان کانسواءِ ڪوبه چارو ناهي!

(15 جنوري 2008ع)

***

## عوام غربت جي گهاٽي ۾!

1991ع کان ملڪ ۾ شروع ٿيل پرائيوٽائيزيشن جي عمل سبب سرڪاري ادارن مان ڏيڍ لک کان مٿي ماڻهو جن ۾ 28 هزار کان مٿي بئنڪن ۽ مالياتي ادارن جا ماڻهو بہ شامل آهن، ملازمتن تان هٿ ڌوئي ويٺا ۽ ڪين بيروزگار ٿيڻو پيو. اهڙي دعويٰ ايڪشن ايڊ پاڪستان جي هڪ ريسرچ رپورٽ ۾ ڪئي وئي آهي.

جڏهن تہ عام استعمال جي شين جا اگهہ پڻ چوٽ چڙهي ويا آهن، جن ۾ داليون، ڪڻڪ، ڪاچرو تيل، دوائون، پيٽرول ۽ ٻيون شيون شامل آهن. ان ڪانسواءِ روزمره جي استعمال جي شين جهڙوڪ ڪڻڪ، کنڊ، ساين ڀاڄين، ڪاچري تيل جي کوٽ پڻ هڪ حقيقت بڻجي چڪي آهي، جنهن کي ملڪ جا 160 ملين بي يارو مددگار ماڻهو هر ايندڙ ڏينهن منهن ڏئي رهيا آهن.

حڪومتي ڌريون خاص طور تي وزيراعظم ۽ ناٽي وارو صلاحڪار وڏي فخر سان اها دعويٰ ڪن ٿا تہ انهن گذريل ٽن ورهين ۾ قومي سطح تي غربت 24 سيڪڙو مان گهٽائي 10 سيڪڙو تائين پهچائي آهي. لبرل بئنڪن قرضن ذريعي 3 ڪروڙ اهڙا ڪنزيومر پيدا ڪيا آهن، جيڪي شاپنگ مال جو رخ ڪن ٿا. "انهي سان متفق آهيون" پر سوال اهو آهي تہ باقي اذيت ۾ گهاريندڙ 130 ملين پاڪستانين جي درد جي دوا ڪير بڻبو؟

2005_6ع جي اقتصادي سروي مطابق اهي 130 ملين پاڪستاني غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن، جڏهن تہ انهن مان 20 سيڪڙو اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي بنهہ بدتر غربت جو شڪار آهن.

ياد رهي تہ پاڪستان ۾ ڊي ريگيوليشن، ڊس انويسٽمينٽ،

پرائيوٽائيزيشن ۽ لبرلائيزيشن واري پاليسي 5 جولاءِ 1977ع ۾ ان وقت متعارف ڪرائي وئي، جڏهن جنرل ضياءُ الحق ذوالفقار علي ڀٽو جي چونڊيل عوامي حڪومت جو خاتمو آندو هو. ننڍين واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن ڀٽي کي هٽائڻ لاءِ سخت احتجاج ڪيو ۽ پوءِ وڏن سرمائيدارن ان سياسي ۽ اقتصادي ڀونچال مان فائدو ورتو.

اهو به نه وسارڻ گهرجي ته 1950ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ ايران ۾ مصدق جي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ، 1973ع ۾ چلي جي چونڊيل حڪومت کي ڊاهڻ لاءِ ٻنهي ملڪن ۾ پڻ ننڍين واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون هيون. فوج جي اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ ئي هر هنڌ ڊي ريگيوليشن، ڊس انويسٽمينٽ ، پرائيوٽائيزيشن ۽ لبرلائيزيشن شروع ٿي، جيڪا پاڪستان پڻ پهتي.

تبديل ٿيل منظرنامي ۾ وڏا صنعتڪار ميدان ۾ لهي پيا. ان ڪري هاڻي ڊي ريگيوليشن ۽ پرائيوٽائيزيشن جو سڄو ثمر به گهڻ قومي ڪمپنيون کڻي رهيون آهن. ٽريڊ يونين جو ڪردار بنهه گهٽائي نه هجڻ برابر ڪيو ويو آهي، ڪنزيومر پروٽيڪشن ۽ شهرين جا حق هاڻي بي معنيٰ لفظ بڻجي چڪا آهن.

سيپٽمبر 1977ع ۾ 2000 زراعت سان لاڳاپيل صنعتي يونٽ مالڪن کي واپس ڪيا ويا. پر آمراڻي حڪومت جي اقتدار سنڀالڻ جي ٽن مهينن اندر ئي حڪومتي نگراني ۾ هلندڙ ڪيترن ئي ڪارخانن جا ٺيڪا خانگي شعبي حوالي ڪرڻ جي ڪين آڇ ڪئي. ايئن روزمره جي استعمال جون شيون به اڻلڀ ٿي ويون ۽ قيمتن جون تعين به واپاري پاڻ ڪرڻ لڳا.

مرحوم ضياءُ الحق تنهن دور ۾ اتفاق فائونڊري نواز شريف کي واپس ڏياري ۽ ٻيا صنعتي يونٽ به اصل مالڪن کي واپس ڪيا ۽ پرائيوٽائيزيشن جي عمل کي ڪتراڳ ۾ وڌو ويو. بينظير ڀٽو 1988ع ۾ اقتدار سنڀاليو پر جيستائين چونڊون ٿين ۽ چونڊيل حڪومت اقتدار سنڀالي ها، ان کان اڳ ئي ڊاڪٽر محبوب الحق پرائيوٽائيزيشن جي حوالي سان آءِ ايم ايف سان هڪ معاهدي تي صحيحون ڪري ورتيون هيون.

بينظير ڀٽو اچڻ سان ڊي ريگيوليشن ۽ پرائيوٽائيزيشن جي حوالي سان هڪ ڪاميٽي ٺاهي ۽ پي آءِ اي جا محدود شيئرز اسٽاڪ ايڪسچينج ذريعي وڪري لاءِ آڇيا ويا. امپورٽ ٽئرف ۾ تبديل نہ ٿيو ۽ سيلز ٽيڪس بہ 1990ع ۾ متعارف ڪرايو ويو. ياد رهي تہ 1977ع جي پرائيوٽائيزيشن ۽ لبرل بئنڪ قرضن مان نواز شريف ڀرپور فائدو ورتو ۽ هو پرڏيهي ناٽي ۽ پرائيوٽائيزيشن جي مڪمل پئڪيج سان ميدان تي آيو.

1988ع کان 1999ع تائين بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف لڳ ڀڳ هڪ جهڙي پاليسي اختيار ڪئي، پر محتاط رهيا. بينظير گهٽي دٻاءَ باوجود امپورٽ ٽيرف 35 سيڪڙو کان هيٺ آڻڻ لاءِ تيار نہ ٿي، جڏهن تہ نواز شريف دوائن، ڀاڻ ۽ کاڌ خوراڪ جي شين تي سيلز ٽيڪس مڙهڻ جي مزاحمت ڪئي.

ليڪن 1999ع کانپوءِ شوڪت عزيز ۽ ان جي ٽيم عوامي مفادن خاطر اهڙي ڪنهن بہ آپشن تي نہ ويچاريو. سال 2000ع کان اسٽيبلشمينٽ جي حمايت سان اهي پنهنجي مرضيءَ سان سڀ ڪجهہ ڪندا رهيا. حالانڪ اسٽيل مل جي پرائيوٽائيزيشن بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان اڳ پرائيوٽائيزيشن جو عمل تيزيءَ سان جاري رهيو. وچ اوير مان پرڏيهي سيڙپڪارن کي خاص اهميت ڏيندي پي ٽي سي ايل ۽ ڪي اي ايس سي سندن حوالي ڪيا ويا.

پرائيوٽائيزيشن جي قيمت ڇا ادا ڪرڻي پئي؟ پاڪستان جي ٻن بئنڪن يونائيٽيڊ بئنڪ ۽ حبيب بئنڪ کي پرائيوٽائيز ڪيو ويو. جنهن ڪري نہ رڳو ٽيڪس ادا ڪندڙ متاثر ٿيا، بلڪ هزارين ماڻهو پڻ بيروزگار ٿيا. ڪيترن کي تہ جبري طور روزگار کان محروم ڪيو ويو. ٻين بئنڪن وانگر اهي بئنڪون بہ نفعي ۾ هيون، پر ان جي ڪاتيدارن کي موٽ ناڪاري ڏني وئي.

واضح رهي تہ اپريل 1991ع کان مسلم ڪمرشل بئنڪ جي اختلافي پرائيوٽائيزيشن کان وٺي هيلتائين خانگايل بئنڪن کي 46 بلين رپيا ملي سگهيا آهن، جيڪي رپئي جي موجوده ايڪسچينج ملهہ مطابق 700 ملين

ڊالر ٿين ٿا. الائيڊ بئنڪ 1991ع جي آخر ۾ ايمپلائيز مئنيجمينٽ گروپ حوالي ڪيو ويو. جيڪو پڻ اسڪينڊل ثابت ٿيو. هن اسڪينڊل پٺيان هڪ وڏو بزنس گروپ هو جنهن جعلي ڪاغذن تي تمام وڏو قرض ورتو هو. اي بي ايل جي اعليٰ اختيارين جي سهڪار سان مذڪوره بزنس گروپ بيهر ملازمن جا شيئر گهٽ قيمت تي خريد ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو. صورتحال اها وڃي بيٺي جو اسٽيٽ بئنڪ کي پنهنجو 51 سيڪڙو شيئر جو ڪنٽرول برقرار رکڻ خاطر 2 سيڪڙو شيئر خاموشي سان خريد ڪرڻا پئجي ويا. صورتحال اهڙي ٿي جو ڪيترائي الائيڊ بئنڪ جا ملازم دل جي دوري سبب فوت ٿي ويا. ڪين سندن مٿين چئن وڏن عملدارن جي ڪيتي جي سزا ڏني وئي، جن کي پوءِ اسٽيٽ بئنڪ عمر ڀر بئنڪ جي ملازمت لاءِ نااهل قرار ڏنو جڏهن تہ وڏو بزنس گروپ موجون ماڻيندو رهيو. ان جا اهي عيش هاڻي بہ جاري آهن. ويجهڙ ۾ ئي ان گروپ کي اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر ڏکڻ ايشيا جي بهترين بزنس گروپ هجڻ جي اعزاز سان نوازيو آهي.

ايڪشن ايڊ پنهنجي رپورٽ ۾ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ حڪومت سرڪاري صنعتن، بئنڪن ۽ ٻين ڪاتن ۾ ڪم ڪندڙ 425000 ملازمن ۾ گهٽتائي آڻي انهن جو انگ 275000 تائين پهچائي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ ڪيترائي ملازم جيڪي گولڊن هينڊ شيڪ وٺي رٽائر ٿيا هئا، انهن کي وري اسٽاڪ ايڪسچينج جا واڳون ڳڙڪائي ويا.

ڪمزور ٽريڊ يونين ۽ سياسي پارٽين طرفان "اسٽيٽس ڪو" جي حمايت سبب مزدورن، شهرين ۽ ڪنزيومرس جي بهتري جي ڪا گهٽي اميد ناهي. "اسان پرائيوٽائيزيشن جي حمايت ڪريون ٿا، پر موجوده حڪومت جو طريقہ ڪار غلط آهي." پ پ جي پاليسي پلاننگ سيل جي سربراهہ ڪمال اظفر چيو. ايم ڪيو ايم بہ پرويز مشرف جي پاليسين جي حامي آهي، جڏهن تہ مسلم ليگ (ن) بہ ٿوري گهٽي فرق سان پرائيوٽائيزيشن جي حمايت ڪري ٿي.

(15 جنوري 2007ع)

***

# اختيارن کان محروم صوبا ۽ قدرتي وسيلا

پاڪستان ۾ صوبائي خودمختياري، ڪالاباغ ڊيم مامرو ۽ قدرتي وسيلن تي پنهنجي جاگرافيائي حدن اندر صوبن جي مالڪي وارا مسئلا ٻرندڙ مسئلا آهن، جيڪي ايندڙ عام چونڊن ۾ حاوي رهندا. انهن مامرن تي تي سگهندڙ بحث مباحثن جي گرمي کي محسوس ڪندي حڪومت اڳوات ئي صورتحال کي منهن ڏيڻ خاطر احتياطي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي.

حڪومتي سطح تي صوبائي خودمختياري بابت قانون جو ڊرافت تيار ڪيو ويو آهي، جيڪو صوبن جي عوام جي خواهشن بدران اسلام آباد جي خواهشن جي عڪاسي ڪري ٿو. مذڪوره ڊرافٽ ۾ مڪاني ادارن کي مرڪزي حيثيت ڏني پئي وڃي، جيئن هن وقت آهي، ان پٺاندڙ ممڪن آهي ته ان کي ڪا قانوني شڪل ڏني وڃي، جنهن تحت اسلام آباد ۽ مڪاني ادارن وچ ۾ تعلق سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ۾ حقيقي خودمختيار حڪومتن جي ابتڙ هوندو.

ليڪن هاڻوڪو سيارو حڪمرانن توڙي عوام، جن تي حڪمراني ڪئي پئي وڃي، تن لاءِ نهايت سخت ثابت ٿيو آهي. هاڻوڪي سياري حڪمرانن جي اقتصادي ترقي بابت ڪيل سمورين دعوائن جي ٻه پٽ وائکي ڪري وڌي آهي، چو ته ملڪ هن وقت انتهائي بدترين بجلي جي بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي. ان مان اندازو لڳائڻ گهڻو مشڪل ناهي ته ايندڙ اونهارو ماڻهن لاءِ ڪيترو ڏکيو هوندو. ياد رهي ته مشرف حڪومت طرفان گذريل ڇهن ورهين ۾ ترقياتي مد ۾ هڪ ٽرلين رپيا (1,000 بلين رپيا) سيڙپڪاري ڪئي وئي آهي، پر هيلتائين بجلي پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ ميگاواٽ جي به اڳيرائي نه ٿي سگهي آهي.

هاڻي ته حالت اها آهي جو هن ملڪ جو عوام بدتر زندگي گذارڻ لاءِ مجبور آهي، انهن کي اهڙا ڪي به حق حاصل ناهن جيڪي ڪنهن آزاد ملڪ ۾ شهرين کي حاصل هوندا آهن. اهي هاڻوڪي زوري مڙهيل راڄ سبب سخت موسم ۾ ڪيترن ئي مسئلن سان مُنهان منهن آهن. ليڪن ڏهاڪن جي تڪليفن ۽ اهنجن ماڻهن کي گهڻو ڪجهه سيکاريو آهي. ماڻهو هاڻي اها ڳالهه چڱي ريت سمجهن ٿا ته بجلي جو بحران ڪالاباغ ڊيم ناهڻ جي جواز طور پيدا ڪيو ويو آهي.

واضح رهي ته ايندڙ عام چونڊن دوران ڪالاباغ ڊيم مک اشو هوندو ۽ جڏهن اليڪشني مهم شروع ٿيندي تڏهن هر طرف اوندهه انڌوڪار ۽ اونهاري ۾ لوڊشيڊنگ جو راڄ هوندو. مشرف ۽ سندس ٽيم ڪالاباغ ڊيم اشو کي مک مسئلي طور اُڀاري پ پ کي دٻاءَ ۾ رکندي جيئن اها ان مسئلي تي ڪو stand وٺي. جڏهن ته ريلوي جي وفاقي وزير شيخ رشيد ۽ ٻين هاڻي کان ئي سنڌي اڳواڻن تي اهي الزام هڻڻ شروع ڪري ڏنا آهن ته اهي ڪالاباغ ڊيم بابت تنگ نظري جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. حڪومت جي پاليسي اها آهي ته ڪالاباغ ڊيم تي پ پ اندر ڏڦيڙ پيدا ڪيو وڃي.

پ پ سنڌ جي قيادت ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪري ٿي، جڏهن ته پنجاب جي قيادت ڪالاباغ ڊيم جي ڪليل حمايت ڪرڻ بدران قومي اتفاقِ راءِ جي ڳالهه دهرائي ٿي. سنڌ کي ڪالاباغ ڊيم تي اعتراض گهڻا ۽ مضبوط آهن. اهي اعتراض اهڙائي آهن، جهڙا پاڪستان سرڪار کي ڀارت ۾ بگهليار ڊيم ۽ ڪشن گنج جي تعمير تي. ڀارت انهن ٻنهي ندين تي ڊيم تعمير ڪرڻ گهري ٿو حالانڪ اهي ٻئي نديون Indus Treaty تحت ڀارت پاڪستان کي ڏئي چڪو آهي. ڀارت انهن ندين تي ڊيم ناهي پاڻي ذخيرو ڪري بجلي پيدا ڪرڻ گهري ٿو ۽ پوءِ پاڻي پاڪستان ڏي ڇڏيندو. جيڪي ڊريون ڪالاباغ ڊيم جي وڪالت ڪن ٿيون، انهن وٽ به ساڳيو ئي منطق آهي. سنڌوندي جو پاڻي ڪالاباغ ڊيم ۾ ذخيرو ڪيو ويندو ۽ پوءِ 7 هزار کان 9 هزار ميگاوات بجلي پيدا ڪئي ويندي، ان ڪانپوءِ هيٺ پاڻي ڇڏيو ويندو. ته پوءِ پاڪستان سرڪار کي بگهليار ۽ ڪشن گنج ڊيم جي تعمير تي ڪهڙا خدشا آهن؟ پاڪستان کي خوف آهي ته ايئن ٿيڻ سان چناب ۽ سنڌو ندي جي پاڻي جو ڪنٽرول ڀارت جي هٿ هيٺ هليو ويندو.

پارت انهن ڊيمن مان تڏهن هيٺ پاڻي ڇڏيندو جڏهن ان کي پاڻي جي ضرورت نہ هوندي ۽ پوءِ اهو پاڻي هيٺ ٻوڏ بہ آڻي سگهي ٿو. سنڌ کي بہ ساڳيا خدشا آهن. جيڪي گذريل 60 سالن جي تجربي جي آڌار تي ظاهر ڪيا پيا وڃن. منگلا، تونسا، چشما ۽ تربيلا مان هاڻي بہ وقت سر پاڻي هيٺ ناهي ڇڏيو ويندو جنهن ڪري سنڌ جي زراعت بري طرح متاثر ٿئي ٿي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت جي وڌڻ جو هڪ ڪارڻ پاڻي جي حصي ۾ گهٽتائي اچڻ پڻ آهي. وفاقي حڪومت جي سوچ بہ ان مسئلي تي مختلف نہ هوندي. بهرحال هڪ ڳالهہ طئي آهي تہ ڪالاباغ ڊيم مسئلو پنهنجي اندر ڪيترن ئي مسئلن جا امڪان رکي ٿو جيڪو عالمي برادريءَ جو بہ ڌيان ڇڪائي سگهي ٿو.

ڏٺو وڃي تہ ماضيءَ جي مارشل لائن وانگر مشرف بہ هن وقت مڪاني ادارن وسيلي پاڪستان کي هلائڻ چاهي ٿو. تجربن آڌار اسلام آباد بہ سکي ورتو آهي تہ سنڌ ۾ مرحوم ايوب کهڙي ۽ جام صادق علي جهڙا سخت جان ماڻهو اسلام آباد کي ڏکيا پئجي سگهن ٿا. ان ڪري بهتر اهو پيو سمجهيو وڃي تہ ناظمن وسيلي حڪمراني ڪئي وڃي. ناظم سطح تي چونڊن ۾ سولائيءَ سان هيرا ڦيري ممڪن ٿي سگهي ٿي. پوليس بہ ناظمن جي ماتحت آهي. جيڪڏهن 196 ناظمن مان 60 يا 70 ناظمن کي بہ حڪومت دٻاءُ ۾ آڻي من پسند نتيجا حاصل ڪرڻ چاهي تہ انهن لاءِ ڪو مسئلو ڪونهي. ايوب خان بہ ايئن ڪيو هو ۽ پوءِ اهو ئي تجربو ضياءُ الحق دهرايو ۽ هاڻي، مشرف ٿوري گهڻي فرق سان ساڳيو تجربو دهرائي رهيو آهي.

ڪراچي جي ٻن بيٽن وارو مسئلو پڻ هڪ ٽيسٽ ڪيس آهي، جيتوڻيڪ سنڌ جي روينيو کاتي جو ڪنٽرول وزيراعليٰ سنڌ وٽ آهي، پر ان کان ان مامري ۾ پُڇيو بہ نہ ويو. وفاقي حڪومت ٻيٽن بابت ڪراچي جي ناظم ۽ مواصلات جي وفاقي وزير سان سڌا معاملا طئي ڪيا. جيڪا سڌي سنئين صوبي جي اختيارن ۾ مداخلت آهي.

تيل، گيس، ڪوئلو معدنيات،بندرگاهہ، فشريز زير زمين پاڻي قدرتي وسيلا آهن، ليڪن گذريل 60 ورهين کان وفاقي حڪومت ان حوالي سان ٻٽي معيار جو مظاهرو ڪري رهي آهي، پنجاب وٽ زير زمين پاڻي جا

جهجها ذخيرا آهن، جيڪي اتان جي بئراجي آبپاشي نظام لاءِ مددگار آهن. ان ڪي صوبائي وسيلا تصور ڪيو وڃي ٿو. جڏهن تہ تيل، گيس، معدنيات ۽ فشريز کي وفاق سان جوڙيو ويو آهي. وفاقي وزارت خوراڪ ۽ زراعت بلوچستان ۾ مڇي جي شڪار لاءِ پرڏيهي ٽرالرن کي لائسنس جاري ڪري ٿي. سرحد صوبي ۾ هائيڊل اليڪٽرڪ سٽي جا ڪافي امڪان موجود آهن، پر اُن کي ايئن ڪرڻ نہ پيو ڏنو وڃي. بلوچستان 10 ملين ماڻهن کان بہ گهٽ آبادي رکندڙ ايراضي جي لحاظ کان تمام وڏو صوبو آهي. اهو نہ رڳو معدني وسيلن ۾ شاهوڪار آهي، پر ان وٽ 800 ڪلوميٽر ڊگهي ساموندي پٽي بہ آهي، بلوچستان ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ميوا بہ ٿين ٿا. پر بلوچستان کي انهن قدرتي وسيلن مان پنهنجي شهرين کي فائدو ڏيڻ جي اجازت ناهي.

بلوچستان ۾ گذريل ڪيتري عرصي کان صورتحال خراب آهي ۽ ايندڙ ڪيترن ورهين تائين خراب رهڻي آهي، ان ڪري مشرف لاءِ شين تي ڪنٽرول ڪري سگهڻ ڪافي مشڪل آهي. هونئن بہ هر نظام کي هلائڻ لاءِ ان جي ڪا حد هوندي آهي، پاڪستان ۾ سمورا وسيلا اهڙن ادارن حوالي ڪيا ٿا وڃن، جيڪي ڪنهن جي اڳيان جوابده ناهن. پاڪستان جي عوام 6_2005ع ۾ 800 بلين ٽئڪس جي مد ۾ ادا ڪيا ۽ امڪان اهي آهن تہ هلندڙ مالي سال دوران 835 بلين ٽيڪس ڀريندا. صدر مشرف 8_2007ع دوران ٽيڪس اوڳاڙي جو حدف 100 بلين رپيا مقرر ڪيو آهي. ليڪن معاملا جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ بگڙي رهيا آهن. بجلي جي کوٽ بدتر ٿي چڪي آهي، جيڪا هڪ بحران جي صورت ۾ سامهون ايندي ٽئڪس جي ادنگي اسٽرڪچر صنعتي ترقي کي روڪي ڇڏيو آهي. زراعت تباهہ ٿي چڪي آهي، رڳو بئنڪون، مالياتي ادارا، اسٽيٽ ايجنسيون، اسٽاڪ ايڪسچينج وڃي بچيا آهن. آخر ڪيستائين اهي ادارا پاڪستان کي بچائي سگهندا؟ ان ڪري حالتن پٽاندڙ پاڪستان جي سلامتي صوبن کي وڌ مان وڌ خودمختياري ڏيڻ ۾ ئي لڪل آهي.

(15 جنوري 2008ع)

***

# مهاجر بمقابلہ پنجابي

وزيراعظم شوڪت عزيز طرفان ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ بابت آئين ۾ گنجائش هجڻ جي ڳالهہ ڪرڻ، متحده قومي موومينٽ طرفان هڪ ڀيرو ٻيهر مهاجر سجاڳيءَ سان سامهون اچڻ ۽ 5 مئي تي اسلام آباد کان لاهور ويندي چيف جسٽس جو تاريخي خطاب، اهڙا واقعا آهن، جيڪي قومي سياست تي ڏور رس اثر ڇڏيندا. مهاجر رابطہ ڪائونسل جيڪا گهڻو وقت اڳ پسمنظر ۾ هلي وئي هئي، ان کي نئين سر جياري عدليہ جي آزادي لاءِ ۽ آمر حڪمران خلاف هلندڙ تحريڪ کي ”پنجابي اُتساهہ واري تحريڪ“ ڪوٺي پاڻ کي ان جدوجهد جي مدمقابل آڻي بيهاريو آهي.

چيف جسٽس چوڌري افتخار 5 مئي تي اسلام آباد کان لاهور اهڙي سخت گرم موسم ۾ سفر طئي ڪيو، جيڪا هر ڪنهن جي پيٽي ناهي. هونئن اسلام آباد کان روڊ رستي لاهور چئن کان پنجن ڪلاڪن جو سفر آهي، سمجهيو اهو پئي ويو تہ گجرات ۾ بہ ڪلاڪ ترسڻ ۽ مقامي بار ڪائونسلن کي خطاب سبب چيف جسٽس جي قافلي کي لاهور پهچڻ ۾ 12 کان 14 ڪلاڪ لڳندا. هو صبح جو ساڍي ستين وڳي پنهنجي گهر کان روانو ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو 10 وڳي 26 ڪلاڪن جو سفر طئي ڪري لاهور پهتو. پنجاب هاءِ ڪورٽ جا 17 معزز جج، رٽائرڊ ججن جو هڪ وڏو انگ ۽ هزارين ماڻهو سندس انتظار ۾ هئا. سياسي ڪارڪنن ۽ عام خلق سخت ڪاڙهي باوجود چيف جسٽس جو 12 ڪلاڪن کان وڌيڪ انتظار ڪيو.

وفاقي، صوبائي ۽ مڪاني حڪومتن چيف جسٽس جي قافلي کي روڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. پوليس فورس جهلم ۾ پنهنجو ڪارنامو ڏيکاريو ۽ ٻين هنڌن تي بہ وڪيلن کي روڪيو ويو. وڪيلن

سياسي پارٽين ۽ عوام طرفان قائم ڪيل آجياڻيون ڪئمپون ڏانهون وڃون. باوجود ان جي چيف جسٽس جي قافلي ۾ شامل ماڻهن سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو. قافلي پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙن سان گڏجي گڏجي ٽيڻ بدران پنهنجو رستو متائي لاهور طرف سفر روان دوان رکيو. ڪيترن ئي هنڌن تي ڳوڙها آٽينڊڙ گئس، پٿر بازي ۽ لاٺي چارج به ڪيو ويو پر جس هجي قافلي جي قيادت ڪندڙن کي جن ٽڏائپ جو مظاهرو ڪيو ۽ ڪا به خونريزي نه ٿي.

قافلي جو سمورو سفر جذباتي قسم جو هو جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڏکيو آهي. 5 مئي جي صبح کان 6 مئي جي صبح تائين جذباتي ماحول هو ۽ هزارين ماڻهو لاهور هاءِ ڪورٽ بلڊنگ ۾ چيف جسٽس جو خطاب ٻڌڻ لاءِ گڏ هئا. چيف جسٽس تقرير وقت نهايت بردباري ۽ حقيقت پسندي جو مظاهرو ڪيو ۽ پنهنجي عهدي جو به لحاظ رکيو. هن زبردست پيغام ڏيندي چيو ته آمريتي دور هاڻي رڳو تاريخ جي ڪتابن ۾ پڙهي سگهجن ٿا. قانون جي حڪمراني، آئين جي بالادستي ۽ عدليه جي آزادي حقيقت آهن، جن کان ڪير به ڪنڌ نٿو ڪڍائي سگهي. هن جو چوڻ هو ته سگهاري کان سگهاري ماڻهوءَ کي به قانون جي پڪڙ جي صورت ۾ سزا ملڻ گهرجي ۽ ڪمزور ماڻهوءَ کي انصاف پلئه پوڻ گهرجي.

اهي ماڻهو جيڪي هن تاريخي قافلي ۾ شامل هئا، انهن لاهور جي سخت گرم ڏينهن ۾ به چيف جسٽس جي تقرير ٻڌي ۽ پوءِ جن ان بابت پنهنجا ويچار ونڊيا يا ونڊي رهيا آهن. اهي چيف جسٽس جي انهي ميڙاڪي کي بينظير ڀٽو جي 1986ع ۾ لاهور اچڻ، ذوالفقار علي ڀٽي جي 1966ع ۾ ايوب خان ڪابينا کي ڇڏڻ کانپوءِ واري عوامي مقبوليت سان ڀيٽي رهيا آهن. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي چئي سگهجي ٿو ته چيف جسٽس جو لاهور وارو سفر پاڪستان جي سياست تي گهري ڇاپ ڇڏيندو. وڏي ڳالهه ته ان اسٽيبلشمينٽ جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن.

سنڌ جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم به پرويز مشرف جي حمايت ۾ سگهه جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ 5 مئي جي چونڊ ڪئي. هن پنهنجي اباڻي تڪ نئون ڪوٽ ۾ جلسو ڪرايو. جنهن ۾ ٿرپارڪر جي ڏورانهن علائقن مان

ماڻهو آندا ويا هئا. اطلاع اهي بہ آهن تہ سنڌ جي لڳ ڀڳ پنجن ضلعن مان ٽرانسپورٽ جي پڪڙ ڌڪڙ ڪري ماڻهو جلسي گاهہ پهچايا ويا. مشرف جو تقرير ۾ لهجو سخت هو. هن وڪيلن کي خبردار ڪيو تہ اهي چيف جسٽس ريفرنس واري معاملي کي سياسي اشو نہ بڻائين.

ساڳي ڏينهن تي متحده قومي موومينٽ مشرف جي حمايت ۾ ڪراچي ۾ پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهن ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس جو انتظام ڪيو ۽ اهو چيو تہ ليگل ايڊ ڪاميٽي جا ڪجهہ وڪيل بہ ساڻن گڏجي پريس ڪانفرنس ڪندا. پر ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿيو ڇا، اها وري الڳ ڪهاڻي آهي. 5 مئي تي منجهند جو 2 وڳي ڌاري ڪراچي پريس ڪلب ايم ڪيو ايم جي قبضي ۾ هئي. ڪلب ۾ موجود سمورا ميمبر يرغمال هئا. ايم ڪيو ايم جي گارڊز زبردستي صحافين جون ڪارون ۽ موٽر سائيڪلون هٽائي ڇڏيون، ڇو تہ سنڌ وزيرن کي اچڻو هو. پريس ڪلب ڏانهن ايندڙ روڊ بند ڪيا ويا هئا، جنهن ڪري پريس ڪلب جا ڪيترائي ميمبر ڪلب نہ پهچي سگهيا. جڏهن تہ اهڙي روئي تي ايم ڪيو ايم جي وزير شعيب بخاري پنهنجي تقرير دوران پريس ڪلب جي صدر سان فون تي معذرت ڪئي. ايم ڪيو ايم هتي بہ اهوئي دهرايو جيڪو مشرف نئون ڪوٽ ۾ چيو هو. ايم ڪيو ايم الزام مڙهيو تہ وڪيل چيف جسٽس جي ريفرنس ڪيس کي سياسي اشو بڻائي رهيا آهن. اهو هڪ قانوني ۽ آئيني مسئلو آهي. ان کي ان انداز سان حل ڪيو وڃي. ايم ڪيو ايم جو اهو بہ موقف هو تہ وڪيلن تڏهن احتجاج ڇو نہ ڪيو جڏهن چيف جسٽس سعيد الزمان صديقي ۽ ٻين ججن مشرف جي اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ قسم کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. تڏهن وڪيل خاموش ڇو هئا. جڏهن سرڪار طرفان ايم ڪيو ايم جا سوين ڪارڪن ماريا ويا هئا. ايم ڪيو ايم اهي سوال اٿاري پنجابي محسوسات کي هٿي ڏئي رهي آهي. ايم ڪيو ايم گذريل ڇهن سالن کان سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت ۾ ويٺي آهي، ان کي پنهنجي ڪارڪنن جي قتلن جي عدالتي جاچ کان آخر ڪنهن جهليو آهي. 1997ع ۾ جڏهن

ايم ڪيو ايم، نواز شريف سان گڏ هئي، تڏهن ايم ڪيو ايم جي ڪجهه متاثر ڪارڪنن جي مائٽن کي معاوضو ادا ڪيو ويو هو. جيڪي ڪارڪن ماريا ويا هئا، تن جي بيواهه، يتيم ٻارن، ڀائرن ۽ ڀينرن کي ٽي ٽي لک رپيا معاوضو ڏنو ويو هو پر هاڻي جڏهن ايم ڪيو ايم 2003ع کان وٺي اقتدار ۾ آهي، تڏهن ان پنهنجي مارجي ويل ڪارڪنن جي قتلن بابت تحقيقات لاءِ ڪابه ڪميشن جوڙڻ جي سلسلي ۾ ڪا اڳڀرائي ناهي ڪئي. اهي ڪٽي ايم ڪيو ايم جا ورڪر سهي، پر ساڳي وقت هن ملڪ جا شهري به هئا، تنهن ڪري انهن جي خبر پوڻ گهرجي ته ڪين ڪنهن ماريو ۽ قاتلن کي عدالتن اڳيان آندو وڃي. اهو به نه وسارڻ گهرجي ته هن وقت صوبائي گهرو کاتو ۽ صوبائي ڳجهو ادارو ايم ڪيو ايم جي هٿ وس آهن. ايئن ايم ڪيو ايم جي هڪ اڳواڻ عمران فاروق جو ڪيس به دلچسپ آهي. هو 1992ع کان 1999ع تائين روپوش رهيو. جڏهن مشرف اقتدار سنڀاليو ته هو خاموشيءَ سان برٽش ايئرويز وسيلي لنڊن هليو ويو. هو آخر پاڪستان مان لنڊن ڪيئن ۽ ڪهڙن ڪاغذن تي ويو؟ ڪنهن ڪيس سفري دستاويز مهيا ڪيا؟ اهي سمورا سوال اڻ جوابيل ۽ ڪنهن جواب جا گهرجائو آهن. وقت اڄ يا سڀاڻي انهن سوالن جا جواب ڏيندو. ليڪن ايم ڪيو ايم وڪيلن جي تحريڪ کي مهاجر رخ ڏئي رهي آهي، جيڪو نهايت خطرناڪ آهي. هن وقت جڏهن سڄي ملڪ مان سنڌي، پنجابي، بلوچ ۽ پشتون قانون جي حڪمراني خاطر گڏ آهن، تڏهن ايم ڪيو ايم مهاجرن کي انهن خلاف ڀيهارڻ ٽي چاهي. اهو تمام هاڃيڪار آهي. اڳ ۾ ئي ايم ڪيو ايم جي سياست ۾ اچڻ سبب ٽن نسلن ڀوڳيو آهي. ڪيترائي ماڻهو جيڪي ڀارت مان هجرت ڪري آيا هئا، اهي پنهنجي تعليمي قابليت، پيشيوراڻي ڄاڻ ۽ اخلاقيات سبب سٺي ساک رکندا هئا، هتي ڪيترائي ڀوپال جا سٺا هاڪي جا رانديگر، جهونا ڳڙهه جا ڪرڪيٽر ۽ ٻين جاين تان خاص طور گجرات مان واپاري، دهلي ۽ لکنئو مان عالم ۽ دانشور، ڏکڻ ڀارت مان پيشيور حضرات آيا. سواءِ ڀارت جي ڪجهه اهڙن هنڌن جي جتان ڏوهاري عنصر به آيا، پر انهن سمورن ماڻهن کي ڪڏهن به

مرتبو نہ مليو. 5 مئي تي ڪجھہ ٽي وي چئنل عوام کي مهاجر•رابطا ڪائونسل جي ٻيهر زندهہ ٿيڻ بابت اطلاع ڏئي رهيا هئا. مذڪوره ٽي وي چئنلن جي نشريات معطل ڪئي وئي. ڪئبل آپريٽرن کي ڪن ڳجهين اختيارين طرفان هدايتون جاري ڪيون ويون، پر ايم ڪيو ايم پنهنجي صفائي ۾ هڪڙو بيان جاري ڪري چيو تہ انهن جو چئنلن جي نشريات معطل ڪرڻ ۾ هٿ ناهي، پر انهن ميڊيا تي رڳو ان ڪري حملو ڪيو جو ميڊيا سندن ڪراچي پريس ڪلب تي وڪيلن خلاف ٿيل "تاريخي ريلي" کي ڪوريج نہ ڏني. هاڻي تہ سپريم ڪورٽ جي فل بئنچ چيف جسٽس جو ڪيس فل ڪورٽ موڪلي ڇڏيو آهي ۽ سپريم جڊيشل ڪائونسل کي ڪاروائي هلائڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. ساڳي وقت شريف الدين پيرزاده جنهن جو پاڪستان جي آمرن سان ساٿ ڏيڻ جو ڊگهو رڪارڊ آهي، اهڙن ماڻهن کي جڻ نئين زندگي ملي وئي آهي. 12 مئي تي چيف جسٽس ڪراچي اچي رهيو آهي. (هي سٽون شايع ٿيڻ تائين هو شايد واپس بہ ٿي چڪو هوندو.) وڪيلن، سياسي پارٽين ۽ ٽريڊ يونين چيف جسٽس جو تاريخي استقبال جو فيصلو ڪيو آهي. ممڪن آهي اهو لاهور کان وڌيڪ بهتر هجي، ڇو تہ هن کان اڳ چيف جسٽس جو سکر ۽ حيدرآباد ۾ پڻ زبردست استقبال ٿي چڪو آهي. ايم ڪيو ايم بہ ساڳي ڏينهن ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڪير ڪنهن جي جنگ پيو وڙهي، اهو معلوم ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڏي مهارت جي ضرورت ناهي.

(15 مئي 2007ع)

***

# عدليہ ۽ نظريہ ضرورت

سپريم ڪورٽ جي ساک هن وقت داوَ تي لڳل آهي. اها ان ڪري بہ داوَ تي آهي، جو سپريم ڪورٽ جي ججن جي هم منصب رهندڙ مسٽرجسٽس وجيهہ الدين احمد سپريم ڪورٽ ۾ پرويز مشرف جي صدارتي اميدوار طور اهليت کي چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. (سپريم ڪورٽ في الحال صدارتي چونڊن ۾ مشرف بابت فيصلي ٿيڻ تائين نتيجن جو اليڪشن ڪميشن طرفان نوٽيفڪيشن جاري نہ ڪرڻ جو فيصلو ڏنو آهي.) 28 سيپٽمبر تي سپريم ڪورٽ جي ڇهن ججن 11 ڏينهن جي شنوائين کانپوءِ پرويز مشرف جي صدارتي اميدوار هجڻ خلاف داخل درجن کن درخواستن کي پيشرفت جوڳو نہ ڄاڻائيندي رد ڪري ڇڏيو هو. جسٽس وجيهہ الدين مذڪوره پٽيشنز خلاف فيصلو ڏيندڙ ٽن ججن جي ساک بابت پڻ سوال اٿاريا آهن. "انهن مان ٻن ججن کي اسلام آباد ڪلب ۾ شريف الدين پيرزادي سان گڏ ماني کائيندي ڏٺو ويو آهي، باقي هڪ جج تہ نگران اليڪشن ڪمشنر آهي، جنهن ڪري مامرا واضح ناهن." جسٽس وجيهہ الدين هڪ خانگي ٽي وي چئنل کي انٽرويو ڏيندي چيو.

ليڪن 28 سيپٽمبر واري سپريم ڪورٽ جي فيصلي سان اهو ڪيس بند نہ ٿي ويو. بلڪ ان ڪيترائي بنيادي سوال اڻ جوابيل ڇڏيا. 30 سيپٽمبر تي اليڪشن ڪمشنر جنرل مشرف جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا. جڏهن تہ جسٽس وجيهہ الدين جيڪو لائرز فورم جو صدارتي اميدوار آهي ۽ پ پ جي نامزد اميدوار مخدوم امين فهيم سندس نامزدگي کي چئلينج ڪيو.

جنرل مشرف کي صدارتي اميدوار طور ٽن حوالن سان چئلينج ڪيو ويو آهي. مشرف فوج جو حاضر سروس آفيسر آهي ۽ سرڪاري خزاني مان پگهار کڻي ٿو ان ڪري اهو ڪنهن بہ عوامي عهدي لاءِ اهل ناهي. جيڪڏهن هو هاڻي استعيفيٰ ڏئي ٿو تڏهن بہ ڪيس قانون موجب عوامي عهدي جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ٻہ سال انتظار ڪرڻو پوندو. ٻيو اهو تہ هاڻوڪيون اسيمبليون جيڪي پنهنجا پنج سال پورا ڪري رهيون آهن، اهي ايندڙ پنجن سالن لاءِ صدر ڪيئن ٽيون چونڊي سگهن؟

نون ميمبرن تي مشتمل ججن جي اها بئنچ جيڪا جسٽس وجيهہ الدين جي پٽيشن جي شنوائي ڪري رهي آهي، ان ۾ اهي چار جج بہ شامل آهن، جن ساڳي مسئلي تي 28 سيپٽمبر تي فيصلو ڏنو هو هي هڪ ٻيرو وري ساڳيو ڪيس ٻڌي رهيا آهن. ظاهر آهي تہ نون ميمبرن تي مشتمل ان بئنچ جو فيصلو 28 سيپٽمبر واري فيصلي جو ورجاءُ ئي هوندو. هاڻي اهو مطالبو نہ تسليم ڪيو وڃي تہ پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ متان جسٽس وجيهہ الدين بي اعتمادي جو اظهار ڪندي پٽيشن ئي واپس وٺي ڇڏي.

اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ جسٽس وڃيهہ الدين ڪو عام سياستدان ناهي. هو انهن ججن مان هڪ آهي، جن مشرف جي اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ پي سي او تحت قسم کڻڻ کان انڪار ڪيو هو. هن هڪ آمر هٿان قسم کڻڻ بدران ٽپڙ کڻي گهر ويهڻ کي ترجيح ڏني هئي. هن صدارت لاءِ پنهنجا ڪاغذات نامزدگي هڪ سياستدان طور ناهن جمع ڪرايا. پر هن جو مقصد فوج کي سياست کان ڌار ڪرڻ ۽ سويلين حڪمراني بحال ڪرڻ آهي. جسٽس وجيهہ الدين وڪيلن، ججن (رٽائرڊ ۽ حاضر سروس) تعليم يافتہ ۽ ملازم پيشہ ماڻهن ۾ نهايت عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. فوج ۾ خاص طور نيوي، ايئر فورس ۽ سول بيوروڪريسي ۾ بہ سندس چاهيندڙ موجود آهن. جيڪڏهن هو سپريم ڪورٽ تي عدم اعتماد جو اظهار ڪندي پنهنجي پٽيشن واپس ٿو وٺي تہ ان سان نہ رڳو صدر مشرف کي صدر بڻجڻ جو سولائي سان موقعو نہ ملندو بلڪ ان سان سپريم ڪورٽ جي ساک سان گڏ سمورو اليڪشني عمل متاثر ٿي سگهي ٿو.

جنرل مشرف تازو ئي ہن جنرلن کي نامزد ڪيو آهي، جن مان جنرل ڪياني وائيس چيف آف اسٽاف ۽ جنرل طارق مجيد آرمڊ فورسز ڪميٽي جي سربراهه طور شامل آهن. اهي ٻئي صدارتي چونڊن کانپوءِ 8 آڪٽوبر تي پنهنجون ذميواريون سنڀاليندا. (هي سٽون ڇپجڻ تائين شايد سنڀالي به چڪا هوندا.)

مشرف جي صدارتي چونڊ خلاف اي پي ڊي ايم جي قومي اسيمبلي ۽ ٽن صوبائي اسيمبلي ميمبرن استعيفائون ڏئي ڇڏيون آهن، جنهن سان يقيني طور صدارتي چونڊن جي ساک متاثر ٿيندي. جڏهن ته حڪومت انهن سمورن سياستدانن خلاف ڪرپشن ڪيس معاف ڪرڻ لاءِ قومي مفاهمتي آرڊيننس تيار ڪيو آهي، جن تي اهي ڪيس 1985ع ڌاري قائم ٿيا هئا، پر ثابت نه ٿي سگهيا. وزيراعظم شوڪت عزيز جي سربراهي ۾ ٿيل اجلاس ۾ اهڙي معافي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن ۾ مسلم ليگ (ق) جي سربراهه چوڌري شجاعت پڻ شرڪت ڪئي. ريلوي جو وفاقي وزير شيخ رشيد جيڪو اڄڪلهه حڪومت طرفان سياسي معاملن بابت ڳالهائيندو رهي ٿو اهو تاثرڏيڻ جي ڪوشش پيو ڪري ته ڪرپشن ڪيسن ۾ معافي جو سڀ کان وڏيڪ فائدو بينظير ڀٽو ۽ سندس ور آصف علي زرداري کي ٿيندو. مفاهمتي آرڊيننس تي بينظير ڀٽو طرفان اتفاق ڪرڻ کانپوءِ ڊيل ته واضح ٿي وئي آهي، پر ان سان پ پ جي جمهوري اميج کي ضرور ڌڪ رسيو آهي.

حقيقت ۾ پاڪستان اندر سياست ايڏو تيزيءَ سان ڪڏهن به ناهي بدلي، جيترو اها سيپٽمبر جي آخر ۽ آڪٽوبر جي شروعات ۾ پاسا بدلائي رهي آهي. ماڻهن جون نظرون صدارتي چونڊن تي کُتل آهن. (هي سٽون ڇپجڻ تائين اهي تي چڪيون هونديون) ايندڙ ڏينهن ۾ مهينن ۾ اجا به منظرناما تبديل ٿيندا رهندا، ليڪن گوڙ گهمسان ۾ اتي ۾ ٻين زندگي جي روزمره جي استعمال ٿيندڙ شين جا وڏيل اگهه وقتي طور پسمنظر ۾ ضرور هليا ويا آهن! جيڪي وري زوردار نموني سامهون اچڻا آهن. وڌندڙ بيروزگاري، امن امان جي خراب صورتحال، ڪراچي ۾ ٽريفڪ جو بدترين

نظام وڏا چئلينج آهن. هاڻي تہ حالت اها آهي جو روزانو سوين ماڻهو بسن جي ڇتن تي سفر ڪرڻ تي مجبور آهن. دلچسپ حقيقت اها بہ آهي تہ بڪ ۾ بدحالي سبب هاڻي ماڻهن پاڪستان- ڏکڻ آفريڪا، ڀارت ۽ آسٽريليا وچ ۾ مئچن ۾ بہ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني آهي.

هاڻي پاڪستان ۾ سياست نہ رڳو ڪُل وقتي بحث جو مامرو آهي، بلڪ اها تبديليءَ جي تيز ترين راهہ تي بہ هلي پئي آهي. اڄ جيڪو ڪجهہ ٿئي پيو سڀاڻي جي خبر ناهي تہ ڇا ٿئي. 28 سيپٽمبر تائين سڀ اميدون سپريم ڪورٽ ۾ هيون. جنهن جي نون ججن تي مشتمل بئنچ مشرف جي صدارتي چونڊ خلاف جماعت اسلامي جي قاضي حسين احمد. تحريڪ انصاف جي عمران خان، لائرز فورم، ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻين جي درخواست جي 11 ڏينهن تائين ڪاروائي هلائيندي رهي، پر 11 ڏينهن ڪانپوءِ درخواستون خارج ڪيون ويون. انهن يارنهن ڏينهن دوران بئنچ فل ڪورٽ جي بہ درخواست رد ڪري ڇڏي، پر 28 سيپٽمبر ان جو ڪلائمڪس ثابت ٿيو جڏهن ڇهن ججن فني بنيادن تي انهن درخواستن کي ٻڌڻ جوڳو قرار نہ ڏنو. فقط ٽن ججن راڻا ڀڳوان داس، جسٽس شاڪر الله ۽ جسٽس فقير مامري کي وڌيڪ بحث جوڳو قرار ڏيندي اڪثريتي فيصلي سان اختلاف ڪيو.

مذڪوره فيصلي جو ردعمل صفا بم گولي جهڙو ٿيو. اهو فيصلو عدالت 3:30 بجي ٻڌايو ان کان ترت پوءِ عدالت جي احاطي اندر وڪيلن سخت احتجاج ڪيو ۽ نعري بازي شروع ڪري ڏني. جن ڇهن ججن درخواستن کي پيشرفت جوڳو قرار نہ ڏنو تن جي ڀيٽ مرحوم جسٽس منير سان ڪئي وئي، جيڪو سپريم ڪورٽ جو پهريون جج هو جنهن پاڪستان ۾ Authoriarian System متعارف ڪرايو. 1954ع ۾ هن نيم پاڳل گورنر جنرل غلام محمد خلاف ٿڌهوڪي اسيمبلي جي اسپيڪر تميزالدين طرفان داخل ڪيل پٽيشن ۾ سندس حمايت ڪئي هئي. هن 1958ع ۾ جنرل ايوب جي اقتدار تي قابض ٿيڻ کي ڪامياب انقلاب چئي جائز قرار ڏنو. ان ڪانپوءِ لڳاتار سپريم ڪورٽ جي ججن جي وردي وارن

حاڪمن ضياءَ الحق ۾ بين سان نيائڻ جا نوان رڪارڊ قائم ڪيا. حالانڪ انهن بينظير ڀٽو نواز شريف ۽ محمد خان جوڻيجي جي چونڊيل حڪومتن کي برطرف ڪيو نہ رڳو ان سان آمراڻي حڪمراني مستحڪم ٿي، پر عدالت عظميٰ مارچ 1979ع ۾ چونڊيل عوامي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي عدالتي قتل جو بہ محرڪ بڻي، جنهن کي پوءِ 4 اپريل 1979ع تي ڦاهي چاڙهيو ويو.

20 جولاءِ 2007ع تي چيف جسٽس افتخار چوڌري جي بحالي "عدالتي ايڪٽوازم" جي حوالي سان هڪ اميد تي اڀري هئي. اها اميد تڏهن اجا بہ سگهاري ٿي، جڏهن سپريم ڪورٽ نواز شريف کي ملڪ اچڻ جي اجازت ڏني. سپريم ڪورٽ لاپتہ ماڻهن جو پاڻ هرتو نوٽيس ورتو ۽ سندن آزادي جو حڪم ڏنو. چيف جسٽس ڳجهن ادارن جي سربراهن تي گهٽ ذمريو ۽ کين لاپتہ ماڻهن بابت ذميوار قرار ڏنو. ليڪن 28 سيپٽمبر تي هڪ ڀيرو وري نظريئہ ضرورت کي هڪ نئين زندگي ڏني وئي. ان تي وڪيلن سخت احتجاج ڪيو ۽ ججن کي تنقيد جو نشانو بڻايائون. حڪومتي حلقا تمام گهڻو خوش آهن.مشرف اڳيان سڀ رڪاوٽون هٽي ويون. هن کي هاڻوڪين اسيمبلين مان اڪثريتي ووٽ کڻڻ جي پڪ آهي. پ پ جي اڳواڻ امين فهيم صدارتي چونڊ کي اخلاقي طور هٽي ڏني، جنهن جي مشرف کي گذريل اٺن سالن کان ضرورت هئي، پر جسٽس وجيهہ الدين سنڌ هاءِ ڪورٽ جو سابق چيف جسٽس ۽ سپريم ڪورٽ جو جج، جنهن پي سي او تحت قسم بہ نہ کنيو هو ان جي صدارتي چونڊن جي ڊوڙ ۾ شموليت هن اهو سمجهندي بہ ڪئي تہ عددي طور اڪثريت نٿو رکي، پر اميدوار طور هاڻي هو مشرف کي قانوني طور چئلينج ڪرڻ جو حق رکي ٿو.

حقيقت اها آهي تہ هن وقت بہ حڪومت دٻاءُ ۾ آهي. حڪومت کي خدشو آهي تہ متان سپريم ڪورٽ جو فيصلو ڪايا پلٽي وجهي ۽ مشرف ان ڊوڙ مان آئوٽ ٿي وڃي، پر سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن مشرف جي صدر طور آئوٽ ٿيڻ کانپوءِ مشرف چيف آف آرمي اسٽاف طور برقرار رهندو ۽ جيڪڏهن مشرف آرمي چيف رهي ٿو تہ ان جو اختيار ڇا هوندو؟ ڇا پوءِ ايندڙ صدر، نگران حڪومت تي جنرل مشرف کي هٽائڻ لاءِ دٻاءُ نہ وڌو ويندو.

عبدالحفيظ پيرزادو جيڪو سپريم ڪورٽ جي مددگار طور عدالت ۾ پيش ٿيو ان خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن 17 هين ترميم کي چيڙيو ويو يا 15 نومبر کان اڳ صدارتي عهدي يا آرمي چيف جي پوزيشن بابت ڪجهہ ڪيو ويو تہ پوءِ سمورو نظام درهم برهم ٿي ويندو. انهيءَ ڳالهہ ۾ ظاهر ظهور مارشل لا هٽڻ ۽ آئين جي معطلي وارو اشارو شامل آهي.

”جيڪڏهن ائين ٿيو تہ اهو پاڪستان جي پڄاڻي هوندي“ جسٽس وجيهہ الدين چيو پئي. هن چيو تہ 1973ع جهڙو متفقہ آئين هاڻي ڪابہ اسيمبلي نہ آڻي سگهندي. ان پسمنظر ۾ سرحد صوبي جي صورتحال ڏسو جتي فوج کي جاني نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. 250 اهلڪار گذريل مهيني ڏيڍ ۾ سريندر ڪري پنهنجي ئي ملڪ ۾ جنگي قيدي بڻجي چڪا آهن. طالبان پاڪستان ۾ ايترا ڪڏهن بہ سگهارا نہ هئا، جيترا اڄ آهن.ا آمريڪي اختياريون پاڪستان ۾ حملو ڪرڻ گهرن ٿيون، ليڪن پاڪستاني اختيارين کي تحفظات آهن.

پ پ جي چيئرپرسن بينظير ڀٽو جو آمريڪي اختيارين اڳيان اهو شرط آهي تہ طالبان کي منهن ڏيڻ لاءِ کيس وزيراعظم ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي. هوءَ قبائلي علائقن کي باقي علائقن سان ڳنڍڻ ٿي گهري، جنهن جي معنيٰ اها آهي تہ مستقبل ۾ اهي علائقا قانون وسيلي سرحد اسيمبلي جي نگراني ۾ اچي ويندا. سياسي پارٽين کي فاٽا تائين پهچ فراهم ڪئي ويندي. قبائلي ضلعن ۽ سردارن جو ڪردار آهستي آهستي گهٽايو ويندو ۽ اتي اقتصادي ترقي جي شروعات ڪئي ويندي. مولانا فضل الرحمان پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي اي آر ڊي ۾ ڏڦيڙ وجهرائڻ جو بہ محرڪ بڻيو ۽ نواز شريف کي بينظير کان الڳ ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو. نواز شريف جي 10 سيپٽمبر تي اسلام آباد واپسيءَ تي بہ مولانا فضل ساڻس واهہ جي حرفت ڪري ويو هو اسلام آباد پهتو تہ مولانا سندس استقبال ۾ بہ موثر ڪردار ادا نہ ڪيو. ايئن نواز شريف کي جدي واپس اماڻيو ويو تہ هن ساڻس اتي وڃي ملاقات ڪئي. ليڪن مولانا هميشہ پاڻ کي اي پي ڊي ايم جي فيصلي کان

پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تحت جي يو آءِ کي بہ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين تان استعيفائون ڏيڻيون هيون. هن استعيفائن جي سلسلي ۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو انتظار ڪرڻ جو چيو. ايئن سرحد اسيمبليءَ تان استعيفائن جو وقت 4 آڪٽوبر رکي حڪومتي ڌر کي عدم اعتماد جو هٿ وٺي موقعو مهيا ڪيو ويو. ان ڪري پشاور ۾ مولوي ميمبرن جي بازار لڳل هئي. اتي هڪ اسيمبلي ميمبر جو ملهہ ڏيڍ ڪروڙ کان بہ ڪروڙ هليو پئي. ان ڪانسواءِ حج وارن ڏينهن ۾ کين فائيو اسٽار حج بہ ڪرايو ويندو. فائيو اسٽار حج جو مطلب آهي تہ بزنس ڪرانس ۾ آرامده سفر، سٺين هوٽلن ۾ رهائش ۽ حج دوران سڀ سهولتون مهيا ڪرڻ. ڪيڏاڙ شروع آهي، مشرف قوم جي قيمت تي سوپارو ٽئي ئي ٽئي، پر پوءِ بہ بحران رهندوءِ صورتحال ايتري جلد هڪ پاسي ٽيندي نظر نٿي اچي!

(15 آڪٽوبر 2007ع)

***

# سياسي تاريخ جو بدترين بحران

پاڪستان جي 60 سالہ سياسي تاريخ ۾ سيني حوالن کان چيف جسٽس افتخار چوڌريءَ جي معطلي هڪ تمام وڏو واقعو آهي، نہ تہ هن کان اڳ تاريخ ۾ ايئن ڪڏهن بہ نہ ٿيو هو جو پاڪستان جي چيف جسٽس کيورديءَ واري صدر طرفان پنهنجي آرمي هائوس واري رهائش گاهہ يا صدارتي ڪئمپ آفيس ۾ گهرايو ويو هجي، نہ رڳو اهو پر وردي پاتل صدر طرفان ان کي چارج شيٽ ڪندي ۽ سندس ڪلاس وٺندي ٿي ويءَ تي سڄي قوم کي ڏيکاريو ويو.

اهو سڀ ڪجهہ 9 مارچ جمعي ڏينهن جمعي نماز کان اڳ ٿيو. پوءِ ان ئي ڏينهن هڪ سرڪاري پڌرائي ذريعي ڪروڙ ورتل قوم کي ٻڌايو ويو تہ صدر جنرل پرويز مشرف، وزيراعظم شوڪت عزيز سان صلاح مشوري ڪانپوءِ چيف جسٽس آف پاڪستان چوڌري افتخار کي "غيرفعال" بڻائي ڇڏيو آهي. چيف جسٽس کي صدر ۽ وزيراعظم پاڻ تي لڳل الزامن ۽ اختيارن جي ناجائز استعمال بابت گهرايو. جڏهن صدر ۽ وزيراعظم ان حوالي سان سندس ڏنل جوابن مان مطمئن نہ ٿيا تہ کيس "غيرفعال" بڻائڻ جو اعلان ڪيو ويو. صدر چيف جسٽس خلاف ٽن ٽڪڙ ۾ جوڙيل سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس بہ دائر ڪيو.

اهو سڀ ڪجهہ ڇا پيو نشاندهي ڪري؟ اهو دراصل حڪمران اسٽيبلشمينٽ ۾ ڏار هجڻ جي عڪاسي آهي. پرويز مشرف جي گذريل ستن سالن جي دور اقتدار ۾ ڊول سپاهي سڀ کان وڏيڪ فائدو حاصل ڪندڙن ۾ شامل آهن. ملڪ ۾ هن وقت بہ 84 ڊفينس هائوسنگ اٿارٽيز آهن، جن ۾ شهري علائقن جون اهم زمينون مذڪوره ماٿهن کي مليل آهن.

فوج جي صنعتي ترقي ۾ پنهنجي شهنشاهت کڙي ڪري ڇڏي آهي. ملڪ جي مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ فوج جي لڳ ڀڳ 25 هزار رٽائرڊ ۽ حاضر سروس ماڻهن کي کپايو ويو آهي. حڪمران اسٽيبلشمينٽ لاءِ باقي عدالتون وڃي بچيون هيون، جيڪي سندن ڦرلٽ جو حصو نہ بڻيون. نہ وري جيئن اهي چاهين پيا اهو ڪين ڪرڻ پئي ڏنائون. حقيقت اها آهي تہ عدالتون جنرل ضياءَ الحق جي دور کان وٺي فوج کان ناخوش رهيون آهن. اهي چار جج جن نواب محمد احمد خان جي قتل ڪيس ۾ ذوالفقار علي ڀٽي خلاف فيصلو ڏنو هو تن کي 1979ع ۾ ڪي ڊي اي آفيسرز سوسائٽي ۾ 600 گز جا پلاٽ ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. انهن ججن جي نالي تي پلاٽ الاٽ بہ ٿيا. پر پير پاڳاري چواڻي ان ۾ مداخلت ڪري اها الاٽمينٽ هميشہ لاءِ رد ڪئي وئي. ان ڪانسواءِ گڏريل سٽن ورهين ۾ ججن کي اهڙيون ڪي بہ سهولتون نہ ڏنيون ويون، جهڙيون فوج جي عملدارن کي هر وقت موجود رهيون. هڪ فوجي عملدار جيڪو برگيڊيئر جي رئنڪ تي ترقي ڪري پهچي ٿو تنهن کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ رهائشي پلاٽ ملندو آهي، اهو جڏهن وري ميجر جنرل ٿيندو آهي تہ کيس هڪ عدد ٻيو پلاٽ بہ ڏنو ويندو آهي، ايئن هڪ ڏاڪو اڳتي چڙهي ليفٽننٽ جنرل ٿيڻ وقت کيس پلاٽ ملندو آهي تہ مڪمل جنرل ٿيڻ وقت کيس ڪجهہ ٻيا اضافي فائدا ڏنا ويندا آهن.

عدالتن تي وار يقيني طور تي هاڻوڪن حڪمرانن بابت ڪيترائي سوال اُڀاري ٿو. عدالتن جي سرگرمي بہ آمراڻين حڪومتن خلاف محسوسات جي عڪاسي ڪري ٿي. نہ تہ ڪيترن ئي موقعن تي اهڙا واقعا جيڪي سگهارن ادارن جي مفادن خلاف هوندا هئا، تن تي عدالتن طرفان خاموشي اختيار ڪئي وئي. ان جو هڪ مثال اصغر خان جو هڪ سگهاري اداري خلاف مهراڻ بئنڪ جي فنڊن غلط استعمال ۽ سياسي پارٽين کي ڏيڻ بابت داخل درخواست ورهين کان رولڙي جو شڪار آهي. اڳوڻي چيف آف آرمي اسٽاف اسلم بيگ طرفان تڏهوڪي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي اسٽيبلشمينٽ جي حمايت سان صدر طرفان معطل ڪيل هڪ وزيراعظم جي حق ۾ فيصلو ڏيڻ جو مشورو ڏنو ويو هو. عدالتون اهڙن

معاملن تي اڪثر خاموش رهنديون آهن. پر اهڙن معاملن ۾ هٿ وجهنديون رهيون آهن، جن مان اسٽيبلشمينٽ کي ڪا تڪليف پهتي هجي.

بهرحال سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي 9 مارچ تي صدارتي آفيس گهرائڻ انتهائي ڳنڀير معاملو آهي، جيڪو يقينن پاڪستان جي سياست کي ڪو نئون رخ ڏئي سگهي ٿو.

ميڊيا ۾ آيل احوالن موجب چيف جسٽس 6 ڪلاڪ سانده آرمي هائوس ۾ رهيو. اهي به اطلاع آهن ته چيف جسٽس سپريم ڪورٽ افتخار چوڌري تي سگهارن ادارن ذريعي الزامن جو دفاع ڪرڻ بدران استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي. جڏهن ته چيف جسٽس پاڻ چيو آهي ته هو الزامن جو دفاع ڪندي پرپور نموني ڪيس وڙهندو. چون ٿا ته مذڪوره هائوس تي 4 کان 6 ڪلاڪ گذارڻ کانپوءِ جڏهن چيف جسٽس ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي ڪار ۾ ويهڻ لڳو تڏهن هن ڏٺو ته سندس ڪار تان سرڪاري جهنڊو لهي چڪو هو جنهن مان اهو واضح ٿي ويو ته چوڌري افتخار جسٽس جي عهدي تان غيرفعال ڪيو ويو آهي.

10 مارچ تي چيف جسٽس کي آرمي هائوس مان سپريم ڪورٽ وڃڻ نه ڏنو ويو هن جي ڪار کي اسلام آباد جي سيرينا هوٽل وٽ روڪيو ويو ۽ ان کي زبردستي سندس سرڪاري رهائش گاهه طرف نيو ويو. هن جي سرڪاري رهائش گاهه تان پاڪستان جو جهنڊو ۽ چيف جسٽس جا جهنڊا پڻ لاٿا ويا. جمعي ڏينهن منجهند کانپوءِ چيف جسٽس سان ڪيل اهڙي سلوڪ جي خبر جهنگ جي باهه جيان ڦهلجي وئي. چيف جسٽس جي رهائش گاهه ٻاهران ماڻهن جا انبوهه گڏ ٿي ويا، وڪيل ۽ سياستدان چيف جسٽس سان ملڻ لاءِ آيا هئا، پر قانون لاڳو ڪندڙن ڪنهن کي به ملڻ نه ڏنو.

ميڊيا جو اسرار آهي ته چيف جسٽس گهر ۾ نظر بند آهي. جڏهن ته حڪومت اها ٿي دعويٰ ڪري ته هو مڪمل طرح آزاد آهي. قانون جو وفاقي وزير، پارلياماني ۽ اطلاعات وزير چون ٿا ته چوڌري افتخار بلڪل آزاد آهي، هو پاڻ ڪنهن وڪيل يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ سان نٿو ملڻ چاهي. ان سلسلي ۾ اصغر خان جو چوڻ آهي ته "آءٌ چيف جسٽس کي ذاتي طرح نٿو سڃاڻان، مان ساڻس مليس ۽ هن جيڪي چيو اهو ٻڌايم" اصغر خان چيف جسٽس افتخار چوڌري سان ملاقات کانپوءِ اهو به ٻڌايو ته چوڌري افتخار کي اخبارون

نہ پيون ڏنيون وڃن. سندس فون ڪاٽيا ويا آهن ۽ موبائيل فون کسيا ويا آهن. انهي حد تائين جو سندس ٽي وي جو ڪيبل ڪنيڪشن بہ ڪٽيو ويو آهي. هن جي ٻارڙن کي اسڪول وڃڻ نہ پيو ڏنو وڃي. واضح رهي تہ چيف جسٽس سان ڪجھہ ججن کي ملاقات ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي آهي.

سپريم جڊيشل ڪائونسل جي جوڙجڪ خود هڪ الڳ ٽلڳ مسئلو آهي، جنهن پڻ ڪيترائي سوال اٿاريا آهن. جڏهن چيف جسٽس کي "غير فعال" ڪيو ويو هجي، هٽايو نہ ويو هجي، تڏهن ان ڪانپوءِ سينيئر ترين جج راڻا ڀڳوانداس آهي، جيڪو موڪل تي ٻاهر ويل آهي، هن جي مارچ جي آخري هفتي ۾ واپسي ممڪن آهي. نگران چيف جسٽس کان قسم کڻايو ويو آهي. ان ڪري سپريم جڊيشل ڪائونسل جي جوڙجڪ سواليہ بڻيل آهي. ان ماملي تي وڪيل سراپا احتجاج آهن، جنهن ڪري ڪورٽن جو ڪار وهنوار جهڙوڪر معطل آهي.

13 هين مارچ اڱاري جو ڏينهن واقعن سان ڀرپور رهيو. چيف جسٽس، سپريم جڊيشل ڪائونسل اڳيان شنوائي لاءِ پيش ٿيڻ لاءِ گهران نڪتو تہ کيس چيو ويو تہ هو سرڪاري ڪار ۾ ويهي، هن ان ۾ ويهڻ کان انڪار ڪيو. پوليس جي وڏي اٿالي کيس روڪيو ۽ ڪُتڙ مان وٺي سرڪاري گاڏيءَ ۾ اڇلايو. هن کي بلوچستان هائوس نيو ويو جتان اڳوڻو وزيراعظم مير ظفرالله خان جمالي کيس پنهنجي گاڏيءَ ۾ سپريم ڪورٽ عمارت ۾ کڻي آيو. جتي چوڌري افتخار پاڻ تي لڳايل الزامن خلاف ڳالهايو. جڏهن شنوائي پوري ٿي تہ چيف جسٽس واپس نظربندي واري گهر ۾ موٽي آيو. هو پنهنجي سرڪاري گاڏيءَ ۾ موٽڻ بدران پ پ جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر زمرد خان جي گاڏي ۾ چڙهي آيو. هن جو وڪيل بئريسٽر اعتزاز احسن آهي. ان موقعي تي وڪيلن ۽ سياستدانن جو تمام وڏو هجوم موجود هو. حفاظتي انتظام سخت هئا. پر ان عمل سان اسٽيبلشمينٽ کي ڪيترو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو ان جا نتيجا اجا اچڻا آهن. باقي اهو طئي آهي تہ چيف جسٽس وارو ماملو ايندڙ ڏينهن ۾ سياسي منظرنامي تي گهڻين تبديلين جو محرڪ بڻبو.

(31 مارچ 2007ع)

***

# اقتدار کي ڊيگهه ڏيڻ جي مشق

ڇا صدر جنرل پرويز مشرف ۽ وزيراعظم شوڪت عزيز جي ڪيل اعلان موجب عام چونڊون ٿينديون؟ مشرف چئي چڪو آهي تہ چونڊون 2007ع ۾ ٿينديون. هاڻي ڪيس عوام جي تڪليف جو احساس ٿيڻ لڳو آهي. ان ڪري هن عام استعمال جي شين جا اگهہ گهٽ ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري آهي. هو ملازمتن لاءِ تڪڙي صنعتڪاري جو بہ خواهشمند آهي. مرحوم ڀٽو تيز سياستدان هو. هن سڀ ڪم تڪڙا ڪيا. ماڻهن کي اڃا بہ اهو ياد آهي تہ ڀٽو جهاز جي ڏاڪڻين تان ڪيئن تيز لهندو هو ۽ هو ان اسٽيج تي ڪيئن تڪڙو چڙهي ويندو هو جتان ڪيس هزارين ماڻهن کي خطاب ڪرڻو هوندو هو. ڀٽي جي تقريرن کي اڃا بہ ماڻهو اُتساهہ وچان ياد ڪن ٿا. مشرف بہ ڀٽو جي نقش قدم تي هلڻ گهري ٿو پر ڀٽي کي ڪنهن بہ سيڪيورٽي جي ڳڻتي نہ رهي، هو ماڻهن سان رلي ملي ويندو هو جنهن ڪري ڪيس هزارين چاهيندڙ مليا. مشرف وڏن عوامي جلسن کي خطاب بہ ڪري پيو ۽ وڏا وڏا واعدا بہ ڪري پيو. ليڪن هن وٽ ڀٽي جهڙي ڪشش ناهي. ڀٽي بہ برابر ڪيترن موقعن تي غلط ڳالهيون ڪيون هونديون، پر ماڻهو هن تي اعتماد ڪندا هئا، پر ماڻهو مشرف تي اعتبار نٿا ڪن. هن اعلان ڪيو آهي تہ 2007ع ۾ عام چونڊون منعقد ٿينديون. وزيراعظم ۽ درجنين وزير بہ اهڙو اعلان دهرائي چڪا آهن. هڪ شهر کان ٻئي شهر ويندي مشرف اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي تہ چونڊون اجهو ڪي آيون. پر ماڻهو سمجهن ٿا تہ چونڊون ايتريون ويجهيون ناهن ۽ ماڻهن کي چونڊون ٿيڻ بابت شڪ شبها آهن.

جيئن جيئن عام چونڊن جي تاريخ ويجهي اچي رهي آهي، تيئن تيئن سياسي ماحول مونجهارن جي ور چڙهي رهيو آهي. جيتوڻيڪ صدر مشرف ۽ وزيراعظم شوڪت عزيز 2007ع ۾ چونڊون ٿيڻ جي ڳالهه بار بار ورجائي رهيا آهن، پر صدر چونڊن جي تاريخ يا ڪو شيڊول ڏيڻ لاءِ تيار ناهي.

اهو ته طئي آهي ته چونڊن کان ٽي مهينا اڳ وفاق ۽ صوبن ۾ نگران حڪومتون قائم ڪيون وينديون. اطلاع آهن ته اسلام آباد ۾ نگران سيٽ اپ لاءِ ماحول بلڪل تيار هو. نگران وزيراعظم ۽ سنڌ جي نگران وزيراعليٰ لاءِ ڪيترائي نالا ورتا پئي ويا. اهڙن نالن ۾ ڪيترن ئي رٽائرڊ جنرلن، ايئر فورس ۽ نيوي جي آفيسرن، سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي رٽائرڊ ججن جا نالا شامل هئا، پر ويجهڙ ۾ مليل معلومات موجب اهي نالا في الحال پوئتي ڪيا ويا آهن، هاڻي وري تعليمي ماهرن، يونيورسٽي ۽ ڪاليج جي اُستادن ۽ واپارين جا نالا غور ويچار هيٺ آهن. تجزئي نگارن جو خيال آهي ته نگران سيٽ اپ بابت مهينو کن اڳ فيصلو ڪيو ويندو. ليڪن بنگلاديش جي راڄڌاني ڍاڪا ۾ نگران سيٽ اپ خلاف ٿيل خونريز مظاهرن کانپوءِ ممڪن آهن ته هاڻوڪا حاڪم وفاق ۽ صوبن ۾ نگران سيٽ اپ تان ئي هٿ کڻي وڃن.

”جيڪڏهن چونڊون ڊسمبر 2007ع ۾ ٿين ٿيون ته پوءِ نگران سيٽ اپ سيپٽمبر تائين جڙي ويندو.“ سنڌ سان لاڳاپيل حڪمران ليگ (ق) جو هڪ اڳواڻ چوي ٿو. هن جي خيال ۾ ”صدر مشرف 14 آگسٽ تي ڪجهه اهم اعلان پڻ ڪندو. اڄ کان چوڏهين آگسٽ تائين ملڪ ۾ وڏي پئماني تي سياسي تبديليون اينديون. جيڪي صورتحال کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي هونديون“ هن ٻڌايو. مثال طور نواز شريف طرفان ڪوٺايل آل پارٽيز ڪانفرنس ٻه مارچ تائين ٿي چڪي هوندي. ”اها ڪانفرنس ٿيندي ٻه سهي يا نه. اهوفي الحال ته هڪ سوال ئي آهي. جيڪڏهن اها ڪانفرنس مارچ ۾ منعقد نٿي ٿئي ته پوءِ اها آگسٽ تائين ٿي سگهي ٿي، پر ان جي ٿيڻ ۽ نه ٿيڻ بابت اڃا واضح ٿيڻو آهي“ هو چوي ٿو.

اهو بہ واضح ٿيٺو آهي تہ نواز شريف طرفان ڪوٺايل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ پ پ جي نمائندگي ڪير تو ڪري چا بينظير پٺو ڪانفرنس ۾ پاڻ شريڪ ٿيندي يا نمائندگي لاءِ ڪو وفد موڪليندي مسلم ليگ (ق) سنڌ جي اڳواڻن جي خيال ۾ بينظير پٺو اي پي سي ۾ شرڪت جي سلسليءَ ۾ پاڻ مونجهارو پئدا ڪيو آهي. ”هوءَ حڪومت کي پنهنجي مستقبل جي ڪردار بابت پرکڻ گهري ٿي“ مسلم ليگ (ق) جي هڪ اڳواڻ چيو پئي.

حقيقت اها آهي تہ مشرف ۽ بينظير مونجهارا پئدا ڪري هڪٻئي جي برداشت پرکين پيا. هاڻي اهو ڪو راز ناهي رهيو تہ هاڻوڪا حڪمران پ پ ۽ مخالف ڌر جي ٻين پارٽين سان رابطن ۾ آهن. پ پ چاهي ٿي تہ پرويز مشرف بينظير پٺو ۽ آصف علي زرداري تان ڪيس واپس وٺي کين ملڪ واپس اچڻ جي اجازت ڏئي، مشرف اهو ٿو چاهي تہ پ پ سندس ٻيهر وردي ۾ صدر چونڊجڻ جي حمايت ڪري، دراصل مسئلو ٻنهي پاسن کان اعتماد جي کوٽ جو آهي. مشرف کي پڪ ناهي تہ جيڪڏهن بينظير کي ملڪ اچڻ ۽ هتي اچي سياست ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي تہ پوءِ پ پ کيس صدر طور چونڊڻ جي حمايت واري واعدي تي بيهندي يا نہ ”هڪ ڀيرو هوءَ لاهور اچي وئي تہ سندس 1986ع جهڙو استقبال ٿيندو تہ حڪومت کي خطرو اهو آهي.“ مسلم ليگ (ق) جو اڳواڻ ٻڌائي ٿو. ”سياستدان اعتبار جوڳا ناهن هوندا، اهي هزارين ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ ڪجهہ بہ چئي سگهن ٿا.“ هڪ ڪاموري چيو.

آصف علي زرداري کي ڪجهہ پڪ پڪاڻيون ڪرائڻ کانپوءِ ضمانت تي آزاد ڪيو ويو هو. ”جيڪڏهن حڪومت هن جوڙيءَ کي سزا ڏيڻ چاهي ها تہ آصف زرداريءَ کي ٻيهر بہ گرفتار ڪري پئي سگهي ۽ هن وقت هو جيل ۾ هجي ها.“ حڪمران ڌر جو سياستدان ٻڌائي ٿو پر حڪومت نرمي ڏيکاري ۽ آصف کي پرڏيهہ وڃڻ ڏنو. ”ليڪن هن بہ پنهنجي واعدي کي نڀايو جو نيويارڪ ۾ خاموش آهي.“ هو چوي ٿو.

ليڪن بينظير ڀٽو ۽ سندس پارٽي اڳواڻ صدر مشرف جي وردي ۾ صدر چونڊجڻ جي حمايت ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪي گهٽيون پڪ پڪائيون گهري رهيا آهن. انهن پڪ پڪائين مان هڪ اها به آهي ته اها پڪ ڏياري وڃي ته ايندڙ چونڊن ۾ ڌانڌليون نه ٿينديون، جهڙيون 2002ع جي چونڊن ۾ ٿيون، جن ۾ پ پ 24 سيڪڙو ووٽ کنيا هئا. (7.5 ملين ووٽ) پر فقط ان کي 80 سيٽون حاصل ٿي سگهيون ۽ جيڪي ماڻهو پ پ جي سيٽن تي اسيمبلي ميمبر به چونڊيا ته کين نيب جي ڪيسن جي آڙ ۾ پ پ کان کسيو ويو.

"پ پ ۽ اسٽيبلشمينٽ وچ ۾ دبئي، لنڊن ۽ نيويارڪ رستي اڻڪٽ ڳالهيون هلندڙ آهن." هڪ سياسي ذريعي چيو پئي. پ پ بدران حڪومت بينظير کي دٻاءُ ۾ رکڻ جي سلسلي ۾ بهتر پوزيشن ۾ آهي. ويجهڙ ۾ گجرانوالا ۾ خاتون صوبائي وزير جو قتل به اهڙو ئي پيغام ڏيڻ جي ڪڙي آهي. خاتون وزير کي قتل ڪندڙ مولوي سرور جو چوڻ آهي ته هن ڪيترن ئي ماڊل ۽ بدڪردار عورتن کي قتل ڪيو آهي. پوليس تحويل ۾ هن بيان ڏيندي چيو آهي ته "مون 1995ع ۾ بينظير کي به قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن هوءَ وزير آباد ۾ جلسي کي خطاب ڪرڻ آئي هئي. مان عورت جي حڪمراني ۽ اختيار جي خلاف آهيان. پنجاب جي عورت وزير جو به ساڳيو مسئلو هو جيئن بينظير به پارٽي سربراهه آهي"

"اهو سڌو سنئون بينظير ڀٽو لاءِ پيغام آهي ته پاڪستان جي سياست کان پري رهه" هڪ پ پ ليڊر اڳواڻ چيو. هن حيرت جو اظهار ڪيو ته هڪ اهڙو شخص جنهن ڇهه قتل ڪيا هجن، اهو آخر ايئن آزاد ڪيئن پيو گهمي. "اهو ته فقط خدا ئي ڄاڻي ٿو ته لاهور، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ اهڙا ڪيترائي قاتل آزاد گهمي رهيا آهن، جيڪي ڪنهن به وقت ڪو وڏو سانحو برپا ڪري سگهن ٿا." هن چيو.

پنجاب جي خاتون وزير جي قتل بابت سرڪاري توڙي غير سرڪاري ميڊيا تي ڪافي ڪجهه اچي چڪو آهي، پر صدر مشرف ۽ وزيراعظم شوڪت عزيز ان جي جنازي نماز ۾ شرڪت نه ڪئي. ان ڳالهه جو به نوٽيس ناهي ورتو ويو ته ڇهن ماڻهن جو قاتل آزاد ڇو ۽ ڪيئن پئي گهميو؟ ساڳي

وقت اهو عام جلسي ۾ وزير کي قتل ڪرڻ لاءِ پريل پستول کڻي پهچي بہ ويو. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ پاڻ وٽ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي ۽ هتي ڪنهن جي بہ جان محفوظ ناهي.

عدم تحفظ جو اهو احساس ان سوچ کي بہ هٿي ڏئي ٿو تہ اها صورتحال پنهنجي اقتدار کي ڊيگهہ ڏيڻ خاطر پئدا ڪئي وئي آهي. جنرل ضياءَ الحق بہ "هٿوڙا گروپ" جي ماڻهو مار مهم وسيلي پنهنجي اقتدار کي ڊيگهہ ڏني هئي. اسان مان گهڻن کي اهي ڪهاڻيون ياد هونديون، جيڪي هر اينڊڙ ڏينهن اخبارن جي زينت بڻبيون هيون، جن ۾ لاهور، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ فوٽ پاٿ تي سُتل ماڻهن کي هٿوڙن ذريعي قتل ڪيو ويندو هو. تڏهن اخبارون اهڙن واقعن سان ڀريون پيون هونديون هيون. جنرل مجيب تڏهن اطلاعات جو وفاقي وزير ۽ نفسياتي ماهر بہ هو. هن هٿرادو طرح عدم تحفظ جو ماحول جوڙڻ ورتو هو. "خوف ۽ عدم تحفظ جو احساس عام شهري کي مجبور ڪن ٿا تہ اهي پاڻ کي حڪمرانن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏين." هڪ رٽائرڊ انٽيليجنس عملدار چوي ٿو. هٽلر بہ ساڳيا حربا استعمال ڪيا، مسوليني بہ، بلڪ دنيا جي سمورن آمرن.

گذريل 50 ڏينهن ۾ ملڪ اندر ست آپگهاتي ڌماڪا ٿيا آهن، جن ۾ 18 ماڻهو موت جو کاڄ بڻيا ۽ ٽي درجن کان مٿي ماڻهو زخمي ٿيا. اهي ڌماڪا عدم تحفظ جو احساس پئدا ڪرڻ ۾ مؤثر ثابت نہ ٿيا تہ مٿان وري پاڻي پت ۾ سمجهوتا ايڪسپريس جا ڌماڪا ٿيا، جنهن ۾ 70 ماڻهن جون زندگيون تيل ٿي ويون، انهن مان اڪثريت ڀارت مان پاڪستان اچي رهي هئي، مرندڙن ۾ بہ گهڻائي پاڪستاني شهرين جي آهي.

رت، ڌماڪن ۽ باهہ جي انهن رپورٽن هلندي پ پ پنهنجي چونڊ ٽڪن ۾ ٽڪيٽون ڏيڻ ۽ اميدوار نامزد ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. اطلاعن موجب پ پ پنهنجو مينيفيسٽو جوڙڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي نگراني سنڌ جو اڳوڻو گورنر ڪمال اظفر پيو ڪري، قيصر بنگاليءَ کي اقتصادي پروگرام مرتب ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.

پارٽي ڪارڪن پوءِ بہ خاموش آهن. ٻيون پارٽيون جهڙوڪر مسلم ليگ (ن)، جماعت اسلامي ۽ جمعيت علماءِ ان سلسلي ۾ ڪي گهٽيون سرگرم ناهن. سياسي اڳواڻ ۽ سياسي ڪارڪن ڪنهن وڏي اليڪشني ڪيڏاڙ ۾ شرڪت جو اشارو بہ نہ پيا ڏين.

”چونڊون ٿينديون نظر نہ پيون اچن“ هڪ اڳوڻي وزير چيو هن چيو تہ ”جيڪڏهن حڪومت چونڊون ڪرايون. تڏهن بہ چونڊ مهم لاءِ مشڪل سان ڪجهہ هفتا ئي ملي سگهندا ۽ حالتون بہ تمام سخت هونديون“ سرحد ۾ 80 هزار قانون لاڳو ڪندڙ جٿا حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ موجود آهن. بلوچستان جون حالتون بگڙيل آهن. سنڌ ۽ پنجاب ۾ بہ صورتحال چڱي ناهي، ان ڪري چونڊون ٿيڻ وارو خيال حقيقتن کان گهٽو پري ٿو لڳي.

(15 مارچ 2007ع)

***

## آپگهاتي بم حملن کان مارشل لا جي ڪڙڪي تائين

جنرل پرويز مشرف پنهنجي طرفان ٺي ٺاهيل حصار مان باعزت طريقي سان نڪرڻ جا سمورا آپشن هڪ ٻئي پٺيان بند ڪري رهيو آهي. حالانڪ 12 آڪٽوبر 1999ع تي سندس طرفان غير آئيني طور اقتدار تي قبضو ڪرڻ، اپريل 2002ع ۾ جڙتو ريفرنڊم ڪرائڻ کانپوءِ ۽ عام چونڊون ڪرائڻ کان پهرين ونس آئين جي حڪمراني بحال ڪرڻ جو رستو موجود هو. ليڪن هن ملڪ جي صدر طور اعتماد جو ووٽ وٺڻ ۽ 2003ع تائين آرمي چيف طور برقرار رهڻ وارو ڏگ ورتو. هن مذهبي ڌرين سان به بيوفائي ڪئي ۽ 2003ع جي پڄاڙي ۾ وردي لاهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

اهڙي قدم سان سندس دوست گهٽ مخالف وڌيڪ پيدا ٿيا. جيتوڻيڪ مشرف کي اهو موقعو به ميسر آهي ته هو پنهنجا نوان دوست پيدا ڪري، پ پ سندس ايجنڊا کي قابل عمل بنائڻ لاءِ سندس فطري اتحادي ٿي سگهي ٿي. ڇو ته مشرف پاڻ روشن خيال، ماڊريٽ، لبرل، ترقي پسند ۽ سيڪيولر هجڻ جو دعويدار آهي. پ پ باوجود پنهنجي گهٽن ناڪاري نقطن جي مشرف جي فطري اتحادي آهي. ليڪن مسئلو آهي ته مشرفورديءَ ۾ پ پ سان ڏگهي سفر ۾ نٿو هلي سگهي. پ پ جو ڪارڪن لڏو وردي پاتل قيادت کي عجب سان نهاري ٿو. ڇو ته سندن ليڊر ذوالفقار علي ڀٽي کي اعليٰ عدالت جي سهڪار سان هڪ وردي پاتل آمر ٺي ڦاهيءَ جي ڦندي تي پهچايو هو. ان ڪري پ پ جي ڪارڪن لڏي لاءِ ورديءَ ۾ هجڻ بدران سويلين مشرف قابل قبول ٿي سگهي ٿو. مشرف لاءِ اڃا به اهو آپشن کليل آهي ته مستقبل جي چونڊجي ايندڙ اسيمبلين مان پاڻ کي صدر چونڊرائي. انهي حد تائين جو هو رٽائرمينٽ کانپوءِ ڪوبه سياسي عهدو

حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن سالن جي مدي وارو شرط ۽ پ پ جي پارليامينٽ ۾ اڪثريتي راءِ سان ختم ڪرائي سگهي ٿو.

پر نظر اهو پيو اچي ته پرويز مشرف هاڻوڪين اسيمبلين مان پاڻ کي ايندڙ پنجن سالن لاءِ صدر چونڊرائڻ جو طئي ڪري ڇڏيو آهي. حڪومت جو ان سلسلي ۾ موقف اهو آهي ته "هاڻوڪين اسيمبلين 2003ع ۾ مشرف کي اعتماد جو ووٽ ڏنو هو چونڊيو نه هو ان ڪري سيپٽمبر يا آڪٽوبر 2007ع ۾ پنهنجو پنجن سالن جو مدو پورو ٿيڻ تي ڪيس صدر چونڊيو ويندو. جيڪڏهن اسيمبليون پنهنجي مدي جي آخري ڏينهن تائين برقرار رهن ٿيون ته ڪين ملڪ جو صدر چونڊڻ ۾ ڪو حرج ناهي." ان دليل ۾ ڪيترو وزن آهي. ان جو فيصلو اعليٰ عدالتن، پارليامينٽ ۽ عوام کي ڪرڻو آهي.

جڏهن ته پ پ نٿي چاهي ته صدر مشرف پاڻ کي هاڻوڪين اسيمبلين مان ٻيهر صدر چونڊرائي. پ پ جي خواهش آهي ته هو آرمي چيف جو عهدو ڇڏي، صدر جو عهدو برقرار رکندي منصفاڻيون ۽ غير جانبدار چونڊون ڪرائي. بينظير ڀٽو تازو واشنگٽن ۾ ڪيل پريس ڪانفرنس ۾ چيو آهي ته مشرف جي صدارتي عهدي جو مدو ڊسمبر 2008ع ۾ ختم ٿيندو ۽ هو ٻيهر سويلين صدر طور چونڊجي سگهي ٿو. پ پ اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪري پرويز مشرف کي اهو واضح پيغام ڏنو آهي ته اها ڪيس 2008ع کان 2013ع تائين سويلين صدر طور قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي، جڏهن ته هو 2012ع ۾ ٻيون عام چونڊون منعقد ڪرائي سگهندو پر ان لاءِ مشرف کي وردي لاهي سڌارن لاءِ تيار ٿيڻو پوندو فوج ۽ ٻجهن ادارن کي مستقبل ۾ سياسي معاملن کان پري رکڻو پوندو.

ظاهر آهي ته اسٽيبلشمينٽ ائين ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، بلڪ اها جمهوريت جي بحالي ۽ چونڊيل عوامي حڪومت کان به ڪن هٽي ٿي. سندن اعليٰ سطحي قيادت "اسٽيٽس ڪو" برقرار رکڻ ٿي چاهي، ڇو ته ڪين نه رڳو اڻکٽ سياسي اختيار حاصل آهن، بلڪ سڄي ملڪ کي تين وال ڪرڻ جو به لائسنس مليل آهي . ان ڪارڻ ئي مشرف رڳو ڏيکاءُ خاطر صدارتي عهدي لاءِ چونڊجڻ ۽ آرمي چيف جو عهدو برقرار رکڻ گهري ٿو.

مشرف جي بئي مدي لاءِ ورديءَ ۾ صدر چونڊجڻ جا کهڙا تا اثر مرتب ٿين. ممڪن آهي تہ اها هاڻوڪين اسيمبلين جي پهرين چونڊ ڇئي وڃي؟ ڇا سگهارو ادارو ايئن ئي حڪمن تي اڪيون پوري عمل ڪندو رهندو، جيئن هاڻي ڪري پيو؟ اهو اهڙو سوال آهي، جيڪو اڄڪلهہ اڻاريو پيو وڃي ۽ اهڙا ئي سوال آگسٽ 1988ع ۾ بهاولپور ويجهو هڪ هوائي حادثي ۾ جنرل ضياءَ الحق جي موت جو بک بڻجڻ ڪانپوءِ اٿاريا ويا هئا. فرض ڪريو جيڪڏهن جنرل ضياءَ الحق سازش ذريعي ماريو ويو تہ پوءِ اها سازش ڪنهن ڪئي؟ ان سوال جو جواب ڪنهن بہ وضاحت جو محتاج ناهي. اتي سوال اهو بہ آهي تہ آخر سگهارن ماڻهن کي وردي ۾ هر پنجن سال ڪانپوءِ عام چونڊون ڪرائڻ کان آخر ڪير روڪيندو؟

ايوب خان 1970ع ۾ پاڻ کي بيون پيرو صدر چونڊرائڻ پئي چاهيو پر 1967ع ۾ کيس پاڻ لاءِ انتهائي سخت ردعمل وارا نعرا ٻڌڻا پيا، جنهن ڪري هن ان تان هٿ ڪنيو ۽ آخرڪار اقتدار يحيٰ خان حوالي ڪري ڇڏيو. يحيٰ خان لاءِ ڊسمبر 1971ع ۾ ڍاڪا ۾ هٿيار ڦٽا ڪرڻ ڪانسواءِ ڪو بہ آپشن نہ بچيو هو يتي پاڻ کي عوامي ڏمر کان بچائي رکيو.

اڳتي هلي يتي کي بہ بخش نہ ڪيو ويو ۽ کيس اپريل 1979ع ۾ ڦاهي ڏني وئي. جيتوڻيڪ يٽو هاڻي جسماني طور موجود ناهي، باوجود ان جي اهو پاڪستان جي سياست ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

ضياءَ الحق 1983ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي مزاحمت کي ڏسندي 1985ع ۾ غير جماعتي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. هن جي خواهش جي ابتڙ محمد خان جوڻيجو آمريڪا بهادر جي مدد سان وزيراعظم بڻيو. مارشل لا هٽائڻ جو اعلان ڪيائين ۽ تڏهوڪي سياسي قيادت جي حمايت هن جنيوا وڃڻ کان اڳ حاصل ڪري ورتي هئي، هن اتي وڃي افغانستان مان سوويت فوجن جي واپسي بابت ڳالهہ پوله ڪئي. هن بهادري سان اوجهڙي ڪئمپ بم ڌماڪي جي جاچ جو اعلان ڪيو. پوءِ کيس مئي 1988ع ۾ هٽايو ويو. ياد رهي تہ ضياءَ الحق بہ محمد خان جوڻيجي کي وزيراعظم هائوس مان ڪيڻ ڪانپوءِ ٽن مهينن کان وڌيڪ زنده نہ رهي سگهيو هو.

ڏسڻو اهو آهي تہ پاڪستان ۽ ان جي آسپاس ڇا ٿو ٿئي؟ ڇوندڙون ويجهيون آهن، هاڻي ڪان ٿي اسلام آباد، وزيرستان، پشاور، ڪراچي، لاهور ۽ ٻين هنڌن تي آپگهاتي بم ڌماڪا تيڻ شروع ٿي ويا آهن. صدام کي ڦاهي اچڻ ڪانپوءِ شيعن ۽سنين وچ ۾ ڇڪتاڻ جو عنصر موجود آهي، جيڪو وڌي بہ سگهي ٿو. لبنان ۾ حزب الله، فلسطين ۾ حماس ايران جي حمايت سان وڏي قوت بڻجي ابريون آهن، جڏهن تہ ايران پنهنجو نيوڪلئير پروگرام هلائڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي.

آمريڪا پنهنجا جهاز نار ۾ پهچائي ڇڏيا آهن. اهي عراق ۽ افغانستان ۾ فورسز وڌائين پيا ۽ سندن ٽارگيٽ ايران آهي. آمريڪا ايران خلاف جنگ ڪرڻ ڪان پهرين چاهيندو تہ خطي ۾ شيعا ـ سني باهہ ٻرڪي پوي، ڇو تہ افغانستان ۽ پاڪستان ۾ شيعا ـ سني فساد آمريڪا جي ايران خلاف حملي جي اثر کي گهٽائيندا.

اهڙي خطري ڪان محفوظ رهڻ لاءِ مشرف مسلمان ملڪن جو ڏکهو دورو ڪري موٽيو آهي. هو سعودي عرب، اردن، شام، مصر، انڊونيشيا، ملائيشيا، ايران ۽ ترڪي بہ ويو. ممڪن آهي تہ هو اڃا آفريڪا، الجيريا، موراڪو بہ وڃي، پر هو ان حوالي سان پاڪستان ۾ تبديل ٿيندڙ صورتحال تي بہ نظر رکيو اچي. طالبان، افغانستان ۽ پاڪستان ۾ وري ڪِٽپ جوڳي سگهہ حاصل ڪري ورتي آهي. طالبان وٽ آپگهاتي بمبارن جو پنهنجو اسڪواڊ آهي، هاڻي اهي پاڪستان ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي بہ نشانو بڻائي رهيا آهن. پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن تي لڳاتار آپگهاتي حملن سندن وقار مجروح ڪيو آهي، وڏي ڳالهہ اها تہ اهي انهن حملن کي روڪڻ جي سلسلي ۾ ڪجهہ بہ نہ پيا ڪري سگهن بي يارو مددگار آهن.

سياسي محاذ تي مشرف حاصلات بجاءِ ڪافي ڪجهہ وڃائي ويو. سندس پارٽي مسلم ليگ (ق) ۾ سب ٻگوڙا وڻا آهن. مسلم ليگ (ق) پنجاب ۾ پنهنجي موجودگي تہ ظاهر ڪري پئي، پر سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ نظر پئي اچي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڪنهن سياسي قوت طور نہ، پر وزيراعظم جي Manipulation جي ڪري ان جو وجود آهي. قومي ۽

صوبائي جي ضمني چونڊن ۾ تہ اهڙو حربو هلي سگهي ٿو باقي عام چونڊن ۾ صورتحال ٻي هوندي. 2007ع يا 2008ع ۾ عام چونڊون اهڙي وقت ٿين پيون، جڏهن ملڪ ۾ بيروزگارن جي فوج ظفر موج ويٺي آهي، صنعتون بند ٿي رهيون آهن. زراعت تباهہ حال آهي ۽ ملڪ توانائي جي بحران جي ور چڙهيل آهي.

مشرف جي اتحادي ۽ سندس سياسي بازو متحده قومي موومينٽ پڻ ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهري علائقن ۾ اسٽريٽ ڪرائمز وڌڻ، غربت ۽ ناٽي واڌ سبب مشڪلاتن جو شڪار آهي. ان صورتحال ۾ هاڻوڪن حاڪمن لاءِ چونڊن جو مرحلو نهايت ڏکيو هوندو. اهو ئي سبب آهي جو پير پاڳارو چونڊن ٿيڻ جي امڪان کي رد ڪندي پري ڪان لانگ بوٽن جي کڙڪي جي ڳالهہ ڪري ٿو. ممڪن آهي تہ پير پاڳارو سنجيده نہ هجي، پر هن کي ماڻهن جو مستقبل لاءِ ذهن ناهڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو پر سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن چونڊون ملتوي ٿين ٿيون ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وڃي ٿي تہ ڇا اها عوام طرفان اٿندڙ سمورن سوالن جو جواب هوندي؟ اڳتي ڇا ٿيندو؟ آخر توهان پاڪستان کي عوام جي شرڪت کانسواءِ ڪيترو عرصو هلائي سگهندا؟

(16 فيبروري 2007ع)

***

# اٽي جو بحران آخر ڇو؟

گذريل ڇهن مهينن يعني مارچ کان سيپٽمبر 2007ع تائين ڪڻڪ جون قيمتون وڌڻ سبب ملڪ جا 16 ڪروڙ عوام سخت متاثر ٿيا آهن. رڳو گذريل هڪ هفتي دوران ڪراچي ۽ ملڪ جي ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ اٽو 22 رپيا في ڪلو پيو وڪامي. هن کان اڳ ڪڻڪ جو اٽو 12 کان 14 رپيا في ڪلو گرام دستياب هوندو هو پر ڇهن مهينن اندر ان جي اگهن ۾ 80 کان 85 سيڪڙو اضافو ٿيو ۽ اهو خدشو موجود آهي ته هلندڙ رمضان ۾ اٽي جو اگهه ڪٿي 25 رپيا ڪلو ڪي نه پهچي.

حالت ته اها آهي جو 7 سيپٽمبر کان سنڌ ۽ پنجاب ۾ فلور ملن کي سرڪاري گودامن مان وڏي مقدار ۾ ڪڻڪ ڏيڻ ڪانپوءِ به اٽي جي اگهن ۾ ڪو فرق ناهي آيو. حڪومت 10 لک ٽن امپورٽ ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو آهي ته جيئن اٽي جي کوٽ کي منهن ڏئي سگهجي. لن ڪڻڪ جي اچڻ کانپوءِ ممڪن آهي ته اٽي جو اگهه گهٽجي 16 کان 18 رپيا في ڪلوگرام بيهي. پر پاسي حڪومت وٽ ان ڳالهه جو ڪوبه جواز موجود ناهي ته پنجاب، سنڌ ۽ پاسڪو جي گودامن مان ڪڻڪ وليز ڪرڻ ۾ ڇو دير ڪئي وئي، جڏهن ته آگسٽ ۾ ئي اٽي جي کوٽ واضح ٿي وئي هئي، ڇو ته تڏهن به اٽو 18 رپيا في ڪلو وڪاميو پئي. ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان هفتو کن اڳ ئي ڪڻڪ امپورٽ ڪرڻ لاءِ ٽينڊر پريو آهي، ڇو ته حڪومت 40 لک ٽن ڪڻڪ ڊسمبر 2007ع کان فيبروري 2008ع تائين ذخيرو ڪرڻ گهري ٿي. "امپورٽ ٿيل ڪڻڪ اسان کي 27500 کان 28000 رپيا ٽن پهچي." جنس جو ڪاروبار ڪندڙ هڪ واپاريءَ ٻڌايو. انهي امپورٽ ٿيل ڪڻڪ جي قيمت جي ڀيٽ ۾ هيلوڪي سال مارچ ۾

اپريل دوران پاڪستان پنهنجي ڪڻڪ 13000 رپيا في ٽن جي حساب سان ايڪسپورٽ ڪئي هئي، جڏهن تہ هاڻي اُن کي وري مهانگي اگهہ تي ڪڻڪ امپورٽ ڪرڻي پئجي رهي آهي.

واضح رهي تہ هيل ڪڻڪ جي کوٽ سبب ڪڻڪ امپورٽ ڪرڻ جي مد ۾ حڪومت کي 35 کان 40 بلين رپيا رڳو ايڪسپورٽ ۽ امپورٽ جي فرق طور ڀاڙن ڪراين ۽ سبسڊي جي مد ۾ ڀرڻا پوندا. ٻئي طرف اهي بہ اطلاع آهن تہ سبسڊي طور ڏنل شيون يوٽلٽي اسٽورن تان اڪثر خانگي اسٽورن تي ڏنيون وڃن ٿيون. تنهن ڪري ان جو فائدو واپارين ۽ دڪاندارن کي تہ پوي ٿو پر عام ماڻهوءَ کي ان مان ڪو فائدو ڪونهي. ايئن سمجهجي تہ حڪومت ڪڻڪ امپورٽ ڪرڻ کانپوءِ سستي اگهہ تي ڏيندي“ جوڙيا بازار جي هڪ واپاريءَ سوال اٿاريو.

ٻئي طرف خود حڪومتي حلقن ۾ بہ هڪٻئي تي الزام مڙهڻ جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. ڪجهہ ڏهاڙا اڳ ٿي صنعتن ۽ پئداوار واري وفاقي وزير جهانگير ترين پنجاب حڪومت تي الزام مڙهيندي چيو تہ مارڪيٽ ۾ اٽي جي کوٽ ۽ اگهن ۾ واڌ جي ذميوار پنجاب حڪومت آهي. هڪ خانگي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي هن چيو تہ جڏهن مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ ۽ اٽي جي کوٽ اڳ ۾ ئي موجود هئي تہ پوءِ پنجاب حڪومت گودامن مان ڪڻڪ رليز ڪرڻ ۾ ايتري دير ڇو ڪئي. ساڳي ٽي وي پروگرام ۾ پنجاب جو وزيراعليٰ چوڌري پرويز الاهي بہ موجود هو جنهن وري ان کوٽ جو ذميوار پنهنجي ڪڻڪ پرڏيهہ ايڪسپورٽ ڪرڻ واري پاليسي کي قرار ڏنو. هن چواڻي پاڪستان مان افغانستان ۽ ترڪمانستان هاڻي بہ ڪڻڪ ڪليل نموني وڪرو ڪئي پئي وڃي. فلور ملز لاهور جي نمائندي صوفي بلال جو چوڻ هو تہ اهي عنصر جن اٽي جو بحران پئدا ڪيو آهي، اهي ايترا تہ سگهارا آهن، جو انهن پنجاب حڪومت کي سرڪاري طور گودامن مان ڪڻڪ رليز ڪرڻ بہ بند ڪرائي ڇڏي، ”اهو اسان جو پريشر ئي هو جو پنجاب حڪومت 7 سيپٽمبر کان ڪڻڪ رليز ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پوءِ ان ۾ 50 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو. جنهن سبب صورتحال

ڪجهه بهتر تي.“ هن چيو. ان ڪان هڪ ڏينهن اڳ وزارت خزانہ جي اسپيشل سيڪريٽري، وفاقي وزير خوراڪ حيات محمد خان بوسڻ تي وقت کان اڳ ڪڻڪ ايڪسپورٽ ڪرڻ جو الزام هڻندي چيو تہ هاڻوڪي ڪڻڪ جي بحران جو اصل سبب ڪڻڪ ايڪسپورٽ ڪرڻ آهي. ياد رهي تہ ڪڻڪ جي اٽي جون قيمتون مئي ۾ وڌڻ شروع ٿيون. جڏهن تہ آگسٽ جي پڇاڙيءَ ۾ وزارت خزانہ جي اسپيشل سيڪريٽري 20 کان ٽيهہ لک ٽن ڪڻڪ ذخيره اندوزن پاران ذخيرو ٿيڻ جي ڳالهہ ڪئي. ان ڪانپوءِ اهڙن ذخيره اندوزن جي لسٽ پڻ جاري ٿي، جنهن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جا ذخيره اندوز شامل هئا. مذڪوره سيڪريٽري اهڙن ذخيره اندوزن خلاف ڪاروائي جو بہ اعلان ڪيو پر پوءِ بہ ڪا ڪاروائي نہ ٿي سگهي.

سياستدان توڙي ڪامورا جيڪي خوراڪ جي معاملن کي ڏسن ٿا، سي اڄ بہ ملڪ ۾ 23.5 ملين ٽن بمپر فصل لهڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا. ڪڻڪ جي انهي بمپر ڪراپ کي ئي مدنظر رکندي اڪانامڪ ڪو آرڊينيشن ڪميٽي (ECC) ڊسمبر ۾ 4.3 ملين ڪڻڪ ايڪسپورٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. جڏهن تہ اسٽيٽ بئنڪ پڻ پنهنجي 2005_6ع جي رپورٽ ۾ ڪڻڪ جي بمپر فصل لهڻ جي اميد ڏيکاري هئي. ”ڪڻڪ جي بمپر فصل لهڻ جي ڳالهہ وقت کان اڳ جو تجزيو هو.“ هڪ فلور مل اڳواڻ ٻڌايو. هن اهو پڻ ٻڌايو تہ هاڻي ساڳي ئي ڳالهہ وري وونٽڻ جي فصل بابت بہ ورجائي پئي وڃي. حڪومتي حلقا ان جي زبردست پئداوار جي ڳالهہ ڪن ٿا، جڏهن تہ آزاد ذريعا ان راءِ جا آهن تہ وونٽڻ کي وائرس جي حملي سبب نقصان پهتو آهي، ان ڪري ان جي هيلوڪي سال پئداوار گهٽ لهندي. حڪومت جي ڪڻڪ جي فصل کي 23.5 ملين ٽن لهڻ واري سروي غلط هئي، يا صحيح، اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي وزن رکي ٿي تہ ڊسمبر 2006ع جي منڊي ۾ نئين فصل لهڻ کان اڳ ڪڻڪ جي ايڪسپورٽ ئي هاڻوڪي شديد بحران جو ڪارڻ بڻي آهي. سنڌ حڪومت بہ 0.7 ملين ٽن جي پيٽ ۾ رڳو 6 لک ٽن ڪڻڪ مس ذخيرو ڪري سگهي. اها ساڳي صورتحال پنجاب ۾ بہ رهي، جتي پاسڪو ۽ صوبائي حڪومت هارين کان ڪڻڪ خريد ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا.

جنس جو ڪاروبار ڪندڙن جو چوڻ آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ 1.3 ملين ٽن ڪڻڪ واپارين وٽ آهي، باقي ٻہ ڪان ٽي ملين ٽن ڪڻڪ ذخيره اندوزن وٽ آهي، جيڪا بهرحال حڪومت کي انهن ۾ هٿ وجهي ٻاهر آڻڻي پوندي. ياد رهي تہ ڀارت توڙي باقي دنيا ۾ ڪڻڪ 25 رپيا في ڪلوگرام آهي، ان ڪري اسان پنهنجي سرحدن اندر ڪڻڪ جون قيمتون 12 کان 14 رپيا في ڪلوگرام تائين رکي سگهون. اقتصادي ماهر هتي اٽي جي قيمتن وڌڻ کي ان سان ڳنڍين ٿا، ڇو تہ ان ڪارڻ اسمگلنگ جي رجحان کي هٿي ملي ٿي. انهن چواڻي موجوده حالتن ۾ ڪڻڪ جي قيمت 18 رپيا في ڪلوگرام هجڻ کپي. اها قيمت هارين کي سڌي ريت ڏني وڃي، جنهن ۾ سبسڊي جو ڪو عمل دخل نہ هجي.

حقيقت ۾ شهري آبادي کي ان سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي طريقي سان ايڊجسٽ ڪيو وڃي، ڇو تہ هترادو طرح قيمتون گهٽائڻ سان نہ تہ عام ماڻهو کي فائدو ٿئي ٿو نہ وري هاريءَ کي!.

(15 آڪٽوبر 2007ع)

***

# عام چونڊون ۽ قبرستان جهڙي خاموشي

"ڇا 18 فيبروري تي عام چونڊون ڪنهن قبرستان ۾ منعقد ٿينديون؟" ڪميونسٽ پارٽي جو هڪ جهونو ڪارڪن سياسي پارٽين طرفان مختلف شهرن ۾ عام چونڊن جي سلسلي ۾ ٿيندڙ ريلين ۽ جلسن کي مدِ نظر رکي چئي رهيو هو "انهن جلسن ۾ شريڪ ٿيندڙ ماڻهو ڏاڍا ڍنل آهن ۽ اڳواڻن کي به ايتري تہ جلدي هوندي آهي جو اهي تڙتڪڙ ۾ ڪجهہ چئي هليا وڃن ٿا" هو ماضي ۾ ميلن ۾ ڊگهين ريلين ۽ پوري رات هلندڙ جلسن کي ساري ٿو جن کي ذوالفقار علي ڀٽو، مفتي محمود، مولانا مودودي، مولانا نوراني، مولانا ڪوثر نيازي ۽ ٻيا اڳواڻ 1970ع جي چونڊ مهم دوران خطاب ڪندا هئا.

انهي حد تائين جو 1970ع جي چونڊ مهم ۾ ڪارنر گڏجاڻي بہ جلسي جو ڏيک ڏيندي هئي. تڏهن ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي، لاهور، فيصل آباد، ملتان، راولپنڊي، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ روزانو شام جو منعقد ٿيندڙ ڪارنر گڏجاڻين ۾ 500 کان 1000 ماڻهن جو گڏ ٿيڻ معمول جي ڳالهہ هئي. ان وقت ذوالفقار علي ڀٽو جا تمام وڏا جلسا ٿيندا هئا. ۽ جماعت اسلامي طرفان پلا 37 ورهيہ اڳ "شوڪت السلام" جي نالي تي ڪيل زبردست مظاهري کي ڪير وساري سگهندو. شيخ مجيب، ڀٽو، مودودي، نوراني، ياشاني ۽ ٻيا شعلہ بيان مقرر تقريرون ڪندا هئا. پر سياسي ماحول پوءِ بہ دوستاڻو هوندو هو ماڻهن کي اظهار جي آزادي هئي، 23 سالن کانپوءِ 1970ع ۾ سياسي سرگرميون آزاديءَ سان منعقد ٿينديون هيون.

ليڪن هاڻي ڇا ٿي رهيو آهي؟ 27 ڊسمبر واري سانحي جنهن عوام کان سندن محبوب ليڊر کسي ورتي، ان کانپوءِ مسلسل بم ڌماڪا، آپگهاتي

بم حملا تي رهيا آهن. سوات ۾ فاتا ۾ ويڙهاڪن ۽ فوج وچ ۾ جنگاڻ چوٽ چڙهيل آهي. حڪومت سياستدانن کي خبردار ڪيو آهي تہ مٿن آپگهاتي بم حملا ٿي سگهن ٿا. ان ڪري ماڻهو گهرن ۾ رهڻ کي ترجيح ڏئي رهيا آهن. عوام سياسي جلسن ۾ وڃڻ کان لهرائين ٿا. سياستدان جلسا تہ منعقد ڪن ٿا، پر ماڻهن جي گهٽي انگ ۾ شرڪت جي حوالي سان ڳڻتي جو شڪار رهن ٿا.

آخر انهي صورتحال مان فائدو ڪير ڪڻندو؟ اهو اهڙو سوال آهي جيڪو پُڇڻ گهرجي ۽ ان تي بحث ٿيڻ کپي. 1977ع کانپوءِ جنرل ضياءَ الحق جڏهن آڌي رات جو گهات هڻي اقتدار حاصل ڪيو تڏهن هن پاڻ سان نفسياتي جنگ جو هڪ ماهر بہ ساڻ آندو. اهو ماهر هو جنرل مجيب الرحمان، هو وفاقي سيڪريٽري اطلاعات بہ رهيو. ٿورڙو ذهن تي زور ڏيو ۽ ياد ڪريو تہ تڏهن ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٽيلويزن تي سرعام خلق خدا کي ڦاهيون ڏيڻ وارا منظر ڏيکاريا ويا هئا. تڏهن ٽيليويزن جو هڪ ئي چئنل هوندو هو جيڪو حڪومتي ڪنٽرول ۾ هو.

اخبارون ۽ رسالا مجرمن کي مليل اهڙين ڦاهين جون وڏيون وڏيون تصويرون شايع ڪندا هئا. جنهن ۾ ڦاهي جي موقعي تي اذيتناڪ منظرن جا تفصيل بہ شامل هوندا هئا. جڏهن ٽي وي تي اهي خطرناڪ منظر ڪو ڪڙتيل نہ ڏئي سگهيا تہ پوءِ ميڊيا ۾ ماڻهو مار "هٿوڙا گروپ" جي مختلف وڏن ۽ ننڍن شهرن مان ماڻهن جا چچريل لاش فوٽ پاٿن تان هٿ اچڻ جون خبرون وڏي پئماني تي ڇپجڻ لڳيون. ميڊيا ذريعي اختيار ڪيل ان حڪمت عمليءَ فوري اثر ڇڏيا. ماڻهو نفسياتي طور ڊپ واري ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويا. جنهن ڪري اهي غير سرگرم پڻ ٿيا. سو جنرل مشرف بہ پاڻ سان نفسياتي جنگ جي ماهرن جي ٽيم ساڻ رکي آهي. هاڻي انهن نفسياتي وار جو سلسلو تيز ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪارڻ حقيقت ۾ عوام ڊنل آهي، اڳواڻ ڇا ٿا چون، ان سان تہ سندن سروڪار ناهي!

"جيڪڏهن اهي عالمي سطح جي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏئي سگهن ٿا ۽ سرعام عوامي اڳواڻ بينظير ڀٽو کي ماري سگهن ٿا تہ پوءِ باقي ڇا نٿا ڪري سگهن." اجوڪي صورتحال تي بيوسي جي عالم ۾ اهو ئي چئي سگهجي ٿو.

مشرف ۽ سندس ساٿارين کي آمريڪا، برطانيا ۽ اولهہ جي ملڪن جي سرپرستي اجا بہ حاصل آهي. ليڪن مشرف اولهہ جي دانشورن جي حمايت حاصل ناهي ڪري سگهيو. ساڳي وقت هو دهشتگردي خلاف ويڙهہ ۾ شامل ملڪن آمريڪا، برطانيہ، فرانس ۽ يورپ جي عوام جي حمايت حاصل نہ ڪري سگهيو آهي. باوجود ان جي بش، برائون ۽ ٻيا اڄ بہ سندس حامي آهن. مشرف پنهنجي پرڏيهي دوري دوران لنڊن جي 30 ناليوارن صحافين ۾ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري خلاف 15 صفحن تي مشتمل چارج شيٽ ورهائي، پر ڪنهن بہ مذڪوره چارج شيٽ کي گاهہ نہ وڌو. حقيقت ۾ مشرف جي اها مشق Counter Productive ثابت ٿي ۽ ان چيف جسٽس ڪيس ۾ نئين سر ساهہ وجهي ڇڏيو آهي. ماڻهن کي ان ڳالهہ عجب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي تہ چيف جسٽس 90 ڏينهن کان پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن سميت نظربند آهي، ان خلاف هڪ آمر ڪيئن ٿو چارج شيٽ جاري ڪري سگهي. مشرف جيتوڻيڪ عبدالله محسود کان ڊنل ٿو نظر اچي، پر ان جي تہ ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ هو ڪٿي آهي ۽ چيف جسٽس جنهن جو دنيا کان رابطو ڪٽيل آهي. اهو مسلسل آمر لاءِ خطرو بڻيل آهي.

دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ اڄڪلهہ رٽائرڊ جنرل، ايئرمارشل ۽ ايڊمرل، بہ ڪيڏانهن ۾ شامل ٿي ويا آهن. حالانڪ انهن مان اڪثريت جو ماضي ۾ چونڊيل حڪومتن کي ڪيرائڻ ۽ عوام جي مسئلن ۾ واڌاري جي حوالي سان انتهائي خراب ڪردار رهيو آهي. ڪير آهي جيڪو ٻلا ايئر مارشل اصغر خان کي نہ سڃاڻي، هن ڪڏهن بہ ذوالفقار علي ڀٽو لاءِ حرف حمايت نہ اُچاريو. هن ڪليل لفظن ۾ اعلانيہ چيو هو تہ 'ڀٽي کي ڪوهالا پُل تي ڦاسي چاڙهيو وڃي.' اصغر خان اهو شخص آهي جنهن 3 ۽ 4 جولاءِ 1977ع تي پ پ ۽ پي اين اي وچ ۾ آخري مرحلي ۾ پهتل ڳالهين کي ختم ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن ڪري جنرل ضياءَ کي اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو موقعو مليو. اصغر خان هميشہ سياست ۾ پُراسرار طريقي سان داخل ٿيو آهي. جنرل چشتي، جنرل اسلم بيگ، جنرل حميد گل ۽ جنرل اسد دراني پاڪستاني تاريخ جا ڄاتل سڃاتل چهرا آهن ۽ سندن ڪردار جي بہ هر ڪنهن کي خبر آهي. اهي هڪ ڀيرو ٻيهر عوام کي غلط رخ ۾ وٺي وڃڻ لاءِ ميدان ۾ لٿل آهن.

ٻئي طرف وري حڪومت آهي، جيڪا خفيہ معلومات ظاهر ڪري عوام ۾ اعتماد پئدا ڪرڻ بدران کين اجا بہ ڊپ ۾ مبتلا ڪري رهي آهي. ويجهڙ ۾ آيل هڪ رپورٽ موجب 14 نوجوان آپگهاتي بمبار مختلف شهرن ۾ داخل ٿي چڪا آهن. اهي بہ اطلاع آهن تہ اجا وڏيڪ حملا ٿي سگهن ٿا. ايئن جيترا وات اوتريون ڳالهيون وارو سلسلو هلندڙ آهي.

پ پ جو شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري اڳ ۾ ئي چئي چڪو آهي تہ اولهہ جا ملڪ پاڪستان ۾ اليڪشن کان اڳ ڊانڊليون ٿيڻ جي ڳالهہ قبول ڪري چڪا آهن. باجود انجي پ پ اليڪشن مهم جو فائدو وٺندي هر ممڪن طرح عوام سان رابطي جي ڪوشش ۾ رڌل آهي جڏهن تہ پ پ جي ڪارڪنن خلاف اڳوات ئي وٺ پڪڙ شروع ڪئي وئي آهي. انهن مان ڪيترا تہ گرفتار ٿي چڪا آهن ۽ وڏي اڪثريت لاءِ اهو ڊپ موجود آهي تہ جيئن چونڊون ويجهيون ايندديون تہ کين گرفتار ڪيو ويندو.

جيئن جيئن 18 فيبروري ويجهي پئي اچي، تيئن تيئن پاڪستان جي سياسي ۽ اقتصادي صورتحال غير يقيني جو شڪار ٿيندي پئي وڃي. هاڻي جڏهن چونڊن ۾ باقي وڃي هفتو ڏيڍ بچيو آهي، تڏهن بہ ماڻهن کي يقين ناهي تہ ڪو 18 فيبروري تي چونڊون منعقد ٿينديون. ان ڪانسواءِ بہ ڪافي سوال پنهنجي جاءِ تي نهايت اهم آهن. فرض ڪريو جيڪڏهن چونڊون 18 فيبروري تي ٿين ٿيون ۽ ٽنگيل قسم جي پارليامينٽ وجود ۾ اچي ٿي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ ۽ جيڪڏهن مسلم ليگ (ق) کي اڪثريتي پارٽي طور سامهون آندو ٿو وڃي تہ پوءِ عوام جو ڇا رد عمل هوندو جيڪر پ پ اڪثريت سان کٽي اچي ٿي تہ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم وچ ۾ صوبائي ۽ وفاقي سطح تي لاڳاپا ڪيئن بيهندا؟ سوال تمام گهڻا آهن جنهن جا جواب نہ تہ حڪومت وٽ آهن نہ وري سياسي ليڊرن وٽ.

(1 فيبروري 2008ع)

***

## بدلجندڙ سياسي منظر نامو

ڪيترن ئي خدشن ۽ امڪانن باوجود 18 فيبروي تي عام چونڊون منعقد ٿيون، جنهن ۾ ظاهر ڪيل ڏپ مطابق ڪا بہ وڏي خونريزي نہ ٿي، نہ وري بم ڌماڪا ٿيا ۽ لاش ڪريا. جڏهن تہ سڄي ملڪ ۾ پيش آيل واقعن ۾ 11 ماڻهو زندگيون وڃائي ويٺا. وڏي پيماني تي ڌانڌلين ٿيڻ جو بہ خوف موجود هو. پر پاڙ ايئن چئي سگهون ٿا تہ ڪيترن ئي تڪن ۾ ڌانڌليون يا بي قاعدگيون ٿيون آهن، پر وڏي پيماني تي چونڊن ۾ ڌانڌلين نہ ٿيڻ جو سبب حڪومت مٿان مختلف قسم جا دٻاءُ هئا. 16 ڪروڙن جي آبادي واري ملڪ جي چونڊن جي تاريخ جهيڙن جهڳڙن ۾ رت سان پري پئي آهي، انڪري ايڏي وڏي آبادي ۾ 11 ماڻهن جون زندگيون وڃائڻ ڪي وڏو واقعو قرار نٿو ڏئي سگهجي!

هن ڀيري سڄي پاڪستان سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي عوام پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ ۾ سياسي بلوغت جو مظاهرو ڪيو. مُلن کي مڪمل طرح رد ڪيو ويو. جڏهن تہ آمريت جا ساٿاري ڪجهہ سيٽون کٽي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ پهچي ويا آهن. چوڌري شجاعت، شيخ رشيد، لياقت جتوئي، چوڌري امير حسن (قومي اسيمبلي جو اسپيڪر) ۽ ٻيا ڪيترا مسلم ليگ (ق) جا مک ماڻهو پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي اميدوارن هٿان بدترين شڪست کائي چڪا آهن. اهو ان ڏينهن جو منظر آهي جنهن کي چئجي ٿو 18 فيبروري!

سرحد صوبي ۾ اي اين پي جي واپسي سياسي طور 18 فيبروري جي چونڊن جو وڏو ڪارنامو آهي، اسان جيڪڏهن 1970ع ڏانهن نگاهہ وجهنداسين تڏهن نعپ سرحد ۽ بلوچستان ۾ وڏي اڪثريت حاصل ڪئي

هئي، پر ولي خان جا پٽ سان لاڳاپا نيڪ نہ رهيا. بلوچستان ۽ سرحد ۾ نعپ-جي يو آءِ جون حڪومتون معطل ڪيون ويون. بلوچستان ۾ فوجي آپريشن ڪيو ويو. 1977ع ۾ پ پ خلاف تحريڪ هلي تہ مرحوم ولي خان، پٽو جي سخت خلاف تي بيٺو هو. هن جي گهر واري بيگم نسيم ولي ۽ شير باز مزاري تي جنرل ضياءُ سان ويجهن لاڳاپن جو الزام بہ لڳو. تڏهن بيگم نسيم ولي پارٽي تي چڱو اثر رسوخ حاصل ڪري ورتو هو جنهن اي اين پي جي اميج کي سخت هاڃو رسايو ايئن اها پارٽي اسٽيبلشمينٽ جي "ڪٺ پتلي" پارٽي بڻجي رهجي وئي!

ليڪن ولي خان جي لاڏاڻي کانپوءِ اسفند يار ولي پارٽي جي قيادت سنڀالي ورتي ۽ هن پارٽي کي نئون اميج ڏنو. هن اي اين پي جو قومپرست، سامراج مخالف ۽ اسٽيبلشمينٽ مخالف اميج بحال ڪيو. ٻين قومپرستن جي ابتڙ اسفند يار ولي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ سرحد صوبي ۾ وڏي پارٽي طور اُڀريو آهي. سندس پارٽي سنڌ اسيمبلي ۾ ڪراچي مان بہ سيٽون حاصل ڪيون آهن ۽ قومي اسيمبلي ۾ بہ مک پارٽين مان هڪ آهي. ٻئي پاسي قومپرست اڳواڻ محمود اچڪزئي، ڊاڪٽر حئي بلوچ ۽ جماعت اسلامي سان گڏ چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو. ان لحاظ کان مسلم ليگ (ق) ۽ اسٽبلشمينٽ حامي قوتن لاءِ چونڊن ڪٽڻ جو ميدان صاف ڇڏيو ويو.

ليڪن اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو سهرو شهيد بينظير ڀٽو ڏانهن وڃي ٿو. هن پنهنجي ۽ نواز شريف جي واپسي لاءِ اسٽيبلشمينٽ سان ڳالهيون ڪيون، بلڪ ان سلسلي ۾ مشرف سان دبئي ۾ ملاقات بہ ڪئي، هن نہ رڳو اهو ڪيو بلڪ هن مشرف طرفان ٿيندڙ عام چونڊن ۾ سندس شرطن تي حصو وٺڻ جو بہ فيصلو ڪيو. ان ڪانسواءِ مٿس الزام بہ مڙهيا ويا. اهو بہ چيو ويو تہ بينظير ڀٽو ڪيسن مان جان ڇڏائڻ خاطر اسٽيبلشمينٽ سان ڊيل ڪئي آهي. مٿس اها بہ تهمت مڙهي وئي تہ سندس ۽ مشرف وچ ۾ طئي ٿيل معاملن کانپوءِ ٿيندڙ چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌليون ڪرايون وينديون.

18 آڪٽوبر تي سندس ڪراچي واپسي جي موقعي تي ٿيل شاندار استقبال حڪمرانن جي قطعي وهم گمان ۾ به نه هو. لڪين ماڻهو سندس آجيان لاءِ شهر جي رستن تي هئا. ائين 18 آڪٽوبر تي آڌي رات جو مٿس بم حملو ڪيو ويو. جنهن ۾ 150 کن ماڻهو موت جو ڪاچ ڀڃي ويا. در حقيقت اهو محترمه بينظير ڀٽو لاءِ واضح پيغام هو ته اها "چونڊ مهم" کان پري رهي، پر هن آمريت ۽ ملڪي ساک کي داوَ تي لڳائيندڙن خلاف عوام کي گڏ ڪرڻ ۽ مهم هلائڻ جو سلسلو جاري رکيو. ائين 27 ڊسمبر تي هن پنهنجي زندگي جي قيمت ادا ڪئي. جڏهن اهو واقعو ٿيو تڏهن اهي خدشا موجود هئا ته چونڊون ٿينديون به سهي يا نه؟ پر عوام جو ايترو شديد دٻاءُ هو جو آمريتي حڪمران چونڊن ڪرائڻ کان ڪنڌ نه ڪيرائي سگهيا. عام چونڊون تي ڇڪيون آهن ۽ نتيجا نهايت اُتساهه جوڳا ۽ لڳ ڀڳ 1970 ع جهڙا آهن!

ايئن ان ڪري به ٿيو جو فوج پاڻ کي سياست کان پري رکڻ جو فيصلو ڪيو. اهو پيغام دراصل پوليس، ضلعي ناظمن، ضلعي انتظاميا ۽ حڪومتي مشنري سان لاڳاپيل ڌرين لاءِ به هو. لڳ ڀڳ 52 قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽن تي مقامي اختيارين طرفان مشرف جي حمايت يافته اميدوارن کي کٽائڻ لاءِ مداخلت جا اطلاع آهن. ڪراچي ۾ 20 قومي اسيمبلي جي سيٽن مان 12 تي ۽ 42 صوبائي سيٽن مان 28 تڪن تي جيترو ووٽن جوا نگ ظاهر ڪيو ويو آهي، اهو تمام گهٽو آهي، ڇو ته پولنگ اسٽيشن تي ايڏي وڏي تعداد ۾ ماڻهو ئي موجود ڪونه هئا.

اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ باوجود اهي قوتون عوام کي پ پ، مسلم ليگ (ن) ۽ اي اين پي جي حق ۾ عوامي مئنڊيٽ ڏيڻ واري فيصلي کان روڪي نه سگهيون. جڏهن ته ايم ڪيو ايم به 19 قومي اسيمبلي جي سيٽن، 39 سنڌ اسيمبلي جي سيٽن سان ايوان ۾ موجود رهندي. چونڊون ٿئي ٻه چار ڏينهن ٿيا آهن. انهي وچ ۾ ٽنهي مُک سياسي پارٽين مسلم ليگ (ن) ۽ اي اين پي جي اڳواڻن هڪٻئي سان ملاقاتون ڪيون آهن ۽ گڏيل حڪومت ناهڻ تي اتفاق ڪيو آهي.

مسلم ليگ (ن) جو سربراهہ ميان نواز شريف جنهن وقت پريس ڪانفرنس ۾ پارليامينٽ ۾ حڪومت ٺاهڻ جي سلسلي ۾ آصف علي زرداري جي حمايت جو اعلان ڪري رهيو هو ان وقت هو منجهيل هو. هو ان ڳالهہ تي واضح نہ هو تہ سندس پارٽي وفاقي حڪومت جو حصو هوندي يا رڳو پ پ جي حمايت ڪندي. اهڙي ريت اي اين پي اڳواڻ اسفند يار ولي بہ آصف زرداري سان ملاقات ڪئي آهي. ٻنهي اڳواڻن قومي اسيمبلي ۽ سرحد ۾ هڪٻئي سان گڏجي هلڻ تي اتفاق ڪيو آهي. ليڪن اجا منظر ڏنڌ ۾ ورتل آهي. نواز شريف، 3 نومبر تي مشرف طرفان هڪ آرڊر ذريعي هٽايل ججن جي نہ رڳو بحالي چاهي ٿو پر اهو بہ چاهي ٿو تہ ان قدم کي غير قانوني ۽ غير آئيني قرار ڏنو وڃي. مشرف ججن کي هٽائڻ کانپوءِ نوان جج مقرر ڪيا ۽ انهن پي سي او تحت قسم کنيو ياد رهي تہ مشرف قلم جي هڪ ئي نوڪَ سان سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي 60 ججن کي هٽايو هو.

پ پ جو موقف اهو آهي تہ ججن جي معاملي سميت سنڌن مقرري ترقين، بدلين جو معاملو پارليامينٽ ۾ بحث هيٺ آندو ويندو. اهو ئي آخري حل لڳي ٿو جنهن تحت عدليہ ۽ پارليامينٽ، عدليہ ۽ انتظاميہ، پارليامينٽ ۽ انتظاميہ وچ ۾ ڪم ڪرڻ جو ڪو نئون فارمولا جڙي سگهي ٿو. اختلاف رڳو ان ڳالهہ تي آهي تہ مسلم ليگ (ن) ۽ اي پي ڊي ايم جون پارٽيون شخصي بنيادن تي حل چاهين ٿيون. جڏهن تہ پ پ وٽ مستقل حل انهن ٻنهي انتهائن وچ ۾ موجود آهي، هٽايل جج ايگزيڪيوٽو آرڊر تحت بحال ٿي سگهن ٿا. پر ان لاءِ متفقہ پارلياماني فيصلو ججن جي بحالي کي اخلاقي ۽ آئيني سگهہ مهيا ڪندو. جيڪڏهن مشرف اهڙي ڪنهن Move کي روڪڻ لاءِ B (2) 58 تحت اختيار استعمال ڪندي اسيمبليون ٽوڙيون تہ پوءِ ملڪ ۾ اهڙي انارڪي جنم وٺندي، جنهن کي هوڪنٽرول نہ ڪري سگهندو. فوجي قيادت بہ مشرف کان فاصلو اختيار ڪري چڪي آهي. ان ڪري هن وقت آمريتي اختيار استعمال ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو هاڻي مشرف کي پارليامينٽ کي تسليم ڪرڻو پوندو.

ان حوالي سان آصف زرداري درست فيصلا پيو ڪري، هو حڪومت ناهڻ ۾ سيني سياسي ڌرين جي حمايت چاهي ٿو. انهي حد تائين جو هو فضل الرحمان ۽ ايم ڪيو ايم سان بہ ڳالهائڻ لاءِ تيار آهي. ٻئي پاسي ميان نواز شريف ۽ اي پي ڊي ايم 12 مئي تي ڪراچي ۾ چيف جسٽس افتخار چوڌري کي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ جي ڪري ساڻس گڏ نہ ويهڻ جو اعلان ڪيو آهي. ليڪن ٻڌڻ ۾ اهو پيو اچي تہ زرداري نواز شريف کي ايم ڪيو ايم معاملي تي قائل ڪري چڪو آهي!

سنڌ ۾ منظر نامو اهو آهي تہ پ پ 67 اسيمبلي ميمبرن سان پنهنجي الڳ حڪومت ناهي سگهي ٿي، پر متحده سنڌ جي شهري علائقن جي نمائندگي ڪري ٿي. ليڪن پ پ اندر بہ ايم ڪيو ايم کي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ تي تحفظات موجود آهن، هاڻي دراصل تضاد حقيقت پسندن ۽ اصول پرستن وچ ۾ آهي. متحده ۽ مشرف کان فوجي قيادت جي پوئتي هٽڻ ڪانپوءِ پاڻ کي تن تنها محسوس ڪندي. مشرف هاڻي نہ رڳو اڪيلو ٿي چڪو آهي بلڪ هارائيندڙ جنگ بہ اڪيلي سر پيو وڙهي. هاڻي ايندڙ وقت ۾ متحده جي وفاداري هڪ شخص لاءِ نہ هجڻ کپي جو تہ هو پاڻ هاڻ ڪنهن سان وفادار ناهي رهيو. جيتوڻيڪ متحده گڏيل حڪومت ۾ شموليت واري منظر نامي ۾ موجود آهي، پر ان کي ذميواري ۽ سياسي بلوغت ثابت ڪرڻي پوندي، ٻي صورت ۾ ايم ڪيو ايم کي ڪافي سارو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو. سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ سياستدانن کي جن اصولن ۽ ضابطن تحت حڪومت ڪرڻي آهي سڀ کان پهرين ڪين ان لاءِ هڪ هنڌ گڏجي ويهڻو پوندو! وقت جي تقاضا آهي تہ فراخدلي، وسعت نظري ۽ برداشت جو مظاهرو ڪيو وڃي. سنڌ کي ٻڌي ۽ پاڪستان کي هڪ نئين سماجي اُتساهہ جي ضرورت آهي، جنهن تحت بنا ڪنهن نسل ۽ مذهبي متڀيد جي سمورن شهرين کي ترقي جا برابري جي بنياد تي موقعا ملي سگهن!.

(20 فيبروري 2008ع)

***

# 20/9 سانحي جو ذميوار ڪير؟

20 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ ثيل بم ڌماڪي هر لحاظ کان ملڪ جي قانون لاڳو ڪندڙن ادارن کي ڌوڏي ڇڏيو آهي. اهو رڳو ان لحاظ کان وڏو حادثو ناهي ته ان ۾ ڪافي انساني جانيون ضايع ٿيون ۽ ملڪيتن کي نقصان پهتو بلڪ وقت ۽ هنڌ جي چونڊ جي حوالي کان به اهوتمام وڏو حادثو آهي. 20 سيپٽمبر 2008ع تي صدر آصف زرداري پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي منجهند کانپوءِ خطاب ڪيو هن جي ڏيڍ ڪلاڪ تي مشتمل تقرير نهايت ٺُز ۽ سادي هئي، جنهن ۾ نه ته ڪو جذبات پٽو هو نه وري ڪي وڏا واعدا. هن پارليامينٽ کي تجويز پيش ڪئي ته 17 هين ترميم ۽ 58_2 (بي) جو جائزو وٺڻ لاءِ سمورين پارٽين تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي وڃي، جيڪا صدر کي پارليامينٽ ٽوڙڻ ۽ فوجي سربراهه مقرر ڪرڻ بابت ڏنل اختيارن جو جائزو وٺي.

صدر طرفان پنهنجا اختيار گهٽائڻ بابت ڏنل تجويز کي لڳ ڀڳ سمورين ڌرين ساراهيو مسلم ليگ (ن) جو سربراهه ميان نواز شريف مهمانن واري گيلري ۾ موجود هو ۽ آصف زرداري جي تقرير جي پڄاڻي کانپوءِ هو ساڻس ياڪر پائي مليو. جڏهن ته ملڪ جون معاشي حالتون اڃا به ابتر آهن ۽ ان مان موجوده بحرانن مان نڪرڻ جي صورت ۾ پار پئجي سگهجي ٿو. انهي موقعي تي اسپيڪر صاحبه طرفان هڪ وڏي افطار ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو هو. پهرين اهو ڊنر ٻي جاءِ تي رکيل هو پر پوءِ سگهارن ادارن جي صلاح تي وزيراعظم هائوس کي محفوظ سمجهندي اتي بندوبست ڪيو ويو.

جنهن وقت صدر پارليامينٽ آيو پئي تڏهن سڄو علائقو سيڪيورٽي جي سخت ڪڙي ۾ هو. پارليامينٽ جي عمارت ڏانهن ويندڙ سمورن رستن تي رڪاوٽون پيل هيون ۽ هر هنڌ پوليس جٿا مقرر هئا. ميريٽ هوٽل پارليامينٽ، سپريم ڪورٽ، سيڪريٽريٽ، منسٽرز لاجز پارليامينٽري لاجز ۽ ٻين سرڪاري عمارتن کان هڪ ڪلو ميٽر جي اندر اندر حفاظتي طور سخت انتظام ڪيا ويا هئا. اتان روڊ تي هلندڙ هر گاڏي چيڪنگ جي مرحلي مان گذري پوءِ اڳتي پئي وڌي. جڏهن تہ آسپاس تعميراتي ڪم هلندڙ هو اختيارين ان لاءِ چيڪنگ ڪانپوءِ ڊمپرن کي اڳتي وڃڻ جي اجازت ٿي ڏني. وزيراعظم هائوس ۽ پارليامينٽ جي چوطرف سمورا روڊ بند هئا. بس رڳو ميريٽ هوٽل وڃڻ وارو هڪ روڊ کليل هو.

20 سيپٽمبر تي ٿيل بم ڌماڪي ۾ وقت ۽ جاءِ جي چونڊ نهايت اهم آهي. واضح رهي تہ سخت حفاظتي انتظامن ۽ محفوظ هجڻ سبب ميريٽ هوٽل ۾ گهڻو ڪري پرڏيهي ئي ترسندا هئا. چيو اهو پيو وڃي تہ هوٽل ۾ آمريڪي ايڊمرل مولن جي پاڪستان اچڻ، وزيراعظم ۽ ٻين اهم حڪومتي عملدارن سان ملڻ جي ڪري ساٿس گڏ حفاظت لاءِ پنج آمريڪي ميرين بہ آيل هئا، جيڪي مذڪوره هوٽل ۾ ترسيل هئا. انهن پنجن ميرين کي 21 سيپٽمبر ( آچر ڏينهن) ڪابل اُسهڻو هو. ساڳي وقت ميريٽ ۾ چيڪ سفارتڪار، ڊنمارڪ جو سفير ۽ سعودي عملدار بہ موجود هئا. ان کانسواءِ اتي ڊنر لاءِ آيلن ۾ مک سرڪاري عملدار، سفير ۽ واپاري شامل هئا. اهي سمورا 20 سيپٽمبر جي شام جو اتي موجود هئا ۽ افطار کان ترت پوءِ دهشتگردن هوٽل کي نشانو بڻايو.

افطار کانپوءِ ماڻهو پر سُڪون هئا. چو تہ 20 سيتمبر جي شام جو 8 وڳي ڌاري ميريٽ هوٽل جي گيٽ تي سيڪيورٽي گارڊ موجو هئا. اڪثر گارڊ ۽ ڊرائيور روزو افطار ڪرڻ کانپوءِ ساهي کڻي رهيا هئا ۽ ڪين اُلڪو نہ هو تہ اهي ڊيوٽي تي ناهن تہ بہ خير آهي، پر اهو سڀ ڪجهہ ٿيو بہ ڇنڇر جي شام ۽ دهشتگردن ميريٽ هوٽل کي نشانو بنايو.600 ڪلوگرام کان وٺي هڪ هزار ڪلو گرام تائين بارودي مواد سان ڀريل ٽرڪ مين گيٽ وٽ

موجود رڪاوٽن سان ٽڪرائجي وئي. آپگهاتي بمبار گاڏي جي ٽڪرائجڻ سان ٿي پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو ايئن ٽرڪ کي باهہ لڳي وئي، گارڊ ويچارا باهہ وسائڻ جي ڪوشش ۾ جنبي ويا. ليڪن اهي باهہ وسائڻ ۾ ناڪام رهيا. باهہ جڏهن ٽرڪ جي پوئين حصي ۾ موجود بارود کي لڳي تہ ايڏو شديد ڌماڪو ٿيو جنهن سڄي اسلام آباد کي لوڏي ڇڏيو.

انساني جانين ۽ ملڪيتن جي نقصان جي اعتبار کان ڏٺو وڃي تہ جولاءِ 1987ع ۾ بہ وڏا بم ڌماڪا بوهري بازار ڪراچي ۾ ٿيا هئا جنهن ۾ 300 ماڻهو موت جو کاڄ بڻيا هئا ۽ اربين روپين جون ملڪيتون بہ تباهہ ٿي ويون هيون. 1987ع ۾ ٿيل ان واقعي کي ضياءُ الحق اسلام مخالفن، ڪي جي بي ۽ افغان ڳجهي اداري خاد جو ڪارنامو قرار ڏنو هو. جڏهن تہ تڏهوڪي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي مذڪوره ڪراچي بم ڌماڪن کي جمهوريت دشمن قوتن جو ڪارنامو سڏيو هو. جوڻيجو بم ڌماڪن کانپوءِ جولاءِ 1987ع جي آخر يا آگسٽ جي شروع ۾ ڪراچي آيو هو. هن قصر ناز تي هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي هئي، ڪيس ڪنهن صحافي ڌماڪي بابت صدر ضياءُ الحق جو ڏنل بيان ۽ سندس موقف ۾ تضاد ياد ڏياريو هو. صحافي جو سوال اهو هو تہ اهو ڪو ايترو مسئلو ناهي تہ اهو ڌماڪو اسلام مخالف قوتن ڪيو يا جمهوريت دشمنن، اصل مسئلو اهو آهي تہ سٽن وفاقي ۽ صوبائي ڳجهن ادارن جي موجودگي ۾ اهو ڌماڪيدار مواد شهر اندر ڪيئن پهتو؟ ”اهو ڌماڪيدار مواد. غير قانوني هٿيار وغيره اين ايل سي ٽرالرن ذريعي اسمگل ڪيا ٿا وڃن“ تڏهوڪي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي پرهجوم پريس ڪانفرنس ۾ چئي ڏنو هو. جيڪو پوءِ اڳيئن ڏينهن وڏين سرخين سان اخبارن ۾ بہ شايع ٿيو. 1990ع جي پڇاڙي ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي نگران وزيراعظم بڻيو ۽ هو آگسٽ کان آڪٽوبر 1990ع تائين عهدي تي رهيو. هن پڻ ان دوران اين ايل سي ٽرالرن جي حوالي سان غير قانوني هٿيار اسمگل ڪرڻ واري ڳالهہ دهرائي هئي.

مرحوم جوڻيجو واحد وزيراعظم هو جنهن 1987ع ۾ قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ وڏن ڪامورن ۽ جنرلن کان وڏيون گاڏيون واپس وٺي ڪين

استعمال لاءِ سوزوڪي ڪار ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. هن افغان جنگ کان پاڪستان جي ڏار ٿيڻ، ۽ راولپنڊي ۾ ٿيل ڌماڪي جي ڪليل جاچ ڪرائڻ جو اهم فيصلو ڪيو هو ۽ پوءِ ٿيو ائين جو پرنٽ ميڊيا ۾ سندس خلاف مهم شروع ٿي وئي. اجڪلهه هڪ خانگي چئنل جي ميزبان ڪامران خان تڏهن اها اسٽوري شايع ڪئي هئي تہ وزيراعظم جي ميز تان حساس فوجي معاملن بابت فائل چوري ٿي ويو آهي. ايئن پوءِ ضياءَ الحق طرفان جوڻيجي کي 19 مئي 1988ع تي عهدي تان هٽايو ويو.

انهن واقعن کي ياد ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ سگهارن ادارن ۽ سينيئر عملدارن جو منشيات ۽ هٿيارن جي اسمگلنگ ۾ ملوث هجڻ ماضي ۾ بہ هڪ حقيقت هئي ۽ اج بہ، ان کان ڪنڌ نٽو ڪيائي سگهجي. هڪ سگهاري اداري جو سربراهہ رهندڙ جنرل حميد گل پاڻ اهو اعتراف ڪري چڪو آهي تہ هن 1988ع جي چونڊن ۾ پ پ خلاف آءِ جي آءِ جوڙايو. جنرل رٽائرڊ اسلم بيگ سياستدانن ۾ 140 ملين روپيا تقسيم ڪيا. حقيقت ۾ ڳجها ادارا قطعي طور اهڙن ماڻهن کان هاڻي بہ پاڪ صاف ناهن. واضح رهي تہ هتان جي سگهارن ادارن تي طالبان ۽ جهادين سان واسطا هجڻ جا آمريڪا اڳ ئي الزام هڻي چڪو آهي.

20 سيپٽمبر جي بم ڌماڪن جا يقيني طور تي ڪافي گهرا اثر مرتب ٿيندا. اطلاع آهن تہ برطانوي ايئر لائين برٽش ايئرويز اسلام آباد کان پنهنجون اڏامون معطل ڪري ڇڏيون آهن، جڏهن تہ اهي بہ خبرون ٻڌڻ ۾ اچن پيون تہ پاڪستان ۾ ايئر لائنز توڙي ٻئي ڪاروبار ۾ موجود اڪثر پرڏيهي پاڪستان ڇڏڻ جي تيارين ۾ آهن. ياد رهي تہ بجلي جي خانگي اداري جيڪو بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي 22 سيپٽمبر 2008ع تي ميريٽ هوٽل اسلام آباد ۾ هڪ گڏجاڻي رٿيل هئي. هاڻي اها گڏجاڻي اڻ ڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. بورڊ جي ڊائريڪٽرن ۾ ڪيترائي پرڏيهي شامل آهن. ڪراچي، اسلام آباد ۽ لاهور ۾ موجود سفارتي عملي پنهنجي گاڏين تان سفارتي نمبر پليٽون هٽائي ڇڏيون آهن ۽ هاڻي اهي عام نمبر پليٽن وارين گاڏين ۾ سفر ڪن ٿا.

اچو تہ اهو تسليم ڪريون تہ پاڪستان جي ماڻهن جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تان ويساهہ کڄي چڪو آهي. ٿورو تصور ڪريو تہ جڏهن ملڪ جو صدر، وزيراعظم اهم ۽ محفوظ جاين جهڙوڪ صدارتي محل، وزيراعظم هائوس، چيف منسٽر هائوس ۽ گورنر هائوس ۾ تقريبن ڪرڻ دوران بہ محفوظ ناهن تہ پوءِ ان مان عام شهري کي ڪهڙو پيغام ڏنو پيو وڃي؟ ذوالفقار علي ڀٽو واحد پاڪستاني اڳواڻ هو جيڪو ملڪ ۾ هر هنڌ ويو. هن ملڪ جو هر ننڍو وڏو شهر ۽ ڳوٺ ڏنو ڪراچي، لاهور، راولپنڊي، پشاور بہ ويو تہ محلا ۽ گهٽيون بہ گهمي ڏٺائين. تڏهن بہ سيڪيورٽي جا معاملا موجود هئا. ڀٽي قبائلي علائقن ۾ وڏن جلسن کي خطاب ڪيو. اڄ قبائلي علائقن جي ماڻهن کي هيليڪاپٽرن مان گولابارود ذريعي نشانو بڻايو پيو وڃي. هاڻي ساڳي ئي علائقي مان ماڻهو ملڪ تي بمن ۽ ڌماڪيدار مادي سان حملا آور آهن!

(15 سيپٽمبر 2008ع)

***

# معاشي بحران: عوام کي اُتساهہ کپي

عيد جي وڏايل موڪلن ڪانپوءِ 3 آڪٽوبر تي وچي ڪاروبار، مارڪيٽون ۽ دفتر کليا. جيتوڻيڪ اڄڪلهہ ملڪ ۾ غربت، بيروزگاري ۽ ناڻي واڌ جي ڳالهہ هر ماڻهو جي زبان تي آهي. باوجود ان جي رمضان مهيني ۾ عيد جي خريداري روايتي رهي، هڪ ڪاٿي موجب سڄي ملڪ ۾ لڳ ڀڳ 200 کان 250 بلين روپين جي خريداري ڪئي وئي "رڳو ڪراچي ۾ 70 بلين رپين جي خريداري ڪئي وئي. طارق روڊ تي ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندڙ اڪرام حسين ٻڌايو ننڍا دڪاندار پنهنجو سامان ڪريڊٽ ڪارڊ تي ناهن ڏيندا. جيتري بہ خريداري ٿيندي آهي، اها روڪڙن پئسن عيوض ٿيندي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسٽيٽ بئنڪ، سمورين بئنڪن کي اهي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون هيون تہ پنهنجن اي ٽي ايم مشينن ۾ رقمون جهجهيون رکن، جيئن ڪسٽمرز کي ڪا پريشاني نہ ڏسڻي پوي، ڇو تہ بئنڪون ئي نقد رقم جو اهم ذريعو هجن ٿيون. ليڪن عيد کان هفتو اڳ ڪيترين ئي بئنڪن مان نقد رقمون ڪٽي ويون هيون، حالت اها هئي جو ڪيترين بئنڪن طرفان ماڻهن کي اي ٽي ايم تي اڳئين ڏينهن اچڻ لاءِ چيو ويو.

بئنڪن ۾ نقد رقمن جي کوٽ سبب مارڪيٽ ۾ ڪال مني ريٽ وڌي ويا. بزنس رڪارڊر 4 آڪٽوبر تي رپورٽ ڪيو تہ ان دوران انٽر بئنڪ ڪال مني ريٽ تحت ڪا بئنڪ واڌو رقم ڏينهن جي پڄاڻي تي ٻين بئنڪن کي مخصوص اگهہ تي ڏيندي آهي. اسٽيٽ بئنڪ موجب ان دروان بئنڪن وٽ نقد رقم برقرار رهي ۽ بئنڪن جو وهنوار نيڪ طرح سان جاري رهيو. حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن مارڪيٽ ۾ لڪوئڊيٽي واڌو

هوندي آهي تہ اگھہ بہ گھٽ رهندا آهن. جيڪڏهن ڪوٽ هوندي آهي تہ پوءِ اگھہ بہ چڙهي ويندا آهن. 3 آڪٽوبر تي لڳ ڀڳ هڪ هفتي جي ڏگهي موڪل ڪانپوءِ بئنڪون کليون. رمضان دوران بئنڪن مان رقمون ڪيرائڻ ۾ تمام گهڻي تيزي ڏسڻ ۾ آئي. جڏهن تہ بئنڪن ۾ وري عملي جي غير حاضري ڏٺي وئي. ڪيترين ئي بئنڪون تہ پنهنجي هيڊ آفيس، زونل آفيس توڙي اسٽيٽ بئنڪ مان ڪرنسي نوٽن جو اسٽاڪ ئي حاصل نہ ڪري سگهيون. اهو ئي سبب آهي جنهن ڪارڻ انٽر بئنڪ ڪال مني جي اگهن ۾ نہ رڳو اضافو ٿيو بلڪ ڪيترن ئي ڪسٽمرز جا چيڪ واپس ڪيا ويا. واضح رهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪسٽمر جي رقم اڪائونٽ ۾ موجود آهي تہ بئنڪ ڪنهن سبب جي ڪري چيڪ تي ادائگي نٿي ڪري تہ اهو Negotiable Instrument Act تحت قانوني جرم آهي. اهڙي صورت ۾ اسٽيٽ بئنڪ، اهڙي زمري ۾ ايندڙ بئنڪ جو لائسنس رد ڪري سگهي ٿي.

روزمره جي وهنوار ۾ ماڻهن کي چيو ويندو آهي تہ چيڪ تي اهي رقم لاءِ ٿورو انتظار ڪن. ليڪن 6 آڪٽوبر تي جڏهن بئنڪون ٻيهر کليون تہ انٽر بئنڪ ڪال مني ريٽ 50 سيڪڙو هو ۽ ڪافي بئنڪن ۾ اهڙا واقعا بہ ڏسڻ لاءِ مليا تہ ڪسٽمرز جا چيڪ بنا دائيگين جي واپس ڪيا ويا. اهڙي صورتحال ڪانپوءِ ماڻهن جا موبائل ۽ پي ٽي سي ايل فونن تي ڌڙا ڌڙ فون وڃڻ لڳا. فونون ڪندڙ بئنڪن وارا بزنس هائوسز دوست ۽ مٽ مائٽ هئا. اڪثر ماڻهن جو چوڻ هو تہ پاڪستان جي بئنڪنگ سسٽم جو ڏيوالون ڪري چڪو آهي. الفلاح بئنڪ جيڪا وچ اوپر جي سيڙپڪاري سان پاڪستان جي ڏهن وڏين بئنڪن مان هڪ آهي اها ڏيوالو ٿي چڪي آهي، هر طرف افرا تفري جو عالم هو. ماڻهو انهي خوف کان پنهنجي بئنڪن ڏانهن ڀڳا تہ ڪٿي اڪائونٽ منجمند نہ ٿي وڃن، تنهن ڪري پنهنجا پئسا ڪيرائي وٺن. ڪيترائي فونون ڪندڙ اهو چئي رهيا هئا تہ بئنڪ لاڪر سيل ڪيا پيا وڃن. اهو بہ ڊپ هو تہ ڪٿي حڪومت 1998ع جي نواز شريف حڪومت وانگر پرڏيهي ناڻي جا اڪائونٽ نہ منجمند ڪري ڇڏي، اهو افراتفري جو عالم لڳ ڀڳ هڪ هفتي تائين جاري رهيو ۽ ماڻهو هڪٻئي کان پڇندا رهيا تہ ڇا سندن رقمون بئنڪن ۾ محفوظ آهن؟

اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر ڊاڪٽر شمشاد اختر جو افراتفري هلندي اهو بيان سامهون آيو تہ پاڪستان جو بئنڪاري نظام دنيا جي سگهارن بئنڪاري نظامن مان هڪ آهي. واضح رهي تہ پاڪستان ۾ بئنڪنگ سرمائي جي موزونيت ڪل جمع ڊپازٽ جو 12 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي.جڏهن تہ پاڪستان جي سمورين بئنڪن وٽ سرمائي جي ماليت 450 بلين رپيا آهي، جنهن جي معنيٰ اها ٿي بيهي تہ اقتصادي طرح ملڪ محفوظ آهي.

دراصل پاڪستان ۾ بئنڪون عيد ڪانپوءِ آمريڪا ۾ معاشي بحران جي خبرن ڪانپوءِ پريشر ۾ آيون، ان ڪارڻ ٿي پاڪستان ۾ معاشي عدم تحفظ پئدا ٿيو پر ان سڄي معاملي پٺيان اصل "وِلن" افواهہ ڦهلائيندڙ ڌريون ۽ سندن سڄي ملڪ ۾ موجود نيٽ ورڪ آهي. پاڪستان جي 60 سالن جي تاريخ انهن مثالن سان ڀريل آهي تہ ڪيئن نہ وڏن واپارين کي ويهاريو ويو ۽ چونڊيل حڪومتن کي ڪمزور ڪيو ويو. 1953ع ۾ خواجا ناظم الدين جي حڪومت خلاف 'احمدين' جي مسئلي تي پنجاب ۾ منظم طريقي سان فساد ڪرايا ويا ۽ پوءِ آخرڪار سندس حڪومت کي ختم ڪيو ويو. 1970ع جي ڳالهہ آهي تہ تڏهن مرحوم جنرل يحيٰ خان جي سيڪيورٽي ايڊوائزر مولانا شاهہ احمد نوراني کي جي يو آءِ ٺاهڻ لاءِ پئسا ڏنا هئا. 1977ع ۾ پاڪستان قومي اتحاد (PNA) ڪراچي ۽ لاهور جي وڏن واپارين جي مالي مدد سان ٺهرايو ويو هو. جنهن پوءِ ڀٽو حڪومت جي تڏا ويڙهہ ڪرائي، 1988ع ۾ ضياءُ الحق جي موت ڪانپوءِ وڏن واپارين وڏيون رقمون جمع ڪيون تہ جيئن پ پ ۽ بينظير ڀٽو حڪومت ۾ نہ اچي. آءِ جي آءِ (اسلامي جمهوري اتحاد) ساڄي ڌر جي پارٽين جو اتحاد بہ وڏن واپارين جي ڏوڪڙن سان پ پ کي اقتدار ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ ٺهرايو ويو هو. ليڪن جڏهن عوام پ پ کي اڪثريت سان چونڊي ورتو تہ پوءِ آءِ جي آءِ جي تڏهوڪي سربراهہ نواز شريف ۽ حميد گل حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ جون سازشون شروع ڪيون. ايئن بينظير ڀٽو جي حڪومت آگسٽ 1990ع ۾ هٽائي وئي. ان وقت بہ وڏن واپارين پ پ حڪومت کي بدنام ڪرڻ لاءِ پنهنجو پئسو پاڻي وانگر وهايو.

ايئن 4 آڪٽوبر ۾ ان ڪانپوءِ ٽيل واقعا اهو ڏس ٿا ڏين ته وڏا واپاري هڪ پيرو ٻيهر ميدان تي اچي ويا آهن. وڏا واپاري چاٽي پڇهي غيريقيني صورتحال پئدا ڪرڻ چاهين ٿا. اهو سچ آهي ته عالمي صورتحال سبب پاڪستان جي معيشت سخت دٻاءَ ۾ آهي، جڏهن ته اڳوڻي حڪومت کان به ورثي ۾ هاڻوڪي حڪومت کي چڱيون معاشي حالتون نه مليون آهن. اڳوڻي حڪومت بجلي گهرن جي قيام لاءِ مقامي ذريعا استعمال ڪرڻ جو ڪڏهن به نه سوچيو. ٽرجوڪوئلو استعمال ڪرڻ بدران تيل تي هلندڙ بجلي گهر قائم ڪيا ويا. اڳوڻي حڪومت هاڻوڪي حڪومت کي 90 بلين رپين کان وڌيڪ جو سرڪيولر خسارو ورثي ۾ ڏئي وئي. اهو سرڪيولر خسارو ڇا آهي؟ اچو ته ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. واپڊا بجلي گهر هلائيندڙ 16 ڪمپنين کان جهجها ڏوڪڙ ورتا ۾ ڪين ڏرڪڙ واپس نه ڪيا ويا. جڏهن ته مذڪوره ڪمپنيون گئس ۾ تيل مهيا ڪندڙ ڪمپنين کي بل ادا نه ڪري سگهيون. رڳو ڪي اي ايس سي کي حيسڪو کي 38 بلين روپيا ادا ڪرڻا آهن. حيسڪو کي وري گئس جي مد ۾ سوئي سدرن ۾ تيل جي مد ۾ پي ايس او کي ادائگي ڪرڻي آهي. سرڪيولر خسارو ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي ۾ برداشت کان ٻاهر نڪرندو وڃي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته بجلي پئدا ڪندڙ اهي ڪمپنيون درست طريقي سان ڪم نه پيون ڪري سگهن. جنهن ڪري 4500 ميگاواٽ بجلي جي ڪوٽ پئدا ٿي آهي. هاڻي حڪومت وٽ سواءِ ٻاهرين دنيا کان فنڊ حاصل ڪرڻ جي ٻيو ڪوبه آپشن ناهي.

حڪومت امداد ڏيندڙ ڌرين سان واعدو ڪيو آهي ته اها ڊسمبر 2008ع کان اڳ گئس جي مد ۾ سبسڊي ختم ڪري ڇڏي. پاڪستان حڪومت کي اهو پڻ چيو ويو آهي ته بجلي پئدا ڪندڙ ڪمپنين جو اڪائونٽ ڪليئر ڪيو وڃي. ڪي اي ايس سي توڙي واپڊا ورهين کان وڏي پئماني تي سبسڊي حاصل ڪري رهيا آهن. حڪومت بجلي جو اگهه وڌائي ڇڏيو آهي. ان ڪري هاڻي حالت اها آهي ته بجلي جا ڊگها بريڪ ڊائون معمول بڻيل آهن. جڏهن ته واپڊا ۾ ڪي ايس سي بجلي جا اگهه وڌائڻ جو طئي ڪري ڇڏيو آهي. وڌيڪ معاملو خراب وري اُتي پيو ٿئي، جڏهن عالمي طور تيل جون قيمتون گهٽيون آهن. پر هتي بجلي جا اگهه وڌايا پيا وڃن. اندازو ڪريو ته هڪ صارف حيسڪو بجلي استعمال ڪندو هجي، ڪيس بجلي به روزانو نه ملندي هجي. پوءِ به ڪيس چيو وڃي ته هو وڌيڪ بل

ادا ڪري تہ سندس رد عمل ڇا هوندو؟ حڪومت جو موقف اهو آهي تہ تيل جا اگهہ وڌي رهيا آهن. ان ڪري بجلي مهانگي ڪئي پئي وڃي، حالانڪہ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جا اگهہ گهٽجي رهيا آهن. ان ڪري اهو موقف قطعي درست ناهي. حڪومت جو مونجهارو اهو آهي. تہ تيل جون قيمتون تمام گهٽو وڌي چڪيون آهن ۽ تيل جون قيمتون سياٽي وڌي بہ سگهن ٿيون. ان بابت ڪابہ ڳڪتي نٿي ڪري سگهجي.

مسئلو اهو آهي تہ اهڙي منجهيل صورتحال ۾ سياسي قيادت عوام جي امنگن تي پورو نہ پئي لهي. هن وقت آصف زرداري، يوسف رضا گيلاني انتها پسندي جي ڪري عدم تحفظ واري صورتحال سبب قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا عملي طور قيدي بڻجي ويا آهن. اڇو تہ 1971ع ۽ 1972ع ۾ جهاتي پايون، اُن وقت پاڪستان جون حالتون اڄ کان بہ بنهہ خراب هيون. پر 1971ع ۽ 1972ع ۾ سياستدان ڪارڪنن تائين پهچندا هئا. پٽو ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ويندو هو. پر اڄ سندس مخالف ائين ڪري رهيا آهن. ليڪن حالت اها آهي تہ هن وقت سياستدانن جي اڪثريت پنهنجن حلقن کان ڪٽيل آهي، قانون لاڳو ڪندڙ ادارا اخلاقي طرح دٻاءُ ۾ آهن. ڪامورا شاهيءَ وٽ انهي صورتحال کي منهن ڏيڻ جيتري اهليت ناهي. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان ۾ ماڻهو پاڻ کي بي يارومددگار سمجهن ٿا. اهڙين حالتن ۾ وڏن واپارين لاءِ موقعو آهي تہ اهي پنهنجو ڪم ڪن. اهي ڏند تہ اڳ ئي ڏيکاري چڪا هئا. هاڻي وڏيڪ اڳيرا ٿيا آهن.

پ پ جي قيادت مان اها اميد رکي سگهجي ٿي تہ اها سيڪيورٽي واري حصار مان نڪري عوام سان سڌو رابطو رکي. 1971ع ۾ جڏهن پاڪستان بہ اڌ ٿيو تہ 90 هزار فوجي ڍاڪا ۾ هٿيار ڦٽا ڪري ڪانپوءِ ڀارت وٽ قيدي بڻجي ويا ۽ 5 هزار ميلن کان وڌيڪ ايراضي ڀارت جي قبضي ۾ اچي وئي، تڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ئي هو جنهن پاڪستان جي عوام ۾ اُتساهہ پيدا ڪيو. حالتون ڀلي ڏکيون ڇو نہ هجن. پر قيادت کي پنهنجو عزم بلند رکڻ گهرجي.

هي وقت ضرور هڪ وڏو چئلينج آهي، پر چوندا آهن تہ چئلينج ئي موقعا مهيا ڪندا آهن، هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ اهو موقعو ڪير ٿو حاصل ڪري سگهي!

(1 آڪٽوبر 2008ع)

***

# اول ڪِستو، آخر ڪِستو

ويجهڙ ۾ نئي وزيراعظم جي ناڻي ۽ معاشي مامرن بابت مقرر ڪيل صلاحڪار شوڪت ترين ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد جي واپارين سان گڏجاڻين ۾ هڪ اهم سوال اٿاريو. هن مطابق پاڪستان جي معيشت وقفن سان بحران جي وڪڙ ۾ ايندي رهي ٿي. جنهن جو مطلب اهو ٿو نڪري ته ڪجهه معاشي بحران هر انين نائين، يا ڏهين سال ڪر کڻن ٿا. "ايئن آخر چو ٿو ٿئي؟" هن سيني کان اهو سوال پڇيو اهو سوال ان وقت اٿاريو ويو آهي جڏهن پاڪستان خراب اقتصادي صورتحال مان لنگهي رهيو آهي. هتي ان سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

پاڪستان تي 1947ع کان 1958ع واري شروعاتي دور ۾ طاقتور سول ملٽري بيورو ڪريسي جو قبضو رهيو. ملڪ ۾ واپاري طبقي 60 جي ڏهاڪي جي پڇاڙي ۾ اُسرڻ شروع ڪيو ۽ انهن طاقت 80 ع واري ڏهاڪي ۾ حاصل ڪئي ۽ 21 هين صدي ۾ فيصلہ ڪن پوزيشن اختيار ڪري ويا. شوڪت عزيز پاڪستان جي خانگي شعبي کي سياسي سجاڳ ڏيڻ ۽ ان کي اُتساهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. دراصل سال 2003ع کان 2007ع تائين پاڪستان آمريڪا جي زير اثر رهيو ان ڪري اقتصادي شعبي ۾ بہ استحڪام نظر آيو.

1999ع ۾ جڏهن مشرف اقتدار سنڀاليو هو تڏهن پاڪستان جي معاشي صورتحال ڪا چڱي نہ هئي ۽ تڏهن 1998ع ۾ ڪيل ايٽمي ڌماڪي جي حوالي سان عالمي اثرن کان بچڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪئي پئي وئي. پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن ۾ 400 ملين ڊالرز تائين گهٽتائي اچي چڪي هئي، ۽ حڪومت مجبور ٿي 11.9 بلين ڊالرز جا پرڏيهي اڪائونٽ منجمند ڪري ڇڏيا هئا. ان ڪارڻ سيڙپڪارن جي اعتماد کي وڏو ڌڪ

رسيو. جڏهن تہ 1999ع ۾ ئي روپيو ڊالر جي ڀيٽ ۾ 69 رپين کي پهتو هو. ليڪن تڏهن اسٽيٽ بئنڪ کي چيو ويو هو تہ اها کليل مارڪيٽ مان ڊالر خريد ڪري، ايئن پوءِ روپئي جو ملهہ مستحڪم ٿيو ۽ روپيو ڊالر جي ڀيٽ ۾ 48 روپين جو ٿي ويو.

مشرف جي اقتدار سنڀالڻ جي ڪا آجيان نہ ٿي. تڏهن آمريڪا جو صدر ڪلنٽن جڏهن ڇهن ڪلاڪن جي دوري تي پاڪستان آيو تہ هن مشرف سان هٿ ملائڻ ۽ ساڻس تصوير ڪڍرائڻ بہ پسند نہ ڪئي هئي. پوءِ 11/9 جو واقعو پيش آيو ۽ صورتحال بدلجي وئي. مشرف يوٽرن اختيار ڪرڻ ۾ هڪ سيڪنڊ بہ نہ لڳايو ۽ هو آمريڪا سان اسامہ ۽ القاعده خلاف وڙهڻ لاءِ سهڪاري ٿي ويهي رهيو. اها 1978ع جي ڳالهہ آهي جڏهن ضيا پٽي جي اقتدار تي گهات هنيو هو. تڏهن بہ دنيا ان کي سنجيده نہ ورتو هو. پر جڏهن سوويت ٽئنڪون ڪابل ۾ هلڻ لڳيون تہ ضيا جي قسمت ئي بدلجي وئي. ايئن پوءِ 1978ع ۾ ئي هو آمريڪا جو ٻالڪو ٻڻجي پيو هو. بلڪل ايئن ئي 11/9 ڪانپوءِ مشرف واشنگٽن جو دادلو ٻڻيو. 1978ع ۾ بہ لڳ ڀڳ ساڳي صورتحال هئي ۽ ان وقت ناڻي واري وزارت ۾ موجود ڪامورا معيشت کي ٻڏڻ کان بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا.

1978ع کان 1988ع تائين چيو ٿو وڃي تہ آمريڪا پاڪستان جي معيشت کي هٿي وٺائڻ لاءِ 15 بلين ڊالر ڏئي چڪو هو. ياد رهي تہ 1987ع ۾ جڏهن ياسين وٽو حڪومت جي بجيٽ پيش ڪري رهيو هو. تڏهن ڪيس بجيٽ خساري کي منهن ڏيڻو پئجي ويو هو. اهو ئي ڪارڻ هو جو هن ڊفينس سر چارج ۽ ٻيا ٽئڪس مڙهڻ جي تجويز ڏني هئي. بينظير حڪومت پڻ ڪيترن ئي معاشي دٻائن کي منهن ڏنو. سوال اهو آهي تہ گذريل ڏهاڪي ۾ آمريڪا طرفان تمام گهڻا ڏوڪڙ ڏنا ويا آهن، اهي آخر ڪيڏانهن ويا؟ مذڪوره آمريڪي امداد مان ڪيتريون ڪلاشنڪوفون ۽ منشيات خريد ڪئي وئي. 80ع واري ڏهاڪي ڏانهن نگاهہ ڦيرايو رڳو ڪراچي شهر کي ڏسو هر طرف ڪرفيو امن امان جي خراب صورتحال بجلي جي اڪبوٽ، پاڻي جي کوٽ خلاف مظاهرا نظر اچن ٿا. الطاف حسين ۽ ايم ڪيو ايم 80ع واري ڏهاڪي جي معاشي ۽ سماجي صورتحال جا تحفا آهن.

گذريل ستن سالن يعني 2001ع کان 2007ع تائين آمريڪا پاڪستان کي 12 بلين ڊالر ڏنا ۽ پرڏيهہ ۾ رهندڙ پاڪستانين پنهنجو حصو ڳنڍيندي 31 بلين ڊالر ڏنا. آخر اهي 43 بلين ڊالر ڪيڏانهن ويا؟ اهو سچ آهي تہ پاڪستان جا پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا ڪٽي وڃي 14 بلين ڊالرز تي پهتا هئا. اسٽاڪ مارڪيٽ ڪئپٽاليزيشن وڃي 75 بلين ڊالر کي ڏڪ هنيو آهي. ليڪن هاڻي پاڪستان جا پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا وڃي 7.50 بلين ڊالرز تي پهتا آهن، اسٽاڪ ايڪسچينج مسلسل ٻاڙائي جو شڪار آهي، چاڪاڻ جو سيٽڙيڪار ٻانءِ ڪري ڀڄي ويا آهن. شهرن، توڙي ڳوٺن ۾ بجلي جي اکپوٽ تسلسل سان جاري آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ڪيترين ئي صنعتون بند ٿي چڪيون آهن. وزيراعظم ٻڌي ناڻي بابت صلاحڪار شوڪت ترين انڪشاف ڪيو تہ ملڪ ۾ غريبن جو انگ وڌيو آهي. ۽ هاڻي ملڪ جي ڪل آبادي جو 44 سيڪڙو غربت جو شڪار آهي. لڳ ڀڳ 2 سيڪڙو ماڻهو تہ انتهائي غربت ۾ گذارين ٿا. 80ع واري ڏهاڪي ۾ بم ڌماڪن (1987ع ۾ بوهري بازار ۾ ٽيل ڌماڪو) ۽ ماڻهو مارڻ جو سلسلو ايترو چوٽ چڙهيل نہ هو. ليڪن هاڻي 2008ع ۾ خودڪش بمبار هر طرف پکڙيل نظر اچن ٿا. 1980ع جي ڏهاڪي جي پيٽ ۾ ڪيئي پيرا ڪلاشنڪوفن ۽ ٻين هٿيارن جو انگ وڌي چڪو آهي.

80ع ۾ آمريتي راڄ ۽ پوءِ 1999ع کان 2008ع تائين آمريتي راڄ جي تسلسل ۽ آمريڪا جي سرپرستي، نون ڪيڏارين کي ميدان تي آڻي چڙهيو. اهي ڪيڏاري دراصل اسٽاڪ بروڪر ئي هئا جن 2001ع کان 2008ع تائين ريئل اسٽيٽ ۾ ناڻو لڳائي اربين روپيا ڪمايا. اي ڪي ڊي، عارف حبيب، جهانگير صديقي، لاڪاڻي ۽ انهن جهڙا ٻيا ماڻهو هاڻي پاڪستان جي ريئل اسٽيٽ، بئنڪن، بروڪريج هائوسز ادارن ۽ ٻين واپارن تي حاوي آهن.

انهن سالن دوران بئنڪنگ رسڪ مئنجمينٽ بزنس رهيو هاڻي حالت اها آهي تہ بئنڪون مشڪل سان پنهنجي اڪائونٽ هولڊر کي سيونگ اڪائونٽ تي 5 کان 6 سيڪڙو منافعو ادا ڪن ٿيون. گذريل هفتي

بئنڪن 600 ملين رپين جا ٽريزري بل خريد ڪيا، جنهن مان ڪين 12.5سيڪڙو نفعو ملندو ڇا ان کان وڌيڪ ڪو نفعي بخش ڪاروبار پاڪستان ۾ ٿي سگهي ٿو. اها ڪا عجب جي ڳالهه ناهي تہ پاڪستاني بئنڪن سال ۾ 180 بلين روپيا ساليانو ڪمايا، اهو ئي سبب آهي جو سڄي دنيا جي بئنڪن پاڪستان جو رخ ڪيو آهي.

معاشي نقطئہ نظر سان ڏٺو وڃي تہ شوڪت، مشرف دؤر ۾ جيڪو بہ نظام لاڳو رهيو ان سان زراعت ۽ صنعتن وارا شعبا تہ بري طرح متاثر ٿيا ليڪن سروسز سيڪٽر بي انتها ترقي ڪئي. انهي ۾ عجب جي ڳالهہ ناهي تہ پاڪستان ۾ سروسز سيڪٽر قومي معيشت جون 53 سيڪڙو خدمتون سرانجام ڏئي ٿو. پاڪستان جي زراعت انتهائي بدترين حالت ۾ آهي، پاڪستان جو صنعتي شعبو بلڪل تباهہ حال آهي. گذريل اٺن سالن کان اسانجون مارڪيٽون ٻاهر جي سامان سان ڀرجي ويون آهن.

نيون بئنڪون کلي پيون، ميان منشا ڪيترين ئي بئنڪن، انشورنس ڪمپنين، ٽيڪسٽائل ايمپائر، سيمينٽ فيڪٽرين، ٽريڪٽر پلانٽس ۽ ٻين ڪيترن ئي واپارن جو مالڪ آهي. هن حبيب بئنڪ بہ خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مشرف ڪيس پاڻ روڪيو ڇو تہ آمريڪا چاهيو پئي تہ آغا خان پاڪستان جي معيشت ۾ ڪجهہ ڪردار ادا ڪري. ايئن پوءِ منشا کي ٻئي حوالي سان فائدا ڏنا ويا. حقيقت اها آهي تہ هن وقت پاڪستان جي معيشت تي چند ماڻهن جو قبضو آهي. اهي ڪنهن مثبت مقابلي واري رجحان کانپوءِ ناهن آيا، بلڪ سپ حڪومتن جا نوازيل آهن. ليڪن هاڻي گلوبلائيزيشن سبب اهي مقابلو نہ پيا ڪري سگهن.

پاڪستان جي معيشت منڍ کان وٺي هيلتائين سگهارا مفاد رکندڙ سول، ملٽري بيوروڪريسي، لالچي واپارين ۽ سيڙپڪارن جي قبضي ۾ رهي آهي. ڇو تہ کين هميشہ حڪومتي ۽ سياسي ڌرين جي سگهاري حمايت رهي آهي. ايئن 90،80 جي ڏهاڪي کان وٺي ڪري اڄ ايڪويهين صدي تائين معيشت تي اهي ئي ماڻهو قابض آهن، ياد رهي تہ پاڪستان ۽ ڀارت جي آزادي جي تحريڪن جي ٻن مک سياسي پارٽين آل انڊيا مسلم ليگ ۽

انڊين نيشنل ڪانگريس اڳواٽي پئي ڪئي. انڊين نيشنل ڪانگريس 1896ع ۾ هڪ رٽائرڊ انگريز عملدار مسٽر هيومز جوڙي هئي، جنهن پوءِ بين ڪيٽرن ئي نوجوانن سان گڏ محمد علي جناح کي به متاثر ڪيو. مسلم ليگ 1906ع ۾ انگريزن جي "وفادار نوڪرن" طرفان قائم ڪئي وئي هئي جن ۾ سر، خان بهادر، شمس العلماءِ، وڏا زميندار، وڏيرا ۽ جاگيردار شامل هئا.

1947ع جي ورهاڱي کي قائداعظم محمد علي جناح بي دلي سان قبول ڪيو ۽ ان کي "ڪاتا تيل لغڙ" پڻ ڪوٺيو. جناح هڪ خوددار قسم جو وڪيل هو ۽ سندس ڪي به جاگيردار دوست نه هئا. هن جي دوستن جي حلقي ۾ هندو عيسائي، پارسي وڪيل ۽ وڏا واپاري شامل هئا. 1947ع کان ترت پوءِ پارٽي سرڪار جي سربراهي پنڊت جواهر لال نهرو جي حصي ۾ آئي جڏهن ته ڊپٽي وزيراعظم ولڀ ڀائي پٽيل ٻٽيو جيڪو وزارت داخلا جا معاملا پڻ سنڀاليندو هو. نهرو وزيراعظم طور پلاننگ ڪميشن جو چيئرمين به هو ۽ هن پراڊڪشن، سيڙپڪاري ۽ ايڪسپورٽ جي لوڪلائيزيشن جي پاليسي ٺاهي، ولڀ ڀائي پٽيل ڪانگريس جو نمائندو هو. ان ڪري هن 1948ع ۾ لينڊ رفارمز پاليسي متعارف ڪرائي ۽ وڏن زميندارن کان واڌو زمينون واپس ورتيون. هن جاگيرداري ۽ راڄ واڙن جو خاتمو آندو جيتوڻيڪ پارٽي حڪومت ڪافي معاملن ۾ سرڪاري ملازمن کي احتساب جي دائري ۾ آندو پر کين انگريز دور ۾ حاصل اختيارن کان وڌيڪ اختيار ڏئي ڇڏيا. پارٽي حڪومت جي نوڪري جي تحفظ، ڪامورن کي وڌيڪ اختيار ڏنا. اِهي ئي ماڻهو هئا جن انگريز جي خدمت ڪئي ۽ آزادي جي جدوجهد دوران هزارين ڪانگريسي ڪارڪنن کي گرفتار پڻ ڪيو هئائون. "انهن ڪامورن ضرور پنهنجي انگريز آقائن سان وفاداري نڀائي، پر هاڻي اهي پنهنجي چونڊيل سياسي قيادت سان وڌيڪ وفادار رهندا." ولڀ ڀائي 1949ع ۾ لوڪ سڀا ۾ تقرير ڪندي چيو.

ڀارت اڄ ترقي جي راهه تي گامزن آهي ۽ ناڻي واڌ تي ڪنٽرول رکندي ست اٺ سيڪڙو ساليانو ترقي جي شرح برقرار رکيو اچي. اهو پنهنجي بئنڪن جي سود جي شرح گهٽائڻ لاءِ ويچاري پيو جڏهن ته پاڪستان آءِ ايم ايف جي پنجوڙ ۾ ڦاسڻ کانپوءِ بئنڪن جي شرح سود اڃا به وڌائيندو.

پاڪستان ۾ اقتدار تي گهڻو سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسي جو قبضو رهيو آهي. انهن ڪڏهن بہ سياستدانن کي سڌي طريقي سان ڪم ڪرڻ ڏنو ئي ناهي. 60 جي ڏهاڪي ۾ ايوب خان ادارتي ڪرپشن متعارف ڪرائي. جيڪا ضيا جي دور يعني 80 جي ڏهاڪي ۾ وڌيڪ ڦهلي ۽ مشرف جي دور ۾ بنهہ عروج تي پهتي.

حقيقت ۾ پاڪستان قدرتي وسيلن سان مالا مال ۽ محنتي ماڻهن سان ٽمٻا ٽمٻ آهي. پر ان کي حڪمران سٺا ناهن مليا. وردي، توڙي بغير وردي جي سيني جا ليڪا برابر رهيا. پاڪستان جي ڪامورا شاهي نااهل ۽ بدعنوان آهي. پاڪستان جو واپاري شعبو حڪومت جي سگهن تي بيٺل آهي. اهو کليل مارڪيٽ ۾ مقابلي جي سگهہ نٿو رکي.

آءِ ايم ايف سان معاهدي جي صورت ۾ پاڪستان کي 8 کان 9 بلين ڊالرز ملندا. جيڪي هاڻوڪي بحران کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. پر اهي ساڳي وقت عام ماڻهو تي ڏاڍا ڀاري پوندا. پر مجبوري اها آهي تہ هاڻ آءِ ايم ايف جا ڏکيا شرط قبولڻ کانسواءِ ڪو چارو ناهي. ليڪن اهو بہ عارضي علاج هوندو. حقيقي علاج داخلي طور ممڪن آهي. ان ڪري سياسي ڌرين کي پنهنجا پروگرام ترتيب ڏيڻ سان گڏ قابليت بہ وڌائڻي پوندي.

(15 آڪٽوبر 2008ع)

***

# سڀ ڪجھ داؤ تي

پاڪستان ۾ پرائيوٽائيزيشن هميشہ ڪوئلي جو ڪاروبار رهيو آهي. اسان مان خبر ناهي ڪيترن کي خبر هجي تہ هيلتائين پرائيوٽائيزيشن جي معاملي ۾ بدعنوانين سبب پرائيوٽائيزيشن ڪميشن جا ٽي چيئرمين جيل جو منهن ڏسي چڪا آهن. رٽائرڊ جنرل سعيد قادر نواز شريف جي پهرئين دؤر حڪومت ۾ پرائيوٽائيزيشن ڪميشن جو چيئرمين هو ان کي 1994ع ۾ پ پ حڪومت ۾ جيل موڪليو ويو. نويد قمر پ پ جي گذريل حڪومتي دور ۾ پرائيوٽائيزيسن ڪميشن جو چيئرمين رهيو ۽ پوءِ 1997ع ۾ جڏهن نواز شريف اقتدار سنڀاليو تہ ڪيس گرفتار ڪيو ويو. نواز شريف جي ٻئي حڪومتي دور ۾ خواجا آصف پرائيوٽائيزيشن ڪميشن جو چيئرمين هو. انکي وري مشرف 2000ع ۾ جيل حوالي ڪيو. ڪابہ حڪومت مذڪوره ماڻهن تي بدعنوانيون ثابت نہ ڪري سگهي، اهو بہ ممڪن آهي تہ اهي الزام بہ ڪوڙا ۽ سياسي انتقام تي ٻڌل هجن، پر حقيقت اها آهي تہ هر ايندڙ حڪومت ويندڙ حڪومت جي دور ۾ ٿيل پرائيوٽائيزيشن جي عمل کي غلط قرار ڏنو آهي.

جڏهن تہ ڪنهن بہ حڪومت پوءِ اها پ پ، مسلم ليگ (ن) يا مشرف، شوڪت عزيز جي هجي انهن ان معاملي کي عوام ۾ بحث لاءِ نہ آندو. مشرف حڪومت بابت تہ ان ڪري ڪا ڳالهہ چوڻ مناسب ناهي جو اهو تہ آمريتي حڪومتي ڍانچو هو تنهن ڪري ان کي عوامي راءِ جي گهٽي پرواهہ نہ هئي. پر اهو ڪريڊٽ مشرف دور جي پرائيوٽائيزيشن واري وفاقي وزير سليم الطاف کي ڏيڻ گهرجي، جنهن نہ رڳو انهي معاملي تي سيمينارن، ڪانفرنسن ذريعي بحث مباحثا ڪرايا بلڪ پرائيوٽائيزيشن آرڊيننس.

2000ع پڻ جوڙايائين. جيڪو هينئر تائين جاري ۽ ساري آهي. جيتري قدر پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي حڪومتن جو تعلق آهي تہ انهن پارلياميٽ. سڃاڻ ڏرين، ٽريڊ يونينز توڙي عوام کي اهو ٻڌايو تہ ان عمل ذريعي سندن فائدو ڪيترو ۽ نقصان ڪيترو آهي.

ڏٺو وڃي تہ پرائيوٽائيزيشن جو تصور دراصل 70 جي ڏهاڪي ۾ دنيا اندر متعارف ٿيو جڏهن سرڪاري ادارا نااهلي ۽ بدعنواني جي ور چڙهيل ۽ سرڪاري خزاني تي بار هئا. اهو ئي دور هو جڏهن مارگريٽ ٿيچر اسڪولي ٻارڙن کي سرڪار طرفان اسڪول ۾ ملندڙ کير جو ڪوپ بہ بند ڪرايو هو. ان ڪارڻ ئي مٿس چٽر طور اهو نالو رکيو ويو تہ "ٿيچر آهي مِلڪ سنيچر" ايئن پوءِ ڏسندي ڏسندي ٽرانسپورٽ. بئنڪون ۽ ٻيا سرڪاري ادارا خانگي واپارين حوالي ڪيا ويا. انتهائي خراب صورتحال تڏهن سامهون آئي جڏهن ايشيائي، آفريقي ۽ ڏکڻ آفريقي ملڪن طرفان سرڪاري ادارا ٻڳڙن مٽ تي پرڏيهي سيڙپڪارن خاص طور يورپين ۽ آمريڪين کي وڪري لاءِ پيش ڪيا ويا. مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي سرڪاري ادارن کي مستحڪم ڪيو هن خانگي بزنس کي نيشنلائز ڪيو ۽ ان ۾ سيڙپڪاري ڪرائي. اوير پاڪستان جي علحدگي کانپوءِ وڏا صنعتڪار ۽ واپاري ڪاروبار مان هٿ ڪڍي ويا. پ پ 1970ع جون چونڊون واپار کي قوميائڻ واري نعري تحت وڙهيون، ٻين مختلف پارٽين بہ پنهنجا پنهنجا پروگرام پڌرا ڪيا، شيخ مجيب جي عوامي ليگ، ممتاز دولتانہ جي ڪائونسل مسلم ليگ، عوامي نيشنل پارٽي جا ٻئي ڌڙا جنهن جي اوير پاڪستان ۾ مولانا ڀاشاني سربراهي ڪئي ۽ اولهہ پاڪستان ۾ خان ولي خان، انهي حد تائين جو جمعيت علماءِ جي مفتي محمود بہ چونڊ منشور ۾ سماجي ۽ اقتصادي پروگرام ڏنا هئا. رڳو جماعت اسلامي ۽ ڪجهہ ٻين پارٽين خانگي ملڪيتن جي تحفظ لاءِ آواز اٿاريو هو. 1970ع ۾ عوام ريڊيڪل پروگرام رکندڙن کي ووٽ ڏئي سوڀارو ڪيو. ڀٽو پاڪستان ۾ ۽ شيخ مجيب بنگلاديش ٺهڻ کانپوءِ پنهنجي پنهنجي ڏنل پرگرام تي ڪاربند رهيا.

1977ع ۾ ڀٽي جي حڪومت جي خاتمي کانپوءِ ضياءُ الحق ڀٽي تي ادارا نيشنلائيز ڪري ملڪ جي معيشت کي تباهہ ڪرڻ جا الزام مڙهيا. ائين پوءِ 1978ع ۾ قانوني لوازمات پورا ڪرڻ کانسواءِ نواز شريف جي خاندان کي اتفاق فائونڊري واپس ڏني وئي. حڪومتي بئنڪن ”ميان ڪٽنب“ کي پنهنجو ڪاروبار بهتر ڪرڻ لاءِ زبردست قسم جا قرض آڇيا. ان کانپوءِ ڇا ٿيو؟ اهو هاڻي تاريخ جو اڻٽٽ حصو آهي. سرحد ۾ گل بادشاهہ کي پنهنجو ننڍو انجنيئرنگ يونٽ واپس ڏنو ويو ۽ ملتان ۾ گيهہ فيڪٽري کيس واپس ڪئي وئي. جڏهن تہ حڪومتي تحويل مان اهي ادارا اڳوڻن مالڪن کي ڏيڻ جو اهو فيصلو ڪنهن بہ قانوني لوازمات پوري ڪرڻ کانسواءِ نهايت آمراڻو فيصلو هو.

ليڪن 80ع جي ڏهاڪي ۾ ڀٽو جي نيشنلائيزيشن کي پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي بد حالي جو سبب ڄاڻايو ويو هو. محدود حد أندر ڊي ريگيوليشن کي هٿي وٺرائي وئي جڏهن تہ چانور، ڪپهہ ۽ ڪٽڪ جي واپار کي ڊي نيشنلائيز ڪيو ويو. ليڪن غلام اسحاق خان ناڻي واري وزارت جو سيزر هو ۽ هو ان ۾ مهارت رکندو هو. فوجي قيادت توڙي ضياءُ الحق بہ ان معاملي ۾ کانئس ڪن هٽندا هئا. هو انتهائي شدت پسند هو. ان ڪارڻ ئي هن عالمي بئنڪ ۽ عالمي ادارن جي دٻاءُ باوجود پرائيوٽائيزيشن پروگرام کي هيٺين سطح تي ڪٽي وجهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر محبوب الحق ۽ ڪجهہ ٻيا معاشي ماهر جيڪي عالمي مالياتي ادارن سان رابطي ۾ هئا. انهن کي بہ حڪومت ۾ شامل ڪيو ويو. ليڪن پوڙهي غلام اسحاق خان کين رڪ جا چڻا چٻرائي ڇڏيا.

1985ع ۾ غير جماعتي چونڊن سبب محمد خان جوڻيجو وزيراعظم بڻجي ويو. هن پرائيوٽائيزيشن ڪميٽي جوڙي، جنهن جو سربراهہ فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر عزيز ذوالفقار کي بڻايو ويو. ان ڪاميٽي پرائيوٽائيزيشن ۽ واپار جي ڊي ريگيوليشن جي مد ۾ ڪجهہ سفارشون ڏنيون.

1988ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو وزيراعظم بڻي، هن پرائيوٽائيزيشن پروگرام جو نئين سر جائزو وٺڻ لاءِ هڪ فرينچ ڪنلسٽنٽ مقرر ڪيو هن پي آءِ اي کان پرائيوٽائيزيشن جي شروعات ڪئي، جنهن ۾ 10 سيڪڙو شيئرز عام ماڻهن لاءِ رکيا ويا. جنهن ۾ ماڻهن ڀرپور حصو ورتو. هونئن بہ اسٽاڪ ايڪسچينج ذريعي شيئرز وسيلي ماڻهن کي شراڪت داري ڏيڻ هڪ شفاف ۽ موثر عمل هجي ٿو.

1991ع ۾ نواز شريف اقتدار ۾ آيو هن پرائيوٽائيزيشن ڪميشن جوڙي ۽ ان جو سربراهہ رٽائرڊ جنرل سعيد قادر کي بڻايو ويو. ڊسمبر 1991ع ۾ ڪميشن 15 ڏينهن اندر مسلم ڪمرشل بئنڪ جو انتظام ڪامياب واڪ ڏيندڙ حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان ڪاميٽي جو سربراهہ اسٽيٽ بئنڪ جو تڏهوڪو گورنر حنفي هو جنهن کي نواز شريف حڪومت بحال ڪيو هو. خراب ساک رکندڙ ٽيڪسٽائل ايڪسپورٽر توڪل سڀ کان وڏيڪ واڪ 56 روپيا في شيئر ڏنو جڏهن تہ ٽئين نمبر تي وڏو واڪ نيشنل گروپ جي بئنڪر حسين لوائي ڏنو هو.

توڪل بابت چيو ويو تہ وٽس ڪارو ناڻو آهي، ان ڪري کيس بئنڪ جو انتظام حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو. هن وڃي عدالت جو در کڙڪايو نواز شريف حڪومت کيس مالي فائدو ڏيڻ جي آڇ ڪئي. ايئن کيس بئنڪن کان 2 بلين روپين جو قرض مليو. توڪل موقعي مان فائدو کنيو ۽ ڪوڙن ڪاغذن تي وڏا وڏا قرض ورتائين. ايئن هن جو واپار چمڪي ويو ۽ هن اڳتي هلي ٽن خانگي ادارن جي پرائيوٽائيزيشن ۾ حصو ورتو. جڏهن تہ حسين لوائي جي نيشنل گروپ کي ايم سي بي جو انتظام حوالي ڪيو ويو. ميان منشا نيشنل گروپ جي 12 حصيدارن مان هڪ هو. جڏهن بينظير ڀٽو 1993ع ۾ ٻيهر حڪومت ۾ آئي تہ حسين لوائي پ پ جي مٿين قيادت سان ويجهڙائي پيدا ڪري ورتي. منشا پاڪستان مان ڀڄي ويو ۽ لوائي ايم سي بي جو مالڪ بڻجي ويو. جڏهن نواز شريف 1997ع ۾ وري اقتدار ۾ آيو تہ کيس ملڪ کان ٻاهر ڀڄڻو پئجي ويو ڇو تہ سندس نالو سون اسمگلنگ ڪيس ۾ رزاق سان شامل هو جيڪو اڄڪلهہ

خانگي ٽي وي چئنلن جو مالڪ پڻ آهي. 1997ع ۾ منشا ايم سي بي جو انتظام سنڀاليو ايئن سندس هڪ پيرو ٻيهر وارا نيارا ٿي ويا. بئنڪنگ ڪيس معاشي لحاظ کان تمام وڏو سهارو ڏنو. ويجهڙ ۾ سينيٽ ۾ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته هو پاڪستان جو امير ترين شخص آهي.

آصف علي زرداري جي صدر ٿيڻ کانپوءِ لوائي وري واپس موٽي آيو آهي، هن به بئنڪون خريد ڪري ورتيون آهن ۽ پنهنجي پوزيشن مستحڪم ڪري رهيو آهي. ياد رهي ته 1992ع ۾ نواز شريف جي پرائيوٽائيزيشن هڪ ٻيو اسڪينڊل هو. اها ايمپلائيز مئنجيمينٽ گروپ کي نه ٿي هئي. اڳتي هلي ملازمن کي دوکو ڏنو ويو ۽ کين تمام وڏو نقصان پهتو. جڏهن ته مٿين سطح جي انتظاميا اربين روپيا ڪٽي بئنڪ کي ڏيوالو ڪري ڇڏيو. سون تي سهاڳو وري اهو ٿيو جو جڳاڙي ڪاغذن تي حيدرآباد جي هڪ بزنس گروپ بئنڪ ۾ اچي هٿ ڳنڊيا. پوءِ غريب ملازمن جا شيئر انتظاميا جي مدد سان خريد ڪيا ويا. اهو سڀ ڪجهه اسٽيٽ بئنڪ جي رپورٽ ۾ لکيل آهي. ليڪن نه ته حڪومت اسٽيٽ بئنڪ حيدرآباد جي ان ٺڳ واپاري گروپ خلاف ڪاروائي ڪئي، نه ئي الائيڊ بئنڪ جي ڪجهه اعليٰ انتظاميا خلاف ڪو ايڪشن ڪنيو ويو. رڳو الائيڊ بئنڪ جي ڪجهه اعليٰ انتظامي عهديدارن کي ڪنهن به بئنڪ جي عهدي لاءِ نا اهل قرار ڏئي ڇڏيو. مشرف حڪومت کي اهو ڪريڊٽ ڏيڻ کپي ته ان سال 2000 ۾ پرائيوٽائيزيشن جو قانون متعارف ڪرايو. جنهن جي تحت هڪ بورڊ جوڙيو ويو ۽ پرائيوٽائيزيشن جي منظوري ان کان ورتي وئي، جڏهن ته ان بورڊ جي ڪابينا منظوري نه ڏني هئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اهو هاٽوڪي حڪومت لاءِ به هڪ پرزور ٻٽيل آهي.

2006ع ۾ جڏهن اسٽيل مل پرائيوٽائيزيشن جو مامرو سامهون آيو تڏهن حفيظ شيخ پرائيوٽائيزيشن جو وفاقي وزير هو. هن جو سينيئر طور مدو پورو ٿي رهيو هو ۽ هن کي ڪابينا مان هٽايو ويو. ايئن پوءِ فاروق لغاري جي پٽ کي نگران وزير مقرر ڪيو ويو. اسٽيل مل جي 75 سيڪڙو شيئرز لاءِ پرائيوٽائيزيشن بورڊ منظوري ڏني ۽ ان جي منظوري جو ليٽر ساڳي ڏينهن

ڪابينا کي موڪليو ويو جنهن بابت چيو ويو تہ ان منظوري ڏئي ڇڏي هئي. اسٽيل مل جي بولي 21 بلين روپيا لڳائي ويئي هئي، جڏهن تہ ان جي زمين جي قيمت ئي 75 بلين روپيا هئي. اهو ئي ڪارڻ هو جو عوام طرفان سخت احتجاج ڪيوويو ۽ سپريم ڪورٽ ان معاملي جو پاڻمرادو نوٽيس ورتو. اسٽيل مل جي ورڪرن واري بوليءَ کان ڪجهہ ڏهاڙا اڳ تڏهوڪي صدر پرويز مشرف 'طوارقي اسٽيل مل' جو پيڙهہ جو پٿر رکيو هو ۽ اها ئي ڪمپني اسٽيل مل جي لاءِ وڏو واڪ ڏئي رهي هئي، زمين جو وسيع پلاٽ طوارقي گروپ پاڪستان اسٽيل مل کان حاصل بہ ڪري ورتو هو. ليڪن اسٽيل مل جو سودو سپريم ڪورٽ طرفان رد ڪيو ويو جنهن ڪارڻ مشرف پاران سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي ٽارگيٽ بڻايو ويو.

هاڻوڪي حڪومت پرائيوٽائيزيشن بابت ڪيئي شڪ ۽ مونجهارا پيدا ڪري رهي آهي. ويجهڙ ۾ ئي پرائيوٽائيزيشن ڪميشن جي بورڊ جو نويد قمر جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ قادر پور گئس فيلڊ ۽ اسٽيل مل سميت ڇهہ يونٽ خانگائڻ جو اعلان ڪيو ويو. اهڙي اعلان کانپوءِ او جي ڊي سي ملازمن ۽ سياسي ڌرين احتجاج ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ان کانپوءِ حڪومت جو اهو اعلان بہ سامهون آيو تہ اها اهي يونٽ وڪڻڻ جوڪو ارادو نٿي رکي.

ليڪن سڀ کان بهتر آپشن اهو آهي تہ پرائيوٽائيزيشن ذريعي ادارا وڪڻڻ وارو معاملو بحث لاءِ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ آندو وڃي، جتي انهن سوالن جا جواب ڏيڻا پوندا تہ: (1) اهي ادارا وڪڻڻ سان انهن جي ڪارڪردگي تي ڪهڙو اثر پوندو ڇا انهن يونٽن جي معيار ۽ مقدار جي لحاظ سان پيداوار وڌي ويندي (2) ملازمتون گهٽيون پيدا ٿي سگهنديون؟ (3) حڪومت کي ٽيڪس ڪيترو ملي سگهندو؟ جيڪڏهن حڪومت جي نگراني ۾ هلندڙ ادارا وڪڻڻ سان پيداوار وڌي ٿي، ملازمتن جا وڌيڪ موقعا نڪرن ٿا ۽ حڪومت جي آمدني ۾ اضافو ٿئي ٿو تہ پوءِ حڪومت کي ادارا ڪنهن حد تائين وڪڻڻ جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي. پر هينئر تائين ان حوالي سان جيڪي ڪجهہ ٿيندو رهيو آهي. اچو تہ ان تي هڪ نظر

وجهون حبيب بئنڪ ۾ يو بي ايل 30 بلين رپين ۾ وڪرو ڪيون ويون ۽ وڪري کان اڳ ئي 18 هزار ماڻهن کي ملازمتن مان ڪڍي، بيروزگار ڪيو ويو. جيتري قدر ڪارڪردگي جو سوال آهي تہ ان سلسلي ۾ ڪي اي ايس سي جو مثال ئي ڪافي آهي. ڊسمبر 2005ع ۾ پرائيوٽائيزيشن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر حفيظ شيخ واعدو ڪيو هو تہ ڪراچي شهر هڪ ڀيرو ٻيهر روشنين جو شهر بڻجي ويندو. پر پوءِ ٿيو ڇا؟ ڪراچي اُلٽ اونداهيءَ جي ور چڙهي ويو.

مسئلو رڳو سنڌ جي وسيلن کي داءُ تي لڳائڻ جو ناهي بلڪ سمورا قومي وسيلا تين وال ڪرڻ جي ڳالهہ آهي. پرائيوٽائيزيشن جي عمل جو چڱيءَ ريت جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. نہ رڳو اهو پر ٻين ملڪن جي تجربن مان ان حوالي سان سکڻ کپي. هن وقت مارڪيٽ مختلف قسم جي افواهن جي زد ۾ آهي. ماڻهو ان حوالي سان آصف زرداري، رياض لال جي ۽ ڪجهہ ٻين جا نالا کڻي رهيا آهن. ان کان اڳ جو گهڻي دير ٿي وڃي حڪومت کي افواهن جي خاتمي لاءِ ترت قدم کڻڻ گهرجن.

***

# سياسي قيادتن جا قتل-قاتل ڪير؟

جڏهن به ڊسمبر 27 جي تاريخ ايندي آهي ته اها اسان کي هڪ غمگين سرد شام جي ياد ڏياريندي آهي. جڏهن ميڊيا اها خبر هلائي هئي ته لياقت باغ راولپنڊي ۾ عوامي اڳواڻ بينظير ڀٽو جي جلسي ۾ بم ڌماڪو ٿيو بم ڌماڪي سان گڏ ڪيس ٽارگيٽ بڻائي گولي پڻ هڻئي وئي، جنهن سندس زندگي جو انت آندو هن کي اسپتال نيو ويو جتي هوءَ جانبر نه ٿي سگهي. اهي سازشي ڪردار جن پاڪستان جي عوامي ليڊر کي نشانو بڻايو تن کي شاهديون متاثر ۾ ڪا گهڻي دير ڪانه لڳي ۽ اهو ٽي وي اسڪرين تي به نظر پئي آيو ته جاءِ واردات تي فائر برگيڊ ذريعي، پاڻي جو ڦوهارو ڪري ثبوت ڊاٺا ويا. ڪافي وقت تائين ته اختياريون اهو چونديون رهيون ته بينظير ڀٽو جو موت گاڏي جو ليور لڳڻ سبب ٿيو.

بينظير کي آخر ڪنهن ماريو؟ ان سوال جو جواب ڳولڻ لاءِ پاڪستان جي رت ٻڏل 60 سالن جي تاريخ جو جائزو وٺڻو پوندو. اهو جائزو ممڪن آهي ته بينظير جي قاتلن جا نالا ظاهر ڪرڻ ۾ ڪا مدد نه ڪري سگهي، پر انهن قوتن کي ضرور وائکو ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندو جيڪي عوامي اڳواڻن جي قتلن ۽ عوامي سطح تي قتلام جا ذميوار آهن.

تاريخ پاڻ کي ساڳي هنڌ 27 ڊسمبر 2007ع تي ورجايو آهي، پاڪستان جي پهرئين وزيراعظم لياقت علي خان کي به 6 آڪٽوبر 1951ع تي مذڪوره جاءِ تي قتل ڪيو ويو هو تڏهن ان جاءِ کي ڪمپني باغ سڏيو ويندو هو. لياقت علي خان کي هڪ افغان سيد اڪبر طرفان نشانو بڻايو ويو جيڪو ڳجهي پوليس جو پگهاردار هو. هن 16 آڪٽوبر 1951ع تي پنهنجي پستول مان به فائر ڪيا، سعادت حسن منٽو ان واقعي

کان هڪ هفتو پوءِ لاهور جي هڪ روزاني اخبار ۾ هڪ مضمون لکيو هو جنهن ۾ هن ڪيترائي سوال اٿاريا هئا. ان کانپوءِ اهو ئي مضمون خالد حسن طرفان هڪ هفتيوار انگريزي ميگزين ۾ شايع ڪيو ويو هو.

چيو وڃي ٿو تہ سيد اڪبر کي تڏهوڪي بدنام پوليس آفيسر نجف خان تڏي تي قتل ڪري ڇڏيو هو منٿو سوال اٿاريو هو تہ نجف خان، سيد اڪبر کي زنده پڪڙڻ بدران ماري ڇو ڇڏيو؟ جيڪڏهن سيد اڪبر تي فائرنگ ضروري هئي تہ سندس هينئين ڌڙ کي نشانو بڻائي پيو سگهجي ۽ کيس زندهہ سلامت پڪڙي ڪائنس اهو پڇيو وڃي ها تہ هو وزيراعظم جي جلسي گاهہ تائين ڪيئن پهتو. ڪيئن هو جلسي گاهہ جي بلڪل ويجهو اچي وينو. سيد اڪبر جي کيسي مان 3 هزار رپيا هٿ آيا. جڏهن تہ جنهن هوٽل ۾ هو ترسيل هو اتان بہ 10 هزار رپيا برآمد ٿيا. ان زماني يعني 1951ع ۾ 13 هزار رپيا تمام وڏي رقم هئي. ان وقت ڪڻڪ جو اٽو هڪ روپئي ۾ پنج سير ملندا هئا ۽ سون 30 رپيا تولو هوندو هو. جڏهن تہ هڪ پوليس آفيسر جنهن نجف خان کي سيد اڪبر کي پڪڙڻ ۾ مدد ڪئي، اهو پڻ پوءِ ماريو ويو. اعتزاز الدين جيڪو اسپيشل پوليس ۾ انسپيڪٽر جنرل هو ان کي مذڪوره ڪيس جي تحقيقات سونپي وئي هئي. هن نجف خان کان بہ آڏي پڇا ڪئي هئي، هن ان ڪيس بابت رپورٽ بہ تيار ڪري ڇڏي هئي، پر هو ڪراچي کان راولپنڊي ويندي جنگشاهي ويجهو هوائي حادثي ۾ موت جو شڪار ٿي ويو. ايئن پوءِ ان رپورٽ جو بہ ڪو پتو نہ پيو.

لياقت علي خان جو قتل پاڪستان جي رت ٻڏل تاريخ ۾ هاڻي هڪ وسري ويل باب آهي. دنيا ۾ اهڙا تمام ٿورا ملڪ آهن جن جمهوريت، آزادي ۽ سماجي انصاف لاءِ قربانيون ڏنيون هجن. پاڪستان بہ انهن مان هڪ آهي . جيئن فيض احمد فيض چيو تہ ”اور ڪتنا لهو چاهيئي ارض وطن، جو تيري اَرض بي رنگ ڪو گلزار ڪري“

حقيقت بہ اها آهي تہ پاڪستان رت جو درياهہ پار ڪرڻ کانپوءِ قيام ۾ آيو. 10 لک کان وڌيڪ ماڻهو قتل ڪيا ويا. جڏهن تہ پنجاب، بنگال، يو پي، بهار ۽ ڪجهہ ٻين هنڌن تي 15 لک ماڻهن کي بدترين وحشت جو

نشانو بڻايو ويو. ڏيڍ ڪروڙ ماڻهن لڏپلاڻ جي عذاب کي منهن ڏنو ۽ اها لڏپلاڻ انساني تاريخ جي وڏي لڏپلاڻ هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪراچي ۾ برنس روڊ تي هڪ هزار کان وڌيڪ هندن ۽ سکن کي قتل ڪيو ويو هو.

ڊگهي عرصي تائين اسان کي اسڪولن ۾ اهي سبق پڙهايا ويا ته اسان مسلمانن پاڪستان لاءِ تمام وڏيون قربانيون ڏنيون، ليڪن حقيقت اها آهي ته مسلمانن، هندن، سکن هڪٻئي کي ڪُٺو ۽ هڪٻئي جا گهر ساڙيا. پنجاب ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي، اتي هندن ۽ سکن کي نه رڳو قتل ڪيو ويو بلڪ سندن عورتن کي الف اگهاڙو ڪري روڊ رستن تي گشت ڪرايو ويو. هندو ۽ سک به پوئتي نه رهيا ۽ انهن پنهنجن علائقن ۾ ساڳيو عمل دهرايو.

1947ع کان ٿُرت پوءِ وزيرستانين ۽ محسودن جي لشڪر ڪشمير وادي تي حملو ڪري ڏنو. انهن اهو سڀ ڪجهه سري نگر ايئرپورٽ ڇڪي ويجهي ڪيو ۽ انهن اتي نه رڳو ڦرلٽ ڪئي پر شهر ويجهو چرچ جي بي حرمتي ۽ عورتن سان لچا لُٽ به ڪيائون. جهادين پنهنجوڪم ڪري ڏيکاريو ان کانپوءِ پارتي فورس سري نگر ايئرپورٽ پهتو ايئن پوءِ حملي آورن کي پچائي ڪڍيو ويو. جيڪڏهن توهان کي ڪشمير جي جهاد بابت ڪيل ان ايڊونچر جا تفصيل پڙهڻا هجن ته "فريڊم ايٽ مڊنائيٽ" پڙهي ڏسو.

بلوچستان جي تاريخ به رت سان پيري پئي آهي. قلات اسيمبلي هڪ ٺهراءُ پاس ڪري آزاد حيثيت ۾ رهڻ جو مطالبو ڪيو. ان ٺهراءُ ۾ چيو ويو هو ته اهي پنهنجي پاڙيسري ملڪن پاڪستان، ايران ۽ افغانستان سان ڀائيچاري ۽ امن سان رهندا. تڏهن کان بلوچستان جو امن تباهه ڪيو ويو. ان جي معدنيات کي بي دردي‌ءَ سان لٽيو ويو. انهي حد تائين جو هن وقت به جڏهن هي سٽون لکي رهيو آهيان تڏهن به 21 ڊسمبر تي اڪبر بگٽي جي پٽ طلال بگٽي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سندن خلاف آپريشن اڃا به جاري آهي. 50ع جي ڏهاڪي ۾ بنگالين خلاف رياستي طاقت استعمال ڪئي وئي، جنهن بنگالين جي ڪروڙ ۽ ڪاوڙ کي

وڏايو بلوچستان خلاف ڪاروائي ڪئي وئي. اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ مڙهيو ويو ڊاڪٽر خان صاحب کي قتل ڪيو ويو احمدين کي پنجاب ۽ سنڌ ۾ نشانو بڻايو ويو.

1958ع ۾ ايوب خان پهرئين ملٽري ڊڪٽيٽر طور سامهون آيو ۽ هن سنڌ جون زمينون قبائڻ واري پاليسي اختيار ڪئي. پر ون يونٽ ڪانپوءِ هو پنهنجي منشا موجب نتيجا حاصل نہ ڪري سگهيو. 60ع جو ڏهاڪو ئي هو جڏهن بلوچستان جي سردار نوروز خان جي نون ساٿين کي ڦاهي تي لٽڪايو ويو.

70 ع جو ڏهاڪو بہ اسان جي اڳيان آهي، جيڪو پڻ رت هاڻي تاريخ سان پريو پيو آهي. ان وقت بنگلاديش ۾ جنرل يحيٰ خان، جنرل "ٽائيگر" نيازي ۽ ٽڪا خان 71ع ۾ ماڻهن جو سرعام قتلام ڪيو. 1973ع ۾ بلوچستان جي پشتون اڳواڻ عبدالصمد اچڪزئي کي هڪ بم حملي ۾ ماريو ويو. ايترا سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ اها خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ کيس ڪنهن قتل ڪيو هو؟ 1973ع کان 1979ع تائين بلوچستان فوجي آپريشن جونشانو بڻيو. عطاءُ الله مينگل جي نوجوان پٽ اسد مينگل کي شيرباز مزاري جي گهر ويجهو اغوا ڪري قتل ڪيو ويو. اڃا تائين بہ ڪنهن کي خبر ناهي تہ کيس ڪٿي دفنايو ويو. اهو 70 ع جو ئي ڏهاڪو هو جڏهن جنرل ضياءَ 1977ع ۾ گهات هڻي اقتدار تي قبضو ڪيو ايئن هن پاڪستان جي پاپولر وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جو عدالتي قتل ڪيو.

1980ع جي ڏهاڪي ۾ ڪراچي ۾ نهايت پراسرار نموني ماڻهو قتل ڪيا ويا. جن جي هينئر تائين ڪابہ خبر نہ پئجي سگهي آهي. 80ع جي ڏهاڪي ۾ ايم ڪيو ايم جي جڙڻ سبب ڪراچي شهر سنڌ جي اسٽيبلشمينٽ مخالف سياست کان ڪٽجي ويو هن ملڪ ۾ اهڙا سوين قتل هيل تائين ٿي چڪا آهن جن جي ڪائي خبر ناهي تہ اهي ڪنهن ڪيا؟ شاهنواز ڀٽو جو پرڏيهہ ۾ قتل هجي يا مرتضيٰ ڀٽو جو ڪراچي ۾ ٿيل قتل هجي، انهن جي قاتلن جي اڃا تائين خبر نہ پئجي سگهي آهي.

فوج جي سياست ۾ مداخلت هڪ مسئلو رهي آهي. جنهن کي ميڊيا وقت بوقت ڪٽنندي رهي آهي. جنرل ضياءَ الحق جي بهاولپور ويجهو آگسٽ 1988ع ۾ هوائي حادثي ۾ مارجي وڃڻ واري ڳجهارت پڻ اڃا ڳجهارت ئي آهي.

بينظير جي قتل کي بہ پاڪستان جي 60 سالن جي رت ۾ ٻڏل تاريخ جي پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي. بينظير جا قاتل بہ اهي ئي آهن جن ماضي ۾ عوامي اڳواڻ قتل ڪيا. بينظير تہ پنهنجي زندگي ۾ ڪجهہ ماڻهن جا نالا بہ ڪٽي وئي هئي. ممڪن آهي تہ ملڪ جو صدر زرداري وزيراعظم گيلاني ۽ گهرو صلاحڪار رحمان ملڪ ان سلسلي ۾ ڪي نتيجا نہ ڏئي سگهن، پر اهي جن کي تحقيقات جي خبر آهي، تن کي تہ قاتلن کي پڌرو ڪرڻ گهرجي.

ليڪن رڳو قاتل ڳولڻ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ انهن عنصرن جو خاتمو آندو وڃي. جيڪي عوام جي حقن تي هميشہ راتاها هڻندا ٿا رهن. پاڪستان ۾ عوام جي حق جي آزادي لاءِ جدوجهد جي ضرورت آهي، بينظير پڻ اهائي جدوجهد پئي ڪئي، جنهن کي اڳتي وڌائڻ کپي.

(16 ڊسمبر 2008ع)

❊❊❊

# ڪراچيءَ تي قبضي جي جنگ

نومبر مهيني جي 29 ۽ 30 تاريخ جي آخري ٻن ڏينهن ۾ ڪراچي اندر رت جي خوني راند شروع ٿي وئي. پهرين ڊسمبر تي منجهند تائين 40 ماڻهو موت جو کاڄ ٿي چڪا هئا. 60 ماڻهو گولين لڳڻ ۽ چاقن لڳڻ سبب مارجي ويا ۽ 60 ماڻهو زخمي ٿيا. بنارس ڪالوني، اورنگي ۽ ڪجهه ٻين جاين تي ڪيترائي دڪان پڻ ساڙيا ويا. لڳ ڀڳ هڪ درجن کن گهر به ساڙيا ويا. ڪيترن ئي هنڌن تان زخمي ماڻهو اسپتالن پهتا ٿيا، جن جا ڪن ۽ نڪ وڍيل هئا. انهي سڄي صورتحال جو بدتر پاسو اهو آهي ته انهن واقعن ۾ عورتن کي به نشانو بڻايو ويو. جيتوڻيڪ عورتن سان لچائپ جي تصديق نه ٿي سگهي آهي، ليڪن عورتن سان بدتميزي جا واقعا ضرور پيش آيا آهن. گذريل آچر جي رات هڪ خانگي چئنل تي هڪ ٽاڪ شو ڏيکاريو ويو جنهن ۾ اي اين پي جو امين خٽڪ، ايم ڪيو ايم ضلعي سينٽرل جو اڳواڻ ۽ هڪ صحافي شامل هئا. صحافي جو چوڻ هو ته تنهن ڏينهن اسان ڪجهه ڪرائيم رپورٽر ان ڳالهه تي بحث ڪري رهيا هئاسين ته عورتن کي نشانو بڻائڻ جا واقعا رپورٽ ڪجن يا نه ڪجن. امين خٽڪ پڻ عورتن کي نشانو بڻائڻ جي تصديق ايئن ڪئي ته اهڙا واقعا ٻنهي طرفن کان پيش آيا. هن اهو واضح نه ڪيو ته "ٻنهي طرفن" مان سندس ڇا مراد آهي؟ پر هن اهو واضح ضرور ڪيو ته شهر ۾ پٺاڻن ۽ مهاجرن ۾ ڇڪتاڻ هلي پئي.

ان ڇڪتاڻ ۾ سنڌ حڪومت طرفان متحده، اي اين پي ۽ پ پ جي قيادت طرفان مشترڪ گڏجاڻي ڪوٺائڻ ۽ شهرين کي اپيل ڪرڻ ۽ متاثر علائقن جو گڏجي دورو ڪرڻ ڪانپوءِ اچا به واڌ آئي. سياسي ڌرين جي ڪراچي ۾ امن خاطر اها ته ڌري گڏجاڻي ۽ اپيل به ڪو ٻوٽو نه ٻاري سگهي،

ايئن شهر ۾ رتو ڇاڻ جو سلسلو جاري رهيو جنهن ۾ عورتن کي بہ نشانو بڻايو ويو جنهن جو هن کان اڳ ڪو مثال نٿو ملي.

سنڌ جي گهرو وزير ذوالفقار مرزا طرفان ڪنهن بہ وڳوڙي کي ملڪيتن جو نقصان ڪندي يا فائر ڪندي ڏسڻ جي صورت ۾ گولي هڻڻ جو حڪم ڏيڻ ڪانپوءِ بہ آچر ۽ سومر ڏينهن صورتحال ۾ ڪا ماٺار نظر نہ آئي. ڪيترن ٽي وي چئنلن تي اهو پڻ ڏيکاريو ويو تہ شهر ۾ دهشتگردي جي وارداتن دوران پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي. جڏهن تہ سومر ڏينهن گهرو وزارت 100 وڳوڙين کي پڻ گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي. حڪومت اها دعوي ڪري رهي هئي تہ سومر جي منجهند تائين صورتحال تي ڪنٽرول آندو ويو هو ليڪن ٽي وي چئنل مسلسل اهو ڏيکاري رهيا هئا تہ سومر ڏينهن بہ اورنگي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري هو جتي هڪ چئنل جي رپورٽنگ ٽيم تي علائقي جي ماڻهن حملو پڻ ڪيو جنهن ۾ سندن سامان پڇي پورڻ سان گڏ هڪ رپورٽر پڻ زخمي ٿيو.

سياسي تجزئي نگارن چواڻي حڪومت طرفان ڪو سخت قدم کڻڻ جي صورت ۾ وقتي طور هڪبئي خلاف وڙهندڙ گروهن جون بندوقون خاموش ٿي سگهن ٿيون پر جيستائين درپيش مسئلا حل نٿا ڪيا وڃن ۽ قانون جي گرفت مضبوط نٿي ڪئي وڃي، تيستائين مستقل امن بحال ٿيڻ مشڪل آهي.

اهو سڀ ڪجهہ تڏهن شروع ٿيو جڏهن ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ الطاف حسين ڪراچي ۾ طالبانائيزيشن ٿيڻ جو خدشو ڏيکاريو. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي هن سرحد مان ڪراچي ايندڙ پناڻن بابت انتهائي سخت موقف اختيار ڪيو. هن موجب ڪراچي ۾ مدرسن جي انگ ۾ تمام گهڻي واڌ اچي چُڪي آهي، سي ڊي فلمون وڪرو ڪندڙن، حجامن ۽ دڪاندارن کي بنارس ۽ ٻين علائقن ۾ طالبان طرفان ڌمڪيون ملي رهيون آهن. هن پنهنجي ڪارڪنن کي اهي پڻ هدايتون ڏنيون تہ حڪومت کان ممنوعہ بور جي هٿيارن جا لائسنس وٺو ۽ پنهنجي محلن ۾ حفاظتي نظام جوڙيو. الطاف حسين طرفان هٿيار خريد ڪرڻ واري

هدايت 1987ع جي ياد تازي ڪري ڇڏي، جڏهن هن پنهنجي ڪارڪنن کي هدايت ڪئي هئي تہ تي وي سيٽ ۽ وي سي آر وڪڻي ڪلاشنڪوفون خريد ڪريو.

اي اين پي ڪراچي ۾ پٺاڻن جي نمائندگي ڪري ٿي. ان جو چوڻ آهي تہ اها خود سرحد ۾ طالبان ڪاروائين جو شڪار آهي. گذريل عيد تي اي اين پي سربراهہ اسفند يار ولي هڪ خودڪش بم حملي ۾ ذري گهٽ بچي ويو هو. جڏهن تہ ڪجهہ اي اين پي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن طالبان حملن ۾ زخمي پڻ ٿيا آهن. جماعت اسلامي، جمعيت علماءِ اسلام جو موقف آهي تہ سرحد جي آپريشن سٽيل علائقن مان متاثر ماڻهو ڪراچي اچي رهيا آهن. "اهي سمورا ماڻهو بي گهر ۽ متاثر آهن ان ڪري اهي همدردي جا مستحق آهن، ڇو تہ کين زبردستي پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي." هڪ جي يو آءِ اڳواڻ چئي رهيو هو.

هئي پاسي پ پ حڪومت فاٽا ۾ خراب صورتحال هجڻ سبب ڪراچي شهر ۾ ايندڙ پناڻ جو ڪو سنجيده نوٽيس نہ پئي وٺي. جيتوڻيڪ پ پ حڪومت کي ايم ڪيو ايم طرفان طالبانائيزيشن جون مسلسل شڪايتون ملنديون رهيون آهن. اهوئي ڪارڻ هو جو پ پ سان واڳيل سنڌ جا بہ صوبائي وزير پير مظهر الحق ۽ ذوالفقار مرزا لنڊن ۾ الطاف حسين سان ملڻ ويا هئا. انهن ساڻس واعدو ڪيو هو تہ اهي طالبانائيزيشن جي سلسلي ۾ تحقيقات ڪندا. ليڪن پ پ ان سلسلي ۾ ڪا گهڻي پيش رفت نہ ڪري سگهي.

هاڻي آخر ڪار زميني حقيقتون ڪهڙيون آهن؟ مستقبل جي مامرن کي سمجهڻ لاءِ اهي حقيقتون بہ سمجهڻيون پونديون.

ڪراچي ۾ هينئر تائين ٻاهران ماڻهن جي آمد جو سلسلو جاري آهي. گذريل ڪجهہ سالن ۾ ماڻهن جو وڏو انگ سرحد صوبي مان هتي اچي آباد ٿيو آهي، ڇو تہ اتي فوجي آپريشن هلندڙ آهي. ظاهر آهي جتي ڏينهن رات بندوقون بارود اوڳاڇينديون هجن، اتي ماڻهو بي گهر تہ ٿيندا. سرحد جا ذڪر هيٺ آيل علائقا بمباري جي لپيٽ ۾ آهن. خودڪش بم حملن

صورتحال کي اچا بہ خراب ڪيو آهي. پاڪستان جي سرحدي علائقن ۽ افغانستان مان ماڻهو بي گهر ٿيا آهن. اهي ماڻهو آخر ڪيڏانهن وڃن؟ افغانستان جا مامرا اچا بہ سڌا ناهن ۽ ماڻهن جو ٽورو انگ ايران پڻ هليو يو آهي. پر انهن جي اڪثريت پاڪستان خصوصي طور ڪراچي اچي رهي آهي، ڇاڪاڻ جو ڪراچي ۾ افغانين جو هڪ وڏو تعداد گذيل 25 ورهين کان موجود آهي. صدر جي مرشد بازار، طارق روڊ جي شاپنگ مالز ڪياماڙي، سهراب ڳوٺ، قائد آباد ۽ ٻين جاين تي توهان کي کوڙ سارا افغاني ۽ پناڻ واپار ڪندي ملندا.

گذريل ٽيهن ورهين ۾ پناڻن جو ڪلاس بہ تيزي سان مٿيو آهي. اهي 60 جي ڏهاڪي ۾ ڪراچي ۾ مزدوري ڪرڻ آيا هئا. هاڻي 50 سالن کانپوءِ شهر ۾ پناڻن جو مڊل ڪلاس پئدا ٿي چڪو آهي، جيڪو سياسي پاور ۽ اقتصادي شيئر گهري پيو. فيبروري 2008ع جي عام چونڊن ۾ بہ پناڻ سنڌ اسيمبلي جا ميمبر پڻ چونڊجي ويا. هاڻي سنڌ ڪابينا ۾ پناڻن جي نمائندگي آهي. 1991ع ۾ سگهارن ادارن ۽ اسٽيبلشمينٽ اڳوڻي صدر غلام اسحاق خان جي ناني عرفان الله مروت کي تڏهوڪي وزيراعليٰ ڄام صادق جو گهرو معاملن بابت صلاحڪار مقرر ڪرايو. هن پوليس سول سروس ۽ انڊر ورلڊ جي ڍانچي ۾ تبديليون آنديون. انڊر ورلڊ جيڪا گهڻو ٽڪو ليند مافيا بہ سڏجي ٿي. هاڻي پناڻ فيڪٽر سٺي گورنمينٽ ۾ حصيدار آهي. مٿان وري 2009ع ۾ مڪاني ادارن جون چونڊون پڻ ٿيڻيون آهن.

مهاجر ڪراچي ۾ 1947ع کانپوءِ آيا. ڪجهہ عرصي تائين سرڪاري ملازمتن ۾ ڪراچي ۽ پاڪستان جي ڪاروبار تي حاوي رهيا. ڪراچي جنهن جي 1947ع ڌاري 3 لک آبادي هئي، اهو 1958ع ۾ ايوب خان جي دور تائين 10 لک کان وڌيڪ آبادي وارو شهر بڻجي ويو. تڏهن ڪراچي شهر جي انتظامي مشنري ۾ نهايت قابل ملازم ۽ انجنيئر هئا، جن شهر جي بحالي جي نهايت سٺي رٿابندي ڪئي.

ڪراچي ملڪ جي راڄڌاني هو ۽ اها اميد سمجهي پئي وئي تہ اهو وفاقي راڄڌاني طور برقرار رهندو. گڏاپ ۾ مک سرڪاري ادارن جون

عمارتون تعمير ٿيٽيون هيون. قومي اسيمبلي، سول سيڪريٽريٽ، سپريم ڪورٽ، صدارتي محل، وزيراعظم هائوس، اعليٰ ڪامورن جون آفيسون ۽ رهائش گاهون پڻ گڏاپ ۾ نهٽيون هيون. فيڊرل بي ايريا، ناظم آباد، نارٿ ناظم آباد ۽ ان سان لڳندڙ علائقا امڪاني وفاقي راڄڌاني جا سيٽلائيٽ ٽائون هئا. ايوب خان 1958ع ۾ اقتدار سنڀاليو ۽ هن ناظم آباد، نارٿ ناظم آباد ۽ فيڊرل بي ايريا  ڪي رٿابندي تحت نهيل ڏسي حيران ٿيو. هن ان سلسلي ۾ ٻه فيصلا ڪيا. انهن مان هڪڙو فيصلو وفاقي راڄڌاني جي ڪراچي مان پونوهار منتقلي هئي. ان وقت کان ڪراچي ۾ پناڻ جي آمد ۾ واڌ ٿي. منڍ  کان وني پناٽن کي قانون جي ڀڃڪڙين ۾ سندن سرپرستي ڪئي وئي. ڪيترن ئي بزرگن کي ياد هوندو ته تڏهن پناڻ ڪلهن تي سامان سان پريل هٿ گاڏيون پيا ڇڪيندا هئا، اهي پوءِ صدر ۽ ايمپريس مارڪيٽ ۾ ہين اهم جاين تي اڇي ويٺا. بوهري، آغا خاني ۽ ہيا گجراتي واپاري هاٽي انهن مان ناخوش ٿيا. ان کانپوءِ گوهر ايوب جڏهن پنهنجي پيءُ جي فاطمہ جناح کان فتح تي ڪراچي ۾ ريلي ڪڍي ته ان ۾ پناڻ لياقت آباد ۾ ابن حسن جارچوي جي گهر تي حملو ڪيو. اهو ڪراچي ۾ پهريون لساني جهيڙو هو جنهن جي قيادت گوهر ايوب پئي ڪئي.

هر هڪ آمر پوءِ اهو ايوب خان هجي، ضياءُ الحق يا مشرف انهن پنجاب ۽ سرحد مان ماڻهن کي سنڌ ۽ خاص طور سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ آباد ڪيو. ان ڪري سنڌ جي جاگرافيائي توازن ۾ تبديلي آئي. مهاجرن لاءِ نوڪري ۾ موقعا گهٽيا. 1972ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو صنعتون، بئنڪون انشورنس ڪمپنيون نيشنلائيز ڪري ڇڏيون، جنهن ڪري مهاجرن لاءِ ملازمتن جا موقعا نہ هجڻ برابر رهجي ويا. دراصل 70 ع جي ڏهاڪي دوران مهاجرن ۾ ڀٽو مخالف جذبات بہ ان ڪارڻ ئي اُڀريا هئا. تڏهن مرزا جاويد بيگ نالي هڪ اڻجاتل شخص شهري حڪومت جو تصور ڏنو هو ۽ پوءِ کيس غداري جي ڪيس ۾ گرفتار ڪري عدالت ۾ مٿس ڪيس هلايو ويو. جنهن ۾ کيس موت جي سزا جو پڻ مطالبو ڪيو ويو هو.

ايم ڪيو ايم دراصل سٺ، ستر ۽ اسي جي ڏهاڪي ۾ ٿيل ڪارستانين جي ردعمل جي پئداوار آهي. انهن مجتا 80ع واري ڏهاڪي ۾

ماڻهو اهي گذريل 20 ورهين کان اقتدار ۾ به رهندا اچن ته ڪڏهن ٻاهر به.
ڪراچي سندن طاقت جو محور آهي جنهن جي بنياد تي ئي متحده جي
قيادت معاملا طئي ڪندي آهي.

هاڻي اها سوچ پڻ پئدا ٿي چڪي آهي ته ڪراچي ۾ اردو ڳالهائيندڙ
اقليت ۾ آهن ۽ غير مهاجر آبادي جا سمورا فيڪٽر گڏجي ايم ڪيو ايم
کي شڪست ڏئي سگهن ٿا. پ پ جو هڪ حلقو پڻ اهڙائي خيال رکي ٿو.
حيرت آهي ته ويجهڙ ۾ 30 نومبر تي پ پ ڪراچي جي اڳواڻ فيصل
عابدي هڪ بيان جاري ڪيو ته پ پ ايندڙ چونڊن ۾ڪراچي ۾ اڪثريتي
پارٽي ٿيڻ لاءِ عنقريب مهم هلائيندي. پارٽي گجرات وانگر ڪراچي تي
اختيار هجڻ ۾ دلچسپي رکندڙ ڏريون مهاجرن ۽ پٺاڻن ۾ عدم تحفظ پکيڙي
رهيون آهن. پٺاڻن لاءِ هاڻي اي اين پي وٽ پناهه وٺڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه
رستو نه بچيو آهي. جڏهن ته مهاجر جيڪي پ پ، جماعت اسلامي ۽ ٻين
سياسي ڌرين سان واڳيل آهن تن کي زبردستي ايم ڪيو ايم ۾ شامل ڪرڻ
لاءِ زور وڌو پيو وڃي.

حيرت جي ڳالهه آهي ته60 سال گذري وڃڻ ڪانپوءِ به هن ملڪ ۾
قانون ۽ آئين لاءِ احترام پئدا نٿي سگهيو آهي. هتي معيشت، آبادي ۽
ملڪيتن جو ڪوبه دستاويز ۽ رڪارڊ ناهي. ڪجهه ڏهاڙا اڳ مهاجرن ۽
پٺاڻن ۾ پئدا ٿيل ڇڪتاڻ جو هڪ سبب سپرهاءِ وي زيرو پوائنٽ تي
مهاجرن طرفان بڪ ڪرايل خالي پيل فليٽن تي ٻاهران آيل پٺاڻن طرفان
قبضو ڪرڻ پڻ هو.

سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي تي قبضي جي انهي جنگ ۾ سنڌي
جيڪي هن ڌرتي جا مالڪ آهن، اهي خاموشي سان صورتحال کي ڏسي
رهيا آهن، حالانڪ ڪين پنهنجي ڌرتي جي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ کپي.
تازوئي انجم نياز لکيو آهي ته "اڳوڻي ايئرفورس چيف ايئرمارشل عباس
خٽڪ کي رٽائرمينٽ تي ڪوهاٽ ۾ 12 ايڪڙ زرعي زمين الاٽ ڪئي
وئي هئي، پر هو قبضو حاصل نه ڪري سگهيو ڇو ته اتان جا مقامي ماڻهو
ڪنهن به ڌارئي کي اتي زمين رکڻ جو حق ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا!"

(15 نومبر 2008ع)

***

# ... جڏهن بندوق آمر کي بچائي نہ سگهي

اسان مان اڪثر ماڻهن 18 آگسٽ تي جنرل مشرف طرفان عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ ڪانپوءِ عوام طرفان جشن ملهائڻ وارا منظر ٽي وي اسڪرين تي غور سان ڏٺا هوندا ۽ اهڙي عوامي خوشيءَ جا فوٽو اڳئين ڏينهن يعني 19 آگسٽ تي اڪثر اخبارن ۾ بہ ڏسڻ ۾ آيا. ان کان هڪ ڏينهن اڳ مسلم ليگ (ن) جو اڳواڻ غوث علي شاهہ جلاوطني ختم ڪري ڪراچي پهتو. ايئرپورٽ تي سندس شاندار آجيان ڪئي وئي، ڪيس جلوس جي شڪل ۾ آندو ويو. ان آجيان واري ريلي کي چينلز تي سڌو ڏيکاريو ويو. جنهن ۾ غوث علي شاهہ جي گاڏي جي چوڌاري مسلم ليگ (ن) جا هٿياربند پڻ نظر آيا پئي. چئنلن تي ڏيکاريل منظرن ۾ هڪ منظر ۾ هٿياربندن ۾ تڪرار ٿيندي بہ ڏيکاريو ويو.

ٽيليويزن پروگرامن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل تصويرن مان اهو صاف نظر اچي ٿو تہ هڪ آمر جي عهدي ڇڏڻ تي خوشي وچان پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي سياسي ڪارڪنن فائرنگ ڪئي. انهي حد تائين جو پ پ جي هڪ خاتون ورڪر کي بہ پستول سان فائر ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. اهي تصويرون اسان کي آخر ڪهڙو پيغام ڏين ٿيون؟ ڇا ان مان پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي قيادت اهوئي تاثر ڏيڻ چاهي ٿي تہ هاڻي سندن پارٽين ۾ هٿيارن واري ڪلچر کي فروغ ملندو؟

حقيقت اها آهي تہ جڏهن شهيد بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف چارٽر آف ڊيموڪريسي تي صحيح ڪئي هئي تڏهن ٻنهي پارٽين نهايت بالغ نظري جو مظاهرو ڪيو هو. 18 فيبروري جي عام چونڊن ڪانپوءِ بہ جڏهن ٻنهي

پارٽين جي قيادت گڏيل حڪومت جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ته اهو به هڪ لحاظ کان بالغ نظري جو مظهر هو. اهو ڪريڊٽ بهرحال نواز شريف ڏانهن وڃي ٿو ته هن پ پ طرفان 30 ڏينهن ۾ جج بحال نه ڪرڻ ۽ سندن وزيرن جي ڪابينا مان نڪري وڃڻ ڪانپوءِ به سياسي اتحاد قائم رکيو. باوجود ڪيترن ئي دٻائن جي اهو سياسي اتحاد اڃا تائين قائم آهي.

ليڪن سياسي تجزئي نگار ۽ انساني حقن جا علمبردار ان راءِ جا آهن ته جڏهن به ڪو هٿ ۾ بندوق کڻي ٿو اهو جمهوري ساک وڃائي ٿو ويهي. سال 1987ع کي ياد ڪريو جڏهن ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ الطاف حسين پنهنجي پوئلڳن کي چيو هو ته اهي ٽيليويزنون کپائي ڪلاشنڪوف وٺن. 2 مارچ 1987ع تي الطاف حسين کي ڪراچي پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس پروگرام کي خطاب ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو. ان موقعي تي پريس ڪلب جي تڏهوڪي سيڪريٽري ڪليل لفظن ۾ کيس چيو هو ته بندوقون توهان کي تحفظ ۽ طاقت نٿيون ڏياري سگهن. توهان علم، اخلاقي سگهه ۽ قابليت جي بنياد تي سماج ۾ رتبو ۽ اهميت حاصل ڪري سگهو ٿا. پوءِ ڀلي کڻي توهان سنڌ ۾ هجو يا ڪنهن ٻئي هنڌ. تڏهن ايم ڪيو ايم اڳواڻ اهي جملا ٻڌڻ ڪانپوءِ خوش نه ٿيو ۽ ڏکو ياشڻ ڏيندي چيو هئائين، ”طاقت ۽ بندوق ڪانسواءِ مهاجرن جي عزت نفس داءَ تي لڳل آهي.“ هاڻي ان ڳالهه کي لڳ ڀڳ 21 سال گذري چڪا آهن هاڻ ايم ڪيو ايم جي قيادت ٻڌائي ته ڇا مهاجرن کي بندوقون ڪو تحفظ ڏئي سگهيون؟

اهو ساڳيو سوال اڄ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي قيادت کان پڇڻ گهرجي، ڇا بندوقون ڪين تحفظ مهيا ڪري سگهنديون ۽ مهاتما گانڌي چيو هو ”تشدد، تشدد کي ئي جنم ڏيندو آهي.“ بندوقون ۽ هٿياربند محافظن جا جٿا بينظير ڀٽو کي نه بچائي سگهيا، ته پوءِ هٿيارن جو ڏيکاءُ ٻين کي ڇا بچائي سگهندو. اڃو ته اهو آصف علي زرداري ۽ ميان نواز شريف تي واضح ڪريون ته 18 آگسٽ تي ڪراچي حيدرآباد، لاڙڪاڻي، لاهور، اسلام آباد، پشاور، ڪوئيٽا ۽ ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ سندن ڪارڪنن طرفان روڊن تي اچي هٿيارن جو ڏيکاءُ ڪرڻ واري عمل سندن پارٽين جي سياسي اميج کي ڌڪ رسايو آهي.

12 مئي 2007ع تي ڪراچي ۾ 12 ماڻهو ماريا ويا. جو تہ ايم ڪيو ايم نہ پئي چاهي تہ چيف جسٽس سنڌ اچي ۽ اچي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيلن کي خطاب ڪري، پر سچ اهو آهي تہ ان ئي ڏينهن جتي ايم ڪيو ايم جا ماڻهو هٿياربند هئا، اتي پ پ ۽ اي اين پي جي ڪارڪنن جي هٿن ۾ بہ بندوقون هيون ۽ اهي بہ شهر ۾ گهميا پئي. پوءِ جڳ ڏٺو تہ آمر طرفان ساڳي ڏينهن تي اسلام آباد ۾ مُڪون هوا ۾ لهرائي طاقت جي مظاهري جو اظهار ڪرڻ سبب ايم ڪيو ايم پنهنجي ساک وڃائي. هاڻي جڏهن اتحادي حڪومت جي ڪارڪنن طرفان 18 آگسٽ تي ايئن ئي هٿيارن جو ڏيکاءُ سندن لاءِ ساڳيا نتيجا آڻي سگهي ٿو.

سچ تہ اهو آهي تہ هڪ آمر جي روانگي سان حڪمران اتحاد تي اجا وڌيڪ ذميوارين جو بار اچي ويو آهي. حڪمران اتحاد کي مشرف جي استعيفيٰ تي گهڻو خوش ٿيڻ نہ گهرجي، جو تہ هن جي استعيفيٰ پ پ، مسلم ليگ (ن) اي اين پي، جي يو آءِ يا ٻئي ڪنهن جي دٻاءُ جو نتيجو نہ هئي، پر ملڪ جي خراب اقتصادي صورتحال، فوج ۽ ڳجهن ادارن جي دٻاءُ سبب هن عهدو ڇڏيو. جو تہ مواخذي جي صورت ۾ پئنڊورا باڪس کلي پئي سگهيو جنهن ۾ انهن ادارن ڏانهن بہ آڱريون کڄن ها. پاڪستان جي ائٽمي ٽيڪنالاجي جي وڪري ۽ قدير خان جا مامرا کلي پئي سگهيا. 11/9 کانپوءِ ڊالرن جي جيڪا برسات ٿي ان مان ڪنهن کي ڪيترو حصو مليو؟ اهو راز بہ کلي پوي ها. ان کانسواءِ بہ ڪيترائي حساس نوعيت جا مامرا هئا جيڪي منظر تي اچن ها. جن ۾ آءِ جي آءِ ٺاهڻ ۾ جنرل حميد گل جو ڪردار، جنرل اسلم بيگ طرفان سياستدانن ۾ 140 ملين رپيا تقسيم ڪرڻ ۽ هڪ سگهاري اداري طرفان مهراڻ بئنڪ اسڪينڊل ۾ ڪردار ادا ڪرڻ شامل ٿي پئي سگهيا. انهن سڀني سوالن کي راز ۾ رکڻ لاءِ مشرف کي فوجي قيادت طرفان استعيفيٰ ڏئي هليو وڃڻ لاءِ چيو ويو.

اهڙي صورتحال ۾ اتحادي حڪومت کي وڌيڪ ذميواري ۽ بالغ نظريءَ جو مظاهرو ڪرڻ سان گڏ سندن پهرين ترجيح پنهنجي ڪارڪنن کي ڪنٽرول ڪرڻ گهرجي. 1970ع ۾ پ پ، نعپ ۽ جي يو آءِ منظم ۽ هٿين

خالي سياسي ڪارڪنن جي ڏڍ تي چوندون ڪتي آيون هيون. غير هٿياربند تيڻ سياسي پارٽين جي اولين ترجيح هجڻ کپي ۽ سياسي ڪارڪن پنهنجي مخالفن جي عزت ڪرڻ سکن.

مخدوم امين فهيم قومي اسيمبلي جي افتتاحي اجلاس ۾ پنهنجي پارٽي ورڪرن طرفان گئلري ۾ چوڌري پرويز الاهي خلاف غير پارلياماني روئي جي اظهار جو درست نوٽيس ورتو هو. حالانڪ چوڌري پرويز الاهي وارن وزيراعظم يوسف رضا گيلانيءَ جي حمايت جو فيصلو ڪيو هو. ڪراچي ۾ پ پ جي ڪارڪنن ارباب رحيم تي حملو ڪيو. ڪيس مار موچڙو ڪيو ويو. جيڪو سياسي لحاظ کان بدتر ٽرينڊ چئي سگهجي ٿو.

اصل مسئلي ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي ته هن وقت پاڪستان ڪهڙي بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهو حل ٿيڻ کپي. پاڪستان ۾ ناڻي واڌ تيزي سان وڌي رهي آهي. اها جولاءِ ۾ 34 سيڪڙو هئي ۽ آگسٽ ۾ اجا به وڌي آهي. بيروزگاري عروج تي آهي. ڪراچي ۾ روزانو اٺ کان 10 ڪلاڪ بجلي هلي وڃي ٿي. صنعتي پيداوار گهٽجي وئي آهي ۽ زراعت جي حالت به خراب آهي. پاڪستاني روپيو پرڏيهي ناڻي جي مٽاسٽا جي حوالي سان سخت دٻاءُ ۾ آهي.

18 آگسٽ تي مشرف جيئن ئي استعيفيٰ ڏني ته روپئي جي ملهه ۾ ڪجهه اضافو ٿيو ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ 461 پوائنٽ جو واڌارو آيو. جڏهن ته ٽيڪسٽائل صنعت جي ڪيڏارين موجب اها سڀ افواهي گيم آهي. جنهن طرف ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. اهو آهي سموري ڪي پارڻ ڏي چڪڻ لاءِ پاليسي ناهڻ. بچتن کي هٿي وٺرائڻ. پئداوار ۽ ايڪسپورٽ وڌائڻ. تيل جون قيمتون 112ڊالر في بيرل گهٽجي رهيون آهن. سون جي قيمت به گهٽجي رهي آهي. جنهن تحت اتحادي حڪمران مثبت پهل ڪري سگهن ٿا.

باوجود ان جي ڪيترائي سياسي مسئلا اجا للڪار بڻيل آهن. جن ۾ سڀ کان پهريون ججن جي بحالي آهي. مسلم ليگ (ن) جو نقطئہ نظر اهو رهيو آهي ته اهي ڪابينا ۾ مڪمل طور تڏهن شامل ٿيندا. جڏهن جج

بحال ڪيا ويندا. نئين صدر جي چونڊ بہ هڪ مسئلو آهي. پ پ پنهنجو صدر آڻڻ چاهي ٿي، جڏهن تہ مسلم ليگ (ن) متفقہ راءِ سان صدر آڻڻ جي حق ۾ آهي. بلوچ باغي اڳواڻ عطاءُ الله مينگل بہ متفقہ صدارتي اميدوار واري ڊوڙ ۾ شامل ٿيندو. جڏهن تہ فوج بگٽي، مري ۽ سندس پنهنجي علائقي ۾ موجود آهي، هزار کن گمشده نوجوانن جي بہ اڃا تائين ڪا خبر چار ناهي.

اهو سوال بہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ ڇا حڪومت انهن ماڻهن کي سزائون ڏيندي جيڪي اڪبر بگٽي ۽ سندس قبيلي جي ماڻهن کي موت جو کاڄ بڻائڻ جا ذميوار آهن؟ ان کانسواءِ وسيلن جي ورڇ، پاڻي جي ورهاست، قدرتي وسيلن تي صوبن جي مالڪي جو حق وغيره بہ اهم مسئلا آهن، حقيقت ۾ اتحادي حڪمرانن کي گڏجي نئون آئين تشڪيل ڏيڻ گهرجي. اهي سڀ اهڙا مسئلا آهن، جن کي اوس حل ڪرڻو پوندو جيڪڏهن اتحادي گڏيل طور اهي مسئلا حل نہ ڪري سگهيا تہ پوءِ مامرو وري نين چونڊن طرف ويندو.

(15 آگسٽ 2008ع)

***

# مشرف کي بچائڻ جي آخري ڪوشش

18 فيبروري جي عام چونڊن کانپوءِ اتحادي حڪومت جي قيام ۽ پارليامينٽ جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ پاڪستان آمريڪا لاڳاپا نهايت دلچسپ مرحلي ۾ داخل ٿي ويا آهن. ڇاڪاڻ جو اتحادي حڪومت ملڪ جي پرڏيهي پاليسين، واشنگٽن توڙي ٻي دنيا سان لاڳاپا رکڻ بابت فيصلا پارليامينٽ سان مشروط ڪيا آهن. پرڏيهي پاليسي جا مک نڪتا اهي ٿي سگهن ٿا تہ دهشتگردي، بنياد پرست ويڙهاڪن، بنياد پرستي ۽ وڌندڙ آمريڪا مخالف جذبن کي منهن ڏيڻ. جيڪي عراق، افغانستان ۽سرحد صوبي ۾ تيل آپريشن جي ڪري وڌيڪ پڙڪيا آهن.

ڏنو وڃي تہ 11/9 کانپوءِ پاڪستان-آمريڪا لاڳاپا يڪطرفا رهيا آهن. رچرڊ آرميٽيج يا صدر بش طرفان رڳو ڪو هڪ فون ايندو هو "توهان اسان سان آهيو يا اسانجي خلاف" بس اهڙو فون ئي سڀ ڪجهہ هوندو هو. ان ئي سڀ معاملا طئي ڪرائي ڇڏيا ۽ پاڪستان جي آمر حاڪم سڀ ڪجهہ واشنگٽن کي وڪڻي ڇڏيو ان جي عيوض هن فوجي ۽اقتصادي امداد ورتي. انهي ۾ ڪو شڪ ناهي تہ 11/9 کانپوءِ ڪجهہ رعايتن سبب پاڪستان جي اقتصادي صورتحال ڪافي بهتر ٿي. لڳ ڀڳ 11 بلين ڊالرز جي رقم "ري اسٽرڪچر" ڪئي وئي ۽ انهن ادائيگين کي 2011 ۽ 2012ع تائين ڏڪو ڏنو ويو. ايئن پاڪستان آمريڪي مارڪيٽ تائين رسائي حاصل ڪئي، جنهن ڪري ايڪسپورٽ وڌي وڃي 4 ۽ 5 بلين ڊالرز کي پهتي، پر ڪهڙي قيمت تي؟ آمريڪين سرحد اندر القاعده جي ماڻهن جي لڪل هجڻ يا ماڻهن سان گڏجاڻيون ڪرڻ جي شڪ ۾ هتين خالي معصوم ٻارڙن، عورتن ۽ مردن کي بارود جو ٻڪ بڻايو. پاڪستان جي خودمختياري داوَ تي لڳي وئي ۽ ان ڪري آمريڪين چاهيو تہ مشرف ئي پاڪستان جي ليبر طور هلندو رهي!

پاڪستان ۾ جڏهن بہ آمريڪا جا جونيئر عملدار بنا ڪنهن "اپائنٽمينٽ" جي آيا، ملڪ جي اعليٰ قيادت سندن آڌر ڀاءُ ڪيو. مون کي ياد ٿوپوي تہ ٿي ورهيہ اڳ ڪراچي ۾ ٿيل پاڪستان-آمريڪن بزنس ڪائونسل جي هڪ پروگرام ۾ آمريڪي سفير تقرير ۾ نهايت اهم ڳالهہ چئي هئي تہ "اسان هن خطي ۾ ڊگهي عرصي تائين رهڻ لاءِ آيا آهيون." هوءَ وڏن واپارين جي ميڙ کي مخاطب هئي.

پرويز مشرف، شوڪت عزيز ۽ سندن پوري ٽيم جيڪا سياسي ۽ غير سياسي ماڻهن تي مشتمل هئي، انهن اهڙو اقتصادي نظام آندو جنهن تحت پاڪستان مستقل طور آمريڪي شڪنجي ۾ اچي ويو. سال 2006ع ۾ آمريڪا جو پاڪستان ۾ اثر رسوخ حد کان وڌيڪ رهيو هاڻي جيڪڏهن ڪو پاڪستان ۾ سياسي ڪردار ادا بہ ڪرڻ چاهي ٿو تہ ان وٽ سواءِ واشنگٽن ۽ اسٽيبلشمينٽ سان بهتر لاڳاپا رکڻ جي ٻيو ڪو رستو ناهي، انهي حد تائين جو اهي ماڻهو جيڪي مخلصي سان "عوامي جمهوري پاڪستان" ڏسڻ جا خواهشمند آهن، جنهن ۾ صوبا بہ مڪمل خود مختيار هجن، تن کي پڻ واشنگٽن ۽ فوج جي قيادت سان ناهي هلڻو پوندو. ڇو تہ سياستدانن وٽ عوام کي آمريڪا ۽ فوج جي ڪنٽرول مان ڪيڻ جا امڪان بنهہ نہ هجڻ برابر آهن.

اسان کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ پ پ انقلابي پارٽي ناهي ۽ نہ وري ان جي شهيد قائد بينظير ڀٽو چي گويرا، هوچي منهہ، مائوزي تنگ جهڙي انقلابي هئي. پ پ جي ويهين صدي جي انڊين نيشنل ڪانگريس، انڊونيشيا جي سوئيڪارنو مصر جي جمال ناصر، گهانا جي ڪوامي نڪروما، سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي. اهي سمورا اڳواڻ قومپرست، سامراج مخالف هئا. پر ساڳي وقت پڙهيل لکيل ۽ اولهہ جي اسٽائل ۾ تربيت يافتہ بہ هئا. اهي مروج نظام جو حصو بڻيا، ان خلاف وڙهندا بہ رهيا ۽ تبديلي جو محرڪ بہ بنيا. پاڻ جيڪڏهن ٿورو ماضي ڏانهن نگاهہ وجهنداسين تہ اهو بلڪل واضح نظر ايندو تہ ذوالفقار علي ڀٽي بہ سياست جي شروعات آمر ايوب جي دور ۾ وزارت سان ڪئي. هن آمريڪي

ڊپلوميسي ۽ آمريڪي جي منصوبابندي کي ويجهڙائي کان ڏٺو هن ايوب جي وزارت ۾ آمريڪا مخالفت جو اولڙو ۽ آمريڪي طاقت جو مظاهرو تڏهن ڏٺو جڏهن وزارت وڃائي ويٺو. پر پوءِ هو 1971ع ۾ عوامي حمايت سان اقتدار ۾ ٻيهر اچي ويو. پٽو حقيقت ۾ آمريڪا مخالف نه هو پر هو هڪ پاڪستاني هو. هڪ ايشيائي ۽ ٽين دنيا جي ملڪن جو چيمپئن هو. هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته جيئن آمريڪين ۽ فوج سان معاملا بهتر رهن، پر مٿس ڀروسو نه ڪيو ويو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سندس آخرڪار عدالتي قتل ڪيو ويو. جڏهن اسان اهو ٿا چئون ته ڀٽي آمريڪين ۽ فوجين سان لاڳاپا بهتر رکڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن ان جو مطلب هرگز اهو ناهي ته هن اصولن تي سوديبازي جي ڪا ڪوشش ڪئي. ڀٽي جا ڀلي ته آمريڪي اسٽيبلشمينٽ، آمريڪن، ملٽري انڊسٽريل ڪامپليڪس دشمن بڻيا هجن، پر هن کي باقي دنيا جي دانشور حلقن ۾ ڪافي دوست مليا.

1996ع ۾ جڏهن بينظير جي حڪومت فاروق لغاري طرفان فوج جي مدد سان ختم ڪئي وئي تڏهن دنيا ان تي حيرت جو اظهار ڪيو هو. نواز شريف ۽ سنڌ حڪومت بينظير ۽ آصف زرداري کي 1997ع کان 1999ع تائين خوب رڳڙيو. آڪٽوبر 1999ع ۾ مشرف طرفان اقتدار سنڀالڻ وقت کيس خوش آمديد ڪيو. پوري عسڪري قيادت مٿس ڪڏهن به اعتماد نه ڪيو هن 2002ع جي چونڊن ۾ پنهنجي سگهه ثابت ڪئي. هن طرفان 2002ع جي چونڊن ۾ پارٽي کي حصو وٺڻ جي اجازت نه ملڻ باوجود چونڊن ۾ پارٽي جي حصي وٺڻ جو فيصلو هن طرفان واضح پيغام هو ته هوءَ مروج نظام ۾ جدوجهد ذريعي تبديلي جي خواهان آهي. 2002ع جي چونڊن ۾ سندس پارٽي، پ پ پارليامينٽرين 7.5 ملين ووٽ کڻي ملڪ جي واحد وڏي سياسي پارٽي طور سامهون آئي هئي. پر بينظير ۽ پ پ جي ڪاميابي کي تسليم نه ڪيو ويو. بينظير دل ننڍي نه ڪئي ۽ پنهنجي جدوجهد جاري رکي. انهي وچ ۾ هن آمريڪا ۽ مشرف سان لاڳاپا سڌا ڪيا. هن جي توڙي پ پ جي اڳواڻن جي فوج ۽ آمريڪا سان رابطن کي ڪيئي ڀيرا عوام ۾ تنقيد جو نشانو به بڻايو ويو.

نيٺ بينظير جي حڪمت عملي ڪم ڏيکاريو ۽ ڪيس 18 آڪٽوبر 2007ع تي پاڪستان اچڻ جي اجازت ڏني وئي. اسٽيبلشيمينٽ ڪيس قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. مٿس آمد وقت حملو ڪيو ويو پر هوءَ معجزاتي طور بچي وئي. بدقسمتي سان 27 ڊسمبر تي بم ڌماڪي ۾ سندس زندگي جو انت اچي ويو. جنهن جي مهابي پاڪستان جي عوام کي اج جمهوريت ۽ آزادي پلئہ پئي آهي. جمهوريت جي اها سوڀ 18 فيبروري تي ٿي، جنهن ۾ پ پ کي 10 ملين کان وڌيڪ ووٽ مليا. ايئن آصف زرداري بہ اهڙي ڏکئي وقت ۾ وسيع القلب ۽ سئو منتظم ثابت ٿيو. پنهنجي گهرواري وانگر هن بہ مسلم ليگ (ن) سان حڪومتي مامرا نبيرڻ جي حوالي سان ڪنهن بہ قسم جي گهبراهٽ جو مظاهرو نہ ڪيو. انهي حد تائين جو پ پ متحده ڏانهن بہ دوستي جو هٿ وڌايو. حالانڪ متحده 1990ع ۾ پ پ حڪومت جا تختا ڪيرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

زرداري اهڙي ئي دوستاڻي روش جو مظاهرو آمريڪين لاءِ بہ ڪيو. 18 فيبروري جي عام چونڊن جي نتيجن ڪانپوءِ سياسي پارٽين جي اڳواڻن طرفان گڏيل حڪومت جوڙڻ جي سلسلي ۾ سياسي بلوغت جي مظاهري آمريڪا کي ڊيڄاري ڇڏيو. سندن بہ اڳواڻ رچرڊ بائوچر ۽ نيگرو پونٽي فوراً پاڪستان پهچي ويا. سندن پاڪستان آمد کي مشڪوڪ سمجهيو پيو وڃي. سندن ايئن تڙتڪڙ ۾ اچڻ تي ڪافي سوال اٿاريا پيا وڃن. حالانڪ اڃا حڪومت ئي مڪمل طور جڙي راس نہ ٿي آهي.

ماٺهو چون ٿا تہ حڪومت پنهنجي طور ٺهي بيهي، پارليامينٽ ڪم ڪرڻ شروع ڪري، عوام جا چونڊيل نمائندا صورتحال خاص طور دهشتگردي خلاف جنگ بابت غور ويچار ڪن-پوءِ ڪا ڳالهہ ٺهندي-پر ان کان اڳ ئي آمريڪي عملدارن جي آمد ماڻهن ۾ ڪيترائي خدشا پئدا ڪري ڇڏيا آهن. هڪ ڳالهہ تہ اها آهي تہ آمريڪي چاهين ٿا تہ مشرف صدر طور ڪم جاري رکي جنهن جو اولڙو آمريڪي صدر بش طرفان گذريل نومبر جي 20 تاريخ تي ڏنل اهو بيان آهي جنهن ۾ هن چيو هو "مشرف اڃا اها سرحد اورانگهي ناهي ۽ هو جمهوريت ۾ يقين رکي ٿو." بش، مشرف

بابت اهو تڏهن چيو هو جڏهن هن 3 نومبر تي ايمرجنسي نافذ ڪري سپريم ڪورٽ جا 60 جج، چيف جسٽس سميت هٽايا ۽ کين نظربند ڪيو هو.

اهي به خدشا آهن ته مٿي ذڪر هيٺ آيل ٻئي آمريڪي عملدار سياسي قيادت مٿان دٻاءُ وجهڻ لاءِ آيا ته جيئن اهي مشرف کي صدارتي عهدي تي رهڻ ڏين. چيف جسٽس کي بحال نه ڪيو وڃي، ڇو ته اهو بحالي شرط گم ٿيل ماڻهن جا ڪيس کڻندو. جڏهن ته گم ٿيل ماڻهن جوهڪ وڏو انگ آمريڪا جي تحويل ۾ آهي. جن ۾ ڪافي گم ٿيل ماڻهو افغانستان جي بگرام بيس ۾ ڪيوبا جي گوانتنا نامو ۾ آهن. هڪ نوجوان عورت عافيه صديقي جيڪا آمريڪي شهري پڻ آهي، اها بگرام بيس تي پاڻ تي تشدد ۽ پنهنجي پٽ جي قتل ڪانپوءِ ذهني توازن وڃائي ويٺي آهي. ڊاڪٽر صفدر سرڪي، جيڪو پڻ آمريڪي شهري آهي ۽ سنڌ سان ٿيندڙ نا انصافين خلاف جدوجهد ڪري رهيو آهي. ڏگهي عرصي تائين غائب رهيو. پوءِ آخرڪار کيس ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ۽ سيشن جج کيس ضمانت ڏني، پر پوءِ ان سيشن جج کي ئي هٽايو ويو. هاڻي چيو ٿو وڃي ته کيس زوب جيل ۾ رکيو ويو آهي.

باخبر حلقن ۾ اها راءِ گردش پئي ڪري ته اهي ٻئي آمريڪي عملدار مشرف جي ڇوڙڻ تي کيس هٽان جي سياسي قيادت سان معاملا سڌا ڪرڻ ۽ کيس موقعو ڏيارڻ لاءِ خصوصي طور گهرايا ويا هئا. ليڪن 27 مارچ تي ڪراچي ۾ ڪيل پريس ڪانفرنس ۾ انهن واضح لفظن ۾ چيو ته هو ڪابه اهڙي لڪل ايجنڊا کڻي ناهي آيو. هن اهو به چيو ته مشرف جي مستقبل جو فيصلو عوام جا با اختيار ادارا ئي ڪندا. اهي ٻئي عملدار مشرف سان مليا. مسلم ليگ (ن) جي سربراهه ميان نواز شريف سان به ملاقات ڪيائون جنهن کين واضح لفظن ۾ ٻڌايو ته مستقبل جون پاليسيون پارليامينٽ طئي ڪندي آصف زرداري ٻنهي آمريڪي عملدارن سان هڪ آمريڪي جي گهر مليو ڇو ته زرداري هائوس اچڻ سندن لاءِ غير محفوظ هو. اسلام آباد ۽ لاهور جا ڪيترائي صحافي ۽ دانشور ان ڳالهه تي خوش ناهن ته آصف علي زرداري آمريڪين سان سندن منتخب ڪيل هنڌ تي ڇو مليو.

"پاڪستان جي سڀ کان وڏي پارٽي جي قائد هجڻ سبب زرداري نواز شريف وارو رويو اختيار نٿو ڪري سگهي" پ پ جي هڪ مقامي اڳواڻ دليل پئي ڏنو. هن وڌيڪ چيو تہ آمريڪا خلاف هزارين شڪايتون هونديون پر اهر نہ وسارڻ گهرجي تہ اهو هڪ حقيقت آهي، پاڪستان جي 26 سيڪٽرو ايڪسپورٽ جو مدار آمريڪي مارڪيٽ تي آهي. آمريڪا پاڪستان کي سڀ کان وڌيڪ ڊالرز جي پاڪستاني ايڪسپورٽ آمريڪا جي ملڪن ۾ ٿئي ٿي. جيڪي آمريڪي اثر هيٺ آهن. انڪري پاڪستان جهڙن ملڪن کي آمريڪا سان لاڳاپن جي سلسلي ۾ ڪيترين ئي ڳالهين جو خيال رکڻو پوي ٿو. ڀلي تہ عوام جا جذبات آمريڪا مخالف هجن، پر آمريڪا کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. بهتر حڪمت عملي اها آهي تہ نظام اندر رهي، نظام سان ويڙهہ ڪجي، آمريڪن اسٽيبلشمينٽ ۾ نوان دوست ڳاهجن. ذوالفقار علي ڀٽو بہ ايئن ڪندو هو. بينظير ڀٽو بہ پيءُ جي پيروي ڪئي ۽ هاڻي زرداري بہ ايئن ئي ڪري پيو!

(31 مارچ 2008ع)

***

# جمهوريت تي راتاهي جي ريهرسل

13 اپريل تي آچر ڏهاڙي منجهند ڪانپوءِ ڪنهن خانگي ٽي وي چئنل تي هڪ سٽ جي اعلان ذريعي ناظرين کي پ پ ۽ متحده قومي موومينٽ جي مذاڪراتي ٽيم وچ ۾ ڳالهين ناڪام ٿيڻ جو اطلاع مليو. اُن کان اڳ ڇنڇر جي شام جو پ پ حڪومت ٺهي وڃڻ ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم اڳواڻن جو هڪ وفد پ پ سان ڳالهين جي سلسلي ۾ وزيراعليٰ هائوس پهتو. اُن کان ڪُجهه وقت پهرين سنڌ حڪومت ڊاڪٽر شعيب سڊل کي آءِ جي سنڌ پوليس ۽ هڪ ٻئي پوليس عملدار وحيد لوڌيءَ کي آءِ بي سنڌ جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪرڻ جوا علان ڪري چُڪي هُئي.

ٻن سينيئر پوليس عملدارن جي مقرري ايم ڪيو ايم کي سگنل هو. اهو درست آهي ته ايم ڪيو ايم ڪڏهن به سنڌ حڪومت ۾ ڪا خاص وزارت يا ڪاتو ڏيڻ جي گهر نه ڪئي هئي. اهڙو انڪشاف هاڻوڪي سنڌ ڪابينه ۾ روينيو جي صوبائي وزير طور شامل مراد علي شاهه مون سان ڳالهائيندي ڪيو. هن ٻڌايو ته ايم ڪيو ايم جي چئن ميمبرن تي ٻڌل مذاڪراتي ٽيم پهرين گڏجاڻي ۾ اهڙو ڪوبه معاملو نه اُٿاريو. پر اهو به نه وسارڻ گهرجي ته اهڙا مطالبا ڪيا ناهن ويندا، نه وري لکت ۾ ڏنا ويندا آهن. ايم ڪيو ايم قيادت الطاف حسين کان وٺي فاروق ستار ۽ بابر غوري تائين اهو چوندا رهيا آهن ته، ”سنڌن پارٽي کي اقتدار جي لوڙ ناهي.“ ”اسان بنا وزارتن ۽ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي به عوام جي خدمت ڪري سگهون ٿا.“ الطاف حسين چئي رهيو هو.

پر اهو ڪير آهي جنهن کي اها خبر نه هُجي ته سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم 40 سيڪڙو وزارتن وٺڻ جي خواهشمند رهي آهي. اها ڳالهه پلي چئي نه

وڃي، پر سمجهڻ جي ڳالهه آهي تہ متحده گهرو وزارت، تعليم، صحت، ليبر ۽ ناڻي جون وزارتون ونڻ چاهيون پئي. "جڏهن ڪا پارٽي صوبائي اسيمبليءَ ۾ سيٽن ۽ ووٽن جي لحاظ کان ٻئي نمبر تي آهي تہ پوءِ اُن کي اُهي کاتا ۽ وزارتون ڇو نہ گهرڻ گهرجن؟" هڪ پُراڻي سياسي ڪارڪن چيو پئي. هونئن بہ سياسي پارٽيون هڪ ايجنڊا تحت قائم ٿينديون آهن ۽ اها ايجنڊا ڪاميابي کانپوءِ اڪثريت آڌار لاڳو ٿي سگهندي آهي. اهو هڪ سياسي اصول آهي، جنهن کي هر ڪنهن کي قبول ڪرڻو پوندو آهي. اهو اصول ايم ڪيو ايم تي بہ لاڳو ڪري پيو سگهجي. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم واقعي سنڌ اسيمبلي ۾ سيٽن ۽ ووٽن جو چڱو تعداد حاصل ڪيو آهي تہ پوءِ اُن کي بہ ڳالهائڻ جو حق آهي.

پر ايم ڪيو ايم سان مسئلو اهو آهي تہ اهي چوندا ڪُجهہ آهن ۽ ڪندا پيو ڪُجهہ آهن. الطاف حسين پ پ، مسلم ليگ (ن) جي اتحادي حڪومت لاءِ غير مشروط حمايت جو اعلان ڪيو ويو پر پوءِ جڏهن سنڌ اسيمبلي ۾ اڳوڻي وزيراعليٰ ارباب رحيم تي تشدد ڪيو ويو تہ ايم ڪيو ايم طرفان سنڌ اسيمبلي جو بائيڪاٽ ڪيو اُن کان هڪ ڏينهن پوءِ اڳوڻي وفاقي وزير شير افگن نيازي کي لاهور ۾ تشدد جو نشانو بڻايو ويو. ملڪ ۾ ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ هو جنهن اُنهن واقعن تي افسوس ظاهر نہ ڪيو هُجي. پر پوءِ 9 اپريل تي ايم ڪيو ايم ڇا ڪيو؟ ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ وڪيلن جي گڏجاڻي ۾ ماڻهن کي رت ۾ وهنجاريو ويو!

لياري جو رهواسي وڪيل الطاف عباسي سٽي ڪورٽ ويجهو طاهر پلازه ۾ پنهنجي پنجن اصيلن سوڌو زنده سڙي ويو. سڙي ويلن ۾ 23 سالن جو نوجوان دانش رضوي بہ شامل هو جنهن جي رڳو هڪ ڏينهن اڳ شادي ٿي هُئي ۽ هو پنهنجي وڪيل کان ڪورٽ مئريج سرٽيفڪيٽ ڪٽڻ آيو هو بہ عورتون بہ اُن انسانيت سوز ڪاروائي جو بک بڻيون. اُن کانسواءِ ڪراچي شهر اندر تشدد جي واقعن ۾ اٺ ٻيا ماڻهو بہ زندگيون وڃائي ويٺا. ملير بار جي آفيس تي حملو ڪيو ويو ۽ اُن جي لائبريري ساڙي وئي. ساڳئي وقت ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن جون آفيسون ۽ گهر پڻ ساڙيا ويا.

9 اپريل جي ساڳي شام ايم ڪيو ايم قيادت دعوي ڪئي تہ اُهي حملن جو نشانو بڻيا ۽ حملن ۾ سندن ڪارڪنن جون جانيون ضايع ٿيون. پر ماڻهن کي 12 مئي 2007ع وارا واقعا چٽي ريت ياد آهن. جڏهن چاڻايل ڏُر پاران چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري کي ڪراچي ۾ داخل نہ ٿيڻ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. اهو ڪريڊٽ ايم ڪيو ايم کي ڏيڻ گهرجي تہ اُنهن ايئن ڪري ڏيکاريو. جو پوءِ افتخار چوڌري ۽ سينئر وڪيل جيڪي اسلام آباد مان ڪراچي ۾ وڪيلن کي خطاب ڪرڻ آيا هُئا، جناح ايئرپورٽ تان ئي واپس موٽي ويا. ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن کي ايئرپورٽ ٽرمينل تائين وڃڻ نہ ڏنو ويو. سڄي ڏينهن جي خونريز منظر ۾ 45 کان 50 ماڻهو جانيون وڃائي ويٺا ۽ پوءِ ايم ڪيو ايم دعوي ڪئي ٿہ هڪ درجن کن سندن ڪارڪن بہ مارجي ويا آهن. ساڳئي ئي 12 مئي جي رات پرويز مشرف ”ڪرائي جي ميڙاڪي“ ۾ ڪلندي هوا ۾ مُڪون لهرائيندي اُن کي عوامي طاقت جو مظاهرو ڪوٺيو. حالانڪ اُن ڪوس ۾ 50 ماڻهو حياتيون وڃائي ويٺا هئا. جڏهن تہ مشرف 12 مئي جي واقعن جي جاچ جي ڳالھہ تي ناراضگي جو اظهار ڪيو هو. سنڌ جي گورنر ڊاڪٽر عشرت العباد ۽ تڏهوڪو وزير اعليٰ ارباب رحيم 12 مئي واقعي جي تحقيقات کان پاسيرا رهيا. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 7 ميمبرن تي ٻڌل بئنچ، جنهن جي سربراهي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس صبيح الدين احمد پئي ڪئي. ان جي تحقيقات شروع ڪئي. ايم ڪيو ايم جي حمايتين ڪورٽ کي ڪڙو چاڙهيو ايئن پوءِ 3 نومبر 2007ع تي ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ اعليٰ عدالتن جي ججن کي هٽايو ويو ۽ اها جاچ رولڙي جو شڪار ٿي وئي.

جيتوڻيڪ صورتحال بد کان بدتر هئي، پر اهو ڪريڊٽ بينظير ڀٽو ڏانهن وڃي ٿو جنهن عام چونڊن لاءِ ماحول سازگار بڻايو انهيءَ جدوجهد ۾ هن 27 ڊسمبر 2007ع تي پنهنجي جان بہ وڃائي. ايئن پوءِ عام چونڊون 8 جنوري 2008ع کان 18 فيبروري 2008ع تائين ملتوي ڪيون ويون. پر پوءِ چونڊون تہ ٿيون پر نتيجا اهڙا نہ آيا جهڙا ضياءَ يا مشرف جي خواهش ٿي پئي سگهي.

جيتوڻيڪ نئين حڪومت جي قيام وقت مسلم ليگ (ق) ۽ ايم ڪيو ايم حڪومت جي حمايت ڪئي، پر هاڻي اُهي اُنهن لاءِ هر طرح جا مسئلا پيدا ڪرڻ ۾ اڳيان اڳيان آهن.

پر 18 فيبروري جي عام چونڊن ۾ عوام تبديليءَ لاءِ ووٽ ڏنو جنهن ڪي پ پ، مسلم ليگ (ن)، عوامي نيشنل پارٽي ۽ جي يو آءِ قبول ڪيو. باوجود گهڻن مسئلن ۽ مونجهارن جي اهو ڪريڊٽ وري بہ چاڻايل سياسي ڌرين جي ڪارڪنن ۽ قيادت ڏانهن وڃي ٿو تہ اُهي هر لحاظ کان متحد رهيا ۽ صورتحال کي منهن ڏنائون. نظر ائين پيو اچي تہ ايم ڪيو ايم لاءِ ڏکيا ڏينهن اچڻ پيا. سڀ ماڻهو اُن ڳالهہ تي متفق آهن تہ مذڪوره ڌر جمهوريت کي تهس نهس ڪندڙ آهي. ماضيءَ ۾ اهو ڪم جماعت اسلامي ڪيو. جڏهن اُن 1953ع ۾ احمدين خلاف لاهور ۾ هنگامن جي قيادت ڪئي ۽ اُن ڪري مُلڪ ۾ پهريون مارشل لا لڳو. اُن ساڳئي ڪاروائي 1973ع ۾ ڀٽي خلاف ورجائي، هاڻي جمهوريت کي نهوڙڻ وارو اهو ڪردار ايم ڪيو ايم نڀائي رهي آهي.

ائين پلا چونہ ٿو ٿئي تہ رڳو ڪراچي ۾ ئي "نظر نہ ايندڙ" ماڻهو هتان هُتان روڊن تي اچي معصوم ماڻهن کي موت جو ٻڪ ٻڌائي وڃن ٿا. 9 اپريل تي 150 موٽر سوار ماڻهو هِتان هُتان نڪري آيا ۽ اُنهن ڪيترن ماڻهن کي ماريو تہ زندهہ بہ ساڙيو ائين ئي لساني ڌر 12 مئي تي ڪراچي کي يرغمال بڻايو هو. اهڙن واقعن سبب متحده پنهنجا حامي وڃائي رهي آهي. ماڻهو هاڻي وڌيڪ سمجهدار ٿي ويا آهن اهي هڪ ڀيرو ٻيهر Rise and Fall of Third Reich پڙهڻ لڳا آهن، جنهن ۾ اها بہ ڄاڻ آهي تہ ايڊولف هٽلر جرمني اندر 'نيشنل سوشلسٽ پارٽي' ۾ جونيئر ميمبر طور ڪيئن شامل ٿيو هو. پهرين هن بہ همدرديون حاصل ڪيون. پوءِ هن اهڙا ڪارناما ورجايا جو ڪيترائي حامي ۽ دوست وڃائي ويٺو. 1931ع جي چونڊن ۾ سندس پارٽي سنگل پارٽي طور وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي هئي. جڏهن تہ ٻئي نمبر تي ڪميونسٽ پارٽي ڪاميابي ماڻي هئي، هن جرمن اسيمبلي ٿاهي، جنهن هڪ ماڻهوءَ کي پيٽرول ۽ ماچيس سان گرفتار ڪيو ويو جنهن

کي ڪميونسٽ پارٽي جو همدرد ظاهر ڪيو ويو هو. اُن تي الزام مڙهيو ويو هو تہ هن جرمن اسيمبلي عمارت کي باھ ڏئي ساڙڻ پئي چاهيو. پوءِ سوين ڪميونسٽن کي هڪ رات ۾ گوليون هڻي ماريو ويو. اهو ئي ڪيڏاڙ سوهارتو 1966ع ۾ انڊونيشيا ۾ دهرايو هو.

ماضيءَ جو جيڪڏهن اهو زمانو ساريون ٿا تڏهن بہ سيڪجھ سندن خلاف پيو وڃي ۽ سڄي ملڪ ۾ متفقہ راءِ عامہ ايم ڪيو ايم خلاف جڙي آهي. الطاف حسين تازو ايم ڪيو ايم جي قيادت تان استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو جنهن کي ڪنهن بہ سنجيدگيءَ سان نہ ورتو. ايئن اهڙن اعلانن جي ٻن ڪلاڪن کانپوءِ استعيفا واپس ورتي وئي. پر هاڻ ماڻهو اهو بہ چوڻ لڳا آهن تہ الطاف حسين پاڪستان ڇو نہ ٿو اچي؟ بينظير کي پنهنجي دشمنن جي خبر هئي، پر پوءِ بہ هوءَ آئي، پنهنجي حامين کي گڏ ڪيائين ۽ 18 فيبروري جي چونڊن لاءِ کين وڏو اُتساھ ڏئي وئي تہ پوءِ الطاف حسين ايئن ڇو نہ ٿو ڪري ۽ هتي اچي98 سيڪڙو غريب عوام کي 2 سيڪڙو شاهوڪار حڪمرانن خلاف گڏ ڇو نہ ٿو ڪري؟ ڀلا پاڻ جيڪڏهن غريبن جي ڳالھ تي غور ڪريون ٿا تہ مشرف کي ڪٿي رکبو؟ 98سيڪڙو غريبن ۾ يا 2 سيڪڙو شاهوڪار حڪمرانن ۾؟ وقت اچي ويو آهي تہ الطاف حسين پاڪستان موٽي اچي ۽ هتان جي غريب عوام کي تعليم سان روشناس ڪرائي.

(15 اپريل 2008ع)

***

# پير پلو يا ويساهہ پلو

پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري 28 اپريل تي هڪ خانگي ٽي وي چئنل کي انٽرويو ڏيندي چيو تہ هو پاڻ بہ عدالتي بي حسي جو شڪار ٿيو "اعليٰ عدالتن اٺن ورهين ۾ منهنجي ڪيسن جو آخر فيصلو ڇو نہ ڪيو؟" 28 اپريل جي رات هڪ خانگي چئنل تي نشر ٿيندڙ پنهنجي انٽرويو ۾ زرداريءَ سوال اُٿاريو تہ آصف علي زرداري پنهنجي پارٽي جو چونڊيل سينيٽر هو پر هن کي ٽن سالن تائين سينيٽ جي اجلاسن ۾ شريڪ ٿيڻ نہ ڏنو ويو. تڏهن ميڊيا ۾ اهڙيون ڪجهہ خبرون آيون هيون تہ جسٽس افتخار چوڌري ڪيئن نہ انهن ڪيسن جي شنوائين کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو. حالانڪ زرداري جو وڪيل فارق نائيڪ انهن جو تڪڙو اُڪلاءُ چاهي پيو. "باوجود ان جي آءُ انتقامي سوچ نٿو رکان" هن واضح ڪندي اعلانيہ چيو تہ عدليہ کي پارليامينٽ ذريعي سڌارن جي ضرورت آهي.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو گڏيل حڪومت جنهن ۾ پ پ، مسلم ليگ (ن) اي اين پي شامل آهي، هڪ مهينو گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ سپريم ڪورٽ، چيف جسٽس افتخار چوڌري ۽ 60 ججن جي بحالي جو مسئلو حل نہ ڪري سگهي آهي. جڏهن تہ سڄي ملڪ جي وڪيلن پهرين اپريل کان ابتي ڳڻپ شروع ڪري ڇڏي هئي. جيئن ئي اپريل ٽئين هفتي ۾ داخل ٿيو تيئن ئي لاهور، اسلام آباد ۽ ڪراچي جي بار ايسوسيئيشنن ۽ بار ڪائونسلن ان حوالي سان دٻاءُ وڌائيندي ريليون ۽ گڏجاڻيون منعقد ڪرڻ شروع ڪيون.

قومي اسيمبلي جي اپريل جي ٽئين هفتي ۾ ڪوٺايل اجلاس ۾ اها اميد ڪئي پئي وئي تہ ان ۾ ججن جي بحالي لاءِ ٺهراءُ پيش ڪيو ويندو. جڏهن تہ 25 اپريل تي آصف زرداري ۽ نواز شريف جي رٿيل ملاقات، ۾ پڻ

قومي اسيمبلي ۾ ججن جي بحالي بابت پيش ٿيندڙ دستاويز جي منظوري جي توقع ڪئي پئي وئي. ليڪن بنا ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي جمعي ڏينهن ڪونايل قومي اسيمبلي جو اجلاس ملتوي ڪيو ويو ۽ آصف زرداري اوچتو دبئي هليو ويو. چوڌري اياز امير جيڪو ”ڊان“ اخبار جو مشهور ڪالم نگار ۽ اڄڪلهه مسلم ليگ (ن) جو قومي اسيمبلي جو ميمبر پڻ آهي، اهو قومي اسيمبلي جي مذڪوره اجلاس ملتوي ٿيڻ تي ڏاڍو ناراض نظر آيو.

ان ڪانپوءِ ملڪ ۾ افواهن جو اٽڪٽ سلسلو هلي پيو آهي. افواهن جي انهي لهر ڪرنسي جي ڪاروبار کي بہ وڏيڪ هنيو آهي. اهي افواهہ بہ ٻڌا ويا تہ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جو مخلوط اتحاد ٽٽي چڪو آهي. واضح رهي تہ ڪجهہ ڏهاڙا اڳ ئي سنڌ حڪومت سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس ۾ تبديليون آڻيندي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ۽ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جو انتظام سنڀالي ورتو آهي، جنهن تي سنڌن ايم ڪيو ايم سان ڇڪتاڻ پڻ پيدا ٿي آهي.

اهڙي صورتحال مارڪيٽ ۾ وينل وڏين مڇين کي روپئي جي ڪمزور پوزيشن تي وار ڪرڻ جو موقعو مهيا ڪيو. اسٽاڪ مارڪيٽ جا بروڪر جيڪي اڳوات ئي حڪومت تي ننڍن سيڙپڪارن جا 70 بلين رپيا ٻوڙڻ جي پارليامينٽري تحقيقات ڪرائڻ جي حوالي سان ڪاوڙيا وينا آهن، انهن ننڍن سيڙپڪارن کي وري تنگ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. شاهوڪار سيڙپڪار ڪجهہ وڏيڪ ٽيڪس مڙهجڻ تي بہ ڏمريل ڏسجن ٿا. ڇنڇر 27 اپريل تي پاڪستان جي روپئي جو ملهہ ڊالر جي ڀيٽ ۾ وڃي 64 روپيا بيٺو. ايئن پوءِ اسٽيٽ بئنڪ 26 رجسٽرڊ مني ايڪسچينج ڪمپنين کي اسٽيٽ بئنڪ سان 250,000 ڊالرن جي مٽا سٽا لاءِ پابند ڪيو. ايئن ٿيڻ سان ڪجهہ رليف تہ مليو پر ڊالر جي خريداري تي دٻاءُ گهٽجي نہ سگهيو.

اهو دراصل سياسي فضا ۾ مختلف افواهن جو ئي نتيجو آهي. جيڪڏهن اهڙي سياسي غير يقيني برقرار ٿي رهي تہ پوءِ اهو امڪان هر وقت موجود آهي تہ مارڪيٽ مان عام واهپي جون شيون اوچتو گم ٿي وڃن، سنڌ ۽ پنجاب جون حڪومتون تہ اڳ ۾ ئي هارين کان ڪڻڪ خريد ڪري

ذخيرو ڪرڻ جي سلسلي ۾ مشڪلاتن جو شڪار آهن. چاڪاڻ جو ضلعي توڙي بين الصوبائي سطح تي ڪڻڪ جي چرپر تي بندش آهي. ايئن ان ڪري آهي جوفواهه ڦهلائيندڙ اسٽاڪ بروڪرن جي مدد سان هارين کان 625 رپيا في 40 ڪلوگرام ڪڻڪ خريد ڪري رهيا آهن. واضح رهي تہ وچ ايشيائي رياستن، افغانستان، ايران ۽ ڀارت ۾ بہ ڪڻڪ جون قيمتون پاڪستان کان وڌيڪ آهن، ممڪن آهي تہ مارڪيٽ ۾ عدم استحڪام پئدا ڪندڙ سيپٽمبر ۾ کاڌ خوراڪ جي حوالي سان ملڪ ۾ قلت پئدا ڪن، تڏهن رمضان شريف بہ اچي چڪو هوندو ۽ اهو انهن لاءِ صحيح وقت هوندو ماڻهن جي جذبات کي ڀڙڪائي بدترين بحران پئدا ڪرڻ جو.

گڏيل حڪومت ۾ شامل پارٽيون ۽ سندن قيادت يقيني طور تي اهڙين سيني چالبازين کي سمجهي ٿي، پر اهي دراصل ٻين گهٽن معاملن ۾ ڦاٿل آهن، آصف زرداري تي وي پرگرام ۾ درست چيو تہ ماڻهن پ پ کي اڪثريتي مئنڊيٽ اٽي، لٽي ۽ اجهي لاءِ ڏنو آهي. هن چواٽي هٽايل ججن جي بحالي بہ هڪ مسئلو ضرور آهي، پر اهو ماڻهن کي زندگي جون بنيادي ضرورتون مهيا ڪرڻ کان وڌيڪ اهم ناهي، هن اعلان ڪيو تہ ججن جي بحالي آئيني پئڪيج ذريعي ٿيندي، پئڪيج ۾ عدالتي سڌارا، عدليہ کي ماڻهن ڏانهن ذميوار بڻائڻ ۽ عوام دوست ادارو بڻائڻ ترجيح هوندي.

اهو بہ ڏسڻو آهي تہ ججن جي بحالي ڪيئن ٿي ممڪن ٿئي ۽ پيش ٿيندڙ آئيني پئڪيج ۾ ڇا هوندو؟ ۽ اهو هينئين عدالتن کي ڪيترو ذميوار بڻائي سگهندو. يقيني طور تي پ پ، مسلم ليگ (ن) ۽ ٻين اتحادي ڌرين کي ججن جومعاملو قانوني ۽ آئيني طرح حل ڪرڻ گهرجي.

ليڪن اصل مسئلو ملڪ ۾ وڌندڙ غربت بيروگاري ۽ روزمره جي استعمال جي شين جون وڌندڙ قيمتون آهن، جيڪو هرايندڙ ڏينهن هڪ ڏماڪيدار بم جي شڪل اختيار ڪندو پيو وڃي. ماڻهو ڏينهون ڏينهن بد کان بدتر صورتحال ڏانهن ڌڪجي رهيا آهن. جڏهن تہ چؤطرف انهي بدتر صورتحال جو فائدو کڻڻ لاءِ ڳجهون پڻ گڏ آهن.

اها ڳالهہ بنهہ سمجهڻ جي آهي تہ آصف زرداري دبئي پنهنجي ڀارڙن سان ملڻ ويو. مسلم ليگ (ن) جي ٽيم بہ دبئي وئي. حڪمت عملي اها هئي

تہ اتي ججن جي معاملي تي ڳالهيون ڪري ان کي ڪا حتمي شڪل ڏني وڃي، ڇو تہ دبئي، ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد کان پري آهي. جنهن ڪري ميڊيا جي سوين ماڻهن ۽ ڪئميرائن جي اک کان پري رهي سگهبو. حقيقت اها آهي تہ ميڊيا اڳواٽ ئي ڪي افواهہ هلائي ڇڏيا. جڏهن تہ آصف علي زرداري، شهباز شريف ۽ سندن ٽيم جا ميمبر دبئي ۾ اهڙي ڪنهن دباءُ ۾ ناهن، اميد ڪئي پئي وڃي تہ اهي ترت ڪنهن معاهدي تي پهچي ويندا.

مخلوط حڪومت لاءِ اهو پڻ ضروري آهي تہ ٻين معاملن سان گڏ ملڪ جي اقتصادي سماجي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي. ماڻهو اهو ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ناهن تہ گذريل حڪومت جي ڪري مسئلا آهن. هڪٻئي تي الزام تراشي جو اهو سلسلو گذريل 60 سالن کان هلندڙ آهي. جنرل ضياءَ الحق جڏهن اقتدار تي قابض ٿيو تہ هن پيٽي خلاف ڪرپشن ۽ اختيارن جي غلط استعمال جو اهڃو ڇنو جاري ڪيو پر گهڻن ماڻهن مٿس اعتبار ڪيو هو؟ اهي وائيٽ پيپر هاڻي ”ٽوائلٽ پيپر“ بڻجي چڪا!

بينظير ڀٽو آگسٽ 1990ع ۾ جڏهن معطل ڪئي وئي تڏهن نگران ۽ نواز شريف مٿس فنڊن ۾ بدعنوانين جا الزام مڙهيا هئا. انهي حد تائين جو اسٽيٽ بئنڪ پڻ پنهنجي رپورٽ تبديل ڪري بينظير دور کي خراب حڪمراني ۾ شمار ڪيو. پر ان ڳالهہ بہ نوازشريف کي گندو ڪرڻ ۾ گهڻو وقت نہ ورتو. ڇو تہ 1999ع ۾ مشرف ۽ شوڪت عزيز اڳي حڪومتي واڳون سنڀاليون ۽ نواز شريف کي اقتصادي بحرانن جو ذميوار ڄاڻايو. هاڻي جڏهن شوڪت عزيز هليو ويو آهي تڏهن اقتصادي بدحالي جو نڪر مٿس پڳو پيو وڃي. ليڪن سوال اهو آهي تہ انهن حڪومتن دوران ننڍن هارين، پورهيتن، صحافين، يونيورسٽي، ڪاليج ۽ اسڪول استادن جون حالتون ڪهڙيون رهيون؟ مشڪل سان انهن جي حالتن ۾ ڪا تبديلي آئي هوندي!

هاڻي ماڻهو تبديلي چاهين ٿا يا گهٽ ۾ گهٽ تبديلي جا اشارا الزامن واري ڪيڏاڙ ۾ پوڻ ڪانسواءِ اتحادي ڌرين کي پنهنجو ڪم ڪرڻ گهرجي. ماڻهو سندن ڪارڪردگي ڏسڻ گهرن ٿا. قومي مفاهمت جو عڪس پاليسين ۾ هر هنڌ نظر اچڻ کپي!

***

# حڪومتي اتحاد ۾ ڦيٽاڙو ڪٿي ڇيهه ڪندو؟

مخالف سياسي ڌرين جي اهم اتحاد نهڻ ڪانپوءِ پاڪستان هن وقت سياسي ۽ اقتصادي تاريخ جي انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي. اتحاد جڙڻ جي هڪ مهيني ڪانپوءِ مسلم ليگ (ن) طرفان وفاقي ڪابينا کان علحدگي سبب اهو اتحاد عملي طرح ورهائجي چڪو آهي، مارچ جي پڇاڙي ۾ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) اتحادي حڪومت جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مئي جي ٻئي هفتي دوران وڇوٽي جو فيصلو ڪيو ۽ مئي جي ٻئي هفتي دوران ان ۾ وڇوٽي اچي وئي. اها وڇوٽي رڳو سياسي اتحاد ۾ ناهي بلڪ حڪومت ۾ به سامهون آئي آهي.

پاڪستان ۾ اقتصادي صورتحال نئون رخ اختيار ڪري رهي آهي، ناڻي واڌ مئي مهيني ۾ اڳوڻا سمورا رڪارڊ ٽوڙيندي 18 سيڪڙو تي وئي آهي. بجيٽ جو گهاٽو ملڪ جي ڪل آمدني برابر آهي. ۽ ٻاهريون عدم توازن "ڊبل ڊجٽ" ۾ آهي. 8-2007ع ۾ واپاري عدم توازن جا انگ اکر ڪاٽي موجب 20 کان 21 بلين ڊالرز آهن. تيل جي اگهن ۾ عالمي طور واڌ ۽ عام واهپي جي شين جا اگهه رُڪجڻ جو نالو ئي نٿا وٺن.

"جيڪڏهن اهي سڀ سياسي واقعا ۽ اقتصادي مامرا ملڪ ۾ ٿين ٿا ته پوءِ آخر ڇا ٿيندو؟" اهو اهڙو منطقي سوال آهي جيڪو هر هنڌ پڇيو وڃي ٿو. پهرين ڳالهه اها ته پاڪستان سياسي اتحادن واري دور ۾ داخل ٿيو آهي. دنيا جا ڪيترائي ملڪ، پاڙيسري ملڪ ڀارت سميت گذريل 25 ورهين کان وڏيڪ عرصي کان اتحادن ۾ هلي رهيا آهن. گذريل منيٰ صديءَ کان رياستي حڪومتون ٺهنديون ۽ ڊهنديون رهيون آهن. ليڪن ڀارت سياسي اقتصادي ۽ سماجي طرح ان عرصي دوران وڏيڪ سگهارو ٿيو آهي. "اسان

تہ في الحال رکو داخل ٿيا آهيون“ پ پ جي هڪ ڪارڪن چيو. هن چواڻي جيڪڏهن مسلم ليگ (ن) حڪومت کان ڌار ٿي آهي تہ چا ٿي پيو. پ پ جو وري ٻين سياسي قوتن سان اتحاد جڙي ويندو. ”سمورن مسلم ليگي ڌڙن جو هڪ هنڌ تي وچڻ ڪي بہ نہ وسارڻ گهرجي“ هو وڌيڪ چوي ٿو.

جيڪي ماڻهو پ پ، مسلم ليگ (ن) مسلم ليگ (ف) مسلم ليگ (ق) ۾ سياسي طرح سرگرم آهن، اهي چون ٿا تہ ملڪي اشوز سياسي اڳواڻن تي حاوي ٿي رهيا آهن. ”انهي ۾ ڪو شڪ ناهي تہ آصف زرداري، نواز شريف، چوڌري شجاعت، ۽ چوڌري پرويز الاهي ضروري آهن.“ هڪ سرگرم سياسي ڪارڪن چيو پئي. ليڪن هن صلاح ڏني تہ هاڻي مسئلن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ گهرجي.

مثال طور مسلم ليگ (ن) هٽايل سمورن ججن جي 30 اپريل ۽ 12 مئي تائين بحالي پئي چاهي ۽ بحال نہ ٿيڻ جي صورت ۾ اها حڪومتي اتحاد کان الڳ ٿي وئي. هاڻي بہ مسلم ليگ (ن) پ پ طرفان ججن جي قرارداد ذريعي آئيني پئڪيج سان بحالي جو انتظار پئي ڪري. ”اهو ڪو شخصيتن جو ٽڪراءُ ناهي بلڪ هٽايل ججن جي بحالي ۽ عدليہ جي آزادي جو مسئلو آهي.“ هڪ سياسي ورڪر جو چوڻ هو.

مسلم ليگ (ن) جا ڪارڪن جج بحال نہ ٿيڻ تي سخت چڙيل آهن ۽ انهن جو خيال آهي تہ ان مامري تي پ پ ساڻن دوکو ڪيو آهي. واضح رهي تہ پوربن ۾ ٿيل معاهدي ۾ ججن جي قومي اسيمبلي مان ٺهراءُ ذريعي بحالي ۽ پوءِ وزيراعظم جو ايگزيڪيوٽو آرڊر جاري ڪرڻ جي واضح ڳالهہ ڪيل آهي. پ پ ڪڏهن بہ ججن جي بحالي لاءِ آئيني پئڪيج جي ڳالهہ نہ ڪئي هئي. نہ وري پ پ ايگزيڪيوٽو آرڊر ذريعي ججن جي بحالي سبب ان جي امڪاني ناڪاري پهلوئن تي ڳالهايو هو.

پ پ سان لاڳاپيل حلقا ججن واري معاملي تي مسلم ليگ (ن) تي اهو الزام مڙهين ٿا تہ اها سياسي فائدو ڪٽڻ چاهي ٿي، ”پنهنجو اسڪور وڌائڻ جو اهو نهايت ڪريل طريقو آهي.“ پ پ جي هڪ مقامي اڳواڻ ٻڌايو.

مسلم ليگ (ن) کي اتحادي حڪومت کي ججن جي بحالي جي سلسلي ۾ درپيش قانوني ۽ آئيني پيچيدگين کي منهن ڏيڻ تي همٿائڻ گهرجي. ڇو ته پ پ عدليه ۾ موجود آئيني مونجهارن کي دور ڪري اسيمبلي قرارداد ۽ ايگزيڪيوٽو آرڊر ذريعي ججن جي بحالي چاهي ٿي. پ پ جا حامي عدليه بابت اهڙا دليل ڏين ٿا.

غيرجانبدار صحافي، وڪيل، سياسي ۽ سماجي ڪارڪن جن جو پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) سان تعلق ناهي اهي ٻنهي پارٽين تي الزام مڙهين ٿا ته انهن طرفان 18 فيبروري جي اليڪشن دوران ڪافي حقيقتن کي نظرانداز ڪيو ويو. "مذڪوره سربراهه جنهن وقت چونڊ پڌرنامو لکي رهيا هئا تڏهن ان ۾ انهن آئيني، قانوني، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن کي نظرانداز ڪيو." سماجي مسئلن تي ڪم ڪندڙ هڪ دانشور چيو. "مون کي ٻڌايو ته اسان مان گهڻن ماڻهن سوچيو ته قانوني ۽ آئيني ماهرا واپس بحال ڪيئن ٿيندا؟ هن سوال پڇيو ۽ پوءِ پاڻ ئي جواب ڏيندي چيائين مشڪل سان ڪنهن هڪ اڌ ماڻهو ان ڳالهه تي ويچاريو هوندو ته ڪيئن نه آمرن طرفان اسان جي عدليه، آئين ۽ انتظامي مشينري ۾ مداخلت ڪري ان جا بخيا اڌيڙيا ويا.

ان سلسلي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ ٻه ٽيون اڪثريت نه هجڻ، ڇو ته اهي سڀ مونجهارا پيدا ڪندڙ شخص کي ان ڪانسواءِ ٻاهرنڪتو ڪيئي سگهجي ۽ اهو شخص مشرف آهي. هن مڪمل اختيار حاصل ڪيا ۽ سموري عدليه، وڪيل برادري جي هيرو چيف جسٽس چوڌري افتخار سميت ڪيس بااختيار بڻائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو جنهن ڪري هو اهو سڀ ڪجهه ڪري وڃي پار پيو.

سنڌ سماءُ واري وفاقي وزير شيري رحمان صحافين سان ايئرپورٽ تي ڳالهائيندي چيو ته "ججن جي مسئلي کي حل ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو آهي ته ڪين انقلاب ذريعي آندو وڃي." هڪ ڪامياب انقلاب خود قانون هوندو آهي. اهو هڪ مڃيل عالمي اصول آهي. پر اهو قانون پاڪستان ۾ رڳو آمرن ۽ ڪامورن اقتدار تي قبضي لاءِ لاڳو ٿيئي ڪرايو آهي. غلام

محمد کي جسٽس منير اچي ڪاري جو ملڪ ٻڌايو. پوءِ ايوب خان، ضياءُ الحق ۽ هاڻي مشرف کي ملڪ تي حڪمراني جو قانوني لائسنس ڏنو ويو پر هتي ڪو بہ عوامي انقلاب ناهي آيو. عوام رڳو 3 نومبر جي غيرقانوني ايمرجنسي تحت ٿيل عام چونڊن ۾ پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو. انڪري هڪ غيرقانوني آئيني آرڊر جي قانوني ۽ آئيني حد بندين کان فرار اختيار نٿو ڪري سگهجي.

مسلم ليگ (ن) جي اعليٰ قيادت انهن آئيني حد بندين کي محسوس ڪري ٿي. اهي اهو بہ ڄاڻن ٿا تہ اهي ججن جي بحالي لاءِ تاريخ مقرر ڪرڻ جي ڪري بہ متاثر ٿيا آهن. مختصر اهو تہ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) ۾ جدائي تہ ٿي آهي، پر مامرو اڃا طلاق تائين ناهي پهتو. ان ڪري انهي ڳالهہ کي قطعي رد نٿو ڪري سگهجي تہ اهي پارٽيون وري ٻيهر گڏجي ويهن.

اهي بہ اطلاع آهن تہ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم کي مسلم ليگ (ق) جي ويجهو آندو پيو وڃي. ان مقصد لاءِ چيو پيو وڃي تہ مشرف، چوڌري شجاعت کي ناصر چٺا يا منظور وٽو کي اڳتي آڻي هٽائڻ ٿو چاهي. ليڪن ويجهڙ ۾ آيل رپورٽن موجب چٺا، چوڌرين سان وڃي مليو آهي. 18 مئي تي اها بہ خبر آئي آهي تہ چوڌرين جي چوڌري نثار سان اتفاقي ملاقات ٿي. اهو عين ممڪن آهي تہ مخالف سياسي ڌريون وري هڪٻئي سان گڏجي وڃن، خاص طور هڪٻئي جي مخالف چوڌرين جي ملاقات ڪا چڱي خبر آڻي سگهي ٿي.

سو سياسي منظر نامي تي مثبت سياسي تبديليون اچن پيون. 17 مئي تي وڪيلن 10 جون کان ججن جي بحالي لاءِ لانگ مارچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. حڪومت وڪيل اڳواڻن کي نہ تہ غدار ٿي چوي نہ وري مخالفن جو ايجنٽ. شيري رحمان چواڻي وڪيلن کي احتجاج ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي. ايئن ان کان اڳ ڪڏهن ٿيو آهي؟ پ پ جي فيصلن ۽ حڪمت عملي سان ڪير اختلاف تہ ڪري سگهي ٿو پر اهو جمهوريت جو حصو آهي.

سياسي قيادت ۽ حڪومت لاءِ ملڪ جون اقتصادي ۽ سماجي حالتون وڏو للڪار آهن. هتي ڪا بہ اهڙي انقلابي تحريڪ ناهي جيڪا اسٽاڪ

ايڪسچينج جي شاهوڪار بروڪرن، واپارين، ريئل اسٽيٽ ڊيلرن، ڊيولپرز، ٺيڪيدارن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن، وڪيلن، وڏن زميندارن ۽ ٻين تي ضابطو آڻي سگهي. ماڻهو اهو چاهين ٿا ته انهن شاهوڪار ماڻهن کان سندن آمدنيءَ تي ٽيڪس ورتو وڃي ۽ اهو به ڄاڻڻ جو حق رکن ٿا ته اهي ايترا ڏوڪڙ ڪيئن ٿا ڪمائين؟

شوڪت ترين کي وزارت خزانه جو صلاحڪار ۽ ايڊوائزري ڪائونسل تي مقرر ڪيو ويو آهي، هن هڪ خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي چيو ته شاهوڪار هجڻ ڪو ڏوهه ڪونهي. حقيقت ۾ ماڻهو شاهوڪار ماڻهن کان رت ۽ سر جي صدا نه پيا هڻن. پر ملڪ ۾ وڌندڙ غربت هڪ وڏو مسئلو آهي، ان ڪري غريب ۽ امير ۾ فرق تيزي سان حدون اورانگهي چڪو آهي. ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته امير ترين ماڻهن کي ٽيڪس جي جڪڙ ۾ آندو وڃي ۽ ماڻهو اهو ڄاڻڻ ٿا چاهين ته اهي ڪمائن ڪيئن ٿا؟ وڌندڙ سماجي ۽ اقتصادي بدحالي ملڪ لاءِ خطرناڪ مسئلو بڻيل آهن. سياسي قيادت کي اهي مسئلا ترجيحي طور حل ڪرڻا پوندا.

(15 مئي 2008ع)

***

# پيچڻ ڪم وريامن جو

هاڻوڪي سياسي منظرنامي ۾ ميڊيا تبديلي لاءِ ڏاڍي اُتاولي نظر اچي پئي. صدر پرويزمشرف جي اسٽيٽس ۽ سپريم ڪورٽ جي ججن جي بحالي بابت ميڊيا ڪيترين ئي ڪٿائون هڏائي ٿي. خانگي ٽي وي چئنلن جا مشهور "ٽاڪ شوز" ڏسو توهان کي پتو پئجي ويندو تہ اهڙي تبديلي لاءِ ميزبان ڪيترو اُتاولا آهن. ڪيترين اخبارون تہ اهڙيون رپورٽون شايع ڪري رهيون آهن.جن کي اسان ڪنهن بہ آبجيڪٽوَ ۽ فيئر رپورٽنگ جي زمري ۾ نٿا ڳڻي سگهون. اهي سموريون رپورٽون پ پ حڪومت طرفان هٽايل ججن جي بحالي ۽ صدارت تان پرويز مشرف کي هٽائڻ جي سلسلي ۾ "رمزن" سان پريون پيون آهن.

عام طرح بي صبري ۽ اتاولائپ گهڻو ڪري سياستدانن ۾ ٿيندي آهي. اهي چاهيندا آهن تہ معاملا سندن مرضي موجب ۽ جلدي اُڪلائجن. انهن کي جڏهن بہ موقعو ملندو آهي تہ پنهنجن مخالفن کي چيپاٽي ڇڏيندا آهن. ليڪن اسان ميڊيا جي دوستن جي ناخوش هجڻ جو سبب اهو آهي تہ پ پ جو ڪو چيئرپرسن آصف علي زرداري جلد بازي ڪرڻ بدران مامرا ٽڏائپ سان پيو نبيري!

زرداري ۽ نواز شريف 'پوربن پڏرنامي' ۾ حڪومت نهڻ جي هڪ مهيني اندر قومي اسيمبلي مان ٺهراءُ ذريعي سپريم ڪورٽ جي لاٿل ججن کي بحال ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. حڪومت طرفان ججن جي هڪ مهيني اندر بحالي ۾ ناڪامي کانپوءِ مسلم ليگ (ن) جي سربراهہ ميان نواز شريف واعدي موجب پنهنجي پارٽي جي 9 وفاقي وزيرن کان استعيفائون ڏياريون. پر ساڳئي وقت نواز شريف ڪا گهڻي ڪاوڙ بہ نہ ڏيکاري. نواز شريف، توڙي

سندس پارٽي جي رهنمائن کي ميڊيا طرفان چيڙائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي وئي. انهي حد تائين جو ججن جي بحالي لاءِ 12 مئي تائين وڌايل تاريخ بہ آئي ۽ بنا ڪنهن نتيجي جي گذري وئي. ان ڳالهہ ميڊيا کي سياستدانن کان بہ وڌيڪ جذباتي ڪري ڇڏيو!

هاڻي پهرين جون 2008ع تي (آچر ڏينهن) پ پ سان لاڳاپيل قانون واري وفاقي وزير فاروق نائڪ، نواز شريف سان سندس رائيونڊ واري رهائشگاهہ تي ملاقات ڪري کيس آئيني پئڪيج ڏنو. "اسان نهايت سادو مسودو تجويز ڪيو آهي. جنهن ۾ اتحادي پارٽين، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ وڪيل برادري جي صلاح مشوري سان ترميمون ڪري سگهبيون." فاروق نائڪ لاهور ۾ نواز شريف جي گهر ٻاهران موجود صحافين کي ٻڌايو. هن چواڻي چئني اتحادي پارٽين پ پ، مسلم ليگ (ن) اي اين پي ۽ متحده جي فيصلي کانپوءِ اهو آئيني پئڪيج قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويندو.

هاڻي وفاقي بجيٽ مٿان آهي جيڪا 7 جون تي پيش ٿيڻي آهي، بلڪ هي سٽون ڇپجڻ تائين پيش بہ ٿي چڪي هوندي. بجيٽ کانپوءِ لڳ ڀڳ ٻي هفتا تہ ان تي بحث ٿيندو. ان ڪري آئيني پئڪيج ممڪن آهي تہ جولاءِ يا آگسٽ ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ سمورا مرحلا طئي ڪندي، ان تي سيپٽمبر ۾ وڃي بحث ٿئي. ان وقت تائين ڌپ اهو آهي تہ ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو!

جڏهن تہ ڪراچي ۾ عجيب قسم جا هورڊنگ بہ لڳڻ شروع ٿي ويا آهن. اهڙن هورڊنگس ۾ مشرف، ڪياني ۽ وزيراعظم يوسف رضا گيلاني کي گڏ ڏيکاريو ويو آهي. اهڙا لڳل هورڊنگ لياقت نيشنل اسپتال، اردو يونيورسٽي، جيل چورنگي، ڪئپري سينئما ۽ ٻين هنڌن تي ڏسي سگهجن ٿا. اهي هورڊنگ "الحمد" نالي ڪنهن تنظيم طرفان هنيا ويا آهن. آخر اها الحمد تنظيم آهي ڇا؟ ۽ اها هورڊنگ هٽي ڪهڙي مهم پئي هلائي؟ ان ذريعي ڪهڙو پيغام ڏنو پيو وڃي؟ سڀ کان وڏي ۽ عججب جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪراچي ۾ لڳل اهڙن هورڊنگس جو ميڊيا نوٽيس ڇو نہ پئي وٺي؟

اهي هورڊنگ آصف زرداري طرفان سخت بيان ڏيڻ کانپوءِ سامهون آيا آهن. هن پارٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي مشرف کي پاڪستان جو انتهائي نا پسنديده شخص قرار ڏنو. "ماڻهو وڌيل مهانگائي ۽ بجلي جي مسئلي بدران مشرف کان وڌيڪ نفرت ڪن ٿا" زرداري چيو.

پهرين جون تي هڪ خانگي ٽي وي چينل کي ڏنل انٽرويو ۾ وزيراعظم يوسف رضا گيلاني چيو تہ آءُ صدر پرويز مشرف جي جمهوريت لاءِ ڪمٽمينٽ سبب سندس عزت ڪريان ٿو. مشرف پڻ اهو چيو آهي تہ هو چونڊيل حڪومت جي حمايت جاري رکندو. اهي سڀ ڳالهيون تڏهن سامهون آيون آهن جڏهن ميڊيا مشرف اِشو کي طمطراق سان کنيو بيٺي آهي. مئي جي آخري ڏينهن ۾ اردو جي سڀ کان گهڻي شايع ٿيندڙ هڪ اخبار مشرف_ڪياني ملاقات جا تفصيل شايع ڪيا. اها ملاقات ساڍا ٽي ڪلاڪ جاري رهي. صدارتي محل جا وفادار ۽ ٽرپل وَن برگيڊ جو بہ نئون ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو. ان لحاظ کان اهو پيو چيو وڃي تہ مشرف کي حفاظتي تحويل ۾ ورتو ويو آهي. اهي بہ اطلاع آهن صدر پرويز مشرف آرمي هائوس خالي ڪري اسلام آباد جي صدارتي محل ۾ رهائش اختيار پيو ڪري. اهو پڻ چيو پيو وڃي تہ چڪلالا ايئربيس تي C_130 جهاز تيار بيٺو آهي جيڪو ڪجهہ وي آءِ پيز کي سامان سميت واشنگٽن يا ترڪي کڻي اُسهندو. انهن رپورٽن سبب ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج تي منفي اثر پيو ۽ مارڪيٽ ويهجي وئي.

مشرف بابت ميڊيا ۾ اهو بحث هليو ئي پئي تہ کيس آمريڪي صدر بش جو فون آيو. جنهن مشرف کي پنهنجي حمايت جو يقين ڏياريو. اها خبر وائيٽ هائوس جي ترجمان طرفان جاري ڪئي وئي، جنهن ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ مشرف جي حمايت جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ فوج جي اعليٰ قيادت بہ مشرف جي حمايت جاري رکندي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ سياسي پارٽيون آمريڪا ۽ مشرف خلاف عوامي اُڀار کي ڪيئن ٿيون يڪجا ڪن.

2 جون 2008ع تي جنهن وقت هي سٽون لکان پيو هر محاذ تي صورتحال بلڪل ٺيڪ آهي. وڪيل 10 جون کان لانگ مارچ ڪرڻ لاءِ تيار آهن. سپريم ڪورٽ بار جو صدر اعتزاز احسن جذبات سان ڀرپور ڳالهائي پيو. پ پ اڳواڻ طور هن ان گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي جنهن ۾ آئيني پئڪيج تي غور ويچار ڪيو ويو. مذڪوره گڏجاڻي ۾ اعتزاز اهو

موقف رکيو تہ هتايل جج ايگزيڪيوٽو آرڊر جي سادين ٽن سٽن وسيلي بحال ٿي سگهن ٿا. هو مسلسل اها ڳالهہ ڪري پيو تہ زرداري ججن جي بحالي جي حق ۾ ناهي.

ميڊيا سان لاڳاپيل ماڻهن کي خبر آهي تہ جڏهن ويج بورڊ ايوارڊ لاڳو ٿيڻ جو مسئلو آيو تہ اعتزاز سپريم ڪورٽ ۾ اخباري مالڪن جو وڪيل هو. هو عدالت ۾ ورڪنگ جرنلسٽس خلاف اي پي اين ايس جي وڪيل طور پيش ٿيو هو. 1977ع ۾ جڏهن اعتزاز پنجاب ڪابينا ۾ وزير هو. تڏهن هو پنهنجي پارٽي سربراهہ ذوالفقار علي ڀٽي جو ساٿ ڇڏي ويو هو وزارت ۽ پارٽي تان استعيفيٰ ڏئي وڃي اصغر خان جي تحريڪ استقلال ۾ شموليت اختيار ڪئي هئائين. هن جي نئين ڪردار ميڊيا جو ڪافي ڌيان حاصل ڪيو آهي. هن کي ميڊيا ۾ تمام گهڻي ڪوريج ملي آهي ۽ ممڪن آهي تہ سندس هاڻوڪي ڪردار جو تجزئي نگار مستقبل ۾ تجزيو ڪن.

پر صورتحال ڪيڏانهن وڃي رهي آهي؟ بجلي جو بحران شديد آهي. بجلي جي انهي بحران دوران بجلي ۽ پاڻي جي وفاقي وزير سالن کان اختلافي منصوبي ڪالاباغ ڊيم ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. پ پ حڪومت ڪالاباغ ڊيم منصوبي جي خاتمي واري اعلان سبب سنڌ ۽ سرحد ۾ اخلاقي ۽ سياسي حمايت حاصل ڪري ورتي آهي. پر ساڳي وقت اهڙي اعلان جي ڪري پنجابي شائونسٽن کي نئين زندگي پڻ ملي آهي، جيڪي ان اعلان خلاف وري باهوڙ تي لهي آيا آهن. بجلي جي بحران کي في الحال اُتي جو اُتي ڇڏيو ويو آهي. جڏهن تہ ڪالاباغ ڊيم منصوبي تي هيلتائين 2 بلين رپيا خرچ ٿي چڪا آهن، ٻئي طرف ڊيم جي بحالي سان پنجاب جي ننڍن وڏن شهرن ۾ گڏجاڻين جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. پ پ جو ڊيم جي حوالي سان مذڪوره اعلان يقيناً پنجاب ۾ ان لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪندو. اهو بہ واضح هجي تہ مشرف ۽ شوڪت عزيز بہ ڪالاباغ ڊيم جي تعمير بين ڇڻن ڊيمن ڪانپوءِ رکي هئي. ان ڪري وقت کان اڳ اهڙي اعلان جو آخر ڪهڙو جواز آهي؟

ليڪن بجلي جو مسلسل غائب رهڻ اڳي کان بہ وڌي ويو آهي. ڪڪڪ، چانورن، دالين، ڪاڇري تيل، کير، گوشت، مڇي ۽ ساين ڀاڄين جا اگهہ آسمان سان ڳالهيون پيا ڪن. روزمره جي شين جي وڌيل اگهن نہ رڳو

غريب ماڻهو لاءِ زندگي ڏکي بنائي ڇڏي آهي، بلڪ وچولي طبقي جو ماڻهو جيڪو ماهوار 20 هزار کان 25 هزار رپيا ڪمائي ٿو اهو بہ ناٽي واڌ ۽ مهانگائي جي ڪري سخت دٻاءُ ۾ آهي. روزمره جي استعمال جون ڪافي شيون تہ مورڳو مارڪيٽ مان ئي غائب آهن. انهي منظرنامي ۾ هاڻوڪي حڪومت پنهنجي پهرين بجيٽ 7 جون تي پيش ڪري رهي آهي. ممڪن آهي تہ بجيٽ ۾ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڏيکاءُ خاطر ڪجھ قدم کنيا وڃن، پر وڌيڪ ٽيڪس پوڻ بہ مڙهيا ويندا.

مارڪيٽون اڳ ۾ ئي مشڪلاتن جو شڪار آهن، پهرين جون کان تہ حڪومت گهڙيال هڪ ڪلاڪ اڳتي ڪري ڇڏيا آهن، جيئن ڏينهن جو بجلي بچائي سگهجي. حڪومت مارڪيٽن لاءِ موڪلن جي مختلف ڏينهن جو بہ اعلان ڪيو آهي. جنهن موجب واپارين کي چيو ويو آهي تہ اهي جمعي تي موڪل ڪن ۽ آچر ڏينهن مارڪيٽون کليل رکن. اهڙو تجربو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ هلي رهيو آهي. پارت ۾ بہ گذريل ٽيهن ورهين کان اهو تجربو دهرايو پيو وڃي. پاڪستان ۾ خاص طور لاهور ۽ ڪراچي ۾ واپارين حڪومتي اعلان کي رد ڪندي آچر پهرين جون تي مارڪيٽون بند رکيون.

حقيقت اها آهي تہ روايتي طرح واپاري طبقو پاڪستان ۾ چونڊيل عوامي حڪومتن خلاف رهيو آهي. دڪاندار، پبلڪ ۽ گڊز ٽرانسپورٽر، پاڪستان توڙي ڪيترن اُسرندڙ ملڪن ۾ روايتي طرح ايئن ئي ٿيندو آهي. ماضي ۾ لاڳيتيون هڙتالون پڻ حڪومت جي خاتمي جو سبب بڻيون. 1988ع کان 1999ع تائين بئنڪن مان وڏي پيماني تي ملازمن جي ڇانٽي ڪئي وئي. ناٽي واڌ آسمان تي رهي باوجود ان جي ٽريڊ يونين ڪو بہ اهڙو عمل نہ ڪيو ٽريڊ ايسوسيئيشنز ۽ چيمبرز نون ٽيڪسن لاڳو ٿيڻ خلاف هڙتالون ڪندا رهيا. هاڻي بہ بجيٽ کانپوءِ دڪاندار توڙي مارڪيٽن سان لاڳاپيل ماڻهو سندن چوڻ تي اهڙا ڪرتب ڏيکاري سگهن ٿا.

(31 مئي 2008ع)

***

# سياست جا جُواري

بجيٽ هڪ سياسي دستاويز آهي جنهن ۾ حڪومتون عوام کان ٽئڪس وصول ڪرڻ جو پروگرام پڌرو ڪنديون آهن، ۽ اهو اظهار ڪيو ويندو آهي تہ عوام کي ٽئڪس ڏيڻ گهرجي، بجيٽ وسيلي ملڪي آبادي جي نظرانداز ٿيل طبقي ڏانهن وسيلن جي منتقلي بہ ٿيندي آهي. هڪ اهڙي حڪومت جيڪا سماجي انصاف ۽ اڻ برابري جي خاتمي تي يقين رکندي آهي اها اڻبرابرين جو خاتمو آڻي هر سطح تي سماجي ۽ اقتصادي بهتري آڻڻ سان گڏ شاهوڪار ماڻهن تي ٽئڪس لڳائيندي آهي ۽ غريبن ڏانهن وسيلن جي منتقلي کي يقيني بڻايو ويندو آهي.

اهڙي سياسي حڪومت جنهن کي شفاف عام چونڊن وسيلي ڀرپور عوامي مئنڊيٽ حاصل هجي تہ اها يقيناً شاهوڪار ماڻهن تي گهڻي کان گهڻا ٽئڪس لاڳو ڪندي ۽ اها وسيلن کي غريب ۽ نظرانداز ٿيل طبقي ڏانهن منتقلي کي يقيني بڻائيندي، جيڪڏهن هن حڪومت وٽ شاهوڪارن ۽ رياست جي سگهارين ڌرين سان ٽڪر کائڻ جي اخلاقي سگهہ نہ هوندي تيستائين اها اهڙين ڌرين جي مفادن جي نگهبان رهندي ۽ غريب طبقي سان رڳو سڪڻا واعدا ئي ڪيا ويندا. اهڙيون حڪومتون غريبن کي رڳو سڪڻا منصوبا ئي آڇي سگهن ٿيون. ڇو تہ انهن کي غريبن جي حقيقي اذيت ۽ ڪرب جو احساس ناهي هوندو.

سوال اهو آهي تہ اسان پ پ حڪومت کي ڪهڙي قطار ۾ بيهاريون؟ گذريل ستن اٺن سالن کان اسانکي اهي شڪايتون رهيون تہ مشرف ۽ شوڪت عزيز اسٽاڪ ايڪسچينج جي سيڙپڪارن، بروڪريج هائوسز بئنڪرن وڏن واپارين ۽ جاگيردارن هٿان وڪرو ٿي چڪا آهن. جڏهن تہ

فوج خود ڊگهي عرصي کان اسٽيٽ جي ڪاروبار ۾ مُک ڪيڏاري رهي آهي.
18 فيبروري 2008ع تي جيڪي عام چونڊون ٿيون، تنهن لاءِ بينظير ڀٽو جي مهرباني جنهن طرفان ڪيل ڊيل جي ڪري گهٽ ۾ گهٽ عوام کي ووٽ جو حق تہ مليو. ڇو تہ ان وقت نهايت ڳنڀير صورتحال هئي. تشدد، گڙٻڙ، امن امان جي خراب ٿيڻ جي خطري هجڻ باوجود عوام ٻاهر نڪتو ۽ ان پ پ کي وڏي اڪثريت ڏياري.

ڪيترين ئي ناراضگين، ماضي جي تلخين باوجود پ پ، مسلم ليگ (ن) اي اين پي ۽ متحده جي قيادت ان موقعي تي نهايت سنجيدگي جو مظاهرو ڪيو. ايئن انن نون سالن جي عرصي کانپوءِ عوام سک جو ساهہ کنيو. ڪنهن کي بہ ڪنهن معجزي ٿيڻ جي اميد نہ هئي. نہ وري راتو واهہ صورتحال ۾ تبديليءَ جي، ڇو تہ وڏي پيماني تي بيروزگاري، مهانگائي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلا راتو رات ختم ٿيڻ جا نہ هئا. عوام انهن مسئلن کي ڪجهہ وڌيڪ عرصي تائين برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هو. ليڪن انهن چاهيو پئي تہ حڪومت درست طرف ۾ هوري ئي سهي پر ڪا اڳيرائي ڪري ڏيکاري!

اها حقيقت آهي تہ پاڪستان جو عوام اسٽاڪ ايڪسچينج جي ايجنٽن، بئنڪارن، واپارين ۽ جاگيردارن جي بدترين پرماريت جو شڪار رهيو آهي. خلق کي خبر آهي تہ پ پ ڪا انقلابي پارٽي ناهي نہ وري آصف علي زرداري اٺ نوَ سال جيل ڪاٽڻ کانپوءِ ڪنهن انقلابي تحريڪ جي سرواڻي پيو ڪري، هن جي شخصيت اڃا بہ Play boy واري آهي. جيڪو فقط زندگي جي خوبصورت شين کي پسند ڪندو آهي. پر پوءِ بہ اها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ ويهہ ورهيہ محترمہ بينظير ڀٽو سان گڏ گذارڻ ۽ 10 سال جيل ياترا کانپوءِ هن اهو ضرور سکيو هوندو تہ استحصالي قوتون ڪهڙيون آهن ۽ معاشري ۾ نظرانداز ٿيل طبقو ڪهڙو آهي!

مسلم ليگ (ن) جو اسحاق ڊار اتحادي حڪومت ۾ مشڪل سان ٽي کان چار هفتا ناڻي جو وفاقي وزير رهيو. ان دوران جڏهن سپريم ڪورٽ جي ججن کي 2 نومبر 2007ع واري پوزيشن تي بحال نہ ڪيو ويو تہ هن

پنهنجي پارٽي جي ٽن وفاقي وزيرن سميت عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏي. اسحاق ڊار پنهنجي وزارت جي مختصر عرصي دوران مشرف-شوڪت عزيز تي قومي اقتصاديات جا غلط انگ اکر پيش ڪرڻ جا الزام هنيا. هن اعلان ڪيو هو تہ اسٽاڪ ايڪسچينج کي ٽئڪس جي زد ۾ آندو ويندو ۽ ڊاڪيومينٽيشن ڪئي ويندي.

ڀلا اچو تہ اهو ڏسون تہ اسٽاڪ ايڪسچينج ڪهڙي بلا آهي؟ اها سرمائيڪاري جي هڪ اهڙي مارڪيٽ آهي. جنهن ۾ مختلف شعبن جون ڪمپنيون رجسٽرڊ هونديون آهن. سيڙپڪار اُتي ان بنياد تي شيئرز خريد ۽ وڪرو ڪندا آهن تہ جيئن بهتر ناڻو ڪمائي سگهجي، اهي خريد فروخت اُن صورت ۾ ڪندا آهن جڏهن کين اها پڪ هجي تہ ڪمپني چڱي نموني هلائي پئي وڃي ۽ نفعي جي اميد آهي. جيڪي سيڙپڪار نيون ڪمپنيون کوليندا آهن اهي پهرين پنهنجي ڪمپني اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ رجسٽر ڪرائيندا آهن ۽ پوءِ شروعاتي طور ماڻهن جي سرمائي کي پنهنجي ڪاروبار طرف آڻڻ لاءِ شروعات ۾ ميمبر شپ جي آڇ ڏيندا آهن. آمريڪا، يورپي ملڪن ۽ ڀارت ۾ ماڻهن جا سوين، هزارين بلڪ لکين ڊالر اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪاروبار ۾ لڳل آهن، اتي بہ تجارتي افواهہ هلندا رهندا آهن، پر سيڙپڪار کي هرويرو موڙي ٻڏڻ جو خطرو نہ هوندو آهي.

اُتي ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج وانگر ناهي، جنهن تي گذريل ڪيترن ئي سالن کان شيئرز جي ڪاروبار تي درجن کن واپارين جي هڪ هٽي آهي. اهي بروڪر بئنڪن کان وڏو وياج وٺن ٿا. فوج جي عملدارن سان گڏجي رئيل اسٽيٽ ۾ بيو ڪاروبار ڪن ٿا. سال 03-2002ع کي ياد ڪريو جڏهن بئنڪن طرفان وياج جي شرح تمام گهٽجي وئي هئي. بئنڪن جا وڏا قرضي ڪير هئا؟ اهي ئي درجن کن بروڪر ئي بئنڪن جا وڏا قرضدار هئا. هاڻي اهي ئي بئنڪن جا وڏا اسٽيڪ هولڊر آهن. انهن ڏوڪڙ لکن ۽ اربن ۾ نہ پر ٽنن جي حساب سان ڪمايا آهن. اهي ئي ڇهہ ماڻهو خوفِ خدا بہ وڏيڪ رکن ٿا. انهن مان هڪ همراهہ تہ گذريل

عيدالاضحيٰ تي 10 ملين ڊالرز ماليت جا جانور قرباني لاءِ آسٽريليا مان گهرايا هئا. سڄي مهيني جا 30 ڏينهن شهر جا غريب سندس ڊفينس واري بنگلي جا چڪر ڪاٽيندا 2 هزار روپيين جا لفافا وٺندا رهيا. اهڙي طرح سندس طرفان رمضان مهيني ۾ شهر جي 100 مسجدن ۽ عوامي هنڌن تي افطارين جو بندوبست ڪيو ويندو رهيو. ساڳئي وقت مديني منوره جي مسجد نبوي ۽ مڪي ۾ حرم شريف ۾ به افطاري جا جوڳا بندوبست ڪيا ويا.

پر انهن ڇهن ڪرب پتين جي اها سخاوت به ملڪ ۾ غربت نه گهٽائي سگهي. سماجي ۽ آمدني جو فرق اڃا به وڌيو آهي. اهو ان ڪري جو ٽيڪس جي مد ۾ وڏن سيڙپڪارن ۽ بروڪرن کي رليف ڏنو ويو آهي. جنهن ڪري انهن جي آمدني اڃا به وڌي آهي. چونديل حڪومت کي کپي ته اها انهن شاهوڪار ماڻهن کي ٽيڪس جي ڄار ۾ آڻي ۽ اها رقم غريبن ڏانهن منتقل ڪئي وڃي. پر اها خيرات جي صورت ۾ نه هجڻ کپي، بلڪ ڪنهن سپورٽ پروگرام جي صورت ۾ هجڻ گهرجي.

اسحاق ڊار ڇيو هو ته اسٽاڪ ايڪسچينج تي ڪئپٽل ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو. توهان کي خبر آهي ته ماضي ۾ اهو Capital gains ٽيڪس ڪڏهن واپس ورتو ويو؟ اها 1974ع جي ڳالهه آهي جڏهن ذوالفقارعلي ڀٽو وڏن صنعتڪارن جي دٻاءَ ۾ اچي تڏهوڪي ناڻي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مبشر حسن کي پنهنجي عهدي تان هٽائي ڇڏيو هو. تڏهن اسٽاڪ ايڪسچنج کي ٽيڪس کان آجو ڪيو ويو هو. هاڻي ايئن سمجهيو پئي ويو ته 34 سالن جي وقفي کانپوءِ اسٽاڪ ايڪسچينج عام ٽيڪس جي وڪڙ ۾ اچي سگهندي. پارٽ ۾ ٽئڪس معاف ڪرڻ وارو سلسلو گهٽو اڳ ختم ٿي چڪو آهي، حالانڪ هتان جي اسٽاڪ ايڪسچينج ڪئپٽل ٽئڪس جي معافي جي معيار تي به پورو لهي ٿي، ڇو ته اتي شيئرهولڊر کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال تائين شيئر رکڻو هوندو آهي.

ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ته ڪو شئير جو خريدار هڪ ڏينهن ۾ هزار ڀيرا شئير خريد به ڪري سگهي ٿو ته وڪڻي به سگهي ٿو. حقيقت ۾ ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج هڪ جوا خانو آهي. جتي وڏا جواري ئي مال ميڙي سگهن ٿا باقي هر ڪنهن جي پيٽي ناهي!

بجيٽ 9_2008ع کان تورو اڳ تي ڏينهن لڳاتار ڪراچي اسٽاڪ ايڪسچينج مندي جو شڪار رهي. جيئن ئي ايندڙ ٻن سالن لاءِ ٽئڪس ۾ ڇوٽ جو اعلان سامهون آيو ته اڳئين ڏينهن اسٽاڪ ايڪسچينج انڊيڪس آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي ۽ زبردست تيزي ڏسڻ ۾ آئي انهي ڪيڏاڙ ۾ ڪيترائي ماڻهو ڪنگال ٿي ويا. پر ڪجهه ماڻهن جام ڏوڪڙ ڪمايا. هاڻي ته ماڻهو ٽيڪس مان آجو ٿيڻ سبب فائدي ۾ رهندڙن جا نالا ڪڍڻ تا ۽ حڪومت کي به انهن نالن کان بي خبر نه رهڻ گهرجي جن ڀرپور فائدو حاصل ڪيو.

واضح رهي ته بجيٽ ۾ ڊيولپرز ۽ ڪنسٽرڪشن ڪمپنين تي لاڳو نالي ماتر ٽيڪس به بجيٽ ۾ واپس ورتو ويو آهي ۽ وڏن زميندارن کي به ٽئڪس کان بچايو ويو. حڪومت 2.225 بلين روپيا ٽئڪس اڻ سڌي طرح وصول ڪري ٿي، جنهن جو بار گهڻو تڻو غريب عوام تي ئي پوي ٿو.

حقيقت اها آهي ته حڪومت ٽئڪس جو وڏو حصو غريبن کان ئي اوڳاڙي ٿي. هاڻوڪي حڪومت غربت جي خاتمي لاءِ 34 بلين رپيا هڪ هزار رپيا في غريب خاندان کي ڏيڻ لاءِ رکيا آهن. جيڪي پڻ غريبن کان ئي اوڳاڙيل آهن. ان ۾ به اميرن جو بچاءُ ڪيو ويو آهي. ڏٺو وڃي ته هن وقت حڪومتي پاليسين سبب سياسي ڪارڪن سخت مايوسيءَ جو شڪار آهن. ويجهڙ ۾ وڪيلن جي لانگ مارچ جي بي نتيجي رهڻ واري ڳالهه پ پ حڪومت کي ڪجهه سگهه بخشي آهي. مارچ ڪانپوءِ ڪو به ڏرڙو نه هنيو ويو. سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر اعتزاز احسن جو چوڻ هو ته ”لانگ مارچ ۾ انتها پسند به شامل ٿي ويا هئا جن جو مقصد پارليامينٽ تي حملو ڪرڻ هو.“

جيتوڻيڪ هن انهن انتها پسندن جو نالو نه ڪنيو آهي پر سياسي تجزئي نگارن موجب هن جو اشارو گهڻي ڀاڱي جماعت اسلامي ۽ تحريڪ انصاف طرف ئي ٿي سگهي ٿو. ڇو ته اهي ٻئي ڌريون ملڪ ۾ جمهوريت کي تهس نهس ڪرڻ چاهين ٿيون. جڏهن ته وڪيلن ۾ به مارچ ڪانپوءِ اختلاف ڪر ڪنيو آهي. رٽائرڊ جسٽس وجيهه الدين وڪيلن جي قيادت طرفان ڏرڙو نه هڻڻ تي سخت ڇوهه ڇنڊيا آهن.

پنجاب ۾ صدر مشرف خلاف وڏندڙ ڪاوڙ ۽ نفرت سبب آصف زرداري بہ صدر خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي. پ پ جي اتحادي ايم ڪيو ايم اجا بہ صدر مشرف جي حامي آهي. پنجاب جا سياستدان صدر مشرف جو مواخذو ڪرڻ ۽ ڪارگل اِشو تي ڪيس هلائڻ جاخواهشمند آهن. ايم ڪيو ايم چاهي ٿي تہ رڳو اڪيلي مشرف کي نشانو نہ بڻايو وڃي "ٻين جنرلن جو بہ احتساب ٿيڻ گهرجي" متحده جي اڳواڻ حيدر عباس رضوي قومي اسيمبليءَ ۾ چيو.

سياست ۾ اڄڪلهہ هڪ ٻيو نئون فورس بہ سامهون اچي رهيو آهي ۽ اهو آهي ميڊيا جو جنهن ۾ ميڊيا گروپ "پاور بروڪر" طور اُڀرن پيا. گهٽ ۾ گهٽ ٽي مشهور چئنل ۽ بہ اخبارون، هڪ اردو جي ۽ هڪ انگريزي جي، ان سلسلي ۾ غيرجانبداري جا سڀ ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن. جيئن ئي ملتان کان وڪيلن جولانگ مارچ شروع ٿيو تہ چئنلز تي ميزبانن اهو چوڻ شروع ڪري ڏنو تہ اسان کي انتهائي با خبر حلقن اسلام آباد مان ٻڌايو آهي تہ اتي جي رهواسين کي اهي هدايتون ڏنيون ويون آهن تہ هفتي کن جو سيڌو سامان گڏ ڪري رکن. اهو سڀ ڪجهہ ماڻهن ۾ ڊپ ۽ غير يقيني ڦهلائڻ لاءِ ڪيو ويو. مارچ شروع ٿيو ۽ بنا ڪنهن گڙٻڙ جي ختم بہ ٿي ويو!

هڪ ٻيو چئنل وري سياست تي حد کان گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي. ڪاروباري ماڻهن جو چئنلز تي اثر رسوخ دراصل سياستدانن، سماجي ڪارڪنن ۽ ٻين لاءِ خطري جي گهنٽي آهي. ميڊيا ۾ هڪ هٽي وارو رجحان خطرناڪ آهي. جيڪو جمهوريت ۽ پاڪستان ۾ لبرل سوچ لاءِ موت جو ڪوڪو ثابت ٿي سگهي ٿو.

(30 جون 2008ع)

***

# طالبانائيزيشن يا جمهوريت خلاف سازش؟

ڪراچي، اسلام آباد ۽ ڪابل ويجهڙ ۾ ٽيل بم ڌماڪن سبب ڏُڏي ويا آهن. ساڳئي وقت پاڪستان معاشي بحران جي زد ۾ پڻ آهي. 50 کان وڌيڪ ماڻهو موت جو ڪاج بڻيا آهن. جڏهن تہ ڪراچي، اسلام آباد ۽ ڪابل ۾ ڌماڪن سبب ماڻهن جو هڪ وڏو انگ زخمي ٿيو آهي. سياسي ڏاها مذڪوره بم ڌماڪن بابت سوچ ويچار ۾ مبتلا آهن تہ ايندڙ ڏينهن ۾ انهن ڌماڪن جا پاڪستان جي مجموعي صورتحال تي ڪهڙا اثر مرتب ٿيندا. واضح رهي تہ اهي بم ڌماڪا ٿيڻ کان ترت پوءِ 8 جولاءِ تي روپئي جي ملهہ صفا ترو ويجي ورتو ۽ ڊالر روپئي جي پيٽ ۾ 73 روپيا في ڊالر تي ويجي پهتو. روپئي جي ملهہ گهٽجڻ جو نوٽيس وٺندي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان سخت رد عمل ظاهر ڪيو ۽ پرڏيهي ناڻي جي متاسٽا ڪندڙ ڊيلرن کي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي تہ اهي 50000 ڊالرن جي ادائيگي کان اڳ اسٽيٽ بئنڪ کان اڳواٽ اجازت وٺن. جڏهن تہ اسٽيٽ بئنڪ امپورٽ جي اڳواٽ بڪنگ تي بہ پابندي هٽي ڇڏي آهي.

اهو جولاءِ مهيني جو پهريون آچر هو موڪل واري انهي ڏينهن تي ديوبندي مولوي لال مسجد آپريشن کي هڪ سال پورو ٿيڻ تي ان جي ياد ملهائڻ لاءِ آبپاره چوڪ ويجهو لال مسجد وٽ گڏ ٿيا. ان موقعي تي نهايت جذباتي تقريرون ڪيون ويون ۽ اهومطالبو ورجايو ويو تہ لال مسجد ڪامپليڪس ٻيهر تعمير ڪرڻ سان گڏ شاگرديائين لاءِ مذهبي ڪلاس ٻيهر شروع ڪيا وڃن. ياد رهي تہ لال مسجد 80 وري ڏهاڪي جي پڇاڙي ۾ تعمير ڪئي وئي. مسجد جو پهريون سرواڻ مسجد ۾ ماريو ويو. ان کانپوءِ سندس ٻن پٽن جيڪي غازي ڀائرن جي نالي سان مشهور هئا، انهن پنهنجي والد جي اڇي جاءِ سنڀالي. وقت گذرڻ سان گڏ اهو ڪامپليڪس وسعت

اختيار ڪندو ويو. مسجد جي پر وارو پلاٽ جيڪوهڪ ڳجهي اداري جو هو اهو والار هيٺ اچي ويو ۽ ٻارن جي لائبريري پڻ مدرسي جي نگراني ۾ ورتي وئي. ايئن لال مسجد ڪامپليڪس لاءِ حڪومت جي هڪ پلاٽ ڪانپوءِ ٻيو پلاٽ ۽ ملڪيتون قبضايون ويون، پر ڪئپٽل ڊيولپمينٽ اٿارٽي خاموش رهي ۽ ان کي روڪڻ لاءِ ڪي به قدم نه کنيا.

نه رڳو لال مسجد جي ڪامپليڪس وسعت اختيار ڪئي بلڪ پناٺن جي قبائلي علائقن مان هزارين ڪتابي شاگرد ۽ شاگردياڻيون به ان ۾ اچي داخل ٿيا. انهن ڪتابين کي اُتي مذهبي تعليم مفت ۾ ڏني ويندي هئي، کين رهائش ۽ کاڌو به مفت فراهم ڪيو ويندو هو. ان ڪانپوءِ ٿيو ايئن ته لال مسجد ۾ جديد هٿيار گڏ ڪيا ويا. اُتي اولهه وارن ملڪن خلاف گهٽ وڌ تقريرون ڪيون وينديون هيون، پر انهن ملڪن کان هٿيار خريد ڪري جمع ڪرڻ تي کين ڪابه ندامت نه هئي. واضح رهي ته هڪ ڳجهي اداري جو هيڊڪوارٽر لال مسجد کان مشڪل سان اڌ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي واقع آهي انهي جي معنيٰ اها ٿي ته سگهارن هٿن جي سربراهي ۾ ئي اهو سڀ ڪجهه ڪيو پئي ويو. ان حوالي سان ڪيترائي سوال آهن جن جا جواب ڏيڻ جي ضرورت آهي.

اها به هر ڪنهن کي خبر آهي ته لال مسجد جي عالمن پنهنجي ڪورٽ به ناهي ڇڏي هئي. عورتون يرغمال بڻائي لال مسجد آنديون وينديون هيون. اهڙي ريت حڪومتي رٽ کي چئلينج ڪيو ويو. آخرڪار حڪومت سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو پر تڏهن تمام گهڻي دير ٿي چڪي هئي. ملن، عورتن ۽ ٻارن کي ڍال بڻائي مسجد تي قبضو برقرار رکيو. جڏهن سرڪار ۽ لال مسجد انتظاميا وچ ۾ ڳالهيون هليون پئي ان دوران مسجد اندر موجود هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڪجهه قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار، واٿهڙو ۽ هڪ صحافي مارجي ويا هئا. مولانا عبدالستار ايڌي، چوڌري شجاعت، مولانا تقي عثماني ۽ ٻين مذهبي عالمن مداخلت ڪري رتو ڇاڻ بند ڪرائڻ جون ڪوششون ورتيون، پر اهي ناڪام ٿيون. ايئن پوءِ گذريل سال جي 4 ۽ 5 جولاءِ جي آڌي رات جو آپريشن شروع ڪيو ويو. مولانا عبدالعزيز کي به برقعو پائي فرار ٿيندي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته سدس ڀاءُ غازي رشيد سندس ماءُ ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتابي آپريشن دوران ماريا

ويا. تازو 7 جولاءِ تي لال مسجد جي مولوين طرفان ڪيل ميڙاڪو مذڪوره آپريشن خلاف هو. اهو ميڙاڪو ان وقت ڪوٺايو ويو جڏهن قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار باڙا خيبر ايجنسي، وزيرستان ۽ سوات ۾ امن امان لاڳو ڪرڻ ۾ مصروف هئا. جيئن ئي اهو ميڙاڪو ختم ٿيو تہ هڪ آپگهاتي بمبار ڪجهہ پوليس وارن جي وچ ۾ اچي پاڻ کي بم سان اڏائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻہ درجن کن ماڻهو موت جو کاڄ ٿي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا.

اڳئين ڏينهن 8 جولاءِ تي جتي اخبارن ان واقعي جا تفصيل نمايان ڪري شايع ڪيا اُتي متحده قومي مووومينٽ جي اڳواڻ الطاف حسين جو بيان بہ نمايان ٿي ڇپيو الطاف حسين پنهنجي بيان ۾ چيو هو تہ قبائلي علائقن مان تيزي سان ماڻهو ڪراچي اچي رهيا آهن اها ڪراچي کي طالبانائيزيشن ۾ بدلائڻ جي ڪوشش آهي، هن اهو پڻ چيو تہ ڪراچي ۾ طالبانائيزيشن برداشت نہ ڪئي ويندي ۽ ان جي هر طرح مزاحمت ڪنداسين. 6 جولاءِ تي صدر مشرف ڪراچي آيو جتي هن واپارين جي هڪ تقريب کي پڻ خطاب ڪيو جيڪا ايم ڪيو ايم طرفان تڙ تڪڙ ۾ منعقد ڪئي وئي هئي. آجياڻي تقرير ۾ سٽي ناظم مصطفيٰ ڪمال پ پ کي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو تہ پ پ انهن ماڻهن سان گڏ وبئي آهي جيڪي پٺتو جي قاهي جا ذميوار آهن. مشرف ان موقعي تي اعلانيہ چيو تہ هو آخري ماڻهو هوندو جيڪو ڪنهن دباءَ ۾ ايندو. 7 جولاءِ تي مشرف نيشنل اسٽيڊيم وڃي ايشيا ڪرڪيٽ ٽرافي مئچ ڏٺي. اڃا هو اتي ئي هو تہ اسلام آباد ۾ بم ڌماڪا ٿيا. جنهن جو مذمتي بيان هن اتان ئي جاري ڪيو. سومر ڏينهن ڪراچي ۾ لاڳيتو ست بم ڌماڪا ٿيا. جنهن ۾ 2 ماڻهو موت جو کاڄ بڻيا. ٻہ درجن کن ماڻهو زخمي ٿيا جن ۾ ڪجهہ ٻار بہ شامل آهن. ممڪن آهي تہ انهن بم ڌماڪن جو مقصد ڪجهہ ڌرين طرفان چتاءُ ڏيڻ هجي تہ "اسان هتي موجود آهيون ۽ اسان جيڪو ڪجهہ ڪرڻ چاهيون ڪري سگهون ٿا." اهي گروپ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ اهي جيڪڏهن چاهين تہ هتي وڏوڪو نقصان پهچائي سگهن ٿا.

اسلام آباد ۽ ڪراچي جي بم ڌماڪن دوران ڪابل ۾ پارتي سفارتخاني پرسان بم ڌماڪي جو اطلاع مليو. مذڪوره بم ڌماڪي ۾ پارتي سفارتخاني جو سفير مارجي ويو ۽ پارت وڃڻ لاءِ ويزا جا خواهشمند ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. جيتوڻيڪ پارتي حڪومت ان سلسلي ۾

پاڪستان تي ڪو بہ الزام ناهي مڙهيو ليڪن ڀارتي ۽ افغانستان جي ميڊيا پاڪستان تي ڏوهہ ڏيڻ ڪان وسان ناهي گهٽايو. ٻئي طرف عالمي ميڊيا نيويارڪ ٽائمز، لاس اينجلز ٽائمز ۽ ٻين وڏين اخبارن ڪابل بم ڌماڪن جو ذميوار پاڪستان کي قرار ڏنو آهي.

پاڪستاني تجزئي نگار ۽ پرڏيهي مامرن جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ ڪابل بم ڌماڪا دراصل ڀارتي فوج کي افغانستان ۾ انٽري ڏيارڻ جي ڪڙي ٿي سگهن ٿا. ڀارتي فوج کي پهاڙن ۾ وڙهڻ جو تجربو آهي. جيڪڏهن ڀارتي فوجي دستا نيٽو سان افغانستان ۾ گڏجي آپريشن ڪندا تہ پاڪستان يقيني طور پريشر ۾ ايندو. ليڪن سگهارن ادارن ۾ رهندڙ جنرل اسد دراني جهڙا ماڻهو ڀارتي فوج جي افغانستان ۾ داخل ٿيڻ واري ڳالهہ کي رد ڪن ٿا. "ڀارت پنهنجا فوجي دستا افغانستان موڪلڻ جي قطعي غلطي نہ ڪندو." هو چوي ٿو. جڏهن تہ رٽائرڊ پرڏيهي سيڪريٽري رياض کوکر، اسلام آباد، ڪراچي ۽ ڪابل جي بم ڌماڪن ۾ آمريڪين جي هٿ هجڻ واري ڳالهہ کي رد نٿو ڪري.

ڪراچي ۾ سومر ڏينهن ٿيل لاڳيتو ستن بم ڌماڪن کي صدر مشرف جي آمد سان ڳنڍيو پيو وڃي. ان موقعي تي الطاف حسين جو بيان ۽ ٿيل ڊنر جي موقعي تي سٽي ناظم جي تقرير حيران ڪندڙ هئي. آخر ڪيڏانهن ڪهڙو آهي؟ اهو هڪ وڏو سوال آهي. ان جي وضاحت ايئن بہ ڪئي پئي وڃي تہ اهو سڀ ڪجهہ سياسي عدم استحڪام پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو. ڪجهہ سياسي تجزئي نگارن موجب سياسي عدم استحڪام مشرف ۽ سندس ساٿارين جي فائدي ۾ آهي. مشرف جا هاڻ پاڪستان ۾ ڪي بہ دوست نہ بچيا آهن، سندس ڪراچي آمد جي موقعي تي سنڌ حڪومت ڪانئس پرپرو رهي. مشرف لاهور بہ ويو تہ گورنر جو مهمان ٿي ويو. هاڻي رڳو ايم ڪيو ايم بچي آهي. جنهن کيس پناهہ مهيا ڪئي آهي.

آخر ايم ڪيو ايم مشرف کي پناهہ ڇو پئي ڏئي؟ اهو وري هڪ ٻيو دلچسپ سوال آهي. ايئن ممڪن آهي تہ ان ڪري هجي جو مشرف جڏهن برگيڊيئر، ميجر جنرل يا ليفٽيننٽ رهيو هجي، تڏهن هن ايم ڪيو ايم تي شفقت ڀريو هٿ رکيو هجي. ايم ڪيو ايم اهو سمجهي ٿي تہ مشرف مستقبل فيڪٽر آهي جڏهن تہ سياسي سيٽ اپ عارضي آهي جنهن جا ٽيڙ ڪنهن وقت بہ گول ٿي سگهن ٿا. اهڙي منجهيل صورتحال ۾ پ پ اڳواڻ

آصف علي زرداري 9 جولاءِ تي دبئي ۾ پارٽي اڳواڻن جو هڪ اهم اجلاس ڪوٺايو. اسان جا اڳواڻ پاڪستان ۾ ملاقاتون ڪري پاڪستان بابت فيصلا ڇو نٿا ڪري سگهن. هڪ ڪاوڙيل پاڪستاني چيو پئي. ايئن ڇو آهي ته پاڪستان جا مک سياسي اڳواڻ آصف زرداري، نواز شريف ۽ الطاف حسين هر وقت دبئي ۽ لنڊن ۾ ويٺل آهن. اهي پنهنجون اهم گڏجاڻيون لنڊن يا دبئي ۾ ڪن ٿا. ڇا پاڪستان هاڻي سياسي اڳواڻن لاءِ غير محفوظ هنڌ بڻجي ويو آهي؟ شايد ان ڪري ئي مک سياسي اڳواڻ آصف زرداري، نواز شريف، الطاف حسين، شوڪت عزيز ۽ ٻيا ڪيترائي پرڏيهه ۾ پنهنجا اثاثا رکڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

اهو سوال دراصل اسان لاءِ ڪنهن اقتصادي ڌماڪي کان گهٽ ناهي، پاڪستاني روپئي جو ملهه مسلسل گهٽجي رهيو آهي. روپئي جو قدر گهٽجڻ سبب امپورٽ بل وڌندو پرڏيهي Debt جي بوجهه کي به وڌائيندو ايئن بجيٽ تي دباءُ وڌندو. غير يقيني صورتحال سبب پاڪستان جا وسيلا به سخت متاثر ٿيا آهن. اهڙو ملڪ جتي وزيراعظم به امپورٽيڊ رهيو هجي، فوج، ڪامورا شاهي ۽ عدليه کي به اها خبر هجي ته شوڪت عزيز جا اثاثا لنڊن ۽ آمريڪا ۾ آهن. پر انهن رياستي ادارن مان ڪنهن ڪڏهن ڪانئس پڇاڻو ڪيو ته پنهنجون رقمون پاڪستان ۾ ڇو نٿو آڻي؟

ايئن ئي آصف زرداري ۽ نواز شريف جي تمام گهڻي دولت پرڏيهه ۾ آهي، جيڪا گهڻي ڀاڱي پاڪستان مان ئي ڪمايل آهي. آخر اهي اها دولت واپس پاڪستان ڇو نٿا آڻين؟ جيڪڏهن مک سياسي اڳواڻ پنهنجي دولت ۽ اثاثا ملڪ کان ٻاهر رکندا ته واپاري به اهو ئي ڪجهه ڪندا. ڪرپٽ ڪامورا به ائين ئي ڪندا. ڇا ڪنهن ڪڏهن اهو ٻڌو ته ڪنهن ڀارتي سياستدان جا پرڏيهه ۾ اثاثا آهن؟ ڀارت ۾ به ڪرپٽ سياستدان آهن پر انهن کي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا طرفان ٺيڪ طرح واڪو ڪيو ويجي ٿو. پر ڪنهن هڪ به سياستدان تي اهو الزام ناهي ته ڪو اهي دولت ڀارت مان ٻاهر ڪڍي ويا آهن. سونيا گانڌي رڳو ان ڪري ڀارت جي وزيراعظم نه بڻائي وئي جو هوءَ ڀارتي نه هئي، پر ڪنهن به هيلتائين مٿس اها تهمت ناهي هنئي ته هن جا اٽلي ۾ به ڪي اثاثا آهن.

(15 جولاءِ 2008ع)

***

# اُن تڏهن تي رڙيا...

جولاءِ 2008ع جو مهينو واقعن سان ڀريو پيو آهي. جولاءِ ۾ ٿي سامهون آيل ٻن واقعن سياسي سيٽ اپ جي مسلسل جدوجهد، ڪمزور ۽ منجهيل هجڻ جي ڪافي پاسن کي واضح ڪيو آهي، ڇو ته اسٽيبلشمينٽ جيڪا گذريل 50 سالن کان ملڪ جي اڇي ڪاري جي مالڪ آهي، اها مسلسل حڪومت کي مصلحتن کان ڪم وٺڻ تي مجبور ڪندي اچي، پهريون واقعو 8 جولاءِ تي ڪابينا ڊويزن طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪري سنڌ جي ڪوئلي کي وفاق حوالي ڪرڻ ۽ ٻيو هو هڪ ٻئي نوٽيفڪيشن ذريعي آءِ ايس آءِ کي وفاقي گهرو وزارت جي ماتحت ڪرڻ، اهي ٻئي نوٽيفڪيشن ترت واپس به ورتا ويا.

انهي وٽ وٺان مان اهو ٿو محسوس ٿئي ته چونڊيل سياسي حڪومت جيڪا ڪمزور ۽ منجهيل به آهي، اها پنهنجي پوزيشن بهتر ڪرڻ چاهي ٿي. اها هن وقت هڪ اهڙي سگهاري اسٽيبلشمينٽ سان مُنهان منهن آهي جنهن وٽ لاتعداد وسيلا آهن ۽ اهڙا طاقتور حربا جن آڏار پنجاهه ورهين کان وڏيڪ عرصي ۾ سوين هزارين پاڪستانين کي رسوا ڪرڻ سان گڏ زندگين کان محروم ڪيو ويو. اها اسٽيبلشمينٽ جمهوريت جي سمورين ڏسائن کي ختم ڪرڻ جو ٺيڪو کيو ويٺي آهي. حالانڪ جمهوريت ۾ وفاقي حڪومت هيٺ صوبا پنهنجي قدرتي وسيلن جا مالڪ هوندا آهن، آزاد ۽ متحرڪ عدليه هوندي آهي، سڀ کان اهم اهو ته بنيادي انساني حقن جو احترام ۽ قانون جي حڪمراني هوندي آهي.

حقيقت ۾ اهي ئي عوامي جدوجهد جا به اهم نڪتا آهن جنهن تحت غريب عوام طاقتور سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسي وڏيرن، سردارن، روحاني

پيشوائن، منافعي خورن ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج جو وهنوار هلائيندڙن سان مهاڏو اٽڪايو اچي. 18 فيبروري تي تيل عام چوندڻ جي نتيجن غريب عوام کي هڪ سمت بہ مهيا ڪئي تہ سگهہ بہ. جو تہ عوام مسلسل ان لاءِ جدوجهد ڪندو پيو اچي.

اچو تہ ڳالهہ جي شروعات تا ڪريون آءِ ايس آءِ بابت نڪتل ٿئي نوٽيفڪيشن کان، 25 جولاءِ تي هڪ سرڪاري نوٽيفڪيشن جاري ڪري آءِ ايس آءِ ۽ آءِ بي کي وفاقي گهرو وزارت جي ماتحت ڪيو ويو. مذڪوره ٻنهي سگهارن ادارن وٽ استعمال ڪرڻ لاءِ لامحدود فنڊ آهن، انهن جا ڪم ڪار ڳجهہ ۾ رکيا ويندا آهن ۽ ڪروڙين پاڪستانين کي ڪڏهن بہ اهو نہ ٻڌايو ويندو آهي تہ آخر اهي فنڊ ڪهڙي مد ۾ استعمال ڪن ٿا. انهن جي حوالي سان فنڊ خرچ ڪرڻ کان بہ وڏيڪ اهم مسئلو گم ٿيل ماڻهن جو آهي.

گذريل 50 سالن کان وڏيڪ عرصي کان پاڪستان تي آمراڻي حاڪميت رهي آهي. اهو سلسلو اتان شروع ٿيو جڏهن وزيراعظم خواجا ناظم الدين کي اقتدار جي بکئي گورنر جنرل غلام محمد هٽائي ڇڏيو. وزيراعظم بجيٽ پارليامينٽ مان پاس ڪرائي ۽ اسيمبلي ميمبرن جي بہ کيس حمايت حاصل هئي. هن آمريڪا جي کاڌ خوراڪ بابت امداد وٺڻ کان انڪار ڪيو هو. ان کانپوءِ لاهور ۽ پنجاب جي ٻين حصن ۾ احمدين خلاف فساد شروع ٿيا. جسٽس منير جي هڪ رپورٽ مطابق ساڄي ڌر جي چئن اخبارن کي "تعليم بالغان" فنڊ مان پنجاب ۾ احمدين خلاف نفرت پکيڙڻ لاءِ ڏوڪڙ ڏنا ويا. انهن اخبارن ۾ جماعت اسلامي جي اخبار "تسنيم" بہ شامل هئي جنهنجو تڏهن ايڊيٽر ٻيو ڪو نہ پر ارشاد احمد حقاني هو،جيڪو اڄڪلهہ جنگ جو مشهور ڪالمسٽ آهي. ٻين ٽن اخبارن ۾ وفاق،مغربي پاڪستان ۽ راهہ حق شامل هيون. پهريون مارشل لا 1954ع ۾ لاهور ۾ لاڳوڪيو ويو. خواجا ناظم الدين کي هٽايو ويو ۽ محمد علي بوگرهہ کي واشنگٽن مان واپس گهرائي وزيراعظم بڻايو ويو. تڏهن جنرل ايوب خان فوج جو ڪمانڊر انچيف هو ۽ پوءِ کيس وزير دفاع بڻايو ويو. تڏهن کان سولين بڻيا "خونخوار سولين" ۽ ملٽري ۽ سول بيورو

ڪريسي به طاقت حاصل ڪئي. طاقتور وڏيرا ۽ شهري واپاري ساڻن ڦر لٽ واري ڪيڏاڙ ۾ شامل ٿي ويا. اهو ئي وقت هو جڏهن ڪراچي جي روڊن تي اُٺ ۽ گڏهه "آمريڪا تنهنجي مهرباني" واري فقري سان ڊوڙندي نظر آيا. ڇو ته تڏهن اهي ئي جانور آمريڪن کاڌ خوراڪ سان ڀريل گاڏڙا پيا ڍوئيندا هئا.

ان وقت کان هيلتائين فوجي عملدارن، انٽيليجنس ڪيڊرز ۽ سول ڪامورا شاهيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي نسل ڪيترين ئي حڪومتن جو حصو رهي چڪا آهن. پر هتي فوج، سول سروسز ۽ ٻجهن ادارن سان لاڳاپيلن جي احتساب جو ڪو تصور ئي موجود ناهي. گذريل 50 سالن کان انهن ماڻهن کان ڪارڪردگي جي حوالي سان ڪڏهن به ڪو سوال نه پڇيو ويو آهي. پاڪستان جي بهترين زرعي زمين گهڻي ڀاڱي دفاعي ادارن سان لاڳاپيل ماڻهن جي هٿ هيٺ رهي آهي. ننڍين توڙي وڏن شهرن ۾ سندن لاءِ شاندار ڊفينس هائوسنگ سوسائٽيز قائم ڪيون ويون آهن. جڏهن ته رٽائرڊ دفاعي عملدارن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پنج درجن کان وڌيڪ انٽرپرائزز به موجود آهن، سول ملازم به هاڻي انهن جو حصو بڻيا آهن. اهي رٽائرمينٽ کانپوءِ گهڻو تڻو ڪميشن جي بزنس ۾ اڳيان اڳيان آهن. رٽائرڊ برگيڊيئر نياز جي ان سلسلي ۾ ايمپائر کڙي ڪرڻ جي ڪهاڻي ئي انوکي آهي، هن فوج کي هٿيارن جي خريداري جي مد ۾ حاصل ڪيل ڪميشن عيوض پنهنجو وڏو جهان ٺاهيو.

سگهارن ادارن کي پنهنجا معاملا هلائڻ جي سلسلي ۾ هر قسم جي آزادي هوندي آهي. اهي ڪنهن کي به ڪٽي به ۽ ڪنهن وقت به جهٽي سگهن ٿا. شهيد حسن ناصر کي 1959ع ۾ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ پوءِ ان جو لاهور قلعي ۾ تشدد سبب موت واقع ٿيو. باوجود ان جي ڪنهن به سگهاري اداري توڙي حڪومت اها ڳالهه نه مڃي ته هو ڪو سندن تحويل ۾ هو. حڪومت جو ان وقت به اهو موقف هو ته هن آپگهات ڪيو هو. جيتوڻيڪ حسن ناصر جي ماءُ پنهنجي پٽ جو مڙهه وصول ڪرڻ آئي هئي، پر هن مڙهه ڏسڻ کانپوءِ چيو هو ته اهو لاش سندس پٽ جو ناهي. ضياءالحق جي دور ۾ بلوچ اڳواڻ عطاءُ الله مينگل جي پٽ کي سردار شيرباز مزاري جي ڪراچي واري رهائشگاهه تان کنيي کنيو ويو. پر اڄ تائين ڪنهن کي به خبر ناهي ته

ڪيس ڪٿي دفن ڪيو ويو. "آءٌ پنهنجي پٽ لاءِ ڏک ڇو ڪريان جڏهن منهنجا هزارين پٽ (بلوچ نوجوان) ڪنپيا ۽ ماريا ويا آهن." عطاءُ الله مينگل مونکي هڪ ملاقات دوران 1997ع ۾ چئي رهيو هو. ڪراچي، جيڪو پاڪستان جو تمام وڏو شهر آهي، اتي پڻ ايئن ٿيو آهي تہ ڪيترائي نوجوان ڪٿي گم ڪيا ويا يا ماريا ويا. جن جي هاڻي قبرن جي بہ خبر ناهي. سنڌي قومپرست پڻ سگهارن هٿن هٿان اهو عذاب ڀوڳي چڪا آهن. نذير عباسي، جيڪو نوجوان شاگرد اڳواڻ هو اهو پڻ تشدد ذريعي ماريو ويو. اهڙن ڪيسن جي ڪڏهن بہ ڪا تحقيقات يا انڪوائري ٿي تہ پوءِ سگهارن ادارن جي احتساب جي ڪهڙي ٿا ڳالهہ ڪريو!

اها آهي سگهارن ادارن جي طاقت، جو ڪو بہ ڪانئن گم ٿيل ماڻهن بابت پڇي نٿو سگهي يا ان ماڻهوءَ جي مرڻ بابت جنهن جي ڪٿان ڪا ڪڙڪ پئي هجي. هي تہ گذريل ٻن سالن جي ڪهاڻي آهي جو گم ٿيل ماڻهن جي وارثن سپريم ڪورٽ سان رجوع ڪيو ڇو تہ گم ٿيلن ۾ اڪثريت پنجاب ۽ سرحد جي ماڻهن جي هئي. جن مان پڻ گهڻن جو تعلق فوج ۽ سگهارن ادارن سان هو. جڏهن عدليہ مٿين سطح تي گم ٿيل ماڻهن بابت تحرڪ ۾ آئي تڏهن ڪمانڊو صدر ڪلي ميدان تي آيو ۽ هٽي سڄو عدالتي نظام درهم برهم ڪري ڇڏيائين. اندازو ڪريو تہ عجيب وغريب پسمنظر رکندڙ جنرل حميد گل، جنرل اسلم بيگ، جنرل اسد دراني، سول سرونٽ روئيداد خان ۽ انهن جهڙن ٻين همراهن کي سياست ڪرڻ جي ڪليل اجازت مليل آهي. اهي ۽ انهن جهڙا ٻيا ڪردار نهايت داغدار پسمنظر رکندڙ آهن، پوءِ بہ هيلتائين ڪانئن ڪنهن عدالت ڪو سوال نہ پڇيو آهي، جنرل حميد تہ ڪلئي عام پاڻ اهو اقرار ڪري چڪو آهي تہ هو 1988ع ۾ پ پ ڪي هارائڻ خاطر آءِ ايس آءِ جي سربراهہ طور عملي طور آءِ جي آءِ جي قيام ۾ شريڪ رهيو. ڪنهن کي بہ اها جرئت نہ ٿي تہ ڪانئس پڇي تہ تو آخر ايئن ڇو ڪيو؟ جنرل اسلم بيگ جو مهراڻ بئنڪ اسڪينڊل ۾ ملوث هجڻ ڪنهن کان لڪل آهي. باوجود ان جي سنڌس ڪهڙو احتساب ڪيو ويو. هن مهراڻ بئنڪ جا ڏوڪڙ سياستدانن ۾ ورهايا. اها اصل ۾ ڪاتيدارن جي رقم هئي، جنهن سان هو کيڏيو. پر پوءِ بہ ڪانئس ڪو سوال ناهي ڪيو ويو.

18 فيبروري جون عام چونڊون پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ ثابت ٿيون، ڇو ته هتي گذريل 55 سالن کان آمرانو طرز حڪومت هلي رهيو آهي. انهي سڄي عرصي ۾ آمر حاڪمن اليڪشن جا پنهنجا قانون جوڙيا. اهو فيصلو به ڪيو ويو ته ڪير چونڊن ۾ بيهي سگهي ٿو ۽ ڪير نٿو بيهي سگهي ۽ اهو به ته ڪير ڪٽيندو. مرڪز ۾ ڪنهن کي حڪومت ڏاهڻي آهي ۽ صوبن ۾ ڪير حڪومت ڏاهي. ليڪن اهو ڪريڊٽ يقيناً محترمه بينظير ڀٽو ڏانهن وڃي ٿو جنهن جمهوريت جي بحالي خاطر هڪ سئو دروازن تي دستڪ ڏني، پر ڪيس مثبت موٽ صرف هڪ يا ٻن هنڌن تان ملي سگهي.

چونڊ نتيجن مثل ماڻهن ۾ نئون ساهه ڦوڪيو. اتحادي حڪومت جو جڙڻ، سگهه حاصل ڪرڻ جو هڪ ٻيو مثبت پهلو هو. پر حالتون ٻڌائن پيون ته جمهوري اسٽرڪچر ۾ ڪي ڪوتاهيون رهجي ويون آهن. اتحادي اندروني ڪمزورين جو شڪار آهن، جنهن ڪري اهي ڪيترن ئي شعبن ۾ مؤثر ڪارڪردگي نه پيا ڏيکارين. جيتوڻيڪ اڃا اميدون ختم ناهن ٿيون. اتحادين اڃا تائين هڪٻئي کان دوري اختيار نه ڪئي آهي.

پاڪستان جي قبائلي علائقن ۽ افغانستان ۾ ٿيندڙ سرگرميون آمريڪا ۽ نيٽو لاءِ ڳڻتي جو باعث آهن، ڪيترن ئي موقعن تي آمريڪا اهوالزام هڻي چڪو آهي ته پاڪستاني بارڊر تي انتها پسندن جون تربيتي ڪئمپون موجود آهن ۽ انتها پسند دهشتگرد افغان-پاڪستان سرحدن وچ ۾ آزاديءَ سان سرگرميون ڪن پيا. حقيقت به اها آهي ته انتها پسند اڳواڻ پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پريس ڪانفرنسون ڪن ٿا، جتي رڳو سگهارن ادارن جي منظور نظر صحافين کي وڃڻ جي اجازت هوندي آهي، ان ڪري به آمريڪا طرفان پاڪستان تي اهڙا الزام لڳن ٿا.

سينيئر پاڪستاني صحافي شاهين صحبائي درست چيو آهي ته هاڻوڪي ڪمزرو حڪومت آءِ ايس آءِ کي گهرو وزارت جي ماتحت ڪري مثبت سگنل ڏنو. جنهن جو مطلب اهو پئي ٿيو ته پارليامينٽ ۾ آءِ ايس آءِ جي مثبت يا منفي ڪارنامن جي ذميوار وزارت داخلا هوندي. حميد گل ۽ ان جهڙن ٻين ماڻهن جي ان تي ناراضگي فطري هئي. هاڻي آءِ ايس آءِ وزيراعظم جي ماتحت آهي، ليڪن حڪومت کي ڪو اهڙو گس ڪيڻ

گهرجي جنهن سان اهو ادارو احتساب جي زمري ۾ اچي سگهي. اها رڳو آمريڪا کي مطمئن ڪرڻ جي ڳالهه ناهي، اهو ڪروڙن پاڪستانين جي بنيادي حقن جو سوال بہ آهي. ڀلي اهو مهينن ۾ نہ ٿئي، سالن ۾ ٿئي، پر ماڻهو ضرور سمورن، ڳجهن ادارن جي ڪارڪردي بابت لکندا ۽ سوال اٿاريندا. هينئر پنٽي هٽڻ واري ڳالهہ عارضي آهي. ان ڪري سمورن سگهارن ادارن کي قانون جي دائري ۾ آڻڻ لاءِ وري ڪي مضبوط قدم کڻڻ گهرجن.

هاڻي پاڻ ڪجهہ ڳالهہ سنڌ جي ڪوئلي جي بہ ڪندا هلون. جون جي پڇاڙي ۾ سنڌ ڪول اٿارٽي کي ڪوئلي تي بجلي ٺاهڻ جي حوالي سان سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ پروپوزل مليا. ليڪن 8 جولاءِ تي اسلام آباد ۾ ڪابينا ڊويزن هڪ نوٽفيڪيشن ذريعي ٿر ڪول اٿارٽي ٺاهڻ ۽ سنڌ ڪول اٿارٽي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ميڊيا ان معاملي کي کنيو. سنڌ حڪومت بہ ان نوٽيفڪيشن جي مخالفت ڪئي، ياد رهي تہ سنڌ ڪول اٿارٽي 1993ع ۾ سنڌ اسيمبلي مان قانون سازي ذريعي قائم ڪئي وئي. ان ڪري ان کي ڪنهن بہ وفاقي نوٽيفڪيشن ذريعي ختم نٿو ڪري سگهجي. اڳ ۾ ئي وفاقي حڪومت سنڌ مان نڪرندڙ تيل جو ڪنٽرول پاڻ وٽ رکيو ويٺي آهي. جنهن مان سنڌ کي ڪجهہ بہ هٿ حاصل نٿي ٿئي. وفاقي حڪومت جي اهڙي فيصلي خلاف سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا آهن. راولپنڊي پريس ڪلب ٻاهران بہ احتجاج ڪيو ويو.

في الحال تہ وفاقي حڪومت کي نوٽيفڪيشن واپس وٺڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي. حقيقت ۾ هن وقت اسان جيڪو ڪجهہ ڏسي رهيا آهيون اها دراصل اسٽيٽس ڪو جي حامي قوتن، فوج، سگهارن ادارن، سول سرونٽس، وڏيرن، شهري فورن ۽ بي سرو سامان عوام وچ ۾ جنگ آهي. عوام لکن ۾ آهي، پر منظم ناهي. اهي نہ رڳو پنٽي پيل پر جذباتي مذهبي، فرقيواريت ۽ لساني نعرن ۾ ورهايل آهن. ليڪن اهي پنهنجي منظم سگهاري دشمن قوت سان وڙهڻ جو فن سکي رهيا آهن ۽ فتح آخر عوام جي ئي ٿيڻي آهي!

(31 جولاءِ 2008ع)

***

# جيڪي چُلهہ تي سي دل تي

آصف زرداري جي صدارتي عهدي لاءِ اميدوار ٿيڻ ڪان وٺي اليڪٽرانڪ توڙي پرنٽ ميڊيا تي سندس خلاف واويلا شروع ڪئي وئي. سندس خلاف ڪيترائي سوال پڻ اٿاريا ويا. آصف زرداري تي مسلم ليگ (ن) جي سربراهہ نواز شريف سان معاهدو ٽوڙڻ جو الزام مڙهيو پيو وڃي. هن چيف جسٽس افتخار چوڌري سميت سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي هٽايل ججن جي ايگزيڪيوٽو آرڊر ذريعي بحالي جو واعدو نہ پاڙيو. باوجود ان جي اها هڪ واضح حقيقت آهي. تہ 6 سيپٽمبر جي صدارتي چونڊن ۾ قومي، صوبائي اسيمبلين ۽ سينيٽ جي ميمبرن جي ڪيس واضح اڪثريت حاصل رهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ سنڌ ۽ سرحد جي صوبائي اسيمبلين اڳواٽ ئي زرداري جي حمايت ۾ ٺهراءَ بحال ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن تہ بلوچستان جي پوري ڪابينا سندس حمايت ڪئي هئي. پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري جي سندس پارٽي بہ حامي آهي. جيڪا چئني اسيمبلين ۾ موجود آهي، جي يو آءِ، اي اين پي، ايم ڪيو ايم، مسلم ليگ (ق) ۽ آزاد اسيمبلي ميمبر بہ سندس پاسي رهيا.

حقيقت اها آهي تہ "اسٽيبلشمينٽ" زرداري جي صدارتي عهدي تي هجڻ جي حق ۾ ناهي. صدر کي آئين جي شق 58 (2) بي تحت اهي اختيار حاصل آهن تہ اهو اسيمبليون ٽوڙي ۽ حڪومت کي گهر پيڙو ڪري ڇڏيو. اهو هٿياربند فوج جو سپريم ڪمانڊر بہ هجي ٿو. هو نيوڪليئر مامرن جو بہ ڪمانڊر هوندو آهي. ليڪن ميڊيا پنهنجو اهو قطعي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ مسٽر زرداري بدعنوان آهي ۽ "مسٽر ٽين پرسنٽ" جي نالي سان شهرت رکي ٿو.

پهريون سوال اهو آهي تہ ڇا 1973ع جي آئين تحت زرداري صدارتي چونڊون وڙهڻ جي اهل هو؟ جي نہ هو تہ پوءِ ڪنهن کي ڪنهن منع تہ نہ ڪئي هئي تہ هو عدالت جو دروازو نہ کڙڪائي ۽ صدارتي چونڊن خلاف منع نامو نہ جاري ڪرائي. جيڪڏهن اسٽيبلشمينٽ آصف زرداري کي ”سيڪيورٽي رسڪ“ سمجهي ٿي تہ پوءِ مسلم ليگ (ق) جي سيڪريٽري جنرل مشاهد حسين کي ڪليئرنس ڪيئن ملي وئي؟ هو تہ اهو ماڻهو آهي جيڪو 1987ع ۾ ڀارتي صحافي ڪلديپ نيئر کي پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جي خالق ڊاڪٽر عبدالقدير سان انٽرويو ڪرائڻ لاءِ وٺي آيو هو. ايئن پوءِ قدير خان پهريون ڀيرو پنهنجي انٽرويو ۾ اهو انڪشاف ڪيو تہ پاڪستان ايٽم بم ٺاهي ورتو آهي. اسان مان گهڻن ماڻهن کي ياد هوندو تہ 80 ع واري ڏهاڪي ۾ ڪهوٽہ ليبارٽري ۽ ڊاڪٽر قدير جي حساسيت جي ڪري ڪيتري حفاظت ڪئي ويندي هئي. سوال اهو آهي تہ مشاهد حسين جيڪو تڏهن هڪ صحافي ۽ مسلم اخبار جو ايڊيٽر هو تڏهن ڇا هو ڪلديپ نيئر کي قدير خان سان ملاقات ڪرائڻ پنهنجي طور تي وٺي ويو هو يا ان اسٽيبلشمينٽ جي ڊيوٽي ادا ڪئي هئي؟ ان ۾ ڪيترو سچ آهي تہ فوج سان لاڳاپيل مک عملدار تڏهن پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جي مارڪيٽنگ ڪري تمام گهڻا ڏوڪڙ ڪمائڻ پيا چاهين، تہ پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ان ”ڊيل ڪرائڻ“ ۾ مشاهد حسين جو ڪيترو حصو هو؟ مشاهد رهيو صاف سٿرو ماڻهو باقي زرداري آهي سيڪيورٽي رسڪ! ميڊيا ۾ موجود دوستن جي معلومات لاءِ عرض تہ مشاهد حسين فقط هڪ صحافي هو ۽ 1990ع ۾ پ پ حڪومت جي معطلي کانپوءِ آگسٽ 1990ع جي پڇاڙي ۾ هن پنهنجي ”دي نيشن“ اخبار ۾ شايع ٿيل مضمون ۾ انڪشاف ڪيو هو تہ اسٽيبلشمينٽ بينظير ڀٽو کي سيڪيورٽي رسڪ قرار ڏئي ڇڏيو هو.

اهڙين اسٽوريز جو پسمنظر اهو هوندو آهي تہ جڏهن بہ ڪو چونڊيل اڳواڻ عوامي ميڄتا ماڻيندو آهي تہ ان خلاف اهڙي ڀنڊي ٻاري ويندي آهي، ايئن ئي ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو سان ڪيو ويو ۽ هاڻي سندس

ور آصف علي زرداري سان ڪيو پيو وڃي حالانڪ هن صدارتي چونڊ لاءِ سمورا قانوني ۽ آئيني لوازمات پورا ڪيا. پوءِ بہ ڪيس سيڪيورٽي رسڪ چيو ويو. اهي سمورا صحافي جيڪي ماضي ۾ يا هاڻي اسٽيبلشمينٽ جي ايجنڊا تي ڪم پيا ڪن، اهي سڀ محب وطن آهن! آصف زرداري بہ هڪ انسان آهي، ان ۾ بہ ڪي ڪميون ڪوتاهيون ٿي سگهن ٿيون. هو تنقيد کان بالاتر ناهي. بلڪ هاڻي تہ هن ملڪ جو انتهائي اهم عهدو سنڀالي ورتو آهي ۽ هاڻي يقيناً هو اڳوڻن صدرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهارو هوندو. تنهنڪري هو جيڪو ڪجهہ بہ ڪري ان تي تنقيدي نگاهہ بہ رکڻ گهرجي. ليڪن صدر کي اضافي اختيار جيڪي ڪيس 17 هين ترميم تحت حاصل ٿيا، ان جا ذميوار مشاهد حسين جي پارٽي مسلم ليگ (ق) جماعت اسلامي ۽ جي يو آءِ (ف) آهن. مشرف کي 1999ع واري گهات هڻڻ کانپوءِ ٽن سالن تائين اقتدار ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وئي، ڪيس آئين ۾ سپريم ڪورٽ جي فيصلي تحت تبديليون ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو. سپريم ڪورٽ جي ان بينچ ۾ جسٽس افتخار چوڌري بہ شامل هو.

ميان نواز شريف آصف زرداري تي واعدي خلافي ۽ معاهدي ٽوڙڻ جي ڪري ڏمريل آهي. هر اهو سياستدان جيڪو زميني سياسي ڪيڏاڙ ۾ شامل هجي ٿو ان کي قومي سياست جي ڪيڏارين سان ٿهي هلڻو پوندو آهي. مشرف اهڙن ئي ڪيڏارين جي مدد سان 1999ع ۾ اقتدار ۾ آيو. هو 2007ع جي پڇاڙي تائين يونيفارم ۾ رهيو چيف آف آرمي اسٽاف ۽ صدر طور اختيار استعمال ڪيائين. مسلم ليگ (ق) ۽ ٻيا بہ ساڻس گڏ رهيا. جيتوڻيڪ بينظير ڀٽو انقلابي اڳواڻ نہ هئي، پر هوءَ عوام جي طاقت ۾ يقين رکندڙ هئي. هن سئو در ڪڙڪايا، پر ڪيس اُڙيو ٽُڙيو جواب مليو. ايئن هُن نہ رڳو جنرل مشرف کي وردي لاهڻ تي مجبور ڪيو بلڪ فوجي حڪمرانن کي عام چونڊون ڪرائڻ تي بہ مجبور ڪيو. اهو پ پ ۽ بينظير جي ڪري ئي ممڪن بڻيو جو نواز شريف پاڪستان موٽي سگهيو. اها بينظير ئي هئي جنهن نواز شريف تي زور پريو تہ هو عام چونڊن ۾ حصو وٺي، جنهن سبب کين قومي اسيمبلي ۽ پنجاب اسيمبلي ۾ ڪافي سيٽون مليون.

مشرف پنهنجي وردي لاتي ۽ عام چونڊون ڪرايون. پر هو بينظير ۽ نواز شريف جي چونڊن کان اڳ پاڪستان اچڻ لاءِ راضي نہ هو. بينظير جنرل جي اها ڳالهہ مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي وئي. ليڪن سنڌس شهادت پاڪستان جي عوام کي جمهوريت ڏني، نواز شريف ۽ سنڌس پارٽي کي پاڪستان جي سياست ۾ سگهہ ۽ مان مرتبو مهيا ڪيو. نواز شريف کي خبر آهي تہ هاڻي مشرف کي ڪڏيو بہ ويو تہ عزت سان، ڪيس ويندي ويندي 18 آگسٽ تي گارڊ آف آنر بہ پيش ڪيو ويو. ڇو تہ فوج مشرف جي اقتدار ۾ وڌيڪ رهڻ جي حامي نہ هئي، ڇو تہ اسٽيبلشمينٽ سنڌس ڪارڻ سخت تنقيد هيٺ هئي. ليڪن ڪنهن بہ ماڻهوءَ نواز شريف يا سنڌس پارٽي کي نہ روڪيو هو تہ اهي سپريم ڪورٽ ۾ مشرف خلاف بغاوت، آئين جي ڀڃڪڙين، بگٽي جي قتل جو توڙي ٻيا ڪيس داخل نہ ڪن. اجا بہ اهو ڏسڻو آهي تہ ڪيترا ماڻهو اهي ڪيس داخل ڪن ٿا. ڪيترا وڪيل اهي ڪيس کڻن ٿا ۽ ڪيترا جج اهي ڪيس هلائن ٿا. نواز شريف ان وقت نهايت معصوم لڳو جڏهن هن چيو تہ عطاءُ الله مينگل سنڌن پارٽي جي اميدوار طور صدارتي چونڊ وڙهي. هن اهو محسوس نہ ڪيو تہ هڪ ڳجهي اداري سنڌس نوجوان پٽ اسد کي ڪراچي ۾ شيرباز مزاري جي گهر اڳيان کنيو هو جنهن جو اڄ ڏينهن تائين ڪو پتو ڪرو ناهي تہ هن کي ڪٿي ماريو ويو ۽ ڪٿي دفن ڪيو ويو. نواز شريف طرفان اهڙي ڳالهہ احمقائپ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي، ڇو تہ جنهن نظام مينگل جو پٽ جيئري ماري ڇڏيو هجي، هزارين بلوچ اغوا ڪري گم ڪري ڇڏيا هجن. هو آخر اهڙي نظام جو حصو ڇو بڻبو؟

زرداري ۽ سنڌس پارٽي، فوج، آمريڪا ۽ سنڌس اتحادين جي ڪردار کي سياسي انداز سان سلهاڙيو. هاڻي پ پ حڪومت فوج ۽ آمريڪا طرفان ڏنل فريم ورڪ اندر ڪم ڪندي پرڏيهي معاملن تي، فوج ۽ آمريڪا جي گرفت رهندي. جڏهن تہ داخلي معاملن واپار ۽ معيشت ۾ فوج جي مداخلت تي ڪرڙي نگاهہ رکڻي پوندي. انهي فريم ورڪ ۾ عوام جي حمايت سان ممڪن آهي تہ حڪومت پنهنجي قومي خود مختياري بحال رکي

انهي منظرنامي ۾ جڏهن پاڪستان جي معاشي صورتحال انتهائي خراب آهي، سرحد ۽ بلوچستان جي حالت بہ بدتر آهي، باوجود انهي جي هر

پاڪستاني جي خواهش آهي تہ سياستدان پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪن. نواز شريف جي پارٽي جيڪڏهن وفاق ۾ شامل ناهي تہ ان کي پنجاب حڪومت ۾ رهڻ گهرجي.

پاڪستان ۾ 18 فيبروري جي چونڊن کانپوءِ ڪافي مثبت تبديليون آيون آهن. پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جو جڙيل حڪمران اتحاد اي اين پي، جي يو آءِ، ايم ڪيو ايم جي شموليت سان وڌيڪ سگهارو ٿيو بلوچ قيادت بہ انهن ۾ اعتماد جو اظهار ڪيو پنجاب جي قيادت بہ بلوغت جو مظاهرو ڪيو. وزيراعظم جي جتي سيني سياسي ڌرين حمايت ڪئي، اُتي ان جي مسلم ليگ (ق) بہ حمايت ڪئي، پر پ پ جي ڪارڪنن ان جي آجيان نہ ڪئي. هاڻي جڏهن نواز شريف ڪافي معاملن جي ڪري ڪاوڙيل آهي تڏهن ميڊيا ۽ شيخ رشيد جهڙا سياستدان ان صورتحال کي پنهنجي حق ۾ استعمال پيا ڪن. پر نواز شريف پوءِ بہ صبر جو دامن هٿان نہ ڇڏيو آهي.

زرداري جي صدارتي عهدي تي چونڊجڻ کانپوءِ پ پ کي وڌيڪ بالغ نظريءَ جو مظاهرو ڪرڻو پوندو جڏهن تہ مسلم ليگ (ن) جي قيادت لاءِ بہ اهو هڪ لحاظ کان امتحان هوندو. هاءِ ڪورٽ جا جج ٿوري ٿوري تعداد ۾ بحال ٿيڻ شروع ٿيا آهن. پر ان ۾ اڃا ڪافي وقت لڳندو. عدليہ جي آزادي رڳو ججن جي بحالي سان نہ ايندي، پر اها ججن طرفان قائم ڪيل روايتن سان ممڪن آهي. هي وقت آهي پاڪستاني سياستدانن کي اهو ثابت ڪرڻ جو تہ اهي ڏکئي کان ڏکي صورتحال کي بہ ثابت قدمي سان منهن ڏئي سگهن ٿا. پاڪستان جي سياستدانن کي اهو اوس ڪرڻو ئي پوندو تہ معيشت کي سڌي گس تي آڻين، فوج کي سياست کان پري رکن، قانون جي حڪمراني آڻين، اهڙو وفاق جوڙين جنهن ۾ صوبن کي پنهنجا حق حاصل هجن ۽ ادارا پنهنجون خدمتون صحيح نموني سرانجام ڏين. ايئن ئي پاڪستان هڪ حقيقي آزاد ۽ خودمختيار ملڪ بڻجي ترقي ڪري سگهي ٿو.

(31 سيپٽمبر 2008ع)

***

# سياسي تاريخ جو اهم ڏينهن

پاڪستان جي تاريخ ۾ 9 مارچ جو ڏينهن غير معمولي ڏينهن جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي، ڇو تہ ساڳئي ڏينهن سال 2007ع ۾ پاڪستان جي چيف جسٽس افتخار چوڌري، جنرل پرويز مشرف ۽ سندس ساٿي جنرلن جي فرمان مڃڻ کان وڏي واڪي انڪار ڪيو جيڪي کانئس استعيفيٰ جا طالبو هئا. چيف جسٽس گم ٿيل ماڻهن جي پراسرار گمشدگي خلاف "پاڻمرادو قدم" کڻڻ تي، مشرف سرڪار کانئس استعيفيٰ جي گهر ڪئي. درحقيقت پرسرار گمشدگي خلاف "پاڻمرادو قدم" کڻڻ ڪيترن پاڪستاني جنرلن ۽ آمريڪي انتظاميا کي ڌڪي لڳي، ڇو تہ گم ٿيل ماڻهن مان ڪيترا ماڻهو گوانتانامو ۽ افغانستان جي آمريڪي ڪنٽرول هيٺ بگرام قيد پهچايا ويا هئا. افتخار چوڌري بہ ٻين وانگر عام رواجي طور ڪيريئر کي اهميت ڏيندڙ ماڻهو هو. هن پرويز مشرف طرفان 12 آڪٽوبر 1999ع تي اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ پي سي او تحت قسم کنيو جڏهن تہ ان وقت جسٽس سعيد الزمان صديقي ۽ ڪجهہ ٻين ججن پي سي او تحت قسم کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ خاموشي سان استعيفائون ڏئي ڇڏيون.

مسٽر جسٽس افتخار چوڌري خلاف چارج شيٽ جاري ڪئي وئي، پر هن جي استعيفيٰ ڏيڻ کان انڪار سڄي ملڪ ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو ۽ ان کانپوءِ 20 جولاءِ 2007ع تائين ملڪ ۾ چا ٿيندو رهيو سڀني جي اڳيان آهي. ان کان بعد سپريم ڪورٽ فل بئنچ چيف جسٽس افتخار چوڌري کي پوري اعزاز سان بحال ڪري ڇڏيو.

پاڪستان جي تاريخ ۾ 9 مارچ 2008ع بہ ايئن ئي غير معمولي ڏينهن آهي. ان ڏينهن تي ملڪ جون بہ وڏيون چونڊيل سياسي پارٽيون، پ پ ۽

مسلم ليگ (ن) يورين، مري هوٽل ۾ گڏيون ۽ تاريخي معاهدي تي صحيحون ڪيائون. پ پ جي آصف علي زرداري ۽ مسلم ليگ (ن) جي محمد نواز شريف، وفاق ۽ پنجاب ۾ گڏيل حڪومت ناهڻ ۽ ججن جي بحالي لاءِ هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون. مذڪوره اتحاد ۾ اي اين پي بہ شامل آهي ۽ اهي سرحد ۽ بلوچستان ۾ گڏجي حڪومت ناهيندا. اهڙي معاهدي کي سڄي ملڪ جي ميڊيا پاڪستان جي تاريخ جو انتهائي اهم ترين واقعو قرار ڏنو آهي. اهڙو ئي پهريون تاريخي معاهدو 2006ع ۾ ”ميثاق جمهوريت“ جي صورت ۾ بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف وچ ۾ ٿيو هو ان کان اڳيون تاريخي قدم بينظير ڀٽو طرفان ملڪ واپسي وارو فيصلو ۽ چونڊن ۾ حصو وٺڻ وارو هو جنهن کي پرويز مشرف سان ڊيل پڻ چيو ويو. نواز شريف شروع ۾ مذهبي ڌرين ۽ قومپرست ڌرين سان گڏجي چونڊ کان پري رهيو پر بينظير مٿس زور ڀريو تہ هو چونڊن ۾ بيهي، ايئن پوءِ هو چونڊن جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيو. اهو ڪريڊيٽ بهرحال نواز شريف ڏانهن وڃي ٿو تہ هن پنهنجا نامزدگي ڪاغذ اليڪشن ڪميشن کان رد ٿيڻ باوجود پنهنجي پارٽي اڳواڻن کي چونڊ ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏني. پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) جي گڏجڻ پاڪستان جي عوام کي ٻيو اهم موڙ ڏنو آهي. ملڪ جي عوام پ پ، مسلم ليگ (ن) ۽ اي اين پي کي ووٽ ذريعي وڏي اڪثريت ڏياري حقيقت ۾ مشرف ۽ سندس اتحادين کي رد ڪري ڇڏيو آهي. 18 فيبروري جي چونڊن کانپوءِ 9 مارچ آچر ڏينهن ٿيل اهم واقعي 16 ڪروڙ عوام جو قد اوچو ڪري ڇڏيو آهي!

هاڻ اهي سوال اڀاريا وڃن ٿا تہ مشرف مستقبل ۾ ڪهڙا قدم کڻندو؟ هن جا آپشنز ڪهڙا هوندا؟ پهريون اهو آهي تہ هن وٽ اڃا تائين 58 (2) B جو هٿيار موجود آهي، جنهن تحت ڪيس حڪومت کي معطل ڪرڻ ۽ اسيمبلين برطرف ڪرڻ جو اختيار مليل آهي. ٻيو اهو تہ هو سندس لاڳو ڪيل پي سي او تحت قسم کنيل سپريم ڪورٽ جي ججن کان سندس خلاف قومي اسيمبلي ۾ پاس ڪيل ڪنهن قرارداد خلاف ڪا Advice وٺي سگهي ٿو. رٽائرڊ جج سياسي پارٽين کي اهي مشورا ڏئي رهيا آهن تہ

مشرف جي بطور چيف آف آرمي اسٽاف ايمرجنسي لاڳو ڪري سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ 60 جج هٽائڻ وارو حڪمنامو ئي غير قانوني آهي. ياد رهي تہ مشرف جي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ واري حڪمنامي کي ساڳئي ڏينهن، تيپهري ڌاري سپريم ڪورٽ جي ست رڪني بينچ غير قانوني قرار ڏنو هو. تڏهن مشرف ججن کي معطل ڪيو ۽ نئون چيف جسٽس نامزد ڪيو ۽ جج مقرر ڪيا، جن مشرف جي پي سي او تحت قسم کنيو. نون ججن اچڻ شرط سپريم ڪورٽ طرفان ايمرجنسي کي غير قانوني ۽ غير آئيني قرار ڏيڻ واري فيصلي کي پاسيرو ڪري ڇڏيو.

صدر مشرف جا قانوني مشير جن ۾ اٽارني جنرل ملڪ قيوم ۽ شريف الدين پيرزادو بہ شامل آهن، ڪيس اهي مشورا ڏئي رهيا آهن تہ هو سپريم ڪورٽ جي فل بينچ کان قومي اسيمبلي ۾ ججن جي بحالي جي سلسلي ۾ قرارداد آڻڻ کي روڪڻ بابت اسٽي آرڊر وٺي، ان سلسلي ۾ سپريم ڪورٽ قومي اسمبلي کي اهو مشورو ڏئي تہ اها ان مامري کي تيستائين ايوان ۾ کڻڻ جي اجازت نہ ڏئي جيستائين سپريم ڪورٽ ان بابت ڪو قطعي فيصلو ڏئي. ايئن مشرف پنهنجي "گيم" ڪرڻ لاءِ وڌيڪ وقت وٺڻ چاهيندو. ان دوران جيڪڏهن هن سمجهيو تہ فوج ساڻس گڏ بيٺي آهي تہ ڇڪتاڻ ۾ ويندو جيڪڏهن اهو محسوس ڪيائين تہ فوج سندس پُٺ تي ناهي تہ هو مصلحت ۾ "ڏي وٺ" واري واٽ وٺندو!

حقيقت ۾ مشرف جي حامين، سياستدانن، ججن ۽ وڪيل اڳواڻن وچ ۾ "بئڪ ڊور چئنل" کان ڳالهيون تہ ٿي رهيون آهن، پر اجا تائين ڪي مثبت اشارا سامهون ناهن آيا. مسئلو اهو بہ آهي تہ گذريل اٺن ورهين کان پرويز مشرف حڪومت جو طاقتور ترين شخص رهيو آهي. هاڻي هو پارلياماني نظام حڪومت ۾ "سجاوٽي سامان" طور ڪيئن هلي سگهندو؟

سياستدان ۽ سندن قانوني صلاحڪار ان راءِ جا آهن تہ هڪ آمر طرفان ڪنيل ڪن آئين کان مٿانهن قدمن جي صورت ۾ جمهوريت ڏانهن سفر ۾ ان جي پارليامينٽ مان منظوري وٺڻ لازمي هوندي آهي. جڏهن تہ جنرل ضياءُ جولاءِ 1977ع ۾ اقتدار تي قبضو ڪيو تڏهن هن ڪيترائي

آئين کان مٿاهان قدم کنيا هئا. هن 1985ع ۾ غير جماعتي چونڊون ڪرايون. آئيني حڪمنامي جي بحالي کان اڳ پارليامينٽ ذريعي آئين ۾ ائين ترميم ڪئي وئي. اهو دراصل 55 ترميمن جو هڪڙو پئڪيج هو. پارليامينٽ ان مان ڪجهه رد ڪيون، باقي منظور ڪري ڇڏيون هيون. بلڪل ائين ئي مشرف به 2002ع جي چونڊن کانپوءِ 17 هين آئيني ترميم جي پارليامينٽ کان منظوري ورتي هئي. سياسي ڌرين چواڻي 3 نومبر 2007ع تي ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ، سپريم ڪورٽ جي ججن کي هٽائڻ ۽ نون ججن جي مقرري، اهي سمورا قدم آئين کان مٿانها آهن، ان ڪري هاڻي اها مشرف جي ذميواري ٿي بڻجي ته 3 نومبر ۽ ان کانپوءِ کنيل قدمن کي قانوني جواز مهيا ڪرڻ لاءِ قومي اسيمبلي ۾ به ٻاڱي تي اڪثريت ثابت ڪري جڏهن ته سياسي ڌريون قومي اسيمبلي مان سادي قرارداد ذريعي 3- نومبر جي قدمن کي غير آئيني قرار ڏيڻ، هٽايل ججن جي بحالي ۽ نون مقرر ڪيل ججن جو ڪيس سپريم جڊيشل ڪائونسل موڪلڻ لاءِ آهي.

ساڳئي وقت مشرف به پنهنجي ڪيڏاڙ ڪري رهيو آهي. چونڊن کان تڪڙو پوءِ هن پنهنجي حمايت ظاهر ڪرڻ لاءِ مسلم ليگ (ق) جي قيادت کي پنهنجي گهر سڏائي ورتو. هن کين متحد رهڻ جو مشورو ڏنو. هن جو پيغام اهو هوته هو B (2) 58 جي ڪري اجا به طاقتور آهي، جنهن ذريعي هو اسيمبلي ٽوڙي ۽ حڪومت معطل ڪري سگهي ٿو. ليڪن آرٽيڪل B 58(2) ان صورت ۾ موثر هجي ٿو جڏهن فوج صدر سان گڏ هجي. جڏهن فوج صدر جي حمايت ڪندي، تڏهن ئي سپريم ڪورٽ ان جي مدد لاءِ اڳيان ايندي. اهو تڏهن ٿيو هو جڏهن مرحوم ضياءَ الحق طرفان جوڻيجو کي هٽايو يو هو. ان جو پيهر ورجاءُ ڪندي آگسٽ 1990ع ۾ غلام اسحاق خان طرفان بينظير ڀٽو جي حڪومت معطل ڪئي وئي هئي. ليڪن 1993ع ۾ جڏهن غلام اسحاق خان نواز شريف جي حڪومت معطل ڪندي بلخ شيرمزاري کي نگران وزيراعظم مقرر ڪيو ته سپريم ڪورٽ صدر غلام اسحاق خان خلاف فيصلو ڏنو. ان وقت فوج جو سربراهه جنرل وحيد ڪاڪڙ هو جيڪو پهرين غير جانبدار هو پر پوءِ هن مداخلت ڪندي

غلام اسحاق خان ۽ نواز شريف کي استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وڌو. 1997ع ۾ صدر فاروق لغاري بہ ان وقت نواز شريف خلاف 58(2) B جو استعمال ڪرڻ پئي گهريو جڏهن هن اسيمبلي ۾ شق کي ختم ڪرائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي پر پوءِ لغاري کي زبردستي اسعيفيٰ ڏياري وئي ۽ رفيق تارڙ کي صدر بڻايو ويو. آرٽيڪل 58 (2) B مشرف ٻيهر سترهين ترميم ذريعي متعارف ڪرايو پر اهو شڪ موجود آهي تہ مشرف کي اهي اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ فوج حمايت ڪندي بہ يا نہ! ٻيو اهو تہ اڃا پارليامينٽ وجود ۾ ئي نہ آئي آهي ۽ ان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ حڪومت کي پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻي آهي ان صورت ۾ صدر وٽ 58(2) B جي استعمال جو اسيمبلي خلاف جواز ڪهڙو هوندو؟

هاڻي ڪافي حلقن جي اها متفقہ راءِ آهي تہ صدر مشرف غير يقيني جو عنصر بڻجي چڪو آهي. ساڳئي وقت تڪراري بڻيل ۽جمهوري نظام ۾ "مس فٽ" آهي. هن لاءِ بهتر آپشن اهو آهي تہ عزت سان عهدو ڇڏي ڏئي! سندس پُٽ آمريڪا ۾ رهي ٿو جتي هو پنهنجي زندگي جا باقي ڏينهن سک ۽ سڪون سان گهاري سگهي ٿو. اهو عين ممڪن آهي تہ سندس جاءِ تي عدالت عظميٰ سان لاڳاپيل ڪنهن فرد کي صدر مقرر ڪيو وڃي!

(15 مارچ 2008ع)

***

# اين ايف سي ايوارڊ: سنڌ سان ڏاڍ جي وارتا

پاڪستان جي آزادي جي اعلان يعني 1947ع کان وٺي هيلتائين ڇهن مالياتي ايوارڊن جو اعلان ڪيو ويو. جڏهن ته ٽي نيشنل فنانس ڪميشنز جوڙيون ويون، جن مان هڪ جو سربراهه وزيراعظم شوڪت عزيز آهي، جيڪا پڻ نئين ايوارڊ بابت ڪنهن نتيجي تي ناهي پهچي سگهي.

اها ڳالهه آخر ڇا جي عڪاسي ٿي ڪري؟ ان مان پائنجي ٿو ته ملڪ ۾ وڏي پيماني تي سياسي اُڻ تُڻ سان گڏ اهم قومي مسئلن تي اتفاق راءِ موجود ناهي، جيڪا ڳالهه پڪ سان هر سوچيندڙ ۽ ساڃهه وند ماڻهوءَ لاءِ ڏکي آهي. حقيقتون ڄاڻڻ لاءِ اسان کي ماضيءَ جي تاريخ تي به نگاهه وجهڻي پوندي، جنهن ۾ واضح نظر ايندو ته پاڪستان جي اڪثريتي آبادي يعني 56 سيڪڙو بنگالين کي نظر انداز ڪيو ويو نه رڳو اهو پر سندن اعتراضن کي به ٻڌو اڻ ٻڌو ڪيو ويو ۽ ساڻن اقتصادي توڙي سماجي طرح نا انصافيون ڪيون ويون.

1954ع ۾ سياسي پارٽين جي اتحاد حڪمران مسلم ليگ کي اوڀر پاڪستان ۾ شڪست ڏني هئي. اهو ناانصافين خلاف ڀرپور احتجاج هو پر بنگالين جي ڪاوڙ ۽ فرسٽريشن جي سامهون آيل پيغام کي اولهه پاڪستان جي حاڪمن سنجيدگيءَ سان نه ورتو. ٻيهر وري جڏهن 1970 ع ۾ چونڊون ٿيون ته بنگالين وڏي پيماني تي عوامي ليگ کي ووٽ وڌا. حاڪمن بنگالين جي ان پيغام کي به نه سمجهيو ۽ فوجي آپريشن ڪيو ويو. جنهن ۾ هزارين معصوم ماڻهو ماريا ويا. جنهن جو نتيجو آخرڪار وري به پاڪستاني فوج جي شڪست جي صورت ۾ نڪتو. پر ان سانحي کان پوءِ به سبق حاصل نه ڪيو ويو. اهي فوجي آفيسر جن بنگال ۾

انسانيت کي شرمائيندڙ ظلم ۽ تشدد ڪيو تن کي ڪي بہ سزائون تہ نہ ڏنيون ويون، بلڪ کين سندن اصل پوزيشن ۾ ٻيهر بحال ڪيو ويو نہ رڳو اهو پر کين اهي سمورا فائدا ۽ پينشن ڏيڻ سان گڏ. جڏهن اهي مري ويا تہ انهن کي فوجي اعزاز سان دفنايو ويو. باقي بچيل پاڪستان ۾ ٻن صوبن، خاص طور تي سنڌ ۽ بلوچستان سان ناروا سلوڪ روا رکيو ويو جنهن کين اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو تہ آيا اهي وفاق جو حصو آهن يا ڪن مخصوص قومن جي رحم ڪرم تي گذارين پيا.

1979ع ۽ 1985ع ۾ اڳوڻي فوجي آمر جنرل ضياءَ الحق بہ اين ايف سيز (نيشنل فنانس ڪميشنز) مقرر ڪيون، ٻنهي اين ايف سيز جو سربراهہ غلام اسحاق خان هيو جيڪو ضياءُ الحق سان حڪومت جي ٻهرين ڏينهن کان وٺي سندس آگسٽ 1988ع ۾ ٿيل موت تائين گڏ رهيو ۽ سندس چلتو ٿي وڃڻ کانپوءِ صدر پڻ بڻيو غلام اسحاق خان پنهنجي دور ۾ اين ايف سي جي ڪابہ گڏجاڻي نہ گهرائي، تنهنڪري اين ايف سي ايوارڊ جي ڪا ورڇ نہ ٿي سگهي ۽ سنڌ، بلوچستان جا مسئلا جيئن جو تيئن رهيا.

جنرل مشرف 12 آڪٽوبر 1999ع تي اقتدار سنڀاليو ۽ سندس قوم کي ڪيل پهرئين خطاب ۾ هن ملڪ کي درپيش مسئلن جو ذڪر ڪندي ملڪ ۾ قومي اتفاق راءِ نہ هئڻ جي بہ ڳالهہ ورجائي. شوڪت عزيز جي ناٽي جي وفاقي وزير طور مقرري کان پوءِ حڪومت جولاءِ 2000ع ۾ نيشنل فنانس ڪميشن جوڙڻ جو اعلان ڪيو جنهن رڳو اين ايف سي جي جوڙجڪ وارن معاملن لاءِ ئي ڇهہ مهينا ورتا. ايئن اين ايف سي جون وقفي وقفي سان گڏجاڻيون شروع ٿيون. آڪٽوبر 2002ع ۾ چونڊن جو بہ اعلان ڪيو ويو. اين ايف سي مارچ 2002ع کان ان سلسلي ۾ گڏجاڻين جي شروعات ڪئي وئي. هڪ گڏجاڻي آگسٽ 2002ع ڌاري ڪراچي ۾ ٿي. ٻن ڏينهن جي اجلاس ۾ متفقہ طور تي اهو طئي ڪيو ويو تہ اين اين ايف سي ايوارڊ جي ورڇ فقط آباديءَ جي آڌار ڪئي ويندي. ساڳي وقت ان ڳالهہ تي بہ بحث ڪيو ويو تہ اڳئين اين ايف سي ۾ وسيلن آڌار ورڇ تي بہ غور ويچار ڪيو ويندو جيڪو 2007ع يا 2008ع ۾ ٿيندو. اين ايف سي ۾ سنڌ

بلوچستان ۽ سرحد کي وڏيڪ فنڊ ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪندي هر سال 20 بلين Subvention fund رکڻ جي تجويز ڏني وئي، جن مان ايندڙ پنجن سالن لاءِ ٿنهي ننڍين صوبن سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد کي آباديءَ آڌار فنڊ مهيا ڪيا ويندا. سواءِ ٻن مامرن جي لڳ ڀڳ ٻين اشوز تي صوبا متفق ٿي ويا ۽ انهن ٻن اشوز ۾ هڪ هيو صوبن وچ ۾ 2.5 سيڪڙو جنرل سيلز ٽيڪس جي ورهاست ۽ ٻيو هيو سرحد صوبي کي هائيڊل جو منافعو ڏيڻ.

ياد رهي تہ 2.5 سيڪڙو جنرل سيلز ٽيڪس 1988ع ۾ نواز شريف حڪومت طرفان آڪٽراءِ ۽ ضلعي ٽيڪس جي نعمالبدل طور متعارف ڪرايو ويو هو.

ڪراچي جي موچاري آمدني آڪٽراءِ مان ٿيندي هئي، جنهن ذريعي ڪي ايم سي پنهنجو ڪاروهنوار سٺي نموني هلائي سگهندي هئي، سمجهيو اهو پئي ويو تہ ڪي ايم سي توڙي سنڌ جي بلدياتي ادارن کي آڪٽراءِ ۽ ضلعا ٽيڪس واپس وٺڻ سبب پهتل نقصان جو ازالو وصوليءَ جي بنياد تي 2.5 سيڪڙو جي ايس ٽي ڏئي ڪيو ويندو پر افسوس جو جيئن سنڌ سمجهيو پئي اهڙي طرح 2.5 سيڪڙو جي ايس ٽي جي ورهاست نہ ڪئي وئي. ڪُل 32.5 سيڪڙو ٽيل وصوليءَ کي آباديءَ جي بنياد تي ورهايو ويو ۽ 67.5 سيڪڙو وصولي تي ڏنو ويو. پنجاب غلط انگ اکر ڄاڻائي 2.5سيڪڙو وصوليءَ جي بنياد تي وڏيڪ حصو حاصل ڪري ورتو. سنڌ حڪومت وٽ 2002ع جا آڊٽ ٿيل انگ اکر موجود آهن، جن موجب پنجاب جي حصي ۾ ڪابہ ڪٽو تي نہ ڪئي وئي، جڏهن تہ گذريل ٽن سالن کان گهاٽو برداشت ڪندڙ سنڌ کي ڪوبہ رليف نہ ڏنو ويو.

ڏنو وڃي تہ سرحد جو هائيڊل ۾ نفعي واري حصي جو اين ايف سي سان تعلق ناهي، پر انهيءَ کي بہ هرويرو ان سان اٽڪايو ويو. سيپٽمبر 2002ع ۾ لاهور ۽ پشاور ۾ بہ اين ايف سي جون گڏجاڻيون منعقد ٿيون، پر ڪوبہ نتيجو ڏئي نہ سگهيون. آخرڪار اهو اعلان ڪيو ويو تہ آڪٽوبر 2002ع جي عام چونڊن کانپوءِ اين ايف سي ايوارڊ روينيو جي بنياد تي ورهايو ويندو ۽ اهو معاملو وفاقي توڙي صوبائي چونڊيل حڪومتون اچي حل ڪنديون.

نيٺ آڪٽوبر 2002ع ۾ چونڊون ٿيون، ۽ مسلم ليگ (ق) اسلام آباد جي آشيرواد سان وفاق توڙي صوبن ۾ حڪومتون ٺاهڻ جي قابل بڻي، مسلم ليگ جي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي جوڙجڪ ۾ جوڙ توڙ وارن مرحلن سبب ڪافي وقت لڳو. جڏهن ظفرالله جمالي وزيراعظم بڻيو تڏهن وري اين ايف سي جومعاملو ڇُريو. حالانڪ لاڳيتو شوڪت عزيز ئي ناڻي وارو وزير ۽ ڪميشن جو سربراهه هو.

سنڌ ۾ حفيظ شيخ جي جاءِ تي سيد سردار احمد ناڻي وارو وزير بڻيو جنهن ڪري هو اين ايف سي جو ميمبر بہ ٿي ويو. جڏهن تہ رٽائرڊ ڪامورو عبدالڪريم لوڌي خانگي ميمبر طور سنڌ جو نيشنل فنانس ڪميشن ۾ ميمبر رهيو. بلوچستان جو احسان شاهہ (جيڪو تربت ۾ پنجابي سيٽلر آهي، ۽ فوجي ڇانوڻين کي سامان مهيا ڪندو آهي، کي چونڊون کٽرايون ويون. حالانڪ هو ياسين بلوچ هٿان هارائي چڪو هو. صورتحال تہ اهائي هئي جو پاڻ بہ ذهني طور تي شڪست قبول ڪري چڪو هو پر ٿوري فرق سان سندس "فاتح" هجڻ جو اعلان ڪيو ويو) کي اتان جو ناڻي وارو وزير بڻايو ويو. پر اين ايف سي جومعاملوپوءِ بہ رولڙي جو شڪار رهيو ڇاڪاڻ جو بلوچستان حڪومت ان لاءِ هڪ رٽائرڊ برگيڊيئر ۽ اڳوڻي پيٽروليم ۽ قدرتي وسيلن جي وزارت جي وفاقي سيڪريٽري ڊاڪٽر گلفراز جو نالو تجويز ڪيو هو. ڊاڪٽر گلفراز ڪڏهن بہ بلوچستان ۾ نہ رهيو آهي، نہ وري هينئر اتي رهائش پذير آهي. تڏهوڪي وزيراعظم ظفرالله جمالي کي سندس نالي تي تحفظات هئا. ان ڪري هن سندس نالي جي منظوري نہ ڏني. بعد ۾ جمالي اسلام آباد جي لاڳاپن ۾ دٻاءُ سبب اين ايف سي لاءِ بلوچستان جي نمائندي طور ڊاڪٽر گلفراز جو ئي نالو ڏنو. ڪميشن ۾ پنجاب جي نمائندگي سندن ناڻي واري وزارت جي رٽائرڊ سيڪريٽري ۽ ناڻي واري وزير سعيد قريشي ئي ڪئي. سعيد قريشي اهو ماڻهو آهي جنهن جو ناني رئوف قادري بئنڪ فراڊ ڪيس ۾ جيل پوڳي تازو ئي آزاد ٿيو آهي. رئوف قادري جي جيل مان آزاديءَ ۾ اندروني طور سعيد قريشي جو ڪيترو هٿ آهي؟ اهو معاملو ڪميشن ۾ ڪيترو مونجهارو پيدا ڪري سگهي ٿو؟

ان جي خبر بعد ۾ پوندي. سرحد جي اين ايف سي ۾ نمائندگي نوجوان ناٽي وارو وزير سراج الحق ڪري پيو جنهن جو تعلق جماعت اسلامي سان آهي، ۽ هو جعميت طلباءِ جي ڪيډر مان مٿي آيو آهي. جڏهن ته ڊاڪٽر زبير خان سندن خانگي ميمبر آهي، جيڪو فارق لغاري جو سالو ٿئي.

نيشنل فنانس ڪميشن جي ميمبرن جي اها راءِ رهي آهي ته متفقه راءِ سان نئون ايوارڊ آندو وڃي، پر ناٽي ورچ رڳو آباديءَ جي بنياد تي ٿيڻ وفاقي حڪومت ۽ پنجاب حڪومت لاءِ ته بهتر آهي، باقي ٻين صوبن لاءِ گھاٽي جو سودو آهي. ان ڪارڻ ئي لڳاتار اين ايف سي ايوارڊ آڻڻ ۾ دير ڪئي پئي وڃي. حالانڪ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جون اسيمبليون نئون اين ايف سي ايوارڊ ڏيڻ لاءِ ٺهراءُ به پاس ڪري چڪيون آهن. پر جنوري 2003ع ۾ سنڌ اسيمبلي سڄي صورتحال جو رخ ان وقت ڦيرائي ڇڏيو جڏهن اسيمبلي ميمبرن پارٽي لاڳاپن کان بالاتر ٿي ايوان ۾ اهو مطالبو ورجايو ته صوبن کي پنهنجي طور ٽيڪس اوڳاڙڻ جو حق ڏنو وڃي ۽ صوبا وفاق کي آباديءَ جي بنياد تي ان مان حصو ڏيندا.

اهڙي ريت پنجاب، جنهن جي آبادي ٻين صوبن کان وڌيڪ آهي، ان کان سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي ڀيٽ ۾ وفاق کي وڌيڪ حصو ڏيڻو پوي ها. انڪري اهي خبرون ميڊيا ۾ اچڻ لڳيون ته اسيمبلي جواهڙو متفقه ٺهراءُ آئين ۽ قانون جي ڀڃڪڙي سان گڏ غداريءَ جي زمري ۾ اچي ٿو. ڪجهه محب وطنن ته اهڙي ٺهراءُ ڪاڻپوءِ سنڌ اسيمبلي کي ٽوڙي گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو پڻ مطالبو ڪيو.

هاڻي اها وفاق ذميواري ڪنئي آهي ته وفاق ٽيڪس پول کي جاري به رکي ۽ ان مان پنهنجو حصو به ڪٽي ۽ صوبن کي ڏئي. وفاق ان پول ۾ ٽيڪس جا ڪجهه اهم حصا ان سان منسلڪ رکيا آهن ته ڪجهه ان کان ٻاهر مثال طور 1997ع کان اڳ امپورٽ ڊيوٽي ٽيڪس پول ۾ شامل نه هئي. جڏهن ته ان وقت امپورٽ ڊيوٽي روينيو حاصل ڪرڻ جو وڏو ذريعو هوندي هئي، پر 1996ع کان پوءِ جڏهن حڪومت امپورٽ ٽيرف گهٽائڻ شروع ڪيا ۽ اها وصولي گهٽي دلڪش نه رهي، تڏهن امپورٽ ڊيوٽي کي

ٽيڪس پول جو حصو بڻايو ويو. 1997ع کان پهرين وفاقي حڪومت وصوليءَ جو پنج سيڪڙو چارجز ۽ 20 سيڪڙو حصو ڪٽيندي هئي. جڏهن تہ 80 سيڪڙو پول ٽيڪسز آباديءَ جي بنياد تي تقسيم ڪيا ويندا هئا.

1997ع ۾ وفاق طرفان هڪ ٻيو طريقيڪار متعارف ڪرايو ويو جنهن تحت امپورٽ ڊيوٽي کي پول جو حصو بڻايو ويو. وفاق ان مان 5سيڪڙو وصولي چارجز طور ٽي ڪنيا. مثال طور هلندڙ سال حڪومت 490 کان 500 بلين رپيا وصولي ڪندي، جنهن جي معنيٰ اها ٿي بيهي تہ وفاقي حڪومت وصولي چارجز طور 25 بلين پاڻ وٽ رکندي. 475 بلين رپين مان وفاقي حڪومت جو 62.5 سيڪڙو جي حساب سان حصو 300 بلين ٿئي ٿو. باقي رهيل 175 بلين مان چئني صوبن کي آباديءَ جي آڌار تي حصو ڏيندو ويندو.

حقيقت ۾ وفاقي حڪومت جولاءِ 2004ع کان مارچ 2005ع تائين نون مهينن لاءِ 169.46 بلين رپيا جاري ڪيا. جن مان پنجاب کي 84.1 بلين، سنڌ کي 52.45 بلين، سرحد کي 19.9 بلين ۽ بلوچستان کي 12.01 بلين روپيا وصول ٿيا.

1991ع کان وٺي سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد نيشنل فنانس ڪميشن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ اين ايف سي ايوارڊ رڳو آباديءَ آڌار ڏيڻ بدران ٻين فيڪٽرز جهڙوڪ غربت، وسيلن ۽ روينيو جي اوڳاڙي کي بہ ان جو بنياد بڻايو وڃي. جيڪا ڳالهہ وفاق اجا تائين تہ نہ ٿو مڃي ۽ پڙ ڪيڏي بيٺو آهي، حالانڪ سڄي دنيا جي وفاقي وحدتن ۾ ڪٿي بہ رڳو آباديءَ جي بنياد تي ناڻي جي ورڇ نہ ٿي ٿئي، ان ۾ ٻين عنصرن جو بہ خيال رکيو وڃي ٿو. جيڪا ڳالهہ لامحالہ هتان جي وفاق کي بہ مڃڻي پوندي. ان کانسواءِ اين ايف سي ايوارڊ جو منجهيل سُٽ سلجهائڻ جي ٻي ڪا بہ واٽ ناهي.

(1 جون 2005ع)

***

# سنڌ جي غربت جو ڪيس عالمي بئنڪ حوالي

سنڌ ۾ 1999ع کان سال 3_2002ع دوران ماڻهن جي مجموعي طور 0.5 سيڪڙو في ڪس آمدني گهٽ ٿي آهي. جڏهن تہ ان ئي عرصي دوران باقي ملڪ ۾ في ڪس آمدني 1.3 سيڪڙو جي حساب سان وڌي آهي. اهو هڪ واضح فرق آهي آمدني جي ورهاست جو وفاق ۽ سنڌ وچ ۾. اهو ڪنهن قومپرست سياستدان يا ڪنهن مٿي ڦريل نوجوان جو بيان ناهي، بلڪ اها حقيقت عالمي بئنڪ پڌري ڪئي آهي، جنهن کي سنڌ جي اقتصادي صورتحال تي تفصيلي رپورٽ تيار ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. عالمي بئنڪ جي اسلام آباد آفيس موجب ان رپورٽ جي نوڪ پلڪ سڌاري پئي وڃي ۽ اها سيپٽمبر جي ٻئي يا ٽئين هفتي ۾ جاري ڪئي ويندي.

حڪومت طرفان اهو احساس ٿيڻ کانپوءِ تہ سنڌ ملڪي اقتصاديات ۾ اڳواٽيءَ وارو ڪردار وڃائي چڪي آهي. انهن گذريل سال آگسٽ ۾ عالمي بئنڪ جي هڪ ٽيم کي دعوت ڏني هئي تہ اهي ان سلسلي ۾ تحقيقاتي بحث مباحثي جو آغاز ڪن، جنهن ۾ حڪومتي توڙي خانگي ماهرن کي شامل ڪيو وڃي. جڏهن تہ عالمي بئنڪ جي هڪ ٻي ٽيم هلندڙ سال سنڌ جو دورو ڪيو هو. هاڻي ٽيم تيار ٿيل ان رپورٽ جي نوڪ پلڪ سڌاري رهي آهي. سنڌ جي حقيقتن آڌار سماجي ۽ اقتصادي شعبن ۾ ترقي جيڪا 1980ع ڌاري هئي، اها هي صوبو فقط نوي واري ڏهاڪي جي وچ واري عرصي تائين مس برقرار رکي سگهيو. انگن اکرن مطابق 1995ع ۾ سنڌ ۾ شرح خواندگي 45 سيڪڙو هئي، جڏهن تہ باقي ملڪ ۾ اها شرح 39 سيڪڙو هئي، سنڌ نهايت اهم صوبو آهي. جيڪو پنهنجي ٻن سامونڊي بندرگاهن وسيلي ٻاهرين دنيا کي ملڪ ۾ داخلا جا در مهيا ڪري ٿو. هن

صوبي جو ئي ايئرپورٽ ملڪ کي وچ اوڀر، وچ ايشيا، ڏکڻ ايشيا، اوڀر ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا سان ڳنڍي ٿو سنڌ هڪ لحاظ کان پاڪستان جي ترقي يافتہ ۽ جديد صوبي ۾ شمار ٿئي ٿو ليڪن هاڻي اهو ترقي جي لحاظ کان زوال جو شڪار آهي. ان جي اقتصاديات جمود جو شڪار آهي. في کس آمدني گهٽجي پئي ۽ وڏي انگ ۾ ماڻهو غربت جي لڪير کان ہ هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن.

ليڪن تاريخي طور ہ سنڌ ترقي يافتہ ۽ خوشحال صوبو رهيو آهي، جنهن پاڪستان ٺاهڻ ۾ ہ اهم ڪردار ادا ڪيو: هتي تعليم ۽ صحت جون سهولتون ٻين صوبن کان بهتر هونديون هيون. امن امان جو ہ ايترو گهڻو مسئلو نہ هيو. 1947ع کان اڳ ڪراچي نهايت پرسڪون ۽ ہ لک کن آبادي جو شهر هوندو هو. 1950ع ڌاري ان جي آبادي پنجن لکن کي پهتي ۽ 1955ع ۾ ڏهن لکن کان وڌي وئي. وڌيل آبادي کانپوءِ ہ ڪراچي ۾ تعليم، صحت توڙي ٻيون سهولتون بهتر رهيون.

ياد رهي تہ آزاي کان اڳ سنڌ واحد صوبو هو جنهن دهلي کي سکر بئراج تي خرچ ايندڙ سموري رقم ادا ڪئي هئي ۽ اهو ہ چيو هو تہ وڌيڪ بهتر انفراسٽرڪچر جوڙيو وڃي، جيئن سنڌ مان احمد آباد ۽ بمبئي جي ٽيڪسٽائل ملن کي ڪپهہ جلدي پهچائڻ ممڪن ٿي سگهي.

آزادي کانپوءِ ہ سنڌ، پاڪستان ۾ پنهنجو ساڳيو اڳواٽي وارو ڪردار برقرار رکيو. زوال جي شروعات 1977ع جي مارشل لاکانپوءِ ٿي، سماجي ۽ اقتصادي ميدان ۾ 1980ع کانپوءِ وفاق طرفان ڪيل فيصلن هميشہ سنڌ کي نقصان ۽ پنجاب کي فائدو ڏنو.

1983ع ۾ وفاقي حڪومت گڏاڻي بلوچستان ۾ شپ بريڪنگ لاءِ ايندڙ بحري جهازن تي ايڪسائيز ڊيوٽي لاڳو ڪري ڇڏي. گڏاڻي شپ بريڪنگ يارڊ مذڪوره واپار ۾ ٻئي نمبر تي هيو. اهو ڪراچي سميت سڄي سنڌ جي تعميراتي صنعتن کي بليٽ ۽ اسٽيل مهيا ڪرڻ جو اهم ذريعو هو. جڏهن تہ تعميراتي شعبي ۾ سڌي يا اڻسڌي طرح 35 هزار پورهيت روزگار سان لڳل هئا. پنهنجي قلم جي هڪ اشاري سان ضياءَ

الحق جي تڏهوڪي ناٽي واري وفاقي وزير غلام اسحاق خان گڏاڻي شپ بريڪنگ انڊسٽري کي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ هزارين ماڻهو بيروزگار ڪري ڇڏيا. ان ڪانپوءِ شپ بريڪنگ جو ڏنڌو حقيقت ۾ دل ٽوڙڻ وارو ڏنڌو بڻجي ويو آهي. ايئن گڏاڻي ويران ٿي ويو ڪراچي ۽ حيدرآباد جون گهٽيون بيروزگار نوجوانن سان پرجي ويون.

ان ئي دور دوران دادو جي نوري آباد ۽ حب انڊسٽريل اسٽيٽ تي عتاب آيو. حڪومت نوري آباد ۽ حب جي سيڙپڪارن لاءِ رعايتي ٽيڪس پئڪيج ڏيڻ جو اعدو ڪيو هو پوءِ اهو پئڪيج بہ ڪين نہ ڏنو ويو. ان جي ابتڙ پنجاب ۾ نواز شريف جي خانگي انڊسٽريل اسٽيٽ چنيان ۾ سيڙپ ڪندڙ صنعتڪارن کي رعايتي ٽيڪس پئڪيج ڏنو ويو. ان ڪارڻ نوري آباد ۽ حب جون صنعتون بيروزگارن کي کپائي نہ سگهيون.

1983ع ۾ ئي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ماڻهن آمريت خلاف هٿيار اُيا ڪيا. هڪ بغاوت ڪر ڪنيو جنهن کي نهايت ظالماڻي انداز سان چيپاٽيو ويو. 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ سنڌ جي ٻهراڙين جي اقتصاديات تي گهرا اثر ڇڏيا. اهوئي دور هو جڏهن پاڪستان ۾ سيڪيورٽي ايجنسين جوڪلچر متعارف ڪرايو ويو.

تڏهوڪي دور ۾ ئي فوج جي 100 ميجرن مان 16 پروموشن لاءِ اهل هئا. پر انهن مان 86 کي جبري رٽائرڊ ڪيو ويو جن جون عمرون 40 سال کن هيون. انهن مان ڪجهہ کي تہ پنهنجي ڪيريئر ۾ ترقي لاءِ فقط ڪجهہ ڪورس ڪرڻا هئا. اهڙي طرح بيروزگار ڪيل ميجر بہ هڪ سماجي مسئلو بڻجي اُڀريا. وفاقي حڪومت رٽائر ڪيل فوجي عملدارن کي ٻيهر روزگار ۾ کپائڻ واري مسئلي کي چڱي ريت منهن نہ ڏئي سگهي. هڪڙو پروپوزل اهو هو تہ انهن رٽائرڊ ڪيل فوجي آفيسرن کي کپائڻ لاءِ پرائيويٽ سيڪيورٽي ڪمپنيون کوليون وڃن. ڏنو وڃي تہ 80 واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري ئي سنڌ جي ٻهراڙين توڙي شهرن ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي، ايئن پوءِ پرائيويٽ سيڪيورٽي ڪمپنين جو سلسلو شروع ٿيو. انهن ڪمپنين رٽائرڊ فوجين کي سٺيون آفرز ڪيون. مذڪوره ڪمپنين پنهنجو بزنس

هلائڻ لاءِ عدم تحفظ جو ماحول پيدا ڪيو. اهو تاثر ڏنو ويو تہ اوهان غير محفوظ آهيو. ان ڪري توهان پنهنجي حفاظت لاءِ سيڪيورٽي ڪمپنين تي ڀاڙيو. ايئن اهو قصو هلي پيو ۽ سنڌ صوبي ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي، بيروزگاري ۾ بہ واڌ آئي ۽ صوبو سيڙپڪارن کان خالي ٿي ويو.

سال 2001ع ۾ سوشل پاليسي اينڊ ڊيولپمينٽ سينٽر (SPDC) غربت، اڻ برابري ۽ سماجي اوسر تي هڪ رپورٽ جاري ڪئي هئي. ايس پي ڊي سي غربت بابت هر ضلعي جي اسٽڊي ڪئي هئي. سڄي ملڪ جي 100 ضلعن مان سنڌ ۽ بلوچستان جا 48 ضلعا غربت جي لحاظ کان وڌيڪ متاثر ٻڌايا ويا هئا. غربت کان گهٽ متاثر ضلعن جي گهڻائي جو تعلق پنجاب ۽ سرحد سان هو. پنجاب ۽ سرحد پاڪستان جا وڌيڪ آبادي رکندڙ صوبا آهن. انهن ٻنهي صوبن مان ماڻهن جي اڪثريت وچ اوڀر ۽ ٻين ملڪن ڏانهن وڃي ٿي، جڏهن تہ اُتان ٿي ڪيترا ماڻهو سنڌ بہ هليا اچن ٿا. پنجاب ۽ سرحد کي پرڏيهہ توڙي سنڌ مان سندن شهرين طرفان موڪليل آمدني مان فائدو حاصل ڪن ٿا. انگ اکر تہ موجود ناهن، پر اندازو آهي تہ ساليانو سنڌ مان بہ پنجاب ۽ سرحد جا شهري پنهنجن پنهنجن صوبن ڏانهن اربين رپيا ڪمائي موڪلين ٿا. جڏهن تہ سنڌ حڪومت هر پناهگير کي بنيادي سهولتون وغيره مهيا ڪرڻ تي ٻارهن هزار في ڪس خرچ ڪري ٿي. جيڪڏهن هتي 30 لک پنجابي ۽ پختون پناهگير آهن تہ پوءِ اهو ليکو صاف ظاهر لڳو پيو آهي. تہ حڪومت سندن رهائشي سهولتن تي ڪيترو ٿي خرچ ڪري، ان کان علاوه هتان پنجاب ۽ سرحد ويندڙ رقم هميشہ ڳجهي رکي ويندي آهي. هڪ اندازي موجب ساليانو سنڌ ۾ رهندڙ انهن ماڻهن طرفان پنجاب ۽سرحد 55 کان 60 بلين روپيا اماڻيا وڃن ٿا.

عالمي بئنڪ کي اها ذميواري ڏني وئي آهي تہ اها سنڌ جي ترقياتي اوسر لاءِ ڪا حڪمت عملي بہ جوڙي، جيتوڻيڪ سنڌ ترقياتي لحاظ کان زوال پذير آهي پوءِ بہ ان ۾ اهي گڻ موجود آهن، جو اها ٻيهر پاڪستان جي اقتصاديات ۾ اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

سنڌ جي زراعت عالمي بئنڪ جي اسٽڊي جو اهم نڪتو آهي، سنڌ جي آبادي جي گهڻائي جي گذر سفر جو ذريعو زراعت ئي آهي. پاڪستان

جي 26 سيڪڙو آباد ايراضي مان 18 سيڪڙو آباد زرعي ايراضي سنڌ ۾ آهي. سنڌ صوبو ملڪ جي اهم فصلن جو 24 سيڪڙو فراهم ڪري ٿو. سنڌ 41 سيڪڙو چانور، 31 سيڪڙو ڪمند، ڪڻڪ 15 سيڪڙو ۽ ڪپهه 2.1 سيڪڙو مهيا ڪري ٿو سنڌ جو ملڪي سطح تي ڏيندڻ ڏورن مان مڇي مهيا ڪرڻ ۾ 65 سيڪڙو حصو آهي. 70 سيڪڙو سامونڊي مڇي مهيا ڪرڻ ۾ 65 سيڪڙو حصو آهي. 70 سيڪڙو سامونڊي مڇي به سنڌ ئي مهيا ڪري ٿو جڏهن ته مال مويشي 28 سيڪڙو سنڌ صوبو ئي ڏي ٿو سنڌ ۾ 43 سيڪڙو آباد زرعي ايراضي مان، 5 سيڪڙو سنڌ صوبو ئي ڏي ٿو سنڌ ۾ 43 سيڪڙو آباد زرعي ايراضي مان 5 سيڪڙو ٽيوب ويلن تي آباد ڪئي وڃي ٿي.

عالمي بئنڪ جي ويجهڙ ۾ ڪيل هڪ اسٽڊي موجب زرعي حوالي سان زمينن توڙي پاڻي جي ورهاست غير منصفاڻي آهي. جڏهن ته گهٽ زرعي ترقي جو ذميوار وفاق کي قرار ڏنوويو آهي.

سنڌ جي صنعتي ترقي ڪيترن ئي سببن جي ڪري ڪافي حد تائين بدحاليءَ جو شڪار آهي. عالمي بئنڪ جي صلاحڪارن جي سنڌ جو دورو ڪرڻ کانپوءِ اها راءِ آهي ته سنڌ ۾ نئين سر صنعتن کي جيارڻ سان ئي بيروزگاري کي منهن ڏئي سگهجي ٿو عالمي بئنڪ جي ٽيم ان سلسلي ۾ نه رڳو ڪيترن ئي لاڳاپيل ماڻهن کان انٽرويو ڪيا بلڪ، ان حوالي سان ڪيترين رپورٽن جو مطالعو پڻ ڪيو.

هي پهريون پيرو آهي جو سنڌ جي اقتصادي بدحالي جاچڻ ۽ ان جو علاج ڳولڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، ان کان اڳ اهڙي ڪڏهن به ڪوشش ناهي ڪئي وئي. عالمي بئنڪ طرفان ان ڪم تي لڳايل سمورا ماهر پاڪستاني آهن، جيئن ته اهي هتي ئي رهن ٿا، ان ڪري ڪين مسئلن جي به خبر آهي، اميد ڪري سگهجي ٿي ته عالمي بئنڪ جي رپورٽ ان سلسلي ۾ ڪا سٺي خبر ساڻ کڻي ايندي.

(16 آگسٽ 2008ع)

***

# سنڌ غريب ۽ پنجاب امير ڇو آهي؟

پاڪستان جو ماضيءَ ۾ ترقي جي لحاظ کان پاٽيرو ۽ بهتر حڪمراني هيٺ هلندڙ صوبو سنڌ هاڻي بري طرح غربت ڏانهن ڌڪجي ويو آهي، جڏهن ته پنجاب جي ڀيٽ ۾ ان ۾ بدتر حڪومتي وهنوار نظر اچي ٿو. ان جي ابتڙ پنجاب جي صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ گذريل ڏهن سالن کان 4.5 سيڪڙو ترقي نظر اچي ٿي.

عالمي بئنڪ پنهنجي ٻن الڳ الڳ رپورٽن ۾ ٻنهي صوبن جي ترقي، تنزلي ۽ انهن کي درپيش للڪارن تي تفصيلي بحث ڪيو آهي. عالمي بئنڪ پنهنجي ڏنل رپورٽ ۾ پنجاب جي اقتصادي صورتحال جو جائزو وٺندي ٻڌايو آهي ته ان جي سالياني ترقي 4.5 سيڪڙو آهي، جڏهن ته باقي سڄي پاڪستان ۾ اهو ريشو 3.7 رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

پنجاب جي آبادي 74 ملين آهي، جيڪا ڪُل ملڪي آباديءَ 150 ملين جو اڌ ٿئي ٿي. جڏهن ته پنجاب جي اقتصادي سياست قومي اقتصاديات جي 57 سيڪڙو برابر آهي. زرعي سيڪٽر ان جي اقتصاديات جو مُک مُحرڪ آهي. سروسز سيڪٽر ۾ گذريل ڏهن سالن کان پنجاب ساليانو 5 سيڪڙي جي حساب سان ترقي ڪئي، جيڪا هاڻي پنجاب جي اقتصاديات جو 50 سيڪڙوآهي. بئنڪن، مالياتي ادارن، هول سيل مارڪيٽن ۽ ريزڪي واپار ۾ توسيع سبب ان جي اقتصادي سگهه ۾ اچا به واڌ آئي آهي.

"ساڍا ٽي ڪروڙ ماڻهن جي آبادي ۽ 500 ڊالر في ڪس آمدني سان سنڌ تاريخي طور پاڪستان جوتمام خوشحال ۽ترقي يافته صوبو رهيو آهي." عالمي بئنڪ سنڌ تي ڏنل هڪ ٻي رپورٽ ۾ لکيو آهي. عالمي

بئنڪ سنڌ جي حوالي سان هڪ تفصيلي رپورٽ پڻ مرتب ڪري رهي آهي. جيڪا ايندڙ ڪجهہ هفتن اندر تيار ٿي ويندي.

سنڌ بابت پنهنجي شروعاتي رپورٽ ۾ عالمي بئنڪ واضح ڪيو آهي تہ نوي جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري تائين سنڌ جي پوري پاڪستان ۾ في ڪس آمدني تمام گهڻي هئي، غربت جو ريشو بہ گهٽ هو. صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ بہ صورتحال بهتر هئي.

نوي واري ڏهاڪي ۾ ئي سنڌ جي اقتصادي صورتحال پاڪستان جي مجموعي اقتصاديات ۾ بدتر ٿي وئي، جڏهن تہ قومي اقتصاديات بہ ڪا چڱي نہ رهي. 92_1991ع کان 3_2002ع ۾ پنجاب جي اقتصاديات سالیانو 4.5 سيڪڙو جڏهن تہ باقي پاڪستان ۾ اها شرح 3.7 سيڪڙو رهي. سنڌ اقتصادي طرح سمورن شعبن ۾ پوئتي خاص طور تي 02_1999ع دوران سنڌ جي زراعت کي ڪاپاري ڌڪ لڳڻ. پاڻي جي کوٽ سبب زرعي پئداوار 20 سيڪڙو گهٽ ٿي. ٻئي طرف وري مسلسل ڇئن سالن تائين ڏڪار واري صورتحال زراعت توڙي غير زرعي شعبن جهڙوڪ مڇي، چوپائي مال وغيرهہ بہ سنڌ کي وڏو نقصان ڏنو سنڌ اندر هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو انتهائي غربت وارين حالتن ۾ زندگي گذاري رهيا آهن.

جڏهن تہ سنڌ اندر 1999ع کان پاڻي جي کوٽ سبب زرعي شعبو سخت متاثر ٿيو. عالمي بئنڪ جي رپورٽن موجب پنجاب ۾ زرعي شعبي اندر 7.4 سيڪڙو ترقي جي شرح رهي. سال 2001 ع ۾ پنجاب ۾ زرعي شعبو تباهہ حال هو. پوءِ ٿوري عرصي اندر ئي اهو سست رفتاريءَ سان ئي سهي، پر ترقي واري گس تي هلي پيو. سال 2_2001ع دوران ان جي ترقي جي شرح 2.2 هئي، پوءِ اها سال 3_2002ع ۾ 3.6 تي پهتي.

پنجاب ۾ ساليانی آبادي واڌ 2.4 سيڪڙو آهي، جڏهن تہ ان جي ساليانی ترقي جي شرح 4.5 سيڪڙو آهي ۽ ان جو ساليانی في ڪس آمدني بہ 2.1 سيڪڙو کان وڌي آهي. ظاهر آهي تہ ڪافي ماڻهن جي انفرادي ترقي، صوبي جي ساليانی شرح کان گهٽ آهي. ان ڪري پنجاب ۾ بہ غربت ڪنهن حد تائين موجود آهن.

ليڪن عالمي بئنڪ ٻن فيڪٽرن جي حوالي سان خاموش آهي، هڪ تہ سنڌ ۾ غربت تيزيءَ سان وڌي پئي ۽ پنجاب ۾ ان جو ايترو زور ناهي،

پهريون فيڪٽر آهي پاڻي جي دستيابي، اها حقيقت آهي تہ پاڪستان ۾ 1999ع کان 2003ع تائين پاڻي جي شديد ڪوٽ رهي آهي. پر پاڻي جي ان ڪوٽ کي سيني صوبن برابري جي بنياد تي منهن نہ ڏنو. سنڌ کي پاڻي جو پنهنجو قانوني حصو بہ نہ ڏنو ويو رهندو ڪهندو ان جي حصي مان ڪٽوتي ڪئي وئي، پنجاب سنڌوءَ مان پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي کڻندو رهيو. جنهن ڪري ان جو زير زمين پاڻي بہ محفوظ رهيو جيڪو اهو ٽيوب ويلن رستي استعمال ڪندو رهيو. اها عجب جوڳي ڳالهہ ناهي تہ جنهن وقت سنڌ جي زمينن ۾ ڏوڙ پئي اڏامي ۽ هر طرف زمينون بنجر هيون، ان وقت بہ پنجاب جا فارم سرسبز هئا، بلڪ ائين چوڻ درست ٿيندو تہ پنجاب ڏڪار وارن ٽن چئن سالن اندر زرعي شعبي ۾ سٺي ترقي ڪئي.

هڪ ٻيو فيڪٽر جيڪو پڻ عالمي بئنڪ طرفان رپورٽ نہ ڪيو ويو آهي، بلڪ بحث هيٺ ئي ناهي آندو ويو. اهو آهي آبادي جي لڏپلاڻ جو مسئلو. سنڌ ڏانهن مستقل طور پنجاب ۽ سرحد مان ماڻهو اچي رهيا آهن. ويجهڙ ۾ ئي هڪ وفاقي وزير قومي اسيمبلي جي ايوان ۾ اهو اعتراف ڪيو تہ پنجاب جا لڳ ڀڳ 50 لک ماڻهو سنڌ ۾ آباد آهن. "اسان ماڻهن کي ملڪ جي هڪ حصي مان ٻئي حصي ۾ وڃڻ کان نٿا روڪي سگهون." هن وراڻيو. مڃيوسين، اهو صحيح آهي، پر وفاقي حڪومت سنڌ کي ان سلسلي ۾ رليف ڇو نٿي ڏئي؟ اهو هڪ وڏو سوال آهي، جيڪو اڃا تائين اڻ جوابيل آهي.

غوث علي شاهہ، جيڪو سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج هو ان کي 1986ع ۾ جنرل ضياءَ سنڌ جو وزيراعليٰ بڻايو هو. ان سنڌ اسيمبلي جي فلور تي پنهنجي پهرين تقرير ۾ پنجاب مان سنڌ لڏي ايندڙ ماڻهن بابت ڳالهايو هو. "اسان ٻين صوبن مان سنڌ منتقل ٿيندڙ ماڻهن جي رجسٽريشن ڪنداسين ۽ انهن مان هر هڪ کي سنڌ حڪومت کان ورڪ پرمٽ حاصل ڪرڻي پوندي." غوث علي شاهہ چئي رهيو هو.

تاريخي طور تي سنڌ ۾ ٻين صوبن کان بيروزگاري جي شرح گهٽ رهي آهي، پر گذريل ڪجهہ سالن کان هتي بيروزگاري ۾ بہ زبردست واڌ آئي آهي. تازو ئي ليبر فورس سروي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ سال 2002ع کان 2003ع تائين سڄي پاڪستان ۾ بيروزگاريءَ جي شرح 8.3 سيڪڙو کان گهٽجي 7.7 سيڪڙو ٿي. جڏهن تہ اُن جي ابتڙ سنڌ ۾ بيروزگاري جي

شرح ۾ واڌ آئي. جيڪا 5.2 سيڪڙو کان وڌي 6 سيڪڙو تائين ٿي وئي، سنڌ ۾ بيروزگاري تيزي سان وڌي رهي آهي. اها شهري علائقن جي نسبت ٻهراڙي ۾ اجا بہ گهٽي وڌي پئي، بيروزگاريءَ ۾ واڌ ڳڻتي جوڳي ڳالهہ تہ آهي ئي، پر وڌيڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ اها ان وقت وڌي پئي جڏهن ٻين صوبن ۾ ان حوالي سان بهتري اچي رهي آهي. پنجاب مان مزدور طبقي جو وڏو انگ روزگار خاطر لڏپلاڻ ڪري سنڌ ۾ آباد ٿي ويو آهي. سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ تہ بيروزگاري بد کان بدتر ٿيندي وڃي پئي، پر شهرن ۾ بہ ڪا چڱي صورتحال ناهي رهي. سنڌ جا شهر توڙي ٻهراڙيون هاڻي روزگار جي حوالي سان ويڳاڻپ ۽ نااميدي جو شڪار آهن.

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ سنڌ صوبو سيني شعبن خاص طور زراعت، صنعتن، واپار ۽ ملازمتن ۾ پاٺيرو هيو ۽ هتي بيروزگاري جي شرح مجموعي قومي شرح کان بہ گهٽ هئي. سنڌ ۾ حڪومت چواڻي 2010ع تائين سنڌ اندر بيروزگاري جي شرح 6 کان 3 سيڪڙو تائين نہ گهٽ ٿي تہ پوءِ ان کي هر سال 4 لک بيروزگار ماڻهن لاءِ ملازمت جا موقعا پئدا ڪرڻا پوندا. واضح رهي تہ گذريل ڏهاڪي يعني 1991_92ع کان 2002_3ع تائين فقط 260000 ملازمت جا موقعا ساليانو پيدا ڪيا ويا.

1983ع ۾ سنڌ جي ٻهراڙي جي ماڻهن طرفان آمراڻي حڪومت جي سخت مزاحمت کانپوءِ صوبي کي لساني ڇڪتاڻ طرف ڌڪيو ويو مهاجرن جو پنجابي، پشتونن سان جهيڙو ٿيو جڏهن تہ 1988ع جي عام چونڊن کان ڪجهہ ڏينهن اڳ حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ 150 معصوم ماڻهن جو قتلام ڪيو ويو. ان جي اڳئين ڏينهن تي باک ڦٽيءَ مهل ڪراچي جي پرپاسي جي ڳوٺن مان شهر جي مارڪيٽ ۾ سايون ڀاڄيون ۽ کير کڻي ايندڙ معصوم سنڌين کي ڪٺو ويو.

بيروزگاري جي مسئلي کي هنگامي بنيادن تي منهن ڏيڻ جو واحد حل آهي صنعتون لڳائڻ. پنجاب ۾ واپار جو ماحول سنڌ کان ڪافي بهتر ٿيو آهي. ڪيترن ئي سببن جي ڪري سنڌ جي شهري علائقن ۾ امن امان جو مسئلو رهي ٿو. جڏهن تہ ڳوٺن ۾ ڌاڙيلن جو راج آهي. ان مسئلي کي صوبائي توڙي وفاقي سطح تي حل ڪرڻ جي ڪا بہ ڪوشش ناهي ڪئي وئي.

سنڌ ۾ رڳو امن امان جو مسئلو ناهي، پر انتظامي مسئلو پڻ آهي، ڪراچي ۾

صنعتي زمين ملڻ خود وڏو مسئلو آهي. سائيٽ، منگهوپير، جيڪو پاڪستان جو پراڻو صنعتي علائقو آهي. ان ۾ اندر جي سائيڊ تي هڪ ايڪڙ پلاٽ جي قيمت اڍائي ڪروڙ کان ٽي ڪروڙ رپين تائين آهي. مين روڊ تي ايترو ئي انڊسٽريل پلاٽ 70 ڪروڙ کان 80 ڪروڙ رپين جو چيو وڃي ٿو ٻين صنعتي علائقن ڪورنگي، لانڍي، فيڊرل بي ايريا، نارٿ ڪراچي، گهارو، دادو، ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد ۾ به صنعتي پلاٽن جون قيمتون تمام وڌيون آهن. سکر، لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ اُتر سنڌ جي ٻين علائقن ۾ صنعتي زمين سستي آهي، پر اتي پاڻي ۽ گئس ڪونهي، جڏهن تہ ملڪ جي مختلف حصن مان شين جي ڪراچي بندرگاهہ تائين رسد بہ وڏو مسئلو آهي. ڇاڪاڻ جو روڊ سٺا ناهن.

ان معاملي ۾ بہ سنڌ جي ڀيٽ، پنجاب سان ڪبي تہ معاملا مختلف نظر ايندا. پنجاب ۾ ڏهن ڏينهن اندر زمين جي الاٽمينٽ ملي وڃي ٿي ۽ باقي سهولتون هڪ هفتي اندر، اٿين سنڌ ۾ ڇو نٿو ٿي سگهي. اهو ان ڪري جو پنجاب ۾ اسٽميپ ڊيوٽي مناسب رکي وئي آهي ۽ پراپرٽي رجسٽريشن قانون سولا رکيا ويا آهن. جڏهن تہ سنڌ ۾ ان حوالي سان ڪيترين ئي گڏجاڻيون ڪرڻ کانپوءِ بہ اهو مقصد حاصل نٿي سگهيو آهي.

ڪراچي، سنڌ توڙي پاڪستان جو اقتصادي مرڪز آهي. ليڪن ان جو فائدو سنڌ جي ٻهراڙين تائين نٿو پهچي. ڪراچي ۽ اندرون سنڌ وچ ۾ رابطي جو بہ فقدان آهي. هتان جي ڪامورن، سياستدانن، زميندارن ۽ واپارين ان حوالي سان ڪڏهن سنجيده ٿي سوچيو ئي ناهي. حالانڪ سنڌ جي ٻهراڙين ۽ شهرن کي ننڍين صنعتن ذريعي ڳنڍڻ گهرجي. ڪراچي جهڙي وڏي مارڪيٽ مان جيڪڏهن سڄي صوبي جي ماڻهن کي فائدو پوندو تہ ان سان وڏيڪ يڪجهتي پئدا ٿيندي ۽ خوشحالي ايندي.

اين ايف سي ايوارڊ جي غير منصفاڻي ورڇ تي تفصيلي رپورٽ ڏيڻ جي ضرورت هئي، پر ان کي عالمي ٿنڪ ٽئنڪ متاچري طور رپورٽ ڪيو آهي، جنهن موجب اين ايف سي ايوارڊ جي ورهاست بابت صوبن جي متفق نہ ٿي سگهڻ ڪري صوبن سان زيادتي پئي ٿئي، پر اها غير منصفاڻي ورڇ صوبن جي ترقي کي ڪيئن ۽ ڪيترو ٿي متاثر ڪري؟ ان بابت ڪجهہ ناهي چيو ويو.

(1 آڪٽوبر 2005ع)

***

# اَتوءِ لَٽو بہ پهچ کان ٻاهر

12 آڪٽوبر 1999ع تي اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ جنرل پرويز مشرف پنهنجي حڪومت جا ڇهہ ورهيہ پورا ڪري چڪو آهي. پاڪستان جي 15 ڪروڙ عوام کي اهو چڱي طرح ياد رهندو تہ مشرف ۽ سندس حڪومتي ٽيم پيٽرول جي قيمت 23 رپين مان وڌائي 56 رپيا مقرر ڪئي آهي، جنهن ڪارڻ عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ 120 سيڪڙو واڌ آئي آهي.

توهان مان گهڻن کي ياد هوندو تہ ڪٽڪ جو اٽو 10 رپيا في ڪلو گرام ملندو هو اهو سال 2003ع واري رمضان ۾ 18 روپيا في ڪلو تي ويو هو پر اهو هاڻي ڪٽڪ جي ڊيوٽي فري امپورٽ سبب 16 رپيا في ڪلو ملي ٿو. باسمتي چانور 45 رپين کان 50 رپيا في ڪلو گرام جڏهن تہ ٽوٽا چانور 32 رپيا ڪلو جي حساب سان وڪامن پيا. داليون 38 رپين کان 45 رپيا في ڪلو گرام آهن، 5 ڪلو گيهہ جو دٻو 395کان 400 رپين جو آهي. ٻيو تہ ڇڏيو سائي ڀاڄي بہ لڳ ڀڳ 20 رپيا في ڪلو آهي. لوڪل بسن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڀاڙو بہ 10 رپيا تي ويو. گذريل 58 ورهين جي تاريخ ڪٽي ڏسو ڪڏهن بہ عام ماڻهو ايترو ڏٻاءُ جو شڪار ناهي رهيو جيترو هن وقت آهي.

اها حقيقت آهي تہ تيل جون قيمتون هر سطح تي وڌن پيون، ان ڪري اهي ٻين شين جي قيمتن کي بہ متاثر ڪري رهيون آهن. ان ڪري پاڪستان بہ بين الاقوامي صورتحال کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ ڪيئن ٿو رهي سگهي. تيل جي قيمتن ۾ واڌ سبب پاڪستان ۾ لڳ ڀڳ سمورين شين جا اگهہ چڙهي ويا آهن. ليڪن پاڪستان ۾ ان حوالي سان رڳو تيل جي قيمتن جي واڌ تي ڏوهہ نٿو ڏئي سگهجي. عام ماڻهوءَ جي تڪليفن ۾ واڌاري جو سبب خاص طور حڪومت طرفان ڳرا ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ۽ اقتصادي

پاليسي پڻ آهي. تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ مشرف-شوڪت سيٽ اپ پهرين غريب مخالف ۽ امير نواز حڪومت آهي. جيتوڻيڪ گذريل 58 سالن ۾ ڪيتريون ئي بدتر حڪومتون آيون آهن. پر هي حڪومت بہ اهڙين بدتر حڪومتن مان هڪ آهي، جيڪا شاهوڪارن کي وڌيڪ شاهوڪار ۽ غريب کي وڌيڪ غربت ڏانهن ڌڪي رهي آهي.

1999ع ۾ جڏهن مشرف اقتدار سنڀاليو هو ۽ شوڪت عزيز کي سٽي بئنڪ مان گهرائي ناڻي وارو وزير مقرر ڪيو هئائين، تڏهن حڪومت جو تصور ئي بدلجي ويو هو. ان جو اهم نڪتو هيو روينيو وڌائڻ، سبسڊيز ۽ ترقياتي منصوبن ۾ ڪٽوتيون ڪرڻ، جنهن سبب بجيٽ جي خساري ۾ گهٽتائي آئي ۽ ان کي عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي گهربل سطح تي پهچايو ويو. بلڪہ ايئن چئجي تہ بجيٽ کي متوازن ڄاڻايو ويو. حڪومتي سطح تي روينيو وڌائڻ ۽ اقتصادي سگهہ وڌائڻ ۾ ملڪ کي معاشي طرح مضبوط ڪرڻ جا اعلان ڪيا ويا.

اڳوڻن آمرن وانگر مشرف بہ اڳوڻن حڪمرانن کي بدانتظامي، معاشي بدحالي ۽ خراب حڪمراني جو ذميوار ڪوٺيندي بدعنوانين جي خاتمي، صوبن وچ ۾ نا اتفاقي ختم ڪرڻ سميت ڪيترائي واعدا ڪيا. هاڻي اچو تہ اهو ڏسون تہ گذريل ڇهن ورهين ۾ ڇا ڇا ٿيو؟

گذريل ڇهن ورهين ۾ ٽيڪس جي اوڳاڙي 200 بلين رپين کان 690 بلين رپين تائين پهتي. 690 بلين رپيا هلندڙ مالي سال لاءِ حدف مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو ڇهن سالن ۾ پورو ٽيڻ کان بہ وڌيڪ آهي. حقيقت ۾ پاڪستان ۾ ٽيڪس اوڳاڙي جو نظام غير منصفاڻو آهي. اهو اڻ سڌو ۽ ناڻي واڌ تي مشتمل آهي. اهو غريبن لاءِ تڪليف وارو آهي ۽ غريب ماڻهو جيڪي سخت پورهئي سان ٿورو گهڻو ڪمائين ٿا، ان مان بہ ڪين حڪومت کي ڏيڻو پوي ٿو. گذريل ڏهن سالن ۾ سيلز ٽيڪس 70 بلين رپيا هو. جيڪو هن سال 300 بلين رپيا مقرر ڪيو ويو آهي سيلز ٽيڪس ئي وڌ مان وڌ قيمتن تي اثر انداز ٿئي ٿو. هاري ياڻ جي خريداريءَ تي 15 سيڪڙو سيلز ٽيڪس ادا ڪري ٿو. اهو بجلي تي بہ سيلز ٽيڪس ڀري ٿو ڇاڪاڻ جو اهو

ٽيوب ويل هلائي ٿو. هاري جا پيداواري خرچ وڌي رهيا آهن. هو ڪٽڪ، ڪپهه، ڪمند، بصر، ٽماٽا ۽ ٻيو فصل پئدا ڪري ٿو پر اهي شيون تيار ٿي مارڪيٽ ۾ پهچڻ ڪانپوءِ بہ ڪيس انهن جي مناسب قيمت نٿي ملي، ڇو تہ مارڪيٽ تي بہ ٻين جو قبضو آهي. سنڌ ۾ چار سال لڳاتار ڏڪار رهيو جنهن ڪري هاري معاشي طرح تباهہ ٿي ويا. اسان جا ڳوٺ ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ غريب ٿي ويا آهن. ٻهراڙين ۾ وڌندڙ غربت سبب شهرن جو بہ واپار متاثر ٿيو آهي. صنعتي واپار بہ گهٽيو آهي. ڇو تہ هارين وٽ قوت خريد ئي ناهي رهي. هڪ هاري جيڪو سال ۾ ڪپڙن جا ٻہ يا ٽي جوڙا خريد ڪندو هو هاڻي اهو ٻن سالن ۾ هڪ جوڙو بہ نٿو وٺي سگهي.

انڪم ٽيڪس سڄي دنيا ۾ هڪ سڌو ٽيڪس آهي ۽ اهو ماڻهوءَ جي آمدني سان لاڳاپيل آهي، غريب ۽ امير ۾ توازن پئدا ڪندي لاڳو ڪيو ويندو آهي. انڪم ٽيڪس جو مطلب آهي برابري وارو ٽيڪس، پر پاڪستان ۾ ايئن ناهي، هلندڙ مالي سال دوران حڪومت 206 بلين رپيا انڪم ٽيڪس وصول ڪرڻ لاءِ سموريون تياريون ڪري ڇڏيون آهن. پر ان ۾ 70 سيڪڙو يا 145 بلين روپين کان وڌيڪ رقم اڻ سڌي ٽيڪس ذريعي ايندي، مشڪل سان 50 کان 60 بلين روپيا سڌو ٽيڪس حڪومت کي پگهاردار ماڻهن کان وصول ٿئي ٿو جيڪو ملازمن جي پگهارن مان سڌي ريت ڪٽيو ويندو آهي. حد تہ اها آهي جو اسان وٽ سامان ڍوئيندڙ عام پورهيت کي بہ ٽيڪس ڪٽي پوءِ اجرت ڏني ويندي آهي. واپاري ۽ صنعتڪار امپورٽ، مقامي سپلاءِ، بجلي جي بلن ۽ خدمتن تي ٽيڪس ڀرين ٿا. ود هولڊنگ سميت اهي سمورا ٽيڪس جيڪي صنعتڪارن ۽ واپارين کان اڳواٽ ورتا وڃن ٿا. اهي ان جي ڪسر وري پنهنجي پراڊڪٽ جي قيمت وڌائي عام ماڻهوءَ کان وصول ڪن ٿا. عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف تي ودهولڊنگ ۽ فرضي ٽيڪس گهٽائڻ ۽ پوءِ اڳتي هلي ختم ڪرڻ جي سفارش بہ ڪري چڪي آهي. حڪومت آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ جون سموريون سفارشون قبول ڪيون، ليڪن مذهبي انتهاپسند اها ڳالهہ نٿا مڃين، ٻئي طرف وري آءِ ايم ايف حڪومت طرفان ساڻن معاهدي جي ڀڃڪڙي تي اکيون پوري ڇڏيون آهن. ڇو تہ ائين ڪرڻ سان بجيٽ سنوت ۾ ڏيکاري وڃي ٿي.

ياد رهي تہ ٽيڪس جي هر رپئي جي پنيان پاڪستان جو عام ماڻهو 0.70 پئسا ڏئي ٿو جڏهن تہ شاهوڪار مشڪل سان 0.30 پئسا ٽيڪس ڀري ٿو. ٽيڪس جو سمورو نظام ڪرپشن جي ور چڙهيل آهي. لاهور يونيورسٽي آف مئنجيمينٽ سائنسز (LUMS) جي هڪ اڀياس موجب هر سئو رپئي جي ٽيڪس ادائيگي پنيان حڪومت فقط 38 رپيا وٺي ٿي باقي 62 رپيا ٽيڪس ادا ڪندڙ شاهوڪار واپاري، جيڪو 30 رپيا ڪٽي ٿو ٽيڪس اوڳاڙيندڙ 20 رپيا ۽ 12 روپيا وچئين ماڻهو يعني وڪيل وچ ۾ ورهائجي وڃن ٿا.

ٿورو تصور تہ ڪريو سال 6_2005ع ۾ حڪومت 690 بلين روپيا سيلز ٽيڪس وصول ڪندي، جيڪو وصول ڪيل 1800 بلين رپين جو 38 سيڪڙو هوندو. باقي 900 بلين رپيا ٽيڪس ادا ڪندڙ شاهوڪار 600 بلين رپيا انڪم ٽيڪس، ڪسٽم، ايڪسائيز ۽ سيلز ڪاتي جا ڪرپٽ عملدار ڳڙڪائي ويندا. اها ڪرپشن ۽ بندربانٽ 1800 بلين جي صورت ۾ مجموعي طرح ناڻي واڌ جي صورت ۾ اثر انداز ٿئي ٿي. اها رقم مارڪيٽ ۾ مختلف صورتن ۾ اچي ٿي، جنهن ڪري شيون مهانگيون ٿين ٿيون ۽ اهي عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر ٿي وڃن ٿيون.

اهو درست آهي تہ گذريل ڇهن سالن اندر تيل جون قيمتون عالمي مارڪيٽ ۾ 30 ڊالر في بيرل مان وڌي 60 ڊالر في بيرل تي پهتيون آهن. تيل جي قيمتن ۾ اصل واڌ آمريڪا جي عراق تي حملي ڪانپوءِ ٿي، پاڪستان ۾ وري تيل جون قيمتون حڪومت مقرر ڪندي آهي. هتي بہ تيل جون قيمتون تڏهن وڌيون، جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو. پر اسان وٽ ڪڏهن بہ تيل جون قيمتون گهٽيون ناهن، حالانڪ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ لاٿ بہ ايندي رهي آهي. گذريل چئن سالن کان حڪومت آءِ ايم ايف جي شرطن موجب آئل ڪمپنيز ايڊوائزري ڪاميٽي جوڙي ڇڏي آهي. جيڪا هر پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ پيٽروليم مصنوعات جي اگهن جو اعلان ڪندي آهي. اهو سڀ ڪجهہ ڊي ريگيوليشن ۽ ڊي ڪنٽرول جي نالي ۾ ڪيو پيو وڃي. مذڪوره ڪاميٽي ۾

پاڪستان اسٽيٽ آئل، شيل ۽ هڪ ٻي پرڏيهي ڪمپني شامل آهن. پي ايس او حڪومت جي ڪنٽرول ۾ آهي. 70 سيڪڙو پيٽروليم مارڪيٽ ان جي هٿ وس آهي، اها ٻه بس هڪ ايڊوائيزري ڪاميٽي جو ڪردار ادا ڪرڻ بدران هڪ سينڊيڪيٽ طور ڪم پئي ڪري.

ويجهڙ ۾ ئي سينيٽ ڪاميٽي تيل جي قيمتن بابت هڪ رپورٽ جاري ڪئي آهي، جنهن ۾ حڪومت ۽ تيل ڪمپنين جا وڪا پڌرا ڪيا ويا آهن. حڪومت ڪروڊ آئل ۽ پراڊڪٽس جي امپورٽ تي ڪسٽم ڊيوٽي ۽ ايڪسائيز اوڳاڙي تي، جڏهن ته ان جي قيمت ۾ تيل جي ڪمپنين ۽ آئل ريفارئنرين پنهنجو نفعو الڳ شامل ڪيو آهي. واضح رهي ته گذريل ڇهن ورهين دوران تيل ڪمپنين جو نفعو 380 سيڪڙو ڪان ٻه وڌي ويو آهي. 1999ع ۾ پيٽرول جي هڪ لٽر پنيان تيل ڪمپني جي نفعي جي شرح 0.20 هئي، جيڪا مارچ 2005ع تائين 0.90 في لٽر ڪئي وئي. پيٽرول پمپ مالڪ 1999ع ۾ 0.16 في لٽر نفعو وٺندا هئا، جيڪو انهن هاڻي 1.37 رپيا ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو مجموعي طرح منافعو 738 سيڪڙو ٿئي ٿو.

پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ سبب ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ ٻه واڌ آئي آهي، بجلي جي پيداواري قيمتن، صنعتن، زرعي پيداوار جي قيمتن ۾ ٻه اضافو ٿيو آهي. وڌندڙ قيمتن ۽ مهانگائي جي اُن بار غريب عوام جي ڇيله يڇي وڌي آهي. ڏنو وڃي ته رڳو قيمتن ۾ واڌ ناهي آئي، بلڪ غربت ۾ ٻه واڌ اچي رهي آهي. وڌي ڳالهه ته طبقاتي فرق تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. جيڪو ملڪ جي استحڪام لاءِ ٻه هاڃيڪار آهي. جيڪڏهن حڪومت وڌندڙ مهانگائي ۽ قيمتن تي ڪنٽرول جي حوالي سان ڪي قدم نه کنيا ته امن امان جي حوالي سان توڙي ٻيا مسئلا ٻه پيدا ٿي سگهن ٿا.

(16 آڪٽوبر 2005ع)

***

# فوج ڪاروبار ۾

1947ع کان وٺي 1958ع تائين ٻارت ۾ هڪ وزيراعظم ۽ ٽي فوجي سربراهه بدليا، جڏهن ته ان ئي عرصي دوران پاڪستان ۾ هڪ فوجي سربراهه ۽ ست وزيراعظم تبديل ٿيا. مشهور دانشور ۽ سياسي تجزئي نگار خالد بن سيد پنهنجي ڪتاب "پاڪستان، جوڙجڪ جي مرحلي" ۾ لکيو آهي، ڀارت ۽ پاڪستان ۾ ٿيل مذڪوره معاملن ٻنهي ملڪن جي سياست، اقتصاديات ۽ سماجي ڍانچي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پاڪستان ۾ ته وري سياسي ۽ اقتصادي قوت هٿ ڌرمي ۽ ننڍي سوچ رکندڙ وردي وارن ٽوڙي سويلين جي هٿ ۾ اچي وئي. ان جي ڀيٽ ۾ ڪيئي مسئلا هجڻ باوجود به ڀارت جي حڪمران اسٽيبلشمينٽ وسيع النظر ۽ سيڪيولر هئڻ ۾ رهي. ڀارت لڳ ڀڳ 350 ملين وچولي طبقي جي آبادي ڪي ملڪ جي واپار، اقتصاديات ۽ ٻيا سمورا معاملا اُڪلائڻ ۾ گڏ رکيو. هن وقت به هندستان جو صدر مسلمان ۽ وزيراعظم سک آهي. جڏهن ته ملڪ جي ڪيترن ئي اعليٰ عهدن تي اقليتي برادرين جا سياسي ليڊر ويٺل آهن.

14 آگسٽ 2005 ع تي پاڪستان آزادي جا 58 ورهيه پورا ڪري 59 هين سال ۾ داخل ٿيو آهي. انهن 58 سالن دوران ملڪ گهٽ ۾ گهٽ 30 سال سڌي ريت فوج جي ڪنٽرول ۾ رهيو آهي. اهو 1999ع کان 2002ع تائين سڌي ريت فوج جي حڪمراني هيٺ اچي ويو جڏهن ته 2002ع ۾ ٿيل چونڊن کانپوءِ اجا تائين فوجي اقتدار هلي پيو. ماضي ۾ 1958ع کان 1971ع جي پُڄاڻيءَ تائين پاڪستان تي ٻن فوجي سربراهن ايوب خان ۽ يحيٰ خان حڪمراني ڪئي، رڳو 1971ع جي پڇاڙي کان 1977ع تائين پنجن سالن لاءِ چونڊيل وزيراعظم مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو برسر اقتدار

رهيو. جولاءِ 1977ع ۾ تڏهوڪي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءُ الحق اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ هو آگسٽ 1988ع ۾ بهاولپور لڳ سي 130 جهاز جي حادثي ۾ موت جو شڪار ٿيڻ تائين برسر اقتدار رهيو.

1988ع کان 1999ع تائين جمهوري حڪومتن کي چار ڀيرا فوجي مداخلت کي منهن ڏيڻو پيو. پ پ چيئرپرسن بينظير ڀٽو جي حڪومت 6 آگسٽ 1990ع تي غلام اسحاق خان طرفان فوج جي حمايت سان ختم ڪئي وئي. اهڙي طرح نواز شريف جي آءِ جي آءِ حڪومت ڀيهر جولاءِ 1993ع ۾ غلام اسحاق خان طرفان معطل ڪئي وئي. بينظير ڀٽو جي ٻئي دور حڪومت ۾ سندس حڪومت نومبر 1997ع تي گهر ڀيڙي ڪئي وئي ۽ پوءِ آخري ڀيري نواز شريف جي مسلم ليگ حڪومت 12 آڪٽوبر 1999ع تي ختم ڪئي وئي. آڪٽوبر 2002ع جي چونڊن کانپوءِ آيل تبديليون مصنوعي آهن، ڇاڪاڻ جو آرمي چيف جنرل مشرف صدر به پاڻ ته قانون ٺاهيندڙ به پاڻ آهي.

مختصر لفظن ۾ ايئن چئي سگهون ٿا ته فوج طرفان ملڪ جي انتظامي ڪاروهنوار هلائڻ واري عرصي دوران جيڪو لڳ ڀڳ ڇهن ڏهاڪن تي ڦهليل آهي. فوج ملڪ جي واپار ۽ اقتصاديات ۾ پڻ پنهنجا پير جمائي ورتا آهن. پاڪستان جي ٽن هٿياربند فوجن جون چار بزنس فائونڊيشنز موجود آهن، جن ۾ فوجي فائونڊيشن، آرمي ويلفيئر ٽرسٽ، شاهين فائونڊيشن ۽ بحريه فائونڊيشن شامل آهن، جن جو شمار ملڪ جي وڏن واپاري ادارن ۾ ٿئي ٿو.

هي آگسٽ جي پهرئين هفتي جي ڳالهه آهي اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر ڪراچي جي واپارين کي خطاب ڪندي کين اهو ٻڌائي رهيو هو ته پاڪستان ۾ نجڪاري ڇو ضروري آهي؟ جڏهن سندس تقرير ختم ٿي تڏهن شريڪ واپارين مان هڪ همراهه اُٿي بيٺو ۽ کانئس پاڪستان ۾ فوج طرفان ٿيندڙ بزنس جي حيثيت ۽ ڦهلاءُ بابت سوال پڇيائين. ظاهر آهي ته اهو سوال عام ماڻهن جي فرسٽريشن ۽ بي يارو مددگار هجڻ جو واضح مظهر هو. سوال پڇندڙ همراهه کا گهٽي معلومات ته نه ڏئي سگهيو پر پنهنجي فرسٽريشن جو اظهار ڪيائين ۽ سو کن سامعين طرفان کيس داد ڏيندي

زبردست تاڙيون وڄايون ويون. اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر ڊاڪٽر عشرت حسين جواب ۾ چيو تہ فوج جو بزنس اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ رجسٽرڊ ڪمپنين جي اثاثن جو 3.5 سيڪڙو آهي. ليڪن هن اهڙي سوال جي ترشي جو سخت نوٽيس ورتو. هن سامعين طرفان موٽ تي اهو بہ چيو تہ آءٌ هٿياربند فوج جي بزنس بابت عوامي راءِ کان باخبر آهيان.

30 سالن کان وڌيڪ فوج جي سڌي حڪمراني سندن حوصلا وڌايا. نتيجي ۾ اهي هر هنڌ ڇانئجي ويا. صنعت، ڪامرس، انشورنس، ڊپلوميٽڪ سروسز، سول سروسز، تعليمي ادارا، بئنڪون، مڇي جو ڪاروبار بلڪ سڀ ڪجهہ سندن هٿ ۾ آهي.

اسان جي ٽن هٿاربند فوجن جون چار فائونڊيشنز آهن.جيڪي ملڪي واپار ۾ مک حيثيت رکن ٿيون. انهن مان بہ فائونڊيشنز فوجي فائونڊيشن ۽ آرمي ويلفيئر سروس، پاڪستان آرمي جون آهن. بحريہ فائونڊيشن، پاڪستان نيوي جي ۽ شاهين فائونڊيشن پاڪستان ايئر فورس جي آهي.

مذڪوره فائونڊيشنز ڪي سڌي ريت حڪومت جي سرپرستي ۽ حمايت رهي ٿي. ڇاڪاڻ جو سڀ حڪومتون سڌي ريت فوج جي ئي سڌي ڪنٽرول هيٺ رهن ٿيون. سرڪاري سرپرستي سبب پرائيويٽ سيڪٽر لاءِ فوجي بزنس کي منهن ڏيڻ پڻ مشڪل تي پيو آهي. فوج کي پنهنجي بزنس ۾ ٽيڪس جي ڇوٽ مليل آهي. بجلي ۽ گئس کين سستي اگهہ تي مهيا ڪئي ٿي وڃي.

اهي چار واپاري فائونڊيشنز وري پيون 70 ڪمپنيون بہ هلائي رهيون آهن. جيڪي کنڊ، ڪاڌ خوراڪ جون شيون، پاڻ، گئس سپلاءِ، هوائي ڪمپني، ايوي ايشن سروسز بئنڪ، انشورنس، جوتا ٺاهڻ، بجلي جي ڪمپني، ڇانور، پرچون اسٽور، سيڪيورٽي گارڊ، فارمنگ، ريئل اسٽيٽ جي ڪاروبار سميت ڪيترائي ڌنڌا ڪري رهيون آهن.

انهن چئن فائونڊيشنز مان فوجي فائونڊيشن سڀ کان وڏي آهي، جنهن جون يارنهن ذيلي ڪمپنيون آهن. سال 2003ع ۾ فائونڊيشن پنهنجا اثاثا 10 بلين رپيا ظاهر ڪيا هئا. هن جي يارنهن پراجيڪٽن مان ڇهہ حصيداري جي بنياد تي هلن ٿا. فوجي فائونڊيشن جي ڇٽي هيٺ ڪم

ڪندڙ يارنهن ڪمپنيون ترتيبوار هن ريت آهن. (1) فوجي شگر (2) فوجي سيرئيل (3) فوجي ڪارن ڪامپليڪس (4) فان گيس (قدرتي گيس سپلاءِ ڪندڙ ڪمپني) (5) فوجي پروپلين پراڊڪٽس (6) فوجي فرٽيلائيزر ڪمپني (7) فوجي جارڊن ڪمپني (8) ماڙي گيس ڪمپني (9) فوجي آئل ٽرمينل پراجيڪٽ (10) فوجي سيمينٽ (11) ۽ فوجي ڪبيروالا اليڪٽرڪ سٽي پاور ڪمپني.

فوجي فائونڊيشن جي توسيع آرمي ويلفيئر ٽرسٽ آهي، جنهن جون به 26 ننڍيون وڏيون ڪمپنيون مختلف بزنس ڪن ٿيون. اها ٽرسٽ 1971ع ۾ ننڍي پئماني تي جوڙي وئي هئي ۽ سوسائٽيز ايڪٽ 1860 تحت رجسٽرڊ ڪئي وئي. فقط ست لک رپين جي فنڊ سان ان جي شروعات ٿي. هاڻ ان جا 26 خود مختيار پراجيڪٽ هلن پيا، جن جي ماليت 17 بلين رپيا ڪن ٿيندي.

آرمي ويلفيئر ٽرسٽ جي ڇانوَ ۾ ڪم ڪندڙ ڪمپنيون ترتيبوار هن ريت آهن. (1) آرمي اسٽڊ فارمز (2) عسڪري فارمز (3) عسڪري ويلفيئر رائيس مل (4) عسڪري ويلفيئر شگر ملز (5) عسڪري فش فارم (6) عسڪري سيمينٽ (7) عسڪري ويلفيئر فارما سيوٽيڪل پراجيڪٽ (8) ميگنيسائيٽ رفائنريز (9) آرمي ويلفيئر سوشل پرجيڪٽ (10) آرمي ويلفيئر ٽرسٽ (11) ڪمرشل پلازائون، (12) آرمي ويلفيئر شاپس (14) آرمي ويلفيئر ڪمرشل پراجيڪٽ (15) عسڪري ڪمرشل بئنڪ (16) عسڪري ليزنگ (19) عسڪري ايسوسيئيٽ لميٽيڊ (20) عسڪري انفرميشن سروس (21) عسڪري گارڊ لميٽيڊ (22) عسڪري پاور لمٽيڊ (23) عسڪري ايوي ايشن (24) عسڪري هائوسنگ اسڪيم (ڇهن مختلف هنڌن تي) ۽ ٽي ٽريول ايجنسيون شامل آهن.

اهي ٻئي فائونڊيشنز يعني فوجي فائونڊيشن ۽ آرمي ويفليئر ٽرسٽ جي ايچ ڪيو جي نگراني ۾ ڪم ڪن ٿيون. فوج جو سربراهه سندن گورننگ بورڊ جو به سربراهه آهي. جڏهن ته آرمي چيف جا سمورا اسٽاف آفيسر به ان بورڊ جو حصو آهن. اهي ٻئي ادارا ئي دراصل ملڪ ۾ ٿيندڙ پرائيوٽائيزيشن واري ڪيڏاڙ ۾ مک ڪيڏاري آهن. آءِ آءِ چند ريگر روڊ تي موجود نيشنل پريس ٽرسٽ بلڊنگ آرمي ويلفيئر ٽرسٽ حاصل ڪري

ورتي آهي. جڏهن تہ فوجي فائونڊيشن وري پھرين يوبي ايل بئنڪ ورتي هاڻي الائيڊ بئنڪ بہ ان اداري وٽي چڏي آهي.

پاڪستان نيوي بہ اڳ کان اڳريون رهيون. ايئر فورس 1977ع ۾ شاهين فائونڊيشن کي چيئريٽيبل ايڪٽ 1889ع تحت قيام عمل ۾ آندو جنهن جي شروعات 50 لک رپيين کان ڪئي وئي، جيڪي ايئر فورس ۽ وفاقي حڪومت طرفان اڌو اڌ ڪين امداد طور ڏنا ويا هئا. هن وقت شاهين فائونڊيشن جي ساليانِي آمدني ۽ خرچ 600 ملين آهي. ان جون پڻ ڏهہ ذيلي ڪمپنيون آهن، جن ۾ (1) شاهين ايئر انٽرنيشنل (2) شاهين ايئر ڪارگو (3) شاهين ايئر پورٽ سروسز (4) شاهين ايرو ٽريڊز (5) شاهين انشورنس (6) شاهين ڪامپليڪس (7) شاهين پي ٽي وي (8) ايف ايم 100 ريڊيو چئنل (9) شاهين سسٽم (انفارميشن ٽيڪنالاجي) (10) ۽ شاهين نٽ ويئر شامل آهن.

پاڪستان نيوي 1981ع کان پنهنجي بزنس جي فقط 30 لک رپيين جي سيڙپ سان شروعات ڪئي، ان جا بہ هن وقت 19 پراجيڪٽ هلي رهيا آهن. جن ۾ (1) فلاح ٽريڊنگ ايجنسي (2) بحريہ ٽريول اينڊ ريڪروٽنگ ايجنسي (3) بحريہ پينٽس (4) بحريہ ڊيپ سي فشنگ (5) بحريہ ڪامپليڪس (6) بحريہ ٽائون ۽ هائوسنگ اسڪيمون (7) بحريہ ڊريڊ گنگ (8) بحريہ شپ بريڪنگ (9) بحريہ ڊائيونگ اينڊ سيلويج (10) بحريہ يونيورسٽي (11) بحريہ شپنگ (12) بحريہ ڪوسٽل سروسز (13) بحريہ سيڪيورٽي اينڊ سسٽم سروسز (14) بحريہ ڪيٽرنگ اينڊ ڊيڪوريشن سروسز (15) بحريہ فارمنگ (16) بحريہ هولڊنگس (17) بحريہ هاربر سروسز (18) ۽ بحريہ بيڪري شامل آهن.

مٿي ڄاڻايل بزنس کان هٽي ڪري مشرف حڪومت هڪ هزار حاضر سروس ۽ رٽائرڊ فوجين کي سويلين ملازمتن ۾ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هاڻ عوام لاءِ نوڪريون ڳولڻ ۽ واپار ڪرڻ انتهائي مشڪل ترين بڻجي پيو آهي.

(15 سيپٽمبر 2005ع)

***

# صوبن جا ترقياتي فنڊ ڪاٿا

8 آڪٽوبر جي صبح تي ڪشمير، بالاڪوٽ ۽ سرحد ۾ زلزلي سبب آيل تباهي سبب ٿيل اقتصادي نقصان جي ڪير ڪٿ ڪيئن ڪري سگهندو؟اهو سوال ٻن حوالن سان انتهائي ڏکيو آهي، هڪ اهو تہ اهڙا ڪي بہ مڪمل انگ اکر ناهن جن مان اهو پتو پئجي سگهي تہ ڪيترا ماڻهو مئا ۽ ڪيترا زخمي ٿيا؟ ملڪيتن جي نقصان جو ڪاٿو لڳائڻ ساڳئي طرح مشڪل آهي. اهو ان ڪري جو سڄي پاڪستان ۾ ملڪيتن ۽ آبادي ڪي ڪڏهن بہ دستاويزي شڪل ناهي ڏني وئي، وري سرحد ۽ ڪشمير ۾ تہ ملڪيتن ۽ آبادي جا تفصيل مرتب ڪيا ويا هجن، اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي. ٻيو اهو تہ پاڪستان ۾ انساني جانين ضايع ٿيڻ کي اقتصادي نقصان ليکيو ئي نٿو وڃي، سرڪاري ڪاتي ۾ ماڻهن جي موت ۽ زخمي ٿيڻ جي ڪٿ مري ويلن لاءِ هڪ لک ۽ 50 هزار زخمين لاءِ ڏئي ڪئي ويندي آهي.

زلزلي کي ٻن هفتن کان وڌيڪ گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ ڪافي علائقا اهڙا آهن جتي نہ تہ امدادي ٽيمون پهتيون آهن نہ وري سنڌن ڪا سار سنڀال لڌي وئي آهي. طاقتور پارت ۽ پاڪستان فخر سان دنيا جي اوچي چوٽي واري محاذ سياچن تي تہ پنهنجون فوجون مقرر ڪن ٿا، پر ڇا اهي ٽڪرين تي موجود زلزلي ستيل ماڻهن جي مدد لاءِ نٿي پهچي سگهيا، جن جي اوچائي مذڪوره محاذ کان تہ گهٽ ۾ گهٽ هيٺاهين آهي.

ڪشمير پلي تہ پاڪستان جي حاڪمن لاءِ گذريل 58 سالن کان اهم رهيو هجي، پر جڏهن ڪشميري عوام جي ڀلائي، خوشحالي ۽ اقتصادي ترقي جي ڳالهہ اچي ٿي تہ ان معاملي ۾ پاڪستان ڪجهہ بہ ناهي ڪيو. هتي ٿورا ٽڪا روڊ ۽ ٻيو فوجي ڇرپر خاطر ضروري انفرااسٽرڪچر ناهيو

ويو آهي. مانسهره ۽ بالاڪوٽ جو بہ اهو ئي معاملو آهي. انهن علائقن ۾ حڪومتي سيڙپ نالي ماتر آهي.

جڏهن تہ حڪومت سان لاڳاپيل اقتصادي ماهرن جو خيال آهي تہ زلزلي سبب هزارين ماڻهو موت جو ڪاج ٿيا. هزارين متاثر ٿيا آهن. پر اقتصادي نقصان ايترو ناهي ٿيو. ڇو تہ ڪشمير ۽ سرحد اهڙا اعلائقا آهن جتي بزنس ۽ انفرا اسٽرڪچر جي اعتبار کان ڪا ڳڻپ جوڳي سيڙپ ناهي ٿيل. زراعت بہ نہ هئڻ برابر آهي. سياحت بہ ڪشمير، بالاڪوٽ ۽ مانسهره ۾ ڪنهن حد تائين نظر اچي ٿي. هتي جهادي ڪئمپون تہ گهٽيون آهن. پر سنيون اسپتالون ۽ ڪاليج بنهہ ٿورا آهن. ٻئي ڪشمير توڙي سرحد صوبي جا علائقا سياحت جي اعتبار کان وڏي اهميت رکن ٿا. جيڪڏهن هتي روڊ سيڪٽر، واٽر سپلاءِ، بجلي ۽ گئس جون سهولتون مهيا ڪرڻ جي سلسلي ۾ سيڙپڪاري ڪئي وڃي تہ ان سان نہ رڳو ماڻهن کي سهولتون ميسر ٿينديون، بلڪ اهي پنهنجي گهرن ويجهو روزگار بہ ڪري سگهندا. ايئن اهي ڪراچي يا ٻين ڏورانهن هنڌن تي روزگار لاءِ وڃڻ کان بہ بچي پوندا. 8 آڪٽوبر جي زلزلي جو ڪراچي تي فوري ۽ تڪڙو اثر تعميراتي ڪم بند ٿيڻ جي صورت ۾ سامهون آيو آهي. پنهنجي اباڻن ڳوٺن ۾ مٽن مائٽن ۽ خاندان جي ياتين جي زلزلي ۾ موت جو ڪاج ٿيڻ جي خبر پوڻ ڪانپوءِ ڪراچي مان وڏي تعداد ۾ ڪشميري ۽ پناڻ پورهيت پنهنجن اباڻن گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا. ڪين پنهنجي ٻچي ويل مائٽن ۽ گهر ياتين جي خيريت معلوم ڪرڻ جو اونو هو. ڪشميري ۽ پناڻ پورهيتن جي گهر رواني ٿيڻ ڪانپوءِ ڪراچي جا هوٽل، ڪارخانا، دڪان ۽ رهائشي عمارتون خالي ٿي ويون آهن. پر انهن ڪشميري پناڻ پورهتين جي ڪراچي مان پنهنجي اباڻن گهرن ڏانهن واپسي عارضي آهي. اهي سمورا پورهيت نہ رڳو ترت ڪراچي واپس موٽي ايندا. بلڪ پاڻ سان گڏ زلزلي ۾ بچي ويل نوجوانن کي بہ ساڻ وٺي ايندا. ڇو تہ ڪراچي ۾ ڪين رهائش ۽ روزگار ملڻ جي پڪ هجي ٿي.

زلزلي جو تڪڙو ۽ فوري اثر اهو بہ هوندو تہ ايندڙ ڪجهہ مهينن اندر پناڻ ۽ ڪشميري پورهيتن جو وڏو انگ ڪراچي ڏانهن رخ ڪندو. نہ رڳو

صحتمند ماڻهو بلڪ زلزلي سبب زخمي يا معذور ٿيل ماڻهو بہ وڏي انگ ۾ ڪراچي ايندا ڇاڪاڻ جو ڪراچي ۾ بهتر علاج جون سهولتون موجود آهن. جيتوڻيڪ حڪومت زلزلي ۾ بي گهر ٿيل ماڻهن لاءِ پنجاب ۾ اسلام آباد، چڪوال ۽ اٽڪ ۾ خيما وستيون ٺاهڻ جو اعلان ڪيو آهي. ليڪن اٽڪ، چڪوال ۽ اسلام آباد ڪين روزگار جي سهولت ميسر نٿا ڪري سگهن، ان ڪري اهي امڪان موجود آهن تہ انهن ماڻهن جو وڏو انگ سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ اچي آباد ٿيندو. ياد رهي تہ ماضيءَ ۾ بهارين کي بہ پنجاب ۾ آباد ڪيو ويو هو. پر پوءِ اهي سنڌ هليا آيا. حڪومت وٽ بيروزگار ماڻهن کي وظيفو يا الائونس ڏيڻ لاءِ گهربل ذريعا موجود ئي ناهن.

زلزلي سبب ٿيندڙ نئين لڏپلاڻ يقيني طور تي ڪراچي کي سياسي ۽ سماجي طرح متاثر ڪندي، جنهن بابت في الحال ڪا اڳڪٿي تہ نٿي ڪري سگهجي. ڇو تہ متحده قومي موومينٽ هن وقت جنرل پرويز مشرف جي حامي آهي. اهي زلزلي ستيلن جي امدادي ڪمن ۾ بہ پيش پيش آهن. ليڪن ڪراچي شهر مهاجر، پنجابي ۽ مهاجر - پٺاڻ ڇڪتاڻ جي تاريخ رکي ٿو. بشريٰ زيدي قصي کي مشڪل سان 20 سال گذريا هوندا. سرسيد گرلز ڪاليج جي نوجوان شاگردياڻي بشريٰ زيدي کي 1983ع ۾ ناظم آباد ۾ هڪ بس چيپاٽي ماري ڇڏيو هو. اها بس هڪ پٺاڻ جي هئي ۽ ان جو ڊرائيور بہ هڪ پٺاڻ هو. بدقسمت ڇوڪري جي حادثاتي موت سبب جهيڙن جو اڻکٽ سلسلو شروع ٿي ويو هو. جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو ماريا بہ ويا هئا تہ سوين ماڻهو زخمي پڻ ٿيا هئا. ان جي ردعمل طور 1987ع ۾ سهراب ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي وئي ۽ ان جي جواب ۾ علي ڳڙهہ ڪالوني تي حملو ڪيو ويو ۽ بيا بہ ڪيترائي خوني جهيڙا ٿيا. سنڌ ۾ وڌندڙ بيروزگاري ۽ بي چيني هوندي وڏيڪ ڪشميرين ۽ پٺاڻن جي آبادي جي سنڌ ڏانهن رخ ڪرڻ جي صورت ۾ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ هتي هڪ ڀيرو ٻيهر خوني جهيڙا جنم وٺي سگهن ٿا.

زلزلي سبب متاثر ماڻهن ۽ انفرا اسٽرڪچر جي بحالي، توڙي ڪشمير ۽ سرحد ۾ نئين سر تعمير لاءِ وڏي پيماني تي وسيلن جي ضرورت

پوندي اهو پونچال بہ ان وقت آيو آهي جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون مسلسل وڌي رهيون آهن. عالمي واپاري مارڪيٽن جي رپورٽن مطابق پاڪستان جي 2005_6ع ۾ ايڪسپورٽ 2004_05ع جي ڀيٽ ۾ بدتر رهندي. انهي جو مطلب اهو ٿيو تہ پاڪستاني مصنوعات هيل اجا بہ مهانگيون ٿينديون ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ اهي شيون نہ ڪجي سگهنديون. ان ڪري اهو ڊپ بہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ ان ڪارڻ ڪجهہ ايڪسپورٽ ڪندڙ صنعتون بند ٿي سگهن ٿيون، جنهن ڪري پڻ بيروزگاري ۾ واڌ ايندي. نظر ايندڙ صورتحال موجب ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ ان سبب جي ڪري ڪيتريون ئي فيڪٽريون بند ٿيڻ جا امڪان آهن. ڪشمير ۽ سرحد مان اضافي ماڻهن جي آمد سبب اقتصادي ماهرن جو خيال آهي تہ حڪومت کي 2005_6ع جي بجيٽ لاءِ هڪ ٽرلين رپين کان بہ وڌيڪ رقم رکڻي پوندي. زلزلي جو پهريون نقصان اهو بہ ٿيو آهي جو هلندڙ مالي سال لاءِ رکيل 300 بلين رپيا ترقياتي پروگرام جي بجيٽ مان ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي. وفاقي ترقياتي بجيٽ مان صوبن جا 7 کان 8 بلين رپيا ڪٽي ڪشمير ۽ سرحد جي نئين سر تعمير واري منصوبي ۾ منتقل ڪندي ڏنو وڃي تہ زلزلي متاثرن جي مدد لاءِ 7 کان 8 بلين رپيا ڪا ايڏي وڏي رقم ناهي. ٻين تجويزن ۾ هڪ تجويز زلزلي سرچارج لڳائڻ بہ شامل آهي. هن وقت جيڪي ماڻهو پنجاهہ سٺ ورهين جا هوندا. تن کي ياد هوندو تہ اوڀر پاڪستان ۾ سٺ جي ڏهاڪي ۾ آيل ساموندي طوفان ڪانپوءِ کيئن 1971ع تائين جبري طور فلڊ رليف سرچارج اوڳاڙيو ويو. اهو سرچارج ڪيترو هوندو؟ ڪا خبر ناهي ليڪن اهو يقيني طرح عالمي طور تيل جي وڌيڪ قيمتن جو عذاب ڀوڳيندڙ ماڻهن لاءِ اجا بہ وڌيڪ عذاب پيدا ڪندو. هڪ ٻيو خدشو اهو پڻ ڏيکاريو پيو وڃي تہ حڪومت بجيٽ خساري جو 3.8 سيڪڙو وارو ٽارگيٽ برقرار نہ رکي سگهندي. فوجي خرچن ۾ گهٽتائي جا ڪي بہ امڪان ناهن. حڪومت طرفان سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ جي فيصلي ڪانپوءِ اسٽيبلشمينٽ جي خرچن ۾ گهٽتائي بہ مشڪل آهي. ان ڪري اهو عين ممڪن آهي تہ هاڻي بجيٽ خسارو 3.8

سيڪڙو بدران 4.3 سيڪڙو اچا بہ ممڪن آهي تہ 4.5 سيڪڙو بيهي. بجيٽ خسارو هڪ اڻ سڌو ٽيڪس آهي. جيڪو غريب ماڻهو کي متاثر ڪري ٿو. مختصر اهو تہ ايندڙ ڪجهہ مهينن ۾ حڪومت، صوبن جي ترقياتي خرچن مان ڪٽوتي ڪندي. اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪجهہ سرچارج بہ لاڳو ڪري ۽ بجيٽ جوخسارو وڌيڪ ڍيڪاري، سرچارج ۽ بجيٽ خساري سبب اهو عين ممڪن آهي تہ Growth جو ٽارگيٽ، جيڪو هن وقت 6.8 سيڪڙو ہڌايو پيو وڃي، گهٽجي 5.5 سيڪڙي تي پهچي سگهي ٿو.

سڀ کان اهم ۽ حساس مسئلو چوٿين اين ايف سي ايوارڊ جو پڻ آهي، جيڪو پنجن سالن کان التوا ۾ پيل آهي. صدر مشرف مڪاني چونڊن کانپوءِ اهو مسئلو حل ڪرڻ جي پڪ ڏياري هئي. حقيقت ۾ ان لاءِ اسٽيج تيار آهي. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ ناڻي بابت صلاحڪار سردار احمد ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن جو قلمدان وڃي سنڀاليو آهي. هاڻي ناڻي وزارت جي چارج سنڌ جي وڏي وزير وٽ آهي ۽ هو خود اين ايف سي جو بہ ميمبر هوندو. ان کي ئي ايوارڊ تي صحيح ڪرٽي هوندي. ڪشمير ۽ سرحد ۾ بحالي واري ڪم ۾ چار کان پنج سال لڳندا، جنهن لاءِ وسيلا کپن. جڏهن تہ هتي ماڻهو اڳوات ئي وڌندڙ قيمتن، ٽيڪسن ۽ بيروزگاري جي بار هيٺ دٻيل آهي. سول ملٽري بيورو ڪريسي مذڪوره صورتحال کي منهن ڏيڻ جي اهليت نٿي رکي. 11/9 کانپوءِ دنيا تبديل ٿي وئي آهي. هن کان اڳ دنيا ايتري محدود نہ هئي، جيتري اڄڪلهہ آهي. هن کان اڳ حاڪمن جون غلط ڪاريون توڙي چڱايون ايتريون واضح نہ هيون، جيتريون هينئر آهن. هن وقت سول ملٽري بيورو ڪريسي 1971ع ۾ ڍاڪا جي علحدگي جهڙي بحراني صورتحال ۾ مبتلا آهي. تڏهن تہ پٽو هيو جنهن صورتحال کي منهن ڏنو. ليڪن هاڻي ايندڙ ڪجهہ مهينن ۾ صورتحال جي سنگيني کي منهن ڏيڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽ ڪنهن جي چونڊ ڪندي..!

(1 نومبر 2005ع)

***

پاڻي ورهاست ۽ اين ايف سي مامرو

## سنڌ ۽ بلوچستان،دوستي کان دشمنيءَ واري پنڌ تي

اين ايف سي ايوارڊ ۾ وسيلن جي غير منصفاڻي ورهاست، سنڌوءَ جي پاڻي ۾ گهربل حصو نہ ملڻ ۽ گيس جي قيمت ۽ وڪري وارن منجهيل مامرن سبب سنڌ ۽ بلوچستان ملڪ جا غريب ترين صوبا هجڻ باوجود هڪٻئي سان اختلافن واري پنڌ تي آهن. 23 جون تي بلوچستان جي صوبائي بجيٽ پيش ڪرڻ کانپوءِ بلوچستان جي ناڻي واري وزير سيد احسان شاهہ سنڌ جي وسيلن آڌار اين ايف سي ايوارڊ جي ورهاست واري موقف جي مخالفت ڪئي.

اسلام آباد مان ڪوئيٽا بدلي تي آيل ڪيترائي عملدار اين ايف سي تڪرار جي ذميواري سنڌ تي مڙهين ٿا. اهي سنڌ طرفان روينيو واري بنياد کي بہ اين ايف سي جو حصو بڻائڻ جا مخالف آهن. جڏهن تہ سياستدان خاموش آهن. جڏهن ساڻن ان معاملي تي ڳالهائڻ لاءِ رابطو ڪيو ٿو وڃي تہ اهي ان مسئلي تي ڪابہ راءِ نٿا ڏين.

صوبن وچ ۾ گئس ڊيولپمينٽ سرچارج جي ورهاست بابت بلوچستان جي ناڻي واري وزير احسان شاهہ سنڌ تي الزام هڻندي چيو تہ"سنڌ ان سلسلي ۾ اڳ ۾ ڪيل واعدي تان ڦري وئي. ياد رهي تہ سنڌ سال 2002ع ۾ بلوچستان کي ان اميد تي گئس ڊيولپمينٽ سرچارج (GDS) ۾ رعايتن جي آڇ ڪئي هئي تہ بلوچستان اين ايف سي ايوارڊ ۾ سنڌ جي روينيو جي بنياد تي ايوارڊ جي ورهاست واري موقف جي حمايت ڪندو. ڪجهہ سببن جي ڪري بلوچستان ان مامري ۾ سنڌ جي موقف جي حمايت نہ ڪئي بلڪ اهو پنجاب ۽ سرحد سان گڏ وڃي بيٺو.

جڏهن تہ سنڌ، بلوچستان ۾ سرحد کي روينيو آڊار اين ايف سي ۾ ورڇ جي حمايت ڪرڻ جي صورت ۾ گهٽ آبادي ۽ اقتصادي بدحالي جي حوالي کي بہ ايوارڊ جو حصو بڻائڻ جي سلسلي ۾ سنڌن غير مشروط حمايت جي ڪين آڇ ڪئي هئي.

اهي مسئلا اجا اڻ نبريل ئي هئا تہ ٻنهي، صوبن وچ ۾ هڪ ٻئي مسئلي ڪر کنيو. بلوچستان حڪومت جي عملدارن سنڌ تي اهو الزام هڻڻ شروع ڪيو تہ سنڌ صوبو پاڻي ۾ بلوچستان جو حصو ان کي صحيح نموني نہ پيو ڏئي. انهن سنڌ تي اهو بہ الزام هنيو تہ سنڌ طرفان بلوچستان جي حصي جو پاڻي چورايو پيو وڃي، جنهن ڪري بلوچستان جي زراعت تباهہ ٿي رهي آهي. ان ڪانپوءِ سنڌ جا عملدار بہ پنٺي نہ رهيا. انهن بہ اهي بيان ڏنا تہ بلوچستان طاقت جي زور تي سنڌ جو پاڻي روڪي پاڻ ڏي وهائيندو رهيو آهي.

27 جون 2005ع تي سکر بئراج جي چيف انجنيئر نواز ميمڻ، بلوچستان جي سپرينٽينڊنٽ انجنيئر تي الزام هنيو تہ هو سيف الله مگسي ريگيوليٽر جو زبردستي پاڻي بند ڪري بلوچستان ڏانهن ان جو رخ موڙڻ لاءِ ليويز اهلڪار ساڻ ڪٺي آيو هو. هن مطالبو ڪيو تہ ايئن سنڌ جو پاڻي سينا زوري ڪري ڪڍڻ جي روڪ لاءِ ضروري آهي تہ اتي رينجرز مقرر ڪئي وڃي، لاڙڪاڻي جي آبادگار بورڊ پڻ بلوچستان تي پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي ڪڍڻ جو الزام مڙهيو آهي.

سنڌ آبادگار بورڊ جو صدر اسحاق مغيري بلوچستان تي الزام هڻندي چوي ٿو تہ بلوچستان گرينگ ريگيوليٽر مان 25,650 ڪيوسڪ پاڻي کڻي ٿو جڏهن تہ ان جو حصو 22000 ڪيوسڪ آهي.

سنڌ ۽ بلوچستان جي سياسي قيادت ٻنهي صوبن ۾ ڪافي معاملن تي پئدا ٿيل تڪرار حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. جڏهن تہ سنڌ ۽ بلوچستان جي حڪومتن ۾ شامل اتحادين جون مذڪوره معاملن تي هڪٻئي سان تلخ ڪلاميون بہ ٿي چڪيون آهن. ٻنهي صوبن جي ناڻي وارن وزيرن جون اين ايف سي ايوارڊ بابت ڪجهہ گڏجاڻيون پڻ ٿيون آهن. ليڪن انهن ملاقاتن ۾ اختلاف نبرجڻ بدران اجا بہ وڌڻ جا اطلاع آهن.

هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي تہ ٻنهي صوبن سنڌ ۽ بلوچستان جي صحافين، استادن، دانشورن ۽ ساڃاهہ وندن کي ان معاملي تي اڳتي اچي گڏيل لائحہ عمل لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن، جيئن ٻنهي صوبن جي 50 ملين ماڻهن جو ڀلو ٿي سگهي. دانشورن کي ان سلسلي ۾ ڪو بهتر گس ڪڍڻ لاءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي عوامي سياسي اڳواڻن سان ملڻ گهرجي. چاڪاڻ جو ڪامورا شاهي جو پاڪستان ۾ گذريل 57 سالن کان هميشہ منفي ڪردار ٿي رهيو آهي. سياستدانن جون پنهنجون حدبنديون ۽ ڪمزوريون ضرور آهن، پوءِ بہ اهي ڪامورا شاهي جي ڀيٽ ۾ بهتر سوچ رکن ٿا.

1973ع ۾ آئين تي متفقہ راءِ ٺهڻ، 1975ع ۾ اين ايف سي تي متفقہ لائحہ عمل اختيار ڪرڻ دراصل ڀٽي جي سياسي حڪومت جو ئي ڪارنامو هو. ان کانپوءِ نواز شريف جي حڪومت ڦهريون ڀيرو صوبن جو قدرتي وسيلن جي بنياد تي حق تسليم ڪيو. سرحد صوبي کي هائيڊل جو فائدو ڏنو ويو. جڏهن تہ سنڌ ۽ بلوچستان کي تيل ۽ گئس تي فائدي جو حق مليو. انهن فيصلن تي عملدار آمد ۾ رڪاوٽون وجهڻ جا ذميوار وري بہ ڪامورا ئي آهن، ڇو تہ هڪ صوبي کي ٻئي صوبي خلاف ڀڙڪائڻ ڪامورا شاهي جو پراڻو حربو آهي.

نواز شريف حڪومت 1991ع ۾ اين ايف سي متفقہ راءِ ڏنو ۽ پاڻي ٺهراءُ تي بہ اتفاق هيو. ليڪن 1996ع ۾ فاروق لغاري جي غير سياسي حڪومت ۽ جنرل پرويز مشرف جي حڪومت مذڪوره مامرن تي ملڪ کي ورهائي ڇڏيو.

بلوچستان جي تازو پيش ڪيل بجيٽ کي بہ ان پسمنظر ۾ ڏسڻ گهرجي. صوبي جي 46 بلين جي بجيٽ ۾ 13.24 بلين جو خسارو ڏيکاريو ويو آهي. جيڪو اسلام آباد جي عين خواهش موجب آهي. اهي بہ امڪان آهن تہ جيڪڏهن اين ايف سي ايوارڊ ڏنو ويو تہ ان ۾ تقريباً 8 بلين بلوچستان جي جهولي ۾ وڌا ويندا. جيئن صوبن صدر مشرف کي اختيار ڏئي ڇڏيو آهي تہ اهو اين ايف سي بابت جيڪو بہ فيصلو ڪندو چارئي صوبا اهو قبول ڪندا.

گهٽا امڪان اهي آهن تہ صدر مشرف اين ايف سي ايوارڊ جو اعلان آگسٽ يا سيپٽمبر ۾ مڪاني چونڊون ٿيڻ يا ملتوي ٿيڻ ڪانپوءِ ڪندو. چاڪاڻ جو اين ايف سي ايوارڊ پڻ مڪاني چونڊن تي اثر انداز ٿي سگهندو. مشرف ٽياڪڙي وارو ڪردار قبول ڪري درحقيقت پنهنجي سياسي مشن لاءِ رسڪ کنيو آهي ۽ سندس سياسي مشن ڇا آهي؟ اهو بلوچستان جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان چڱي ريت سمجهي سگهجي ٿو.

بلوچستان جي ايراضي لڳ ڀڳ پاڪستان جي ڪل ايراضي جو 43 سيڪڙو ٿيندي معدنيات ۾ شاهوڪار سامونڊي پٽي، ميون ۾ خود ڪفيل، گهٽ آبادي ۽ انتهائي حساس جيو پوليٽيڪل مقام هجڻ وارن مامرن هن صوبي کي وڏي آبادي رکندڙ صوبي پنجاب جي ڪالوني بڻائڻ لاءِ سولائي پيدا ڪري ڏني آهي. بلوچستان ۾ ڪالونائيزيشن جي ان ماحول ۾ 11/9 کانپوءِ واڌ آئي آهي، ڇو تہ دنيا جو اڪيلو سپر پاور بلوچستان جي 800 ڪلو ميٽر ڊگهي تيل واري پٽي پهنجي قبضي ۾ رکڻ گهري ٿو.

ان ڳالهہ تي ڪوبہ تعجب نہ ڪرڻ گهرجي تہ 1972ع ۾ بلوچستان جي پهرين چونڊيل حڪومت کي ڪجهہ مهينن کان وڌيڪ هلڻ نہ ڏنو ويو هو. جڏهن تہ 1973ع کان 1977ع تائين بلوچستان جي معصوم ماڻهن مٿان جنگ مسلط ڪئي وئي هئي. اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ 1972 ع جي چونڊيل بلوچستان جي حڪومت بلوچستان ۾ بلوچ، پشتون ايڊمنسٽريشن جي خواهان هئي. اهو ئي ڪارڻ هو جو ڪيترن ئي ڪاتن خاص طور پوليس مان غير بلوچن کي نڪري وڃڻ جا آرڊر جاري ڪيا ويا هئا.ٿورو ياد ڪريو تہ ان وقت ئي ممتاز ڀٽي کي سنڌ مان اهم عهدي تان هٽائي غلام مصطفيٰ جتوئي کي ڇو رکيو ويو هو؟ ممتاز پڻ پنهنجي صوبي ۾ مقامي پوليس فورس ناهڻ پئي چاهي. جڏهن تہ جتوئي سندس ڀيٽ ۾ اسلام آباد، لاهور جو "ييس مين" هو.

ڊسمبر 1972ع ۾ بلوچستان ۾ هٿياربند فوجون موڪلڻ جو جواز اهو ڄاڻايو ويو هو تہ پٽ فيڊر جي علائقي ۾ پنجابي سيٽلر ن جي ڳوٺ محمد حسين تي سوين قبائلين حملو ڪري ڏنو هو. بس اتان ئي هن صوبي جي

بدبختي شروع ٿي. 80 هزار ڪان وڌيڪ هٿياربند فوجي جٿا مقرر ڪيا ويا جڏهن تہ ايراني پائلٽن کي مري ۽ مينگل جي علائقن تي بمباري ڪرڻ لاءِ ڇيڪ ڇڏيو ويو. رپورٽن موجب تڏهوڪي بمباري ۾ 10 هزار مرد، عورتون ۽ ٻار مارجي ويا هئا. چئن سالن جي جنگاڻ ۾ 6500 بلوچ موت جو ٻک بڻايا ويا ۽ 3500 فوجي پڻ مارجي ويا هئا.

دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ بلوچستان جهڙو علائقو شايد ئي هجي، جنهن وٽ وڏي ايراضي گهٽ آبادي، وسيلن جي لحاظ کان شاهوڪار هجي، جنهن کي 800 ڪلوميٽر ساحلي پٽي ۽ جيو پوليٽيڪل مقام تي واقع هجي. ها پر پاڪستان ۾ اسانجي قيادت "سپر پاور" جي مفادن جي نگهباني لاءِ هر وقت حاضر آهي.

انهن مفادن جي نگهبان، سو بہ اهڙي هنڌ جي جتان ڏور اوير ۽ يورپ ڏانهن تيل ويندو هجي. يقيناً ٿيندي اهڙي صورتحال سبب اتي حڪومت مارشل لا، مني مارشل، فوج، فرنيٽئر ڪانسٽيبلري، ڪوسٽ گارڊز ۽ رينجرس جي موجودگي اجا بہ يقيني بڻائيندي، اسٽيج تيارِ آهي، بس مُک ڪيڏاري ڪجهہ وقت ۾ پنهنجو ڪردار نڀائڻ لاءِ پهچي ويندا. ڪجهہ ڪم تہ ٿي رهيا آهن. باقي ڪجهہ اجا ٿيڻا آهن. اهي مُک ڪيڏاري سنڌ ۽ بلوچستان مان نروار ٿيندا؟ ڪڏهن ٿا نروار ٿين، ڪنهن کي بہ ڪل ناهي!
(1 جولاءِ 2005ع)

***

# ايم ڪيو ايم ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي هڪ اهڙي عجيب پارٽي آهي جنهن سان عوام جو هڪ وڏو حلقو نفرت به ڪري ٿو ته ان ڪي چاهي به ٿو. سوال اهو آهي ته ڇا ايم ڪيو ايم جي نيپال جي مائو باغين سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي؟

1996ع کان جڏهن نيپال ۾ بغاوت شروع ٿي ته عوامي سياسي پارٽيون شاهه ۽ سندس وفادارن سان وچي گڏ ٿيون، ۽ مائوئسٽن جي ننڊا ڪيائون. "مائوئسٽ انتها پسند ۽ جمهوريت جا مخالف آهن" نيپال ڪانگريس پارٽي جي اڳواڻ ڪيترن ئي موقعن تي چيو مائو باغي بندوق سان حڪمراني ڪن ٿا ۽ ماڻهن کي ينگ لاءِ اغوا به ڪن ٿا. اهي مائوئسٽس تي لڳندڙ سڀ کان وڏا الزام آهن.

پر اها به هڪ حقيقت آهي ته نيپال جو به پاڳي تي حصو مائوئسٽن جي ڪنٽرول ۾ آهي. ان ڳالهه جو اکين ڏٺو مشاهدو ان وقت ٿيو جڏهن آءٌ پاڻ هلندڙ سال جي مارچ ڏاري نيپال ويو هئس ۽ اتي مون ڪٽمنڊو، نيپال گنج ۽ سرڪيت ويجهو مائو باغين جي قبضي ۾ آيل علائقي جو دورو ڪيو هو.

مائوئسٽ نهايت منظم، ڊسپلين رکندڙ ۽ پنهنجي مقصد سان سلهاڙيل آهن، انهن وٽ 30 سيڪڙو تربيت يافته عورتن جا جٿا به آهن، اهي عورتون ئي سندن ڪنٽرول ۾ ايندڙ علائقن جي ايڊمنسٽريشن هلائين ٿيون. پنهنجي سمورن خدشن ۽ اختلافن باوجود نيپال جون ست مک عوامي پارٽيون نومبر 2005ع ڌاري مائوئسٽن سان اتحاد ۾ سلهاڙجي چڪيون آهن اها به هڪ حقيقت آهي ته مائو باغين هيلتائين پنهنجن ڪيترن ئي مخالفن کي نڪاٽي لڳائي ڇڏيو آهي. انهن پنهنجي خلاف لکندڙ صحافين

ڪي نہ رڳو اغوا ڪيو پر انهن مان ڪيترن کي قتل بہ ڪري ڇڏيو. مائو اڳواڻ اهي غلطيون تسليم ڪن ٿا، ۽ موٽ ۾ عوام کان معافي گهري بيهر نہ ورجائڻ جو بہ يقين ڏيارين ٿا. اهي اهو بہ واعدو ڪندي نظر اچن ٿا تہ غلط فهمي جي بنياد تي سندن طرفان جن ڪٽنبن کي نقصان پهتو ان جو بہ ازالو ڪيو ويندو. نيپال جي ماڻهن سندن ان معذرت ۽ معافي گهرڻ تي ڪين ڪيترو معاف ڪيو آهي، اهو تہ اڃا ڏسڻو آهي. باقي في الحال اهي نيپالي سوسائٽي جي هڪڙي حصي جي نمائندگي جي ميڄتا حاصل ڪري چڪا آهن. پر وري بہ اهو سوال ڪر کڻي بيهي ٿو تہ آخر متحده قومي موومينٽ جي مائوئسٽن سان ڀيٽ ڪيئن ڪجي، ڇا ايم ڪيو ايم وٽ ڪو نظريو آهي؟ انهي سوال جو ايم ڪيو ايم جي قيادت وٽ اهو جواب رهيو آهي تہ، جاگيرداري نظام جو خاتمو پاڪستان جو سيڪيولر ملڪ طور اعلان، ڀارت سميت دنيا جي پاڙيسري ملڪن سان بهتر لاڳاپا، وغيره.

"ليڪن پنهنجي جوڙجڪ ۾ ايم ڪيو ايم هڪ فاشسٽ تنظيم آهي، ان جو ڪابہ ڊر جي سياسي سوچ سان ذري برابر بہ واسطو ڪونهي." هڪ قومپرست پارٽي جو سياسي ڪارڪن ٻڌائي ٿو. هو وڌيڪ چوي ٿو تہ "الطاف حسين پنهنجي پارٽي ۾ اڪيلي طور ان داتا آهي ۽ سمورا فيصلا پاڻ ڪندو آهي. انهي حد تائين جو پارٽي ۾ عهديدارن جي مقرري کان ويندي حڪومت ۾ ٻين پارٽين سان بہ هو پاڻ ئي معاملا طئي ڪندو آهي."

سنڌ توڙي ملڪ اندر ڪيترائي سياسي اڳواڻ ايم ڪيو ايم ۽ ان جي قيادت کي سنو نٿا سمجهن. اهڙن سياسي اڳواڻن ۾ رسول بخش پليجو ڊاڪٽر قادر مگسي، ممتاز ڀٽو جماعت اسلامي جا ڳواڻ توڙي ڪجهہ ٻيا گروپ شامل آهن. جيڪي ايم ڪيو ايم کي منافق تصور ڪن ٿا. اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ ايم ڪيو ايم تي پنهنجي پارٽي اندر توڙي ان کان ٻاهر پنهنجي مخالفن کي ٺڪاڻي لڳائڻ جو بہ الزام آهي. پ پ پڻ ايم ڪيو ايم لاءِ ساڳئي راءِ رکي ٿي، پر جڏهن حڪومت ٺاهڻ جو معاملو ايندو آهي تہ اها بنا ڪنهن جهجهڪ جي ان سان اتحاد ڪري ڇڏيندي آهي.

انهن الزامن کان هٽي ڪري جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ايم ڪيو ايم انهن شهري علائقن ۾ "پاپولر پارٽي" آهي، جنهن جي دعويٰ سندس قيادت ڪري ٿي. اها جنرل ضياءَ طرفان ڪرايل مڪاني چونڊن ۾ وڏي اڪثريت سان کٽي آئي هئي. اهڙي ريت 1988ع جي چونڊن ۾ به ايم ڪيو ايم پنهنجي پوزيشن برقرار رکي ۽ پوءِ پ پ سان اتحادي حڪومت جو حصو بڻي، ليڪن بنهي ڌرين جو اهو اتحاد بنهه عارضي ثابت ٿيو ۽ گهڻو قت نه هلي سگهيو. اسان مان اجا به ڪيترن کي تنهن دور ۾ ايم ڪيو ايم ۽ پي ايس ايف وچ ۾ مختلف تعليمي ادارن ۽ هاسٽلن ۾ ٿيل خونريز جهيڙو ياد هوندو. بنهي ڌرين هڪبئي جا ڪيترائي شاگرد نه رڳو اغوا ڪيا هئا، پر ڪين تشدد جو نشانو پڻ بڻايو ويو هو.

ياد رهي ته تڏهن اهو جهيڙو هلندي فوجي قيادت مداخلت ڪئي هئي. ايئن پوءِ ايم ڪيو ايم ۽ پ پ جي شاگرد ونگس پهريون پيرو ڪراچي ۾ ڪور ڪمانڊر جي دفتر ۾ پنهنجا "قيدي" هڪبئي حوالي ڪيا هئا. تڏهوڪي چيف آف آرمي اسٽاف اسلم بيگ جي اها ڳالهه به رڪارڊ تي آهي ته تڏهوڪي دؤر ۾ جڏهن بينظير ڀٽو خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ پيش ڪئي وئي تڏهن هن پاڪستان مسلم ليگ جي اتحاد آءِ جي آءِ کي ايم ڪيو ايم جي حمايت وٺي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. جيتوڻيڪ بينظير ڀٽو عدم اعتماد تحريڪ کان ته پاڻ بچائي وئي. ليڪن آگسٽ 1990ع ۾ ڪاوڙيل صدر اسحاق خان کان پاڻ نه بچائي سگهي، جنهن اسلم بيگ جي مڪمل حمايت سان سندس حڪومت معطل ڪري ڇڏي هئي.

پوءِ غلام مصطفيٰ جتوئي جي نگران حڪومت تحت چونڊون ٿيون، جهن ۾ آءِ جي آءِ وڏي اڪثريت سان کٽيو ۽ نواز شريف وزيراعظم بڻيو. اهڙي ريت ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ ڄام صادق علي سان نهي وئي. ڄام صادق اخلاقي طرح ڏيواليٽي جو شڪار ۽ ڪرپشن کي هٽي ونرائڻ جو شاهڪار مثال هو. ڄام صادق، ايم ڪيو ايم کي نواز شريف حڪومت طرفان سندن خلاف ڪاروايئن کان ڪين بچايو پر ڄام جي جگر جي ڪئنسر ۾ لاڏاڻي کانپوءِ ايم ڪيو ايم ٿيلهي کان ٻاهر اچي وئي ۽ ان جا اسلام آباد سان

اختلاف پڏرا ٿي پيا پر نواز شريف جي حڪومت بہ بنهہ ڪمزور ثابت ٿي، ۽ اها بہ 1993ع ۾ گهر پيئڙي ٿي. نواز شريف صدر اسحاق خان طرفان پنهنجي حڪومت جي معطلي خلاف عدالت مان پنهنجي حق ۾ فيصلو بہ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو پر معاملا نہ نبريا. ايئن پوءِ تڏهوڪي آرمي چيف ڪاڪڙ معاملا اڪلائيندي اسحاق خان ۽ نواز شريف کي گهر روانو ڪيو ۽ بلخ شير مزاري کي نگران وزيراعظم بڻايو ويو.

ايم ڪيو ايم 1990ع ۾ نواز شريف سان بہ اتحاد ڪيو هو. 1991ع ۾ هو ڪراچي آيو وڏين ريلين ۽ جلسن کي خطاب ڪيائين. نواز شريف ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهري علائقن جي ترقي خاطر وڏا فنڊ ڏيڻ جا واعدا ڪيا. پر پوءِ انهن پئسن مان ٽڪو بہ هتي نہ پهتو! ڪراچي ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي وئي، روز روز هڙتالون ٿيڻ لڳيون. نواز شريف بہ هڪ لحاظ کان لالچي سياستدان هو هو وفاق جي ڏوڪڙن تي سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ پنهنجو تڪ ناهڻ پيو چاهي. آخرڪار 1992 ع ۾ فوج ڪراچي ۽ ٻين شهري علائقن ۾ آپريشن شروع ڪيو. الطاف حسين پاڻ هر تو جلاوطن ٿي لنڊن هليو ويو جڏهن تہ ايم ڪيو ايم جو سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر عمران فاروق روپوش ٿي ويو. عمران فارق پوءِ 1991ع ۾ ست سال روپوشي ڪانپوءِ لنڊن ۾ منظر عام تي آيو جتي هو وڃي لڪو هو پي آءِ اي ذريعي هو اُتي ڪيئن پهتو؟ اهو اجا تائين هڪ ڳجهہ ئي آهي. هن ڪهڙن ڪاغذن تي سفر ڪيو اهو بہ هڪ راز آهي.

ايم ڪيو ايم حقيقي، ايم ڪيو ايم اندران ئي قيام پذير ٿي، جنهن کي ڳجهن ادارن جي پنيرائي حاصل هئي، جيڪو هڪ کليل راز آهي. لانڍي، جيڪب لائنز ۽ شهر جا ڪجهہ ٻيا علائقا ايم ڪيو ايم جي حامين لاءِ "نوگوايريا" بڻجي ويا. ان ڪانپوءِ شهر ۾ ماڻهو مارڻ، اغوا ۽ ٽارچر جو هڪ اڻٽڪت سلسلو هلي پيو.

1993ع ۾ امپورٽيڊ وزيراعظم معين قريشي تي ٻڌل نگران سيٽ اپ جوڙيو ويو معين قريشي طرفان ڪرايل چونڊن جي نتيجي ۾ پ پ هڪ ڀيرو ٻيهر اقتدار ۾ آئي. پ پ جي گهرو وزير آپريشن شروع ڪيو.

مذڪوره آپريشن ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن جو وڏو انگ ماريو ويو. نتيجي ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڀتين تي سرڪاري ادارن خلاف نعرا به لکيل نظر آيا. نواز شريف جڏهن فيبروري 1997ع ۾ ٻيهر اقتدار سنڀاليو ته ايم ڪيو ايم وري وچي سندس اتحاد بڻي. ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ لياقت جتوئي جي اتحادي هئي. پر اهو انتظام به گهڻو وقت نه هلي سگهيو. نواز شريف سنڌ ۾ نئون سيٽ اپ ڏاهيندي ممنون حسين کي سنڌ جو گورنر ۽ غوث علي شاهه کي صوبي جو چيف ايگزيڪيوٽو بڻايو جيڪي ٻئي اسلام آباد جا نمائندا هئا.

ايئن 1998ع کانپوءِ ايم ڪيو ايم ڪجهه وقت لاءِ ٻڏتر جو شڪار رهي. 12 آڪٽوبر 1999ع تي جنرل مشرف اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. ان وقت تي سندس اهڙي ريت اقتدار حاصل ڪرڻ جي رڳو ٻن سياسي ڌرين بينظير ڀٽو جي پ پ ۽ ايم ڪيو ايم حمايت ڪئي هئي. ايم ڪيو ايم مڪاني چونڊن ۾ حصو نه ورتو پر 2002ع ۾ ٿيل عام چونڊن ۾ حصو ورتائين جنهن ۾ هن سنڌ جي شهري علائقن مان ڪافي سيٽون کٽي ورتيون. ايم ڪيو ايم مرڪز ۽ سنڌ ۾ مشرف جي حمايت يافته پارٽي مسلم ليگ (ق) سان وچي گڏ ويٺي.

سنڌ ۾ ڏاهيل سيٽ اپ جو سلسلو ايئن رکيو ويو هو ته سنڌ جو وڏو وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم سڀي سنڌ جا معاملا ڏسندو ۽ گورنر شهري معاملن لاءِ ذميوار هوندو. ليڪن مڪاني چونڊن ۾ ڪا گهڻي اهميت نه ملڻ سبب ايم ڪيو ايم چڙيل آهي. جيتوڻيڪ ماضي ۾ ايم ڪيو ايم پوليس ۽ رينجرز جي زيادتين خلاف پاڻ ڏانهيندي رهي آهي. پر 2003ع ۾ جڏهن ايم ڪيو ايم سنڌ حڪومت ۾ شامل ٿي، تڏهن ايم ڪيو ايم جي وزير داخله سنڌ ۾ رينجرز جو هڪ سال مدو وڌائڻ جي وفاقي حڪومت کي گذارش ڪئي هئي. سياست جو برابر عجيب جهان آهي، اڄڪلهه ايم ڪيو ايم، رينجرز ۽ پوليس هڪٻئي جي ساراهه ۾ نٿا ڍاپن! سندن اهو اتحاد ڪيستائين هلي سگهندو ڪجهه چئي نٿو سگهجي.

گذريل پنجن مهينن ۾ متحده قيادت گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا سنڌ ۽ وفاق ۾ حڪومت کان الڳ ٿيڻ جي ويجهو پهچي چڪي هئي. پهرين ان ڪالاباغ ڊيم ناهڻ واري معاملي تي حڪومت کان الڳ ٿيڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، پر پرويز مشرف ڪالاباغ ڊيم ناهڻ جو اعلان ڪيو آهي. اهو منصوبو ترڪ ناهي ڪيو. ايم ڪيو ايم اهڙي اعلان کانپوءِ بہ حڪومت ۾ رهڻ ۾ ئي عافيت سمجهي، مارچ مهيني ۾ سنڌ جي وڏي وزير ۽ گورنر وچ ۾ اختيارن تي ڇڪتاڻ پيدا ٿي هئي. تڏهن پڻ سنڌ حڪومت ختم ٿيڻ تي هئي، پر پرويز مشرف مداخلت ڪري ان کي بچائي ورتو.

ويجهڙ ۾ سنڌ حڪومت ۽ متحده وچ ۾ ملاکڙو تڏهن ٿيو جڏهن ايم ڪيو ايم سنڌ اسيمبلي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو. ايم ڪيو ايم وارن جو چوڻ هو تہ سندن مختلف مسئلن تي 7000 هزار سمريون وڏو وزير روڪيو ويٺو آهي. هن ڀيري بہ اسلام آباد جي مداخلت ڪم ڏيکاري وئي ۽ سنڌ حڪومت بچي وئي. پر آخر ڪيستائين؟ ڪنهن کي ڪائي خبر ناهي.

(1 جون 2006ع)

***

## ميڊيا: بنگال جي علحدگي کان ڪالاباغ ڊيم تائين

توهان ڊسمبر 1971ع جي ڪنهن به اخبار جو فائيل ڪڍو ۽ ان ۾ 17 يا 18 ڊسمبر 1971ع جي اخبار ڏسو توهان کي ان اخبار جي فرنٽ پيج يا پوئين صفحي جي ڪنڊ تي ٻن پئراگرافن تي مشتمل هڪ خبر نظر ايندي، جنهن ۾ لکيل آهي ته ”جنگي ڪمانڊرن وچ ۾ ٿيل هڪ معاهدي تحت اچ ڀارتي فوجون ڍاڪا ۾ داخل ٿينديون.“ ان ڪانپوءِ هڪ ٻيو پيراگراف به پڙهڻ لاءِ ملي ٿو اها خبر منهنجي خيال ۾ پاڪستان لاءِ 14 آگسٽ 1947ع کانپوءِ اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ خبرن ۾ سڀ کان وڏي خبر هئي انهي حد تائين جو اڄ بنگال جي الڳ ٿيڻ جي 35 سالن کانپوءِ به اها خبر پاڪستان جي تاريخ جي وڏي اسٽوري آهي. پر غور ڪريو ته اسان جي ميڊيا ان اسٽوري جو ڪهڙو حشر ڪيو. ميڊيا جا آمرن جي دٻاءَ سبب هٿ ٻڌل هئا. ان ڪري ڪنهن ۾ به اها همت نه ٿي ته رڌي مواد ڇاپڻ کان انڪار ڪري.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو تڏهوڪي دور جي اخبارن ۾ ٻيون خبرون پڙهندو ته ڪيس سواءِ ڍاڪا واري سانحي جي ننڍي خبر جي سڀ ڪجهه نارمل نظر ايندو. ساڳين ئي اخبارن ۾ ماڻهن کي اها معلومات وڏي ڌُم ڌڙاڪ سان ڏنل آهي ته پاڪستاني فورسز ڀارتي فوجن ۽ باغين سان بهادري سان وڙهي رهيون آهن. اخبارن ۾ اهڙا ايڊيٽوريل به موجود آهن جن ۾ حڪومت جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ٿيل آهي. ”پاڪستان جي ميڊيا اُٺ پکي آهي، اُٺ پکي وانگر حقيقتن کي ظاهر ڪرڻ بدران ان منهن واريءَ ۾ هڻي ڇڏيو آهي،“ هڪ پيري هڪ سينيئر صحافي مون کي ٻڌايو هو.

18 ڊسمبر 1971ع جي شام جو جنرل يحيٰ خان طرفان پي ٽي وي تي ڪيل اها تقرير ياد ڪيو جنهن ۾ هن ڍاڪا مان پاڪستاني فوجون واپس گهرائڻ جو اعلان ڪندي چيو هو ته ان جو مطلب جنگ جو خاتمو نه

سمجهڻ گهرجي. هن اعلان ڪيو تہ اها جنگ اولهہ پاڪستان ۾ دشمن کي پنهنجي مقدس ڌرتي تان ڀڄائڻ تائين جاري رهندي. ان جي معنيٰ ڇا ٿي؟ ڍاڪا يا اوڀر پاڪستان، جتان اسان جي فوج ڀاڄ کاڌي، ڇا اها اسانجي مقدس سرزمين نہ هئي؟ ان تقرير کانپوءِ هڪ مشهور ٽي وي پروڊيوسر جنگي محاذ جا منظر ٽي وي تي پيش ڏيکاريا، جنهن ۾ سپاهي خندق ۾ مورچابند هئا. "جوان توهان جو "مورال" ڪيئن آهي؟" پروڊيوسر هڪ سپاهي کان پڇيو غريب سپاهي ڦڪي کل کليو. ان هوندي بہ سرڪاري ڪنٽرول ۾ هلندڙ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو بہ ساڳيوئي رويو هو جهڙو پرنٽ ميڊيا جو.

20 ڊسمبر 1971ع تائين پ پ اقتدار سنڀالي ورتو هو ڇو تہ پنجاب ۾ سرحد جا ماڻهو جرنيلن خلاف سخت چڙيل هئا. جنرل حامد ۽ جنرل پيرزادي کي نوجوان فوجي آفيسرن طرفان ڌڪي ڌار ڪيو ويو ۽ فوج وٽ سواءِ چوندبيل سياستدان جي اقتدار کي تسليم ڪرڻ کانسواءِ ڪو بہ آپشن نہ بچيو هو. ڪجهہ اخبارن جنرل نيازي طرفان ڀارتي جنرل سان گڏ فوج کي ڍاڪا مان ڪيڻ واري معاهدي تي صحيح ڪرڻ واريون تصويرون ڇاپڻ جي همت ڪئي. ان تي بہ تمام وڏي رڙ متي تہ "اخبارن ڇو فوج جي ڪردار کي اڇاليو آهي؟" جڏهن تہ عالمي ميڊيا کليل نموني جنرل نيازي جي فوجي انخلا جي معاهدي تي صحيح ڪرڻ جون تصويرون ڇاپيون، بلڪ معاهدي تي صحيح ڪرڻ مهل جڏهن جنرل نيازي پلٽڻ ميدان پهتو هو تڏهن ڪاوڙيل بنگالين طرفان مٿس احتجاج طور ڪيل پٿر بازي کي بہ ٽي وي چينلن تي ڏيکاريو ويو. پاڪستان ۾ موجود اقتداري ڌريون حقيقتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار نہ هيون. فوجي قيادت پڻ ان مان ڪو سبق پرائڻ لاءِ تيار نہ هئي.

اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جو فيبروري 1971ع ۾ ڇا ڪردار هيو؟ جڏهن يحيٰ خان چوندبيل آئيني اسيمبلي جو اجلاس اڻ ڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو هو. ان جي اڳيئين ڏينهن سموري اوڀر پاڪستان ۾ هڙتال ڪئي وئي. ڪجهہ ماڻهن عوام جو ساٿ نہ ڏنو ۽ پنهنجا دڪان ۽ ڪاروبار کليل رکيو. ڪاوڙيل بنگالين سخت رد عمل ڏيکاريو. تڏهن بہ اسانجي

پاڪستاني ميڊيا ايئن رپورٽ ڪيو تہ "ڪجھ وڳوڙين طرفان محب وطنن جا دڪان ساڙيا ويا." 25 مارچ جي رات يحيٰ خان بنگالين خلاف مڪمل آپريشن جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. بي بي سي پنهنجي صبح واري نشريات ۾ (هندي ۽ اردو) رات جو ٿيل بنگالين جي قتلام جا تفصيل ٻڌائي ڇڏيا. 26 ۽ 27 مارچ 1971ع جون اردو ۽ انگريزي اخبارون کڻي ڏسو انهن ڏينهن لکيو هو تہ "ڍاڪا ۽ اوڀر پاڪستان جي ٻين حصن ۾ صورتحال پر امن آهي ۽ امن امان بحال ڪيو ويو آهي." تڏهن بنگال ۾ معصوم بنگالين جو رت وهايو وڃي ويو. پر پوءِ بہ اردو ڊائجسٽ جي الطاف قريشي پنهنجي ڊائجسٽ ۾ لڳاتار "محبت ڪا زم زم...." جي عنوان هيٺ اوڀر پاڪستان جي عوام جي خلاف مضمون لکندو رهيو.

صحافت جي پيشي سان تعلق هجڻ ڪري اسان کي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ گهرجي تہ "اسان 1971ع جي واقعي مان ڇا پرايو؟" 1983ع ۾ جڏهن سنڌ جو عوام آمراڻي حڪومت جي خلاف سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي آيو تڏهن اسان جي ميڊيا اهو رپورٽ ڪري رهي هئي تہ "وڳوڙي" 1971ع ۾ بہ اوڀر پاڪستان ۾ سرگرم هئا! ساڳيائي "وڳوڙي" 1990ع ۾ سنڌ جي ٻهراڙين مان ايريا، اهي ڪراچي ۾ سرگرم هئا. ڪين رات جي وڳڙي ۾ گهات هڻي ڪنيپيو ويو، پوءِ سندن لاش روڊن تي اڇلايا ويا ۽ اسان جون اخبارون انهن واقعن کي ايئن شايع ڪري رهيون هيون تہ "وڳوڙي پوليس مقابلي ۾ ماريا ويا." حيرت جي حد تہ اها آهي جو مذڪوره مقابلن ۾ ڪو بہ پوليس وارو نٿي ماريو ويو. هاڻي اهي ئي وڳوڙي سرحد صوبي ۾ ذڪڻ ۽ اتر وزيرستان، ڊيرا بگٽي، ڪوهلوءِ مري علائقن ۾ سرگرم آهن. 27 ڊسمبر 2005ع تي گهرو معاملن واري وفاقي وزير آفتاب شير پائو سينيٽ کي ڄاڻايل "وڳوڙين" طرفان گيس پائپ لائين ۽ ريلوي جي پٽڙين کي پهچايل نقصان جا تفصيل ٻڌايا. "بلوچستان ۾ فوجي آپريشن هرحال ۾ جاري رهندو." آفتاب شيرپائو اعلان ڪندي چيو تہ "ليڪن فورسز محدود آپريشن ڪندا." جيڪڏهن 100 کان وڌيڪ بلوچ نوجوان، عورتون ۽ ٻار مارجي چڪا آهن تہ اها ڳالھ اسان جي ميڊيا جي لاءِ ڪا وڏي اهميت نٿي رکي.

ميڊيا ڊيرا بگٽي ۽ ڪوهلو ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ جي ذميواري وڏن سردارن تي وجهڻ ۽ ڪين عوام کي راڪيٽ لانچرن لاءِ اُتساهڻ جو ذميوار ڪوٺي رهي آهي پر ميڊيا اهو سوال اٿاري ئي نٿي تہ بلوچستان جو وزيراعليٰ ڄام يوسف، ظفرالله جمالي ۽ ٻيا ڪيترائي بلوچ سردار ڪير آهن؟ "اسان تاريخ مان فقط نہ سکڻ جوئي هڪ سبق سکيا آهيون" هڪ صحافي ٻڌايو پئي.

سنڌ ۾ هن وقت ڇا ٿي رهيو آهي، جنرل پرويز مشرف ڊسمبر ۾ ڪراچي آيو هن صحافين ۽ پنهنجي حڪومت جي اتحادين کي خطاب ڪيو ۽ ڪين ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جي حمايت ڪرڻ لاءِ چيو باوجود سندس ڌيڌيي جي ڪنهن بہ سندس حمايت نہ ڪئي. ان کانپوءِ هو حيدرآباد ۽ سکر بہ ويو جتي نوجوانن، عورتن ۽ آبادگارن کي خطاب ڪيائين پاڪستان ۾ حڪومتي قوتون ڪنهن بہ فوجي صدر لاءِ سوين يا هزارين ماڻهو نہ گڏ ڪري سگهن ٿيون. انهن ايوب خان يحيٰ خان، ضياءَ لاءِ بہ ايئن ڪيو ۽ هاڻي صدر پرويز مشرف لاءِ ڪري رهيا آهن. اهي خاموش ماڻهو آهن. تاڙيون وڄائي سگهن ٿا، نعرا هڻي سگهن ٿا، پر انهن کي عوامي حمايت حاصل ناهي ميڊيا رپورٽ ڪيو آهي تہ صدر جون مذڪوره هنڌن تي تقريرون خاموشي سان ٻڌيون ويون. ماڻهو ڄڻ تہ روبوٽ ٻڌل هئا. ليڪن ميڊيا سان لاڳاپيل ماڻهو عوام جو موڊ جاچڻ ۾ ناڪام رهيا.

پرويز مشرف ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جي ڳالهہ پيو ڪري جيڪو معاملو سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. سنڌ ۾ عوام جي اڪثريت ڪالاباغ ڊيم کي پنهنجي لاءِ موت جو پروانو سمجهي ٿي، انهن جو آبي ذخيرن ۽ ڊيمن جي تعمير جي سلسلي ۾ پنهنجو الڳ ٿلڳ موقف آهي. وفاقي اطلاعات کاتي طرفان ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ۾ شروع ڪيل ميڊيا مهم جي سلسلي ۾ جاري ڪيل اشتهار سواءِ هڪ سنڌي اخبار جي سمورين سنڌي اخبارن شايع ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اها اخبار جنهن اهو اشتهار شايع ڪيو ان جو مالڪ ضيا شاهد لاهور ۾ رهي ٿو پنجاب ۽ وفاقي حڪومت جي کيس سرپرستي حاصل آهي. ان ڪري ئي هن پنهنجي سنڌي اخبار لاءِ سرڪاري اشتهار قبول ڪيو. اخبار جي سکر واري آفيس مچريل ماڻهن طرفان ساڙي وئي آهي.

اي پي اين ايس طرفان اخبار جو دفتر ساڙڻ جي مذمت ڪئي وئي آهي، پر اي پي اين ايس ۾ اها جرئت ناهي جو اها صدر پرويز مشرف ۽ سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير شيخ رشيد کان ڪالاباغ ڊيم جهڙي اختلافي معاملي تي اشتهار جاري ڪري عوام جي فنڊن جي غلط استعمال بابت وضاحت طلب ڪن. ڪالاباغ ڊيم اختلافي اشو آهي. مشرف ۽ سندس اتحادين کي ڪالاباغ ڊيم جي وڪالت ڪرڻ جو حق حاصل آهي، پر ڪين عوام جا فنڊ اهڙي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. جيڪڏهن بينظير ۽ ٻين سياستدانن تي عوامي خزاني جي ڦرلٽ ڪرڻ جا ڪيس داخل ٿي سگهن ٿا ته سڀاڻي پرويز مشرف ۽ شيخ رشيد به ان کان نه بچي سگهندا. اهو سچ آهي ته پاڪستان ۾ عدالتون محدود دائري ۾ ڪم ڪن ٿيون، پوءِ به عوامي فنڊن جي غلط استعمال خلاف عدالتن جو دروازو ضرور کڙڪائڻ گهرجي.

(1 جنوري 2005ع)

***

# صحافين ٻہ ڪوڙا کاڌا

5 جولاءِ 1977ع تي جڏهن جنرل ضياءَ اقتدار تي قابض ٿيو تڏهن هن ڪيترائي واعدا ڪيا. هن "90 ڏينهن" اندر چونڊون ڪرائڻ جو واعدو ڪيو پريس کي آزاد رکڻ بہ سندس ٻين واعدن مان هڪ واعدو هو. هو هميشہ ائين چوندو هو تہ پريس سندس ايڊمنسٽريشن ۽ حڪومتي پاليسين تي تنقيد ڪرڻ لاءِ آزاد آهي. لڳ ڀڳ سڀ آمر واعدا اهڙائي ڪندا آهن، پر سندن عمل ٻيو ڪجھہ هوندو آهي. تہ پوءِ ضياءَ توڙي ٻيو ڪو آمر ڪيئن مختلف ٿي سگهن ٿا.؟

پريس بيانن کان شروع ٿيل قصو اڳتي هلي هٿين خالي صحافين ۽ حڪومت وچ ۾ ڇڪتاڻ جو سبب بڻيو. صحافي گرفتار ڪيا ويا، کين تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ ڪوڙا هنيا ويا. هن کان اڳ ايئن نہ تہ پاڪستان ۾ ٿيو هو نہ وري نئين ڪنڊ ۾. صحافين جي جدوجهد ۾ ساڻن سنڌ جا ٽريڊ يونين ڪارڪن، هاري ۽ شاگرد بہ شامل ٿي چڪا هئا. جيتوڻيڪ اها جدوجهد ڪي تڪڙا نتيجا تہ نہ ڏئي سگهي، پر ان پاڪستان جي سياسي منظرنامي تي گهري ڇاپ ضرور ڇڏي جڏهن ضياءَ جي دور ۾ صحافين جا ڇڪي ننهن ڪڍيا پئي ويا ۽ تشدد سبب سندن ڇاڙين مان رت ٿي وهيو تڏهن انهن ضياءَ کي للڪاريو. صحافين طرفان 1977ع ۽ 1979ع ۾ ڪنيل هڪ ننڍي قدم جي پوئواري ڪندي 1983ع ۾ سنڌ جي هٿين خالي عوام هڪ وڏي جدوجهد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ايم آر ڊي دوران سنڌ جي انگ اگهاڙن هارين فوجي راڄ کي للڪاريو جيڪا لهر اڳتي هلي وڏي تحريڪ ۾ تبديل ٿي وئي.

ٻين آمرن جيان ضياءَ بہ نمائشي، مڪار ۽ منافق ثابت ٿيو. هن پنهنجي پاڻ تي الزام مڙهيو تہ هن قومي پريس کي پنهنجي خود ثنائي لاءِ استعمال ڪيو تنهن ڪري ان جو ڪردار آزاد هئڻ گهرجي. ضياءَ جي آمريتي حڪمن کي للڪاريندي سپ کان پهرين صحافين جي يونين فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي تڏهوڪي صدر منهاج برنا گهر ڪئي تہ نيشنل پريس ٽرسٽ ٽوڙي وجي ۽ نيشنل پريس ٽرسٽ سان واڳيل هر اخبار کي قومي ٽرسٽ ۾ تبديل ڪيو وڃي. هن اهو بہ مطالبو ڪيو تہ يحيٰ بختيار جي سربراهي ۾ جوڙيل نيشنل پريس ڪميشن ٽوڙي وڃي، ان جي موت ۾ هن فوراً نيشنل پريس ڪميشن ٽوڙي ڇڏي، ليڪن نيشنل پريس ٽرسٽ جي چيئرمين منهاج برنا ڏانهن اهو نوٽيس ڪڍيو تہ نيشنل پريس ٽرسٽ ٽوڙڻ جو مطالبو ڪرڻ جي ڪري ڇو نہ سندس ملازمت ختم ڪئي وڃي.

ياد رهي تہ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس 60ع واري ڏهاڪي کان نيشنل پريس ٽرسٽ ٽوڙڻ جي گهر تي ڪندي آئي. 60ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ جڏهن پنهنجو ايوب جي ڪابينا مان واڪ آئوٽ ڪري آيو هو ۽ پ پ ٺاهڻ جو قطعي فيصلو ڪيو هئائين. تڏهن سندس بنيادي مطالبن ۾ پي ايف يو جي (پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس) طرفان نيشنل پريس ٽرسٽ ٽوڙڻ واري مطالبو بہ شامل هو. حقيقت ۾ پ پ جا اڳواڻ، جن ۾ مرحووم عبدالحفيظ ڪاردار ۽ ٻيا شامل هئا، صحافين جي ان مطالبي جي حق ۾ لاهور ۾ علامتي بک هڙتال پڻ ڪئي هئي. جڏهن تہ پنهنجو پاڻ بہ ان مسئلي تي لاڙڪاڻي ۾ بک هڙتال تي ويٺو هو.

عوام طرفان اولهہ پاڪستان ۾ پ پ کي وڏي اڪثريت سان ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرڻ ۽ 1971ع ۾ پاڪستان جي بہ اڌ ٽيڙ ڪانپوءِ پنهنجي ملڪ جي پهرئين چونڊيل سربراهہ طور ملڪ جون واڳون سنڀاليون. هن کي لڳاتار سندس نيشنل پريس ٽوڙڻ بابت ڪيل واعدو ياد ڏياريو ويو. پر تنهن دور ۾ مرحوم ڪوثر نيازي سڌ سماءُ جو وفاقي وزير بڻيو، جيڪو مختلف خيال رکندڙ ماڻهو هو. نيشنل پريس ٽرسٽ، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي مولانا ڪوثر نيازي جي حڪمراني هلندي هئي، مختصر لفظن ۾ اهو تہ جڏهن پ پ اقتدار ۾ اچي وئي تڏهن پنهنجي جو بہ پريس ڏانهن اهڙو ئي رويو هو. جهڙو پاڪستان ۾ ٻين حڪمرانن جو هوندو آهي.

پ پ حڪومت صحافين جي خواهش جي ابتڙ نيشنل پريس ڪميشن قائم ڪئي ۽ يحيٰ بختيار کي ان جو سربراهہ بڻايو ويو. 5 جولاءِ 1977ع جون پڇاڙڪيون گهڙيون جڏهن جنرل ضياءَالحق اقتدار تي ڪنٽرول ڪري ورتو ۽ وڏا واعدا تي ڪيائين. تڏهن مطالبا ميڙائڻ جو صحيح وقت هو. تڏهن برنا صحافين جي سربراهہ جي حيثيت ۾ نيشنل پريس ٽرسٽ ۽ نيشنل پريس ڪميشن ٽوڙڻ جو مطالبو ڪيو. ضيا، برنا جي ڳالهہ مڃي ۽ نيشنل پريس ڪميشن کي ٽوڙي ڇڏيو پر هو نيشنل پريس ٽرسٽ واري معاملي تي خاموش رهيو. بلڪ هن وزارت اطلاعات ۽ اخبارن ۾ موجود پنهنجن ڇاڙتن کي پنهنجو ڪم جاري رکڻ لاءِ چيو انهن جڙتو ماڻهن جو پيو ڪم نہ هيو سواءِ انجي تہ انهن چوڻ شروع ڪيو تہ اهي ميڊيا کي پاڪستان مخالف عنصرن کان پاڪ ڪندا. اهي پاڪستان جي نظرياتي براندِ سان ميدان تي آيا، حقيقي صحافين تي اهو الزام مڙهيائون تہ اهي پاڪستا جي نظرئي خلاف ڪم پيا ڪن.

آگسٽ 1977ع ۾ جڏهن نيشنل پريس ٽرسٽ جي چيئرمين منهاج برنا کي "شوڪاز نوٽيس" موڪليو. تڏهن پنو پڻ ٻين ليڊرن جيان، جيل کان ڪجهہ ڏينهن ٻاهر رهڻ دوران برنا ۽ صحافين جي حمايت ۾ بيان جاري ڪيو هو. پنني کي آگسٽ 1977ع ۾ ٽورن ڏينهن لاءِ حفاظتي تحويل مان ٻاهر آندو ويو هو. هو لاهور مان ڪراچي ريل رستي آيو هو. هن کي ڪراچي جي ڪينٽ اسٽيشن تي لهڻ نہ ڏنو ويو هو. آءٌ تڏهن پي پي آءِ جي رپورٽنگ ڪندو هئس، نوجواني جو دور هو. مون کي ٺيڪ طرح ياد آهي تہ ڪلفٽن پُل کان وٺي پنني جي رهائشگاهہ 70 ۽ 71 ڪلفٽن تائين ماڻهن جو اٿڪٿ سمنڊ هو. پنني آزادي واري مختصر عرصي ۾ هڪ پريس ڪانفرنس بہ ڪئي هئي. هن صحافي ڪارڪنن سان الڳ ملاقات بہ ڪئي هئي. ڪابہ ڳالهہ لڪل نہ هئي. هن کي واضح لفظن ۾ صحافين ٻڌايو تہ توهان پنهنجي پنج سالہ دور اقتدار ۾ صحافين ۽ حڪومت تي تنقيد سبب ميڊيا طرفان اسهپ واري اهڙي ئي روئي جو اظهار ڪيو جهڙو ٻيون حڪومتون ڪنديون آهن." پنني تي واضح ڪيو ويو هن کي اهو بہ ياد ڏياريو ويو تہ

توهان 1970ع جي چونڊن کان اڳ ڪھڙا ڪھڙا واعدا ڪيا هئا. مرحوم ڀٽي پنھنجون سڀ غلطيون تسليم ڪيون، هڪ ڀيرو ٻيهر اهو واعدو دهرايو تہ هو جڏهن بہ ٻيهر اقتدار ۾ آيو تہ ان جو ازالو ڪندو. پر تڏهن گهڻي دير ٿي چڪي هئي.

آخرڪار برنا کي ڪراچي ۾ پاڪستان ٽائمز جي بيورو چيف واري عهدي تان معطل ڪيو ويو. "مساوات" کي پ پ جي حمايتي اخبار هجڻ سبب هڪ مٿان ٻيو نوٽيس اماڻيو پئي ويو. اخباري ڪارڪنن جون تنظيمون وڏيڪ ڏک سهسائڻ لاءِ تيار پئي ٿيون. هر گذرندڙ ڏينهن سان آمر ضياءَ جي حڪومت پنھنجي خلاف اٿندڙ هر آواز کي خاموش ڪرائڻ لاءِ سخت قدم ٿي کنيا. ضيائي حڪومت جي اسهپ جو اهوعالم هو جو اردو ڊائجسٽ جي ايڊيٽر الطاف قريشي کي مارشل لا آرڊر تحت گرفتار ڪيو ويو. سراج الحق ميمڻ کي روزاني "هلال پاڪستان" جي ايڊيٽري تان هٽايو ويو "مساوات" تي اڳتي هلي بندش وڌي وئي، حڪومت جي اهڙين انتقامي ڪاروائين صحافين لاءِ مزاحمتي گس ونڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ ڇڏيو پوءِ هڪ وسيع البنياد ورڪرز ڪو آرڊينيشن ڪاميٽي جوڙي وئي ۽ هڪ نوَ نقاطي چارٽر آف ڊمانڊ جاري ڪيو ويو. جنهن ۾ روزاني مساوات، نصرت، هلال پاڪستان، اردو ڊائجسٽ، حيات ۽ ٻين اخبارن جي بحالي بہ شامل هئي، مذڪوره اخبارن تي مارشل لا آرڊر تحت بندش وڌي وئي هئي، ان سلسلي ۾ 29 نومبر 1977ع تي سڄي پاڪستان ۾ احتجاج جو ڏينهن ملهايو ويو.

ڪراچي پريس ڪلب ۾ صحافين بک هڙتال مهم شروع ڪئي، نيٺ ڊسمبر 1977ع ۾ حڪومت انهن مطالبن تي غور ويچار ڪري مساوات اخبار جي اشاعت بحال ڪئي. ليڪن اهوعارضي مرحلو هيو. 16 آڪٽوبر 1977ع تي ضياءَ اڳواٽ ئي چونڊون ڪرائڻ واري واعدي کي رد ڪندي چونڊون نہ ڪرائڻ جو اعلان ڪري چڪو هو. ان ڪانپوءِ ڪنهن کي بہ معاف نہ ڪيو ويو.

شاگردن تي بندش هنئي وئي، ليبر يونين ۽ سرڪاري آفيسن ۾ يونين سازي بہ عتاب هيٺ آئي. صحافين کي قانوني فائدا ڏيڻ کان نابري واري وئي، ڊسمبر 1977ع ۾ بندش وڌل اخبارن جي بحالي سان گڏ حڪومت مذڪوره ۽ ٻين اخبارن کي هڪ نئون نوٽيفيڪيشن بہ جاري ڪيو. جنهن ڪري پريس ۽ حڪومت جا لاڳاپا بد کان بدتر ٿي ويا. مساوات، نصرت ۽ هلال پاڪستان، جيڪي ان وقت پ پ جون اخبارون هيون ڪانسواءِ امن، صداقت، هفتيوار الفتح، هفتيوار معيار زندگي، ليل ونهار ۽ ٻيون اخبارون بہ آمريتي ڏاڍ جو نشانو بڻيون.

آخرڪار صحافين ورڪرز جي حمايت سان 29 اپريل 1978ع تي لاهور ۾ بک هڙتال شروع ڪئي، برنا کي هڙتال شروع ڪرڻ دوران ئي لاهور مان ٻن مهينن لاءِ گرفتار ڪيو ويو. مئي 1978ع ۾ سڄو مهينو بک هڙتال جاري رهي. 300 سئو کان وڌيڪ صحافي ۽ ٽريڊ يونين ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. 13 مئي 1978ع تي ٽن صحافين خاور نعيم هاشم (مساوات ۾ تڏهن سب ايڊيٽر هو)، اقبال جعفري ۽ ناصر زيد کي ڪوڙا هنيا ويا. 50 سالن جي هڪ بزرگ صحافي مسعود الله خان کي ڪوڙا هڻڻ جي سزا ٻڌائي وئي. پر پوءِ سندس ضيعف العمري ۽ جنگهہ ۾ نقص هجڻ سبب کيس ڪوڙا نہ هنيا ويا.

صحافين کي ڪوڙ الڳڻ سبب سڄي دنيا ۾ احتجاج ڪيو ويو. گڏيل قومن ۾ گڏيل قومن جي نمائندن جي ايسوسيئيشن ضياءَالحق جي تڏهوڪي پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار آغا شاهي جي پريس بريفنگ جو بائيڪاٽ ڪيو. واشنگٽن نيويارڪ، لنڊن ۽ دنيا جي ٻين مختلف راڄڌانين ۾ احتجاجي مظاهرا پڻ ڪيا ويا.

لاهور مان حمايتين سميت گرفتار ٿيل صحافين کي اڳئين ڏينهن تي ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. ملٽري ڪورٽ کين سزائون ٻڌايون ۽ پوءِ کين ڏورانهن جيلن ڏانهن نيو ويو. انهن جيلن ۾ ملتان ، فيصل آباد، جهنگ، ميانوالي، ساهيوال شامل هئا. صحافين کي جيل اندر سي ڪلاس ۾ رکيو ويو ۽ کين قيد بامشقت سزائون ڏنيون ويون، ان ئي مهيني آمريتي حڪومت

خلاف جدوجهد زور ورتو تہ ڪٽ پتلي ماڻهو بہ ميدان تي اچي ويا. انهن گرفتار صحافين پاران حڪومت سان ڳالهيون ڪيون ويون. واضح رهي تہ جڏهن 13 مئي تي صحافين کي ڪوڙا هنيا ويا ۽ سڄي دنيا ۾ ان خلاف مظاهرا ٿيا تہ حڪومت پريشر ۾ اچي قيد صحافين کي "بي" ڪلاس ڏنو ڪٽ پتلي صحافي تنظيمن ان جو ڪريڊٽ کڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

صحافين آرهڙ جا سخت ترين گرم ڏينهن پنجاب جي جيلن ۾ گذاريا. کين انتهائي غير انساني طريقي سان رکيو ويو. لاهور ۾ ڪوٽ لکپت جيل جي ڪولي نمبر ست ڪنهن چڙيا گهر جي پڃري جهڙي هئي. اها بنا ڇت جي ۽ چئني پاسن کان کليل هئي. ڏينهن جي وقت مشڪل سان اتي ڪا ڇانوَ اچي سگهندي هئي، ميانوالي جيل جو تہ قصو ئي اور آهي. اها تہ صحافين کي شابس هجي، جن اتي وقت گذاريو. هتي بہ درجن کن پارٽي اسمگلر قيدي هئا، جيڪي گهڻو ڪري پارٽي انٽيليجنس ايجنسين جا مخبر هئا. ميانوالي جيل ۾ اهي پاڪستانين سان گڏ مڏ ٿي ويا. 3 وڳي کانپوءِ سڀ رليڪس هوندا هئا ۽ پوءِ قيدين وچ ۾ بحث مباحثا، راڳ رنگ، تقريرون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ ٿيندو هو.

پنجاب جي جيلن مان آزادي کانپوءِ بہ ميڊيا لاءِ ڪابہ تبديلي نہ آئي، آمريتي حڪومت سماج جي هر پرت خلاف سخت قدم پئي کنيا. پنجاب جي جيلن مان آزادي کانپوءِ صحافي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا. جيڪي ڪراچي ۾ هئا ۽ سندن نوڪريون سلامت هيون، اهي ڊيوٽين تي چڙهيا. جن جون نوڪريون نہ رهيون هيون. انهن کي ڏاڍي مايوسي کي منهن ڏيڻو پيو.

هاڻي ميڊيا لاءِ حالتون اڃا بہ بدتر ٿي چڪيون هيون، ان ڪري صحافين بہ ميدان جنگ ۾ داخل ٿيڻ جوفيصلو ڪري ورتو سنڌ جا هاري ناري، شاگرد ۽ مزدور بہ ساڻن جدوجهد ۾ شامل ٿي ويا. هر ڏينهن ڇهہ ست هاري، مزدور ۽ شاگرد احتجاج طور رضا ڪارانہ نموني گرفتاريون ڏيندا هئا. ماڻهن جو وڏو انگ گڏ ٿيندو هو تہ حڪومت ٿرٿلي ۾ پئجي ويندي هئي، ڇو تہ ان کي تحريڪ ڦهلجڻ جو خطرو هو جيڪا اڳتي هلي نيٺ ڦهلجي وئي، ست مکيہ اڳواڻن خلاف گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا ويا.

12_13 آگسٽ جي وچ واري رات تي جن صحافين خلاف وارنٽ جاري ٿي چڪا هئا. انهن مان هڪ جي گهر تي پوليس چڙهائي ڪئي، جنهن کي بعد ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. هو جنهن مختصر فليٽ ۾ پنهنجي ماءُ ۽ پاءُ جي خاندان سان گڏ رهندو هو ان تي ڇاپو لڳو پوليس زبردستي فليٽ اندر گهڙي آئي ٻه معصوم ٻارڙيون فرش تي ستل هيون، جيڪي پڻ لتاڙجي پيون. جڏهن ڪراڙي ماءُ جاڳي تہ ڪيس ايترا سارا پوليس وارا گهر ۾ ڏسي تعجب لڳو ۽ هن احتجاج ڪيو. تڏهن سي آءِ ڊي جي انسپيڪٽر ان صحافي جي پوڙهي ماءُ کي پوليس اسٽيشن وٺي وڃڻ جي ڌمڪي ڏني. محلي وارن جي گوڙ ۽ يقين ڏهاني تي انسپيڪٽر مذڪوره صحافي جي وڏي ڀاءُ کي سي آءِ اي جي صدر واري هيڊ آفيس وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيو جتي ڪيس بنا ڪنهن سبب جي 24 ڪلاڪن تائين ٿاڻي تي رکيو ويو. صحافين انهن سمورين مشڪلاتن کي مڙس ٿي منهن ڏنو. ان وقت رڳو ڪراچي ۾ 350 صحافي قيد هئا، ان کانسواءِ ڪيترائي لانڍيءَ، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين جاين تي بہ قيد ڀوڳي رهيا هئا.

مٿين سطح جي مداخلت باوجود صحافين جو رضاڪارانہ نموني گرفتاريون ڏيڻ جو سلسلو جاري رهيو. جيل صحافين سان ڀرجي ويا. آخرڪار آڪٽوبر ۾ حڪومت سمورن صحافين کي آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

آمراڻي حڪومت ڀٽي کي اپريل 1979ع ۾ ڦاسي ڏئي ڇڏي، ايئن 1983ع ۾ سنڌ جا هزارين ماڻهو گهرن کان ٻاهر نڪري آيا. ضيا آگسٽ 1988 ع ۾ هڪ هوائي حادثي ۾ مارجي ويو تڏهن کان وٺي هينئر تائين چار عوامي حڪومتون بدلجي چڪيون آهن ۽ هاڻي وري هڪ فوجي حڪومت برسراقتدار آهي. پر جڻ ڪجهہ بدليو ئي ناهي!

(16 سيپٽمبر 2005ع)

***

# غير جماعتي مڪاني چونڊون: رڳو آئر متبا

صدر جنرل پرويز مشرف جي حڪومت ايندڙ ڪجهه هفتن اندر ملڪ اندر مڪاني چونڊون ڪرائي رهي آهي. هي چونڊون بہ اڳوڻين چونڊن وانگر غير جماعتي بنياد تي ڪرايون پيون وڃن. باوجود ان جي سموريون وڏيون سياسي پارٽيون انهن چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي تياري ڪري رهيون آهن. اتحاد ۽ گروپ جڙي رهيا آهن ۽ مختلف پارٽين وچ ۾ ايڊجسٽمينٽ جا اعلان پڻ ٿي رهيا آهن.

ڪير پلا اهڙي مُنجهيل صورتحال جي ڪهڙي وضاحت ڪري سگهندو جڏهن چونڊون غير جماعتي هجن، پر سموريون مک سياسي پارٽيون چونڊون وڙهڻ جا اعلان ڪنديون هجن ۽ اميدوارن کان پارٽي ٽڪيٽون ڏيڻ لاءِ درخواستون گهرائينديون هجن. اهي سياسي پارٽيون فرضي نالن سان چونڊن ۾ حصو وٺنديون. "عوام دوست" "خدمت گذار" ڪي وري اچا بہ ٻين مختلف نالن سان تہ ميدان تي هونديون. اليڪشن ڪميشن کي پڻ ان سڄي صورتحال جي خبر آهي پوءِ بہ فارملٽي طور هن سياسي پارٽين کي اها هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي تہ اهي مڪاني ادارن جي چونڊن کان پري رهن.

متحده قومي موومينٽ پڻ ايندڙ مڪاني چونڊن ۾ بيهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ايم ڪيو ايم گذريل ڀيري مڪاني چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو هو ڇاڪاڻ جو فوجي قيادت جي بہ اها ئي خواهش هئي. 1992ع کان ايم ڪيو ايم فوجي آپريشن کي منهن ڏيندي آئي، ڏهاڪو کن سالن تي مشتمل ان ڊگهي آپريشن ذريعي ايم ڪيو ايم مان هٿياربند فيڪٽر کي ختم ڪيو ويو. 1999ع ۾ آيل سياسي تبديلي متحده لاءِ فوجي قيادت سان

ڳالهين جا در کوليا. پر تڏهن ئي متحده کي فوجي قيادت 2001ع جي مڪاني چونڊن ۾ نہ بيهڻ جو مشورو ڏنو جڏهن تہ مذڪوره قوتن طرفان متحده کي 2002ع ۾ ٿيل صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جي چونڊن ۾ نہ رڳو بيهڻ جي اجازت ڏني وئي. بلڪ ان ۾ ساٿن ڀرپور سهڪار بہ ڪيو ويو. ائين ايم ڪيو ايم مسلم ليگ (ق) جي اتحاد ۾ شموليت اختيار ڪري سنڌ حڪومت ۾ وڏو حصو حاصل ڪري ورتو.

ڪراچي ۽ ٻيا ضلعا ۽ انتظامي يونٽ جماعت اسلامي ۽ پ پ جي ڪنٽرول ۾ رهيا. فوجي قيادت سنڌ جي صوبائي حڪومت ۾ متحده کي وڏو حصو ڏئي، پ پ ۽ جماعت اسلامي کي ضلعا ٻيا انتظامي يونٽ حوالي ڪري چڙ تہ مذڪوره ڌرين ۾ سهپ ۽ ايڪو پيدا ڪرڻ جو هڪ انوکو تجربو ڪيو پر اهو تجربو ناڪام رهيو. تنهي پارٽين جي ڪارڪنن جي سطح تائين بہ ڪو آرڊينيشن نہ جڙي سگهيو. ان جو واضح اظهار هتي ٿيندڙ خونريزي، خوف هراس ۽ دهشت پڻ آهي. ان صورتحال جو الزام ايم ڪيو ايم ٻين پارٽين مٿان هڻي ٿي، جڏهن تہ ٻيون سياسي ڌريون وري ان جو ذميوار ايم ڪيو ايم کي سمجهن ٿيون.

سنڌ حڪومت طرفان نوان ضلعا ۽ تعلقا ٺاهڻ واري فيصلي سنڌ ۾ بي چيني کي جنم ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ اهي بہ الزام سامهون آيا آهن تہ نوان انتظامي يونٽ توڙي ضلعا لساني بنيادن تي ٺاهيا ويا آهن. اهي انتظامي يونٽ توڙي ضلعا سڌي ريت پ پ جي مفادن خلاف آهن، ان ڪري انهن خلاف سخت احتجاج پڻ ڪيو ويو. هاڻي جڏهن نوان ضلعا ٺهي چڪا آهن تڏهن پ پ سنڌ جي سربراهہ سيد قائم علي شاهہ وٽ سواءِ ان چوڻ جي ٻيو ڪو بہ گس نہ رهيو آهي تہ انتظامي ورهاست سان سندن صحت تي ڪو اثر نہ پوندو پارٽي جو ووٽ بئنڪ متاثر ناهي ٿيو.

آصف علي زرداري جي چُپ چپات ۾ لاهور مان دبئي روانگي پڻ پ پ ڪارڪنن کي مايوس ڪيو آهي. پ پ وڏي پارٽي هوندي بہ سال 2005_6ع جي بجيٽ تي ڪو ڳٽپ جوڳو احتجاج نہ ڪري سگهي. حالانڪ اها بجيٽ سراسر غريب دشمن ۽ شاهوڪارن جي بجيٽ آهي. ان ڪانپوءِ وري حڪومت تيل جون قيمتون پڻ وڌايون، ليڪن پ پ انهن اهم مامرن تي بہ فقط اخباري ڪالمن تائين محدود رهي.

متحده قومي موومينٽ ايندڙ چونڊن لاءِ ”ضابطہ اخلاق“ جوڙڻ خاطر آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي. مخالف ڌر جي مک پارٽين پاڪستان مسلم ليگ (ن) پ پ. جماعت اسلامي ۽ ڪجھ ٻين پارٽين ان جو بائيڪاٽ ڪيو. ايم ڪيو ايم اها آل پارٽيز ڪانفرنس پنهنجي اتحادي جماعت مسلم ليگ (ق) ۽ ڪجھ ننڍين پارٽين جي شموليت سان منعقد ڪئي، حالانڪ اهو هڪ لحاظ کان نج سياسي ميڙاڪو هيو. جنهن ۾ غير سياسي بنيادن تي ٿيندڙ چونڊن بابت فيصلا ڪيا ويا.

انهيءَ ڳالھ ۾ ڪو بہ عجب نہ ٿيڻ گھرجي تہ اسان جون غير سياسي بنيادن تي ٿيندڙ مڪاني چونڊون اسانجي قومي اهڃاڻ جو ئي حصو آهن. ورهين کان پاڪستان ۾ پارٽي فلمون ڏيکارڻ تي پابندي مڙهيل آهي، ليڪن پاڪستان جي ماڻهن جي اڪثريت ريڪا ۽ امتياب بچن کي ننڍي اسڪرين تي هر رات بنا ڪنهن وقفي جي ڏسي ٿي. جڏهن تہ اسانجو قومي تقدس اسان کي اجا تائين پارٽي فلمون وڏي اسڪرين تي ڏسڻ کان روڪيندو اچي. بلڪل اهڙي ريت شراب تي بندش آهي، پر اهو اندروني طرح هر هنڌ موجود آهي. شاهوڪار ۽ سگھارا ماڻهو پنهنجا سڀ وسيلا ولايتي شراب پيئڻ ۽ انجواءِ ڪرڻ ۾ اڏائن ٿا. غريب ۽ گھٽ آمدني وارا ماڻهو وري ديسي شراب واپرائي پنهنجي ترڪ پوري ڪن ٿا. بلڪ غريبن تہ پنهنجي لاءِ ان کان بہ بهتر ”اڇو پائوڊر“ دريافت ڪري ورتو آهي. اسان ڪڏهن پنهنجن ماڻهن کي مناسب قيمت تي معياري ”ڊرنڪ“ پيئڻ جي اجازت نہ ڏينداسين. ڇو تہ ان سان اسانجا مذهبي جذبا مجروح ٿين ٿا! اسان اها قرباني تہ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون تہ پلي اسانجو نئون نسل منشيات واپرائي، پر ڪين پرسڪون شامون ملهائڻ لاءِ شراب پيئڻ جي اجازت نہ ڏينداسين! تنهن ڪري غير سياسي بنيادن تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن ۾ بہ سياسي پارٽين جو وجود داوَ تي لڳل آهي. سڄي پاڪستان مان لڳ ڀڳ 109 ضلعي ناظم بظاهر عوام جي خدمت لاءِ چونڊيا ويندا ۽ ان ذريعي جنرل پرويز مشرف جي واشنگٽن وٽ پوزيشن بهتر ٿيندي ۽ هو دنيا کي اهو ڏيکاري سگھندو تہ آءٌ جمهوريت ذريعي اسلامي دنيا جي خدمت ڪري رهيو آهيان.

سجي دنيا، خاص طور اسانجي پاڙيسري ملڪن ڀارت، بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ مڪاني ادارا سياسي ادارن ۽ جمهوريت جي نرسري طور سڃاتا وڃن ٿا. ڀارت جي مک سياسي ليڊرن پوءِ انهن جو تعلق انڊين نيشنل ڪانگريس، ڀارتيہ جنتا پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي يا ٻين ننڍين وڏين سياسي پارٽين سان هجي. انهن پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات ميونسپل جي اليڪشن کان ئي ڪئي. واجپائي گواليارجي ميونسپل جي سربراهہ ٿيڻ سان پنهنجي سياسي ڪيريئر جي شروعات ڪئي، اهو ساڳيو معاملو ڀارت جي ٻين اهم ليڊرن سان بہ لاڳو ٿئي ٿو.

ڀارت، بنگلاديش ۽ سريلنڪا ۾ تہ سياسي پارٽين جي جوڙجڪ ئي اهڙي ريت رکي ويندي آهي تہ سندن قيادت ننڍن ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي خدمت ڪري سگهي. قومي ۽ علائقائي جماعتن جو منشور اهڙي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي فريم ورڪ جو احاطو ڪري ٿو جنهن ۾ ٻهرين ننڍا ڳوٺ، پوءِ وڏا شهر، صوبا ۽ پوءِ ملڪ جي خدمت اچي وڃي ٿي. انهن پارٽين جا اڳواڻ سڀ کان ٻهرين هيٺين سطح جي معاملن سيوريج، واٽر سپلاءِ، زراعت جا معلاملا اُڪلائي تربيت وٺن ٿا، پوءِ اقتصاديات، پرڏيهي معاملن ۽ ڊفينس وارن معاملن تائين پهچن ٿا.

پاڪستان ۾ هميشہ مڪاني ادارن فوجي آمرن جي مفادن جي رکوالي پئي ڪئي آهي. ايوب خان، پنهنجي مفادن جي پورائي خاطر 80,000 هزار بي ڊي ميمبر ڀرتي ڪيا، جنرل ضياءُ الحق پڻ مڪاني ادارن جي ميمبرن کي پنهنجي حق ۾ استعمال ڪيو. ٿيندو ايئن آيو آهي تہ هميشہ غير سياسي مڪاني ادارن ۾ سيني سياستدانن کي ورسايو ويندو آهي.جيڪڏهن اسان پنهنجي يادگيري تي ٿورو زور ڏيون تہ اسان کي پتو پوندو تہ جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ ئي ڪراچي ۾ ڊپٽي ميئر پ پ جو ۽ ميئر جماعت اسلامي جو هو. ٻنهي ٺيڪ ٺاڪ طريقي سان وقت گذاريو. ڪراچي جي عوام بدران هڪ آمر جي خدمت ۾ پيش پيش رهيا.

مڪاني ادارا ناهڻ جو ڪريڊٽ بہ ٽن فوجي حڪمرانن ڏانهن وڃي ٿو. اسان جيڪڏهن اهو ڏسون تہ مڪاني ادارن ملڪ کي ڇا ڏنو تہ اهو بلڪل

واضح ٿي ويندو تہ انهن ادارن، برادري سسٽم، لسانيت، قبائلي ۽ فرقيواريت کي هٿي ڏني آهي. هونئن بہ غير سياسي نظام ۾ ماڻهوءَ کي برادري، قبيلي، مذهبي ۽ لساني سگهہ تي ئي ڀاڙڻو پوندو آهي.

حقيقت ۾ مڪاني ادارا بنيادي عوامي ڀلائي جا ادارا هجن ٿا. پر اسان وٽ ناظم اهڙا ماڻهو چونڊجن ٿا، جيڪي يا تہ شاهوڪار ۽ واپاري آهن يا وري سندن نامزد ماڻهو ڪٺي اچن ٿا. اهي بہ اطلاع آهن تہ گذريل پنجن سالن ۾ ملڪ جي 102 ضلعن اندر ضلعن ۽ شهرن جا اختيار ڏٺي ملڪي خزاني جا 34 بلين رپيا ڳڙڪائي ويا، جن خلاف جاچ ڪئي پئي وڃي.

پهرين جولاءِ تي چيف اليڪشن ڪمشنر جسٽس عبدالحميد ڏوگر چونڊ شيڊول جو اعلان ڪيو. چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ ملڪ جي 54 ضلعن ۾ 18 آگسٽ تي چونڊ ٿيندي، جڏهن تہ باقي رهيل 56 ضلعن ۾ 25 آگسٽ تي ٻيهر چونڊون ٿينديون. ملڪ جي 110 ضلعن ۾ ضلعي ۽ تعلقي ناظمن جي چونڊ 29 سيپٽمبر تي ٿيندي.

ڪراچي جي اڳوڻي ناظم نعمت الله خان مڪاني چونڊن دوران ڪراچي ۾ رتوڇاڻ ٿيڻ جو خدشو ڏيکاريندي فوج جي نگراني ۾ چونڊون ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. وفاقي وزير داخلہ آفتاب شيرپائو 14 جولاءِ تي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪراچي پهتو هن پوليس ۽ رينجرز جي اعليٰ عملدارن سان گڏجاڻيون پڻ ڪيون، جڏهن تہ سنڌ جو گورنر ڊاڪٽر عشرت العباد پوليس ۽ رينجرز جي مدد سان صورتحال تي ضابطو رکڻ جي سلسلي ۾ پر اعتماد آهي. وڏيڪ ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي؟

(16 جولاءِ 2005ع)

***

# سياسي ڇڪتاڻ: اُٺ ڪهڙي پاسي ويهندو؟

پاڪستان جي نئين چاول جمهوريت ايندڙ ڪجهه هفتن ۾ صوبائي اسيمبلي طرفان 50 ڪان وڌيڪ سينيٽر چونڊڻ ڪانپوءِ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي رهي آهي. جڏهن تہ وڪيل، چيف جسٽس افتخار چوڌري جي بحالي خاطر شاهراهہ دستور اسلام آباد آڏو ڌرڻو هڻڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا آهن، مسلم ليگ (ن) جي سربراهہ پنهنجي اتحادي صدر ڪي ڏند ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن، جنهن ڪري معيشت هڪ ڀيرو ٻيهر زوال ڏانهن روان دوان آهي.

مختلف قسم جا سياستدان ۽ مختلف خيال رکندڙ ڌريون خاص طور اصغر خان جهڙا ماڻهو فوري طور چونڊيل حڪومت کي هٽائڻ جو مطالبو پڻ دهرائي رهيا آهن، سندن چوڻ آهي موجوده حڪومت صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم يوسف رضا گيلاني جي سربراهي ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، حڪومت اهي حملا خاموشيءَ سان برداشت ڪري رهي آهي. پ پ حڪومت مارچ ۾ سينيٽ چونڊن ڪانپوءِ پنهنجا ٽارگيٽ طئي ڪيو ويٺي آهي ۽ ان ڪانپوءِ اها وڌيڪ بهتر نموني اهم فيصلا ڪري سگهندي

اڄڪلهہ وڪيل برادري جذبات ۾ ورتل آهي. سپريم ڪورٽ بار جو اڳوڻو صدر اعتزاز احسن پنهنجي صدارت جو وارو وڃائڻ ڪانپوءِ هاڻي وري ڪو آرڊينيشن ڪائونسل جي چيئرمين شپ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ آهي، سپريم ڪورٽ بار جي هاڻوڪي صدر علي احمد ڪرد وڪيلن جي تحريڪ لاءِ اسٽيئرنگ ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي، اعتزاز اڃا تائين پ پ سان گڏ ويٺو آهي، سندس ان ڪردار سبب وڪيلن ۾ سندس حوالي سان شڪ شبها جنم وٺي رهيا آهن. گذريل جولاءِ ۾ هنيل ڌرڻي ختم ڪرڻ جي اعلان اعتزاز بابت وڪيلن ۾ ڪيترائي شڪ شبها پئدا ڪيا هئا.

وڪيلن جي تحريڪ کي حڪومت جي منهن ڏيڻ بابت ڪيترائي افواهه گردش ڪري رهيا آهن. جنگ گروپ جي ٻنهي اخبارن (جنگ، دي نيوز ۽ چئنل جيو) صدر زرداري جي پ پ پارليامينٽرين آڏو ڪيل اها تقرير شد مد سان ڏني آهي، جنهن ۾ هن چيو هو ته "توهان ڏسندا ته وڪيلن کي ڪيئن ٿو منهن ڏيان" صدر زرداري جي اهڙي بيان جي اڳئين ڏينهن تي وفاقي وزير اطلاعات شيري رحمان ترديد ڪندي چيو هو ته صدر زرداري ايئن نه چيو هو ڪجهه باخبر حلقن چواڻي آصف علي زرداري ۽ پنجاب جي وڏي وزير شهباز شريف وچ ۾ معاملا طئي ٿي چڪا آهن.

نواز شريف طرفان تازو ئي (جنوري جي آخري هفتي ۽ فيبروري جي پهرئين هفتي ۾) لنڊن اُسهڻ ۽ اتي مسلم ليگ (ق) جي سربراهه چوڌري شجاعت جي موجود هجڻ سبب، مسلم ليگ (ن) جي پ پ سان ڳالهه ٻولهه ۾ وزن وڌيو آهي، ٿيل "ڊيل" موجب پنجاب حڪومت وڪيلن جي حمايت ڪندي، تحريڪ انصاف جي عمران خان ۽ جماعت اسلامي جي قاضي حسين احمد کي مظاهرا ڪرڻ ڏنا ويندا ۽ اهي احتجاجي مظاهرا اسلام آباد پهچندا، تڏهن حڪومت اهڙو ڪو "ڪارنامو" سرانجام ڏيندي جنهن سان تحريڪ هلائيندڙ ورهائجي ويندا. سپريم ڪورٽ جو هاڻوڪو چيف جسٽس مارچ ۾ رٽائر ٿي رهيو آهي. سندس جاءِ تي ڪير ايندو ۽ ڪيئن ايندو؟ اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جيڪو جتي ڪٿي پڇيو پيو وڃي، ٻلي ته وڪيلن ۾ ٽوڙ وجهڻ لاءِ جيڪو به قدم کنيو وڃي. ليڪن عمران خان ۽ قاضي حسين احمد يقيني طور تنقيد جو نشانو بڻبا ۽ اعتزاز احسن وڪيلن جي صفن مان ٻاهر هوندو.

مارچ جي ٻئين ۽ ٽئين هفتي ڌاري حڪمران پ پ سينيٽ ۾ پنهنجي پوزيشن مستحڪم ڪرڻ تي ڌيان ڏيندي ۽ قومي مامرن کي به ڪنٽرول ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندي، اهڙي ريت پنجاب لاءِ به لچڪدار سيٽ اپ جوڙيو ويندو.

سياسي تجزئي نگارن چواڻي سياسي ماحول ۾ موجود هاڻوڪي غوغاءَ ۾ سياستدانن جي اڪثريت سينٽرل پنجاب سان واڳيل آهي، جن جو قومي

مامرن ۾ ڪو گهٽو وزن ناهي رهيو. 1999ع کان 2008ع تائين مشرف غير پنجابين خصوصي طور مهاجرن کي اسلام آباد ۾ اهم پوسٽن تي مقرر ڪرائيندو رهيو. تڏهن کان ئي مسلم ليگ (ق) تي سينٽرل پنجاب جا اڳواڻ حاوي هئا ۽ پاليسي سازي جي فيصلن ۾ پنجاب جي نيڪ نمائندگي موجود هئي. ليڪن پ پ جي اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ سينٽرل پنجاب جي ثانوي پوزيشن تي وئي آهي. مشرف جي وڃڻ کانپوءِ اها تبديلي آئي آهي، جو هاڻي عمران خان، احسن اقبال، لياقت بلوچ ۽ ٻيا اڳواڻ جيڪي سينٽرل پنجاب سان واڳيل آهن، اهي ڪجهه وڌيڪ پريشاني جو شڪار آهن!

جنهن وقت اصغر خان پ پ جي چونديل حڪومت کي هٽائي ان جي جاءِ تي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ حڪومت جوڙڻ ۽ ان ۾ ٽيڪنوڪريٽس کي وزير طور کڻڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. تڏهن پڪ سمجهڻ گهرجي تہ هو سينٽرل پنجاب جو آواز اڀاري رهيو آهي. اصغر خان جنهن جو ڪردار خود سواليہ آهي، اهو فوج جي مداخلت جي راهہ هموار ڪرڻ سان گڏ افتخار چوڌري کي ملڪ جو سربراهہ بڻائڻ جو خواهشمند آهي، ان مان ئي فوج سان واڳيل ماڻهن جي سوچ جي خبر پوي ٿي، اهڙي ئي سوچ وري "رٽائرڊ سروس مين" جي پڻ آهي، جيڪي پاڻ کي جمهوريت جو چيمپئين سمجهن ٿا. انهن سمورن رٽائرڊ جنرلن کي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جون زرعي زمينون ۽ ڪمرشل ملڪيتون پڻ تحفي ۾ مليل آهن.

سنڌ جا هاري ۽ مزدور چونديل حڪومت مان اها آس رکيو ويٺا آهن تہ سمورن رٽائرڊ ماڻهن کي سنڌ ۾ ڏنل زمينون چونديل حڪومت قانون سازي ذريعي رد ڪري، ڇو تہ "ايڪس سروس مين" جو انهن تي ڪوبہ حق ناهي، سنڌ جي انهن زرعي زمينن جا بي زمين هاري حقدار آهن. ۽ انهن کي اهي ملڻ سان سنڌن زندگي ۾ انقلاب برپا ٿي سگهي ٿو.

سياسي منظرنامي ۾ ايندڙ تبديليون پ پ لاءِ ڪافي مثبت آهن. هاڻي ملڪي سطح تي اها سوچ بہ ابري رهي آهي تہ فوج ملڪي ٻڌي جو اهڃاڻ نہ رهي آهي. ڇاڪاڻ جو وقت ثابت ڪيو آهي تہ آمراڻين حڪومتن ملڪ کي نقصان ڏنو ۽ تهس نهس ڪيو جڏهن تہ پ پ قومي ٻڌي جي اهڃاڻ طور ابري سامهون آئي آهي. حالانڪہ انهي ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پ پ

ڪنهن بہ ريت منظم پارٽي ناهي. اها انتهائي غير منظم ۽ ڇڙوڇڙ پارٽي آهي. هڪ اهڙي پارٽي آهي، جنهن ۾ هر هڪ اڳواڻ ٻئي کي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ۾ هر وقت رڌل رهي ٿو. حقيقت اها بہ آهي تہ پ پ گذريل هڪ سال ۾ وفاقي توڙي صوبائي سطح تي غريب، ماڻهن کي گهٽ رليف ڏيڻ ۾ ڪامياب ناهي ٿي نہ وري ماڻهن جا ڏک ڏولاوا گهٽ ٿيا آهن.

سنڌ جي وڏي وزير قائم علي شاهہ جي پنهنجي ضلعي خيرپور ۾ ڪجهہ عرصو پهرين هڪ عورت کي پسند جو پرڻو ڪرڻ تي ڪتن اڳيان اڇلايو ويو. بلوچستان ۾ بہ عورتون زنده دفنايون ويون، اهي عورتون پنهنجي شادين مان خوش نہ هيون، ان جو ڪين اهو سلو ڏنو ويو ان ڪانسواءِ بہ پاڻ وٽ انساني حقن جي ڀڃڪڙين جا هزارين ڪيس آهن. جيتوڻيڪ ملڪ ۾ هاڻي بہ معاشي بحران آهي، پر ڪنهن بہ واپاري خودڪشي ناهي ڪئي، ليڪن هزارين پورهيت ڪڍيا ويا آهن. شهرن ۾ هزارين پورهيت اهڙا آهن جيڪي فقط 6 هزار روپيا ماهوار تي ملازمت ڪن ٿا، پر ڪين اها پگهار پڻ نہ پئي ڏني وڃي. ايئن ئي ٻهراڙي واري علائقن ۾ ڪپهہ، ڪمند، چانور ۽ ڪڻڪ جي اگهہ ۾ واڌ سبب جاگيردارن وٽ تہ خوشحالي آئي آهي، پر غريب ۽ بي زمين هاري اڄ بہ انتهائي بدتر زندگي بسر ڪري رهيو آهي.

پ پ هن وقت تائين جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي، اهو بينظير ٻڌو انڪم سپورٽ پروگرام هجي، نوجوان ۽ عورتن لاءِ ٽريننگ هجي، بي زمينن لاءِ زمين هجي، باوجود ان جي پاڪستان ۾ غريب وڌ کان وڌ غريب ٿي رهيو آهي. پ پ حڪومت مان وري بہ رٽائرڊ ڪامورا، جاگيردار، ڪراچي ۽ لاهور جا سرمائيدار ئي وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري رهيا آهن.

اهو سڀ ڪجهہ هجڻ باوجود بہ پ پ غريبن لاءِ اميد جو ڪرڻو آهي. پ پ اتحاد ۽ يڪجهتي جو اهڃاڻ آهي. اها ملڪ جي سيني حصن ۾ موجود آهي. ليڪن هاڻ پ پ کي ڪجهہ وڏين للڪارن کي منهن ڏيڻو آهي. خاص طور تي ويهندڙ معيشت ان لاءِ وڏو چئلينج آهي، حالانڪ آءِ ايم ايف سان معاهدو ۽ پرڏيهہ ۾ رهندڙ پاڪستانين طرفان سڌي ريت پرڏيهي ناڻو موڪلڻ جي ڪري پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن جي صورتحال ڪنهن قدر بهتر ٿي آهي. جنهن ڪارڻ ناڻي واڌ ۾ پڻ گهٽتائي آئي آهي.

ليڪن صنعتون پوءِ بہ بجلي جي بحران کي منهن ڏئي رهيون آهن، هن

وقت توانائي جي بحران سبب 400 بلين روپيا صنعتڪارن جا جهڙوڪر ٻڏا پيا آهن، اهي صنعتڪار پئداوار امپورٽ، اسٽوريج ۽ ڊسٽريبيوشن ۾ اهي پئسا اڳوات لڳايو ويٺا آهن. بجلي جا جنريٽر بہ نہ پيا هلن، ڇاڪاڻ جو فيوئل آئل امپورٽ نہ پيو ٿئي، جڏهن تہ فيوئل آئل ان ڪري امپورٽ نہ پيو ٿئي جو امپورٽنگ ڪمپني کي پنهنجي ڪلائنٽس کان رقمون وصول نہ پيون ٿين. اهو نهايت مُنجهيل مسئلو آهي، جيڪو فوري طور حل ٿيڻ گهرجي. پاڪستان عالمي طرح تيل جي قيمتن ۾ آيل لاٿ مان تڏهن ئي لاڀ حاصل ڪري سگهندو. جڏهن Circular وارو مسئلو حل ڪيو ويندو.

ايئن ٿيڻ جي صورت ۾ ٻاهران گهٽ قيمت تي تيل گهرائي سگهبو ۽ بجلي جا جنريٽر هلندا تہ صنعتي پئداوار وڌي سگهندي، گڏوگڏ زراعت کي بہ هٿي ملندي، ان لاءِ منصوبا سازن کي مستقل حل ڳولڻو پوندو. واضح هجي تہ اهو خطرو بہ موجود آهي تہ ڪجھ سالن کانپوءِ وري تيل جون قيمتون ٻيهر مٿي هليون وڃن. جيئن اهو پيو وڃي تہ اها قيمت 200 ڊالر في بيرل يا ان کان بہ وڌيڪ ٿي سگهي ٿي. جي ايئن ٿيو تہ پوءِ پاڪستان ڇا ڪندو؟ ان ڪري اسان کي توانائي وارو گس ڳولڻو پوندو. ڇا اهو پ پ ڪري سگهي ٿي؟

معاشي للڪار کي منهن ڏيڻ پ پ قيادت جي ڏاهپ جو امتحان هوندو ۽ ان بنياد تي ئي پ پ جي مستقبل جو پاڪستان ۽ خطي ۾ مدار آهي.

هاڻي ممبئي حملن کانپوءِ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال گهڻي ڀاڱي ٺڏي ٿي وئي آهي، جنهن جو ڪريڊٽ صدر آصف علي زرداري ، وزيراعظم يوسف رضا گيلاني ۽ پرڏيهي وزير شاهہ محمود قريشيءَ ڏانهن وڃي ٿو جن جنگاڻ جي ماحول کي پوئتي ڌڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هاڻي دنيا تي اها ڳالهہ واضح ٿي وئي آهي تہ پاڪستان جي خوبصورت وادي سوات هن وقت ويڙهاڪن وٽ يرغمال آهي. پر اُتي بہ حڪومت ويڙهاڪن کي منهن ڏئي رهي آهي. هتان جي ماڻهن چئن آمريتن کي منهن ڏنو آهي، هاڻي انهن ۾ اتفاق آهي تہ اهي ويڙهاڪن کي گڏجي منهن ڏيندا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو پورهيت ۽ هاري بہ چون ٿا "پاڪستان کپي".

(31 جنوري 2009ع)

***

# سياسي جواري ۽ ميڊيا

پاڪستان جي مضبوط مرڪزي سياسي ۽ انتظامي جوڙجڪ، آمرانٽي حاڪميت کان عدم مرڪزيت ۽ وسيع تر جمهوري نظام ڏانهن سفر انتهائي اٽانگو پنڌ آهي. ان پنڌ ۾ ڪيترائي موڙ ۽ لوڏا آهن ڇاڪاڻ جو پراڻا ڪيڏاري ۽ اسٽيٽس ڪو جون حامي قوتون پنهنجو ڪيڏاڙ جاري رکيو پيون اچن. اهي ڏريون جيڪي جمهوري قدرن کي سمجهن ٿيون ۽ مخلصاڻي نموني چاهين ٿيون تہ گڏيل فيصلي سازي جو نظام جڙي، اختيارن جي هيٺين سطح تي منتقلي ٿئي، اهي بہ نقص کان آجيون ناهن!

اهو چوڻ غير ضروري ٿيندو تہ موجوده گڏيل حڪومت جيڪا پ پ، صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم يوسف رضا گيلاني جي سربراهيءَ ۾ قائم آهي. اها ڪا فرشتن جهڙي حڪومت آهي. اهي بہ ماڻهو آهن، ڪمزور ۽ خوف کي منهن ڏيندڙ جيڪي ڪنهن وقت جذباتيت جو شڪار بہ ٿي سگهن ٿا. ليڪن اهي اهڙا بدروح بہ نہ آهن، جهڙا اسان مشرف، ضياءُ الحق ۽ ايوب خان جي روپ ۾ ڏٺا. پر اهي جڏهن مڪار ڪامورن، گهاگهہ ڳجهن ادارن، لالچي واپارين ۽ مفاد پرست ٽولي کي منهن ڏين ٿا، تڏهن ڏاڍا سادا لڳن ٿا.

جيئن ئي مارچ مهينو ويجهو اچڻ لڳو آهي، اسٽيٽس ڪو جون حامي قوتون، ونگاري ميڊيا، واپاري، سياستدان ۽ ٻين شعبن سان واڳيل ڏريون سرگرم ٿي ويون آهن. مارچ مهيني ۾ لڳ ڀڳ اڌو اڌ سينيٽرن جو مدو ختم ٿي ويندو سندن جاءِ تي نوان سينيٽر چونڊيا ويندا. ان ڪري حڪمران ڌر پ پ ۽ سندس حامين کي موقعو مليو آهي تہ اهي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ پنهنجي اڪثريت مجائڻ تہ جيئن فيصلہ سازي ۾ ڪين وڏيڪ سولائي

ٿئي. اها ڳالهه بلڪل پڌري پٽ پئي آهي تہ پ پ ۽ سندس اتحادي جماعتن وٽ صوبائي اسيمبلين ۾ اڪثريت آهي، ان ڪري سينيٽر بہ سندن ئي چونڊيا ويندا.

عوامي حڪومت طرفان ويجهڙ ۾ هڪ سياسي غلطي بہ ڪئي وئي، جنهن تحت ممتاز ڀٽي کي گرفتار ڪيو ويو. حالانڪ هو سياسي طرح بلڪل ختم هو پر کيس گرفتار ڪري ان ۾ ساهہ وڌو ويو. ليڪن ان جي ذميواري ميڊيا تي بہ اچي ٿي، جنهن تيليءَ مان ٿنڀ ٺاهيو. جيڪڏهن ممتاز ڀٽو اهو چئي رهيو هو تہ ”مرتضيٰ جا قاتل ئي بينظير ڀٽو جا قاتل آهن“ تہ آخر ڪهڙو پهاڙ ڪري پيو؟ ڇا ٽيو جيڪڏهن آصف زرداري ڳڙهي خدابخش ۾ اهو چيو تہ کيس بينظير ڀٽو جي قاتلن جي خبر آهي. بيظير ڀٽو تہ پنهنجي حياتي ۾ ئي کيس قتل ڪرڻ جي سازش ڪندڙن جا نالا پڌرا ڪيا هئا. پر انهي ڏوهہ ۾ درست عالمي تحقيقات ٿيڻ ۽ قتل جو الزام شاهدين تحت خونين تي ثابت ٿيڻ ڏيو. سمورين ڳالهين باوجود پاڪستان ۾ مسلم ليگ (ق) جي مشاهد حسين، چوڌري شجاعت حسين ۽ چوڌري پرويز الاهي سميت ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي بينظير ڀٽو قتل ڪيس جي ڳڏيل قومن کان تحقيقات ٿيڻ تي خوش ناهن. هتي ميڊيا، خاص طور جنگ، دي نيوز دي نيشن ۽ ڪجهہ اليڪٽرانڪ چئنلز تي اهڙيون تحقيقاتي اسٽوريون هلايون ويون تہ بينظير ڀٽو قتل ڪيس جي ڳڏيل قومن کان جاچ ڪرائڻ ڪيتري مهانگي ٿي سگهي ٿي.

جيڪڏهن ممتاز ڀٽو سنڌ ۾ مختلف جاين تي سرڪٽ هائوسز تي پريس ڪانفرنس ڪري بينظير ڀٽو جي قتل جو الزام صدر آصف زرداري تي مڙهي رهيو هو تہ يقيناً هو اهو ڪم سگهارن هٿن جي چوڻ تي ئي ڪري رهيو هو جن جو مٿس دست شفقت آهي. جيڪڏهن سنڌ نيشنل فرنٽ سان لاڳاپيل ڪجهہ ماڻهن ”عوامي آواز“ اخبار جي ڪراچي آفيس تي حملو ڪري صحافين ۽ عملي کي ڊيجارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان جو حل ممتاز ڀٽي کي پنهنجي اباڻي گهر مان گرفتار ڪرڻ ۾ نہ هو. ممتاز ڀٽي کي گرفتار ڪري پهرين سکر، پوءِ اتان هوائي جهاز رستي ڪراچي آڻي ڪلفٽن جي هڪ ٿاڻي تي رکيو ويو. ممتاز ڀٽي سان ڪجهہ ماڻهو پنهنجي اباڻي شهر کان گڏ آيا، جيڪي ساڻس سکر ۽ پوءِ ڪراچي ۾ بہ گڏ هئا. بعد ۾ کيس جناح اسپتال ۾ رکيو ويو پوءِ اتان ئي کيس ضمانت تي آزاد ڪيو ويو.

سنڌ حڪومت ۾ موجود پ پ اڳواڻن اها ڳالهہ محسوس ڪئي الائي نہ تہ سندن احمقاڻي حرڪت سبب هڪ شخص جيڪو زيرو هو اهو هيرو ٿي اُڀريو. حقيقت اها آهي تہ ممتاز ڀٽي پنهنجي سموري ساک 1979ع ۾ ان وقت وڃائي ڇڏي هئي، جڏهن هو ذوالفقار علي ڀٽي کان الڳ ٿي ويو هو. ايئن ڀٽي جي ڦاسي جي دستاني ۾ انهن سمورن ماڻهن جا هٿ لڪل آهن جن ڀٽي سان ان وقت دغا ڪئي هئي، جڏهن هو جيل ۾ هو. اهڙن ڪردارن ۾ ممتاز ڀٽو غلام مصطفيٰ کر، حنيف رامي، غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ مولانا ڪوثر نيازي شامل هئا. هونئن بہ اسان وٽ پارلياماني سياست ۾ وفاداريون بدلائڻ عام ڳالهہ آهي. ليڪن دغا ڪرڻ پنيءَ ۾ ڇُرو هڻندڙن کي نہ تہ وساري سگهجي ٿو نہ ئي معاف ڪري سگهجي ٿو.

ممتاز ڀٽو تمام گهڻين ڪوشش باوجود سنڌ ۾ وري ڪڏهن ليڊر ٿي اُڀري نہ سگهيو. اهي ماڻهو جن عوامي آواز جي آفيس جو گهيراءُ ڪيو ۽ صحافين کي ڊيڄاريو تن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو. صحافتي تنظيمن مذڪوره سياسي ڌر خلاف مذمتي بيان جاري ڪيا. حڪومت کي کپي ها تہ شروع ۾ ئي ان ڪيس کي عدالت ۾ ڪٽي وڃي ها. جتي ممتاز ڀٽو توڙي سندس ڪارڪن اچڻ کان بہ لنوائين ها. پر ايئن ڪرڻ بدران ميڊيا جي مڪمل اهتمام سان احمقاڻو قدم کڻندي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. جنهن لاءِ سنڌ جي گهرو معاملن واري وزير کي ذميواري کان آجو قرار نٿو ڏئي سگهجي. جيڪڏهن ڪيس اهڙي غلط ڪم جو ذميوار نہ ڇٽبو تہ هو مستقبل ۾ بيون بہ وڏيون غلطيون ڪندو.

هڪ ٻيو مامرو جنهن حڪومت کي ڏوڏي ڇڏيو آهي، اهو آهي نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي صلاحڪار رٽائرڊ ميجر جنرل محمود احمد دراني کي عهدي تان هٽائي ڇڏڻ. دراني طرفان سي اين اين ٽي وي کي ڏنل انٽرويو ۾ اهو چيو ويو تہ مبينہ طور ممبئي حملي ۾ ملوث اجمل قصاب پاڪستاني آهي، ان کانپوءِ وزيراعظم يوسف رضا گيلاني کيس عهدي تان هٽائي ڇڏيو.

حقيقت ۾ اجمل قصاب پاڪستاني ئي آهي ۽ هو هڪ جهادي گروپ سان واڳيل آهي، ان جي خبر هڪ مهينو اڳ پئجي چڪي آهي. برطانوي اخبار ”گارجين“ ڊسمبر 2008ع ۾ هڪ تفصيلي اسٽوري شايع ڪئي

هئي. جنهن موجب فريد ڪوٽ، ضلعي اوڪاڙه جي ووٽر لسٽ ۾ اجمل جي پيءُ ۽ والده جو نالو موجود آهي. اجمل جو پيءُ هڪ غريب پورهيت آهي جيڪو پورهيت طور ڪنهن جي ٻني ٻاري تي ڪم ڪري ٿو ۽ ريڙهي تي ڪاڏي پيتي جون شيون وڪڻندو آهي. اهو سڀ ڪجهه اجمل بابت ممبئي ڌماڪن کان هڪ هفتو پوءِ 26 ڊسمبر 2008ع تي شايع ٿي چڪو هو. جڏهن ته ان کانپوءِ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان نواز شريف هڪ اردو چئنل کي انٽرويو ڏيندي هڪ سوال اُٿاريو هو ته "جيڪڏهن اجمل قصاب پاڪستاني ناهي ته پوءِ ڳجهن ادارن سندس ڳوٺ کي گهيرو ڇو ڪيو آهي؟" نواز شريف جو اهو بيان "جنگ" اخبار ۾ پڻ ڇپيو.

جيئو چئنل جي ٽيم فريد ڪوٽ به وئي ۽ اتي مقامي ماڻهن کان اجمل قصاب جي سڃاڻپ جي حوالي سان انٽرويو ڪيا. جن تصديق ڪئي، ان حوالي سان فوٽيج به ڏيکاريا ويا. جنهن تي حڪومت کا ڪاوڙ ڪانه ڏيکاري، ته پوءِ حڪومت جي اجمل قصاب جي سڃاڻپ جي حوالي سان اُٽ پکي وانگر واري ۾ منهن لڪائڻ واري موقف بابت ڪير ڇا ٿو چئي سگهي؟ اهو ڏوهه دراصل هتان جي سگهارن ادارن جو آهي، جنهن جو ڪيتو هڪ چونڊيل حڪومت لوڙي رهي آهي.

ٻيو ڪير نه پر نجم سيٺي جهڙو سينيئر صحافي جيڪو اخبارن جو مالڪ پڻ آهي، اهو پڻ هڪ ٽي وي چئنل تي اها ڳالهه چئي چڪو آهي ته سياسي توڙي فوجي قيادت جنوري جي پهرين هفتي ۾ اجمل قصاب کي پاڪستاني طور تسليم ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪي هئي. جيڪڏهن ڪو فيصلو نه ٿيو هو ته اهو هو ته اهو انڪشاف ڪير ۽ ڪيئن ڪندو؟ ٻڌڻ ۾ اهو پيو اچي ته محمود دراني صدر آصف زرداري ۽ آءِ ايس آءِ جي ڊائريڪٽر جنرل پاشا جي مرضي سان اهو انڪشاف سي اين اين تي ڪيو. يقيناً وزيراعظم ان ڳالهه کي جيئن به سمجهيو ۽ هن دراني کي هٽائي ڇڏيو پر وزيراعظم کي چون ٿا ته اهوئي ڪرڻو هو ليڪن سندس ايئن ڪرڻ تي ڪنهن به وزيراعظم جي اختيارن بابت سوال نه اٿاريو.

ميڊيا ان تي تمام گهڻو گوڙ ڪيو ڳالهه مان ڳالهوڙو ناهيو ويو ته وزيراعظم ۽ صدر جي وچ ۾ ويڇا آهن. وزيراعظم گيلاني جوٽيجي جي راهه جو راهي آهي. پر جيڪي ماڻهو گيلاني کي جوٽيجو ٻڻائي رهيا آهن اهي

حقيقتن کي نظرانداز ڪري رهيا آهن. محمد خان جوڻيجو قومي اسيمبلي جو چونڊيل ميمبر هو، جنهن کي هڪ آمر معذور بڻائي رکيو هو ۽ هو دنيا کي پاڪستان جي اها شڪل ڏيکارڻ چاهي پيو. جوڻيجو غير سياسي چونڊن جي نتيجي ۾ چونڊجي آيو ۽ پوءِ مسلم ليگي بڻيو. جوڻيجي جڏهن هڪ آمر کي ڏند ڏيکارڻ شروع ڪيا ته هن کيس هٽائي ڇڏيو. جنهن تي کيس سندس پارٽي، توڙي ٻين سياستدانن کان ڪا حمايت نه ملي سگهي، اها هڪ حقيقت آهي جيڪا مڃڻ کپي. اها به حقيقت آهي ته محدود اختيارن باوجود جوڻيجي هڪ آمر ۽ جنرلن جا ڏند کٽا ڪري وڌا هئا.

ليڪن گيلاني پ پ جو پڪو جيالو آهي، جنهن پنهنجي پارٽي ۽ قائد خاطر ڪافي عرصي تائين جيل به ڀوڳيو آهي. اها به حقيقت آهي ته هو هڪ روحاني پيشوا ۽ جاگيردار آهي. پر هڪ جاگيردار جون پنهنجي پارٽي ۽ قائد لاءِ تڪليفون برداشت ڪرڻ به حقيقت آهي. گيلاني واحد وزيراعظم آهي، جيڪو متفقه طور چونڊيو ويو. آصف زرداري به پنهنجي زال جي ڪري ڊگهي عرصي تائين جيل ڪاٽيو. دير مدار هو ايڊجسٽ ڪري وٺندو. پارلياماني جمهوريت ۾ وڌيڪ اختيار وزيراعظم وٽ هوندا آهن، جو ته هو ٿي پارليامينٽ آڏو جوابده هوندو آهي. اهو عين ممڪن آهي ته پ پ يا سندن قيادت اڳتي هلي اهو فيصلو ڪري ته زرداري کي وزيراعظم بڻايو وڃي. بلڪل ايئن جيئن ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع جي آئين کان پوءِ بڻيو هو. ان امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي.

ليڪن هتي ته وٽ وٺان لڳي پئي آهي. ڪيترائي تجزئي نگار اهو چون ٿا ته وزيراعظم ۽ صدر وچ ۾ ڪليل اختلاف نظام جي ناڪامي جو اعلان آهن. مشاهد حسين ته پ پ حڪومت کي "چوڪرن جي انڊر نائنٽين ٽيم" سڏيو آهي. مشاهد برابر ايئن چئي سگهي ٿو. 1999ع ۾ جڏهن مشاهد حسين نواز شريف حڪومت جو حصو هو تڏهن هڪ عجيب تماشي جو هو اکين ڏٺو شاهد هو. پاڪستان جو چونڊيل وزيراعظم نواز شريف، ڀارتي وزيراعظم اٽل بهاري واجپائي جو لاهور ۾ استقبال ڪري رهيو هو. جڏهن ته چونڊيل وزيراعظم سنگ بنياد رکي رهيا هئا. تڏهن پاڪستان جو چيف آف آرمي اسٽاف ڪارگل ايڊونچر ۾ رڌل هو. مشرف جي مذڪوره ايڊونچر سبب پاڪستان کي عالمي برادري ۾ رسوا ٿيڻو پيو

هو. سوين جوانن زندگيون بہ وڃايون، جن جا پاڻ کي لاش پلٽہ پيا. ڇا تڏهن مشاهد حسين ۽ سندس ساٿين جنرل مشرف جي ڪورٽ مارشل جو مطالبو ڪيو هو؟ مشاهد حسين اهو پهريون ماڻهو هو جنهن جڏهن مشرف 12 اپريل 1999ع تي وزيراعظم نواز شريف جا حڪم مڃڻ کان انڪار ڪندي اقتدار تي قبضو ڪيو تہ هو ساڻس وڃي گڏ وينو مشاهد پهريون سياسي ماڻهو هو جنهن نواز شريف سان سڀ کان پهرين دغابازي ڪئي ۽ هر قانون جي لتاڙ ڪندي وڃي، مشرف جو ساٿاري بڻيو. اهي مامرا هلندي آءِ ايس آءِ جي ڊائريڪٽر جنرل جو هڪ جرمن رسالي کي ڏنل انٽرويو سامهون آيو آهي جيڪو پاڪستان ۾ بہ ڇاپيو ويو آهي. جنرل پاشا اها ڳالهہ تسليم ڪئي آهي تہ "آءِ ايس آءِ جو اميج خراب ٿيو آهي. جنهن کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. جڏهن تہ ممبئي حملي کانپوءِ هو پارٽي اختيارين جي جاچ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ دهلي وڃڻ لاءِ تيار هو." جنرل پاشا جي انٽرويو مان اهو تاثر ٿو ملي تہ آءِ ايس آءِ توڙي فوج چونڊيل حڪومت جي اٿارٽي کي تسليم ڪري ورتو آهي.

اها بہ حقيقت آهي تہ چونڊيل سياسي قيادت کي رياستي وهنوار هلائڻ بابت گهڻو ڪجهہ سکڻو پوندو. ڇو تہ رياست هلائڻ ڪو سولو ڪم ناهي. سياسي انتظام هلائڻ هڪ ڏکيو ٽاسڪ هجي ٿو. واجپائي اڄ کان 60 ورهيہ اڳ پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ميونسپل ڪارپوريٽر طور ڪئي هئي ۽ پوءِ هو دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت جو وزيراعظم بڻيو ۽ سياسي پارٽي (بي جي پي) جو اڳواڻ بڻيو جنهن جون 25 سال اڳ تائين لوڪ سڀا ۾ 25 سيٽون بہ مشڪل سان هيون.

ليڪن پاڪستان ۾ فوج سان واڳيل اقتدار حاصل ڪرڻ جا هيراڪ بڻجي چڪا آهن. سول ڪامورا شاهي بہ تيز آهي پر اها آهي، نا اهل ۽ بدعنوان. سياسي قيادت گڏريل ڪيترن ڏهاڪن کان انهن جي ٽڪساٽن ۽ عذابن جو شڪار رهندي پئي اچي.

ليڪن اهي مامرا بهتر تڏهن ٿي سگهندا جڏهن پاڪستان ۾ سٺي حڪمراني قائم ڪئي وڃي جيڪا عوام لاءِ هجي.

(15 جنوري 2009ع)

***

# ارباب حڪومت متحده وٽ يرغمال

سنڌ ۾ حڪمراني ڪير ڪري رهيو آهي؟ اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن جو جواب به بلڪل واضح لڳو پيو آهي ته هن وقت سنڌ جو اصل واڳ ڌڻي سنڌ جو گورنر ڊاڪٽر عشرت العباد ٻٽيل آهي. هو وزيرن ڪامورن ۽ پنهنجي پارٽي متحده قومي موومينٽ سان ٽيندڙ گڏجاڻين جي صدارت ڪري ٿو ۽ سڀ فيصلا پاڻ ڪري ٿو. انهي حد تائين جو هو ادارن توڙي فردن کي فنڊ، گرانٽون ۽ امداد ڏيڻ جا به اعلان پيو ڪري.

1973ع جي آئين موجب گورنر وفاق جو صوبي ۾ نمائندو آهي ۽ اهو ايئن ئي علامت هجڻ گهرجي، جيئن صدر وفاقي حڪومت ۾ آهي. ليڪن 1999ع ۾ جمهوري حڪومت تي لڳل گهات آئين جا ڏاچوڙا ڪيڍي ڇڏيا. آڪٽوبر 1999ع کان جنوري 2003ع تائين ته چيف ايگزيڪيوٽو ملڪ مٿان حڪمراني ڪندو رهيو آهي. آڪٽوبر 2002ع جي چونڊن ڪانپوءِ "ربڙ اسٽيمپ پارليامينٽ" وجود ۾ آئي. سال 2003ع کان 2006ع تائين اسان ٽن وزيراعظمن ۽ هڪ صدر کي حڪمراني ڪندي ڏسون پيا.

ان مامري جي وضاحت ايئن به ڪري سگهجي ٿي ته هتي صدر "مستقل" ۽ وزيراعظم اچڻا وڃڻا هوندا آهن. سنڌ آخر ان اصول کان ڪيئن ٿي پاسيري رهي سگهي. جنوري 2003ع کان سنڌ جي ڀاڱي ۾ هڪ گورنر ۽ به وزيراعليٰ آيا. مهر ۽ ارباب جي سنڌن چواڻي ته اهي جنرل پرويز مشرف ۽ ڪراچي جي ڪور ڪمانڊر جا ماڻهو آهن، جڏهن ته ڊاڪٽر عشرت العباد کي جنرل مشرف جي خاص حمايت حاصل آهي ۽ سندس تعلق هڪ اهڙي سياسي ڌر سان آهي جنهن جي سينيٽ، قومي اسيمبلي ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ نمائندگي موجود آهي.

انهي ڳالهہ تي عجب نہ ڪرڻ گهرجي تہ هن وقت سنڌ ۾ صوبي جو سربراهہ وزيراعليٰ ٻئي نمبر تي ۽ گورنر اڳيان اڳيان آهي. پر اهو ڪار وهنوار تڏهن ئي هلي پيو جو اسٽيبلشمينٽ ان ڳالهہ تي متفق آهي. اهو بہ ڪليل راز آهي تہ ڳجهن ادارن کي متحده بابت ڪي تحفظات بہ آهن. ان سلسلي ۾ متحده جوقائد الطاف حسين ڪيترائي ڀيرا پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري چڪو آهي.

فوجي قيادت گذريل مڪاني چونڊن کان اڳ هڪ سياسي ۽ سماجي ڍانچو جوڙيو هو جنهن ۾ متحده سنڌ جي صوبائي حڪومت ۾ رهي، جڏهن تہ مڪاني ادارن تي پ پ ۽ جماعت اسلامي حاوي رهيا. ايئن ڪرڻ جو مقصد اهو ڏيکارڻ هو تہ اجتماعي ڀلي لاءِ مختلف خيال ۽ نظريا رکندڙ سياسي ڌريون گڏ هلي سگهن ٿيون. ليڪن اهو جوڙيل ڍانچو جٽاءُ نہ ڪري سگهيو. متحده، جماعت اسلامي ۽ پ پ سان ٻيهي نہ سگهي. ايئن گذريل مڪاني چونڊن ۾ متحده اڪثريت سان کٽي آئي.

هاڻي وري متحده اهو ٿي چاهي تہ اها سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين جي نمائنده پارٽي طور اُڀري سامهون اچي. متحده کي اهڙا خيال رکڻ کان ڪير نٿو روڪي سگهي. ملڪ جي ٻين پارٽين جيان ايم ڪيو ايم کي بہ اهو حق حاصل آهي تہ پنهنجو پيغام جتي ڪٿي پهچائي. شهري توڙي ٻهراڙي جي ماڻهن جي حمايت حاصل ڪري، پر ساڳئي وقت متحده کي مختلف نظريا ۽ خيال رکندڙ سياسي ڌرين سان گڏ ڪم ڪرڻ وارو اصول بہ نہ وسارڻ گهرجي.

ڏٺو وڃي تہ متحده کي سونهري موقعو مليو آهي تہ اها صوبي جي مختلف خيال رکندڙ ماڻهن جي نمائندگي ڪري، اچو تہ ڏسون تہ صورتحال ڇا آهي؟ ۽ اهو بہ ڏسون تہ عالمي بئنڪ جهڙا مالياتي ادارا سنڌ جي اتحادي حڪومت بابت ڇا ٿا چون، عالمي بئنڪ سنڌ کي ماضي ۾ شاندار اقتصادي پسمنظر رکندڙ سرزمين ڪوٺيندي ان جي هاڻوڪي متحده، مسلم ليگ (ف)، مسلم ليگ (ق) ۽ پ پ جي ٻڌوڙن تي مشتمل حڪومت کي مالي جمود جو شڪار ڪوٺي ٿي. عالمي بئنڪ پنهنجي رپورٽ ۾ اهو پڻ چيو آهي تہ جيئن ماضي ۾ سنڌ اندر سڌارن تي تيزي سان عمل ٿي رهيو هو هاڻي ائين نہ پيو ٿئي، جنهن جو ڪارڻ اتحادي حڪومت جي پارٽنرس جي نا اهلي آهي.

واضح رهي تہ رپورٽ ۾ اهو پڻ انڪشاف ڪيو ويو آهي تہ ڪامورا شاهي جي رنڊڪن پيدا ڪرڻ سبب واپاري طبقي جو حڪومت تي اعتماد ختم ٿي چڪو آهي، جڏهن تہ معيشت جمود جو شڪار آهي ۽ غربت ۾ بہ وڏي پيماني تي واڌ آئي آهي.

عالمي بئنڪ طرفان ڊسمبر 2004ع ۾ ڪيل سروي موجب هن وقت Poor Governance آهي، جيڪوسڀ کان وڏو مسئلو آهي. ان کانسواءِ ڪرپشن ۽ امن امان جا مسئلا آهن، جيڪي صوبي جي ترقي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن.

پاڪستان جي قيام جي 58 سالن کانپوءِ بہ سنڌ اسيمبلي سماجي ۽ اقتصادي طرح پوئتي ڌڪجي رهي آهي. ڪراچي برابر اقتصادي مرڪز جي حيثيت رکي ٿو پر ان جي انهي اقتصادي ترقي کان باقي سنڌ محروم آهي. ان ڪري شهري ۽ ٻهراڙي جي عوام ۾ ويڇا وڌي رهيا آهن. ڪراچي ۾ رهندڙ ماڻهوءَ جي زندگي گذارڻ جو ڍنگ هتان کان 50 ميل پنڌ تي ٺٽي، شاهبندر ۽ بدين ۾ رهندڙ ماڻهو کان مختلف آهي.

ڪراچي ۾ معاشي توڙي ٻين مسئلن ۽ مشڪلاتن باوجود هتان جي شهري کي پيئڻ جي پاڻي کان وٺندي، صحت ۽ تعليم جون سهولتون ميسر آهن، جنهن ڪري اهو پنهنجو سفر جاري رکي سگهي ٿو. اچو تہ ٺٽي، بدين ۽ شاهبندر ۾ رهندڙ هڪ عام سنڌيءَ جي زندگي ۾ جهاتي پايون تہ اهو اتي ڪيئن ٿو گذاري؟ اتي رهندڙ ماڻهوءَ کي ڪا نوڪري ڪانهي. پيئڻ جو پاڻي ميسر ڪونهي، اتي ڪافي ڪٽنب اهڙن هنڌن تي رهن ٿا، جتي صحت ۽ تعليم جي سهولت جو پري پري تائين ڪو نالو نشان بہ ناهي. ڇئن سالن جي ڏڪار رهندو کهندو عوام کان سندن مال متاع سميت سڀ ڪجهہ کسي ڇڏيو. حڪومت ڏڪار ستيل هاري جي ڪابہ واهر نہ ڪئي. جڏهن تہ وڏن جاگيردارن کي سينيٽ، قومي اسيمبلي، صوبائي اسيمبلي ۽ ان کان ٻاهر سياست ڪرڻ کان واندڪائي ناهي.

ڪراچي جي واپارين کي رڳو نفعي سان مقصد آهي، اهو نفعي کانسواءِ پنهنجي شهرين ڏي لوڙو ٿي نٿو هٽي. انهي حد تائين جو ڪراچي چيمبرس بہ سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙي جي علائقن جي ترقي جي سلسلي ۾ پل وارو ڪردار ادا ناهي ڪيو حالانڪ صوبي جي ترقي لاءِ ائين ٿيڻ تمام ضروري آهي.

متحده جيئن تہ وچولي ڪلاس جي نمائنده جماعت آهي، اها بہ ان سلسلي ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي پئي. پر حقيقت اها آهي تہ ان اهو ڪم نہ ڪيو. متحده جي ماضي ۾ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) سان ويجهڙائي رهي ۽ هاڻي مسلم ليگ (ق) سان ويجهڙائپ آهي. پر اهڙا اتحاد گهڻو وقت ناهن هلي سگهندا. متحده جا اڳواڻ هر ڪم جو ڪريڊٽ پاڻ کڻڻ چاهين ٿا. ڪالاباغ ڊيم معاملو حل ڪرائڻ، اين ايف سي ايوارڊ معاملو ڪوڪرو پار موٽاباؤ ريل سروس جي بحالي بابت ايم ڪيو ايم دعوائون ڪري ٿي، پر اها ان سلسلي ۾ عوام جو اعتماد حاصل نہ ڪري سگهي آهي.

سنڌ جي قومپرستن کي ڪوڪرو پار موٽاباؤ ريل سروس شروع ٿيڻ تي تحفظات آهن. جڏهن تہ سنڌ ۾ نئي رهندي متحده ان جي زبردست حامي آهي. ان ڪري ضروري آهي تہ انهن عملن تي متحده کي سنڌ جي ٻين ڌرين سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ گهرجي. ڪوڪرو پار موٽاباؤ ريل سروس تي بہ ٻين ڌرين سان ڳالهائڻ گهرجي. جيڪڏهن سندن دليل ۾ وزن هجي تہ اها ڳالهہ بہ مڃڻ گهرجي.

سنڌ جي مامرن ۾ سنڌ اسيمبلي اهڙو فورم آهي جتي صوبي جا معاملا بحث هيٺ اچڻ گهرجن، جيڪڏهن مخالف ڌر کي ايوان ۾ مختلف مامرن تي ڳالهائڻ جوموقعو ڏبو تہ اتحادي حڪومت ڪافي ڪجهہ حاصل ڪري سگهي ٿي. متحده لاءِ هي ثابت ڪرڻ جو وقت آهي تہ اها اهو ثابت ڪري ڏيکاري تہ اها ٻين ڌرين سان بہ گڏ ڪم ڪري سگهي ٿي. ساڳئي وقت مخالف ڌر سان بہ بهتر لاڳاپا قائم ڪرڻ جو هي وقت آهي. بهرحال اها حقيقت تسليم ڪرڻي پوندي تہ سنڌ صوبي ۾ هڪ بهتر حڪومت جو ڪال آهي. هتي امن امان تمام وڏو مسئلو آهي. ڪراچي سڄي پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ لاقانونيت جي ور چڙهيل شهر آهي. هتي اسٽريٽ ڪرائيم زورن تي آهي. هتي صنعتن ۾ سيڙپڪاري نہ پئي ٿئي. سنڌ جا ڳوٺ خراب صورتحال ۾ مبتلا ۽ مهذب دنيا کان ڪٽيل آهن. اهو سيني سياسي ڌرين جو فرض آهي تہ سنڌ کي غربت جي پاتال مان ڪڍي ترقي جي گس تي وٺي اچن!

(1 مارچ 2006ع)

***

# سياسي سرڪس

16 ڊسمبر جي تاريخ ويجهي اچي پهتي آهي، جنهن تي ايمرجنسي هٽائي ويندي تيئن ئي چونڊ سرگرميون تيز ٿي ويندديون. ليڪن ملڪ ۾ افواهه عروج تي آهن. اهي به افواهه گردش ۾ آهن ته 16 ڊسمبر کان ترت پوءِ ڪو اهڙو واقعو پيش اچي جنهن ڪري حڪومت کي 8 جنوري تي رکيل عام چونڊون ملتوي ڪرڻيون پئجي وڃن. اهي به ڳالهيون پڌڻ ۾ پيون اچن ته تازو ئي پ پ ۽ مقتدر حلقن وچ ۾ چونڊن کانپوءِ نئين آئيني پئڪيج بابت به ڳالهيون ٿيون آهن.

ان کانپوءِ ئي پ پ 8 جنوري تي هر حال ۾ عام چونڊون ٿيڻ لاءِ بي چين آهي. ايئن ئي مولانا فضل الرحمان جي جمعيت العلماءِ اسلام کي به چونڊن جو شدت سان اوسيئڙو آهي. شريف ڀائرن نواز شريف ۽ شهباز شريف جا نامزدگي فارم اليڪشن ڪميشن طرفان رد ٿي چڪا آهن، جڏهن ته پ پ جي چيئرپرسن بينظير جا جي نامزدگي ڪاغذ چئلينج ڪيا ويا آهن، جنهن ڪري سياسي طور گهماگهمي پئدا ٿي آهي.

باوجود انهيءَ حقيقت جي ته پ پ کي چونڊون صاف شفاف ۽ غيرجانبدار ٿيڻ تي تحفظات آهن، پوءِ به اها چونڊن ۾ بهرو وٺڻ چاهي ٿي. پ پ اها پهرين پارٽي هئي، جنهن ووٽر لسٽن مان 30 ملين ووٽ غائب هجڻ وارو معاملو سڀ کان پهرين منظر عام تي آندو هو. پ پ کي اليڪشن ڪميشن جي غيرجانبدار هجڻ تي شڪ آهي. پ پ اڳواڻ اهي به الزام هڻي چڪا آهن ته حڪومت هر اميدوار کي پنهنجي تڪ تي بئلٽ باڪس پرڻ لاءِ 25 هزار بئلٽ پيپر مهيا ڪرڻ جو پروگرام جوڙي چڪي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه اها ته جڏهن ملڪ ۾ ايمرجنسي هجي ته پوءِ شفاف ۽

غيرجانبدار چونڊون تيڻ جو سوچي بہ نٿو سگهجي. آئين معطل ڪيو ويو آهي ۽ حڪمران پي سي او تحت معاملا هلائي رهيا آهن. سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ کي جاٽي بجهي اپاهج ڪري، پي سي او تحت قسم کڻندڙ ججن جي نگراني ۾ هلايو پيو وڃي.

ٿوري گهٽي فرق سان مسلم ليگ (ن) جو بہ ساڳيو ئي موقف آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جنهن مسلم ليگ (ن) ۽ پ پ کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ يا ان جي بائيڪاٽ تي گڏجڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي. نواز شريف پنهنجي ساٿين سان گڏ زرداري هائوس اسلام آباد ويو ۽ اتي هن رات جو دير تائين پ پ جي چيئرپرسن بينظير ڀٽو ۽ سندس ساٿين سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ان ڪانپوءِ 8 ڄڻن تي مشتمل ڪميٽي ٺاهي وئي، مذڪوره ڪميٽي گڏيل حڪمت عملي بابت صلاح مشورا ڪيا، پر حڪمت عملي ۾ اوليتن جي حوالي سان ان ۾ اختلاف موجود آهن. مسلم ليگ (ن) هٽايل ججن جي بحالي کي مُک ترجيح ۾ شامل ڪرڻ جي حق ۾ آهي، جڏهن تہ پ پ جو موقف آهي تہ اهو مسئلو شفاف ۽ غيرجانبدار چونڊن ذريعي جمهوريت جي بحالي سان حل ٿي سگهي ٿو ۽ ايندڙ پارليامينٽ ۾ جمهوري قوتون اڪثريت ۾ اچي ان مامري کي حل ڪنديون.

"حڪومت کي چونڊن کان ڀڄڻ نہ ڏينداسين." بينظير ڀٽو ڪيترن ئي موقعن تي چٽي چڪي آهي. هوءَ مسلسل حڪومت تي دٻاءُ وجهي رهي آهي تہ 8 جنوري تي صاف ۽ غيرجانبدار چونڊون ڪرايون وڃن، جنهن جي معنيٰ اها ٿي بيهي تہ بينظير ڀٽو ۽ پ پ جي باقي قيادت کي اهو خوف آهي تہ پرويز مشرف ۽ سندس اتحادي چونڊن کان فرار جا بهانا پيا ڳولين. هن ان وقت پنهنجي انهي خدشي جو کليل طور اظهار ڪيو هو جڏهن بنگلاديش ۾ نگران حڪومت طرفان چونڊون ملتوي ڪيو ويون هيون.

اڄڪلهہ مشرف مختلف ۽ تڪراري نظر اچي رهيو آهي. هن جنهن وقت رٽائرمينٽ جو اعلان ڪيو تڏهن سندس هڪ عجيب ڪيفيت هئي، ڇا اها جذباتي ڪيفيت 46 ورهيہ فوج ۾ گذارڻ جي ڪري هئي؟ اهو بہ هڪ سوال هو جيڪو پڇيو ويو. ٻيو سوال اهو آهي تہ ڇا فوج ڇڏڻ جو

مطلب طاقت جي ذريعي تان هٿ کڻڻ برابر آهي. انهن پنهي سوالن جا جواب مسلم ليگ (ق) سان لاڳاپيل هڪ سياستدان ڪراچي ۾ ڏنا. ”توهان مشرف سان اتفاق ڪيو يا اختلاف، پر توهان کي سندس طرفان پنهنجي اها پوزيشن ڇڏڻ جنهن تي هو ورهين تائين رهيو هجي، ان جي محسوسات کي سمجهڻ گهرجي.“ هو چوي ٿو.

ليڪن مشرف پين موقعن تي پر اعتماد لڳو. پي ٽي وي طرفان ڪيل اسپيشل پروگرام جنهن ۾ ڪانئس طئي ٿيل سوال پڇيا ويا، ان ۾ هو بلڪل نارمل هو. هو جاذبِ نظر ڊريسنگ ۾ ملبوس هو ۽ سندس وار بہ سنواريل هئا. هن ڪيترن ئي سوالن جا جواب مطمئن ڪندڙ انداز ۾ ڏنا. انهيءَ جو مطلب اهو ٿو بيهي تہ هو پنهنجي مستقبل جي رٿابندي خاص طور تي 16 ڊسمبر کانپوءِ جڏهن ايمرجنسي بہ نہ رهندي، بابت بلڪل واضح آهي.

حڪومت طرفان سپريم ڪورٽ جي 37 ججن جي معطلي وارو نوٽيفڪيشن اچڻ ان ڳالهہ جو مظهر آهي تہ پرويز مشرف ان حوالي سان ڪنيل قدم جي ردعمل کي بہ منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي. بينظير ۽ نواز شريف جي ملاقات تي پنجاب جي اڳوڻي وزيراعليٰ ۽ هاڻي وزيراعظم جي اميدوار چوڌري پرويز الاهي سخت ردعمل ظاهر ڪيو آهي. جڏهن تہ مشرف ان تي هڪ اکر بہ ناهي ڳالهايو.

سياسي تجزئي نگار ان راءِ جا آهن تہ مشرف 2007ع جي منڍ ۾ ئي چوڌرين کان پاڻ کي ڏکيو پئي محسوس ڪيو. هن جي هلندڙ سال بہ بينظير ڀٽو سان اڻ اعلانيل ملاقات جيڪا شيخ رشيد طرفان انڪشاف جي صورت ۾ سامهون آئي هئي، اها ان ڳالهہ ڏانهن اشارو هئي تہ بينظير کي پاڪستان جي سياست ۾ جاءِ ڏني ويندي. ايئن پوءِ سندن وچ ۾ وڌيڪ رابطا بہ رهيا، جن جي نتيجي ۾ بينظير ڀٽو 18 آڪٽوبر تي ڪراچي آئي ۽ لکين ماڻهن سندس استقبال ڪيو. جڏهن تہ بينظير ڀٽو جي استقبالي قافلي ۾ بم ڌماڪو ڪنهن ڪرايو جنهن ۾ 150 ماڻهو موت جو ڪاج ٿي ويا، اهو اڃا تائين هڪ ڳجهہ ئي آهي. باقي اهو طئي آهي تہ اهو ڌماڪو سندس چرپر کي محدود ڪرڻ لاءِ ڪرايو ويو هو. هوءَ پوءِ دبئي بہ وئي ۽ 3 نومبر تي

ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ واري رات واپس ملڪ موٽي آئي. هوءَ جڏهن ملڪ ٻيهر واپس آئي تہ آئين ۽ انساني حق معطل هئا، پي سي او لاڳو ڪري اعليٰ عدالتن کي ڪم ڪان روڪيو ويو هو.

بينظير کي ان دوران اسلام آباد ۽ لاهور ۾ پوليس سان چڪرين جو تجربو ٿيو پر هوءَ پنهنجي پارٽي اڳواڻن سان رابطي ۾ رهندي پشاور پڻ وئي.

نواز شريف بہ چونڊن وڙهڻ لاءِ فارم ڀريو پر سندس نامزدگي فارم رد ٿي چڪا آهن. هن پنهنجا نامزدگي فارم رد ٿيڻ خلاف پي سي او تحت قسم کڻندڙ ججن وٽ اپيل نہ ڪرڻ جو اعلان ڪري پنهنجا آپشن ختم ڪري ڇڏيا آهن. پنهنجا ڪارڊ کيڏندي هن حڪومت کي ڪليل موقعو ڏنو آهي تہ اها سندس سياسي سرگرمين کي Chess board تي روڪي ڏيکاري.

هن اهو واضح اعلان ڪري ڇڏيو آهي تہ هو موجوده ڪورٽن ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ اپيل نہ ڪندو. هو چونڊن جو بائيڪاٽ ڀيو ڪري، پر اهو بہ چوي پيو تہ سندس پارٽي ڪارڪن مٿس چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ زور ڀرين پيا. نواز شريف جو اهو موقف بهرحال کيس ڪرشماتي ليڊر ۽ اسٽيبلشمينٽ مخالف سياستدان طور ڀيهاري ٿو.

انهي سياسي منظرنامي ۾ مولانا فضل الرحمان Dark Horse ثابت ٿيو آهي. هو چونڊ مهم ۾ شامل آهي. هن اعلان ڪيو آهي تہ سندس پارٽي آزاد عدليہ جي حق ۾ آهي، پر پي سي او تحت قسم کڻندڙ ججن خاطر جدوجهد نہ ڪندي، ياد رهي تہ جسٽس افتخار چوڌري 1999ع ۾ مشرف طرفان حڪومت سنڀالڻ کانپوءِ پي سي او تحت قسم کنيو هو.

ٻيون سموريون ننڍيون وڏيون مذهبي ۽ قومپرست ڌريون چونڊن جو بائيڪاٽ ڀيون ڪن. مسلم ليگ (ق)، پ پ ۽ مولانا فضل الرحمان چونڊن جي ڊوڙ ۾ شامل آهن. باوجود ان جي اهو خدشو موجود آهي تہ چونڊون 8 جنوري تي ٿينديون بہ سهي يا نہ؟

(1 ڊسمبر 2007ع)

***

# تخت باقي گهڻا ڏينهن ؟

3 نومبر تي ملڪ تي ايمرجنسي مڙهجڻ ڪانپوءِ پاڪستان جي سياسي صورتحال تيزيءَ سان واضح ٿي رهي آهي، مشرف پوئين پيرن تي ۽ بچ بچاءُ واري پوزيشن ۾ اچي ويو آهي. سنڌس طرفان ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ، ملڪ جي ڪروڙين عوام جا بنيادي حق معطل ڪرڻ، سنڌس اٺن سالن جي ڪيئي تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. ڪو بہ مخالف اڳواڻ مشرف خلاف ايترو سخت ناهي، جيترو هو پنهنجو پاڻ جي خلاف آهي. مشرف جي ٺي دور ۾ لاقانونيت انتها تي پهتي. خودڪش حملا وڌيا. دهشت ۽ وحشت جو راڄ جهنگ جي باهہ جيان فاٽا کان ٽيندو سوات جهڙي پرامن علائقي ۾ بہ پهتو جنهن ڪارڻ پوءِ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي.

آخر ملڪ ۾ اهڙيون حالتون پئدا ڪرڻ جو ذميوار ڪير آهي؟ ڳالهہ بلڪل پڌري پٽ پئي آهي تہ اهڙين حالتن جو ذميوار مشرف، سنڌس سياسي ۽ غير سياسي اتحادي آهن. مشرف ان صورتحال جو ذميوار سپريم ڪورٽ جي ججن کي قرار ڏيندي چيو آهي تہ اهي حڪومت سان ٽڪراءُ ۾ اچي ويا هئا. ليڪن رڳو 9 مارچ 2007ع تاريخ ناهي، اها ڪٽا اٺن مهينن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ماڻهو ٽي وي چئنلن تي آيل اهي منظرناما ياد ڪن ٿا، جن ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان کي وردي‌ءَ ۾ ملبوس ڪمانڊو آفيسر اڳيان ويٺل ڏيکاريو ويو هو. ان گڏجاڻي ۾ سگهارن ادارن جا سربراهہ بہ شريڪ ٿيا هئا ۽ چيف جسٽس کي چارج شيٽ ڪري استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ چيو ويو. افتخار چوڌري 8 مارچ 2007ع تائين بين ججن وانگر هڪ عام جج هو پر 9 مارچ تي هو ان کان گهڻو مختلف هو. ڏاڍين مڙسن اڳيان سنڌس انڪارڪيس عظيم بڻائي ڇڏيو. مشرف کي چيف جسٽس کان اهڙي نهڪار جي اميد نہ هئي ۽ ان کان اڳئين ڏينهن تي اسلام آباد جي روڊن تي پوليس

آفيسرن طرفان چيف جسٽس سان جسماني طرح ذلت آميز رويو رکڻ وارو پريشر بہ ڪيس جهڪائي نہ سگهيو ها اها آهي تاريخ!

آڪٽوبر جو سڄو مهينو واقعن سان ڀريو پيو آهي. مشرف کي عدالت طرفان وردي ۾ پنهنجي اليڪٽورل ڪاليج سينيٽ، قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين وسيلي صدارتي چونڊ لڙڻ جي اجازت ڏني وئي. سپريم ڪورٽ جي فل بئنچ مشرف جي اهليت بابت ڪيس جي سماعت ڪري رهي هئي. هن جي صدارتي چونڊن کي ان بنياد تي عدالت ۾ چئلينج ڪيو ويو هو تہ هو حاضر سروس سرڪاري ملازم آهي ۽ قومي خزاني مان پگهار کڻي پيو ان ڪري هو ملڪ جي اسيمبلي ميمبر طور چونڊ وڙهڻ جو اهل ناهي. هڪ سپاهي طور هن جو اهو قسم کنيل آهي تہ هو سياست ۾ حصو نہ وٺندو. هو ملازمت جي رٽائرمينٽ واري عمر بہ پوري ڪري چڪو آهي، جيڪڏهن هو ملازمت تان استعيفيٰ بہ ڏئي ٿو تڏهن بہ سياست ۾ اچڻ لاءِ کيس گهٽ ۾ گهٽ بہ سال انتظار ڪرڻو پوندو.

انهي ڪيس بابت چيو وڃي ٿو تہ فيصلو لڳ ڀڳ اچڻ وارو هو. سپريم ڪورٽ جي بئنچ ۾ شامل ججن مان هڪ جج طرفان متوقع فيصلي بابت اندرونِ خانہ معلومات ڏيڻ سبب آرمي چيف ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي. واضح رهي تہ ملڪ ۾ ايمرجنسي صدر نہ پر آرمي چيف هنئي آهي. انهي قدم جي قومي اسيمبلي کان توثيق بہ ڪرائي وئي، جيڪا هڪ ٻي آئيني ڀڃڪڙي آهي.

ليڪن 3 نومبر تي سپريم ڪورٽ جي ججن روٽين موجب ڪيس اُڪلايا پئي تہ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کين نظربند ڪري ورتو ۽ پوءِ بعد ۾ ڪيترن ججن کي معطل پڻ ڪيو ويو. جيستائين قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار پهچن ئي پهچن، تيستائين چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري، پنهنجي سٽن ساٿي ججن سان گڏ ايمرجنسي خلاف سوموٽو ايڪشن کڻندي ان کي غيرقانوني ۽ غير آئيني قرار ڏئي ڇڏيو. آمريت پسند حڪمران ان خبر کي پاڪستاني ميڊيا ۾ روڪڻ لاءِ فوري طور متحرڪ ٿي ويا. 3 نومبر جي شام تي سمورا ٽي وي چئنل بند ڪيا ويا. ڪيبل آپريٽرن جتي ڪٿي نشريات معطل ڪري ڇڏيون.

3 نومبر تي خبرن جو واحد ذريعو رڳو موبائيل SMS هو يا وري پرڏيهہ ۾ ترسيل پاڪستانين جيو ۽ اي آر واءِ ڏسي ماڻهن کي فون تي اطلاع پئي

ڏنا. اِهي اُهي اطلاع هئا، جن ۾ پاڪستان جي اڪثريتي عوام کي اهو ٻڌايو ويو هو تہ ججن وڏي انگ ۾ پي سي او تحت قسم کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن ججن ۾ انهن جن جي گهڻائي آهي، جن مشرف جي صدارتي چونڊ بابت اهليت جو ڪيس پئي هلايو. 3 نومبر تي ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ مشرف خلاف صدارتي اميدوار طور اهليت واري ڪيس ۾ مُک وڪيل اعتزاز احسن کي گرفتار ڪيو ويو.

هاڻي اهي ڪيس ٻڌڻ لاءِ سپريم ڪورٽ جي ججن جي نئين بئنچ جوڙي ڏني وئي آهي، پر مسئلو اهو آهي تہ ٿي جج جن پي سي او تحت قسم بہ کنيو آهي، اهي مذڪوره بئنچ ۾ ڪيس ٻڌڻ لاءِ ويهڻ لاءِ تيار ناهن. مشرف جسٽس وجيهہ الدين جيڪو مک پٽيشنر ۽ مشرف خلاف صدارتي اميدوار هو تنهن نئين بئنچ اڳيان شنوائين تي حاضر نہ ٿيڻ جو لکي ڏئي ڇڏيو آهي. مشرف خلاف ڪيس جا دليل ڏيندڙ وڪيل اعتزاز احسن جيل ۾ بند آهي. ان ڪري سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن هٿ ٺوڪيل جج مشرف جي پاڪستان جي صدر طور اهل هجڻ جو فيصلو ڏين تہ بہ ان جي قانوني حيثيت ڪهڙي بيهندي، ڇا اهڙي فيصلي کي پاڪستان جو عوام، عالمي برادري ۽ دنيا قبول ڪندي؟

حقيقت اها آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي واري ڪيس ۾ اڳ ۾ ئي پاڪستان تي داغ لڳل آهي، ان ڪارڻ ملڪ کي بدنامي بہ پلئہ پئي، ملڪي عدالتون 30 ورهيہ گذري وڃڻ کانپوءِ بہ اهو داغ ناهن ڌوئي سگهيون. جيڪڏهن پيو بہ ڪو اهڙو اختلافي عدالتي فيصلو آيو تہ اهو بہ سواليہ بڻيل رهندو.

جيتوڻيڪ مشرف 11/9 کانپوءِ اولهہ جو صفا ڀالڪو ٿي پيو هو پر اڄڪلهہ اوچتو ڪانئس هٿ ڇڙو ڪيو ويو آهي.

ان ڳالهہ ۾ ڪو عجب ناهي تہ تن تنها مشرف ميڊيا تي ڀاري نموني ڪڙڪيو. 3 نومبر کانپوءِ سمورا اليڪٽرانڪ چئنل بند ڪيا ويا. هاڻي اهي مالڪن طرفان پڪ پڪاڻيون ڏيڻ کانپوءِ کوليا پيا وڃن. اليڪٽرانڪ ميڊيا تي پابندين سبب ماڻهن جيو ۽ اي آر واءِ چئنل ڊش اينٽنائن ذريعي ڏٺا. ان ڪارڻ حڪومت ڪراچي، لاهور ۽ ٻين شهرن ۾ ڊش اينٽنائن وڪرو ڪندڙ دڪاندارن تي ڪڙڪي ۽ سندن سامان کڻي وئي. انهن قدمن مان مطمئن نہ ٿيڻ کانپوءِ پاڪستان حڪومت گڏيل عرب امارات سان رابطو ڪري مذڪوره چئنلن جي 17 ۽ 18 نومبر جي آڌي رات اتان سيٽلائيٽ نشريات بہ بند ڪرائي.

هن وقت وڪيل ۽ صحافي ايمرجنسي خلاف احتجاج ڪندي روڊ رستن تي آهن. ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، راولپنڊي، ٻين ننڍين وڏن شهرن، ضلعي ۽ تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ صحافي، وڪيل ۽ سول سوسائٽيءَ طرفان احتجاجي ريليون ڪڍيون پيون وڃن. مشرف حڪومت ان خلاف سخت ردعمل ڏيکاري رهي آهي. جيتوڻيڪ 15 نومبر تي حڪومت سينيٽ جي چيئرمين محمد ميان سومري کان نگران وزيراعظم جو قسم کڻائي چڪي آهي، پر اهو عمل به مشرف لاءِ سهنجائي پئدا نه ڪري سگهيو آهي.

ماڻهو ان راءِ جا آهن ته هاڻي مشرف جو وقت گذري ويو ۽ سندس ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن. هن وقت وڏو سوال اهو آهي ته اهو ڪهڙو متفقه ماڻهو ٿي سگهي ٿو جيڪو ملڪ ۾ نگران سيٽ اپ دوران معاملا صحيح نموني هلائي، غيرجانبدار ۽ شفاف چونڊون ڪرائي. مشرف جا سوين اتحادي اڄڪلهه خاموش آهن. گهڻ ڳالهائو شيخ رشيد به ڪجهه نه پيو ڳالهائي. چوڌري شجاعت ڪنڌ ائتو تي ويهي رهيو آهي. متحده قومي موومينٽ به مشرف لاءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ريليون نه پئي ڪڍي، ان ڪان اڳ اهي ايئن ڪندا رهيا آهن. نوان 24 نگران وزير ۽ هڪ نگران وزيراعظم مشرف جي حق ۾ ڳالهايو آهي، پر اهو به رڳو رسمي آهي. اهو خود سوال آهي ته اهي وزير گهڻا ڏينهن انهيءَ پوزيشن ۾ رهندا.

بينظير ڀٽو ايمرجنسي خلاف لاڳيتو سخت موقف رکيو پئي اچي. هن لاهور ۾ نظربندي ختم ٿيڻ کانپوءِ مشرف خلاف سخت ڳالهايو. هن پهريون ڀيرو اعلانيه چيو آهي ته مشرف وردي لاهي به ڇڏي، تڏهن به ساڻس گڏ نٿو هلي سگهجي. اهو اهم ڏڪ آهي مشرف حڪومت لاءِ، جڏهن ته ٻن اخبارن ۾ بينظير خلاف اشتهار به شايع ڪرايا ويا.

ٻئي طرف چيف اليڪشن ڪمشنر اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ اهڙن اشتهارن جو نوٽيس وٺندي انڪوائري ڪرائڻ جو اعلان ڪيو آهي ته عوام جو پئسو آخر اهڙي فضول پرئڪٽس تي ڇو پيو خرچ ڪيو وڃي. اهي به اطلاع آهن ته اندروني طرح "اسٽيبلشمينٽ" طرفان ڪافي مثبت اشارا ملي رهيا آهن. اهڙي تبديلي گهڻا ڏينهن وٺندي، ان جو هر ڪو پاڻ اندازو لڳائي!

(16 نومبر 2007ع)

***

# شير شاهہ جا شڪرا ۽ گهر جا ڪُڪڙ

پاڪستان جي ڌرتيءَ تي غريب ۽ ڏتڙيل ماڻهن کي هڪ ڀيرو ٻيهر سندن قسمت جي ڌڻين طرفان نوان سبق سيکاريا پيا وڃن. اهي سبق پاڙهيندڙ وردي ۾ آهن، جيڪي 1958ع کان وٺي 16 ڪروڙ عوام جي اڇي ڪاري جا مالڪ آهن. ساڻن انهي ساٿ ۾ سول ڪامورا شاهي، طاقتور جاگيردار ۽ واپاري ڪٽنب بہ شامل آهن، جن آمراڻين توڙي نيم مارشلائي حڪومتن ۾ لامحدود مال ڪمايو آهي.

18 آڪٽوبر تي بہ ڀيرا وزيراعظم رهندڙ ۽ پ پ جي چيئرپرسن بينظير ڀٽو اٺ سال پاڻ هرتو جلاوطني ڪاٽڻ کانپوءِ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي تي لٿي هئي. هي سندس جلاوطنيءَ کان پوءِ ٻيو ڀيرو واپسي هئي. هوءَ ان کان اڳ 1986ع ۾ بہ سال جلاوطن رهڻ کانپوءِ واپس ٿي هئي. تڏهن 1986ع ۾ بينظير جوان ۽ جنرل ضياءَ جي آمريت خلاف مزاحمت ڪندڙ هئي. سندس والد ذوالفقار علي ڀٽي کي 1979ع ۾ ان وقت ڦاهي ڏني وئي، جڏهن هوءَ ۽ سندس امڙ نصرت ڀٽو جيل ۾ قيد هيون. هوءَ ڀٽو جي ڦاهي چڙهي وڃڻ کانپوءِ بہ جيل ۾ رهي. 1983ع ۾ آمريتي قوتن طرفان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ايم آر ڊي تحريڪ کي چيپاٿيو ويو. 1984ع ۾ کيس پرڏيهہ وڃڻ جي اجازت ڏني وئي. 1986ع ۾ جڏهن محمد خان جوڻيجو وزيراعظم مقرر ٿيو تڏهن بينظير وطن واپس آئي ۽ لاهور ۾ سندس تاريخي استقبال ٿيو.

بينظير جي هاڻوڪي جلاوطني سندس بہ ڀيرا وزيراعظم ٿيڻ کانپوءِ جي ڳالهہ آهي. بينظير ۽ سندس وَر تي ڪيترائي بدعنواني جا الزام آهن، جيڪي مختلف عدالتن ۾ هلندا رهيا. سندس وَر آصف زرداري لڳ ڀڳ اٺ سال جيل ۾ رهيو ۽ پوءِ کيس عدالتي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو جنهن

ڪي بينظير جا مخالف مشرف سان ڊيل جو نتيجو قرار ڏين ٿا. هوءَ لڳاتار حڪومت سان ڳالهه ٻولهه ڪندي رهي. جنهن وقت هن ملڪ واپسيءَ جو اعلان ڪيو تڏهن سندس مخالفن جو به خيال هو ته بينظير جي ڪا مثالي آجيان نه ٿيندي. "ڊيل جي ڪري سندس اميج سخت متاثر ٿيو آهي." اقتداري ڏر جي ماڻهن چيو پئي. ڪيترن وري اهو چيو ته هوءَ ڪرپشن ڪيسن ۾ ملوث آهي ۽ مفاهمتي آرڊيننس تحت مشرف سان ڊيل تحت معافي تلافي ڪري پئي اچي.

ليڪن 18 آڪٽوبر 2007ع تي خميس ڏينهن جڏهن هوءَ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لٿي ته ماڻهن جو هڪ سمنڊ هو جيڪو چون ٿا ته 1986ع ۾ سندس لاهور ۾ ٿيل استقبال کان به وڏو هو. بينظير چواٽي منهنجي استقبال لاءِ 30 لک ماڻهو گڏ ٿيا. "ايترا ماڻهو قومي اسيمبليءَ جي هڪ تڪ کان وٺڻ لاءِ ڪافي آهن." پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي دعويٰ ڪندي چيو. مطلب ادائي تي لک ماڻهو. جيڪڏهن پنجاب جي وڏي وزير جي اها ڳالهه مڃجي تڏهن به ماڻهن جي جذبي ۽ ڪمٽمينٽ کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو اهو هڪ وڏو عوامي ميڙ هو.

18 آڪٽوبر جي گرم منجهند کانپوءِ بينظير جو استقبال ڪندڙن ۾ اڪثريت ڳڀرو نوجوانن جي هئي، جن جون عمريون 30 سالن کان گهٽ ٿي هيون. اهي سڄي ملڪ جي نمائندگي ڪري رهيا هئا. انهن مان ڪيترا ته ڏورانهن علائقن خاص طور اترين علائقن چترال، گلگت، قبائلي علائقن، سرحد، بلوچستان، پنجاب ۽ اندرين سنڌ مان ڪهي آيا هئا. انهن ماڻهن ۾ هڪ وڏي انگ جو تعلق ڪراچي ۽ حيدرآباد شهر سان به هو. حالانڪ اهي ٻئي شهر ايم ڪيو ايم جي اثر رسوخ ۾ آهن. آجيان ڪندڙ ماڻهن ۾ هندو به هئا ته مسلمان به ۽ عيسائي به!

پ پ مخالفن جو چوڻ آهي ته پ پ اڳواڻن کي قومي اسيمبلي جي پارٽي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي تڪ مان پنج کان 10 هزار ماڻهو آڻڻ جو ٽارگيٽ مقرر ڪري ڏنو ويو هو پر حقيقت اها آهي ته استقبال ۾ شامل ماڻهن جي جذبي مان "پارٽي تي حاصل ڪيل" ماڻهن وارو تاثر ڪٿي به نظر نه آيو. اهي جتي ڪٿي جذباتي ڪيفيت وچان جهمريون هڻندي، گيت ڳائيندي ۽ نعرا هڻندي نظر آيا. 18 آڪٽوبر جي صبح کان

وني جڏهن اهي قافلا ڪراچي شهر ۾ داخل پئي ٿيا. وري رات دير تائين توڙي ڌماڪا ٿي وڃڻ ڪانپوءِ بہ انهي جذبي ۾ ڪا ڪمي يا ٿڪاوٽ نہ هئي. مختلف چئنلن تي هلندڙ سڌي نشريات مان هڪ پل لاءِ بہ اهو محسوس نہ ٿيو تہ 30 لک ماڻهن جو اهو ميڙ خاموش رهيو هجي!

ايڏو وڏو عوامي ميڙ ڏسي حاڪمن انهن غريب ۽ ڌتڙيل ماڻهن کي سبق سيکارڻ جو فيصلو ڪيو. جيڪي ايتري وڏي انگ ۾ سندن خلاف نعريبازي ڪندي گڏ ٿيا هئا. ماڻهن جون اميدون ڪهڙيون هيون؟ اهو هنن نعرن مان جهلڪي ٿو: "بينظير آئيگي-روزگار لائيگي"، "بينظير آئيگي-امن لائيگي". خلق خدا سڄي دنيا کي اهڙن نعرن ذريعي اهو پيغام ڏئي رهي هئي تہ هن ملڪ ۾ گذريل اٺن ورهين کان سندن لاءِ روزگار ڪونهي. اهي دنيا کي اهو بہ ٻڌائي رهيا هئا تہ گذريل اٺن سالن کان ملڪ ۾ امن ۽ قانون نالي ڪا شئي ڪونهي. غلط يا صحيح، پر ماڻهو بينظير مان اهي اميدون رکن ٿا تہ اها کين روزگار بہ ڏيندي ۽ ملڪ کي امن بہ مهيا ڪندي

رات جا 12:10 ٿيا هئا. ڏينهن بدلجي خميس مان جمعي ۾ تبديل ٿيو هو تہ خونخوار ڌماڪا ٿيا. ايئن ايئرپورٽ سان ڳنڍيندڙ روڊ ڪارساز رت سان لت پت ٿي ويو. هر طرف لاش ۽ زخمي وکريل هئا انهي ڌماڪي سبب 140 ماڻهو موت جو کاڄ ٿيا ۽ 500 زخمي ٿيا. مرندڙن ۽ زخمين ۾ وڏو انگ نوجوانن جو هو.

ايئن پوءِ قائداعظم جي مزار تي بينظير ڀٽو جو رٿيل عوامي جلسو ملتوي ڪيو ويو ۽ بينظير کي سڌو بلاول هائوس پهچايو ويو. انهي واقعي ذريعي اسٽيبلشمينٽ عوامي ميڙاڪن کي خطاب نہ ڪرڻ جو واضح پيغام ڏنو آهي. اها هڪ قسم جي عوام ۽ سياسي ليڊرن لاءِ وارننگ آهي. مطلب تہ جمهوريت خراب آهي، ان ڪري عوام پنهنجي قيادت کي ٻڌڻ لاءِ گڏ ٿيڻ کان پاسيرا رهن.

بہ ڌماڪا ٿيڻ ڪانپوءِ جشن ملهائيندڙ اهو ڪاروان ماتم ۾ تبديل ٿي ويو. مري ويلن ۽ زخمين کي اسپتالن تائين پهچايو ويو. سڄي ملڪ ۾ واقعي خلاف غم ۽ غصي جي لهرپکڙيل رهي. ماڻهو اڃا تائين ڏک ۾ ٻڏل آهن. ليڪن 21 ۽ 22 آڪٽوبر تي بينظير بلاول هائوس کان ٻاهر نڪتي. هن جناح اسپتال وڃي ڌماڪي جي زخمين جي عيادت ڪئي. هوءَ ڌماڪي

۾ مارجي ويل ڪارڪنن جي عزيزن وٽ ڏک ونڊڻ لاءِ ليارِي به پهتي. هوءَ 22 آڪٽوبر تي قائداعظم جي مزار تي وئي ۽ اُتي فاتحه به پڙهيائين. بينظير جو هنگامي طور ايئن ڪرڻ اهو ثابت ڪري ٿو ته هن اهو پيغام ڏيڻ چاهيو آهي ته بم ڌماڪن ذريعي کيس ديوارن پٺيان نٿو رکي سگهجي. هوءَ هر حال ۾ عوام تائين پهچندي

ليڪن اسٽيبلشمينٽ به پنهنجا ڪارڊ اعلانيه طور کليل ڇڏيا آهن. حڪومت ڪنهن به ريت عام جلسن جلوسن جي اجازت نه ڏيندي. ايندڙ چونڊون جيڪڏهن ٿيون ته انهن لاءِ مهم هلائڻ جو مدو محدود هوندو. چونڊ مهم گهٽ پئماني تي هلي سگهندي. سياسي اڳواڻ اختيار ڏٽين جي طئي ڪيل فارمولا تحت هلندا.

پيغام بلڪل واضح آهي ته وردي ۾ موجود قيادت چونڊيل حڪومت کي انتهائي محدود اختيار ڏيڻ چاهي ٿي. انهن کي هاڻي به جوٽيجو بينظير ۽ نواز شريف کپن. جن سان اهي پاور شيئر ڪري کين استعمال ڪري ڦٽو ڪري ڇڏين. تاثر اهو ڏيڻو آهي ته سياسي قيادتون مڪمل طرح بدعنوان آهن. وردي واري قيادت صاف سٿري آهي. جنرلن وٽ ٽي يا چار رهائشي پلاٽ، ڪمرشل ۽ زرعي زمينون آهن. پر اهو سڀ ڪجهه قانوني ۽ جائز آهي. قانون کين زمينن جي الاٽمينٽ جي اجازت ڏئي ٿو. هڪ فوجي آفيسر ڪنهن ملڪيت جو مالڪ به بڻجي سگهي ٿو ته اهو رٽائرمينٽ کانپوءِ ملازمت به وٺي سگهي ٿو. ليڪن ڪنهن اسڪول جو هيڊ ماستر پينشن ۽ پراويڊنٽ فنڊ نٿو وٺي سگهي. جامعه مليه ملير جو پروفيسر جڪراڻي پنهنجي گهر واريءَ سميت پنهنجي گهر ۾ موت جو بک بڻجي ويو پر کيس پنهنجي رٽائرمينٽ جا قانوني پئسا ان ڪري نه ملي سگهيا، جو هو تعليم کاتي جي ڪامورن ۽ اڪائونٽنٽ جنرل کي خوش نه پئي رکي سگهيو.

پاڪستان ۾ اهڙي قسم جو اسٽيٽس ڪو آهي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته اهو اسٽيٽس ڪو ڪير ٿو ۽ ڪيئن بدلائي؟

(1 نومبر 2007ع)

***

# جمهوريت: پنڌ اڃا پري

ملڪ ۾ هلندڙ سياسي ڊرامي جو هيو منظر ان وقت پڄاڻيءَ تي پهتو جڏهن 10 سيپٽمبر تي اڳوڻي وزير اعظم ميان نواز شريف کي اسلام آباد پهچڻ کانپوءِ واپس جدي روانو ڪيو ويو. ان صورتحال جو پهريون منظر سپريم ڪورٽ جو اهو فيصلو هو جنهن ۾ هڪ شهريءَ جي نواز شريف سميت ملڪ اچڻ ۽ رهڻ جي اڻٽر حق جي تشريح ڪئي وئي هئي. 1973ع جي آئين جي شق 4 ۽ 4 اي موجب هر شهريءَ کي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ جو حق آهي، پوءِ پلي ڪٽي هن ڪيڏو به وڏو گناهه ڇو نه ڪيو هجي. هي يا هوءَ جيل جي سزا ڀوڳي سگهن ٿا، سندن ملڪيت ضبط ٿي سگهي ٿي ۽ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي موت جي سزا به کين عدالتون ڏئي سگهن ٿيون، پر ڪوبه ادارو ڪا به عدالت يا ڪوبه ماڻهو ان کي ملڪ نيڪالي نٿو ڏئي سگهي.

ليڪن نواز شريف سان انتهائي خراب ورتاءُ ڪيو ويو. نواز شريف جي ملڪ اچڻ کان اڳ ئي سعودي عرب جي انٽيليجنس سربراهه شهزادي مقرن هڪ پريس ڪانفرنس وسيلي اهو اعلان ڪيو ته 8 ڊسمبر 2000ع تي ٿيل معاهدي موجب نواز شريف کي 10 سالن تائين جدي ۾ رهڻو آهي. ميان صاحب ست سال پورا ڪرڻ کانپوءِ لنڊن هليو ويو ۽ پوءِ وري وطن واپس پيو اچي. جيڪا معاهدي جي سراسر ڀڃڪڙي آهي. پر مسئلو اهو آهي ته نواز شريف به ان معاهدي يا "ڊيل" بابت پڌرائي ڪرڻ ۾ ڪافي دير ڪري ڇڏي. هو ستن سالن تائين ان ڳالهه کان انڪار ڪندو رهيو ته سندس سعودي حڪومت جي توسط سان ڪو معاهدو ٿيل آهي، پر هن ويجهڙ ۾ اها ڳالهه قبول ڪئي ته اهڙو معاهدو ڪيو ويو هو پر ان جو مدو پنج سال هو پر اهو لکت ۾ 10 سال ڪيو ويو.

ڊيل ڪئي وئي هجي يا معاهدو پر حقيقت اها آهي تہ اهو ملڪ جي قانون کان مٿانهون ناهي. ظاهر آهي تہ نواز شريف ـ ڀٽو بگٽي يا مينگل تہ ناهي، جيڪو پنهنجي عزت ۽ انا خاطر جان قربان ڪري ڇڏڻ کي ترجيح ڏئي. ڀٽي تاريخ هٿان مرڻ کان انڪار ڪيو ضياءَ الحق ڪيس عدالتن جو سهارو وٺي ماري ڇڏيو. بگٽي تمام گهڻو پڙهيو لکيو شخص هو هن مشرف طرفان مليل اهو پيغام چڱي ريت سمجهيو پئي تہ توهان اهڙي ريت ماريا ويندا، جو اوهان کي خبر ئي نہ پوندي تہ ڏک ڪٿان لڳو. عطاءُ الله مينگل بہ پنهنجي قبيلي جو معزز سرواڻ آهي. پاپولر سياسي ليڊر ناهي. هن پنهنجي ڳڀرو پٽ اسد جو هڪ سگهاري اداري هٿان موت قبوليو. اسد کي شيرباز مزاري جي ڊفينس واري بنگلي جي سامهون ڪنيو ويو هو. پر پوءِ ڪنهن کي خبر ئي نہ پئي تہ ڪيس ڪٿي دفنايو ويو. ”آئون پنهنجي پٽ اسد جي قبر بابت ڇو پريشان ٿيان، مون کي خبر آهي تہ حڪومت طرفان سوين بلوچ نوجوان هيلتائين ماريا ويا آهن.“ جهوني سياستدان عطاءُ الله مينگل 1999ع ۾ مون کي سندس ڪوئيٽا واري گهر تي انٽرويو ڏيندي چيو هو. ”يلا اسد مون کي انهن سوين مارجي ويل بلوچ ڳڀروئن کان ڪيئن وڌيڪ پيارو ٿي سگهي ٿو.“ هن چيو پئي. واضح رهي تہ هاڻي بہ عطاءُ الله مينگل جيل ۾ قيد پنهنجي پٽ ۽ اڳوڻي وزيراعليٰ اختر مينگل سان ملاقات لاءِ حڪومت کي اجازت ڏيڻ جي ڪابہ درخواست ناهي ڪئي. هن جي انا ۽ خودداري ڪيس حڪومت کان اجازت طلب ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي. جڏهن تہ اختر مينگل سان جيل ۾ ناروا سلوڪ روا رکيو پيو وڃي.

نواز شريف جو تعلق هڪ ڪشميري واپاري گهراڻي سان آهي، جيڪو 1947ع ۾ پاڪستان لڏپلاڻ ڪري آيو. هن غلطي سان يا مرضيءَ سان 10 ڊسمبر 2000ع تي حڪومت سان معاهدو ڪري جدي ڏانهن پنهنجي ڪٽنب ۽ 40 سوٽ ڪيسن سميت رخ ڪيو. هو اتان لنڊن ۽ دبئي تڏهن ويو، جڏهن مشرف طرفان ٽارگيٽ بڻايل چيف جسٽس آف پاڪستان جي بحالي خاطر وڪيل روڊن تي هئا. ائين ڏسندي ڏسندي عدليہ جا اختيار بحال ٿي ويا ۽ نواز شريف ملڪ واپس اچڻ لاءِ درخواست دائر ڪئي ۽ سپريم ڪورٽ سندس حق ۾ فيصلو ڏنو.

هڪ گهاگهه واپاري ۽ سياستدان نواز شريف تازي ورتو ته مشرف پاڪستان اندر مقبوليت وڃائي رهيو آهي. خاص طور تي 9 مارچ 2007ع تي سنڌس طرفان چيف جسٽس کي صدارتي محل ۾ گهرائڻ ۽ ڪانئس استعيفيٰ جو مطالبو ڪرڻ سبب مشرف سوڙهو ٿيڻ لڳو. خاص طور ان ڏينهن چيف جسٽس طرفان مزاحمت وارو گس ونڻ ڄڻ ته آمر جي وجود تي آخري ڪوڪو ثابت ٿيو. اسان وٽ عام طور اها راءِ آهي ته مشرف اڄڪلهه ورديءَ ۾ پاڻ کي ڏکيو پيو محسوس ڪري. سنڌس سياسي حمايت گهٽجي رهي آهي. بينظير سان ڳالهين سبب مسلم ليگ (ق) ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا آهن. 12 مئي واقعي ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم پڻ پنهنجي حمايت وڃائي رهي آهي. چوڌري پائر مسلم ليگ (ق) ۾ ڪُلي ڪيڏي رهيا آهن. جڏهن ته مشرف نه رڳو پاڻ کي مشڪلات ۾ گهيريل پيو محسوس ڪري پر سنڌس پيرَ زمين تان اُکڙي رهيا آهن.

سپريم ڪورٽ طرفان نواز شريف کي ملڪ اچڻ جي اجازت ڏيڻ جو فيصلو عدالتي ايڪٽو ازم کي ظاهر ڪري ٿو جنهن مشرف کي ڪافي مايوس ڪيو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته پنجاب جو وچولو طبقو مولوي (قاضي حسين ۽ فضل الرحمان) جي حمايت به نواز شريف کي حاصل ٿي وئي آهي. هاڻي هو وري ملڪ واپس اچڻ لاءِ مناسب وقت جي انتظار ۾ آهي. مشرف لاءِ وقت تيزيءَ سان ڪٽي رهيو آهي. هن کي 15 سيپٽمبر تائين فيصلو ڪرڻو آهي ته هو پاڻ کي هاڻوڪين اسيمبلين مان ٿو چونڊرائي يا عام چونڊون ڪرائي ايندڙ اسيمبلين مان وردي لاهي پاڻ کي صدر ٿو چونڊرائي.

ڏنو وڃي ته شريف پائرن لاءِ 10 سيپٽمبر پاڪستان اچڻ جو درست موقعو هو پر سنڌن خلاف اسٽيبلمينٽ به سمورا ذريعا متحرڪ ڪيا. شهباز شريف خلاف پوليس مقابلي جو ڪيس اٿلائي دهشتگردي ڪورٽ ڪان سنڌس گرفتاري جا وارنٽ ڪيدرايا ويا. ذريعن چواڻي شهباز شريف کي هتي اچڻ شرط گرفتار ڪيو وڃي ها ۽ نواز شريف کي واپس جدي موڪلڻ جو طئي هو جيڪو ڪيو ويو. واضح رهي ته شهباز شريف فوج سان لهه وچڙ ۾ ڳالهه ٻولهه ذريعي معاملا نبيرڻ ۾ وڌيڪ تيز سمجهيو وڃي ٿو.

لهو ئي ڪارڻ آهي جو نواز شريف پاڪستان روانگي کان اڳ شهباز شريف کي لنڊن جي هيٿرو ايئرپورٽ تي ڇڏي آيو. نواز جي پنهنجي فيملي مديني ۾ آهي. هن پاڻ سان گڏ ڪو گهڻو سامان بہ نہ آندو هو هن سمجهي ورتو هو تہ کيس گرفتار ڪيو ويندو ۽ اسلام آباد نيڪالي ڏني ويندي. هن آخري گهڙين ۾ پي آءِ اي جي فلائيٽ 786 جي چونڊ ٿن سببن جي ڪري ڪئي. هڪ تہ اها قومي ايئر لائين آهي ۽ کيس يقين ڏياريو ويو هو تہ پائلٽ سميت سمورو عملو سندس وفادار ماڻهن تي مشتمل آهي. ٻيو اهو تہ 786 انگ بسم الله رحمان الرحيم جي متبادل طور استعمال ڪيا ويندا آهن، جيڪا ڳالهہ مذهبي جذبن جي ترجماني ڪري ٿي. ٽيون سبب اهو هو تہ فلائيٽ صبح جو 9 وڳي اسلام آباد پهچڻي هئي. سندن خيال ۾ جيڪڏهن حڪومت نواز شريف جي آمد ۾ رڪاوٽ وڌي تہ پارٽي اڳواڻ وقت جو فائدو وٺندي سپريم ڪورٽ کي مداخلت جو چئي سگهن پيا.

نواز شريف اسلام آباد ۾ سومر ڏينهن 10 سيپٽمبر تي سادي 9 وڳي پهتو. ايئرپورٽ کي پنجن ڪلوميٽرن تائين سيل ڪيو ويو هو. ڪرفيو جهڙي صورتحال هئي. اڍائي هزار سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا هئا. راولپنڊي توڙي پنجاب جي ٻين شهرن ۾ ڪارڪنن تي لاٺي چارج جا واقعا تہ پيش آيا، پر ڪو وڏو احتجاج ڏسڻ ۾ نہ آيو. ٻئي طرف مسلم ليگ اڳواڻ خواجہ آصف سپر ڪورٽ ۾ نواز شريف جي ملڪ بدري خلاف پٽيشن دائر ڪئي آهي، پر نواز شريف جي آمد وارو شو ڪو گهڻو موثر ثابت نہ ٿي سگهيو. سپريم ڪورٽ طرفان ڪابہ مداخلت ٿئي ها تہ ان کي غلط رنگ ۾ پيش ڪيو وڃي ها. ان ڪري ئي ان موقعي تي عدليہ طرفان ڪا مداخلت سامهون نہ آئي ۽ نواز شريف کي واپس جدي نيو ويو.

نواز شريف کي جدي زبردستي موڪليو ويو يا هو پنهنجي مرضيءَ سان ويو، ان جي ڪا گهڻي اهميت ناهي. حقيقت اها آهي تہ هو ان وقت پاڪستان کان ٻاهر هليو ويو آهي، جڏهن کيس هتي رهي ڪيسن کي منهن ڏيڻ کپندو هو. اطلاع تہ اهي بہ آهن تہ رٽائرڊ جسٽس فخرالدين جي ابراهيم اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي ملڪ وري واپسي لاءِ هڪ نئين پٽيشن پڻ سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪئي آهي، جڏهن تہ نواز شريف جي گهر واري ڪلثوم نواز پاڪستان اچي سياسي جدوجهد ڪرڻ جو اعلان ڪري

چڪي آهي. ڪلثوم 12 آڪٽوبر 1999ع ڪانپوءِ جڏهن نواز ۽ شهباز جيل ۾ هئا ۽ مشرف اقتدار اچي سنڀاليو هو هوءَ زبردست تحريڪي خاتون ثابت ٿي. هن وٽ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي ڪرشماتي صلاحيت آهي. شهباز شريف عالمي طور لابنگ ڪندو. جڏهن ته مسلم ليگ (ن) جا اڳواڻ عدالتي مداخلت لاءِ راهه هموار ڪندا.

سوال آهي ته هاڻي مشرف لاءِ ڪهڙا ٿا آپشن بچن؟ پهريون اهو ته هو هاڻوڪين اسيمبلين مان ايندڙ هڪ مهيني اندر وردي سميت پاڻ کي ٻيهر صدر چونڊرائي، ايئن هو فقط پ پ جي حمايت جي صورت ۾ ڪري سگهي ٿو پر پ پ جي حمايت وري مسلم ليگ (ق) ۾ مونجهارا پيدا ڪري سگهي ٿي. مولوي ۽ مسلم ليگ (ن) سندس اڳ ۾ ئي مخالف آهن ۽ حڪمران مسلم ليگ سان به معاملا منجهيل آهن. تنهن ڪري اهو آپشن به سندس لاءِ ايترو سولو ناهي.

ٻيو آپشن اهو آهي ته عام چونڊون ڪرائي، پر خدشو آهي ته عام چونڊن دوران پيدا ٿيندڙ گرمائش گهٽن کي لوساڻي وجهندي، ان ڪري اهو نهايت ڏکيو آپشن آهي، ڇو ته پنجاب ۾ مشرف جي تمام گهٽي مخالفت موجود آهي. بلوچ ويڙهه جي ٻنڌ تي آهن، پختون ڪاوڙيل آهن، قبائلي پختون ته اڃا به گهڻا ڪاوڙيل آهن، بلڪ هينئر فوج اخلاقي طرح ڊيوالپڻي جو شڪار آهي. 1971ع ڪانپوءِ پهريون ڀيرو 300 فوجي اهلڪارن ۽ آفيسرن سميت هڪڙي به گولي هلائڻ ڪانسواءِ ديسي طالبانن آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا آهن. هڪ ڳجهي اداري جي بس تي حملو ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. تازو تربيلا ويجهو فوجي ميس تي آپگهاتي حملو ٿيو جنهن ۾ 20 جوان مارجي ويا ۽ 28 زخمي ٿيا.

ٽيون آپشن اهو ٿي سگهي ٿو ته چونڊون هڪ سال لاءِ ملتوي ڪري ايمرجنسي هنئي وڃي. اهو آپشن ممڪن آهي ته سگهارن ادارن جي سربراهن کي ساهي ڏئي سگهي، جيڪي لڳاتار جنبيل رهڻ ڪري ٿڪجي پيا آهن. اهو آپشن ئي موجوده صورتحال ۾ وڏيڪ مقتدر ڌرين لاءِ قابل قبول لڳي پيو پر ان آپشن جون به پنهنجون حدون ۽ نقصان آهن. حقيقت ۾ پاڪستان جي صورتحال پريشر ڪُڪر جهڙي آهي، جيڪو ڪنهن وقت به ڦاٽي سگهي ٿو.

(16 سيپٽمبر 2007ع)

***

## مستقبل جي منظرنامي ۾ مشرف ڪٿي هوندو؟

ڳٽپ شروع ٿي چڪي آهي ۽ پاڪستان انتهائي سنگين صورتحال واري مرحلي مان گذري رهيو آهي. مٿين سطح تي جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ان جا اسان جي مستقبل ۽ ايندڙ نسل تي ڏوررس اثر مرتب ٿيندا. صدر مشرف ڪڙي گوري ڳهي چڪو آهي. جعي ڏينهن 27 جولاءِ تي هو پ پ جي چيئرپرسن بينظيرڀٽو سان رابطي جي سلسلي ۾ ابوظهبي پهتو. پاڻ چاڻي ٻجهي اهو نہ پيا لکون تہ مشرف ابوظهبي ۾ بينظير سان ملاقات لاءِ ويو هو. اهو ان ڪري جو صدر مشرف پاڻ بينظير سان ملاقات جي ترديد ڪري چڪو آهي. فقط ساٿس رابطن جي ڳالهہ ڪئي پئي وڃي. بينظير ڀٽو بہ ساڳئي ڳالهہ ورجائي ٿي تہ جڏهن صدر پاڻ ئي ساٿس ملاقات جي تصديق ڪرڻ لاءِ تيار ناهي تہ پوءِ آءٌ ڪيئن ٿي چئي سگهان تہ منهنجي ابوظهبي ۾ صدرمشرف سان ملاقات ٿي آهي.

ٻنهي پاسي، صدر مشرف ۽ بينظير ڀٽو اهو تاثر ڏئي رهيا آهن تہ سندن وچ ۾ اڃا ڊيڊلاڪ برقرار آهي. مشرف ڪيمپ جا ماڻهو اهو تاثر پيا ڏين تہ بينظير ڀٽو کي عدالتن ۾ التوا ۾ پيل ڪيسن ۾ رليف ڏيڻ، چونڊ مهم ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏيڻ ۽ آئيني ترميم ڪرڻ جنهن ۾ بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف کي ٽيون ڀيرو وزيراعظم ٿيڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو شامل آهن. بينظير ڀٽو اهو واضح طور چئي چڪي آهي تہ سندس پارٽي مشرف کي ورديءَ ۾ صدر قبولڻ لاءِ هر گز تيار ناهي ۽ هن کي پاڻ کي موجوده اسيمبلين مان چونڊرائڻو پوندو. تڏهن سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڪير مشرف ۽ بينظير وچ ۾ ٿيل رابطي يا ملاقات جي وضاحت يلا ڪيئن ڪري؟ ان جي هڪ وضاحت تہ اها ٿي سگهي ٿي تہ جيڪڏهن ٻنهي وچ ۾ ون ٿو ون يا

صلاحڪارن سان گڏ بہ ملاقات ٿي آهي تہ ان بابت ڪافي معاملا اڳواٽ ئي طئي ٿي چڪا هوندا. ريلوي جو وفاقي وزير شيخ رشيد انڪشاف ڪري چڪو آهي تہ بينظير ڀٽو جي اعليٰ حڪومتي اختيارين سان هڪ اهم ملاقات جنوري ۾ ٿي هئي، جنهن کي هن سيمي فائنل رائونڊ سڏيو هو. هن چواڻي هاڻوڪي ملاقات فائنل رائونڊ آهي. هن مشرف کي وردي ۾ صدر چونڊرائڻ جي مڪمل حمايت جي پڪ ڏياري آهي. بينظير کي ممڪن آهي تہ پاڪستان اچڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ هوءَ عدالتن ۾ موجود ڪيسن کي منهن ڏئي. هن کي چونڊ مهم ۾ حصو وٺڻ جي بہ اجازت ملي سگهي ٿي. باقي هوءَ چونڊن ۾ اميدوار نہ هوندي. اهي امڪان بہ موجود آهن تہ ايندڙ وزيراعظم پ پ مان ئي ڪنهن کي چونڊيو وڃي. جيڪڏهن پ پ اسيمبلين مان اڪثريت سان اچي ٿي تہ ان صورت ۾ 17 هين آئيني ترميم جي اها شق ختم ٿي سگهي ٿي، جنهن تحت بينظير ڀٽو ۽ نواز شريف ٽيون ڀيرو وزيراعظم نٿا ٿي سگهن. انهي صورت ۾ بينظيرڀٽو ضمني چونڊ وڙهڻ بعد وزيراعظم ٿي سگهي ٿي. مشرف کي هر صورت ۾ وردي 2007ع جي آخر تائين لاهڻي آهي. پاڪستان جي آئين ۾ اجا 52 (ب) جي شق موجود آهي، جنهن موجب صدر کي اسيمبليون ٽوڙڻ جو اختيار حاصل آهي ۽ ان ڪارڻ ئي مشرف کي اعتماد آهي تہ هو وردي لاهي ڇڏي.

بينظير چواڻي هوءَ مشرف سان صاف، شفاف چونڊن ڪرائڻ جي سلسلي ۾ ڊيل چاهي ٿي. هوءَ ايندڙ چونڊن ۾ پنهنجي پارٽيءَ لاءِ سرگرم ڪردار بہ ادا ڪرڻ جي خواهشمند آهي. هوءَ چاهي ٿي تہ آزاد اليڪشن ڪميشن تحت بهتر نموني پولنگ اسٽيشنون ٺاهي شفاف طريقي سان چونڊون ڪرايون وڃن، جيئن سڀني پارٽين کي برابر جو موقعو ملي سگهي. 2002ع جي چونڊن ۾ پ پ اڪيلي وڏي سياسي پارٽي طور اُڀري هئي، ڇو تہ ان ٽوٽل ڪاسٽ ٿيل ووٽن مان 25 سيڪڙو ووٽ حاصل ڪيا هئا. ان هوندي بہ پ پ کي نہ رڳو اقتدار کان پري رکيو ويو بلڪ مقتدر حلقن وڏي سياسي پارٽي هجڻ باوجود ان کي مخالف ڌر جو بہ ڪردار نہ ڏنو ۽ مولانا فضل الرحمان کي مخالف ڌر جو اڳواڻ چونڊيو ويو.

بهرحال هي پ پ ۽ بينظير لاءِ هڪ ڏکيو رستو آهي. انهي سياسي ڪيڏاڙ ۾ اعتماد جو بحران يقيني طور نظر اچي ٿو. حالانڪ انهي ڪي روڊ مئپ چئون يا ضمانت دار چئون، اهي سعودي جو بادشاهہ، گڏيل عرب امارتن جا حڪمران ۽ آمريڪي صدر بش آهن. پوءِ بہ اهو خوف موجود آهي ۽ جڏهن ڪو پريشر وڌيو تہ ٻئي ڌريون شايد ئي هڪٻئي سان بيهن.

ظاهر آهي تہ بينظير-مشرف رابطن جو نواز شريف تي ڪو چڱو اثر ناهي پيو. ڇو تہ پ پ تہ نواز شريف سان جمهوريت جي عهدنامي تي صحيحون ڪري ويٺل پارٽي آهي. هاڻي نواز شريف ۽ ان جا حامي اهو ٿا سمجهن تہ ساڻن بيوفائي ڪئي وئي آهي. هي سڀ لکڻ تائين بينظير پاران ان مامري تي نواز شريف سان ڪوبہ سڌو رابطو نہ ڪيو هو. ان ڪري وقت گذرڻ سان اها غلط فهمي اڃا بہ وڌندي ويندي.

جيڪڏهن بينظير-مشرف ڊيل، ڳالهيون ناڪام ٿي ويون تہ ان صورت ۾ نواز شريف جو رويو اڃا بہ سخت ٿي ويندو. نواز شريف جي سياست جو بنياد پنجاب آهي. مسلم ليگ (ق) جي ميمبرن جو وڏو انگ هاڻي وفادارين بدلائڻ ۾ دير نہ ڪندو. جيتوڻيڪ پ پ وٽ قيادت سڄي سنڌ جي آهي، پر اها اقتدار ۾ اچڻ لاءِ پنجاب تي آسرو ڪيو ويٺي آهي. مسلم ليگ (ق) ۽ (ن) ٻئي پنجاب جون پارٽيون آهن. جڏهن تہ پ پ کي پنجاب ۾ ووٽ وٺڻ لاءِ پارت مخالف ۽ ڪشمير اشو تي شدت پسند جدوجهد جي پر جهلڻي پوندي. پ پ هاڻي غريبن ۽ ڏتڙيل طبقي واري سياست ڇڏي چڪي آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو پنجاب ۾ شاهوڪارن ۽ لوٽن کي ٽڪيٽون ڏنيون ويون آهن.

بينظير ۽ مشرف ۾ جيڪڏهن ڪا ڊيل آهي بہ سهي تہ اها عملي طرح رڳو تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن ڪامورا شاهي ۽ فوج چاهي. ڪامورا شاهي ۽ فوج سان لاڳاپيل ماڻهن جي وڏي اڪثريت جو تعلق پنجاب سان آهي. ان ڪري اهي نواز شريف کي وڏيڪ اهميت ڏيندا. جاڪاڻ جو پ پ وري بہ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي ماڻهن جو بہ خيال رکندي.

بينظير ۽ مشرف ڪالاباغ ڊيم معاملي تي بہ پريشر ۾ رهندا. مشرف تڪراري ڪالاباغ ڊيم اڏڻ لاءِ پابند آهي. بينظير کي بہ ان سلسلي ۾ واضح موقف اختيار ڪرڻ لاءِ چيو ويندو. ان صورت ۾ ايم ڪيو ايم بہ ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪري پ پ قيادت جي ويجهو اچڻ چاهيندي.

پ پ مشرف جي ٻيهر موجوده اسيمبلين مان وردي ۾ صدر چونڊجڻ جي سلسلي ۾ ڪيس فني طور مدد مهيا ڪري سگهي ٿي. پ پ جا ميمبر يا تہ ووٽن ۾ حصو نہ وٺندا يا وري سندس مخالفت ۾ ووٽ نہ ڏيندا. مشرف کي سادي اڪثريت گهرجي، جيڪا کيس حاصل آهي، پر مشرف لاءِ رڳو اڪثريتي ووٽ حاصل ڪرڻ مسئلو ناهي، ان ڪانسواءِ کيس قانوني ۽ آئيني مسئلا بہ درپيش آهن. هن 12 آڪٽوبر 1999ع تي چيف ايگزيڪيوٽو طور حڪومت جون واڳون سنڀاليون. سال 2000ع ۾ جڏهن رفيق تارڙ کي گهر پيڙو ڪيو ويو تہ هو صدر بڻيو ۽ هن صدارتي قسم کنيو. هن اپريل 2002ع ۾ ريفرنڊم ڪرايو ۽ پنهنجو پاڻ کي صدر چونڊرايائين. عام چونڊون آڪٽوبر 2002ع ۾ منعقد ٿيون. چونڊيل اسيمبلين کيس اعتماد جو ووٽ ڏنو.

مشرف وردي لاهيندو يا چيف آف آرمي اسٽاف ۽ صدر طور برقرار رهندو ان بابت سپريم ڪورٽ جي فل بئنچ جيڪا جسٽس نظام صديقي، چوڌري افتخار تي مشتمل هئي، ماضي قريب ۾ اهو فيصلو ڏئي چڪي آهي تہ اهو معاملو پارليامينٽ تي ڇڏيو وڃي. هن جو چيف آف آرمي اسٽاف طور ٽيون پيريو وڌايل مدو هلندڙ سال جي آخر تائين ختم ٿئي پيو جنهن کي هو پنهنجي خواهش تحت صدر جي حيثيت ۾ چوٿين پيري لاءِ بہ وڌائي سگهي ٿو. ليڪن سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي تہ آيا هاڻوڪيون اسيمبليون صدر کي بہ پيرا ڏهن سالن لاءِ صدر چونڊي سگهن ٿيون، ڇو تہ اسيمبلين جو مدو پنج ورهيہ هوندو آهي.

ٻيو مسئلو اهو آهي تہ ڇا صدارتي عهدي لاءِ رڳو مشرف اڪيلو ئي اميدوار آهي يا ٻيا بہ ڪي آهن، جن اسيمبلي ميمبر طور پروپوزر ۽ سيڪنڊر طور صحيحون ڪيون هجن.

اهي اهڙا مسئلا آهن، جن کي عدالتن ۾ کڻي وڃي سگهجي ٿو ۽ سپريم ڪورٽ جا جج اڳ ۾ ئي دٻاءَ ۾ آهن تہ اهي عوام جي جذبات کي صحيح موٽ ڏين. فرض ڪريو جيڪڏهن مشرف کي ٻيون پيرو صدر چونڊڻ کان روڪيو ٿو

وجي تہ پوءِ اڳتي ڇا ٿيندو؟ اهڙي صورتحال ۾ فوج جو ردعمل ڪهڙو هوندو. امڪاني منظرنامو اهو ٿو نظر اچي تہ ان صورت ۾ مشرف ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏيندو ۽ اسيمبلين جو مدو هڪ سال تائين وڌايو ويندو ۽ مشرف ان هڪ سال اندر ڪافي معاملن کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو پر عام راءِ اها آهي تہ هاڻي ايئن ڪرڻ لاءِ مشرف وٽ اخلاقي ۽ ادارتي جواز ناهي رهيو. پوءِ ڀلا ڪٿي ايئن تہ نہ ٿيندو تہ جيئن ايوب خان 1969ع ۾ ڪيو. هو فوج مان پنهنجي ئي جونيئر کي چوي تہ اختيار اهو سنڀالي، ايوب خان بہ آئين جون ڌجيون اڏايون. حالانڪ آئين تحت ايوب کي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي چوڻو هو تہ اهو نگران طور اقتدار سنڀالي ۽ چونڊون منعقد ڪرائي. تڏهن قومي اسيمبلي جو اسپيڪر هڪ بنگالي مولانا عبدالجبار خان هو پر ايوب اقتدار ان حوالي ڪرڻ بدران يحيٰ خان حوالي ڪري ڇڏيو.

موجوده منظرنامي ۾ هڪ سنڌي ڳالهائيندڙ محمد ميان سومرو سينيٽ جو چيئرمين آهي. آئين موجب ان کي نگران صدر بڻائڻ گهرجي. 17 آگسٽ 1988ع تي جڏهن ضياءُ الحق بهاولپور ويجهو C-130 جي حادثي ۾ مارجي ويو هو تڏهن غلام اسحاق خان سينيٽ جو چيئرمين هو ان ڪري هن ئي صدارتي واڳون سنڀاليون هيون. غلام اسحاق خان ڪامورا شاهي جو اهم ٿنڀ ۽ فوج جو ڀروسي جوڳو ماڻهو هو. ان جي ابتڙ محمد ميان سومرو جنهن جو تعلق جيڪب آباد سان آهي. تنهن سدائين نڀايو آهي، پوءِ بہ اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ ڇا محمد ميان مقتدر قوتن جو ايترو ڀروسي جوڳو آهي، جيترو غلام اسحاق خان هو. سومرو سنڌن ڀروسي جوڳو آهي يا نہ، پر اهوئي آئيني گس آهي، جنهن ذريعي بحران مان نڪري سگهجي ٿو.

مشرف جي منظرنامي مان نيڪالي ئي ان سڄي ڇڪتاڻ جو انت آڻيندي صاف ۽ شفاف چونڊون ۽ ڪنهن پارٽي کي اقتدار حوالي ڪرڻ اهم اشو آهن. پاڪستان حقيقت ۾ خطرناڪ صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي، آئين کان هٽي ڪري ڪوبہ قدم کنيو ويو تہ ان جا نهايت خطرناڪ نتيجا نڪرندا.

(1 آگسٽ 2007ع)

***

# پاڪستان: بحران در بحران

اسلام آباد ۾ لال مسجد آپريشن جي پڄاڻي غازي عبدالرشيد جي مارجڻ سان ٿي، جنهن ۾ ڪيترائي ڪُتابي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار بہ موت جو ڪاڄ بڻيا. بنهہ مختصر وٿيءَ ڪانپوءِ اسلام آباد هڪ ڀيرو ٻيهر تڏهن ٻري اُٿيو آهي، جڏهن 17 جولاءِ تي شام ڌاري چيف جسٽس افتخار چوڌري جي منعقد ڪيل پروگرام لاءِ هنيل استقبالي ڪئمپن مان پ پ جي استقبالي ڪيمپ ۾ بم ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ هي سٽون لکڻ تائين 20 ماڻهو مارجي ويڃڻ ۽ 40 جي لڳ ڀڳ زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن.

اهي واقعا ان ڳالهہ جي گواهي آهن تہ گهڙيال جو ڪانٽو تيزيءَ سان ڊوڙي پيو. پاڪستان هن وقت انتهائي بحراني ڪيفيت مان گذري رهيو آهي. هڪ اهڙو شديد بحران جنهن لاءِ سٺ واري ڏهاڪي جي منڍ ۾ ايوب خان جي ڪابينا ۾ وزير طور خدمتون سرانجام ڏيندڙ ذوالفقار علي ڀُٽي قومي اسيمبليءَ ۾ اوير پاڪستان جي مخالف ڌر جي هڪ ميمبر کي جواب ڏيندي چيو هو تہ "پاڪستان آهي ئي بحرانن جي پئداوار ۽ هميشہ بحران ۾ ئي رهندو. بحران پاڪستان کي ڪمزور نٿا ڪري سگهن. بلڪ ان سان ملڪ اڃا وڌيڪ سگهارو ٿيندو." هن دعوي ڪئي هئي، پر ٻنتو غلط ثابت ٿيو. 1970ع جي عام چونڊن ڪانپوءِ پئدا ٿيل بحران ملڪ کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو ڇو تہ سگهارين ڌرين نتيجا تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

هاڻوڪو بحران بہ 1970ع ۾ 1971ع واري بحران کان وڌيڪ سنگين آهي. 1970ع ۾ هڪ صوبي جي آبادي گهڻي هئي ۽ سگهارين ڌرين کي خوف هو تہ جيڪڏهن شيخ مجيب جي صوبائي خودمختياري واري فارمولا کي قبول ڪيو ويو تہ سندن ڪافي معاملن تي مضبوط پڪڙ

ڪمزور ٿيندي، انهي خيال سبب ئي نتيجا قبول نہ ڪيا ويا ۽ هڪ وڏي صوبي جو عوام ويڳاڻپ جو شڪار بڻيو. تڏهن بہ پڻو ئي هو جيڪو پنجاب ۽ سنڌ مان اڪثريت سان ڪٽي آيو هو جنهن اولهہ پاڪستان لاءِ آواز اُٿاريو. ان وقت بہ هتي سگهاريون سياسي قوتون موجود هيون، جن بنگالين سان ٽڪر ڪاڏو شيخ مجيب سان ڪنهن صلح صفائي نہ ٿيڻ جي صورت ۾ 1970ع ۽ 1971ع ۾ تڏهوڪي فوجي قيادت بنگالين خلاف آپريشن کي ترجيح ڏني، جنهن ۾ بنگالين جو وڏو انگ مارجي ويو. جيئن سمجهيو پئي ويو آخرڪار 1971ع ۾ فوج کي شڪست آئي، پُٽي 1972ع ۾ ان فوجي ساک بچائي ورتي. هن ٽڙيل پکڙيل ٽڪرا ميڙي چونڊي گڏ ڪيا. ايئن هن دنيا ۾ پاڪستان جي ٿيل رسوائي ڪانپوءِ ان کي نئين زندگي عطا ڪئي. هن ملڪ کي متفقہ آئين ڏنو ۽ ان کي ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڪيو. ياد رهي تہ ملڪ ۾ جيترا عوامي ترقياتي ڪم 1972ع کان 1977ع تائين ٿيا، ايترا ملڪي تاريخ ۾ ڪڏهن نہ ٿيا هئا.

پر پوءِ سگهارين ڏرين اهڙيون حالتون پئدا ڪيون، جو بلوچستان جي چونڊيل حڪومت کي ٿوري عرصي ڪانپوءِ ئي ختم ڪيو ويو. بلوچستان ۾ آپريشن ڪيو ويو جنهن ۾ هزارين بلوچ موت جو ڪاج بڻيا. پوءِ وري 1977ع ۾ فوجي قيادت هڪ ڀيرو وري اقتدار جون واڳون سنڀالي ورتيون. پڻو تي ڪيس هلايو ويو ۽ کيس اپريل 1979ع ۾ جيڪو زخم رسيو هو اجا ڇٽو ناهي، ان مان اجا رت وهي پيو. جيتوڻيڪ بلوچن خلاف آپريشن 1977ع ڪانپوءِ ختم ڪيو ويو ليڪن فوجي قيادت 1986ع کان 1999ع تائين چونڊيل حڪومتن کي ڪم ڪرڻ نہ ڏنو مرحوم جوڻيجي کي 1988ع ۾ انتهائي غيرمهذب طريقي سان ان ڪري هٽايو ويو جو هن افغانستان مان سوويت فوجين جي واپسي جي سلسلي ۾ جنيوا ۾ ٿيندڙ عالمي ڪانفرنس جي حمايت لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائي هئي. هن هڪ بجيٽ تقرير ۾ ڪامورن ۽ جنرلن کي چٽي ڏنو هو تہ اهي مهانگيون ڪارون استعمال ڪرڻ ترڪ ڪري سوزوڪي ڪار استعمال ڪن. هن 1988ع ۾ اوجهڙي ڪئمپ ڌماڪي جي تحقيقات جو حڪم ڏنو ۽ پوءِ ضياءَ الحق طرفان کيس معطل ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ اها ئي فوج آهي، جنهن بينظير ۽ نواز شريف کي بہ ڪليل نموني حڪومتون هلائڻ نہ ڏنيون. 12 هين ۽ تيرهين آڪٽوبر 1999ع جي وچ واري رات مشرف اهو موقف اختيار ڪيو تہ کيس ۽ ٻين

مسافرن کي ڪولمبو کان کٽي ايندڙ جهاز کي زمين تي لهڻ نہ پئي ڏنو ويو. نواز شريف 12 آڪٽوبر جي شام تي مشرف کي چيف آف آرمي اسٽاف واري عهدي تان هٽائي انجي جاءِ تي ليفٽيننٽ جنرل ضياءَ الدين بٽ کي مقرر ڪري ڇڏيو هو. بطور وزير اعظم نواز شريف کي آئيني طور اهي اختيار حاصل هئا، پر اها هڪ وڏي سياسي غلطي هئي، جنهن جي کيس ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي.

باوجود ان جي مشرف کي سپريم ڪورٽ قانوني ڪور ڏنو هن کي ساندهہ ٽي سال جو موقعو مهيا ڪيو ويو. مشرف اپريل 2002ع ۾ ريفرينڊم ڪرايو اهو ريفرينڊم قطعي طور جنرل ضياءَ الحق طرفان ڪرايل ريفرينڊم کان مختلف نہ هو. جنهن لاءِ حبيب جالب چيو هو تہ "يہ آسيب ڪا سايہ تا يا ريفرنڊم تا" جنهن جو مطلب اهو تو بيهي تہ پولنگون ويران هيون ۽ ڪير بہ ووٽ ڏيڻ نہ آيو پر مشرف پنهنجو پاڻ کي ايندڙ پنجن سالن لاءِ چونڊرائي ورتو. هن آڪٽوبر 2002ع ۾ چونڊون ڪرايون ۽ پ پ حڪومت کان ٻاهر هوندي بہ ڪافي گهڻا ووٽ حاصل ڪيا. قومي احتساب بيورو معرفت "لٽ ۽ چٽ" واري پاليسي اختيار ڪندي پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) مان باغي ڌڙو ٺاهي کين پاڻ سان ملايو ويو ايم ڪيو ايم سان گڏجي مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتون ٺاهيون ويون.

پنجن ورهين کانپوءِ هينئر صورتحال نہ رڳو سنگين آهي، بلڪ ملڪ عملي طرح ورهايل آهي. پاڪستان هن وقت نہ رڳو فرقيواريت، نسلي بنيادن، پر نيڪي ۽ بدي جي قوتن وچ ۾ ورڇ جو شڪار آهي. ملڪ ۾ ايتري غربت ڪڏهن بہ نہ رهي آهي، جيتري اڄ آهي. هن وقت ملڪ ۾ مذهبي انتها پسندن، فرقيوار جهادين ۽ قومپرست پارٽين جو چڱو خاصو انگ موجود آهي.

پاڪستان جي سياسي ڪئلينڊر جي حساب سان جولاءِ 2007ع جو مهينو نهايت اهم آهي. 15 جولاءِ تي پرويز مشرف کي نهايت اهم فيصلو ڪرڻو هو (جيڪو اڃا نہ ٿي سگهيو آهي). هن کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي تہ کيس پاڻ کي وردي ۾ موجوده اسيمبلين مان ٻيهر صدر چونڊرائڻو آهي، جنهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مخالف ڌر جون پارٽيون راضي ناهن. هڪ لحاظ کان مخالف ڌر ورهايل آهي ۽ هڪٻئي تي اعتماد جو فقدان نظر اچي ٿو. پ پ مولوين تي اعتبار نہ پئي ڪري جڏهن تہ مولانا فضل الرحمان ايندڙ وزيراعظم طور تياري ۾ آهي. هن لاءِ تہ چيو اهو پيو وڃي تہ سترهين ترميم

۾ ان شق داخل ڪرڻ جو ليڪ ٿي هو آهي، جنهن تحت مشرف کي ڊسمبر 2007ع تائين وردي ۾ صدر رهڻ جو آئيني ۽ قانوني جواز ملي ويو. اتي بينظير ۽ نواز شريف لاءِ بہ ٽيون ڀيرو وزيراعظم ٿيڻ لاءِ رڪاوٽ وڌي وئي آهي. جيئن ٿي صورتحال بهتر ٿي تہ 2007ع ڪانپوءِ ايندڙ پنجن سالن لاءِ مشرف خوشيءَ سان مولانا فضل الرحمان کي وزيراعظم طور گڏ ڪٽندو يا وري کيس ڪابينا ۾ ڪو مُک عهدو ڏنو ويندو. چاڪاڻ جو مولانا هِن توڙي هُن جهان لاءِ سُک ۽ شانتي جو سبب بڻبا آهن.

ليڪن 9 مارچ تي چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري طرفان عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ، ڪنهن صوبي جو گورنر يا سفارتڪار ٿيڻ کان انڪار سڄي سياسي منظرنامي کي ئي بدلائي ڇڏيو. حالانڪ چيف جسٽس نئين سر قسم کنيو جنهن 17 هين ترميم کي هٿي ڏني ۽ مشرف جي چونڊ کي قانوني ڪور مهيا ڪيو هن مشرف جي ريفرنڊم جي حق ۾ فيصلو بہ ڏنو هو پر هن جڏهن اهڙي قسم جا فيصلا ڏيڻ شروع ڪيا، جن فوجي عملدارن کي چيڙايو تڏهن مشرف چوڌري افتخار کان آجي ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. هن وقت اهو بہ خطرو موجود آهي تہ ڪوئي ماڻهو ان لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ پٽيشن وجهي سگهي ٿو تہ مشرف جي موجوده اسيمبلين مان ٻيهر چونڊ غير آئيني آهي، باقي هينئر تائين چيف جسٽس تي جيترا بہ دٻاءَ وڌا ويا اهي سڀ اجايا ثابت ٿيا. عدالت ۾ ٽن مک ڳجهن ادارن جي سربراهن جي موجودگي چيف جسٽس جي باغي هجڻ جو نہ رڳو مظهر آهي، بلڪ ان کيس عوام جي نظرن ۾ هيرو بڻائي ڇڏيو آهي. هن کي غير فعال بنائڻ، نظربند رکڻ ۽ وڌيڪ دٻائڻ کيس عوام ۾ پاپولر بڻايو آهي. جڏهن اختيار ڏٽين جون سڀ اٽڪلون ناڪام ٿيون تہ پوءِ 12 مئي تي ايم ڪيو ايم ذريعي چيف جسٽس کي ڪراچي ايئرپورٽ تي روڪيو ويو، شهر کي رت ۾ وهنجاريو ويو، جنهن چيف جسٽس لاءِ عوام ۾ عزت پيدا ڪئي ۽ اختيار ڏٽين لاءِ وڌيڪ نفرت کي جنم ڏنو.

مسلم ليگ (ن) طرفان لنڊن ۾ ڪوٺايل آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ ايم ڪيو ايم خلاف ٺهراءُ پاس ٿيڻ دراصل مشرف ۽ سندس اتحادين خلاف وڌندڙ عوامي ۽ سياسي نفرت جو اظهار آهي. 10 جولاءِ تي لال مسجد واري واقعي تہ ويتر ٻرنديءَ تي تيل وارو ڪم ڏنو. لال مسجد جي ٻنهي خطيب ڀائرن بابت مختلف موقف ٿي سگهن ٿا، پر اهو سوال نهايت اهم آهي تہ ٻنهي ڀائرن کي آخر سرڪاري زمين تي قبضو ڪري ايڏو وڏو

ڪامپليڪس جوڙڻ جي اجازت ڪنهن ڏني. هٿيار جمع ڪرڻ ۽ عالمي سطح جي دهشتگردن جي اچڻ وڃڻ جي اجازت ڪين ڇو ۽ ڪيئن ملي؟ جڏهن ته ملڪ جي هڪ مک گجهي اداري جو هيڊ ڪوارٽر اتان فقط ڏيڍ فرلانگ جي مفاصلي تي آهي. پر اهو سوال به پنهنجي جاءِ تي وزندار آهي ته ڇا رياست کي ماڻهو مارڻ جو لائسنس ڏئي سگهجي ٿو؟ لال مسجد ۾ ٿيل آپريشن ۾ نشانو گهڻو ٿڻو ڪي جهونا. جوان عورتون ۽ مرد ٻڌيا آهن. ڪيترا ماڻهو ان آپريشن جو ڪاج ٻڌيا. اهو اڃا تائين اڻ جوابيل سوال آهي. لال مسجد جي رد عمل طور ميران شاهه. وزيرستان پاسي فوجي جوانن تي اڳهاتي حملا شروع آهن. انهن مان هڪ وڏو خودڪش حملو ويجهڙ ۾ اسلام آباد ۾ چيف جسٽس جي استقبالي ڪيمپ وارو به چئي سگهجي ٿو.

ڇڪتاڻ واري صورتحال، صوبن ۾ لاقانونيت ۽ بحران جو منظرنامو اهو ٿو ٻڌائي ته مشرف پنهنجي ٻيهر صدر طور چونڊ چاهي ٿو. هاڃيڪار ٻوڏ سنڌ. بلوچستان ۽ سرحد ۾ وڏو نقصان ڪيو آهي، عوام ويڳاڻپ جو شڪار آهن ته ڇو ته وفاقي توڙي صوبائي حڪومتون سنجيده قدم کڻڻ ۾ ناڪام رهيون آهن. حقيقت اها آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٻوڏن سبب 35 لک ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن. انهن جو مال متاع، اناج جن جي قيمت اربين رپيا ڪٿي سگهجي ٿي، اهي لڙهي ويا. پر اختيار ڌڻين فوٽوسيشن ڪرائڻ ڪانسواءِ خلق لاءِ ڪجهه به نه ڪيو.

مشرف پاڻ کي جيڪڏهن موجوده اسيمبلين مان صدر چونڊرائڻ جو اعلان ڪيو ته پوءِ جنهن ڏينهن اسيملي ۾ سندس ووٽنگ ٿي رهي هوندي، مخالف ڌر جون پارٽيون ملڪ گير هڙتال جو سڏ ڏئي سگهن ٿيون. اسلام آباد. لاهور، ڪراچي، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ ماڻهو اسيمبلين ۽ عدالتن جو گهيراءُ ڪندا. باقي شهرن ۾ روڊ بلاڪ ٿيندا. ماڻهن ۾ اهو خوف آهي ته جي ايئن ٿئي ٿو ته پوءِ اهو 12 مئي تي ڪراچي ۾ ٿيل رتوڇاڻ جو ورجاءُ هوندو ۽ هڪ ڀيرو وري رتوڇاڻ جا منظر ٽي وي اسڪرين تي دهرائجي سگهن ٿا.

اچو ته دعا ۽ اميد ڪريون ته شال حڪمرانن کي ڪو هوش اچي!

(16 جولاءِ 2007ع)

***

# ٻوڏ جا راڳا ۽ اختيار ڏٽي

سنڌ ۽ بلوچستان جا ماڻهو هن وقت برساتن ۽ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ وٺ پڪڙ ۾ آهن، تڏهن ٻنهي صوبن جي جهونن جي ذهنن تي 1970ع ڌاري چوڌڻ کان اڳ اوڀر پاڪستان ۾ آيل سامونڊي طوفان تري اچي ٿو. سامونڊي طوفان اوڀر پاڪستان لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه هئا، پر سٺ جي ڏهاڪي ۾ جڏهن اوڀر پاڪستان ۾ زوردار سامونڊي طوفانن ڪر ڪنيو تڏهن اتان جو گورنرجنرل اعظم خان هر متاثر هنڌ تي هنگامي طور پهتو پئي. اعظم خان جو تعلق پاڪستان جي فوج سان هو. سرحد صوبي سان تعلق رکندڙ هن شخص کي ايوب خان اوڏانهن اهڙي هنڌ صورتحال تي ضابطي لاءِ موڪليو هو جتي جي سياسي صورتحال انتهائي حساس هئي. پنهنجي سخت محنت ۽ شفيق روئي سبب اعظم خان پنهنجي طور بنگالين جون دليون جيتڻ ۾ ڪامياب ويو. هو سامونڊي طوفان کي نه ته روڪي سگهيو نه وري ماڻهن کي تباهي کان بچائي سگهيو چو ته اهو سڀ ڪجهه سندس وس کان مٿي هو پر هن طوفان سٽيل ماڻهن، بي گهر ٿيل ماڻهن جي مٿي تي شفقت ڀريو هٿ رکيو. هو سندن تڪليف ۾ ساڻن شريڪ رهيو. هن ڪئمپن ۾ ترسيل ماڻهن ۾ ساڻن گڏجي چانور ۽ داليون تقسيم ڪيون. هن ڏکويل ماڻهن کي ڪلاڪن ۽ سندن غم غلطان ڪرڻ خاطر ساڻن ڀوڳ ٺڪاءَ ڪيا. ان ڪري بنا ڪنهن شڪ شبهي جي چئي سگهجي ٿو ته اعظم خان اوڀر پاڪستان ۾ تمام گهڻو پاپولر شخص هو. بلڪ اڄ چاليهه ورهيه گذري وڃڻ کانپوءِ بہ ڪيترائي بنگالي کيس پيار ۽ پاٻوهه وچان ياد ڪن ٿا.

يحيٰ خان ۽ سندس ٽيم غير حساس هئي. اُتي سامونڊي طوفان سبب ٿيل تباهي کي يحيٰ خان ۽ سندس ساٿين سنجيدگيءَ سان نه ورتو. ياد رهي

تہ مذڪوره ساموندي طوفان ۾ لڳ ڀڳ هڪ لک ماڻهو موت جو ٻڪ بڻيا هئا. 50لک ڪان وڌيڪ بي گهر. جڏهن تہ سوين هزارين ماڻهو اهڙا هئا. جن جي گم ٿيڻ ڪانپوءِ پتي جي بہ خبر نہ هئي. بنگالي آسام جو اڳواڻ مولانا عبدالحميد خان ڀاشاني تہ مارشل لا جي اعلان وقت "شلام عليڪم پاڪستان" چئي پري ٿي بيهي رهيو هو. ائين هُن ان وقت ئي ملڪ کي خدا حافظ چئي ڇڏيو هو ۽ هن 1970ع جي عام چونڊن ۾ بہ حصو نہ ورتو. مولانا ڀاشانيءَ طرفان 1970ع جي چونڊن ۾ حصي نہ وٺڻ ئي 1970ع جي چونڊن ۾ شيخ مجيب الرحمان کي شاندار ڪاميابي جو موقعو فراهم ڪيو هو.

هن وقت بلوچستان ان وقت ڀوڏ جي گهيري ۾ آهي، جڏهن اتي آپريشن بہ هلي رهيو آهي. لڳ ڀڳ بہ سال اڳ نواب اڪبر بگٽي صدر مشرف طرفان چتاءُ ملڻ ڪانپوءِ پنهنجي قبيلي جي ماڻهن سميت مارجي ويو. گذريل مهيني جون جي آخر ۾ جڏهن آءٌ پاڻ ڪوئيٽا ۾ هئس، تڏهن بلوچستان اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر اسلم ڀوتاڻي هڪ غير رسمي ڪچهري ۾ هڪ نهايت اهم سوال اٿاريندي چيو تہ "اها ڳالهہ آخر سوچڻ جي آهي تہ حڪومت طرفان بلوچستان ۾ ميگا پراجيڪٽس جي مد ۾ 140 بلين رپين جي سيڙپڪاري ڪانپوءِ بہ بلوچستان جو عوام اسلام آباد کان خوش ناهي." واضح رهي تہ اسلم ڀوتاڻي جو تعلق حڪمران جماعت مسلم ليگ (ق) سان آهي. اهڙي سوال ڪانپوءِ هن پاڻ ئي وضاحت ڪئي، جيڪا اوهان کي بہ گوش گذار ڪجي ٿي "بلوچستان ۾ ترقياتي پروگرام جون اوليتون اسلام آباد طرفان طئي ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ بلوچستان جي مقامي ماڻهن جو ڪوبہ ڪردار ڪونهي. حقيقت اها آهي تہ ان سلسلي ۾ ماڻهو حڪومت کان سخت مايوس آهن." هن چيو پئي. "هاڻوڪي حڪومت صوبي ۾ ست يونيورسٽيون کولڻ جو اعلان ڪيو آهي، جڏهن تہ هتي سوين پرائمري اسڪول ۽ بنيادي صحت مرڪز اهڙا آهن، جيڪي استاد ۽ ڊاڪٽر نہ هجڻ سبب مورڳوئي بند پيا آهن." اهو نہ وساريو تہ اها ڳالهہ هڪ اهڙو شخص ڪري رهيو آهي، جيڪو نہ رڳو حڪومت جو حصو آهي، بلڪ بلوچستان اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر بہ آهي. اندازو ڪريو تہ انهيءَ صورتحال ۾ مخالف ڌر جا سياستدان ۽ هڪ عام بلوچ ڪيترو مايوس هوندا.

بلوچستان جي ضلعي مڪران ۾ حڪومت طرفان تعمير ڪيل ميگا پراجيڪٽس مان ميراڻي ڊيم بہ هڪ وڏو پراجيڪٽ آهي، جنهن تي 5.11

بلين رپيا لاڳت آئي آهي. ايڏي وڏي رقم سان اڏيل اهو منصوبو پهرين ٻوڏ جي ئي سٽ سهي نہ سگهيو ۽ تربت کي ٻوڙان ٻوڙ ڪري ڇڏيائين. تربت مڪران جو ضلعي هيڊڪوارٽر آهي ۽ ان جي پرپاسي ڪيتريون ئي وسنديون آباد آهن. اجا تائين پهچڻ ۾ هڪ هفتو پيو بہ لڳندو. افسوس جو مقام آهي جو تربت ۾ جڏهن ماڻهن حڪومت جي بي حسيءَ خلاف احتجاج ڪيو تہ پوليس قانون لاڳو ڪندڙ ادارا متاثرن ڪڙڪي پيا ۽ مٿن ڳوڙها آڻيندڙ گئس اڇلائڻ سان گڏ ڏنبا پڻ وسايا ويا.

ڪوسٽل هاءِ وي بلوچستان جو ٻيو وڏو ميگا پراجيڪٽ آهي، جيڪو پڻ هاڻ کنڊر بنجي چڪو آهي. ياد رهي تہ ڏهاڪن تائين تربت پسني، گوادر ۽ مڪران جي ٻين علائقن کي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن جون شيون ايران کان سپلاءِ ٿينديون رهنديون آهن. انهيءَ حد تائين جو پيئڻ جو پاڻي بہ ايران کان ايندو آهي. ڪوسٽل هاءِ وي ٺهڻ سان ڪراچي کان مڪران تائين رسائي ممڪن ٿي. جڏهن تہ ميراڻي ڊيم سبب پيئڻ جي پاڻي ۽ زرعي پاڻي جو مسئلو حل ٿيڻ جا امڪان پئدا ٿيا. پر اهي ٻئي اربين رپين جا منصوبا ڪو ڪڙتيل ڏيڻ کانسواءِ ٻوڏ جي نذر ٿي ويا. ايڏو وڏو نقصان ٿي وڃڻ تي ڪنهن کي دُرڙي بہ ناهي آئي، نہ وري ڊيم جي خراب تعمير ۽ ٺٺڻ بابت ناهيندڙن لاءِ ڪنهن سزا جو اعلان ٿيو آهي.

ٻئي پاسي بلوچستان جي بولان پاس، سبي، ڊيرا مراد جمالي ۽ ٻين هنڌن خاص طور سنڌ جي ضلعي جيڪب آباد ويجهو ماڻهو سخت مشڪلاتن جو شڪار آهن. مڪران ۾ ڪجين، ملڪيتن ۽ مال متاع جي وڏي پئماني تي تباهہ ٿيڻ جا اطلاع آهن. جڏهن تہ ماڻهن جو ڪاڏ خوراڪ لاءِ جمع اناج بہ پاڻي لوڙهي ويو آهي.

هاڻوڪي برسات سبب سنڌ ۽ بلوچستان ۾ 20 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن. برساتي ٻوڏ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سوين ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا آهن. 23 جون تي ٿيل برسات ڪراچي ۾ بہ راڳا ڪيا. جنهن ۾ 40 کان وڌيڪ شهري حڪومت ۽ ڇهن ڪينٽومينٽ بورڊن جي ناقص پاليسي سبب ٿيا آهن. برسات دوران 100 سائن بورڊ ڊهڻ سبب ٽي درجن کان مٿي ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. درجن کن بجلي جو شاڪ لڳڻ سبب ۽ ڪيترائي ماڻهو گهر ۽ ديوارون ڪرڻ سبب موت جو شڪار ٿيا. اهي سڀ هترادو نقص آهن. پر

هينئر تائين اُن ڏوهه جي ذميوارن لاءِ ڪنهن به سزا جزا بابت ٻڙڪ ٻاهر ناهي آئي.

ايم ڪيو ايم جيڪا هن وقت عملي طرح سنڌ تي حڪمراني ڪري رهي آهي، ان برسات متاثرن لاءِ هڪ ارب رپيا معاوضي طور ڏيڻ جو حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي. ليڪن ماڻهو اهو ٿا چون ته صوبائي حڪومت ۽ ڪراچي شهري حڪومت پهرين انهن ماڻهن کي پڌرو ڪن، جن اهي ڳرا سائن بورڊ هڻڻ جي اجازت ڏني، جن جي ڪري ماڻهو موت جو ڪاڄ پڻ ٿيا.

افسوس جو مقام آهي ته سنڌ ۽ بلوچستان جي ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن ڏانهن گهڻو ڌيان ناهي ڏنو ويو حالانڪ اهي ماڻهو ٻوڏ کان وڌيڪ متاثر ٿيا آهن. 10 لکن کان وڌيڪ ماڻهو هينئر به کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن، جن وٽ نه ته ڇت آهي، نه وري کاڌ خوراڪ. برساتن جو سلسلو اڃا هلندڙ آهي، ڊزاسٽر مئنيجمينٽ سيل جيڪڏهن ڪو آهي ته اهو ترت تحرڪ ۾ اچي ٻوڏ سبب بي گهر ٿيل ماڻهن جي واهر ڪري سندن لاءِ ڪنهن عارضي اجهي جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. برساتن کانپوءِ جڏهن نديون ۽ نالا پنهنجي اصلوڪي صورتحال ۾ وهڻ لڳندا، تڏهن برسات ۽ ٻوڏ سبب متاثر ماڻهن کي پنهنجي اصلوڪن هنڌن تي پهچايو وڃي. انهن کي تڏهن ئي هڪ سان اُتي گهر تعمير ڪرڻ ۽ جانورن لاءِ اجهي لاءِ مدد جي ضرورت پوندي.

اها خوشقسمتي چئجي جو جنهن وقت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٻوڏون آيون آهن، تڏهن ڪو به فصل بيٺل نه هو. اهي به اطلاع آهن ته برساتي ٻوڏ سبب زميندارن ۽ آبادگارن جي جمع ٿيل ڪڻڪ جي ذخيرن کي نقصان پهتو آهي. ان ڪري حڪومت کي ننڍن آبادگارن لاءِ ان نقصان جو ازالو ڪرڻ گهرجي. هاڻي خريف جي فصل جي پوکائي جي موسم شروع ٿيڻ واري آهي، ليڪن خدشو اهو ڏيکاريو پيو وڃي ته هن سال سيپٽمبر تائين برساتون جاري رهنديون. زرعي توسيعي کاتي کي موسميات جي ماهرن سان گڏجي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ خريف جي فصل جي پوکائي بابت ڪا حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي.

حقيقت اها آهي ته بلوچستان جو سرحدي علائقو برساتن سبب شديد متاثر ٿيو آهي. جتي صوبائي حڪومت پهچي به ناهي سگهي. وزير رڳو اخبارن ۾ تصويرون ڇپائڻ ۾ پورا آهن. حقيقي متاثرن تائين اهي وڃن ئي نه پيا.

(1 جولاءِ 2007)

***

# غريب جو اوهي نہ واهي

حڪومت جيڪا 9 مارچ تي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي بي اختيار بڻائڻ، 12 مئي تي ڪراچي ۾ تيل رتوڇاڻ، مئي جي آخري هفتي ۾ سپريم ڪورٽ بار ۾ وڪيلن طرفان ڪيل جذباتي تقريرن جي ٽيليويزن چئنلن تي سڌي نشريات، پئمرا آرڊيننس ۾ ترميمون ڪري ميڊيا جي آزادي کسڻ ۽ ان ڪانپوءِ پيمرا آرڊيننس واپس وٺڻ وارن مامرن ۾ الجهيل هئي، هاڻي ان کي 9 جون ڪانپوءِ بجيٽ جي ردعمل کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. 9 جون تي قومي اسيمبلي ۾ خزاني جي مملڪتي وزير عمر ايوب خان بجيٽ تقرير ڪئي، جنهن مان پرويز مشرف ۽ شوڪت عزيز جي حڪمرانيءَ جا وڪا پڌرا پئي ٿيا. "جيتوڻيڪ بجيٽ تقرير ۾ ڪافي تفصيل ڪٽل هئا، پر پوءِ بہ ان ۾ اڳوڻين حڪومتن جي پوئواري ڪئي وئي آهي." بلڪ هو حيرت ڪائيندي اهو چوي ٿو تہ "عمر ايوب خان اهو چو ٿو وساري تہ سندس ڏاڏو ايوب خان ماضيءَ ۾ اهڙين ئي ٻن حڪومتن جو حصو رهيو ۽ سندس ڏاڏو ايوب خان ماضيءَ ۾ اهڙي ئي حڪومت جو سربراهہ رهي چڪو آهي. ڇا هو انهن سمورين اڳوڻين حڪومتن کي برو ٿو سمجهي؟ اهو سوال اڄڪلهہ اڪثر سياستدان اُٿاري رهيا آهن." 8-2007ع جي بجيٽ جيڪا ملٽري-سويلين حڪومت پيش ڪئي آهي، ان ماڻهن ۾ ٻي چيني ڦهلائي آهي، جڏهن تہ اها بجيٽ ساڳئي وقت ويجهي مستقبل ۾ ٿين چونڊن جو تاسڪ بہ پاڻ سان گڏ رکي ٿي. انهن مان هڪ تہ آهي هاڻوڪين اسيمبلين مانورديءَ ۾ ٻيهر صدر طور "جنرل جي چونڊ" ۽ ٻي آهي نين اسيمبلين لاءِ چونڊ.

بجيٽ ۾ غريبن جي رليف خاطر سبسڊي جو تمام گهٽو سهارو ورتو ويو آهي. ليڪن 8_2007ع جي بجيٽ ۾ 1025 بلين رپين جي ٽيڪس پئڪيج جي ناٽي واڌ واري دٻاءَ جو شڪار بہ وڌ مان وڌ غريب ئي ٿيندو. بجيٽ ۾ 7_2006ع ۾ ٽيل ٽئڪس وصولي جي پيٽ ۾ 8_2007ع ۾ ٽيڪس اوڳاڙي جو حدف 190 بلين رپيا وڌيڪ رکيو ويو آهي. قومي معيشت جي شرح ۾ بہ 7.2 سيڪڙو جي واڌ جو حدف رکيو ويو آهي. هن وقت قومي معيشت 146 بلين ڊالر (8760بلين رپيا) آهي. سمجهيو اهو پيو وڃي تہ معيشت جي ترقيءَ جو مقرر حدف 7.2 سيڪڙو سان حاصل ٿي سگهندو پر اهو ڏاڍو مشڪل آهي، ڇاڪاڻ جو هي سال عام چونڊن جو سال آهي ۽ هتي ٻيا ئي گهڻا مسئلا آهن، معاشي ميدان ۾ وڌ مان وڌ 500 کان 550 بلين جي حاصلات ممڪن ٿي سگهي ٿي. ان جو مطلب ڇا ٿيو؟ انهيءَ جو مطلب اهو ٿو ٿئي تہ حڪومت 500 کان 550 بلين روپين مان 190 بلين رپيا وصول ڪرڻ ٿي چاهي. جڏهن تہ قومي معيشت ۾ توسيع جو فائدو ملڪ جي تمام مختصر آباديءَ کي پوندو، جنهن جو انگ 7 يا 8 سيڪڙو مس آهي، جن ۾ بہ اسٽاڪ ايڪسچينج جا بروڪر، وڏا واپاري، وڏا زميندار، بدعنوان سرڪاري ملازم ۽ سياستدان شامل آهن. جڏهن تہ 190 بلين اضافي ٽيڪس جو سمورو بوجهہ عوام تي پوندو.

حڪومت جي پنهجي اعتراف موجب ملڪ جي 24 سيڪڙو آبادي غريب آهي ۽ انهن کي ٽيڪس ادا نہ ڪرڻو پوندو، پر انهن ئي ماڻهن کي کاڌ خوراڪ ۽ ماني ٽُڪي جي سلسلي ۾ وڌيڪ قيمت ادا ڪرڻي پوندي. باقي رهيل 76 سيڪڙو آبادي جيڪا وڏي اڪثريت ٿئي ٿي، اها بدترين غربت ۾ گهاري ٿي. وچولي طبقي جو مختصر تعداد جيڪو ٽئڪس ڀري ٿو ۽ شيون خريد ڪري ٿو اهو بہ هڙان وڙان ڀريندو. هر ايندڙ ڏينهن سان غريب وڌيڪ غريب تر ۽ امير وڌيڪ امير تر ٿيندو ويندو. غريب ۽ امير وچ ۾ اها وڌندڙ وڇوٽي چونڊ مهم جو حصو بڻبي ۽ حڪومت لاءِ ڏاڍيون ڏکيائون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

هاڻوڪي بجيٽ صنعتڪارن جي هانوَ تي بہ ڪو ڇنڊو ناهي هنيو، جو تہ 398 امپورٽ آئٽمس کي زيرو ڪيٽگري ۾ رکيو ويو آهي، جنهن

ڪري Public Exchequer ۾ 9 بلين جو خسارو ٿيندو حڪومت ڊيوٽي ۽ ٽيڪس جا اگهه ري ايڊجسٽ ڪيا آهن ۽ هڪ سيڪڙو سرچارج سموري امپورٽ تي لاڳو ڪئي وئي آهي، جتان حڪومت کي 44 بلين ربيا واڌو حاصل ٿيڻ جي توقع آهي. حاصل مطلب تہ حڪومت مذڪوره ڊوڙ ۽ ڊڪ ذريعي 34 بلين واڌو حاصل ڪري سگهندي. جڏهن تہ قومي صنعتن جي پئداوار جون قيمتون وڌي وينديون. پاڪستان جون صنعتي پراڊڪٽس اڳ ۾ئي عالمي طور ايڪسپورٽ مارڪيٽ ۾ مقابلي کان ٻاهر آهن. نہ رڳو اهو پر ملڪ اندر بہ پاڪستان جون صنعتي شيون ٻين ملڪن جي شين کان مهانگيون آهن. اهوئي سبب آهي جو هاڻي پاڪستان ۾ چين جي مصنوعات جي ڀرمار آهي، ڪنهن بہ شئي جي رڳو نالي ڪٽڻ جي دير آهي، باقي اها اوهان کي چين مان پاڪستان ۾ ملي سگهندي. واضح رهي تہ مصنوعات تي حڪومت طرفان هڪ سيڪڙو ٽيڪس لاڳو ٿيڻ سبب اسمگلنگ جون رجحان وڌندو ۽ ذخيره اندوزي کي پڻ هٿي ملندي.

حقيقت ۾ هاڻوڪي بجيٽ واپارين، اسٽاڪ ايڪسچينج جي بروڪرن، بئنڪرن ۽ پراپرٽي ڊيلرز لاءِ فائديمند آهي. اسٽاڪ ايڪسچينج جي حوالي سان ڪجهه ٽئڪسن جي ڇڏ ڇوٽ اڄڪلهه بحث جو موضوع بڻيل آهي. ڊاڪٽر مبشر حسن 1973ع ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج تي Capital Gains tax لاڳو ڪرايو هو. ان بابت اسٽاڪ بروڪرن لڳاتار دانهن پئي ڪئي تہ ڪمپني شيئرز جي ٽرانزڪشن دوران سندن نفعي تي ٽيڪس لاڳو نہ ڪيو وڃي. يارت توڙي دنيا جي ٻين ملڪن ۾ اسٽاڪ بروڪر ٽئڪس بچائڻ لاءِ ڇهہ مهينا بہ شيئر وڪرو ناهن ڪندا، پر پاڪستان اهڙو ملڪ آهي، جتي اسٽاڪ ايڪسچينج جا بروڪر نفعو ڪمائڻ لاءِ هڪ ڏينهن ۾ سئو ڀيرا شيئر جي ٽرانزڪشن ڪن ٿا ۽ ان تي نفعو بہ ڪمائن ٿا. اهي ان نفعي تي ڪو بہ ٽيڪس نٿا ڀرين، اهو ڪم تہ پتي ڪيو هو جو هن 1974ع ۾ ڊاڪٽر مبشر جي فارمولا کي رد ڪندي بروڪرن کي اسٽاڪ شيئرن تي ٽئڪس جي ڇوٽ ڏئي ڇڏي. تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اسٽاڪ ايڪسچينجون وڏا جوا خانا بڻجي ويون آهن.

جتي سگھاريون ڏريون ۽ وڏيون مڇيون ننڍي سيڙپڪار جي قيمت تي مارڪيٽ کي پنهنجي حق ۾ يرغمال بڻائي وڏو نفعو ڪمائين ٿيون. اسٽاڪ شيئرن ۾ اوچتو واڌ ڏيڍ درجن کان مٿي اسٽاڪ بروڪرن کي راتو رات ارب پتي بڻائي ڇڏيو. هاڻي ته انهن جو خزانو ڪروڙن ۽ اربن ۾ نٿو ماپي سگهجي، بلڪ ٽن جي حساب سان توري سگهجي ٿو.

بئنڪن سال 2006ع ۾ 60 بلين رپيا نفعو ڪمايو ۽ اهو نفعو 2007ع ۾ 80 بلين ٿيڻ جو امڪان آهي. انهي لحاظ کان بئنڪنگ سيڪٽر هاڻوڪي حڪومت کي وڏي ٽيڪ ڏني آهي.

ساڳيو معاملو وڏن زميندارن جو آهي. جيڪي صوبائي ۽ قومي اسيمبلين ۾ به آهن ته صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن ۾ به. انهن جي آمدني تي ڪو به ٽئڪس لاڳو ناهي. سينٽرل بورڊ آف روينيو صدر مشرف کي هڪ تفصيلي بريفنگ ۾ اها سفارش ڪئي آهي ته وفاقي حڪومت صوبن جي ڪاتي ۾ اهو ٽيڪس وصول ڪري، زرعي آمدني تي ساليانو ٽيڪس 50 کان 60 بلين رپيا اوڳاڙي سگهي ٿو جيڪو هن وقت ٻه بلين رپين کان به گهٽ آهي. جيئن ته اهو معاملو صوبائي خودمختياري سان واڳيل آهي، ان ڪري في الحال سينٽرل بورڊ آف روينيو جي مشوري کي پاسي تي رکيو ويو آهي.

هن ڀيري بجيٽ ۾ پراپرٽي ڊيلرز کي به ٽئڪس کان آجو رکيو ويو آهي. ان شعبي تي ٽئڪس مڙهڻ بدران هڪ ٽرسٽ جوڙي پئي وڃي، جيڪا پراپرٽي جي واپار مان ڪمايل ناڻي کي اڇو ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندي. اليڪشن واري هن بجيٽ ۾ امير لاءِ کير ۽ ماکيءَ جا واهڙ وهايا ويا آهن. پر ان ۾ غريب لاءِ ڪجهه به ناهي. بجيٽ ۾ غريبن ۽ تيل جي بلن ۾ 23 لک ٽيوب ويلن، ياڻ، ڪند، ڪڻڪ ۽ دالين تي رعايت خاطر 114 بلين رپيا سبسڊي پئڪيج ڏنو ويو آهي. حڪومت اعلان ڪيو آهي ته ملڪ جي 30 سيڪڙو آبادي تائين سستين شين جي دستيابيءَ لاءِ سڄي ملڪ ۾ پنج هزار يوٽلٽي اسٽور کوليا ويندا. جتي ماڻهن کي اٽو، ڪنڊ، چانور ۽ داليون سستي اگهه تي ملي سگهنديون. حڪومت 9 جون کان وٺي بجيٽ کي ”غريبن جي بجيٽ“ ڪوٺي پنهنجا پٽا ڪيڏي رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو حڪومت اها پئي دعويٰ ڪري ته هن کان اڳ پاڪستان جي تاريخ ۾ اهڙي غريب پرور بجيٽ پيش ناهي ڪئي وئي.

جيڪڏهن رڪارڊ ڪٺي ڏسبو تہ گذريل ويهن سالن کان حڪومتون سبسڊي ڏينديون آيون آهن، ڇو تہ "غريب ۽ غربت" منڍ کان هن ملڪ جو وڏو مسئلو آهي، جيڪو ڪا بہ حڪومت حل نہ ڪري سگهي آهي. غريب ۽ غربت اهڙو مسئلو آهي، جنهن تي هر سياسي ڏر توڙي فوج سياست پئي ڪئي آهي. 1989ع ۾ جڏهن بينظير ڀٽو جي حڪومت بجيٽ پيش ڪئي تڏهن ان ۾ بہ سبسڊين جو سهارو ورتو ويو هو ياد رهي تہ 90ع واري ڏهاڪي ۾ پاڪستان ڪڻڪ امپورٽ ڪندڙ ملڪ هو 1990ع جي بجيٽ ۾ امپورٽ ٿيل ڪڻڪ جي وڪري تي 10 بلين رپيا سبسڊي ڏني وئي هئي. 1993ع ۾ اها سبسڊي وڌي وڃي 17 بلين رپيا ٿي. ايئن 1997ع ۾ نواز شريف حڪومت غريبن لاءِ "فوڊ ڪوپن" متعارف ڪرايو.

اها وري هڪ الڳ ڪٿا آهي تہ اهي حڪومتي ڏنل سبسڊيز ڪڏهن بہ غريب تائين نٿيون پهچن. اها سبسڊي بہ شاهوڪارن ۽ با اثر ماڻهن جي هٿ چڙهي ٿي وڃي. شهر جا واپاري ان سبسڊي کي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ملڪ ۾ غربت اڄ بہ موجود آهي ۽ ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي وٺي.

اهو نقطو بہ وسارڻ جوڳو ناهي تہ هاڻوڪي -حڪومت عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي سهڪاري آهي. جڏهن تہ آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ سبسڊي جون مخالف آهن. حقيقت تہ اها آهي تہ عالمي بئنڪ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف حڪومت کي مشورو ڏنو آهي تہ اهي ڪڻڪ تي سبسڊي ختم ڪري ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان ۽ يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن کي بند ڪري ڇڏين. اهي ادارا فقط ڏيکاءُ خاطر هلايا پيا وڃن، باقي جنهن ڪم لاءِ اهي قائم ڪيا ويا هئا، اهي ڪم سرانجام ڏيڻ ۾ ناڪام ويا آهن. اهي رڳو اهو ڏيکارڻ لاءِ آهن تہ حڪومت غريب جو خيال رکي ٿي.

(16 جون 2007ع)

***

## سنڌين جي شهر ڪراچيءَ ۾ پٺاڻ، مهاجر مفاد جي جنگ

ڪراچيءَ ۾ 12 مئي تي ٿيل رتوڇاڻ ڪانپوءِ جڏهن عوامي نيشنل پارٽي جو سربراهه اسفند يار ولي خان ڪراچي آيو تڏهن هو اها ڳالهه قبولڻ لاءِ تيار ئي نه هو ته ڪو اها رتوڇاڻ نسلي بنيادن تي ٿي. هو ڪراچيءَ جي ڊفينس ۾ موجود 'مردان هائوس' تي ترسيو ۽ پٺاڻن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪيائين. تڏهن سنڌن اهم مسئلو معاوضي جو هو. جنهن جو پختون ايڪشن ڪميٽي يا لويا جرڳي طرفان مطالبو ڪيو پئي ويو. پختون ايڪشن ڪميٽي 30 ڪان وڌيڪ جانين جي ضايع ٿيڻ، زخمين، ملڪيتن ڪي پهتل نقصان ۽ سڙيل بسن بابت معاوضي جو مطالبو ڪري رهي آهي.

12 مئي تي 40 ڪان وڌيڪ ماڻهو موت جو ڪاچ ۽ 120 ڪان وڌيڪ زخمي ٿيا. ملڪيتن کي به وڏي پيماني تي نقصان پهتو. اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي ته ان ڏينهن وڌيڪ جانيون پٺاڻن جون ضايع ٿيون ۽ نقصان به سنڌن وڌيڪ ٿيو پر ساڳئي وقت سنڌي، مهاجر، پنجابي ۽ بلوچ به متاثر ٿيا. جڏهن ته سڀ پارٽيون اهو تسليم ڪن ٿيون ته ان ڏينهن مارجي ويلن توڙي زخمي ٿيلن ۾ سڀني پارٽين جا ماڻهو شامل آهن. ايم ڪيو ايم جي دعويٰ آهي ته سنڌن اردو ڳالهائيندڙ ڪارڪن پڻ قتل ٿيا. جماعت اسلامي، پ پ، مسلم ليگ (ن) ۽ سني تحريڪ به 12 مئي تي ٿيل قتلام ۾ پنهنجي ڪارڪنن جي مارجڻ جي ڳالهه ڪن ٿيون.

ليڪن معاوضي جو مطالبو فقط پختون ايڪشن ڪميٽي ڪيو. اسفند يار ولي ايم ڪيو ايم تي سخت چڙيل هو ۽ سنڌن قيادت سان ملڻ لاءِ به تيار نه هو. هن جو چوڻ هو ته 12 مئي تي ڪراچي ۾ ٿيل رتوڇاڻ جي ذميوار ايم ڪيو ايم آهي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن اها چڪتاڻ لساني نه هئي ته پوءِ ان رڳو پختونن کي ڪيئن متاثر ڪيو؟

۽ پوءِ سنڌ جو گورنر ڊاڪٽر عشرت العباد اسفند يار ولي سان مردان هائوس ملڻ ويو. گورنر جماعت اسلامي جي اڳواڻ پروفيسر غفور احمد سان سندس رهائش گاهه تي پڻ مليو. بلاول هائوس به ويو جيڪا نهايت مثبت ڳالهه چئي سگهجي ٿي. سنڌ سرڪار مارجي ويلن ۽ زخمين لاءِ معاوضي جو اعلان ڪيو جنهن موجب مارجي ويلن جي پونئيرن کي ٽي ٽي لک ۽ زخمين کي ڏيڍ لک رپيا ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي وئي، جڏهن ورڻ پرويز مشرف ڪراچي دوري تي آيو ته هن معاوضي جي رقم ٻيڻي ڪري ڇڏي.

اسفند يار ولي خانگي چئنل 'هم ٽي وي' کي انٽرويو ڏيندي چيو ته "ڪراچي دنيا ۾ پٺاڻن جو سڀ کان وڏو شهر آهي، ٻئي ڪنهن به شهر ۾ ايتري انگ ۾ پٺاڻ نٿا رهن. جيترا ڪراچي ۾ رهن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن جي اڪثريت مزدور طبقي سان سلهاڙيل آهي." اهي ويچار آهن هڪ پختون قومپرست جا. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اسفند يار ۽ سندس ٻيا پختون قومپرست اها ڳالهه قبول ڪندا ته سندن ڌرتي جنهن کي اهي پختونخواهه چون ٿا، ان جي ڪنهن حصي تي پنجابي يا بلوچ والار ڪن؟ پاڻ ان ڳالهه تي متفق آهيون ته غريب ۽ مزدور پٺاڻ کي ڪراچي اچي روٽي روزي ڪمائڻ جو حق آهي، پر آخر ڪيستائين؟ ياد رکڻ گهرجي ته 1947ع کان اڳ به ڪراچي ننڍي کنڊ جو انتظامي طرح بهترين شهر هو. تڏهن به ڪراچي ننڍي کنڊ جي ٻين حصن مان ڪيترن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. سنڌ ۾ خاص طور شڪارپور ۽ ڪراچيءَ ۾ پٺاڻ ڪٽنب آباد آهن. 1947ع کانپوءِ ورڻ پارت جي اقليتي مسلمان آبادي وارن صوبن مان مهاجرن ڪراچي جو رخ ڪيو. پوءِ جڳ ڏٺو ته ڪجهه ورهين اندر ئي ڪراچي جي آبادي جيڪا 1947ع ۾ ٽي لک هئي، اها وڃي ڏهه لک کي پهتي.

آباديءَ ۾ تڪڙي واڌ ڪيترن ئي مسئلن کي جنم ڏنو پر تڏهن جيڪي ماڻهو ڀارت کان لڏي آيا هئا، تن جي حڪومت سرپرستي ڪئي. انهن مان ڪيترائي ماڻهو پڙهيل لکيل ۽ واپاري هئا. ان ڪري ڪراچي کي صنعتن ۽ واپار جو مرڪز بڻجڻ ۾ گهڻو عرصو نه لڳو. ڪراچي جا رهائشي علائقا به وسعت اختيار ڪري ويا. پنجاهه جي ڏهاڪي ۽ ان جي پڇاڙيءَ ۾

لياقت آباد، ناظم آباد ۽ نارٿ ناظم آباد جا علائقا وجود ۾ آيا. وفاقي راڄڌاني جي شهر طور فيڊرل بي ايريا، فيڊرل سي ايريا بہ تڏهن جڙيا. نيو ڪراچي ۽ نارٿ ڪراچي جي منصوبابندي ڪئي وئي.

گڏاپ ڪي وفاقي سيٽ بڻائڻ لاءِ ڪم ٿيڻو هو اتي ئي پارليامنٽ هائوس، تمام وڏو سيڪريٽريٽ، جي ايڇ ڪيو نيول ۽ ايئرفورس هيڊڪوارٽر ۽ سرڪاري دفتر ٺاهڻ جي بہ منصوبابندي ڪئي وئي هئي. ان منصوبي موجب نيو ڪراچي، نارٿ ڪراچي، فيڊرل بي ۽ سي ايريا ۽ نارٿ ناظم آباد وفاقي راڄڌاني جا سيٽلائيٽ ٽائون ٿيڻا هئا. پر جڏهن ايوب خان اقتدار سنڀاليو تہ ڪراچي جا اهي سمورا ترقياتي منصوبا اُتي جو اُتي رهجي ويا. ايوب خان جو پهريون فيصلو ڪراچي ڪي وفاقي راڄڌاني رکڻ بدران پوٺوهار ڏانهن راڄڌاني منتقل ڪرڻ جو سامهون آيو. ڪراچي کان اسلام آباد وفاقي راڄڌاني جي منتقلي سبب سمورا ترقياتي ڪم معطل ٿي ويا. ان ڪانپوءِ هن پناڻن جي سرحد صوبي مان ڪراچي لڏپلاڻ جي رٿابندي ڪئي. ان جُڳ جي ماڻهن کي اڃا بہ ياد هوندو تہ 1959ع جي پڇاڙيءَ ۾ ايمپريس مارڪيٽ ۾ هڪ هڪ سئو پناڻ مزدور گاڏا پيا ڏڪيندا هئا. تڏهن کان گاڏا ڇڪيندڙن کي لوڪل باڊي طرفان نيري ۽ ناسي رنگ جي ٽين جي پليٽ تي لائسنس جاري ڪيا ويا، هر هٿ گاڏو ڇڪيندڙ کي مخصوص علائقو ۽ وقت ڏنو ويو هو. اهي رجسٽرڊ هئا ۽ کين لائسنس بدلي ٿوري ٽڪي رقم بہ ڏيڻي پوندي هئي. انهي حد تائين جو ننڍي کان ننڍو واپار بہ رڪارڊ تي هوندو هو پر 1958ع جي مارشل لا ڪانپوءِ پناڻ ڪراچي تي ڪڙڪي پيا. پنجابين 1954ع ۾ ون يونٽ ڪانپوءِ ان وقت ڪراچي جو رخ ڪيو جڏهن پنجاب پوليس ايڪٽ لاڳو ٿيو. صدر بوهري بازار ۽ ايلفي بازار ڪراچي جي ماڻهن جون مک بازارون هيون. سنڌ ۾ رٿابندي سان آبادڪاري ڪرائي وئي. پناڻن جي آمد ايوب خان جي حڪومت سنڀالڻ ڪانپوءِ زور پڪڙيو ياد رهي تہ ان وقت دربار علي شاهہ کي ڪراچي ۾ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو. جنهن پڻ هتي پناڻن جي آباد ڪاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

1947ع کان اڳ ڪراچي ننڍي ڪنڊ جي بهترين انتظامي شهرن مان هڪ هو جڏهن ڀارت مان مهاجر سنڌ ۾ خاص طور سنڌ جي وڏي شهر ڪراچي ۾ آيا. تڏهن ڪراچي جو سمورو نظام درهم برهم ٿي ويو پر جهڙو تهڙو نظام پوءِ به هليو پئي. 1954ع ۾ ون يونٽ ٺهڻ ۽ ايوب جي اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ معاملا وڌيڪ ڳنڀير ٿي ويا. هر طرف لاقانونيت ڦهلجي وئي، پوليس لينڊ مافيا، غير قانوني وستين جي قيام ۽ قبضا گيريءَ جي سرپرست بڻجي وئي.

ايوب خان جي مس فاطمه جناح خلاف ڌانڌلين ذريعي چونڊون کٽڻ کانپوءِ تڏهن گوهر ايوب طرفان فتح جي خوشيءَ ۾ بندر روڊ تي ريلي ڪڍي وئي هئي، ريليءَ ۾ سمورا پٺاڻ شريڪ هئا. ايئن ڀهريون ڀيرو انهن جي هٿن ۾ سرعام پستول ۽ بندوقون نظر آيون. انهي ريلي ۾ ڪتن کي ڳچيءَ ۾ لالٽين ٻڌا ويا هئا. ياد رهي ته لالٽين مس فاطمه جناح جو انتخابي نشان هو. پٺاڻ نعرا هڻي رهيا هئا ۽ فائرنگ به ڪيائون ٿي. انهي هجوم تڏهن هڪ بنگالي وستي کي گجرو نالي ويجهو باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو هو ۽ پوءِ لياقت آباد وٽ پهچڻ کانپوءِ 'مرحوم ابن حس جرچوي' جي گهر تي فائرنگ به ڪئي وئي هئي، ڪراچي ۾ اها ڀهرين پٺان-مهاجر لساني ڇڪتاڻ هئي.

ان دؤر کان وٺي پٺاڻ ڪراچي ۾ سياسي، مذهبي مظاهرن ۽ جلسن ۾ نظر اچڻ لڳا. 1977ع ۾ جڏهن ڀُٽي خلاف پي اين اي مهم شروع ڪئي تڏهن به پٺاڻ ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. پوءِ اهي مظاهرا پر تشدد بڻجي ويا. انهن مظاهرين پ پ سان لاڳاپيل عبدالرحمان خٽڪ جي گهر تي پڻ حملو ڪيو هو جنهن ۾ سندس ڀيڻ زندهه سڙي وئي هئي، لياقت آباد ۾ سنڌي هوٽل ويجهو الله بندي نالي پ پ جي ڪارڪن کي تشدد ڪري ماريو ويو انهن حد تائين جو سندس لاش کي به مسخ ڪيو ويو هو.

پٺاڻن ڪراچي توڙي سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ضياءَ جي دور ۾ طاقت حاصل ڪئي، افغان جهاد کين تمام گهڻا ذريعا مهيا ڪري ڏنا. ايئن پوءِ ڪراچي ۽ اندرونِ سنڌ پٺاڻ جي انگ ۾ واڌ آئي، مهاجر-پٺاڻ وچوٽي وڌي جيڪا 1986ع ۾ ان وقت لساني جهيڙي ۾ تبديل ٿي وئي، جڏهن سر سيد گرلز ڪاليج جي شاگردياڻي بشريٰ زيدي کي پٺاڻ بس ڊرائيور چيپاٽي ماري ڇڏيو هو ان وقت شروع ٿيل لساني جهيڙي ۾ ڪراچي اندر 180 ماڻهو موت جو کاڄ بڻيا هئا.

مهاجر قومي موومينٽ به 1986ع ۾ ٺهي وجود ۾ آئي. بشريٰ زيدي مامري جي تسلسل ۾ علي ڳڙهه ڪالوني اندر ٿيل فساد سبب رڳو ڪجهه ڪلاڪن اندر 20 ماڻهو موت جو کاڄ بڻيا هئا. ايئن پوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم جي ريلين دوران به مهاجر-پٺاڻ ٽڪرار تيز نظر اچن ٿا.

1988ع جي چونڊن کان اڳ اي اين پي سربراهه ولي خان ڪراچي ۾ الطاف حسين سان ملاقات ڪئي ۽ ٻنهي وچ ۾ ناهه عمل ۾ آيو. ان کانپوءِ لاڳيتو ٻنهي ڌرين وچ ۾ امن رهيو پر 2003ع ۾ جڏهن ايم ڪيو ايم کي سنڌ حڪومت ۾ وڏو حصو مليو تڏهن کان ڪراچي توڙي سڄي صوبي ۾ هڪ نئين صورتحال سامهون آئي آهي. ڪراچي عالمي طور ريئل اسٽيٽ جو ڪم ڪندڙ قوتن لاءِ مک هنڌ بڻجي پيو آهي. منهوڙي ٻيٽ تي هوٽل وغيره ناهڻ جي رٿابندي آخري مرحلي ۾ آهي ۽ ڪراچي ويجهو سونمياڻي جي ساحل کي تفريحي هنڌ بنائڻ لاءِ ان کي ترقي وٺرائي وينديء سنڌ جا ٻيٽ ته اڳ ۾ ئي وڪرو ٿي چڪا آهن، سمنڊ جو مهاڳو به نيلام ڪيو ويو آهي. بلڪ سڄو ساحل سمنڊ دٻئي جي سيڙپڪارن کي ڏنو ويو آهي، جتي ملير سيڙپڪارن لاءِ جاذب نظر آهي، اتي گلستان جوهر به به ڪائنڻ اوجهل ڪونهي ۽ اهي اتي پنهنجا جوهر ڏيکارين پيا.

ظاهر آهي ته ڪراچي ۾ ٿيندڙ انهي نام نهاد ترقي ۽ سيڙپڪاري جو ڦل مهاجر ئي کڻن پيا. جڏهن ته ملير ايڪسٽينشن ۽ گلستان جوهر ۾ هڪ روحاني پيشوا جي پوئن کي زمينن تي قبضا گيري جو لائسنس مليل آهي، بلوچن کي به ٿورو ٽڪو ملي پيو پنجابي جنهن کي پنهنجي سمورن وسيلن (اڄڪلهه پاڪستان ۾ 40 وڏن شاهوڪار ڪٽنبن مان 28 خاندان پنجابين جا آهن.) سميت ڪراچي جي وڻج واپار ۾ گهڻو حصو نه ملي، پٺاڻ پڻ پنهنجو حصو چاهين پيا. ايم ڪيو ايم حڪومت کين اهو ڪجهه نه پئي ڏئي، پٺاڻن جي غيرقانوني وستين کي هيلتائين نه رڳو پڪو ناهي ڪيو ويو بلڪ اهي ڊاٿيون به ويون آهن. پٺاڻ فشريز جي واپار ۾ به لٿل آهن. هاڻي اهو پوين پساهن ۾ آهي، اهي ٽرانسپورٽ ۾ آهن. سنڌن بسون 45 کان 50 سال پراڻيون آهن. هن وقت ڪراچي ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ ڪمپنين ذريعي نيون بسون آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. طاقتور پٺاڻ مافيا ايئن ٿيڻ جي خلاف آهي، ڪجهه ٽرانسپورٽ ڪمپنين کي ته زبردستي تڏو پٽايو ويو آهي.

اطلاع تہ اهي بہ آهن، تہ سنڌ حڪومت نيشنل بئنڪ جي اسڪيم هيٺ 60 هزار رڪشا ڪراچي جي روڊن تي آڻڻ واري آهي، ان سان گڏ ڪراچي ۾ آرامده ۽ تيز رفتار پبلڪ ٽرانسپورٽ هلائڻ جي بہ رٿابندي، ڪئي پئي وڃي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو پٺاڻ پنهنجي مفادن کي خطرو سمجهي ٿو 12 مئي تي ٿيل ڇڪتاڻ دراصل پٺاڻ-مهاجر وچ ۾ مفادن جو جهيڙو آهي، وقتي طور ڪٺي اهو معاملو دٻجي ويو آهي، پر اهو وري اُڀري سگهي ٿو ڇو تہ پٺاڻ-مهاجر تڪرار جو جيڪو بنياد آهي، اهو پنهنجي جاءِ تي موجود آهي.

پنهنجي ئي گهر کي لڳندڙ ڏاڙي واري کيڏاڙ کي سنڌي ۽ بلوچ خاموشيءَ سان ڏسي رهيا آهن. ممڪن آهي اهي ڪجهہ عرصي جي خاموشي اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ ميدان ۾ لهي پون، جي ايئن ٿيو تہ پوءِ معاملو اڃا خطرناڪ رخ اختيار ڪندو. سنڌ صدين کان سندن وطن آهي، ڪين سندن ئي گهر ۾ اقليت ۾ بدلائڻ نٿو جڳائي، ان ڪري سيني سياسي ڌرين کي ان معاملي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي، اهو سچ آهي تہ پنجاب ۽ سرحد ۾ آبادي گهٽجي گهاٽي آهي ۽ ان جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ آبادي ڇدي آهي، باوجود ان جي الله تعاليٰ سنڌ ۾ بلوچستان کي ڪيترن ئي قدرتي وسيلن سان مالا مال ڪيو آهي، ان جو مطلب اهو ناهي تہ سنڌ ۽ بلوچستان تي والار ڪئي وڃي، ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌ ۽ بلوچستان جا ماڻهو هميشہ پنهنجي پيل ناهڻ رهيا، نہ وري ايترا منتشر رهيا آهن، جيترا اهي اڄڪلهہ آهن.
(15 جون 2007ع)

***

# سنڌ لاءِ گھاٽي جو سودو

80ع واري ڏهاڪي دوران آمر جنرل ضيا طرفان ۽ 97_1996ع ۾ اسٽيبلشمينٽ جي حمايت يافتہ فاروق لغاري ۽ معراج خالد جي نگران حڪومت طرفان کنيل قدمن جي پوئواري ڪندي مشرف ۽ شوڪت عزيز بہ وسيلن جي ورڇ بابت اهڙائي قدم کنيا آهن جن سان کين وڏي صوبي پنجاب جي حمايت حاصل ٿي سگهي. مذڪوره فارمولي سبب سنڌ ۽ بلوچستان کي پنجاب ۽ سرحد لاءِ گهٽو ڪجھ ڏيڻو پئجي رهيو آهي. چاڪاڻ جو وسيلن جي ورڇ جو بنياد رڳو آبادي کي بڻايو ويو آهي. جڏهن تہ پاڪستان جي قيام وقت اهو پنجاب ئي هو جنهن آبادي جي بنياد تي وسيلا ورهائڻ ۽ ملازمتون ڏيڻ بابت سوال اٿاريو هو ڇو تہ تڏهن اوير پاڪستان ۾ بنگالين جي آبادي 54 سيڪڙو هئي. مرحوم ايوب خان پنهنجي آتوبايو گرافي "Friends not Masters" ۾ لکي ٿو تہ "هو 50. واري ڏهاڪي جي شروعاتي ڏينهن ۾ لنڊن جي هڪ هوٽل ۾ بيمار ٿي پيو هو ۽ اهائي بي آرامي واري رات هئي جنهن ۾ هن اولهہ پاڪستان لاءِ ون يونٽ جو خاڪو جوڙيو ۽ پاڪستان ۾ اتفاق راءِ آڻڻ چاهي." ان ڪري بنگلاديش ناهڻ جو ڪريڊٽ ايوب خان کي ئي ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو 68_1967 ع ۾ جڏهن بنگالي اجا حڪومت ۾ شامل ئي هئا تہ هتان جي ڪامورا شاهي خود مختيار "سونار بنگلا" بابت سوچڻ شروع ڪري ڏنو هو. ايوب خان ان ڪم لاءِ اسٽيج تيار ڪيو ۽ اصل ڪيل يحيٰ خان مڪمل ڪيو. اوير پاڪستان جي علحدگيءَ کانپوءِ اتفاق راءِ واري اصول کي تاريخ جي ڪباڙخاني ۾ ڦٽو ڪيو ويو. ايئن پوءِ وسيلن ۽ ملازمتن جي ورڇ هڪ ڦيرو ڦيهر آبادي جي بنياد تي متعارف ڪرائي وئي. اهو اصول "نظريہ پاڪستان" جهڙو هو جنهن بہ ان جي مخالفت ٿي ڪئي، تنهن کي پاڪستان جو مخالف سمجهيو ويو.

پاڪستان ۾ اتفاق راءِ جو فارمولو 1975ع ۾ پهريون ڀيرو ذوالفقار علي ڀٽي طرفان ڏنو ويو هو. انهي فارمولي تحت ئي سيلز ٽيڪس کي وفاق جي هٿ ۾ ڏنو ويو جنهن تي وڏي پئماني تي تنقيد به ڪئي وئي. جيئن ته ان وقت 1971ع ۾ بنگلاديش جي علحدگي سبب ملڪ بحران مان مس نڪتو هو. ڍاڪا سانحي سبب ملڪ سياسي، توڙي سماجي طرح سڪتي ۾ هجڻ ڪري آبادي بنياد تي وسيلن جي ورڇ تي تحفظات باوجود اهو فارمولو قبول ڪيو ويو جنهن ۾ سيلز ٽيڪس به وفاق حوالي ڪيل هو. ان ڪانپوءِ اها اميد رکي پئي وئي ته ايندڙ وقت ۾ پ پ جي حڪومت ذوالفقار علي ڀٽي جي سربراهي ۾ سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي مفادن جو ان حوالي سان خيال رکندي، ڇاڪاڻ جو اها ڀرپور عوامي حمايت رکندڙ حڪومت هئي. گڏوگڏ صوبن کي اها به پڪ ڪرائي وئي هئي ته 10 سالن ڪانپوءِ 1973ع ۾ پارليامينٽ معرفت جائزو وٺي ضروري آئيني تبديليون آڻي صوبن کي سياسي، انتظامي ۽ معاشي طرح وڌيڪ خود مختيار بڻايو ويندو ته جيئن اهي قوم جي ترقي ۽ تعمير ۾ وڌيڪ بهتر ڪردار ادا ڪري سگهن. پر 1983ع جو سال پاڪستان جي تاريخ ۾ جهڙوڪر آيو ئي ڪونه! 1971ع جيئن ئي آيو ته هر شيءِ مستقل طور جامد ٿي وئي. آمر جنرل ضياءُ الحق 5 جولاءِ 1977ع جي آڌي رات جو گهات هڻي اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ ان وقت کان هن پاڪستان ۾ وقت جو ڪانٽو بيهاري ڇڏيو ايئن سمجهو ته هينئر به اسان وقت جي حساب سان سال 2006ع ۾ قدم رکي چڪا آهيون باوجود ان جي ملڪ آئيني سياسي ۽ انتظامي لحالظ کان 1977ع ۾ ئي بيٺو آهي.

1977ع کان 1988ع تائين، جيستائين آمر ضياءُ بهاولپور لڳ هڪ هوائي حادثي ۾ موت جو کاڄ بڻيو. تيستائين به پيرا 1980ع ۾ پهريون ڀيرو ۽ 1985ع ۾ ٻيون ڀيرو اين ايف سي ايوارڊ ڏنو ويو. مذڪوره اين ايف سي ايوارڊ بابت ڪي به لاڳاپيل گڏجاڻيون نه ڪوٺايون ويون، بس "اسٽيٽس ڪو" بحال رکيو ويو. 1996ع ۾ اسٽيبلشمينٽ جي حمايت يافته فاروق لغاري ۽ ملڪ معراج خالد جي دور حڪومت ۾ نگران وزيراعظم جي

صلاحڪار شاهد برڪي جي سربراهيءَ ۾ قومي مالياتي ڪميشن جوڙي وئي، ڪميشن جا سمورا ميمبر اڻ چونڊيل هئا. ڪميشن ايوارڊ جو اعلان 1997ع ۾ ان ڏينهن ڪيو جنهن ڏينهن عام چونڊون ٿيون پئي.

1997ع ۾ غير نمائنده ۽ اڻ چونڊيل نگران حڪومت طرفان ڏنل اين ايف سي ايوارڊ جو به سال 2002ع ۾ آئيني مدو پورو ٿي چڪو آهي. پر اهو اين ايف سي ايوارڊ نائين ايوارڊ طور به جاري رکيو ويو آهي. جنرل پرويز مشرف به اهو ئي ڪري پيو جيڪو 80ع جي ڏهاڪي ۾ جنرل ضياءَ ڪري ويو. هن پڻ 2002ع ۾ قومي مالياتي ڪميشن جوڙي، جيڪا ريگيولر بنيادن تي ڪم نه ڪري سگهي. پئي پيري آڪٽوبر 2002ع جي چونڊن وقت ڪميشن جوڙي وئي، جيڪا پڻ اتفاق راءِ قائم نه ڪري سگهي. ايئن 17 جنوري 2006ع تي صدر پرويز مشرف قوم کي خطاب ڪندي ڪالاباغ ڊيم جي تعمير کي پاسي تي رکندي 1997ع جي اين ايف سي ايوارڊ ۾ ترميم جو اعلان ڪيو. اعلانيل ايوارڊ ۾ به وسيلن جي ورڇ جو بنياد آبادي کي ئي بڻايو ويو آهي. آبادي آڌار ورڇ کي وري 2.5 سيڪڙو جنرل سيلز ٽيڪس وصولي سان ڳنڍيو ويو آهي. 2.5 سيڪڙو سيلز ٽيڪس صوبن کي آڪٽراءِ ۽ ضلعا ٽيڪس ختم ٿيڻ سبب ٿيندڙ نقصان کي Compensate ڪرڻ لاءِ ڏنو پيو وڃي. وفاقي حڪومت جي آڊٽ موجب آڪٽراءِ جي مد ۾ سموري ملڪ مان ڪل روينيو جو 46 سيڪڙو آڪٽراءِ اوڳاڙيو ويندو هو. پر وفاقي حڪومت حقيقي وصولي جي بنياد بدران 62.5 سيڪڙو جي حساب سان جي ايس ٽي 2.5 سيڪڙو ڏيندي رهي ۽37.5 سيڪڙي کي وڌائي 50 سيڪڙي ۾ تبديل ڪري سنڌ جي قيمت تي پنجاب کي فائدو ڏنو آهي. سنڌ جو مطالبو اهو هو ته 2.5 سيڪڙو جي ايس ٽي کي وفاقي ٽيڪسن واري پول ۾ شامل نه ڪيو وڃي. سنڌ 2.5 سيڪڙو جي ايس ٽي ۾ 46 سيڪڙو حصو چاهيو پئي، جيڪو جولاءِ 2006ع تائين 23 بلين رپيا ٿئي ٿو. ان جي بدلي سنڌ کي مشرف طرفان ڪيل انتظامن جي ڪري مشڪل سان 11 يا 12 بلين رپيا ملي سگهندا.

سرحد کي بہ اجا تائين هائيڊل منصوبن مان گهربل حصو ناهي ڏنو ويو. بس ٿورو کي گهڻو کين فائدو ضرور مليو آهي. مولوي حضرات ان تي ئي راضي ٿي اسلام آباد جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار نظر اچن ٿا. حيرت آهي جو سنڌ سرڪار مشرف طرفان وسيلن جي ورڇ جي اعلانيل فارمولي تي هڪ اکر بہ ناهي ڳالهايو. متحده جا وزير ۽ مشير ذاتي ڪچهرين ۾ ان معاملي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪن ٿا ۽ وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم تي ڪو تحرڪ نہ وٺڻ جو الزام مڙهين ٿا.

سنڌ جي وڏي وزير رڳو ٻن سٽن جو هڪ بيان جاري ڪري اين ايف سي ايوارڊ تي عدم اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. سياسي تجزئي نگار انهي خيال جا آهن تہ سنڌ جو وڏو وزير، سندس ڪابينا جا حمايتي وزير ۽ ايم ڪيو ايم حڪمت عملي طور خاموشي اختيار ڪئي آهي. متحده مناسب وقت جو انتظار ڪري رهي آهي ۽ اهي پنهنجو الڳ طريقي سان فيصلو ڪندا. اهي وقت اچڻ تي خاموش رهندا يا وري ان جي ڪليل مخالفت ڪندا. ايم ڪيو ايم تہ حڪومت کان ڌار ٿيڻ جي ڌمڪي ڏئي وري ٻن ڪلاڪن ۾ واپس بہ وٺي سگهي ٿي. پر ايئن آخر ڪيستائين ڪم هلي سگهندو؟

پاڪستان جي گذريل 59 سالن جي تاريخ ۾ سنڌ ۽ بلوچستان تمام گهڻو پوئتي پيو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جو عوام لاڳيتين زيادتين سبب سخت ڪاوڙ ۾ آهي. انهي فرسٽريشن جا حقيقي سبب بہ موجود آهن. 14 آگسٽ 1947ع کانپوءِ گذرندڙ هر ڏينهن سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام جي دردن ۾ اضافو ئي ٿيندو رهيو آهي. بلڪ اسان کي گذريل 75 سالن جي تاريخ اهو ٿي ٻڌائي تہ برٽش انڊيا دور ۾ بہ اهي صوبا اڄ کان وڌيڪ خودمختيار ۽ معاشي طور وڌيڪ مستحڪم هوندا هئا. ان ڪري اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي تہ آيا صوبن پاڪستان ٺاهيو يا پاڪستان صوبن کي ٺاهيو؟ اها هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ پاڪستان جو صوبن کي ٺاهڻ ۾ ڪو ڪردار ناهي، بلڪ صوبن ئي پاڪستان جو قيام عمل ۾ آندو. پر قيام پاڪستان کانپوءِ صوبن جو ڪهڙو حشر ٿيو؟ انهن کي معاشي، سياسي ۽

انتظامي طرح مفلوج بڻايو ويو. صوبن کي ايترو تہ دٻاءَ ۾ رکيو ويو جو اوپر پاڪستان وارو صوبو سڀ کان وڌيڪ آبادي (54 سيڪڙو) رکڻ باوجود ان کي 1971ع جهڙين حالتن ڏانهن ڌڪيو ويو نتيجي ۾ اتي قتلام ٿيڻ سان گڏ اُتي جون زمينون، پلون، روڊ، رستا ۽ تنصيبات کي تباهہ ڪيو ويو. هن وقت ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، اهو بہ 1971ع واري صورتحال جو ورجاءُ آهي. بلوچستان کي ان ڪري نشانو بڻايو پيو وڃي جو بلوچ قدرتي وسيلن تي پنهنجو حق جتائي رهيا آهن. سنڌ سان بينڪيت جهڙو سلوڪ ڪيو پيو وڃي. غير سنڌين جو زراعت، شهري واپار، صنعتن ۽ ملازمتن تي قبضو آهي. پختون پنهنجي سڃاڻپ نہ هجڻ سبب دٻاءَ ۾ آهن. سنڌن صوبي کي اڃا تائين فرنٽيئر سڏيو وڃي ٿو. جنرل پرويز مشرف طرفان اين ايف سي جو اعلان ڪرڻ کانپوءِ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ لاڳاپا اڃا بہ ڇڪتاڻ وارا ٿي ويا آهن. ليڪن پرويز مشرف جي اعلانيل فارمولي تي بحث ڪرڻ کان اڳ اڃو تہ اهو ڏسون تہ انگريزن جي دور ۾ صوبا، معاشي، سياسي ۽ انتظامي لحاظ کان ڪٿي بيٺا هئا؟ گذريل 59 سالن ۾ صوبن جي سياسي، آزادي ڪيئن کسي وئي آهي؟ سنڌن معاشي وسيلا ڪيئن هڙپ ڪيا ويا آهن؟ ڇا هن وقت پاڪستان ۾ صوبن کي مالي وسيلن يا خودمختياري جي حوالي سان وڌيڪ آزادي آهي؟ ان جو جواب نهڪر ۾ اچي ٿو. سڀ صوبا، خاص طور تي سنڌ صوبو انگريزن جي دور ۾ اڄ کان سياسي، انتظامي ۽ معاشي طرح وڌيڪ خود مختيار هو.

1940ع ۾ پاس ڪيل قرارداد لاهور جنهن ۾ اهو واضح ڪيل آهي تہ مرڪزي حڪومت رڳو پرڏيهي معاملا، مواصلات، دفاع ۽ ڪرنسي پاڻ وٽ رکندي، باقي رياستون "آزاد" يا خودمختيار رهندي قومي تعمير ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون. آئين موجب صوبا تعليم، صحت، زراعت، صنعت ۽ روڊ رستن وارا کاتا پاڻ هلائيندا، جڏهن تہ معاشي وسيلا مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن کي آئين جي حدن اندر رهي هلائڻا هئا.

1935ع واري انڊين ايڪٽ پنهنجن صوبن کي حڪومت ڪرڻ جو اختيار ڏنو هو. ۽ مرڪزي حڪومت ۾ بہ حصيداري ڏني. پهريون پيرو معاشي وسيلن جي ورڇ جي آئيني ضرورت محسوس ڪئي وئي. وسيلن

جي نشاندهي ڪئي وئي ۽ انهن کي ٽن ڪئٽيگرين ۾ ورهايو ويو. (1) ٽيڪس مرڪزي حڪومت طرفان لاڳو ۽ وصول ڪيا ويندا. (2) مرڪزي حڪومت طرفان لاڳو ڪيل ٽيڪس مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ ورهايا ڪيا ويندا. (3) مرڪزي حڪومت طرفان لاڳو ڪيل ٽيڪس مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ تقسيم ڪيا ويندا. پر صوبن طرفان لاڳو ٽيڪس صوبائي رهي سگهندا.

مرڪزي حڪومت بين الاقوامي واپار جو ڪار وهنوار هلائيندي، ان تي امپورٽ ڊيوٽي لڳائڻ ۽ اهو پاڻ وٽ رکڻ جو ان کي اختيار حاصل هو. مرڪزي حڪومت ريلوي، پوسٽ ڪاتي ۽ ٽيليگراف جو انتظام بہ سنڀاليندي هئي. مذڪوره سروسز جي مد ۾ ٿيندڙ آمدني بہ مرڪزي سرڪار پاڻ وٽ رکندي هئي پر مرڪزي حڪومت، يونين، مرڪزي يا وفاق جي نمائنده هوندي هئي، ۽ ان کي ذڪر ڪيل سروسز ۾ سڀني صوبن يا رياستن کي برابر جي نمائندگي ڏيڻي پوندي هئي. پنهنجي پيل صوبي يا علائقي کي تعليم ۽ شهري سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هڪ مخصوص وقت مقرر هوندو هو. مرڪزي حڪومت کي ڪيترين شين جهڙوڪ: ڪپهہ، سڻي، چانورن وغيره جي ايڪسپورٽ تي ٽيڪس لاڳو ڪرڻ ۽ خانگي انڪم تي بہ ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جو اختيار هو. اهي سمورا ٽيڪس صوبن ۽ مرڪز وچ ۾ ورهايا ويندا هئا.

زرعي ٽيڪس صوبائي معاملو هوندو هو. تڏهوڪي وقت يعني 1930ع ڌاري اسٽامپ ڊيوٽي مرڪز طرفان لاڳو ڪري وصول ڪئي ويندي هئي. ڪيترن ئي مالياتي ادارن، زمين جي سودن تي پڻ اسٽامپ ڊيوٽي ورتي ويندي هئي. مرڪز سفري چرپر تي بہ ٽيڪس وصول ڪري سگهندو هو.

صوبائي لينڊ روينيو آبپاشي، سيلز ٽيڪس، زرعي ٽيڪس، ڪاٽين ۽ پروفيشنلز تي بہ ٽيڪس لاڳو ڪري ۽ وصول ڪري سگهندا هئا. 1937ع ۾ پهريون ڀيرو وسيلن جي ورڇ ڪئي وئي. جنهن ۾ صوبن جو انڪم ٽيڪس جي مد ۾ 50 سيڪڙو حصو رکيو ويو، سرحد کي 10 ملين روپيا ۽ سنڌ کي 10.5 ملين روپيا ڏنا ويا هئا.

1947ع کان اڳ يعني انگريز دور ۾ سنڌ نہ رڳو بهتر حڪمراني هيٺ هئي، بلڪ اها مالي طرح بهتر پوزيشن ۾ پڻ هئي. 1947ع جو ورهاڱو

حقيقت ۾ ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن لاءِ هڪ هاڃو هو. ان ۾ سوين هزارين ماڻهو موت جو کاڄ ٿيا. لڳ ڀڳ 95 هزار عورتون اغوا ڪيون ويون. ۽ زوري لڄالٽ جو نشانو بڻايون ويون. هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿي ويا. ڀارت مان هجرت ڪري ايندڙ ماڻهو جڏهن ريلن ذريعي لاهور پهتا ته اتي کين لهڻ نه ڏنو ويو. ايئن مهاجرن جو بار به سنڌ تي پيو. نتيجي ۾ ڪراچي جيڪو فقط لک آبادي وارو شهر هو ٻن سالن اندر 10 لک آبادي کان مٿي جو شهر بڻجي ويو. سنڌين کي 1943ع ۾ چونڊيل اسيمبلي مان پاڪستان جو نعراءُ بحال ڪرائڻ جو ڦهريون انعام اهو ڏنو ويو.

انتظامي طرح ڪراچي جي سنڌ کان علحدگي، سنڌ کي وسيلن جي ڦرلٽ جي حوالي سان اجا به وڌيڪ ڏک رسايو. 1947ع کانپوءِ 49-1948ع ۽ 50-1949ع ۾ پيش ڪيل ٻن بجيٽن ۾ صوبن سان وڌيڪ هاڃا ڪيا ويا. (1) ريلوي بجيٽ کي عام بجيٽ جو حصو بڻايو ويو. (2) صوبن سان انڪم ٽيڪس جي حصيداري عارضي طور معطل ڪئي وئي (3) سيلز ٽيڪس جيڪو هڪ صوبائي ٽيڪس آهي عارضي طور مرڪز حوالي ڪيو ويو انهي شرط سان ته ان مان 50 سيڪڙو صوبن کي ڏنو ويندو. اهو ڏينهن، هي ڏينهن سيلز ٽيڪس صوبن کي واپس نه ملي سگهيو آهي. حقيقت ۾ 1975ع جي اين ايف سي ايوارڊ ۾ ان کي مڪمل طور وفاق حوالي ڪيو ويو. (4) صوبن کي مارڪيٽ مان قرض کڻڻ کان روڪيو ويو. اهو اختيار به مرڪز کي ڏنو ويو. ائين سمجهو ته صوبن جي حق تلفي جي شروعات ان ڏينهن کان ئي ٿي چڪي هئي. جڏهن پاڪستان جي قيام جي ڦهرئين ڏينهن پاڪستان جي گورنر جنرل قائداعظم ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪئي ۽ لياقت علي خان صوبائي چونڊن جي حوالي سان منفي ڪردار ادا ڪيو هو. باقي مقامي معاملن بابت تبديليون 1973ع کانپوءِ آنديون ويون. جنهن جي قطعي شڪل 1951ع ۾ سامهون آئي ۽ جرمي ريز مان اپريل 1952ع ۾ ايوارڊ جو اعلان ڪيو. هن جي فارمولي موجب انڪم ٽيڪس صوبن ۽ وفاق وچ ۾ برابري جي بنياد تي ورهائڻ جي ڳالهه ڪيل هئي. جنهن موجب 50 سيڪڙو Horizontal انڪم ٽيڪس شيئر مان

اوير پاڪستان کي 45 سيڪڙو پنجاب کي 27 سيڪڙو سنڌ (ڪراچي ڪانسواءِ) 12 سيڪڙو سرحد 8 سيڪڙو بهاولپور 4 سيڪڙو خيرپور 0.6 سيڪڙو بلوچستان اسٽيٽس يونين 0.6 سيڪڙو جڏهن ته باقي بچيل 2.8 سيڪڙو وفاق کي ملندو هو. سو به ان اميد سان ته هڪ ڏينهن ڪشمير، حيدرآباد، جهونا ڳڙهه وغيره پاڪستان جو حصو بڻبا. اها رقم دفاع تي خرچ ڪئي ويندي هئي. 1952ع فارمولي تحت سيلز ٽيڪس وفاق جي ڪنٽرول هيٺ هوندو هو پر صوبن کي اصل وصولي جو اڌ کڻڻ جي اجازت هئي. اوير پاڪستان کي 18 ملين رپيا حصو ڏنو ويندو هو. ڪراچي مان اوڳاڙيل ٽيڪس جو اڌ اولهه پاڪستان جي صوبن کي ڏنو ويندو هو. جنهن مان پنجاب کي 54 سيڪڙو سنڌ کي 16 سيڪڙو سرحد 10 سيڪڙو بهاولپور 4 سيڪڙو خيرپور 0.1 سيڪڙو بلوچستان اسٽيٽس يونين 1.5 سيڪڙو باقي بچيل 14.4 سيڪڙو ڪراچي ۽ قبائلي علائقن لاءِ مخصوص هوندو هو.

ايوب خان جي دور ۾ به مالياتي ڪميشنون جوڙيون ويون. پهرين ڪميشن 1961ع ۾ ويهاري وئي، 1962ع واري آئين تحت ٻين 1964ع ۾ جوڙي وئي، انهن ڪميشنن ايوب ۽ يحيٰ جا دور ڏٺا. بنگالين ان حوالي سان سخت مزاحمت ڪئي. بلڪ انهن سنڌين، بلوچن ۽ پشتونن جو ڪيس وڙهيو ايوب کي عوامي احتجاج ذريعي اقتدار ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. ان هوندي به هن آئين جي پيچڪڙي ڪندي اختيار هڪ فوجي جنرل يحيٰ خان حوالي ڪرڻ کي ترجيح ڏني. مطلب اهو ته هن ملڪ ۾ منڍ کان ئي صوبن سان زيادتين جو لاڙو رهيو آهي. جيڪو اڃا به اڳتي ڏو ڪيندو وڃي. ڏسجي ته اڳتي ان جا ڪهڙا ٿا نتيجا اچن؟

("افيئر" 15 فيبروري 2006)

***

# بينظير مشرف ڊيل

هر گذرندڙ ڏينهن موسم گرم کان گرم تر ٿي رهي آهي، گرمي پد ٻه وڌي رهيو آهي. ڪراچي ۾ ٻه گرمي آهي. ڏينهن جو اُس جي تپش برداشت کان گهڻي هجي ٿي. باوجود ان جي غير فعال ٻڌايل چيف جسٽس جي حمايت ۾ سوين، هزارين وڪيلن ۽ سياسي ڪارڪنن مٿان هوا پوڻ ٻه گهٽي رهي آهي، جيڪي هر ايندڙ ڏينهن روڊن تي احتجاج لاءِ نڪرن ٿا. ملڪ جو سياسي گرمي پد چوٽ تي آهي، تنهن هوندي ٻه ان بحراني ڪيفيت کي ڪجهه ڌرين طرفان ڳالهين ٻولهين ۽ اندر اسٽينڊنگ جي صورت ۾ ڪا ٽيڪ ملندي نظر اچي ٿي.

هي سٽون آئون 18 اپريل تي اربع ڏينهن ان وقت لکي رهيو آهيان، جڏهن سڄي ملڪ جي وڪيل برادري هڪ پيرو ٻيهر چيف جسٽس افتخار چوڌريءَ سان يڪجهتي خاطر روڊن تي آهي. ساڳئي ڏينهن تي غير فعال ٻڌايل چيف جسٽس 9 مارچ تي چيف جسٽس خلاف داخل ڪيل صدارتي ريفرنس ۽ غيرفعال ٻڌائڻ جي سلسلي ۾ سپريم ڪورٽ جي سپريم جڊيشل ڪائونسل آڏو اسلام آباد ۾ پيش پڻ ٿيو. اطلاعن موجب غير فعال ٻڌايل چيف جسٽس جي پيشي جي موقعي تي سپريم ڪورٽ عمارت ڏانهن ويندڙ شاهراهه دستور مخالف ڌر جي ننڍين وڏين پارٽين جي ڪارڪنن ۽ وڪيلن سان ڪچا ڪچ ڀريل هو. تازيون رپورٽون اهي آهن ته چيف جسٽس جي وڪيل چوڌري اعتزاز احسن هڪ نئين آئيني پٽيشن سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ جڊيشل ڪائونسل جي آئيني ۽ قانوني حيثيت کي للڪاريو ويو آهي. چيف جسٽس ته اڳ ۾ ئي سپريم جڊيشل ڪائونسل جي جوڙجڪ بابت سوال اٿاري چڪو آهي.

چيف جسٽس افتخار چوڌري واري ڪيس جو دلچسپ پهلو اهو ٻه آهي ته اڃا سپريم جڊيشل ڪائونسل کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته آيا عدالتي

ڪاروائي ڪليل ٿئي يا ڪئميرا ۾. فني طور ڪاروائي عدالت جي بند ڪمري ۾ هلائي ويندي آهي، پر جيئن ته چيف جسٽس جي وڪيلن شروع کان وٺي هر گهڙي ماڻهن کي ان سلسلي ۾ با خبر پئي رکيو آهي، جڏهن حڪومت صدارتي ريفرنس ذريعي چيف جسٽس خلاف ڪلئي عام چارج شيٽ جاري ڪئي آهي، تڏهن ماڻهن کي به اهو حق ٿو پهچي ته اهي چيف جسٽس سان سپريم ڪورٽ ۾ جيڪو ٿئي ان کان باخبر رهن.

چوڌري اعتزاز احسن اهو به چئي چڪو آهي ته چيف جسٽس کي سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ ٽن ججن جي موجودگيءَ تي به سخت اعتراض آهن. انهن مان هڪ ته چيف جسٽس جي مامري ۾ ڳالهائڻ جي شرطن تي به پورو نٿو لهي، ٻيو نمبر جج چيف جسٽس جي هٽڻ مان فائدو وٺڻ چاهي ٿو ۽ ٽئين تي بدعنوانين جا الزام آهن. ان ڪري سندن خيال ۾ اهي ٽيئي سپريم جڊيشل ڪائونسل جا ميمبر نٿا رهي سگهن.

حڪومت جو ڪيس اڳوڻو قانون وارو وزير ڊاڪٽر خالد رانجها، وسيم سجاد ۽ ڪجهه ٻيا وڪيل لڙي رهيا آهن. شريف الدين پيرزادو ۽ سندس ويجهي ساٿي عزيز منشي پاڻ کي هن ڪيس کان پريرو رکيو آهي، جنهن بابت ڪجهه ڄاڻو حلقن جو خيال آهي ته ڪاٿئن ان سلسلي ۾ حڪومت صلاح مشورو نه ورتو هو ان ڪري اهي پرپرا بيٺا آهن. اٽارني جنرل به هن ڪيس کان پري پري آهي. جڏهن ته ڊپٽي اٽارني جنرل اهو ريفرنس داخل ٿيڻ ۽ چيف جسٽس سان اختيار ڪيل رويي خلاف اڳوات ئي احتجاج طور استعيفيٰ ڏئي چڪو آهي. اهو پڻ چيو پيو وڃي ته ڊاڪٽر خالد رانجها ۽ وسيم سجاد کي زوربار ڪري سرڪاري ڪيس وڙهڻ لاءِ راضي ڪيو ويو.

18 اپريل تي چيف جسٽس افتخار چوڌري جي سپريم جڊيشل ڪائونسل آڏو پيشي، اپريل جي ٽئين هفتي ۾ سکر ۽ حيدرآباد ياترا ڪئي، هن جي حيدرآباد بار کي خطاب دوران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 14 حاضر سروس ججن به شرڪت ڪئي. اطلاعن موجب چيف جسٽس جي وڪيلن کي خطاب واري انهي ميڙاڪي ۾ 40 هيٺين ڪورٽ جي ججن ۽ وڏي انگ ۾ عدالتن سان لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. چيف جسٽس قانون جي حڪمراني، آئين جي احترام ۽ آزاد عدليه تي زور ڏنو. هن پنهنجي ڪيس ۾ مشرف بابت هڪ اکر به نه ڳالهايو.

گذريل هڪ مهيني کان وڪيل ڪاميابيءَ سان احتجاجي ريليون منعقد ڪري رهيا آهن. انهن ريلين ۾ سياسي پارٽيون بہ شريڪ آهن. 13 اپريل تي ڪراچي ۾ احتجاج دوران وڪيلن ۽ صحافين وچ ۾ جهڙپ ٿي. تبت سينٽر ۽ نمائش چورنگي تي ڪئمرامين ۽ صحافين تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ ڪيترائي صحافي زخمي پڻ ٿيا. اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آيل جهلڪين ۾ وڪيل ڪروڌ وچان صحافين تي حملو ڪندي ڏيکاريا ويا. ان کانپوءِ ڪراچي پريس ڪلب ۾ صحافين جي ٿيل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ان تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو. پر بار ڪائونسل، بار ايسوسيئشن جي سنجيدگي ڪاوڙ گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي. سپريم ڪورٽ توڙي سنڌ بار ڪائونسل جي اعليٰ قيادت صحافين کان غير مشروط معافي ورتي، جنهن ڪري صحافين جي هانوَ تي ٿڌو پيو. ايئن پوءِ 18 اپريل تي وڪيلن طرفان سنڌ اسيمبلي، چيف منسٽر هائوس ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳيان ڪيل احتجاج جي ڀرپور نموني ڪوريج ڪئي وئي، اي آر ڊي طرفان ڪراچي پريس ڪلب اڳيان وڏو تنبو هڻي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ پ پ، مسلم ليگ (ن) ۽ ٻين سياسي پارٽين جا حامي ڪارڪن سڄو ڏينهن ويٺا رهيا.

ميڊيا ۾ بينظير ڀٽو - پرويز مشرف ڊيل وارين خبرن اچڻ باوجود احتجاجي ريلين ۾ سندس سياسي ڌرين جي ڪارڪنن ڀرپور نموني شرڪت ڪئي. لنڊن مان شايع ٿيندڙ 'سنڊي ٽائمز' کي بينظير ڀٽو انٽرويو ڏيندي چيو آهي تہ جيتوڻيڪ سندس زندگي کي پاڪستان ۾ جهادين مان خطرو ٿي سگهي ٿو، باوجود ان جي هوءَ پاڪستان ايندي، هن چيو تہ مان چاهيان ٿي تہ منهنجي خلاف ۽ منهنجي ور آصف علي زرداري خلاف قائم ڪرپشن جا ڪيس واپس ورتا وڃن. هن اهو بہ مطالبو ڪيو تہ انهيءَ قانون ۾ ترميم ڪئي وڃي، جيڪو ڪيس ۽ نواز شريف کي ٽيون ڀيرو وزير اعظم ٿيڻ کان روڪي ٿو. هوءَ وقت بوقت اهو چوندي رهي آهي تہ مشرف پاڻ کي اسيمبلين مان ٻئي مدي لاءِ صدر چونڊرائي سگهي ٿو.

حقيقت ۾ بينظير ڀٽو مڪمل طرح سياستدان آهي، سياست سندس لاءِ ڏاڍي هٿ جو کيل آهي، هن جي بيانن ۽ ميڊيا کي ڏنل انٽرويوز مشرف ڪابينا جي وزيرن کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، اهڙن وزيرن ۾ شيخ رشيد بہ شامل آهي، جيڪو راولپنڊي جي گهٽين جو رولاڪ ۽ جنهن 25 ورهيہ اڳ ڊپٽي ڪمشنر احمد صادق وٽ 250 رپيا ماهوار جي معاوضي تي

معمولي ملازمت مان پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪئي هئي، اهو اڄ ڪروڙ پتي آهي. هن پنهنجي مخصوص انداز سان هڪ پيرو وري چيو آهي تہ حڪومت ۽ بينظير ڀٽو وچ ۾ ڳالهيون سيمي فائنل واري مرحلي ۾ آهن ۽ جلد فائنل ۾ داخل ٿي وينديون. ٻئي طرف وري وفاقي وزير اطلاعات محمد علي دراني قومي ناٽو لتيندڙن سان حڪومت جي ڳالهين ڪرڻ جي ترديد ڪئي آهي.

هر ايندڙ ڏينهن مشرف وڪيلن جي وڌندڙ پريشر ۾ اچي رهيو آهي، هر ڏينهن هڪ نئين ڪهاڻي سامهون آڻي رهيو آهي، جڏهن تہ پ پ سربراهہ بينظير ڀٽو آمر حاڪم کي ڪوبہ موقعو وڃائڻ کانسواءِ لٺ ۽ چٺ ڏيکاري رهي آهي. اهي بہ اطلاع آهن تہ فوج جي مٿين قيادت ۾ بہ اختلاف آهن. ڇو تہ لال مسجد وارو معاملو بہ سگهارن عنصرن طرفان مشرف تي پريشر وجهڻ لاءِ اٿاريو ويو. حفصہ مدرسي جون ڏنڊابردار طالبائون جن ٻارڙن جي هڪ لائبريري تي قبضو ڪيو قانون کي هٿ ۾ کڻندي وڊيو ۽ آڊيو دڪانن کي ساڙڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ وارو ڪم بنا ڪنهن حمايت جي نٿو ٿي سگهي. مذڪوره مدرسي جا بہ "غازي" ڀائر ڳجهن ادارن سان جنرلِ ضياءَ جي دور کان ويجها آهن. ڪراچي ۾ "ڪلاشنڪوف شريعت" خلاف متحده جي نڪتل تمام وڏي ريلي دراصل مشرف طرفان جواب آهي، ڇو تہ هن کي اڃا تائين مهاجرن جي حمايت حاصل آهي. ان ريلي ذريعي انهن قوتن کي اهو پيغام ڏنو ويو آهي تہ جڪڏهن اهي جهادي قوتن ذريعي ڪي طريقا استعمال ڪري سگهن ٿا تہ پوءِ پاڪستان ۾ گهرو ويڙهہ بہ ٿي سگهي ٿي.

هڪ ڏاهي سياستدان وانگر بينظير ان صورتحال ۾ پنهنجي پارٽي ۽ پنهنجي لاءِ گنجائش ڏسي ٿي. هن جو سڀ کان اهم مسئلو پاڪستان واپس اچڻ ۽ چونڊ مهم ۾ حصو وٺڻ آهي. هوءَ پاڻ تي قائم ڇهن ڪيسن ۽ پنهنجي ور آصف زرداري تي قائم 17 ڪيسن ۾ گهلجڻ نٿي چاهي، سواءِ هڪ ڪيس جي اهي سمورا ڪيس نواز شريف ۽ سندس وفادار سيف الرحمان طرفان داخل ڪيا ويا هئا. گذريل ڏهن سالن ۾ هوءَ ۽ سندس مڙس جيل ۽ جلاوطني ڀوڳين پيا. انهن ڪيسن مان نواز شريف توڙي مشرف هڪ ڪيس بہ ثابت نہ ڪري سگهيا. ويجهڙ ۾ ئي حڪومت طرفان نيب جي اسپيشل ونگ ختم ڪرڻ حڪومت طرفان پ پ سان رعايت جي يا اعتماد وڌائڻ جي شروعات چئي سگهجي ٿي.

باوجود ان جي بينظير ۽ مشرف وچ ۾ اجا طويل آهي. مشرف سان گڏ وينل کوڙ همراهہ بينظير کي ڪا رعايت يا ڳالهہ ڪرڻ تي خوش ناهن، چوڌري، شيخ رشيد، دراني ۽ وزيراعظم شوڪت عزيز چاهين ٿا تہ بينظير سان "انڊراسٽينڊنگ" خراب ٿئي، ساڳئي ڳالهہ پ پ سان بہ لاڳو آهي، ڪراچي، اندورن سنڌ ۽ پنجاب جي پ پ قيادت ۾ پڻ ڪافي معاملن تي جنڊا پٽ هلندڙ آهي.

باقي رهي ڳالهہ جهادين ۽ مذهبي ڌرين جي، سو انهن جو مستقبل داوَ تي لڳل آهي، ان جو سبب اهو آهي تہ فوج جا ماڻهو سرڪاري ملازمتن، واپار، جائداد جي ڪاروبار ۽ زراعت ۾ داخل ٿي چڪا آهن. هاڻي دفاعي ادارو اقتدار مان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ناهي. ايئن ٿي مُلن بہ اقتدار جو مزو چکي ڏٺو آهي، ان ڪري اهي بہ ان مان هٿ نٽا ڪڍن. اهڙي صورتحال سبب عوام سخت مايوس آهي، پر سياسي قيادت بلوغت جو مظاهرو نہ پئي ڪري. ايندڙ ڏينهن ۾ اجا گهڻو ڪجهہ ٿيڻو آهي. جيڪڏهن سياڻي سياسي قيادت مان ڪنهن کي ڪجهہ ٿئي ٿو تہ پوءِ خدا ڄاڻي تہ ان جو نتيجو ڇا نڪرندو. باقي اهو طئي آهي تہ پهريون پيرو مشرف پاڻ کي جهادين مان خطرو محسوس ڪرڻ لڳو آهي.

پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ 1970ع جي ڇهاڙي ۾ 1980ع واري ڏهاڪي جي اڳياڙي ۾ مرحومہ اندرا گانڌي جرنيل سنگهہ ڀندار والي کي تيار ڪيو جنهن وري مدمقابل اڪالي دل ناهي، وقت گذرڻ سان تخليق ڪيل شئي تخليقڪار کان بہ وڌي وڃي ٿي وئي. پوءِ جرنيل سنگهہ ڀنڊاري امرتسر ۾ سکن جي مقدس جاءِ جو وچي انتظام سنڀاليو تڏهن اتي مڪمل فوجي آپريشن ڪيو ويو جنهن ۾ ڀندار والي ۽ سوين سک مارجي ويا، اوير پنجابَ هڪ ڏهاڪي کان بہ وڌيڪ عرصو سک بغاوت جو مرڪز رهيو جنهن ڀارتي وزير اعظم اندرا گانڌي جي جان بہ ورتي تہ هزارين ماڻهو بہ موت جو کاڄ بڻيا. پوءِ اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ڀارتي حڪومت اوير پنجاب ۾ هڪ سک پوليس آفيسر گِل جي مدد سان سک بغاوت تي ضابطو آڻي ورتو.

(30اپريل 2007ع)

***

# نوٹس / راۓ

# سچائي اشاعت گهر جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1. هوشوءَ سندي هام | مرتب: يوسف سنڌي | (ختم) |
| 2. جي هانءُ نہ هارين | 30مختلف ليکڪ | (ختم) |
| 3. تنهنجا تير تفنگ<br>(مرحوم محمد يوسف پٺو جو چونڊ ڪلام) | مرتب: رجب علي ميمڻ | (ختم) |
| 4. بک، عشق ۽ آزادي (ڪهاڻيون) | مترجم: يوسف سنڌي | (ختم) |
| 5. منهنجي زندگي ۽ جدوجهد<br>(خان غفار خان جي آتم ڪهاڻي) | مترجم: يوسف سنڌي | (ختم) |
| 6. پراڻو ڳوٺ، نئون ڳوٺ (ڪهاڻيون) | مترجم: پرويز | (ختم) |
| 7. سرمد ڇا ٿو سوچي؟ | غلام حسين رنگريز | (ختم) |
| 8. جي هينئڙي منجهہ هُرن (سفر نامو) | ڪلا پرڪاش | (ختم) |
| 9. جڏهن آدم آيو | گرداس واڌاواڻي | (ختم) |
| 10. سچ ڏکڻ مان ٿو اڀري (ناول) | ڪرشنچندر | (ختم) |
| 11. فلسطين جدوجهد آزادي | مترجم: پرويز | (ختم) |
| 12. جن جهونا ڳڙهہ جلايو | رسول بخش پليجو | (ختم) |
| 13. نيڻ منهنجو نينهن (جيل ڊائري) | اعجاز علي خواجہ | (ختم) |
| 14. سنڌ، پاڪستان ڪانپوءِ (چوٿون ڇاپو) | مترجم: يوسف سنڌي | 80/= |
| 15. سي سپ سانڍيم ساهہ سين (سفرنامو) | موتي پرڪاش | (ختم) |
| 16. ادب ۽ فن جي اهميت | مائوزيتنگ رسول بخش پليجو | (ختم) |
| 17. گني بساؤ ڪيئن آزاد ٿيو؟ | يوسف سنڌي | (ختم) |
| 18. چيني انقلاب جون ڪهاڻيون | مرتب: يوسف سنڌي | 50/= |
| 19. رت جا ڦڙا (ڪهاڻيون) | پرويز | 60/= |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 20. جنين لوھہ لڱن ۾ (جيل ڊائري) | مترجم: يوسف سنڌي | 50/= |
| 21. پاڪستان ۾ قومي مسئلو (مقالو) | مترجم: يوسف سنڌي | (ختم) |
| 22. اڄ جو آدم (ڪھاڻيون) | چار ڪھاڻيڪار | (ختم) |
| 23. ڪپيل هٿ (ڪھاڻيون) | محمد انور بلوچ | (ختم) |
| 24. ڌرتيءَ جو قرض (ڪھاڻيون) | مترجم: يوسف سنڌي | (ختم) |
| 25. جبل مٿي باھڙي (ادبي خط) | نجم عباسي يوسف سنڌي | (ختم) |
| 26. بالڪ فورس ۽ پوٽ بلڊنگ (ٻارن لاءِ ناول) | طارق قريشي | (ختم) |
| 27. پنجين موسم ڪاٻوءِ (ڪھاڻيون) | طارق قريشي | (ختم) |
| 28. ڪڏهن بهار ايندو (ڪھاڻيون) | سوڀو گيانچندڻي | (ختم) |
| 29. جڏهن اُلا اُپ ۾ (شاعري) | آثم ناٿن شاهي | (ختم) |
| 30. ڪوڪو جيون سواليانشان (ڪھاڻيون) | ناهيد مغل | (ختم) |
| 31. ڳالهيون ڪوٽ ڪڙن جون (جيل ڊائري) | اعجاز علي خواجہ | (ختم) |
| 32. درد ۽ اُمنگ دل ۾ (شاعري) | بيخود بلوچ | (ختم) |
| 33. خواب ڪٽوري چنڊ (شاعري) | ساحر راهو | (ختم) |
| 34. دريءَ وٽ بيٺل هڪ ڇوڪري (ڪھاڻيون) | ذوالفقار ڪانڌڙو | (ختم) |
| 35. اي ٽرپ ٽُ آمريڪا (سفرنامو) | محمد انور بلوچ | (ختم) |
| 36. اُجايل آبشار (شاعري) | علي اظهار | (ختم) |
| 37. ٽين اک (ڪھاڻيون) | طارق قريشي | (ختم) |
| 38. سرحدن کان اڳتي (ڪھاڻيون) | ضراب حيدر | (ختم) |
| 39. بيدل جو اردو ڪلام (تحقيق) | اختر درگاهي | (ختم) |
| 40. ڪاروپاٽي (ڪھاڻيون) | محمد انور بلوچ | (ختم) |
| 41. آڪاش کان اڳتي (ناول) | محمد انور بلوچ | 100/= |
| 42. وري ورندو واءُ (ڪھاڻيون) | غلام نبي ناشاد | 100/= |
| 43. پاڇا منھنجي پانڌ ۾ (شاعري) | ڪلال | (ختم) |
| 44. شاعري مُرڪي پئي (شاعري) | اختر درگاهي | 100/= |
| 45. اونداهي ۾ سوجهرو (خاڪا) | يوسف سنڌي | 100/= |
| 46. نجم عباسي فن ۽ شخصيت | يوسف سنڌي | 50/= |
| 47. پسي تنهنجي تجلي (تذڪرو) | يوسف سنڌي | 200/= |
| 48. لفظ ڳالهائين ٿا (خاڪا) | سيد اڪبر | 100/= |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 49. | حياتي جي ڦاٽل ورقن جون ڪٿائون (ڪهاڻيون) پنج ڪهاڻيڪار | | 100/= |
| 50. | زندگي هڪ وار وري شروع ڪرڻي پوندي (شاعري) شريڪانت صدف | | 150/= |
| 51. | وڇايل مُرڪ (ڪهاڻيون) | پرويز | 120/= |
| 52. | انسان فطرت ۽ سماج | ڊاڪٽر غفور ميمڻ | 100/= |
| 53. | سنڌي ادبي سنگت (هڪ جائزو) | يوسف سنڌي | 30/= |
| 54. | بنڊڻ ٻاروچن جا (آتم ڪهاڻي) | عبدالغفور الستي | 200/= |
| 55. | آءٌ ٻه جيڪر پڙهڻ وڃان ها (ٻاراڻي شاعري) منٺار سولنگي | | 30/= |
| 56. | لڙڪن آجا نيڻ (ناول) | پرويز | 130/= |
| 57. | زندگي جو سفر تون ۽ مان (سوانحي ناول) ضراب حيدر | | (ختم) |
| 58. | دل ڪلسيا جي اڪيلي ڪنڊ آهي (ڪهاڻيون) مراد قريشي | | 130/= |
| 59. | ماڃر جي حور (ڪهاڻيون) | پرويز | 70/= |
| 60. | دوزخ مان دري (ناول) | محمد انور بلوچ | 100/= |
| 61. | دل جي دري (ڪهاڻيون) | پرويز | 130/= |
| 62. | منهنجو پاڻي بند نه ڪجان (ڪهاڻيون)، پرويز | | 100/= |
| 63. | ٻاتا جنين ٻول (ٻاراڻي شاعري) | پريل دايو | 40/= |
| 64. | سنڌ جو چنڊ (شاعري) | اياز امر شيخ | 180/= |
| 65. | بارش ڪانپوءِ (شاعري) | ذوالفقار سيال | 150/= |
| 66. | ايئن ئي جيئندا رهون ٿا (نثري نظم) | مشتاق پرگڙي | 100/= |
| 67. | آرس جو پڳو هوندءِ (شاعري) | سڪندر مگسي | 100/= |
| 68. | چاهتن جي موت (شاعري) | علي محمد سولنگي | 100/= |
| 69. | ٽڪرا ٽٽل وجود جا (نثري ٽڪرا) | اياز امر شيخ | 120/= |
| 70. | 'مجاهد' داستان منهنجو | خدابخش مجاهد چانڊيو | (ختم) |
| 71. | سدائين سفر ۾ (سفرنامون) | يوسف سنڌي | 150/= |
| 72. | اڃا سنڌ جيئي پيئي (شاعري) | فدا سنجراڻي | 150/= |
| 73. | پيهي جان پاڻ ۾ (آتم ڪهاڻي) | پرويز | 350/= |
| 74. | سنڌ ساري ويئي ٻڏي (ٻوڏ ڪهاڻي) | يوسف سنڌي | 250/= |
| 75. | انگن جي راند (ڪهاڻيون) | هوش محمد ڀٽي | 60/= |
| 76. | هڪ سئو تاريخ ساز شخصيتون | مائيڪل هارٽ /يوسف سنڌي | (ختم) |
| 77. | زنجير ٽٽي پوندا (شاعري) | غلام محمد غازي | 100/= |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 78 | ڏيمي وهڪ درياهہ جي (شاعري) | مشتاق سعيد | 120 = |
| 79 | پرپور سمندر گرجي ٿو (شاعري) | مشتاق سعيد | 160 = |
| 80 | بند ٿي ويل دروازو (ڪهاڻيون) | ذوالفقار ڪانڌڙو | 130 = |
| 81 | ڪرفيو ۾ لکيل ڊائري (ساروڻيون) | نجم عباسي | 130 = |
| 82 | وه هي پت جهڙ آنکهون مين (شاعري) | ساحر راهو | 140/= |
| 83 | أمن ٿو گُهران (شاعري) | خاڪي جاني | 150/= |
| 84 | سِڪ مڙوئي سور (شاعري) | شاد جلباڻي | 140/= |
| 85 | سنڌ سوچون ۽ سوال | نصير ميمڻ | 180/= |
| 86 | سنڌي ادب | يوسف سنڌي | 550/= |
| 87 | هل تہ دهلي گهمون (سفرنامون) | يوسف سنڌي | 350/= |
| 88 | هوگو شاويز | يوسف سنڌي | 80/= |
| 89 | ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن | يوسف سنڌي | 100/= |
| 90 | بدلجندڙ دؤر ۾ سنڌ | نصير ميمڻ | 190/= |
| 91 | چڱو قاسم موڪلاڻي ڪانهي | يوسف سنڌي | 190/= |
| 92 | نيرا نائي نيڻ (شاعري) | مريم مجيدي | 390/= |
| 93 | هڪ سنڌ بہ نظام (ڪرانالاجي) | يوسف سنڌي | 400/= |
| 94 | نيرا خواب (شاعري) | مير حاجن مير | 150/= |
| 95 | ويندڙ رت جي شام (ڪهاڻيون) | حفيظ خان /پرويز | 150/= |
| 96 | چلو چلين پنجاب (اردو/سفرنامہ) | يوسف سنڌي | 200/= |
| 97 | تڏهين ملنداسين | موتومل ڪنول ڪوهستاني | 100/= |
| 98 | خوشحال سنڌ، بدحال ماڻهو | صبيح الدين غوثي | 400/= |
| 99 | دوست وراڪو دل سين (خط) | سارنگ سهتو | 200/= |
| 100 | اڌ مهينو ايران ۾ (سفر نامو) | يوسف سنڌي | 500/= |


گهرائڻ لاءِ لکو

**سچائي اشاعت گهر**

دڪان نمبر 42 رابعہ اسڪوائر،

گاڏي کاتو حيدرآباد

فون: 03013640468

